# اسان جو لطيف 1

## شاهاڻو شاه

## شاه جون سورميون

## لطيفي سئر




مرتب

**ناز سنائي**

# اسان جو لطيف

[ياڳو ڀڱريون]

**شاهه ٽو شاهه**

لعل چند امرڏنومل جڳتياڻي

**شاهه جون سورميون**

نارائڻ داس ڀمڀاڻي

**لطيفي سئر**

پيرومل مهرچند آڏواڻي

مرتب

**ناز سنائي**

**سنڌي ساهت گهر**

حيدرآباد، سنڌ

2012ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

سنڌي ساهت گهر ــ ڪتاب نمبر 240

ڪتاب جو نالو: اسان جو لطيف [پاڱو پهريون]
شاهاڻو شاهہ ـ لعل چند امرڏنومل جڳتياڻي
شاهہ جون سورميون ـ نارائڻ داس ڀمڀاڻي
لطيفي سئر ـ ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي
مرتب: ناز سنائي
ڇاپو: پهريون، 2012ع
ڇپائيندڙ: سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد
ڪمپوزنگ: راڻو خان ميگهواڙ سورج پرنٽرس، حيدرآباد
قيمت: -/300 (ٽي سؤ رپيا)

ڪتاب ملڻ جا هنڌ

سنڌي ساهت گهر

دُڪان نمبر ـ 4، سيد آرڪيڊ، عبرت گهٽي، گاڏي کاتو حيدرآباد، سنڌ.
Ph: 022-2780701 Mob: 0300-3946518

پوسٽل ائڊريس: پوسٽ باڪس نمبر 58، جنرل پوسٽ آفيس، حيدرآباد، سنڌ

- سنڌي ادبي بورڊ بوڪ اسٽال، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد 022_2633679
- ينائي ڪتاب گهر، گاڏي کاتو حيدرآباد 0345_3587391
- رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو 0307_3471205
- عزيز ڪتاب گهر، بئراج روڊ، سکر 071_2007402
- قاسميہ لئبرري، ڪنڊيارو 0300_3144668
- المنعم لئبرري 17 ـ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڪالوني ذوالفقار باغ لاڙڪاڻو 0333_7541193
- المهراڻ ادبي گهر، ٽاڻو روڊ، سانگهڙ 03000_2913588
- العزيز ڪتاب گهر، ٽر بازار، عمرڪوٽ 0238_570345
- ڪانياواڙ اسٽور اردو بازار، ڪراچي 2638025, 2218025
- محمد عثمان عباسي، چنهياٽي، ڪنڊيارو 0306_3665563
- ايس اي بوڪ ڪارنر، سامهون وومين ڪاليج، اردو بازار، ڪراچي 0341_4317080

**ASAN JO LATIF (Vol: I)**

By: G. M. Sayed
Published by: Naz Sanai
Chairman
Sindhi Sahat Ghar, Hyderabad.
1st Edition October 2012
Book No: 240
Price Rs. 400/=

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ٻه اکر

”اسان جو لطيف“ جي سري سان هڪ نئين سيريز شروع ڪري رهيا آهيون. اُن ۾ ڪوشش ڪري لطيف سائينءَ تي ٿيل سموري تحقيق کي سموهڻ جي ڪوشش ڪنداسين. جيئن لطيف سائينءَ کي سمجهڻ ۽ اُن تي وڌيڪ تحقيق ڪندڙن لاءِ سهوليت ميسر ٿئي.

اُن سلسلي ۾ جلد پهرئين ۾ اسان جي ٽن سنڌي هندو عالمن جا ٽي شهر آفاق ڪتاب شامل ڪيا ويا آهن. جيڪي هن کان اڳ ٻه ڪيترائي دفعا ڇپجي اٽلپ ٿي چُڪا آهن. هِن ڪتاب ”اسان جو لطيف ـ 1“ ۾ اوهان کي اُهي ٽئي ڪتاب هڪ هنڌ پڙهڻ لاءِ ملندا.

لعل چند امرڏنومل جڳتياڻي جو ”شاهاڻو شاهه“، نارائڻ داس ڀمڀاڻيءَ جو ”شاهه جون سورميون“ ۽ ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جو ”لطيفي سئر“ ٽئي جدا جدا نوعيت جا ڪتاب هئڻ جي باوجود ٻه لطيف سائينءَ جي شخصيت ۽ ڪلام تي مختلف زاوين کان تحقيق ڪيل آهي، جن کي پڙهندڙ جڏهن پڙهندو ته سندن دلين ۾ لطيف سائينءَ سان جيڪو پيار موجود آهي نه رڳو اهو وڌندو پر خود هنن ڪتابن جي ليکڪن لاءِ ٻه دل ۾ عزت ۽ احترام پيدا ٿيندو.

حيدرآباد
31 آڪٽوبر 2012ع

**ناز سنائي**
03003946518

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنـاءُ

## [اسان جو لطيف - 1]


| | | |
|---|---|---|
| * شاهاڻو شاهه | - لعل چند امرڏنومل جڳتياڻي | 7 |
| * شاهه جون سورميون | - نارائڻ داس ڀمڀاڻي | 65 |
| * لطيفي سئر | - ڀيرومل مهرچند آڏواڻي | 121 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهُوشاهُ

لعل چند امر ڏنومل جڳتياڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي پياري ناني
سرڳواسي ديوان رامچند
ولد ديوان مولچند لالواڻي
جي نمت
ارپيم.

مصنف

# مـنـڍ

ماءُ ڇڻيندي پٽڙا پاڳ نہ ڏيندي ونڊ. لکندڙ بہ ڪتاب گهڻيئي لکي وڃهي. پر پاڳ جي ونڊ ڪا ڏيئي سگهندن! هڪي ڪتاب تي شايد محنت بہ ڪا پوري سوري ڪئي هوندائين تہ بہ ڇاپي ۾ اجهو آيو رهيو. ٻئي ڪتاب تي نور نہ ڪٿي نچوئي، تہ بہ اهڙو سٽرو نڪري نروار ڇو ٿو ٿئي؟

هن رسالي لکبي کي ٿورڙا ڏينهن ڪين ٿيا. هن کان پوءِ ٻيا رسالا لکيا. سي ڇپيا. سي نيڪال ٿيا. پر هن سدوري جي ڪرمن جون ڪهيون. تن کي اهڙيون ڪي ڏاڍيون ڏهيون اچي ويون هيون، جو هيلتائين وڍيون ئي نٿي. ڪي ڇوندم وڏن گهر وڏا وياؤ. بيشڪ. پر پٽ جوان مڙس ڪنوارو وينو رهي، سا ڳالهہ جس پري نہ آهي. مني جواني جوان جي هوند انهينئي سڙي وڃي. رسالو بہ لکيو تيار ٿي پيو هجي، ۽ ڇپجي بہ نہ، تہ شڪ نہ آهي اُڏوهي کائي وجيس. اُن ڪري وڏا ودوان ٻانيڻ سروڻ پڇائي، هن رسالي جي ڪين ڇني جنم پتري ڏيکاري، سڀُ لڳن ۾ ڪٿي سنڌي ساهت سوسائٽيءَ کي پرٽيو تيمانس. تڏهن وڃي ڪرمن مان ڪاڻ لٿي اٿس، ۽ جيئن تيئن سندس موڪ ٿي آهي.

گهوٽ گهوڙي تي چڙهيو تہ سندس ڳالهائڻ تي ملهہ پيو. اُن ڪري ڇاجي ماڇي جيڪو ڇاهي تہ گهوٽ مون سان ڳالهائي، تہ مهرباني سندس، هٿين خالي نہ اچي.

٢٤- سيپٽمبر ١٩١٤ع
حيدرآباد. سنڌ.

**لالچند امر ڏنو مل جڳتياڻي**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهاڻو شاهہ

آخوند گل محمد پنهنجي ديوان گل ۾ چيو آهي:

تو منجهان جڳ کي مليو رحمان فيض،
جن ملڪ حيوان ۽ انسان فيض.

●●

لعل تيو لاهور لالن تو ڪنان،
مفت نئون محبت منجهان ملتان فيض،
سال تيو سرهنّد تنهنجي صدق ۾،
تو ڏنو تبريز ترڪستان فيض.
ٿئا خراساني تنهنجا خالص خلوص،
علم ۾ ان ڪان ڊهئو ايران فيض.
چاهہ تنهنجي ۾ ٿئا چشتي چڱا،
ياد تنهنجي ۾ لڌو يونان فيض.

تنهن ۾ بہ:

سنڌ کي توکان سرئو سيڪي سخي،
خوب ونتو ساري هندستان فيض.

ان ڏس ۾ سنڌ سان خاص وڙ ٿيو آهي، ان ۾ تہ ترماتر بہ شڪ ڪونهي. ڳوٺ ڳوٺ ڪو وڃي ڦري ڏسي: سنڌ جي اهڙي ڪنڊ ڪڙڇ رهي ڪانهي، جتي هڪ نہ ٻئي پير يا اولياء جو مقبرو نہ آهي. وري اهو مهينو پالهو ڪونهي، جنهن ۾ هڪ نہ ٻئي فقير جي درگاهہ تي ڏام ڏوم سان ميلو نٿو لڳي. سنڌڙي هونءَ گريبڙي، پر هي جو شرف مليو اٿس، تنهن جي برڪت سان سندس شان سيڻئان

سرس آهي. سندس مان مڙنئان متي آهي. سونهاري سنڌ جي انهن ساءِ لوڪن نہ رڳو اول درجي جي فقيري ڪمائي آهي. پر شاعريءَ جو دم بہ هنيو آهي. اسان اوپر وارن جي عقل پٽاندر شعر جي معنيٰ ئي ڄاڻڻ يا پروڙڻ آهي. ۽ شاعر اهو آهي جنهن کي اها ڏات ڏسن جي ڏاتار پنهنجي گنج پربور مان ڀري ڏني آهي: ۽ هونءَ ئي اسان وٽ شاعر ۽ وليءَ جي وچ ۾ فرق خير ڪو سمجهڻ ۾ ايندو آهي. ڇو جو سندن رهت پهت مان ئي پڌرو آهي تہ ڀئي الهي اسرار ۾ عرق آهن. ۽ ٻنهي کي جهان جي ڳجهي ڳجهارت پجڻ جوا عليٰ عهدو عطا ٿيل آهي. پوءِ اهو شاعر ڪهڙو جو سڀ شئي جي معرفت شان الهي ۽ حسن خدائيءَ جو ساکي نہ ٿئي؟ اهو شاعر ڪهڙو جو ماٺهن ۾ ۽ مرن ۾. ندين ۾ ۽ نارن ۾. سمنڊن ۾ ۽ ساگرن ۾. جهنگلن ۾ ۽ ٻيلن ۾. جبلن ۾ ۽ ٽڪرن ۾ ڏٺيءَ جو ڳجهہ نہ پروڙي. سچو شاعر:

"مروئان موران پکئان وائي ٻي نہ ٿو ٻولي.

۽ هو ڄاڻي ٿو تہ:

"هو هلاڇو هل سيوئي سندو سڄڻين"

پيو هلي. ان ڪريئي شاعر سياڻو سڀ شئي تي عاشق آهي. ۽ عاشق صادق وانگر هر شئي جي هو صفت پيو ڳائي: ٻڻ هو مثل ڪمانگر جي آهي. ۽ ڪمانگر وانگر شين کي نت زباني رنگ پيو ڏئي.

سندس لاءِ هر وقت ۾ ورونهن آهي. ۽ سڀ منڊ ۾ مـوڄ آهي. وسـئن ۽ ويراني. سوڪ ۽ ٻوڏ. سيارو ۽ سانوڻي. سڀن ۾ هو سائينءَ سڳوري جو هٿ پيو پسي. ۽ هن جي وڏي وڏائيءَ جو وڏو ويچار ڪيو. هر وقت پيو هسي.

هر ويل. هر هنڌ. سندس هوش جاءِ آهي. ۽ جاڄ جو بہ هو بلڪل جبرو آهي: ۽ نہ رڳو جاڳندي هو چست آهي. پر ننڊ ۾ بہ هو قڙت آهي.

مطلب تہ هو ڪڏهن بہ ڪک نٿو گذاري ۽ سدائين تن تنبورو ڪيو. پنهنجي حال ۾ مست ٿيو. مزي ۾ حياتيءَ جا ڏينهن پيو گهاري. ان ڪري ڪڏهن بہ ڪنهن اوپر واري شاعر جو شعر پڙهجي. تہ هيءَ ڳالهہ سدائين ڏيان ۾ رکڻ گهرجي تہ مراد سندس سدائين اعليٰ آهي. ۽ شاعر رڳو حق جي نرواري پيو ڪري.

پر هن رسالي ۾. شاهاڻي شاهہ جو ان مد نظر تي رڳو متاڃرو ويچار ڪرڻو آهي. باقي سندس علمي ليـاقت ۽ بلند ۽ باريڪ خيـالن کي ظاهر ڪرڻ جي جـا قابليت آهي. اُن کي سو چڱيءَ ريت جاچي ڏسڻو آهي.

○○○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ رسالي جي ٻي هيءَ خامي اهي. جو بيت پنهنجين پنهنجين جاين تي برابر بيٺل نہ آهن. هڪڙي سر جا بيت ٻي سر ۾ اچي ويا آهن. ڪن بيتن ۾ ڪي مصرعون اهڙيون بہ آهن. جن جو قافيو برابر نہ آهي. ۽ ڪٿي تہ لفظن ۽ مصرعن جون پڙهڻيون بلڪل غلط آهن. جنهن ڪري بيت ڪجسا ۽ بلڪل بيتا لائي پيا آهن. گهڻن هنڌن يا تہ ڪيترا لفظ ڀيل ٿي ڪينهن، ۽ مصرعون هلڪيون پيون لڳن. يا تہ مصرعون اصل عدم پيدا آهن. جڪن جون منجهس ٻاجهون لڳيون پيون آهن. ۽ هيتريون منجهس خاميون آهن. تہ بہ ائين ڪونہ چئبو تہ اهو ڇاپي وارو سرڪاري رسالو سنڌين کي نئو وٽي. ٿوري عرصي اندر ئي جو ٻيو پيرو ڇاپي ۾ آيو آهي. تنهن مان ئي پڌرو آهي تہ سنڌي ڇاهہ سان پڙهنس ٿا. ۽ هنن اُن کي واسي ڏوڀي جاري تي رکي نہ ڇڏيو آهي. سبب هي آهي جو شاهہ صاحب جي شعر ۾ ڪئين خوبيون ۽ خاصيتون آهن. جن ڪين موهي ڇڏيو آهي.

○○○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شعر جي خوبين تي
# ڪنو ويچار

(١) تہ "شاھہ" جھوني ٿين جو بنھہ آھي. سندس شعر پڙھہ تہ منجھائنس نت نئون مزو پيو اچي. سبب ھي آھي جو شاھہ صاحب جيتوڻيڪ مسلمان آھي. ۽ عربيءَ ۽ فارسيءَ مان چڱو واقف ٿو ڏسجي. تہ بہ پنھنجي شعر ۾ گھڻو ٺيٺ نج سنڌي لفظ ڪتب ٿو آڻي. مثلاً "وحدت، وجودي" وارو ڳوڙھو خيال تہ جيڪي آھي سو "ھڪ" ئي آھي. ۽ ساري پرٿويءَ ۽ ساريءَ جوڙ ۾ ھڪ جو ئي جلوو آھي. ڪھڙو نہ سولن ۽ رواجي لفظن ۾ وجھي نروار ٿو ڪري. جي:

ڪوڙين ڪاياڻون ننھنجون لکين لک ھزار.
جيءُ سڀ ڪنھن جيءَ سڀن درسن ڏارون ڏار.

●

سوھي، سو ھو، سو اجل، سو الله.
سو پرين، سو پساھہ، سو ويري، سو واھرو.

●

ڳل ڳل ٻسي ڳودڙيا ڳھنا نہ پائيج.
سوئي سجائيج، ھي ھو آھي ھيڪڙو.

۽ جي موادي فارسي ۽ عربي لفظ تصوف جي نروارڻ لاءِ درج ٿو ڪري. تہ آھي سنڌي اصطلاحن سان انھن ٿو ٺھڪائي ٻھاري. جو جڻ جڙت ٿو جڙي ۽ موتي ٿو پوئي. مثلاً ھينان بيت آھن. جن ۾ بہ ساڳيو "وحدت وجودي" وارو خيال ٿو آڻي:

عاشق ڇوءِ ان کي، ۾ ڪي ڇوءِ معشوق.
خالق ڇوءِ خام تون، ۾ ڪي ڇوءِ مخلوق.

●

وحدت تان ڪثرت ٿي ڪثرت وحدت ڪل.
حق حقيقي ھيڪڙو ٻولي ٻي نہ ڀل.

●

مـــون اُيي تڙ هيٺ پرين پڳهـــ چـــوڙيا،
ڪا مونهين ۾ڏيٺ، نہ تہ سڄڻ سباجها گهڻو.

●

مـــون اُيي تڙ جـــهل پرين پڳهـــ چـــوڙيا،
ڪا مونهين ۾ آل، نہ تہ سڄڻ سباجها گهڻو.

●

مـــون اُيي تڙ پاس پرين پڳهـــ چـــوڙيا،
هو الله آهار اوهريا آئون دم دم دعا ڪندياس،
آهہ نہ لاهينديا‎س، موتي ايندا مون گهرين.

اهو رستو اهڙو منو آهي، جو سندس شعر وري وري پڙهہ تہ بہ ماٺهو ڪڪ ئي نہ ٿئي. هڪڙا ٻالهہ ڪي وڌائي ورهيہ ڪندا آهن، تہ ٻڌندڙ ڪي چڙ پيئي وٺندي آهي، پر شاهہ جي اُپٽار اهڙي آهي، جو منجهائنس پاڻ مزو پيو اچي.

(٥) لنبي چوڙي ڳالهہ ڪي ٿوري ۾ چٽائڻ جو بہ اُستاد آهي. سسئيءَ تي يا تہ سڃا سارا پنج سر ڏيئي ويو آهي، يا تہ ساريءَ ڳالهہ جو مطلب ٻن ٽڪن ۾چٽائي ٿو ڇڏي، چي:

سِرجي تان سور ساماٽي تان سک ويا،
اُهي ٻئي پور نماٽيءَ نصيب ٿيا.

گوادر ۾ موڪيءَ نالي هڪ عورت ڪي گتو هوندو هو، تنهن جي شراب واري مٽ ۾ هڪ لڳا هڪ سپ وچي سري پيو، جنهن جي مائيءَ ڪي سڌ رهي ڪانہ. گراهڪ جي وٺس آيا تن ڪي مائيءَ انهي مٽ مان پٽ پري پياريا. هنن يارن پيالا چاڙهيا، ۽ ڍيري تي پئجي رهيا. انهيءَ ڳالهہ تي بہ نہ تہ ڳچ جيترا بيت ڏنا اٿس، پر ساريءَ جو سار ٻچاڙيءَ منجهہ ٻن ٽڪن ۾ آڻي ٿو پورو ڪري، چي:

مـوڪيءَ سندي مٽ ۾ سـري سپ پيـو،
اِي قضا ڪم ڪيو، ڪونهي ڏوهہ ڪلال جو.

(٦) شاهہ جو شعر سنجيدو ۽ سوادي، سڪ پريو ۽ سريلو حد گهڻو آهي، ۽ جيتوڻيڪ ڪيترن هنڌن لفظن تي ڏاڍيون تجنيسون ڪيل آهن، ۽ ڏاڍا مزي جهڙا بيت ڏنل آهن، تہ بہ منجهن اندروني مطلب ڏاڍو ڳوڙهو رکيل آهي. سر سهڻيءَ ۾ سهڻيءَ جي واتان ٿو چوارائي:

ڪنڌ تي ڪاتي جا وهائڻ تو ڏئي. تنهن مان هن کي فائدو ڪهڙو تو رسي؟ سندس من ترشنائون پڄهي ٿيون وڃن. هاڻ صوفي سڳورا چاهيندا آهن. جو ائين اُمالڪ نہ ٿئي. ڏيري ڏيري اُن تي ٿيندي وڃي. ڇو جو سياويڪ آهي نہ شيءِ ڪشالي ۽ متا ڪٽ سان پڙ پي ٿي. تنهن جو قدر هرگز گهٽو تو ٿئي. هن بيت ۾ بہ ساڳيوئي خيال نروار ٿيو آهي.

(۷) ٻيو تو ڏئي پروليون. لفظن ۾ اُن جي آهيئي ڪين. پر سندن ارٿ ڏاڍو اونهو آهي. سر سراڳ ۾ تو چوي:

ماڻڪ منڌ هٽان پيتيءَ ۾ پرزا ٿيو.
سچو تان، سيد چئي، لهي لک سوا.
پڳي پڇاڻا پدمنئان پري ٿيو.

●

وياسي وينجهار هيرو لال ونڌين جي.
تنين سندا پويان سيئي لهن نہ سار.
ڪتين ڪٽ لهار هاٿي انهن پيٽئين.

۽ سر آبريءَ ۾ سسئيءَ کي تو چوي:

ويهـــ مَ منڌ پنيـــور ۾، هاڙهي هڏ مَ هل.
کوڙي ڪج م ڪڏهين. سچي ڳالهہ م سل.
جانب لي م جل، سور وسارم سسئي.

سر آسا ۾ بہ ساڳئي نموني وارا هي بيت تو ڏئي. جي:

ترڪ ڪر ترڪ کي وڃڻ ڪنان وڃ.
آهي ايءُ اهج. سـڻي سـنـائيج تون.
وڃي رس وڃڻ کي، وڃڻ ٻڻ وڃـــاءِ.
لوڪان ٻاڻ لڪاءِ. لڪيان ٻڻ لڪيج تون.

●

حد تو ڪري سر مارئي ۾. جتي چوي تو:

آءُ بنديائي بند ۾. ڪہ آءُ ٻيس بند؟
مونهين لڳو ميهٹو. ڪہ مونهين ڪڙو ڪنڌ؟

بس وينو ڪو سلي.

سُئي نمائي ۽ ٿ. تنهن کي وري ڏسو ڇا نہ شرف ٿو ڏئي! ڏسي ٿو تہ ويچاري کيئن ڪپڙا سبي. خلقون پيئي پهرائي. پر پاڻ اگهاڙي جي اگهاڙي ٿي رهي. تڏهن ٿو چوي:

پاڇاهي نہ پاڙيان سرتيون سئيءَ ساڻ،
ڍڪي اگهاڙن کي ڪين ڍڪيائين پاڻ.

(١٠) وڏي خوبي سندس هيءَ آهي، جو جدا جدا نمونن ۾ جدا جدا ماڻهن جي واتان. عشق الاهيءَ جي باب ۾. ڏاڍا ٿو غضب جا ڏوهيڙا ۽ لوڙائو ڏئي، ۽ اورڻ اهي ٿو اوري. جن بڌي دل درد ۾ ڳريو وڃي. ۽ من شاعر جي سوز واري خيال ۾ محو ٿيو وڃي. ڪٿي ڏس تہ سسئي ٿي، لوڪائي لڄ لاهي، پنهونءَ پنيان ڏونگر ٿو ڏوري. ڪي ڏس تہ مومل ٿي. راتين جون راتيون راڻي جي اوسيئڙي لڳي. اکين کي اوجاڳا ٿو ڏئي. ڪٿي ڏس تہ ماروئي ٿي، عمر ڇي ڪوٽ ۾ ويهي، ملير ملڪ ۽ ماروڙا ٿو سنياري. ڪٿي ڏس تہ ليلان ٿي. نيٺ مٽبي کي مچ ۾ وجهي، چنيسر ڪاڻ، ڳوڙها ٿو ڳاڙي! ڪٿي ڏس تہ سهڻي ٿي، سياري سيهہ رات ۾. ساهڙ ڪاڻ، ڪاريهر ڪن ٿو تري. ڪٿي ڏس تہ گندري ٿي. سمي ڄام کي حرفت سان هيرائي هٿ ڪري ساڻس سهڄ ٿو ڪري. ڪٿي ڏس تہ سورٺ ٿي، راڳ تي ريجهي، ڪناريءَ سان ڪنڌ ڪپي ٿو ڏئي. ڪٿي ڏس تہ "لوني" تي ڪارا ڪپڙا اوڍي، مير حسين تي ماتم ٿو مچائي. ڪٿي ڏس تہ ڪاپائتي ٿي، آتڻ ۾ ويهي ڇاهہ مان چرخو ٿو چوري. ڪٿي ڏس تہ ڪن ڪت ڪاپت ڪاپڙي ٿي. طمع کي ترڪ ڪري، ويهي رام ٿو ريجهائي. مطلب تہ نوان نوان ويس ۽ ورن ڍڪي، ويهي اندر جو حال ٿو اوري، ۽ روح رهاڻ ڪري، ۽ پلئون پلئيندي، لاهوت بہ لنگهي، وڃي هاهوت کي حد ٿو ڪري، ۽ نيٺ پاڻ سڃاڻي، پرم پد پائي، ائين ٿو چاڻي، تہ:

پڙاڏو سو سڏ، ور وائيءَ جو جي لهين،
هئا اڳهين گڏ، بڏڻ ۾ بہ ٿيا.

●

پاڻ پردو پاڻ کي سٽي ڪر سنيال،
وڇان جو وصال، سو تان هئڻ هن جو.

●

پاڻ پردو پاڻ کي طالب سڃ تون،
نڪا هان نہ هون پردا سڀ پاسي ٿيا.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاجر جائن نه ڏٺي، ڏايا نه موهي،
سڏون ڪوه ڪري، سا پنهنجي ڪانڌ جون.

هن بيت ۾ وري هڪ سون جو اشارو تو ڪري جو هندو عورتون ڳنڍيندڙيون آهن. گهر وارا سندن ٻاهر هوندا آهن ۽ وٽائن چني چپاتي نه ايندي اٿن ته ويچاريون اٿي جا ڏيا ٻاري وڃي درياهه تي تاريندڙيون آهن. پوءِ جي ڏيا واٽ تي وساٽا نه ۽ سلامت وڃي پار پهتا ته سمجهنديون ته گهوٽ اسانجا چڱا ڀلا آهن ۽ ترت اچڻ وارا آهن. نه ته سؤن ٿي ابتو ٿيو.

سو شاهه صاحب چوي ٿو ته جيڪا عورت درياهه تي پيرو نه ٿي ڪري، ۽ ڏيا موهي اُتي نه ٿي تاري، سا وري ڪانڌ لاءِ سچي سڏڪوهه ٿي ڪري. مراد بيت جي هيءَ آهي ته جي ڪنهن ڪان پرينءَ لاءِ پاڻ پتوڙيو نه ٿو تئي ته پرينءَ جي پچار وري چا لاءِ ٿو ڪري. اهڙي سچي عاشق کي ڪپي ته نينهن جو نانءُ نه ڳنهي.

(١٢) سندس شعر ۾ اهڙو ڪو جادو آهي، جو پڙهندڙ جدا جدا اکرن جو ارٿ سمجهي نه سمجهي، ته به ڪيترن هنڌن جوهر سارين سٽن جو ته هرگز جهٽيو وٺي، ۽ شاعر جو خيال سندس هنيانو ۾ گهڙيو وڃي. نه ته به پڙهڻ ۽ ٻڌڻ مان ڪيس نهايت مزو ته پيو اچيئي اچي. سر آسا ۾ اهڙا بيت جهجها آهن، چا ٿو چئي؟

اک الٿي ڏار، وانءُ الٿو عام سين،
جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهه اوپار،
منجهان نوچ نهار، ٻر پنيرو پرينءَ ڏي.

●

سرمو سياهيءَ جو رنن کي رهاءِ،
ڪاني ڪارائيءَ جي مڙس تي مَ پاءِ،
اکين ۾ اتڪاءِ لالائيءَ لالن جي.

●

سرمو سفيديءَ جو جڏهن وڌو جن،
تڏهن ڏٺي تن اجائي عالم ۾.

(١٣) ميناج ۽ رس، شعر سندس ۾، وري اهڙو آهي، ۽ عبارت اُن جي اهڙي سٺي ۽ گهري آهي. جو نندو وڌو اُتس اڪن چڪن آهي. اهڙو ڪو سندس شعر سنڌين کي چلي وڌو آهي، جو گهڻا پيرا ڏنو ويو آهي ته ڪافي ڪري ڪنهن ٻئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪامل فقير جي چيل ھوندي آھي، تہ بہ ڪانئن، ڳائڻ مھل، پڇاڙيءَ واري تڪ ۾، از خود "اديون عبداللطيف چئي، لالون لال لطيف چئي،" نڪري ويندو آھي.

(۱۴) خيال سندس ڳوڙھو ۽ زور پربو آھي. اُن ڪري ڪيترا ڪيس "سنڌ جو حافظ" ڪري ڪوٺيندا آھن. بيشڪ اُھو ان لقب جو لائق آھي، ۽ چئجي تہ ڪن صورتن ۾ حافظ کان بہ ڳوءِ کڻي ويو آھي، تہ بہ جڳائي، ڪيئن جو حافظ جي شعر ۾ ظاھري خوشي ۽ طبع جي ھلڪائي بلڪل گھٽي آھي، ۽ عشق جا خيال جيڪي شاعر نروار ڪيا آھن، تن ۾ ليڪو لنگھي ويو آھي، جنھن ڪري آدمي اشراف، "اخلاق جي عشق ۾ سرگردان صاحب" پڙھنس تہ ايئين پيا پائين، جو شاعر ڪو وڏو شرابي ۽ پڪو رند آھي. پر شاھہ صاحب جو شعر اھڙو سنجيدو ۽ ڏيان وارو آھي، جو ڇا ملو ڇا قاضي پڙھنس، تہ جي انڻ پڇو نہ، تہ بہ گھٽو تٿو تہ اوس سمجھن تہ شاعر وڏو الله وارو اشراف آدمي آھي. حافظ، ارسطوءَ وانگر يڪدم وينو اھڙيون چوھہ واريون ڳالھيون ٻڌائي، جو عشق جي باھہ اُمالڪ وچڙيو وڃي ۽ پڙھندڙن جو مغز تپيو وڃي. پر لاڪيٽو لطيف سقراط وانگر، ڏيرج ۽ سانھہ سنيءَ سان ور وڪڙ ڏيئي، منن ۽ سھٽن مضمونن ۾، وڏيڪ سوال جواب ڪري، دل کي پرپائي، آخر اھڙي اٽڪل سان اچيو پنھنجي ڳالھہ تي بھاري، جو ھنياو کي ڇڪيو وني. سر آسا ۾ ھڪ ھنڌ ٿو چوي "اچرج تہ ڏسو. ھن سنسار جي ساگر ۾ اُجلائي بہ مون کي پاڻ وڏو اٿس، وري چويم بہ پاڻ پيو تہ پلؤ متان پسائيندو آھين."

مونکي مون پرين ٻڌي وڏو ٻار ۾،
اُيا ايئن چون، مچڻ پاند پسائين.

پلا ھيءُ بہ ڪو نمونو آھي؟ پاٽيءَ اونھي ۾ ٻينو رھبو، ۽ پلو نہ پسندو؟ سو سالڪ ڪمائيءَ واري صاحب کي ٿو وينتي ڪري تہ تون ڪو پنڌ پيچرو ڏس، ۽ تون ڪو ڏس ڪر ڏي.

پيو جو پاتار سو ڪيئن پسڻ کان پالھو رھي؟
سالڪ مون سيڪار ڪو پھہ انھيءَ پاند جو.

پوءِ، اُتيئي، اُن جي جواب ۾ وني ٿو ھيٺيان بيت ڏئي، چي:

ڪر طريقت تڪيو، شريعت سڃاڻ،
ھنئون حقيقت ھيرئون، ماڳ معرفت چاڻ،
ھو ثابوتيءَ ساڻ نہ پسٽان پالھو رھين.

تون سپڙ، آءٌ سيڪڙو، تون ڏاتار آءٌ ڏڏ،
سڏي تنهنجو سڏ ڪلهي پاتم ڪينرو.

●

تون سپڙ، آءٌ سيڪڙو، تون ڏاتار، آءٌ ڏوهه،
تون پارس، آءٌ لوهه، جي سڄين تہ سون ٿيان.

●

ڏاتار تہ تون پيا مڙيئي مڱڻا،
مينهن منداڻا وسڻا سدا وسين تون،
جي گهر اڃين موں تہ ميرياڻي مان لهان.

انهيءَ سپڙ سخيءَ جي قبر لس ٻيلي جي پسگردائيءَ ۾ اولهہ تي آهي. ۽ هينئر خاص زيارت جو مڪان آهي.

سنڌ ۾ ٻيو بہ هڪ ناليرو سردار ٿي گذريو آهي. جنهن جو نالو جکرو آهي ۽ ذات جو سمو آهي. سُر بلاول ۾ وري اُن جکري جو جس ٿو ڳائي. چي:

جکرو جوڙي پاڻ ڏٺيءَ پيدا ڪيو.
ڪيهر جيئن ڪر ڪٺيو مچون مل موڙي،
سمنڊ جيئن سير ڪيو ٿو ٻار جيئن ٻوڙي،
گهوٽ چڙهيو گهوڙي پيچين لائيا پيچرا.

●

جکرو جس ڪرو ٻيا سڀ انيرا،
جيائين جڙيو جکرو تياڻين نہ ٻيا،
متي ان ماڳا اصل هئي اينري.

ان ڪري ئي:

ڏني جادم جکري چت نہ ٻئيا چڙهن،
تہ ڪي ڪوهہ ڪڇن، جي سر ليي سيرو.

پلا سر تلاءُ، سيرو تارا تار لڏو تہ پوءِ ڪنهن ڪي پيٽي آهي جو وينو ڪوهہ ڪٽندو. تيئن ئي جادم جکرو وينو آهي تہ ٻيا سور وير ياد پون چو ٿا؟ چت ئي ڪين چڙهندا.

آءٌ تہ

جکري جهو جوان ڏسان ڪونہ ڏيهن ۾،
مهڙ مڙني مرسلين سرس سنڌس شان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نه آهي. حقيقت جي واٽ ۾ سڀني جي حد ڪري هيڪڙي هوندي. پر شاعراڻي قابليت ۽ علمي لياقت ۾، ساڻس ڪنهن جي نه هلندي. بيشڪ ٻين سالڪن به پلئون پلئبون آهن، ۽ واهه جي روح رهاڻ ڪئي آهي، پر شاهاڻي شاهه منجهن منهن موڪ آهي، ۽ سندن مجلس جو مور آهي.

مولانا روميءَ جي مثنويءَ بابت چيل آهي.

مـــــثنوي المعنوي المولوي.
هست قــرآن در زبان پهلوي.

ساڳي هام شاهه لطيف پنهنجي شعر نسبت هينئن چئي آهي:

جي تون بيت ڀانئين سي آيتون آهين،
نيو من لائين پريان سندي پار ڏي.

چئجي ته:

شـاهه صـاحب جـو رسـالو هند جي.
آهه گيتا منجهه ٻوليءَ سنڌ جي.
بـه جـــاءِ دارد، تـه ڪـين جڳائي.

○○○

# هو بهو خوبين ۽ خاصيتن جي جاچ

سر ڪلياڻ ۽ سر جمن ڪلياڻ، سر ڪنيات ۽ سر رپ، سر آسا سربروو سنڌي ۽ سر پرڀاتي ۽ سر ڪاهوڙي، ان انن سرن جي خاص خوبيءَ ايءَ آهي، جو منجهن شاعر پريم جي پرتاب ۽ عشق جي عمل جو زبردست ذڪر ذاتي ٿو ڪري، ۽ اهي ڪٿي ٿو پلتون پلتي جو وس ڪري ٿو چڪي. بي نظير بيانا ۽ عمدا استعاره ڏيئي، هيڪانديون هڪ ڪريون ۽ رنگين روپڪ ٻڌي، اهي ونيو ٿو لاتيون لنوي، جو پڙهڻ ئي سان پنو پاٽي ٿيو وڃي، ۽ هيڪاري جي حقيقي معنيٰ اچي وڃي ته دل اتي اڏاميو وڃي:

جتي عرش نہ اُپ ڪو ذرو ناهہ زمين،
نڪي تارا ڪتيون نڪي جسم جنين.

سر ڪلياڻ ۾ صوفي سونهاري ڪي عاشق بنائي، ۽ سندس اندر ۾ جا سڪ جي چڪ ٿي ٿئي، تنهن ڪي سوريءَ جي صورت ڏيئي، ڪيس هيئن ٿو چوي تہ:

سوري سڏ ڪري اُپي عاشقن ڪي،
جي اٿيئي سڏ سڪڻ ۾ تہ ڪڻ نہ پير پري،
سسي ڌار ڌري، پڇج پوءِ پريتڻو.

چو تہ:

اصل عاشق پانهنجي سسي نہ سانديِن،
لاهيو سر، لطيف چئي، ساهہ سلهاڙيو ڏين،
ڪلهنئون ڪاٽين، پچن پوءِ پريتڻو.

۽

اصل عاشقن جو سر نہ ساندڻ ڪم،
سو سسنئان اڳرو سندو دوسان دم،
هي هڏو ۽ چم ٻڪ پريان جي نہ پڙي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيو تہ:

سوري آهہ سينگار اصل عاشقن جو.
مرڻ، موتڻ، ميهڻو تي نظاري نروار.
ڪسڻ جو قرار اصل عاشقن کي.

۽

سوري سينگاري اصل عاشقن کي،
لڏيا ڪين، لطيف چئي، تيا نيزي نظاري.

سو، پڇي ٿو تہ سَڏَ اٿوَ تہ:

سوريءَ مٿي سيڻ ڪهڙي ليکي سنرا.

آهن؟ يعني سوريءَ تي چڙهي، اسان جا صوفي سيڻ خوش پيا ٿا گذارين سو ليکي ڪهڙي؟ ٻي مصرع ۾ ٿو اُن جو جواب ڏئي. چي:

جي لهہ لڳا نيڻ تہ سوريائي سيج ٿي.

يعني اهو سڀ پريم جو پرتاب ۽عشق جو عمل آهي. عاشقن جون اکيون عشق الاهيءَ ۾ اڙيون تہ سندن لاءِ اُها سوري سيج آهي.

سوريءَ مٿي سيڻ ڪهڙي ليکي سنرا؟
جي لهہ لڳا نيڻ تہ سوريائي سيج ٿي.

۽

سوريءَ چڙهڻ، سيج پسڻ، اي ڪم عاشقن،
پاهون ڪين پسن، سائو هلن سامهان.

وري عشق مان جيڪو آنند ٿو اچي، تنهن کي صورت ٿو ڏئي شراب جي، ۽ مرشد کي ٿو بنائي ڪلال يعني گنيوال، ۽ صوفيءَ عاشق کي چئي:

جي اٿيئي سڌ سرڪ ۾ تہ وون ڪلاڪ کي هٽ.

۽

لاهي رک، لطيف چئي، مٿو ماٿي وٽ.

چو تہ:

ناٿي ناهہ ڪڪوه کي ملهہ مهانگو مند،

تڏهن؟

هي تنهين جو هنڌ، مٿن پاس مرن جي.

سو

سِر ڏيئي ست جوڙ ڪنهن ۾ ڪلالن سين،
ڪاتي ڪرت ڪپار ۾ خنجر آئي ڪوڙ،
مرڻان منهن م موڙ، وٺي ٿي وڏ لهي.

پوءِ من ترشنائن ميٽڻ، ۽ پرم آنند جي پراپتيءَ لاءِ، پريںءَ يعني مرشد جي پاران، عاشق يعني صوفي طالب تي جي آفتون اچي ٿيون ڪڙڪن، تنکي ٿو صورت ڏئي ڪاتيءَ جي، ۽ عاشق کي چئي ٿو تہ ڙي ميان عشق ڪمائڻ سکيو آهين، تہ انهيءَ ڪاتيءَ پٺي ڪنجهہ نہ، اهي مصيبتون منيون ڪري پيو پوڳ، ۽ ماڻهن سان بہ ان جو بيان بنهہ نہ ڪر، جي:

جي تون سکڻ سکيو تہ ڪاتيءَ پٺي ۾ ڪنجهہ،
سپيريان جي سور جو ماڻهن ڏجي نہ منجهہ،
اندر اي اهنج ساڻيج سکائون ڪري.

سچي عشق جو لچڻ آهي بہ اهو، پيو بہ:

سچڻ سنبون ڪن، لوڪان ليکي ونگيون،

رڳو چا؟

سندي سپرين پر پروڙڻ ڏاکڙو،
پريان سندي پار جي مڙيئي منائي،
ڪانهي ڪڙائي چکين جي چيت ڪري.

سر ڪلياڻ جي فصل ٢ ۾ اچي ٿو ڦڙباتين کي وٺي، جي اهڙا:

سڏڙيا شراب جون ڪهہ پچارون ڪن،

پلا:

جي ڪات ڪلالن ڪيڊيا تہ موٺيو پوءِ وڃن،

هي تہ:

پکون سي پين سر جن جا ست ۾.

يعني تہ عشق عاشق اهيئي ڪمائين، جي سر جو سانگو بنهہ نہ ڪن، پين جي هتي جاءِ نہ آهي، اُن ڪري ئي سر آبريءَ ۾ سسئيءَ جي واتان ٿو چوارائي:

سکن واري سڌ متان ڪا منڌ ڪري،
اندر جنهين اڏ هوت تنهين جي هنج ۾.

۽ سر ڪليان ۾ ٻڌائي ٿو تہ عاشقن جي وصف ڪهڙي آهي جو:

عاشق زهر پياڪ وهہ ڏسيو وهسن گهڻو.
ڪڙي ۽ قاتل جا هميشہ هيراڪ.
لڳين لنؤ. لطيف چئي. فنا ڪيا فراق.
توڙي چڪن چاڪ تہ بہ آهہ نہ سلن عام کي.

۽ اُن ڪري ئي سر جمن ڪلياڻ ۾ معشوق کي منٿ ٿو ڪري تہ:

هڻ حبيب هٿ ڪٽي. ٽيڪ مَ. تورو لاءِ.
پرين تنهنجي گهاءِ جي مران تہ مان لهان.

هڻ حبيب هٿ ڪٽي بانڪا لهي ٻاڻ.
ماڳهين مون منهن ٿئي. جهوليءَ وجهان ٻاڻ.
ان پر ساجن ساڻ. مان مقابلو مون ٿئي.

چي تون پل مونکي ڏڪ هڻ تہ مون لاءِ تہ ڪو بهانو تہ بنجي اچي. ۽ آئون ٻاڻ ڪٽي تنهنجي جهوليءَ ۾ تہ وجهان.

۽

هٿين جي حبيب محبتي ميا ڪري.
پچان ڪين طبيب. هوند گهائن سين پيئي گهاريان.

پڻ. ان ڪري ئي ٿو چئي تہ:

ويچارا واڍوڙ سدا شاڪر سورسين.
تاٿين مٿي توڙ. اوري ڪن نہ آسرو.

واڍوڙ معنيٰ وڍيل يعني عاشق. توڙ معنيٰ پڇاڙي. شيءِ کي پڇاڙيون سدائين بہ ٿينديون آهن. هڪڙي پڇاڙي اُها جتان شيءِ شروع ٿئي. ٻي اُها جتي شيءِ پوري ٿئي. هاڻ. عاشق جيڪي آهن سي توڙ ڏي ڪيئن ٿا تاڻين؟ مطلب هي تہ جيڪو سڀ شيءِ جي پڇاڙي آهي. يعني تہ جنهن مان سڀ شيون اُپجن ٿيون ۽ وري جنهن ۾ اُهي سڀ وڃي سمائجن ٿيون. تنهن ڏي ٿا تاڻين. سڀ سگهارو سگورو سائين. جنهن جو جوڙ نڪو جيس آهي. سو. ويچارا واڍوڙ يعني ڏٺيءَ جا ڳولائو سدائين شاڪر سور سين آهن. ۽ ڏٺيءَ تي ئي پيا ياڙي وهن. ۽ جيڪي اوري آهي جهڙوڪ دنيا دولت وغيره وغيره. تنهن تي آسرو ٻڌيءَ نٿا رکن.

ويچارا واڍوڙ سدا شاڪر سورسين،
تاڻين مٿي توڙ. اوري ڪن نہ آسرو.

پر جيڪي اهي اهنج اندر سڪائون ڪري نٽا سانڍين. ۽ پيا جهچن وجهلن. ۽ آئي وئي سان ڳجهاندر ڳرهين. تن نانءِ ٿو چئي تہ:

آيل ان نہ وسهان هنجون جي هارين،
آٽيو آب اکين ۾ ڏيهي ڪي ڏيکارين،
سڄڻ جي سارين سي رون نہ چون ڪي.

سر جمن ڪليان ۾ ئي عشق ڪي صورت ٿو ڏئي باهہ جي. ۽ چئي ٿو تہ اِن آگ ۾ جي:

ڪاٺا تن ڪٺيو، اُجهاڻن اوندا هہ.
جن اندر ٻري باهہ سُڌ سپڪا ان ڪي.

يعني تہ جن پريتم سان پريت جوڙي، تن ئي ڪيس پاتو. ۽ تن ئي هيءَ بازي ڪٺي. ۽ سنسار جي ڳجهي ڳجهارت سلي. باقي جي اُجهاڻا ۽ وساڻا پيا آهن. ۽ ٿڌا نڪر ٿيا وينا آهن. تن لاءِ تہ اوندهہ آهي. ۽ ٻڌائي ٿو تہ اهڙي آگ جو:

مچ منجهن آهہ،

رڳو

ٻاهر ٻاف نہ نڪري.

يعني تہ انهيءَ **محبت جو مچ** سڀ جي اندر سياويڪ ٻري پيو. رڳوُ ٻاهران ان جي سڌ نہ ٿي پوي. ٿاندا جيئن رک سان ڍڪيا پيا هوندا آهن ۽ ڏسڻ ۾ ئي نہ ايندا آهن. هن سان بہ اها ئي ڪار آهي. پر جيئن ٿاندن ڪي چوربو آهي يا وجهي جي تنوار ڪبي آهي تہ وري سندن شعاع ٿيندو آهي. تيئن ئي تون ان محبت جي مچ کي دکاءِ تہ ينيت ٻري، چو تہ قاعدو آهي تہ:

ڪامندن خبر پوي

يعني تہ جي ان محبت جي مچ ۾ آنجي اڱار ٿا ٿين سيئي پريتم کي ٿا پائين.

مچ منجهن آهہ ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري،
چور تہ لڳي جاءِ. ڪامندن خبر پوي.

پوءِ ٿو عاشق جو ڏيان پتنگن ڏي ڇڪائي. چي ڏس! ڪيئن نہ اهي عاشق سونهارا سر سنباهيو آگ ۾ ڏوڪيو پون. ۽ لهس پئي لڇڪن ڪبن. انلو مچ لاءِ

پتنگ چايئن پاڻ کي تہ جيري پؤ جاٽي.
تان تان تانّج تاؤ ڏي جان آگ نہ اُجهائي.
ائين جي کيـــئي تہ بازي تنهنجي آهي.

ٻي عاشق کي هيءَ صلاح پڻ ٿو ڏئي تہ:

جي ڀانئين پرينءَ مڙان تہ سک چوران کي ڏات،
جاڳڻ جشن جن کي سک نہ سجيائي رات.

يعني تہ جي ڀانئين تہ محبوب کي ملان تہ چورن وارو رستو اختيار ڪر: جيئن هو ساري رات سجاڳ ٿا رهن، ۽ جاڳڻ جشن ڪري ٿا ڄاڻن تون بہ اُنهن وانگر اکين کي اوجاڳا ڏي، ۽ جاڳڻ جشن ڪري ڄاڻ. وري ڏس چور کهڙا نہ ڳورا ڳنڀير آهن!

اُجهي ٻجهي آئيا وائي ڪن نہ وات.

رلي پني ڪو گهر چتائي اچن تہ ڪنهن کي لک ئي نہ وجهن. تون بہ ائين ڪر. ڪو معشوق چتائين تہ دهل ڳچيءَ ۾ پائي ساري شهر ۾ ڍنڍورو نہ گهمائي ڇڏ. ڳالهہ جو ڳورو ٿي. چورن جو ڀيو هي لِڄڻ آهي.

توڙي ڪسن ڪات تہ بہ ساڳي سلن ڪين ڪي.

يعني جهلجن ۽ ڏاڍيون ساٽن جنيون ٿين، تہ بہ ڦاٽ ڪين ڪائن تہ چوري اسان هنان ڪئي، ۽ چوريءَ جو مال هت پوريوسين. تون اهو لِڄڻ بہ چورن وارو سک.

جي ڀانئين پرينءَ مڙان تہ سک چوران کي ڏات،
جاڳڻ جشن جن کي سک سجائي رات.
اُجـــهي ٻجـــهي آئيـــا وائي ڪن نہ وات،
توڙي ڪسن ڪات تہ بہ ساڳي سلن ڪين ڪي.

ڪي چوندا "عشق جي ٻڌر نہ پاءِ" اها جا فهمائش ٿو ڏئي. سا تہ پاڻ ئي عمل ۾ نٿو آٽي. جتي ڪٿي اچي ٿو ڦاٽي، ۽ عشق جو اظهار ڪري. شاعر پاڻ اُن جو قبولدار آهي، ۽ اُن جو سبب هي ٿو سڻائي:

اندر رهي نہ گهٽ سپريان جي ڳالهڙي،
ڇاڳر سهي نہ ست جي مهراڻ مؤج ڪئي.

وجائي. ۽ پنهنجو پاڻ صفا وساري، ڏنگر مٿان جيڪي پيا لڳنس تن کي تڙيون پيئي ڏئي. جنهن کي پنهنجي پاڻ جي چاڻ ئي نہ رهي تنهن کي ڏنگرن جا ڏک ڇا ڪندا. ماٺهو پنهنجو پاڻ لوڪ شيوا ۾ ارپڻ ڪري ڇڏيو. تہ پوءِ اهنج اوکيون اُتس ڇا پڙندا. سين کي تڙي آهي. سو شاعر ٿو چوي تہ تون بہ پنهنجو سر ايئن ئي سانداڻ جان سقلو ڪر تہ پوءِ من رڪ سان گڏي ڇڏينئي. رڪ ٿيو پنهنجو سچو پاڻ.

پر بيت آهي هيٺيون. جنهن ۾ لهار جي هٽ جي صورت ٿو چٽي. چي:

ڪٺ ڪڙهي، لوهہ ٻري، ڌوڌا جت ڌڳن.
متر ڪن منهن ڪيڀا، سانداڻيون ڪنبن.

پڙهندڙ ائين پيو سمجهي پاڻ تہ جنسي ڪٺ پيئي ڪڙهي، ۽ لوهہ پيو ٻري، ۽ ڌوڌو پيو ڌڳي، يعني تہ تاندا پيا ٻڄرن ۽ ڪورو پيو تپي. ۽ لهار متر ڪو هٽ ۾ ڪنيو سانداڻ تي پيو هٽي. جنهن ڪري سانداڻ ۾ ڌرتي ٻئي پيون ڏڏن.

ڪٺ ڪڙهي، لوهہ ٻري، ڌوڌا جت ڌڳن،
متر ڪن منهن ڪيڀا، سانداڻيون ڪنبن.

"متر ڪن منهن ڪيڀو." "منهن ڪيڀا" ڪهڙو نہ عمدو اصطلاح آهي. وري "سانداڻيون ڪنبن." ڪنبنديون البت جڏهن مٿان متر ڪا لڳندن. پر شاعر اهڙا روپا ڪٺي ٿو پڙهندڙن جي اکين اڳيان ٻهاري. جو پاڻ تہ متر ڪا منهن ڪڍن ٿا. ۽ ڌر وچون سانداڻيون ڪنبڻ ٿيون لڳن.

گوروءَ کي پوءِ وري ٿو سراڻيءَ جو ويس ڍڪائي. ۽ پنهنجي روح کي تيغ يعني ترار بنائي. سراڻي چئجي ان کي جو سراڻ يعني ڦڙندڙ روهيءَ تي ڪپ ۽ ڪاتيون ۽ ٻيا اهڙا هٿيار تکا ڪري. چي:

اڄ آڱڙيا آيا سوڌا سراڻي،
پياري پاڻي تيغون ڪندا تکيون.

اڄ آڱڙيا آيا سائون ڪي سڄاڻ،
لاهيندا موريان، رڪ ڪريندا پڌرو.

مطلب هي تہ اڄ سوڌا سراڻي يعني سچا ستگور آيا آهن. ماڻ، اسان جي تيغن يعني روحن تي جا ڪم فهميءَ ۽ ڪُڌائيءَ جي ڪٽ جڙهي ويئي آهي. سا سراڻ تي يعني پنهنجي هدايت ۽ سکيا جي وسيلي لاهي، اسان کي اسان جو رڪ پڌرو ڪري ڏيندا. يعني تہ اسان کي ڏيکاريندا تہ اسين اصل وٽ ڪهڙي آهيون. ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيو ٻہ:

جن کي دور درد جو سبق سور پڙهن،
فڪر ڦرهي هٿ ۾ ماٺ مطالع ڪن،
پنو سو پڙهن، جنهن ۾ پسڻ پرينءَ کي.

ساڳي سر جي ڇهين فصل ۾، ۽ بروي سنڌيءَ جي ٻهرين ۽ ٻي فصل ۾، سر ڪنيات جي ٻهرئين فصل ۾، ۽ ساري سر آسا ۾ اچي جو معشوق جي مدح، ۽ عشق ۽ عاشق جي وستار ۾ ٿو ٻوي، سو تہ هڪڙو وس ٿو ڪري. سر ڪلياڻ جي ٻي فصل ۾ ٻاڻ چيو اٿس تہ:

اسان عبادت نظر ناز پرين جو.

يعني تہ اسان عاشقن جي عبادت اها آهي، جو پرينءَ جا ناز نخرا ڏسي، سدائين اُن جي پيا ساراهہ ڳايون. تنهنجي پوري پوري پيروي هٿ ٿو ڪري. چي:

ضورت سندين سال

سال يعني اجل. صفا:

صورت سندين سال ٻاڻ مصاحب سپرين،
مولي ڏنن منهن ۾ نوري نيڻ نهال.
سندي خواب خيال مون من مستانو ڪيو.

نظر نزديڪيون سهي نہ سگهان ساعت سيئن،
پسڻ پري سندو آءٌ نالي ڳيڙي نجهران.

ڪي شت چوندا تہ هي نسوري عشق بازي آهي، ۽ پڇندا تہ هن جي معرفت پلا شاعر ڪهڙا باريڪ ۽ بلند خيلا نرنئي ڪيا آهن. تن کي ڪيي تہ هي بيت ٿورو ويچار سن پڙهن ۽ جاچي ڏسن تہ شاعر ڇا ٿو چوي؟

سندي خواب خيال مون من مستانو ڪيو.

۽

پسڻ پرين سندو آءٌ نالي ڳيڙي نجهران. تنهن جو مطلب هي آهي تہ مرشد سڳورو اهڙو تہ نور سان پرپور آهي جو آءٌ خواب غفلت ۾ ئي ستو پيو آهيان يعني سنسار مهاچار ۾ ئي سوگهو ڦاٿو پيو آهيان، تہ بہ سندس سهڻيءَ صورت ۽ ناز پرين نيڻن جي رڳي خيال منهنجو من وس ڪان ٻيوس ڪري ڇڏيو آهي. ۽ آءٌ سندس

ناسبيندي معنيٰ ڪَرَڻ مهل.

ناسـيندي نگاهہ پهـرين ڪج پرين ڏي،
احـــوال عـــاجـــزن جـــا آکج لَڳ الله،
روز نهـارين راه اکـيـون اوهان جي آسـري.

ناسـيندي نظر پهـرين ڪج پرينءَ ڏي،
قـمـــر ڪهج فـريب کي نست ۽ نبـر،
پيو پيرو سو نہ پر اکيون اوهان جي آسري.

ناسـيندي نرت، پهـرين ڪج پرينءَ ڏي،
قمر ڪهج قريب کي ساري سانُ سرت،
پيو پيرو سو نہ پت، اکيون اوهان جي آسري.

ناسـيندي نهـار پهـرين ڪج پرينءَ ڏي،
آءٌ جي ڏينئي سنيـهـڙا چـئج چند اپار،
ساجن سڀ جمار، اکـيون اوهان جي آسري.

خيال اعليٰ آهي يا ادنيٰ. سچو آهي يا ڪوڙو، تنهنجي سڌ هڪ صوفين کي، ٻي سـائينءَ سڳوري کي. پر انهن ٻنهي ۾ شـاعـر ڇـا نہ علمي قـابليت ۽ جـاچ جي جبرائي ٿو ڏيکاري! عبارت ئي سندس ڇا نہ عمدي آهي!

سُـر پورب ۾ وري ڪانگ کي قـاصـد بنائي. هتـائنس ٿـو ڪرنشـون يعني سلام ۽ ڪانگيون يعني خبرون چارون پنهنجي مٺي محبوب ڏي موڪلي. چي:

ڪانگل نيئي ڪانگ منهنجي ڏي محبوب کي،
لالن لايئي ڏينهڙا ڪنهن سـتـاتي سـانگ،
اوهان ريءَ اڙانگ وينئي ورهہ وسـائيـان.

ڪري ڪانگ ڪرنشون پيرين پرينءَ پئيج،
آءٌ جـو ڏيئن سنيـهـڙو وچ ۾ وسـاريج،
الله لڳ. لطيف چئي. ڳجهو ڳالهائيج،
چئان تئن چـئيج تہ ڪيـانتا خوش هئين.

زاغ تنهنجي ذات جو نورو متي مون.
اُڏامي. عبداللطيف چئي. صبح سبتن ڏون.
ڪج وينتيون وتريون ٻاجهائج ٻهون.
تہ لالن ڪونہ لهون. جهوتو جهان ۾.

ڪڏي ڪانگا تو ڏيان هنيون ساڻ هٿن.
وڃي ڪاءُ ولات ۾ اکيان عجبين.
پرين مان چون. تہ هٿن قرباني ڪير ٿي؟

پرين جي پرديس ۾ تن جي ڪانگا ڪج خبر.
تہ سڀ مڙهايان سون سين پکي تنهنجا پر.
گهمي مٿان گهر. ڏج پارانيا پرينءَ کي.

مٿين بيتن ۾ ڪانگ من لاءِ آيو آهي. ءِ شاعر رڳو من سان ئي مٿو هنيو آهي. پر وري جو سنيار تي ٿئيس تہ من ماريو حرص جو ٻانهو آهي. سو ٿو چوي تہ نہ ڙي نہ! مٿان هن من تي ويسهہ ڪيو اٿيئي. جي:

سو ڪانگ ۾ قاصد ڪر جو سدا ڏونڊي ڏونڊ ڪي.

۽ هو:

ڪندو پنهنجي پيٽ جي ڪ ويندو دوسن در.
جنهن جي ٻوليائي پر پر. سو نياپا نيئي رهيو.

سندس سپرين جو سونهن جي ڪاڻ آهي. اُن ڪري چئي ٿو تہ:

ڪتو جي ڪاڻ ٻريان سندي پار جو.
اُنهين مٿان آءٌ ڪوڙين قرباني ٿيان.

پڻ

ماڙهون ڪهرن مان. آءٌ سڀ ڏيهن ڪهران سپرين.
دنيا تنهن دوست تان فدا ڪريان في الحال.
ڪيس نام نهال. پسن تان پري ٿيو.

سر جمن ڪنيان ۾ معشوق کي عقابيل بکيءَ جي صورت ڏيئي سڏو ٿو

ڪيس چوي:

عقابيل! اکين ۾ توکي باري بان.

يعني ته اي عقابيل تنهنجي اکين جون پنبڻيون جي آهن. سي باري باڻن يعني وڏن ٻانن ۽ تکن تيرن وانگر آهن.

عـــقـــابيل! اکين ۾ توکي باري بان.
اُپو اڳرايون ڪرين ماڳ هڻيو مستان.
جانب تون زيان. اکين سين ايذا ڪرين.

ٻيو ڇا جو عاشقن کي اِن اکين جي تيرن سان ڦٽي. ڪين مور ڇا ڪيو ڇڏن. هو ويچارا مستان اتيئي ڇم ڪايو بهو رهن. ۽ تون اُپو اڳرايون ٻيو ڪرين:

عـــقـــابيل! اکين ۾ توکي تکا تيـــر.
ساڄن انهيءَ سينگ سين ڦتيئي گهڻا فقير.
ٻيو مَ مارج مير تنهنجو ڀهريون ئي پورو ٿيو.

عـــقـــابيل! اکين ۾ تيـــر چـــلايو تو.
ٻيو مر ماري سو جنهن جو ڀهريون پورو نه ٿئي.

پوءِ ٿو ڪري سائس مذاق. چي:

پائي ڪان ڪمان ۾ ميان مار مَ مون.
مون ۾ آهين تون متان تنهنجو ئي توکي لڳي.

پر ڪڏهن خيال ٿو ٿئيس ته متان منهنجو معشوق سمجهي ته هي ڪائر ٿي ٿو وڃي. سو چئيس ٿو:

جانب منهنجي جيءَ ۾ تو جي طمع هوءِ.
وٺ ڪاتي، وڍ انگڙا. ادب ڪر مَ ڪوءِ.
ٻانيان ٻال سندوءِ جي ساڄن سنئون نهارين.

وڏي مهرباني تنهنجي. ٿورو احسان سندوءِ. جي سنئون نهاري ان اکين جي تيرن سان ڦٽي ڇڏينم.

وري جڏهن معشوق عشق جو تير ٻري ٻري ٿو هڻيس. تنهن جو بيان دلسوز ۽ دلچسپ نهايت عمدي عبارت ۾ هيئن ٿو آڻي!

هيٺين بيتن ۾ سر. ڪان. سيلو. ٻيلو مڙني جي معنيٰ تير آهي. تبڪر لفظ به ان ئي معنيٰ سان ڪتب ٿو آڻي. تبڪر نه ته سمنڊ جو هڪڙو پکي آهي جو تبرڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيئي مڃي ماريندو آهي. سڃيو معنيٰ آڇيو. هنيو. پر پيڏي ڏيئي معنيٰ مڙي تي آڏو بيهي. ڪرنگهر معني پٺيءَ جو ڪنڊو. وهيٺي معنيٰ پناري. پنگان معنيٰ وڃهه وٺي ڇي:

سر جو سڃيو سڄڻين پر پيڏي ڏيئي،
تنهن ڪان ڪرنگهر ڪپيو پکن سر پيهي،
جيرا جگر بڪيون پاساريون پيئي،
ويڃنئون ويئي تي وهيٺي سڄڻين.

سر جو سڃيو سڄڻين پنگان پاڻ پري،
ويو وجودان نڪري ڪڙ ڪڙ ڪان ڪري،
پڇو پير پري ته ڪي نريو هٿ حبيب جو.

"نريو هٿ حبيب جو" ڪهڙو نه عجيب اصطلاح آهي. گهايو ڇڏي. دل ميڻ تي وڃي. شاهه اهڙيون ليئون گهٽيون تو وڃهي.

سر جو سڃيو سڄڻين پيهر پاڻ پري،
سو ڇمڪيو چوهه مان ڪڙ ڪڙ ڪان ڪري،
جيرا جگر بڪيون لنگهي پيو پري،
لڳو جيءَ جڙي تاٽيان تند نه نڪري.

سر جو سڃيو سڄڻين سينگ منجهان سيلو.
ٽيڪر ٽڪيو ڪينڪي پار لنگهيو پيلو.
هٿڻ سين حيلو جانب جيڏوئي ڪيو.

ان ڪري ئي چوي ٿو ته:

ڪڏهن ڪونه ٿيوم آثارو عشق جو.
محبوبن منٿون ڪري سڪڻ سيکاريوم.

ءِ

هيرائي هٿ ڪيو هنئڙو حبين،
پڏي ڪڇيءَ تند سين سلاڙيو سيٽن.

يعني ته مون ڪي عشق جي سڌ ئي ڪانه هئي. محبوبن ئي منٿون ڪري مون کي سڪڻ سيکاريو. ءِ:

ڪڙو منجهہ ڪڙي جئن لهار لپيٽيو.
منهنجو جي جڙي سپريان سو گهو ڪيو.

ساڳيو شيخ سعديءَ وارو خيال. جي:

عشق اول معشوق پيدا مي شود.

پر وري بہ هيناهين پاڻ ٿو وني. ۽ نهايت نئڙت ۽ نياز سان معشوق کي ٿو چئي:

ساجن سپاهي آءُ اوهان جو آهيان.
اڄان ويل سڀ ڏئنهين وڃان واجهائي.
لالن تو لائي ڪينڪاريم ڪرن کي.

تون صاحبزادو سپرين آءُ نسورو نؤڪر.
بيحد ڪريان بندگي هٿ ٻڌي حاضر.
جن جڏيندس ڪين کي دوست اوهان جو در.
مون تان مهر نظر پرين لاهہ م پانهنجو.

جانب تون جيڏو آهين شان شعور سين.
مون تي ڪر منهنجا پرين توه تسي تيڏو.
اي ڪامل ڪم ڪيڏو جيئن نوازينم نگاهہ سين.

پڻ:

هوڏي هوڏ ڇڏي جي مان گهر اچين سپرين.
ڳالهيون ڳجهہ اندر جون تن گهريون تو ڏي.
جي وهين ڪڏ گوڏي تہ دور ستاينءَ دل جا.

وري معشوق جي چلولاين جو بيان هينين بيت م بخوبيءَ هئن ٿو آئي:

ڪڏهن طاقيون ڏين ڪڏهن ڪلن در دوستن جا.
ڪڏهن اچان اچڻ نہ لهان ڪڏهن ڪونيو نين.
ڪڏهن سڪان سڏ کي ڪڏهن ڳجهاندر ڳڙهين.
ڪڏهن وڃان وجي نہ سگهان ڪڏهن سد ڪرين.
ڪڏهن ڪچن ڪينڪي ڪڏهن باجهہ ٻريا ٻولين.
ڪڏهن حرف نہ ٻچن هيڪڙو ڪڏهن قول ڪرين.
اهڙا ئي آهين صاحب منهنجا سپرين.

سر آسا ۾ نهايت مزو ٿو ڪري، جتي اهڙي نخريلي محبوب کي ٿو چئي ته هي منهنجا منا!

اکين ۾ ئي ويهـــ تـہ آءٌ واري ڏڪيـــان،
توکي ڏسي نـہ ڏيهـہ، آءٌ نـہ ڏسـان کي ٻيو.

تارن ۾ ڪـر تڪـيــو ونين ۾ ئي ويهـــہ،
پرين اکين ۾ ٻيـهــہ تـہ آءٌ آڇـارو ئـيـان.

ونيون معنيٰ اکين جون مائڪيون. آڇارو معني ڍَڪَ. هنن بيتن جو مطلب بہ ڏاڍو ڳوڙهو آهي. تصوف جو تت اِن ۾ اچي ويو آهي.

سر جمن ڪلياڻ ۾ هڪ هنڌ اچي ٿو ونئي عاشقن کي. چي ادا:

عاشق ائين نـہ هون جئن تون سڄي انگڙين،

تڏهن؟ هو

وڃـي در دوسـتن جي رت ڏهـائـي، رون،
ٻي پر ڪنهين نـہ پون ماڪر محبوبن سين.

ماڪر معنيٰ قبول.

۽

جان عاشق مٿي رت تان دعويٰ ڪري م نينهن جي،
سـائو منهن، سـونهن گـئي، سـڪڻ ايُ شـرط،
نڪـي گـوڏ گـرت، مـتـان سـر سـؤدا ڪري.

گرت معنيٰ ناڻي جي ڳوتري.

ساڳيو جئن فارسيءَ واري چيو آهي:

عـاشـقـان رانـہ نشـانـي آي پسـر
آه سر دو رنگ زرد و چشم تر
انتظاري، بيـقـراري، درد سـر،
سوز سينہ، جانگدازي، بيخبر.

پر تنهنجو ڪهڙو حال آهي؟

اجا تو منجهاءَ ڪک چٽي رت نڪري،

ٻوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهن ۾ معشوقن جا ڪيئن جهليندين گهاءَ؟
سو تون ڪچاڙياءَ سڪڻ جون سڏون ڪرين؟

سچو عاشق آهين تہ:

جي هو پائين ڪان ڪمان ۾ تہ سيڻو سپر رک.
منهن ۾ معشوقن جا چاڪ چڪئا چک.
سوري پانءِ ۾َ شڪ. عاشق ٿي تہ اُبهين.

اُبهين معنيٰ بچي پوين.

جي هو پائين ڪان ڪمان ۾ تہ سينو سپر ڏيج.
منهن ۾ معشوقن جا جهالو ٿي جهليج.
پا هان پگ ۾َ ڏيج عاشق ٿي تہ اُبهين.

جي هو پائين ڪان ڪمان ۾ تہ نئي ڏج سينو.
ڪجي نہ ڪينو وجي در دوستن جي.

محبتن جي ميدان ۾ عاشق ٿي آ چام.
سمهان سل. سيد چئي. ڪنڍ تير تمام.
ڪهج ڪوم ڪلام. جم دوستنئون دور ٿئين.

آچام معنيٰ تير ڇتڻ جو نشان. جم معنيٰ جئن م. متان.

محبت جي ميدان ۾ سر جو سانگ ۾َ ڪر.
لاهي سر. لطيف چئي، اڳيان دوستن ڌر.
عشق نانگ اپر. خبر ڪاڏن ڪي پوي.

محبت جي ميدان ۾ ڪڏي پؤ ڪاهي.
ڇڏي آسانگو ارواح جو لاهوتي لاهي.
عشق نانگ آهي خبر ڪاڏن ڪي پوي.

پيو بہ:

عشق نہ آهي راند جيئن ڪي ڪنس ڳيرو.

تڏهن؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيءَ جسي ۽جان جي پچي جو هيڪاند.

سو.

سسي نيزي پاند اُجل تہ اڏ ٿئين.

اڏ ٿئين معنيٰ تنهنجي جسم ۽ جان جي وچ ۾ جب ڳنڍ آهي سا ڇڙي پوي. بيت جو مطلب هي تہ سر تي مصيبتون سهہ تہ جوهر کليئي. پرينءَ سان پريت جوڙڻ، سندس صحبت جو ساءُ چکڻ، ۽ محبت جو مزو ماڻڻ الي ٻلي راند نہ آهي. هتي اڏ ٿيڻو آهي.

سر ڪارايل ۾ بہ عشق کي نانگ جي صورت ڏيئي، عاشق کي چئي ٿو:

سنها پانءِ مَ سپ وياءَ واسينگن جا.
جنهين جيءَ جهڙپ هاٿي هنڌاهين نہ چري.
سنها پانءِ مَ سپ سُڪا جنهين پيٽ.
تنهين جيءَ چپيٽ جُنگن کي جوکو ٿئي.

ان لاءِ.

عاشق معشوقن جي وني ويهہ ڳري،
جر ورچي ڇڏئين سندي دوست دري،
ويندءِ نپ نري ڏيندا ٻکي ٻاجهہ جي.

عاشق معشوقن جو وني ويهج در،
اچي پچندءِ سپرين لهندءِ سار سير،
پلائي جو پر رهبر ٿيندءِ راه ۾.

عاشق معشوقن جو وني ويهہ دکان،
پئج پيش پرين جي پٽيءَ وجهي پانڻ،
تہ تون تنين سانڻ سدا رهين سرخرو.

سر رپ ۾ ٻي صلاح هيءَ ٿو ڏئيس تہ:

نهائينءَ کان نينهن سک منهنجا سپرين.

جا ڏس تہ:

سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نہ نکري.

تون بہ

نينھن نھائينءَ جان ڍکيو ڪونہ ڍڪئين؟

پلا:

ڇر ڇيري ڇڏي تہ ڪيئن پڇندا ٿان؟
سو تون ڪنيارن ڪن ڪريجان ڳالھڙي.

يعني ڪنيارن واري ڳالھہ ياد رکجانءِ. جيئن ھو نھائينءَ کي ڍڪي ڇڏيندا آھن، تيئن تون بہ:

عشق لکو رکج، پڌر تہ پائج.

سر آسا ۾ ھيئن پڻ ٿو چئيس تہ:

اکيون سيئي ڏار جنھن سان پسين پرينءَ کي،
ٻئي ڏانھن ڪيم نھار گھٽو ريسارا سپرين.

۽

نيرانا ئي نيڻ نيئي آڇ پرينءَ کي،

ڇو تہ:

ستر ڪاڏا ڪيڻ جہ ڏنو منھن محبوب جو.

پوءِ جڏھن اکيون اڙنس ٿيون، ۽ نائڪ نينھن جي لڳيس ٿي، تڏھن تہ پلتجي ٿو پوي. ڇي:

ڪي جو ڪيڏانھن اکيون پسي آئيون،
تاٿين تيڏانھين پيون پاڻ مھاڙيون.

ڪي جو ڪنھين پار اکيون پسي آئيون،
نيون ديوانيون دل ۾ اپر لڳين آر،
تھان پوءِ قرار ستيون ڪين سيد چئي.

ڪي جو وجي ڪالھہ اکيون پسي آئيون،
لالون ڪيون، لطيف چئي، جانب جي جمال،
تيا نيڻ نھال جنھين دلبر ديکيو.

آخوند گل محمد پنهنجي "ديوان گل ۾" چيو آهي تہ:

اندر ۾ عشق جنهن جي جاءِ پنهنجي تو وهي جوڙي،
وسن برسات جيئن دائم تنين جا نيڻ ٿا آلا.

شاهہ لطيف بہ پنهنجي اکين ناںءِ چئي ٿو تہ:

هارُ تہ وسن ۽ وهسن ڏهاڙي ڏسڻ لئي،
جيئن جيئن پرين پسن تيئن تيئن نشا نينهن جا.

وسن ۽ وهسن ڏهاڙي ڏسڻ لئي،
ڏسي ڏسي اکيون توءِ تلاشون ڪن،
ڏايون نہ ڏاپن پسڻ منجهان پرينءَ جي.

ٻيلا:

اکين کي آهين عجب جهڙيون عادتون،
سور پرائي سات جو وجيو وهائين،
اُتي لنو لائين جتي حاجت ناهہ هتيار جي.

اکين کي آهين وڏا وجهہ وڙهڻ جا،
اپيون منڍي مامرو جهيڙو نہ لاهين،
جيئن سي ڪڪر اُڀ تيئن آگميون آهين،
جهڙ ڦڙ نہ لاهين وسن ورسيءَ مينهن جيئن.

اکين کي آءُ جان کي جهلون پائيان،
لوڪ لتاڙي نند ۾ ساجن سو ناءُ،
مون کي مارياءُ پاڻ پرچي آئيون.

اکين پنهنجي مت پاڻسين پاڻهين ڪئي،
اُتي وجي لڳيون جتي جان ڪپت،
نڪا ڳالهہ نہ ڳت جيءَ ڏني ريءِ نہ جڙي.

اکڙين آرو مونهان پڇي نہ ڪيو،
اُتي وجي اڙيون جتي ڇوڻ نہ چارو،
هنئڙو ويچارو واتون جهليو وجهلي.

پوءِ تہ وسائي ٿو ڪاري پٽ ڪر ٿي چي:

ڪر ڪي ڪپر ڪاءِ نانگ مٿيارو نڪري.
آيي جو اوناءِ سر پر سندي سڄڻين.

يعني اسان پرين ڪي پاڻ ۾ ڳالهائيندو ڏسي تہ ڪارمنهون ڪنڙا پيو ڏئي. اها عادت ابليسي گھڻن ۾ آهي. ڏاڍو اُن جو ارمان آهي. اوهان مان مٺان ڪو اها عادت ڏاري، ۽ پاڻ کي هن بيت جو مهاڏو ڪري. ۽:

ڪـــر خـــراب ٿـــئين هيـــا هجـــارا.
پوريئن ڳليون پرينءَ جون چوڏاري چارا.
مـرين منهن ڪارا سـڙي انهيءَ سـور ۾.

پوءِ ٻڌائي ٿو تہ اِن جو نتيجو ڇا ٿيو آهي جو:

ڪر جا ڪـڏ ڪنئي پون ڪارڻ پرينءَ جي.
تنهن ۾ پاڻ پئي غـيـبـتي غـار ٿـيـو.

سو سڀاجهي در سوال ٿو ڪري.

الله ڪر جـيـئن مـدي جن جي من ۾.
اسـان ۽ پرين جـون امـيـدون پـسن.
تنهان پوءِ مـرن سـڙي انهيءَ سـور ۾.

بس! سمنڊ جون لهرون آهن. پيون لهن ۽ چڙهن. شـاعـرانہ موج ان کي چوندا آهن. پر نهايت حد ٿو ڪري جڏهن چوي ٿو تہ:

عاشق تہ عزازيل ٻيا مڙيئي سڏڙيا.
ڪـارڻ سـڪ سبيل لعنتي لال ٿيو.

يعني تہ سچو عاشق خدا و عزازيل فرشتو هو. لال مان لعنتي ٿـيو. ليڪن پنهنجي پريم يعني خدا کي ڇڏي آدم جو سجدو نہ ڪيائين. جيتوڙي امر بہ الله ئي ڪيس.

اُن ڪري ئي سر بروي سنڌيءَ ۾ چئي ٿو تہ:

دل جو دلبر هيڪڙو گھڻا تا نہ ڪجن.
دل ڏجي تنهن هيڪڙي توڙي سو سڪن.
سي چلولا چئجن جي در در لائين دوستي.

انهي ساڳئي سر ۾ پڻ ارمان ئو ڪائي تہ ڪهڙو وجي سمي جو حال رهيو آهي:

آدمين اخلاص متائي مانو ڪيو.
ڪونہ ڪائي ڪنهن جو سندو.ماڙهوءَ ماس.
دلبر هن دنيا ۾ وجي رهندو واس.
پيو سڀ لوڪ لباس ڪو هڪدل هوندو هيڪڙو.

يار سڏائي سيڪو جاني زباني.
آهي آساني ڪم پئي ڪل پوي.

سسئي نانءِ هڪ هنڌ چيو اٿس:

ڪو جو آيس ڪوڏ ٻاروچاڻي ذات جو.
جي هو چونس ٻوڏ تہ جيءُ سٺائي جڳ ڪي.

ساڳيو خيال بخوبيءَ سر ڪنيات ۾ ئو آئي. چي:

ڪم ڪمندن ڪتيو هارايو هوڙن.
چڪيو نہ چوندن هو جو ساءُ صبر جو.
ڪئي ڪين پرائبو منجهان ڪيني ڪين.
هي هوءِ سٺاڻي سبنگ نہ زه چني جوڪو ٿئي.

ڪيني واري جو تير ڪمان ڪشيل بہ چڱو هجي. تہ بہ مهل تي زه ڇڄي پويس، ۽ فائدي ماڳ اُتلو ئوٽو ٿئيس. يعني تہ ڪم راس تيل بہ ڦٽي وجي.

اُن ڪري:

نمي ڪمي نهار تون ڏمر ڏولائو.
تئين ساجائو جي اپين انهيءَ پرتي.

ڏولائو معنيٰ رولو. ساجائو معنيٰ ساجهہ وارو.

نمي ڪمي نهار تون ڏمر وڏو ڏک.
صبر ۾ سڀ سک جي سنواريا سمجهين.

هو چــونئي، تـون م چــؤ واتان ورائي،
اڳ اڱـرائي جـو ڪري خطا سـو ڪـائي،
پانڌ ۾ پائي ويو ڪيني وارو ڪين ڪي.

هو چونئي، تون م چؤ واتون ورائي وڻ،
سيني سين، سيد چئي، من ماري ڪر ميڻ،
ڪاند وڌيائي ڪيڻ، ڪيني منجهان ڪين ٿئي.

ســـــٺي ويڻ ڪنن سين ورائج م وري،
هاديءَ جي هدايت جي آهي ايءَ ڳـــري،
تن سچي ساھ سري، جن ماريو نفس ماٺ سين.

چوندن ڪيم چئيج ويڻ ورائي سامهون،
ڪامت قيمت جهڙي روز ڏمر ڪي ڏيج،
ويڻ م ورائيج تہ سڀ ور سـهـاڳي ٿـئين.

اڻ چـوندن م چؤ چـوندن چيو وسـار،
انــــئي پهـــر ادب سين پر اهائي پار،
مفتي منجهہ وهار، تہ قاضي ڪانيارو نہ ٿئين.

مفتي معنيٰ فتويٰ ڏيندڙ. هتي ٿيو وويڪ. سو فتوي ڏيڻ لاءِ منجهہ وهار تہ پوءِ قـاضيءَ ڪانيـارو نہ ٿـئين يعني تہ ڪنهن ٻاهرين قـاضيءَ جي ڪانُ نہ ڪڍڻي پوندي. مطلب ڇا تہ پنهنجن ڪرتوتن تي سخت نظر رک. ڇيڳلو نہ ٿي. متان پوءِ ٻين جي واهر وهيڻو وڃين ٿين. هدايت تہ قابل عمل آهي، پر ڪو مڃي!

سر ڪنڀات جي پهرين بيتن ۾ سهائيءَ سفيديءَ ڪي ساراهي، پوءِ من مستر ڪي ميـو يعني اُث بنائي. ويـهي جي اُن ڪي اتهہ تـو ٻڌي، ۽ دم دلاسا ڏي. سي تہ واهہ جهڙا آهن. ياڻءِ تہ ٻار ٿو پرچائي. اٺ اوڳو ۽ اٺرو پسون آهي، ۽ جيئن شاهہ صاحب چئي ٿو تہ: ڪذاتورو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪائي نہ ڪتڻ هار، چندن جا چوپا ڪري،
اگر اوڏو نہ وڃي، سر ڪنڌ لهي نہ سار،
لاڻي جي لغار، ميو مستانو ڪيو.

ڪرهي ڪي ڪئين وڏم پئد پلڻ جا،
ليڙو لاڻيءَ ڪي چري، نير ساڻ نئين،
چانگي سندي ۽ت ۾ صاحب وجهہ سنئين،
اوپاهيوس اهين، لطف ساڻ، لطيف چئي.

چانگي چئي چڪباس مٿان اڪ نہ الهي،
جنهن ول گهٽا وهاتيا ان سين ار لڳياس،
چوڏاري چندن وڻ پچي پوچ ٿياس،
روئاري رت ڪياس ان ڪڌا توري ڪرهي.

پوءِ ٿو سڌو اٺ کي چئي يعني من کي سمجهائي. چي:

ڪرها ڪسر ڇڏ، وڪون وجهہ وڏنديون،
هيڪر حبيبن سان مون کي نيئي گڏ،
مڇڻ پونئي هڏ آهون اڪنڍين جون.

ڪرها ڪسر ڇڏ وڪ وڏندي پاءِ،
منهنجو هلڻ اتهين جتي جانب جاءِ،
توکي چندن چاربان پيو وڳ لاڻي کاءِ،
انهين اٺ اناءِ جيئن هونديءَ رات هت مڙون.

ڪسر ڇڏ ڪنواٽ وکون وجهہ وڏنديون،
سنئين سپيرين جي ونگي پاءِ مَ واٽ،
ڇڏ جهوري، ڏي جهاٽ. تہ هونديءِ رات هت مڙون.

هڪ هنڌ تہ خوشامد بہ ٿو ڪريس. چي:

ڪرها ڪر سڄاڻ پيڪو ۽ پانهنجو،
اصل آهي اوهان جو ناليرو نڏاڻ،

سو:

ڪرها اسان سانُ. ڪي چانگا ڪج چگّايون.

پر ڏسي تو تہ من روپي ميو شر جو شر. تڏهن تو ٻڌيس ربگهڙيون. جي:

ٻَل ڳانا ياقوت جا موتين ڳتي مال.

ٻَل، ٻَلي م. ڳانا. ڪئنبيون ياقوتن واريون پايانءِ. ۽ مال، مالها. ڳاني موتين ڳتي وجهانءِ.

ڪديفي جي ڪرها هيدي پايانءِ حال.

هيدي يعني جهل. ٻت جو ڪپڙو سو وري ڪديفي يعني ولويت جو مٿان وجهانءِ. پڻ چندن چاريانءِ جال.

جال: جهجهو،

جي مون رات رسائئين،

يعني جي رات جو وٺي هلي پرين وٽ پهچائينم.

ٻَل ڳانا ياقوتون جا موتين ڳتي مال.
ڪديفي جي ڪرها هيدي پايانءِ حال.
چندن چاريانءِ جال. جي مون رات رسائئين.

ٻَل ڳنا ياقوت جا موتي منجهہ مهار.
چانگا چندن چاريانءِ انئي پهر اپار.
سندي پي پچار. جي مون رات رسائئين.

ميا تو مهار سڄي پايان سون جي.
چاريان چندن چوٽيون نايو ميندي‌ءَ ڏار.
سندي پيءَ پچار جي مون رات رسائئين.

پوءِ جڏهن من مچلائي ڇڏيس تہ، ۽ ساڏ سنگت جو ساءُ چکيس تہ، ۽ نائڪ نينهن جي لڳيس تي. تڏهن ساڳيو روپڪ اٺ وارو ٻڌي، هئن تو من جي گت جو وستار ڪري، جي:

اڄ نہ اڳينءَ ڏار ڪرهو جيئن ڪالهہ هو،
اڱڻ آيو نہ ڪري پا هوڙي پچار،
ڄڪس منجههہ قطار ڪاول چنائين وه جي.

"ڪاول چنائين وه جي" يعني ڪا مڙيائي دنيا ڪان دونس ملي اٿس. جنهن ويچاري کي سهمائي ڇڏيو آهي، ۽ ڪاڏو پيتو وسري ويو اٿس. اُن ڪري ئي هاڻ:

اُٺ نہ وڃي وڳ سين چري نہ چانگو،
لڳيس نائڪ نينهن جي نهوڙيو نانگو،
ڇڏي سر سانگو، رڙهي رند پرين جي.

وري:

چندن چکي ئيو ٻي ول وجهي نہ وات،
ڪرهي ڪنور لتاڙيا رئي پيئي رات،
توڏي تنهن وڻ تات، جنهن ۾ بوءِ بادام جي.

بوءِ تہ ڏاٺ جا هريس، ۽ چشڪو جو آيس، سو ڏهاڙي ڏوڙ اوڏانهين اٿس. ڏاڍن ڏاوٽن ۾ ٻڌو پيو آهي تہ اُنهن مان بہ چنائي نڪريو وڃي.

نَو نير ڏهہ ڏاوٽيون پندرهن پٺد پياس،
بغل ۾ بگهاڙيون لڳين لوهہ لڪاس،
جہ سڄڻ ياد پياس، تہ چرڪ چنائين هيڪڙي.

بس من کي چوٽ لڳي سهين، تہ بوءِ کهڙا بہ دنيا جا ٻنڌڻ هوندس تہ اُن جو زور اُتس پڙندو ئي ڪين. ويٺي ويٺي اُن مولائي مستيءَ ۾ محو ٿي ويندو، ۽ مٿي مڪانن جا پيو سير ڪندو. شاعر پنهنجي من ناڻءِ بہ چوي ٿو تہ نيٺ هن سان بہ اهڙو ئي وڙ ٿيو آهي، ۽ هاڻ تہ جنتوٽيڪ:

وهي منجهين وڳ

تہ بہ:

ڪنوريءَ ڏار چري،
وهي منجهين وڳ ڪنوريءَ ڏار چري،
جڳ سين جهڙو جڳ هنئين سين هت چري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيان ڪوڙو ٻہ ڪاتين پنجين لکين پاءُ،
ميو تنهن ماڳاءُ ڏهاڻي ڏار چري.

جيان ڪوڙ ٻہ ڪانيون پنجيں لکين پڪ،
تيان ڏيئي تڪ مبو متارو ٿيو.

اُن ڪري توکي مون کي بہ نيڪ صلاح ٿو ڏئي تہ اهڙو من روپي:
لک لاکيٽو ڪر هو ڪوڙين ڏيئي ڪاهہ،
ايلاچيون آهر ۾ پوچ ميي کي پاءِ،
ڪ ٽ نہ ڪندو ڪاءِ جہ پلاٽيو تہ پرينءِ مڙي.

يعني من کي چڱي رستي لاءِ، مٺا مونا هٺي ڪيس ساڌ سنگت تي هيراءِ. ۽ هيڪر دنيا کان رخ ڦريس، ۽ منهن ساڌ سنگت ڏي ٿئيس تہ پوءِ منزل مقصد تي وڃي رسائيندءِ. ڪٽ ڪندو ڪانہ. سڌو ئي سڌو هلبو هلندءِ.

شل هرڪو اهو سبق هنئين سان هنڊائي. ۽ پنهنجي من روپي مبي کي ”نوڙي نرمل نام“ جي سان ٻنڌي رنگ ۾ رتو رهي.

○○○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهہ جون سورميون

نارائڻ داس ڀمڀاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مصنف جي قلم مان

جيئن نظم، ناٽڪ، ناول، مضمون ۽ ٻيا ادبي اظهار جا طريقا لکندڙ جي شخصيت جو ذڪر آهن، تيئن تنقيد پڻ تنقيد ڪندڙ جي نقطہ نگاهہ جو بيان آهي. نڪتہ چين بہ، ٻين ادبي هنرمندن جيان، هڪ هنرمند آهي. هن ننڍي ڪتاب ۾ مون شاهہ عبداللطيف جي ستن سورمين جون پنهنجي نقطيٰ نظر ڪان، سيرتون چٽيون آهن ۽ هن جي هڪ ٻئي سان ڀيٽ ڪئي اٿم. ڪتاب ۾ درج ٿيل رايا ۽ خيال شخصي آهن، ۽ جيئن شاهہ جي سورمين کي سمجهيو اٿم، تيئن ئي سندين سيرتن جو نقش ڪڍيو اٿم.

هڪ مکيہ ادبي اصول جنهنجي هر ڪٿهن نڪتہ چين کي پوئواري ڪرڻي پوي ٿي، سو اهو آهي تہ ڪيس مصنف جي پٺ وٺڻي آهي. جنهن دڳ تان ادبي هنرمند هليو، ان اتان ئي، نڪتہ چين کي، هن جو پيرو کڻي، پنڌ ڪرڻو آهي. ان اصول کي خيال ۾ ڌري، مون صرف شاهہ جي رسالي جي آڌار تي ئي سورمين کي پرکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. نڪتہ چين کي ادبي هنرمند جو شارح ٿيڻو آهي. جيڪي لکندڙ چيو آهي، سو صاف ٻوليءَ ۾ تنقيد ڪندڙ عام ماڻهن کي ٻڌائي ٿو، ليڪن ان کي وڌائي يا گهٽائي نہ ٿو سگهي.

"ن".

## ديباچو

شاهه عبداللطيف، سنڌ جي ادبي تاج جو لاثاني گوهر، سورمين جو شاعر آهي. هن جو روايتي شعر، جو سندس نظم جو گهڻو حصو والاري ٿو. ڏيکاري ٿو تہ شاهه کي عورت جي امنگن لاءِ عزت هئي. هن پنهنجي تيز فهم، ذکي نگاهه ۽ انساني سياءَ جي ڳوڙهيءَ ڄاڻ مان پروڙيو تہ عورت جيڪي دلي دليريءَ جا اعلي اعمال ڪري سگهي ٿي، سي مرد جي پهچ کان ٻاهر آهن: جو خود انڪساريءَ جو انگ هن ۾ آهي، سو مرد ۾ هرگز نظر نہ ايندو. هن جي قرباني بينظير ۽ سهن شڪتي عبرتناڪ آهي. جيتوڻيڪ هوءَ جسم جي ضعيف نظر اچي ٿي، تہ بہ ارادي جي پڪي آهي ۽ قول تي قائم رهي ٿي. هن جي زندگيءَ جي مراد ڏيڻ آهي، نہ وٺڻ. شاهه صاحب جئن ڏٺو، تئن ئي شعر ۾ ڏيکاريو، تہ عورت جو پريم عورت جي سموري هستي آهي. محبت جي ميدان ۾ عورت هڪ واريءَ قدم کنيو، تہ وري پٺتي نہ هٽندي، دنيا جي اڪيچار آزمودن مان هن شاعر پرايو تہ عورت جي دلي اٿاهه ساگر ۾ جي امنگ اڇلون ماريندا رهن ٿا. تن جو ذڪر شعر لاءِ جيڪر اوچو مضمون ٿئي. جنهن دنيا جو شاهه صاحب پنهنجي نظمي ڪهاڻين ۾ ذڪر ڪري ٿو، ان تي مرد کان وڌيڪ عورت غالب پيل آهي. هڪ ڳالهہ جنهن لاءِ بہ رايا ٿي نہ ٿا سگهن، سا هيءَ آهي تہ سيني ڪهاڻين جا مکيہ اداڪار گهڻو ڪري عورتون آهن ۽ نہ مرد. سواءِ امام حسين ۽ راءِ ڏياچ جي هن ٻيو ڪوبہ اهڙو اداڪار پيدا نہ ڪيو آهي، جو سورمي سڏجڻ جو لائق هجي. ۽ سيني ڪهاڻين جي رٿا جي واڌ جو مدار سندين سورمين تي رکيو ويو آهي.

نظم ۾ شاهه جون ڪهاڻيون جملي نوَ آهن. انهن مان ٻن ۾، "سُر گهاتو" (جنهن ۾ مورڙي ميربحر جي ڳالهہ ڏنل آهي) ۽ "سُر ڪيڏارو" (جنهن ۾ امام حسين جي شهادت جو ڪجهہ ذڪر آهي) عورت اداڪار بلڪل ڪونهي. جنهن بہ شاهه جي شعر جو اڀياس ڪيو آهي، تنهن کي معلوم هوندو تہ جن ڪهاڻين ۾ سورميون آهن، تن جا سرا يا نائڪائن جي نالن سان آهن، جئن "سُر مارئي"، "سُر سهڻي"، "سُرسورٺ"، يا جتي سورميءَ ۽ سورمي ٻنهي جا نالا سري ۾ اچن ٿا، تتي ٻهرين سورميءَ جو نالو اچي ٿو، جئن" سُر ليلا چنيسر"، "سُر مومل راڻو". اها هڪ عجيب حقيقت آهي تہ جيتوڻيڪ راءِ ڏياچ واري قصي ۾ مکيہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اداڪار ٻيجل ۽ راءِ ڏياچ آهن. تہ بہ سندس سرو آهي"سُر سورٺ". سسئيءَ ۽ پنهونءَ جي ڪهاڻي جا ڪيترن ئي سُرن ۾ اچي ٿي. تنهن جي ڀيرئين سُر ڪي"سر سسئي آبري" سڏيو اٿس. سسئي لفظ جو اتي هجڻ با مطلب آهي. پر ٻين سرن معذوري، ڪوهياري يا حسيني جي معنيٰ ڏسبي تہ انهن جو تعلق سسئيءَ سان آهي ۽ نہ پنهونءَ سان. شاهہ جهڙي اعليٰ درجي واري شاعر جي لکڻيءَ ۾ اهو اتفاقي نتيجو ٿي نہ ٿو سگهي. هن ڇاٽي ٻجهي ان نموني جا سرا ڏنا آهن. سواءِ راءِ ڏياچ ۽ امام حسين جي. ٻيا مرد اداڪار پنهنجي سر ڪي بہ ڪينهن سندن هستي عورت اداڪارن جي هستيءَ تي مدار رکي ٿي. سهڻيءَ جي پيٽ ۾ ميهار کهڙو نہ تڇ پيو لڳي؟ سسئي جي قربانيءَ ڏانهن نهاربو تہ پنهونءَ ۾ اک بہ ڪانہ ٻڌندي. نوريءَ ۽ ڄام تماچي جي وچ ۾ تہ شاهہ پاڻ ئي پيٽ ڪندي چوي ٿو تہ جڏهن تماچيءَ نوريءَ کي نوازيو، تڏهن ئي پاڻ اهڙو ناميارو ٿيو. ڪيترا حاڪم ٿي گذريا آهن، جن جو شان شوڪت ۽ دٻدٻو ڄام تماچيءَ کان بہ زياده هو. مگر انهن جو اڄ نالو نشان بہ ڪونهي. ڄام تماچيءَ کي نوريءَ امر ڪيو:

نوري جي نوازيو، ٿيو ڄام تماچي تي،
ڳاڏي ڇاڙهي گندري، ماڙهو ڪئو مي،
ڪنجهر چندا ڪي، تہ سڄ سيائي ڳالڙي.

مومل ۽ ليلا جي، نوريءَ، سهڻيءَ ۽ سسئيءَجيان، بي عيب نہ آهن ۽ خطا ڪري ٿا ٻڙجن ٿيون. تن جون سيرتون پڻ راڻي خواه چنيسر کان وڌيڪ ڪشش ڪندڙ آهن. ليلا، چنيسر کي اَمر ڪيو، نہ چنيسر ليلا کي. شاهہ کي مومل جي مَنش موهيو، نہ راڻي جي گنڀيرتا ۽ سياڻپ.

شاهہ جون سورميون سندس دل جون ترجمان آهن. جن جي واتان هو ڪن صوفياني خيالن ۽ ويدانتي مَتن جو اظهار ڪري ٿو. جيڪي شاعر کي وڻي ٿو، سو ڪانئن ڪرائي ٿو. قصہ نويسيءَ جي فن موجب اداڪارن جي سيرت نگاريءَ وقت مصنف کي پنهنجو پاڻ وسارڻو آهي پر شاهہ ڀرپور شاعر هو ۽ پوءِ افسانہ نويس. هن پنهنجي شخصيت پنهنجين سورمين ۾ پلٽي آهي. شاه جو شعر سندس زندگيءَ مان ابري ٿو ۽ شاهہ جون سورميون سندس جدا جدا روپ آهن. شاهہ شاعر هو ۽ عاشق هو. صوفي ۽ فيلوسوف هو. ۽ سندس سياءَ جون اهي چارئي خاصيتون سندس سورمين ۾ نظر اينديون. پاڻ کي ويهي منجهن اوتيو اٿس. ڪهاڻيءَ ۾ ڪڏهن پاڻ ٿو ڳالهائي تہ ڪڏهن سندس سورميون.

شاهہ جو قصصي شعر معنيٰ سندس سورميون. ائين برابر آهي تہ ڀرپور ميهار

سهڻيءَ جي قرب ۾ قابو ٿيو ۽ اميري ترڪ ڪري فقيري قبوليائين. ۽ پنهون سسئيءَ جي سونهن جي هاڪ سڻي، پنهنجو وطن ڇڏي، پرديس ۾ پريم جي پياس متائڻ آيو:

سرهي منجهان ساٿ، آئي بوءِ پنهور کي،
بيٺا بازارن ۾، لائي ڄَت ڄبات.

تہ بہ سهڻي ميهار ۽ سسئيءَ پنهونءَ جون آکاڻيون جيڪي شاهہ ڳائي ٿو، تن جو گهڻو حصو سهڻيءَ ۽ سسئيءَ جي باري ۾ آهي. "سر سهڻي" جو مضمون- درياهہ جو تيز وهڪرو ۽ لهرن جو ڌمڪائيندڙ آواز. درياهہ جي دهشت ۽ دم، ڦهري ڪنن جا دل ڏاريندڙ ڌڌڪا. بحر جا بيحد ٻاگهو ۽ هزارين هيبتناڪ مڇ جي دائماً شڪار لاءِ واجهائيندا رهن ٿا. ڪاري رات، جڏهن سهڻي ساهڙ کي ملڻ لاءِ ڪچو گهڙو کڻي درياهہ ۾ گهڙي ٿي، سهڻيءَ جا ميهار کي دلسوز سڏ. سهڻيءَ جي سرتين سان ساهڙ جي سونهن جي ساراهہ-سڏيءَ طرح سهڻيءَ سان ئي لاڳاپو رکي ٿو. فقط هڪ هنڌ ميهار جو ذڪر اچي ٿو. جڏهن سهڻيءَ جي سڏن جو آواز:

"ساهڙ ڄام! سَنار! سگهو رسج سير ۾".

ميهار جي ڪنن تائين پهچي ٿو، تڏهن ٿو شاعر چوي:

اُيو تڙ ميهار، ملاحن سڏ ڪري،
آئون پڻ وڃهان هنڙ، اَئين پڻ وڃهو ڄار،
گهوريون ڪارنيار، مان مڙنهون سيرين.

ميهار ملاحن کي جيڪي سڏ ڪري ٿو. تن جو ذڪر شاهہ ڇئن پنجن بيتن ۾ ڪيو آهي. سُر آبري، معذوري، ديسي، ڪوهياري ۽ حسيني، جن ۾ سسئي پنهونءَ جي آکاڻي چيل آهي، صرف سورميءَ جي دل گهائيندڙ دانهن سان ڀُر آهن ۽ منجهن سسئيءَ جي دکيءَ دل جو نقش ڪڍيل آهي. سسئي ڪم ٿيل پنهل جي تلاش ۾ انتظار ۽ صبر سان جهنگ جبل ۽ بريت رلي ٿي، مگر پنهون ڇا ٿو ڪري؟ شاهہ صاحب ان لاءِ ڪجهہ بہ نٿو چوي. صرف هڪڙي هنڌ پنهونءَ جي ڪيڙن ڏوڻڻ جو ذڪر ڪري ٿو:

ڳـڏيو ڏوبين ڏوءِ، پنهـوءَ پارچـو هٿ ۾،
اني آريءَ ڄام جو، قاصد آيس ڪوءِ،
اِيءُ ڪامل! ڪم نہ سندوءِ، جن پهس پچاڙين پوتين.

ساڳيءَ طرح "سُر ليلا چنيسر" ۾ ليلا چنيسر کي آزيون نيزاريون ڪري حطا بخشرائي ٿي. چنيسر ڪجهہ بہ نہ ٿو ڳالهائي. هڪ يا بہ دفعا ليلا جي واتان

اسين چنيسر بابت پڙهون ٿا. "سُر مارئي" ۾ بنديخاني مان مارئيءَ جي دلي جذبن جو، جي ڪانڌ جي قرب ۽ حب الوطني سان ڀريل آهن، ذڪر ٿيل آهي. سر جي منڍ ڪان وني ڀڃاڙيءَ تائين، هر هڪ بيت ۽ وائيءَ ۾ مارئي نظر ايندي. "سر ڪاموڏ" ۾ نوريءَ جي نور ۾ رڱيو پيو آهي. شاهه صاحب ڄام تماچيءَ جهڙي حاڪم جي ذڪر ڪرڻ بجاءِ سندس مهاڻيءَ معشوق جو احوال ڏيڻ پسند ڪيو. "سر سورٺ" ئي آهي، جنهن جو مضمون سورٺ بابت ايترو نه ٿو پڌائي، جيترو بيجل ۽ راءِ ڏياچ لاءِ.

هڪ ڳالهه جا ڏيان ۾ آڻڻ جوڳي آهي سا هيءَ آهي ته آڪاٽيءَ جي رٿا ۾ شاعر پاڻ پڻ ڳالهائي ٿو. پر ڪنهن سان؟ پنهنجين سورمين سان. شاهه سورمين کي هر وقت هدايت ڪندو رهي ٿو. سهڻيءَ کي صلاح ڏئي ٿو:

مرج وٺ مهار، مٿان موٽين سوهڻي!
ساهڙ جا سينگار، مٿان ڌم ڌيڪارين.

ليلا جڏهن هار تي هرکي چنيسر وڃيو ۽ چنيسر کيس پنهنجيءَ دل مان تڙي ڪڍيو، تڏهن شاعر ٿو ليلا کي چوي:

ليلا! حيلا ڇڏ، جي تون سوڀي! سگهين،
پائي پاند ڳچيءَ ۾، پاڻ غريبي ڳڌ،
هڏ نه چنديءَ لڌ، جي ڪارون آٿين ڪانڌ کي.

نصيحت برابر ڏئيس ٿو پر چنيس پڻ ٿو:

مٺئي ئي موهجي، موڙهي! ڪئيءَ مرڪ،
ڇئي چنيسر ڄام سين، وڏو تو فرق،
وري ويو ورق، آيوءِ ڏڻءُ ڏهاڳ جو.

مومل جڏهن راڻي جي پريت جڙتو راڻو ناهي دل ٻرپائي ۽ راڻي جو راضپو وڃايائين، تڏهن شاعر تنبيهه ڪندي چويس ٿو:

راڻو پـانو راند، وڃنـو ڪنءِ وڙرائين؟
ور وڏاڻو ايهين، جن پڙو پختو پاند،
هَي! پڳيءِ هيڪاند، سوڍو سارندئي گهڻو.

مارئيءَ کي دلاسن ڏيڻ سان نه حد ڪري ڇڏي اٿس:

م ڪين روءِ، م رڙ ڪين، م ڪين ڪر دانهون،
ستي لوڪ لطيف چي، ٻيئي ڪٺج ٻاهون،
لڏيءِ جت لائون، سو ڏيهه پسنديءِ، مارئي!

سسئيءَ کي نه اڳوات آگاهه ٿو ڪري ته خبردار رهج! پنهونءَ جا پائر پنهل

ڪي پڇائي ويندءِ:

جتن ڪج جتن جو، آئيا ڪ ايندا،
ونئي پنهو پاهجو، وتان تو ويندا،
دم نہ دميندا، سڏاريندا ساٿيهہ ڏي.

۽ جڏهن سسئيءَ جا ڏير، سانس دولاب ڪري، پنهونءَ کي بي سرتائيءَ جي حالت ۾ اُٺن تي پڇائي ويا ۽ سسئي هوت جي ڳولا ۾ پٽڪندي ڪيس چوي ٿي:

تو جو ٻول، ٻروچ! ويهي ڪِئو وٽڪار ۾،
سوئي پارج، هوت! ولهي مون معذور سين.

تڏهن شاعر ٻين سورمين جيان، ڪيس پڻ چوي ٿو:

ڀهرين تون پاريج، پارڻ پوءِ پنهونءَ تي،
ٻول ۾ وساريج، هو جو ڪيوءِ هوت سين.

شاهہ چاهي ها تہ سورمن سان بہ روح رهاڻ ڪري سگهي ها. سورمين جي دلي صداقت ڏانهن پاٺڪن جي ڌيان ڇڪائڻ لاءِ شاعر هڪ عقل واري تجويز ڪتب آندي آهي، جو آڪاڻين جي گهٽي پاڳي جو تعلق سندين نايڪائن سان رکيو اٿس. شاهہ صاحب ڪهاڻين جو منڍ وچ ۽ پڇاڙي، تيئي نٿو ڏئي. "سر مومل راڻو" ئي آهي جنهن ۾ ڪي قدر تفصيل سان آکاڻي ڏنل آهي. ٻيا سڀ سُر وچان شروع ٿين ٿا ۽ شاهہ چوندي چوندي صرف اهي واقعا ڏنا آهن جن دوران سورمين جون سيرتون چٽي سگهيو آهي.

سورمين جي سوال سان واسطو رکندڙ هڪ مسئلو آهي جنهن پڙهندڙن جو ڌيان لهڻو. مڙني ڪهاڻين جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ عورت ئي آهي جا مرد جي تلاش ۾ وڃي ٿي. شاهہ حياتيءَ ۾ ڏٺو تہ عورت مرد جي ڳولا ۾ رهي ٿي ۽ نہ مرد عورت جي. عورت جي زندگي ڪانڌ لاءِ جستجو آهي. ان جستجو ۾ هوءَ پرواهہ نہ ٿي ڪري جي خود پاڻ بہ ناس ٿي وڃي. شاهہ جا طالب سورميون آهن، نہ سورما. سهڻي ميهار جي تلاش ۾ درياهہ ترندي فنا ٿي. عام آکاڻيءَ جي رٿا ۾ آهي ڀهرين ميهار ڌهاڙي رات جو تار تري وڃي سهڻيءَ سان وصال ماڻيندو هو. مگر ان وقت درياهہ جي حالت ڪهڙي هئي، يا ميهار کي ڪهڙيون مشڪلاتون پيش اينديون هيون، تن جو شاهہ صاحب ذڪر ڪو نہ ٿو ڪري. فقط هڪ بيت ۾ ان واقعي ڏانهن اشارو ڪندي ٻڌائي ٿو تہ:

هي پاٽي سين پاهجو، پسائي نہ سنگار،
ڪارڻ منڌ مهار، ڪري رات ڪُن تري.

مگر سهڻيءَ جي دردناڪ حالت بيان ڪرڻ لاءِ ته شاعر اڪيچار بيت ۽ وائيون چيون آهن. عام طرح جا سهڻي ۽ ميهار جي آڪاٽي چوڻ ۾ ايندي آهي ۽ جنهن تي شاهه صاحب "سر سهڻي" جو مضمون بيهاريو. ان ۾ آيل آهي ته ميهار هر ڪنهن رات پڪل مڇي پاڻ سان ڪٽي ويندو هو. جا پاڻ ۽ سهڻي گڏجي کائيندا هئا. هڪ ڀيري جڏهن سخت طوفان لڳڻ سبب ميربحرن وٽان ڪيس مڇي ملي نه سگهي، تڏهن معشوق وٽ هٿين خالي وڃڻ واجب نه سمجهي، پنهنجيءَ ٽنگ مان ران ٽڪر ڪپي، پچائي ڪٽي ويو. ميهار جي سيرت نگاريءَ ۾ اهو هڪ اهڙو واقعو آهي جو ڪيس اعلي درجي وارن عاشقن جي قطار ۾ شمار ٿيڻ جو حقدار بڻائي ٿو ۽ اها قرباني جا ميهار سهڻيءَ لاءِ ڪئي سا بلڪل عمدي آهي. پر شاهه صاحب پنهنجي شعر ۾ ان ڏانهن اشارو ڪونه ٿو ڪري. ڇو؟ خاص طرح عورت جي بي بها قربانيءَ جي خصوصيت ڪيس سورمين ڏانهن مائل ڪيو ٿو ڏسجي ۽ عجب نه آهي جي سرگهور سهڻيءَ کي اهميت ڏيڻ لاءِ ميهار جي مذڪور واقعي کي نظرانداز ڪيائين. سهڻيءَ جي مصيبتن ۽ محنت جو بيان اهڙي ته باريڪ ۽ دلسوز نوع ۾ ڪيو اٿس جو پڙهندڙن کان وقتي ميهار ته صفا يلجي وڃي ٿو. ميهار هر روز سهڻيءَ کي ملڻ ويندو هو. ان جو مطلب ته اونداهين ۾ ويو هوندو ته سهاين ۾ به. پر جڏهن سهڻي اونداهيءَ رات جو ميهار کي ملڻ لاءِ ڪچو گهڙو ڪٽي پاٽيءَ ۾ گهڙي آهي، تڏهن ڪيڏي نه دلي جذبي مان شاعر دانهن ٿو ڪري:

ڪاري رات، ڪچو گهڙو، اٿيهه اونداهي،
چنڊ نالو ناهه ڪو، درياهه دڙ لائي،
ساهڙ ڪارڻ سوهڻي، آڏيءَ تي آئي،
اي ڪم الاهي، نات ڪنن ۾ ڪير گهڙي؟

سسئي پنهل جي پنيان رلندي زمين ۾ دبجي ويئي ۽ ساريءَ شاهه واريءَ ڪهاڻيءَ ۾ صرف سسئيءَ جي تلاش جو ذڪر آيل آهي. جيئري ته نهيو، مگر مئي پڄاڻا پڻ جڏهن:

اچي عزرائيل، سُتي جاڳائي سسئي،
ٿي دوڙائي دليل، ته پنهونءَ ماڻهو موڪليو.

شاهه اتي به مات نه ٿو ڪري وهي، پر وڏيڪ سسئيءَ جي تلاش جو ذڪر ڪندي ٻڌائي ٿو ته:

مُنڪر ۽ نڪير ڪي، جڏهن ڏنائين،
اڳيئا اٿي ان ڪي، پنهون پڇيائين،
ادا! اهائين، ڪو وئو سات سڄڻ جو.

عورت جي اُمنگن جو ذڪر جيڪو شاهہ ڪيو آهي سو انگريزي شاعرن ۽ ناٽڪ نويسن جي لکتن ۾ ورلي نظر ايندو. انهيءَ ڏس ۾ شاهہ ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي.

مارئي بنديخاني اندر قابو آهي. هن ڪي اها آزادگي ڪانهي جو قيد جا ڪڙا کولي وڃي مارن سان ملي ۽ ڪيت سين ڪي پنهنجيءَ سچائيءَ جو ثبوت ڏئي. تہ بہ هن جو روح دائماً مارن لاءِ رڙيون ڪندو رهي ٿو. شاعر ڪٿي بہ ڪونہ ٿو چوي تہ ڪيت سين، جنهن سان مارئي مڱيل هئي، مارئيءَ ڪي بند مان ڇڏائڻ لاءِ ڪا ڪوشش ورتي. مارئيءَ جا مائٽ ڏيءُ ڪي وساري وينا. شايد همت ڪانہ ٿين جو عمر جهڙي حاڪم جي سامهون ٿين. شاعر مارئيءَ جي مڪان پڌائي ٿو تہ:

نڪو اير، نہ پير، نڪو اوني آئيو،
مون وٽ آيو ڪونہ ڪو، پائرئا پري پير.

مگر مارئيءَ ڪين دل تان ڪڏهن بہ ڪين لاٿو. هوءَ دم دم مارن کي ساريندي رهي.

چرن چٽڪن چت ۾، سدا منجهہ سرير،
لڏي ڪہ لوءِ وئا، مارو منجهہ ملير،
ويني پوڇيان پير، مان ملنم ڪڏهين!

قيد ۾ هوندي بہ مارئي مائٽن سان ملڻ جا وجهہ ڳوليندي رهي ٿي.

نوريءَ جي نينهن ۾ ڦاٿو ڄام تماچي. ليڪن شاهہ ڏيکاري ٿو تہ نوري ئي آهي جا هميشہ هن جي منٿائو آهي. عورت، مرد جي محبت جي محتاج آهي ۽ سدائين پنار جي ڪاڻ ڪڍٿي پويس ٿي. نوريءَ برابر جسماني تلاش ڪانہ ڪئي، مگر تلاش دل ۽ دماغ جي پڻ ٿيندي آهي.

هر ڪنهن ڪهاڻيءَ جي رٿا جو مدار، اها ڪهاڻي نظم ۾ هجي يا نثر ۾، ڪنهن نہ ڪنهن بنيادي ويچار تي رهي ٿو. اها ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ شاهہ هر ڪنهن آکاڻيءَ ۾ ڪو نہ ڪو اهم ويچار رکيو آهي. ڪن جي پچاڙي دردناڪ ڏکياري آهي تہ ڪن جي هرڪہ هلاس واري. مگر مڙني مان هڪ جتادار شخصيت جي بوءِ اچي ٿي. جيئن درزي ڪن وهاٽن جون ڇٽون ڳاڙهيون ناهيندو آهي تہ ڪن جون سايون ۽ نيليون، مگر اندر ڪپهہ ئي وجهندو آهي، يا جئن منائيءَ وارا جدا جدا شڪلين جا تولڙا جوڙيندو آهي، مگر نهيل سيئي ڪند مان ٿين ٿا. تئن شاهہ جي سيني ڪهاڻين جي اصولي مراد هڪ آهي. جهڙيءَ ريت اندلٺ جي ستن رنگن جو ڪارڻ سفيد روشني ٿئي ٿي، تهڙيءَ ريت شاهہ صاحب جون نظمي وارتائون

سندس ئي شخصيت مان اُپرن ٿيون. سيني ۾ پاڻ پيو وسي. ڪهاڻين جي بيهڪ هڪ ٻئي کان علحدي آهي. پر انهن مڙني جي تهه ۾ ويچار جي هيڪڙائي نظر ايندي. آکاڻين جي ڪثرت ۾ خيال جي وحدت قائم رکي اٿس. انساني زندگيءَ جي مراد آهي ڌڻيءَ جي حاصلات. ان ڪري هر ڪنهن انسان لاءِ لازمي آهي ته هو ايشور جي تلاش ڪري. شاهه عبداللطيف جي ڪهاڻين جو حاصل مطلب به اهو ئي آهي. سندس سورميون انُ روحاني تلاش ۾ رڌل آهن. ليڪن طالب کي مطلوب جي پراپتيءَ ۾ ڪئين تڪليفون آڏو اچن ٿيون، جن کي ڪيس صبر سان منهن ڏيڻو آهي. شاعر انهن مشڪلاتن جو پڻ بيان ڪري ٿو. انهيءَ نقط نگاهه کان شاهه جو قصصي شعر ٻن طبقن ۾ ورهائبو. هڪڙيون ڪهاڻيون آهن جن ۾ شاعر ڏيکاري ٿو ته طالب کي ڪهڙين ڳالهين جو احتجاج آهي ۽ ڪيس ڇا ڪرڻ جڳائي. سهڻيءَ ۽ سسئيءَ جي صورت حال مان هو ظاهر ڪري ٿو ته سچو طالب اهو آهي جو دنيوي آفتن ۽ نفساني خواهشن تي بندگيءَ ۽ خود انڪاريءَ ذريعي غالب پئي، شيطاني چار کان بچي، سر ترىءَ تي کڻي، وڃي ٿو معشوق جو وصال ماڻي. نوريءَ جي سيرت نگاريءَ مان شاهه ظاهر ڪري ٿو ته:

"ڍول تنين جي ڍار، هيناهيون هلن جي."

ته ڌڻيءَ وٽ ڪم ايندءِ نياز، نه ناز. سچي طالب ۾ نمرتا جو گڻ هئڻ جڳائي. مولا کي ملڻ جو ماڳ آهي منٿ جو ماڳ. سانياڻيءَ تماچيءَ کي هٿ ڪيو نماڻيءَ نگاهه سان:

"مهاڻيءَ جي من ۾، نه گيرب، نه گاءُ."

ٻئي طبقي ۾ اهي آهن جن دوران شاعر ٻڌائي ٿو ته ڪهڙين ڳالهين کان طالب کي پاسو ڪرڻ گهرجي. ليلا ڪتيل بازي هارائي، ڇاڪاڻ ته منجهس هٺ هو، خود پرستي هئي. خدا تعاليٰ ٻاهرين دٻدٻي ۽ ٺٺ تي نٽو پرچي. هو نه ڏسي نسل کي، نه پيسي کي. راءُ ريجهندو دل جي صداقت تي.

"ڪوءِ سميون! ٻن سومريون! جي اچن اوچي ڳاٽ." ليلا پاڻ چوي ٿي ته:

١- نه ڪين ٻاهڙين ۾، نه ڪين ڳر هئوم،
نه مون سِنڌ، نه سرمون، نه سنگر ڪئوم،
تيلاهه ڪانڌ سندوم، رکوئي رءِ ڳڙي.

٢- سونا ڪُر ڪنن ۾، ڳچيءَ ڳاڙها هارَ،
ٻانهوُنا ٻانهن ۾، سنڌ سٽبا وار،
تيلاهه ٻي پچار، ڪانڌ مهجي ڇڏيي.

پر جنهن چنيسر کيس چت تان لاهي ڇڏيو هو. تنهن کي ليلا وري هٿ ڪيو. ڪيئن؟ پڇتاءَ جي لڙڪن سان اندر ڌوئي. جن هيناهين ڪئي، تن ئي لالن لڌو. سچي پڇتاءَ جا ڳوڙها آدميءَ جي گناهہ جو داغ ميٽي، کيس وري ايشور جي لائق بڻائين ٿا. جنهن ڪري نہ ڪيو، تنهن بہ نہ ڪيو. جڏهن ليلا پنهنجي ڪبي تي حد شرمسار ٿي، چنيسر کي چيو:

ڍولا! ڍيل م مون، ڪانڌ! ڪميڻي آهيان،
سڪ تنهنجي سپرين! پيري وڏس پون.

تڏهن شاهہ ليلا کي چوي ٿو:

ليلا! لڄ م ايترو، اٿي سور، ٻهار،
ڍولو اڱڻ پار ڪانڌ ڪميڻيءَ آئيو.

مومل جي سيرت نگاريءَ مان شاهہ ڏيکاري ٿو تہ سچي سالڪ کي ايشور ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن جي بہ صحبت مان مزو اچڻ نہ گهرجي. مومل جڙتو راڻو ناهي، دل پرچائي، تہ دک پسڻا پيس، ۽ جڏهن ليلا جيان ليلايائين ۽ پنهنجيءَ خطا بخشائڻ لاءِ راڻي کي آزيون نيزاريون ڪيائين، تڏهن ٿو شاعر مومل کي خوشخبري سڻائي:

راڻي ريبارو، نو ڏاهہ مڪو تڪڙو،
لدوئڻا، لطيف چي، مائج موچارو،
صبح سوارو، ڪاڪ گهڙندو ڪر هو.

نوري ۽ مارئي تہ نهيو،پر مومل ۽ ليلا جي محلاتن ۾ رهي هندورن ۾ لڏيون ۽ سرتين ساهيڙين ۾ سياڻيون، سهڻيون سڏبيون هيون، تن کي بہ ڪٽ ڇڏي، پٽ قبولڻو پيو. شاهہ سر مومل راڻي ۾ چوي ٿو:

ڪهڙي پڇين ذات؟ جي آئيا، سي اگهيا.

مالڪ وٽ ملڪيت جو زور بازي نہ ڪندو. نڪي وري حسن ۽ چترائي قبول پوندا. سر معذوريءَ ۾ شاعر ٿو چوي:

ڏکي ڏک وسار، سبج ڦتي ڪر، سسئي!
پٽيين پير نهار، تہ آرياڻي اُتان لهين.

مڙني ڪهاڻين جو حاصل مطلب هڪ آهي. پر اهو ظاهر آهي تہ جي خاصيتون، شاعر موجب، سالڪن ۾ هئڻ گهرجن، سي پنهنجين سورمين ۾ وڌيون اٿس. تلاش جو ڪم ڪانئن ڪرائي ٿو. اهو رتا رچيندڙ جي مرضيءَ تي ڇڏيل ٿئي ٿو تہ جنهن اداڪار کي وٽيس تنهن کي اوچو درجو عطا ڪري. شاهہ جي نظمي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهاڻين ۾ ڳوڙهي معني سمايل آهي. مگر اها ڪنهن ڪان ٿو ظاهر ڪرائي؟ سهڻيءَ ڪان، نہ ميهار ڪان. سسئيءَ ڪان، نہ پنهونءَ ڪان. مارئيءَ، نوريءَ، ليلا، نہ عمر، تماچيءَ ۽ چنيسر ڪان.

شاهہ جي شعر جي اڀياس مان ڄاڻ پوي ٿي تہ هو تقدير جو قائل هو. ۽ بيت جن مان سنديس هيءَ خوبي ظاهر ٿئي ٿي، سي اسين سورمين جي مکا ٻڌون ٿا. جي ڪهاڻيءَ ۾ شاهہ جون عيوضي آهن. سسئي پنهونءَ جي وڇوڙي ۾ ورلاپ ڪندي پڪاري ٿي:

"هيءَ ڪميڻي ڪير؟ جا اَمر ڪي آڏو ڦري."

ٻئي هڪ بيت ۾ سسئي چوي ٿي:

"اِيُ ڪرم جو ڪاڍو، نات پٽر ڪير پنڌ ڪري؟"

مارئي ويچاري ڳوناڻي آهي، تہ بہ پاڻي تي پني ٿي رهي ۽ سمجهي ٿي تہ سندس قسمت ۾ ئي قيد لکيل هو تہ ان ڪان ڪيئن منهن موڙيو:

قسمت قيد ڦوي، نات ڪير اچي هن ڪوٽ ۾؟

آئي لکئي لوح جي، هنڌ ڏيکاريم هي.

سهڻي بہ اها ئي لات تي لنوي:

١. اِي ڪم الاهي ، نات ڪنن ۾ ڪير گهڙي؟

٢. ڪير ڪن؟ آئون ڪير؟ ڪير ڏمر سهي ڏم جا؟

قضا رءَ ڪير ڏري؟ متي پاڻيءَ پير.

جنهن شاهہ جو روايتي شعر مطالع ڪيو آهي تنهن کي خبر هوندي تہ سواءِ انهن ٽن سورمين جي ٻي ڪابہ تقدير لاءِ ڪجهہ نہ ٿي چوي. ان لاءِ سبب آهي. ليلا ۽ مومل جيڪڏهن سنو تہ پنهنجن گناهن جي ڪري سَنو. مگر سهڻي، سسئي ۽ مارئي تہ بي داغ ۽ پاڪ عورتون آهن، جن دکن ۾ پاڻ کي اهو ئي دلاسو ڏنو تہ:

"لکيو لوڙي سيڪ، ڪانہ لکيي ڪون ڏار،

بي حد جي بلو چوي، حيلين ڪرين هزار،

جو لکيو منجهہ نراڙ، سو قلم ڪياڙيءَ نا وهي."

شاهہ پنهنجون گهڻيون سورميون حياتيءَ جي هيٺين درجي مان چونديون آهن. مارئي ٿر جي غريب ڪڙمين جي نياڻي آهي، تہ نوري وري ذات جي مهاڻي آهي، سهڻي آهي ڪنير جي ڄائي، تہ سسئي، هڪ ٻانڀڻ جي ڌيءُ، ڌوبيءَ جي گهر ۾ پلجي وڏي ٿئي ٿي. باقي مومل آهي، راجا نند جي نياڻي، ۽ ليلا، چنيسر جي پٽ راڻي. سورٺ، اصل ۾ ڌيءُ راجا انيراءِ جي، رتني ڪنير جي نياڻي ليکجڻ ۾ اچي

ٿي. ۽ جڏهن راءِ ڏياچ ڪيس راڻي ڪري ٿو. تڏهن ڪيس بہ اها ئي چاڻ آهي تہ سورٺ ڪنيارڻ آهي. سورمين جي اهڙيءَ چوندڙ ڪرڻ سان شاهہ ڪهڙي راز سلڻ جي ڪوشش ڪئي آهي؟ دنيا جي اونهي آزمودي مان ڪيس اها چاڻ پئي تہ غريبي گڻن جي ڪاڻ آهي. جيڪي ڏٺيءَ جا تلاشي آهن تن ۾ گهرجي دل جي صداقت. بلند خيال، نئڙت، قرباني: اهي صفتون شاهوڪارن ڪان وڌيڪ هن ڪي غريبن ۾ نظر آيون. غريبي معنيٰ غربت. جيڪي دنيوي خيال ڪان مسڪين نظر اچن ٿا. سي روحاني دولت ۾ مالا مال آهن: سندن دلي دنيا دائماً آباد رهي ٿي. جڪي دنيا ڪان پري، سي ڏٺيءَ ڪي اوري. شاهہ صاحب ڏنو تہ دولت ۾ ناز آهي. غريبيءَ ۾ نياز آهي. ۽ مالڪ وٽ نياز ڪتندو. نہ ناز. ليلا راڻي هئي. پاڻ چوي ٿي:

وڏيري هياس، چنيسر جي راڄ ۾،
دهلين ، دمامين، نقرين. ٿي پلپل پچياس.

ليڪن ليلا ناز ڪري لائن لڌل چنيسر. هٿان وڃايو. پرنوريءَ پنهنجيءَ نياز پريءَ هلت سان چام تماچيءَ کي اهڙو موهي پنهنجي قبضي ڪيو. جو خوبصورت نازنين سمين ڪي چڏي، هن هڪ مهاڻيءَ کي پاڻ سان پلنگ پيرو ڪيو:

سميون ڪري سينگر، راءَ ريجهائڻ آئيون،
چام هٿ ۾ چار، چلي چڀيرن وچ ۾.

مسڪين نيازمندن کي ئي مالڪ نوازيندو آهي. مسڪين مهاڻي جي مڪان مان تماچيءَ لڌو ماڻڪ موتي، يا ٻين لفظن ۾. گندرن جي گند مان نوري گوهر:

هيري هٿ وڏائين، وهي ساٿين وچ ۾.

شاهوڪارن جون اکيون آسمان ۾ آهن. هو دولت جي نشي ۾ چور آهن، جنهن ڪري هو ٿاٻڙجن ٿا. شاهہ صاحب جون ٻہ سورميون.ليلا ۽ مومل. وڏ گهراڻيون آهن. ۽ اهي ئي ٿاٻڙجن ٿيون. ليلا لاءِ شاعر چوي ٿو:

ٽڙڪي پسي عوڪ، ترڪي تڪبر ۾ پئي.

ليڪن ٻين سيني جون سيرتون بي داغ آهن ۽ اهي آهن ٻڻ غريبن جون ڄايون. ليلا ۽ مومل جهڙا ڪم نہ ڪيا سهڻيءَ، نہ سسئيءَ، نہ نوريءَ، نہ مارئيءَ. ڪڪاين جهوپڙين ۾ رهندڙن کي ڪهڙي خبر تہ چترائي چا ٿيندي آهي؟ شاهہ عبداللطيف چوي ٿو تہ جيڪي جهنگلن ۾ جهوپڙين ۾ ٿا گهارين، تن ڏانهن نفرت جي نظر سان نہ ڏسو. جن جو بدن پراڻن ۽ کهرن ڪٽن ۾ ڍڪجيل ٿا ڏسو، تن جي دل ويتر قيمتي اٿوَ. جڏهن بد زبين سخت جبلن کي کوٽجي ٿو. تڏهن اندران سون جون کاڻيون لين ٿيون. جيڪي سڪن جي سيجن تي ليٽن ٿا ۽ ملڪيت جي نشي ۾

الوٽ آهن. تن کي ئي شيطان پنهنجي ڄار ۾ سولائيءَ سان ڦاسائي ٿو. ليلا لاءِ هيرا جواهر ڪا نئين چيز ڪونہ هئا. تہ بہ هڪ مٺئي تي موهجي هن ڪانڌ قربان ڪيو. پاڻ ٿي ٻاسي:

مٺيي مٺي جي هئا. تن چٺن ڦيريم چٽ.

مگر مارئي هڪ غريب ڳوٺاڻي هئي، هن نہ ڪڏهن سينگاريل پلنگ تي پير رکيو هو. نہ مخمل جي وهاڻن تي سمهي هئي، تہ بہ عمر جي لالچن تي پنيلجي نہ ويئي. مرڳو ئي ڪيس چوي ٿي:

پٽ نہ پهريان، سومرا! جانڪيتان جيان.

○○○

تيل نہ لائيان تنهنجو، مون ماروءَ جو من.

○○○

اِي نہ مارن ريت، جئن سيڻ مٽائن سون تي.

مارئي مسڪين مائٽن جي ڌيءُ هئي، تہ بہ اخلاق جو دامن هٿان نہ ڇڏيائين. مارئي اجا مڱيل هئي. نڪاح ڪونہ ٿيو هوس. مگر ليلا تہ لائون بہ لڌيون هيون. اهو تفاوت شاعر ڏيکاري ٿو غريب ڳوٺاڻيءَ ۽ راجا جي پٽ رانيءَ ۾.

شاهہ جي سورمين جي قسمت ۾ گهٽي پاڳي سک لکيل ڪونهي. هو ڄڻ تہ ڄايون ئي آهن ڏکن ڏسڻ لاءِ. جمڻ سان ئي اهڙي ڪنهن گهاتو گرهہ جي اثر هيٺ آيون ٿيون ڏسجن جو سندن نصيب ۾ آهي صرف پڇڻ ۽ پڄرڻ.

رئان تہ راند، کلان تہ ڪامي هنيون.

سسئي کهڙي نہ درديلي نوع ۾ جبل کي چوي ٿي:

ڏونگر! مون نہ ڏکوءِ، آن اڳ ڏکوئي آهيان،

ساريان ڪونہ سکوءِ، سور گهٽيئي سنيران.

ٻئي هنڌ ساڳي سورمي ظاهر ڪري ٿي تہ:

مٺ مٺ سورن سپ ڪنهن، مون وٺ وٽاٽان.

مگر سورمين جي حياتين مان شاعر ثابت ڪري ٿو تہ دکن جو دڳہ ئي آهي جو انسان کي سکن جي ديس جو سير ٿو ڪرائي:

ڪوهيارو ڪامل، مون کي ڏک ڏيکاريو.

شاهہ جي سورمين جي دکي جيوت ثابت ڪري ٿي تہ بهشت ۽ ڏٺي ان دوربينيءَ سان ڏسڻ ۾ اچن ٿا جا انساني ڳوڙهن جي نهيل آهي. انسان جي اکين جو

آب ئي آهي جو آدميءَ کي روحاني اندلٺ ڏيکاري ٿو. جنهن زمين کي انساني ڳوڙهن جو پاڻي مليل آهي ان ۾ سچ جا سلا سٺا ۽ ڀلا اسري سگهن ٿا. ڏک ئي آدميءَ جي سيرت سئچ صاف نموني ۾ گهڙين ٿا. جهڙيءَ ريت هر زمين کي ڪيڙي، سندس سيني کي چونيءَ سان چيري، ان کي پوک لئہ سبز بڻائي ٿو. تهڙيءَ ريت ڏکہ آدميءَ جي دل جي وٹراني ۾ سوراخ ڪري، آنسن روپي آب پهچائي، ان کي پرماتما جي ٻاجهہ ٻڪيءَ لائق ڪن ٿا. جئن سون کي پرکڻ لاءِ سونارو ان کي باهہ ۾ وجهندو آهي، تئن شاهہ صاحب پنهنجي هر هڪ سورميءَ کي . آزمايش لاءِ عذابن جي آگ مان لنگهائي ٿو ۽ کين موت مان ئي ميلاپ جي واٽ ڏسي ٿو:

تون جي ڪالهہ مئي، تہ ڪالهہ ئي گڏي پرينءَ کي،
ڪڏهن ڪانہ سئي، تہ ڪا سگهي گڏي سچڻين.

سک انت ڪهاڻين جي سورمين، ليلا، مومل ۽ مارئيءَ جون حياتيون بہ دکن ۾ گذرن ٿيون. مارئي جا "سر مارئي" ۾ آيل آهي سا عمر جي بنديخاني ۾ قيدڻ آهي. مومل ۽ ليلا ڪيترائي ڏينهن پنهنجن ڪانڌن جي ڀر ۾ پيار وندبيو ۽ وچوڙي پسڻ کان اڳ هنن وصال جي موج پڻ ماڻي. پر شاعر ان جسماني خوشيءَ جي موقعن جو ذڪر صفا نہ ٿو ڪري. نوري ئي آهي جنهن ڏک نہ ڏٺا.

شاهہ جون سڀ سورميون هڪ طبقي اندر نہ اچي سگهنديون. هرهڪ جي پدوي علحدي علحدي آهي. پر جيڪڏهن ڪوشش ڪبي تہ سهڻي ۽ سسئي هڪ درجي ۾ اينديون ۽ مومل ۽ ليلا ٻيءَ ۾. نوري تہ ليلا ۽ مومل جي مقابلي ۾ آيل اهي. مارئي پنهنجو مٽ پاڻ آهي، ۽ سورٺ جي حالت مڙني کان نرالي نظر ايندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۱

# سهڻي ۽ سسئي

سهڻيءَ ۽ سسئيءَ جي وچ ۾ ظاهري مشابهت آهي. ٻئي ڄڻيون، سالڪ ٻڌجي، محبوبن جي جستجو ۾ پنهنجيون حياتيون قربان ڪن ٿيون. ٻئي دک انت ڪهاڻين جون سورميون آهن. سهڻيءَ ۽ سسئيءَ جي نظمي ڪهاڻين ۾ ساڳي معني رکيل آهي. سهڻيءَ زندگي ڪاٽي ميهار جي تلاش ۾، سندس وصال جي اميد ۾. تہ سسئيءَ جي حياتي پنهونءَ کي ڏونديندي ختم ٿي. شاعر هڪ ئي اهم ويچار ٻنهي آکاڻين جي ذريعي ظاهر ڪرڻ ٿي چاهيو. سهڻيءَ ۽ سسئيءَ جي سيرتن دوران شاهہ صاحب سچي سالڪ جون لياقتون ٻڌائڻ ٿي گهريون. هن جو مطلب هو تہ ڏيکاري تہ سچي سالڪ کي ڪهڙيون مشڪلاتون آڏو اچن ٿيون ۽ هو ڪيئن انهن تي فتح پائي ٿو. سهڻي درياهہ تري.،قهري ڪن ۽ تيز وهڪري جي خوف خطري مان لنگهي، وڃي ميهار کي ملدي هئي ۽ سسئي وري رڻ پٽ جا ٽڪائيندڙ پنڌ ۽ جبلن ٽڪرن جا لاها چاڙها لنگهي. ڇا لاءِ؟ وڃايل پنهل سان ملڻ لاءِ. ٻنهي سورن جي ستايلين موت جي گود ۾ پنهنجن پرينمن جو مشاهدو ماڻيو.

ٻئي ڄڻيون ماٺهن خواهہ مرن، ساهہ وارين توڻي ٻيجان ٿين ڪان پنهنجن پرين جي پيچا ڪن ٿيون. سهڻي درياهہ ۾ لڙهندڙ ٻنڊ سان دل جو حال اوري ٿي:

ادا! ڙي! ٻانڊي! توکي ڪڙهان ڪ پاڻ کي؟
سوڌي خبر سڄڻين، تو ڪا تڙ آندي؟
تو پاتارئا پانڌي، اسان پنڌ پرين ڏي.

سسئي وري جبلن سان ٿي ڳالهائي ۽ سچ کي نياپا ڏئي ٿي:

آئون نہ گڏي پرينءَ کي، تون ٿو لهين سچ!
آئون جي ڏينءِ سنيها، نيئي پريان کي ڏچ،
وڃي ڪيچ چئيج تہ" ويچاري وات مئي."

سهڻيءَ ۾ اها ئي خوبي آهي جا اڪثر عورت ۾ نظر اچي ٿي. هوءَ سونهن جي شائق آهي- جنهن جو نالو سهڻي، سا پنهنجيءَ سونهن جو اونو ڪيئن نہ

تہ ميهار جي مڪان بيان ڪري سگهي ها. سسئي پاڻ ٿي ٻڌائي تہ جڏهن پنهون ڪيچين سان عطر عنبير ڪٺي اچي پنهور ۾ لٿو ءَ پاڻ، خريدار ٿيا بڇجي. وٺس ويئي. تڏهن ڪيئن دل وڃائي واپس وري:

١. ڪيچان آيو قافلو، چامن سندو چام،
پسديئي پنهونءَ کي، اکن ڪئو آرام،
ناتر چايان نام، جي مون نهو پاڻ سين.

٢. ڪيچان آيو قافلو، پليرو پايان،
پٽي جي پيرن جي، لڳن کي لايان،
چنبيلي چايان، جي مون نهو پاڻ سين.

ٻئي هنڌ وري چوي ٿي:

حُسن هوت پنهونءَ جي، ماري موت وڌياس. سسئي پنهنجي ويڌن پاڻ ورنن ڪري ٿي، پر پنهونءَ کي جو سسئيءَ جي سک بي چين بڻايو. تنهن لاءِ شاعر جو ماٺ ۾ رهيو؟ شاهہ سورمين جي امنگن جو ذري پرزي بيان ڪري ٿو.

مگر انهيءَ پاهرينءَ هڪجهڙائيءَ پنيان ڪافي تفاوت نظر ايندو. سهڻيءَ جي محبت جون حالتون سسئيءَ جي حالتن کان ٻيءَ طرح جون هيون. سهڻيءَ جي سيرت ڏيکاري ٿي تہ هوءَ چوٽيءَ تي آهي: ان چوٽيءَ تي، جتي شاهہ جي ٻي ڪابہ سورمي پهچڻ جي سڌ نہ ٿي ڪري سگهي. شاهہ جي مڙني سورمين ۾ سهڻيءَ جو درجو مٿي آهي.

سهڻيءَ جي سيرت جو مکيہ چهن آهي هن جي دليري. عشق جي آگ جڏهن سندس اندر ۾ ٻرڻ شروع ڪيو، تڏهن منجهائنس زناني ضعيفائي ڪڍي. ڪيس اڻ جيت شڪتي بخشيائين. سهڻيءَ جي ٻي ڊپائي بي نظير آهي. سهڻيءَ جي حالت ٻين سورمين کان علحدي آهي، جن کي، سواءِ مومل جي، مائٽن سندن ئي رضامنديءَ سان مڱايو پرڻايو. پنگتي خواهہ لوڪڪ خيال کان سهڻيءَ جو ميهار سان ڪو تعلق نہ هو. مگر سسئيءَ جي پنهل سان شادي ٿيل هئي. سهڻيءَ جي مائٽن جڏهن ڏٺو تہ سهڻي ميهار جي محبت ۾ مبتلا آهي، تڏهن سندس مرضيءَ خلاف ڪيس ڏم سان پرڻايائون. سهڻيءَ کي نہ رڳو هر ڪنهن رات درياهہ تري، ميهار وٽ وڃڻو پوندو هو، پر گهر ۾ ڏم جا ڌوراپا ٻڌ سهڻا پوندا هئا. سسئيءَ جيڪڏهن، پنهل لاءِ جبلن ۾ رلندي، پنهنجا پير ڦٽيا، تہ ڪهڙي وڏي ڳالهہ ڇئبي؟ پنهون سندس ڪانڌ هو، جنهن کي ڳولڻ هن جو فرض هو. مارئي ڪيت سين سان مڱيل هئي ۽ جيڪڏهن مڙس جي ياد ۾ رهي، هن جي عمر جي آچن کي ٺوڪاريو، تہ اخلاقي اصولن جي پيروي ڪيائين. مگر سهڻيءَ جون حالتون وڏيڪ ڪٺن هيون. سسئيءَ

جي مائٽن کي معلوم ھو تہ سندن ڌيءَ پنھونءَ جي تلاش ۾ وڃي ٿي. ھو سندس پنيان ڪين ويا. ھن کي ڪو بہ طعنو ھڻي نہ ٿي سگھيو. سھڻيءَ جي چوڌاري مخالفت ھئي، ڌڪار ھئي، رنڊڪون ھيون. شاعر چوي ٿو تہ:

پل پل ٿي پلي، ڏم ڏھاڙي ڪيترو.

۽ پاڻ بہ ٻڌائي ٿي تہ:

ڏم ڏيھاڻي ڏي، سندا ميھر مھٽا،
جھليم ٿي جھولي ۾، پلءِ پائيو سي،
مرجان چاليھہ چي، سڳا سپرين جي.

ڏم تہ ٺھيو مگر سندس سرتيون ۽ عزيز پڻ ڪيس ميھار وٽ وڃڻ کان منع ڪن ٿا. سھڻي ٿي چوي:

ترڙن جا طعنا، سھنگا ڏينم سرتيون.

ھڪ ھنڌ شاعر،سھڻيءَ کي سرتين سان گفتگو ڪندي، ڏيکاري ٿو تہ ھن کي نہ ڏم جي غصي جي پرواہ ھئي نہ درياھہ جي ڇولين، ڪنن، واڳن جو ڊپ. ھن کي ھر وقت اھو ئي ھڪ اونو ھو تہ:

شال م ڇڄي نينھن، گھڙان گھورٽو جندڙو!

جڏھن سرتيون ٿيون چونس:

متان گھڙين. سوھڻي! اڄ درياھہ ۾ دم،
ڪاريءَ رات ڪنن ۾، ڪھڙو اٿئي ڪم؟
متان جاڳي ڏم، ڇڃي پاڙي واريون.

تڏھن سھڻي وراڻي ٿي ڏئين:

ڇڃي پاڙي واريون، ڪوھہ ڪريندو ڏم،
ڪاريءَ رات ڪنن ۾ . آھہ ڪاٽيارن ڪم،
ھيءَ ھڏو ۽ چم، گھورئو محب مھار تان.

اھڙيون مشڪلاتون سسئيءَ کي آڏو ڪين آيون. سسئيءَ جو سور سنا؟ مائٽ سندس برخلاف ڪين ويا. پنھونءَ جي پھر مان ساڻس ڌاڌائي ٿي. ڏيرن ، نڳي ڪري، پنھون ڪانئس جدا ڪيو. پر سھڻيءَ کي ڪھڙي پيئي ھئي جو مائٽن جو ناراضپو ڪٽي. ڏم جا ڌورايا ۽ تنبيھون سھي. ميھار جي پنبان وٺي. ميھار سان ڪھڙو سڳ ھوس؟ شاھہ ٻڌائي ٿو تہ سھڻيءَ جو ميھار سان جيڪو سڳ ھو ان جي خبر عام مائٽن کي ڪانہ ھئي. اھو سڳ "الست"کان بہ اڳ قائم ھو:

سـهـڻيءَ ڪي سنگار، اڻ لڪئا اڳي هئا.
نڪا ڪن فيڪون هئي، نڪا ٻي ٻچار،
مرڪي ساڻ مهار، لايائين لنءُ لطيف چي.

سهڻي ٻڌائي ٿي تہ مون ميهار سان ازل کان لائون لڌيون آهن:

"الست" ارواحن کي، جـڏهن چـيـائون،
مـيـثـاقـا مـهـار سين، لڌيون مـون لائون ،
سو موتي ڪنءَ پاهون؟ جو محفوظا معاف ٿيو.

دنيا اهو سگ نہ قبوليو، جنهن ڪري سهڻيءَ دنيا جي غرض نہ ڪئي، هوءَ پاڻ سان سچي رهي. پنهنجي سختين جو ڪارڻ هوءَ پاڻ هئي. پنهونءَ جي پنيان ويندي، سسئيءَ سماجڪ يا مذهبي اصولن جي پيڪڙي ڪانہ ڪئي. سهڻيءَ جي حالت وڌيڪ دل ٽوڙ هئي. دلي صداقت ۽ سختين ۾ صبر. سهڻيءَ ۾ ارادي جي پختگي آندي. سهڻيءَ جي اوچتي موت جو سبب ڏم جو حسد ۽ ڪاوڙ هئي. ڏم جي پيڻ پڪي گهڙي جي جاءِ تي ڪچو رکيو ۽ سهڻي عشق جي انڌ ۾ ڪچي ۽ پڪي ۾ تفاوت نہ ڏسي، ڪچو دلو ڪٺي درياهہ ۾ ٽپي پئي. پاڻ چوي ٿي تہ:

"پايم نہ پيلو، منکي ڏاءَ ڏتارئو."

مگر سسئيءَ جي مائٽن جي ڏيءُ سان هر نموني جي همدردي هئي، ڇاڪاڻ جو سندن قبوليت سان ئي سسئيءَ جو پنهونءَ سان نڪاح ٿيو هو. ۽ جڏهن پنهونءَ کي پائر پڄائي ويا، تڏهن پنيور جا ماڻهو ٻڻ سسئيءَ جي دل وڻڻ لڳا. ان ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪندي شاهہ صاحب چوي ٿو:

چـڪس سب چئي، مـاڻهو شـهـر پنيور جـا،
سا موتي ڪينءَ مئي، جہ جو جانب جت وني ويا.

سهڻي ميهار کي ملڻ ٿي وڃي تہ سرتيون جهلينس ٿيون ، ليڪن سسئيءَ کي تہ هرڪو صلاح ڏئي ٿو تہ پنهونءَ سان تو لائون لڌيون، ان کي لهڻ کان اڳ نہ موٽجانءِ. خود سندس هڪ جيڏيون بہ کيس آٿت ٿيون ڏين. سسئي سندن لاءِ چوي ٿي:

مون جنءَ رنائون، مٿي ڪئو هنڙا.

هڪ مکيہ ڳالهہ جنهن اسان جو ڌيان لهڻو سا هيءَ آهي تہ سسئي، ڀڳاٽيءَ جا رتا ۾. ڪيترا دفعا ماءُ سان گفتگو ڪري ٿي ۽ سهڻي صرف سرتين سان. سهڻيءَ کي جيڪڏهن ماءُ هئي بہ ڪٿي، تہ بہ انهيءَ ڌيءُ جي دلي جذبن جو خيال نہ ڪري، کيس زوريءَ ڏم سان پرڻايو. مگر سسئي ماءُ سان دل جو درد اوري ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهور چڏڻ وقت سسئي ماءُ کي چوي ٿي:

١. پرينءَ پرين جي، ماءِ! منجهايم مت،
٢. آتڻ اورانگهي وئا، آئون ٿي مران ماءِ!
٣. جتن جي ضرور، مادر! ماري آهيان.

"سر سسئي آبري" ۾ چاٽايل آهي تہ:

اڄ مليندي‌س، ماءِ! ڏاڍا ڪنديس ڪپڙا،
جيجا! جوڳياڻي ٿيان، مون کي جهل م پاءِ.

هيءُ بيت ڏيکاري ٿو تہ سسئيءَ جي ماءُ ڏيءُ کي منع ٿي ڪئي تہ تون پنهور چڏي اڪيلي پنهونءَ جي ڳولا ۾ نہ وڃ. مگر انهيءَ جهلڻ ۽ ڏم جي سهڻيءَ کي منع ڪرڻ ۾ تفاوت آهي. سسئيءَ جي ماءُ، ڌيءُ کي روڪي ٿي، چاڪاڻ تہ مس قياس ٿو پويس تہ ويچاري ڪيئن جهنگل جاڳيندي ۽ ٽڪر ٽاڪيندي. سهڻيءَ کي دلداري ڏيڻ وارو شاهہ ڪانسواءِ ٻيو ڪير ڪونهي. سسئيءَ ج هينئن سٽن مان، جي"سر ڪوهياري" ۾ اچن ٿيون، صفا ظاهر آهي تہ پنهونءَ جي وڇوڙي ۾ جڏهن سسئيءَ ڏک وچان هنجون پي هاريون، تڏهن ماٽس بہ ڌيءُ کي جُهرندو ڏسي، دل جهلي نہ سگهي ۽ اچي روئڻ ۾ چنڪي:

رويو وينی راڳ، امر، اورئا نجهري،
لاٿو مون ڏيه وٽن سان، لاڳاپو ۽ لاڳ،
ڏنگر سي ڏوريندیون، جن اندر ٻري آڳ

سسئي مان کي چوي ٿي، "اي، منهنجي ماءُ! تون ٻلي گهر ۾ روئي ارمان جو اظهار ڪر، پر مان گهر ۽ وطن سان سڀ ناتا ٽوڙي جبل جهاڳينديس." سسئيءَ جي ماءُ ڌيءُ جو وڇوڙو سهي نہ ٿي سگهي. مگر سهڻيءَ طرف نظر ڪبي تہ معلوم ٿيندو تہ هن قرب جي ڪنل کي تہ ڪو بہ دلاسي ڏيڻ وارو ڪو نہ هو. "امڙ"، "ماءُ"، "جيجل"، "مادر"، "آيل"، اکر جي سسئيءَ جي بيتن ۾ ڏسڻ ۾ ايندا، سي ظاهر ڪن ٿا تہ سسئيءَ کي همدرد ماءُ هئي. "سر حسيني" ۾ هڪ هنڌ سسئي ماءُ کي چوي ٿي:

ماءِ! وهاڻون وار، ڪڻ پٺراتي پاهجي،
جيڪين ڏنءِ ڏيج ۾، سو سيوئي سار،
وجان ٿي وٽڪار، ڏنم ٻير پنهونءَ جو.

مٿين سٽن مان ثابت آهي تہ سسئيءَ کي سندس مائٽن خوشيءَ سان پنهونءَ سان شادي ڪرائي ۽ ڪيس ڏاجو پڻ ڏنو. سسئيءَ جو پنهونءَ لاءِ پريم هو. سهاڳڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عورت جو پنهنجي ڪانڌ لاءِ قرب. پر سهڻيءَ جي ميهار لاءِ سڪ هئي طالب جي مطلوب لاءِ محبت. جيڪي سسئيءَ ڪيو. سو سوين ڪنديون: پتيءَ لاءِ پاڻ پتوڙڻ هر ڪنهن سگهڙ ناريءَ جو فرض آهي. ليڪن جيڪي سهڻيءَ ميهار لاءِ ڪيو. سو هزارن مان هڪ ڪي بہ ڪرڻ جي جريت نہ ٿيندي.

سسئيءَ ۽ پنهونءَ شاديءَ بعد ڪجهہ عرصو هڪ ٻئي جي آغوش ۾ گذاريو. بنا ڪنهن بہ چنتا ۽ مانداڻيءَ جي سسئيءَ پنهونءَ جي پريم جي چشمي مان چڪي ٻي پياس مٽائي. ٻنهي جي دلي مراد پوري ٿي. سسئيءَ کي اهو خيال ڪڏهن خواب ۾ بہ نہ آيو هو تہ ڪو پنهون ڪانئس جدا ٿيندو. انهيءَ جي ثابتي خود سسئيءَ جي زبانون ملي ٿي:

مون ڀانيو مون وٽ، هميشه هوندا پرين.

"سر حسينيءَ" ۾ سسئي ماضي ۽ حال جو ذڪر ڪندي چوي ٿي:

اڳي اينءَ هياس، جو پنهوءَ ڏوتم ڪيڙا.
هاڻي اينءَ ٿياس، جو جت نہ نينم پاڻ سين.

انهيءَ بيت مان پڌرو آهي تہ سسئيءَ ڪجهہ مدت لاءِ پنهونءَ جو وصال ماڻيو ۽ ٻنهي گجي ڪيڙا سٺيا. ليڪن سهڻيءَ کي اهو سڪ نصيب ۾ ڪين هو. سسئيءَ پنهونءَ جو وصال اينرو وقت تہ ماڻيو جو ان وچ ۾ آريءَ جام پٽ کي هڪ قاصد موڪليو تہ ڪيس ڪيچ واپس وني اچي. پنهونءَ وٽان انڪاري جواب ملڻ بعد. قاصد ڪيچ موٽي، آريءَ جام سان سندس پٽ، پنهونءَ جو سربستو ذڪر ڪيو. جنهن تي آريءَ جام پنهنجن پٽن کي پنيور چاڙهي موڪليو تہ ڪنهن بہ طريقي پنهونءَ کي مون وٽ وني اچو. انهن ڏينهن ۾ اُٺن جي مسافري ڪيچ مڪران ۽ ڀنيور جي وچ ۾ چگو ئي وقت وٺندي هئي. ان جو مطلب تہ سسئيءَ پنهونءَ جي صحبت ۾ گهڻائي ڏينهن گهاريا. ۽ جڏهن پنهونءَ جا ڀائر ڀنيور ۾ پاءُ وٽ اچن ٿا، تڏهن سسئيءَ کي بي حد خووشي ٿئي ٿي. "سر حسيني" ۾ هوءَ ظاهر ڪري ٿي:

آيا، آس ٿيام، ڀاروچا ڀنيور ۾،
پسي پهر پنهوءَ جي، نہ سنءَ نينڻ نرپام،
گندر وسريام، سڪن شاخون مڪيون.

سسئيءَ کي هنن جي اچڻ جي خوشي تہ برابر ٿي، مگر هوءَ پنهل جي پريم ۾ اهڙي تہ مست هئي، جو ڏيرن جي ڪابہ خاطرداري ڪانہ ڪيائين. ۽ ڪهڙي نہ دلسوز نوع ۾ باسي ٿي:

اڳيان اٿي اُن جي، خوب نہ ڀڪم ڪاڄ،
ميڙي آپ سرتيون، نڪي ڳايم ڳاڄ،
سا مون هٿان نہ ٿـبي، جيڪا رسم راڄ،
آيل! آءُ، اڪاڄ، ٻول ٻروچي وترو.

سسئيءَ جي سيرت ۾ مکيہ خاصيت آهي پنهل لاءِ ورلاپ. اتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي تہ جئن سسئيءَ پنهون وڃايو. تئن سهڻيءَ پڻ ڪجهہ وقت ميهار جو منهن نہ ڏٺو. آڪاڻيءَ ۾ ڏنل آهي تہ جڏهن تلي ڪنير کي ڄاڻ پيئي تہ ميهار سندس نياڻيءَ سهڻيءَ سان عشق ڪري ٿو. تڏهن هن کي نوڪريءَ کان جواب ڏنائين ۽ سهڻيءَ جي ڏم سان شادي ڪرائي ويئي. ميهار جو ڪيترو وقت تہ پتو ڪونہ هو. ان جدائي واري عرصي جو جيتوڻيڪ شاعر بيان ڪري ٿو. تہ بہ ائين ڪونہ ٿو چوي تہ سهڻيءَ، سسئيءَ جيان، دانهون ۽ ڪوڪون ڪيون يا ميهار جي محبت ۾ شڪ آندو. هن جي حالت هئي:

ڏم سين جسو ظاهر ، من مهار سين ميڙ.

ميهار جي غير حاضريءَ ۾ سهڻي، ميهر جي ياد ۾ رهي. هوءَ چوي ٿي:

ڏني ڏيہ ٿئام، ڪہ ڄاڻا ڪهڙا ڀرين؟
سهسين سڄ الهي واجهائيندي وئام،
تنين سال ٿئام، جنين ساعت نہ سهان.

سهڻي مٿئين بيت ۾ ٻڌائي ٿي تہ ڪنواري ميهار بنا پل بہ نہ سرندي هيس ۽ هينئر سال گذري ويا اٿس تہ سندس صورت نہ ڏٺي اٿائين. ڪيتري وقت کان پوءِ ميهار سنياسي بڻجي سهڻيءَ جي وطن آيو ۽ درياهہ جي ٻيءَ پر(هڪ ڪپ تي سهڻي رهندي هئي)پونگي اڏي اچي رهيو. جڏهن سهڻيءَ کي خبر پيئي تہ هو ميهار آهي، تڏهن ٿي ظاهر ڪري

هن پر سيم هاڪ، سٽي سنيارن جي،
محبتي مهار جي، چڙن چورئا چاڪ
انين جي اوطاق، وڃڻ واجب مون پئو.

سهڻيءَ کي ميهار وٽان ڪوبہ سنيهو ڪو نہ آيل هو، تہ بہ هوءَ سسئيءَ جيان، ائين نہ ٿي چوي تہ:

اديون! آئون اڃاڻ، مون سگ سڄاڻي نہ ڪئو.

سسئيءَ جي اندر ۾ پنهل لاءِ گمان پيدا ٿئي ٿو. انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ سسئيءَ پنهونءَ خاطر سر قربان ڪيو. ليڪن اعلي درجي واري عاشق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي اندر ۾ معشوق لاءِ ڪِڏهن بہ شڪ اچڻ نہ گهرجي. سهڻيءَ ڪڏهن بہ ميهار لاءِ ائين نہ چيو. سسئي ڪليو ڪلايو تي ظاهر ڪري تہ

چاٽي سچاٽي، منکي چڏي هلئا.

"سر سسئي آبري" ۾ پڻ هوءَ چوي ٿي:

پرڏيهي پرين ڪئا، مرڻ لاءِ مونهين.

"سر ديسي" ۾ پڻ سرتين کي سسئي اها دانهن ٿي ڏئي:

متان ڪا، ٻڙي! ٻول ٻاروچي وسهي.

سسئي ۾ اهو هڪ عيب آهي جنهن ڪان سهڻي ڇٽل آهي. سسئيءَ کي خبر هئي تہ حڪومت جي پرواهہ نہ ڪري، پنهونءَ ڪنهن تيڻ قبوليو. ڪنهن لاءِ؟ سندس خاطر. ان پنهونءَ جي سچائيءَ ۾ گمان آڻڻ سسئيءَ جي شان وٽان ڪين هو. ائين ڪرڻ سان هن پنهنجيءَ ضعيفائيءَ جو اظهار ڪيو آهي. دل ۾ شڪ آڻڻ هڪ ڳالهہ آهي، مگر ڏارين سان ان جو اظهار ڪرڻ ٻي، سسئي سرتين کي ٿي چوي:

پينر آئون پوري، مون سگ سچاٽي نہ ڪئو.

پرينءَ جي گلا ٻين سان ڪرڻ سچي عاشق جو ڪم نہ آهي. شاهہ صاحب "سر ڪلياڻ" ۾ چوي ٿو:

سپريان جي سور جو، ماڻهن ڏجي نہ منجهہ.

سهڻي وري ڏسو تہ ميهار لاءِ ڇا ٿي چوي:

نہ مون ناٽئا ڪتئو، نڪين ڏاڏائٽا،

پرينءَ جي ٻاران، مون سين وڏائي وڙ ٿئا.

سهڻيءَ دکن ۾ سک ڏٺا. هن کي معلوم هو تہ جيسين ڏڌ ۾ مانڌاڻي وجهي ان کي زور سان ولوڙبو نہ، تيسين منجهانئس مکڻ جي اميد رکڻ اجائي آهي. هيٺري سهڻ بعد بہ هوءَ چوي ٿي:

منهنجون سيئي آيل! ماءِ! من مرادون پُنيون.

اهو آهي سهڻيءَ ۽ سسئيءَ جي دلين ۾ تفاوت، نہ صرف ايترو، مگر سسئي پنهنجن ڏکن لاءِ پنهونءَ کي ذميوار بڻائي ٿي. "سر سسئي آبري" ۾ چيو اٿس:

سندو سورن خط، ڏنم هوت هٿن سين.

هوت ڪيئن سور ڏيندو؟ پنهون ڪيئن چاهيندو تہ سسئي ڏک ڏسي؟ شاهہ صاحب "سر يمن ڪلياڻ" ۾ تو چوي:

جيڪي ڏنائون، سو سر ڏئي سهہ جندڙا!

م چو ڇنائون، ايءُ پڻ ڳنديو سڄڻين؟

مٿي تي هٿ هٿي سيابو ڪرڻ دل جي هلڪائيءَ جو اظهار ڪرڻو آهي. انهن سٽن مان شاعر پڙرو ٿو ڪري ته سهڻيءَ جو درجو سسئيءَ کان گهڻو مٿي آهي.

سهڻيءَ کي به ته سسئيءَ جهڙيون مشڪلاتون پيش آيون هيون. سسئي هڪ پيرو پنهونءَ کي ڳولڻ نڪتي، پر سهڻي ته هر ڪنهن رات، ساوڻ هجي يا سيارو، اونداهي رات هجي يا سهائي، مينهن ۽ واچ جو خيال نه ڪري، هڪ دلي جي آڌسر تي ميهار کي ملڻ ويندي هئي. انهيءَ طرح هن کي ته روز موت کي منهن ڏيڻو پوندو هو. جيڪي سسئيءَ هڪ پيرو ڪيو، سو سهڻيءَ کي سوين ڀيرا ڪرڻو پيو. ڪُنن هن کي تنگ ڪيو. درياهه جي دهشت هن جي مانديءَ دل ۾ ڏڏڪو پيدا ڪيو. سهڻي نيٺ به ته آڻ تارو هئي. ته به هوءَ ڪڏهن درياهه يا ڪُنن کي ڏوراپا نه ٿي ڏئي. انهن جو ڪهڙو قصور؟ انهن ته سهڻيءَ کي ڪو نه چيو ته ميهار سان عشق ڪر. سور ته نينهن جي سوغات آهن. "عشق نه آهي راند، ته ڪي ڪنس ڳيرو." ميهار، سهڻيءَ جا پڙڻ وقت سڏ پڌي، درياهه کي برابر چوي ٿو:

تو ڪنءَ ٻوڙي سوهڻي؟ ٻيلي! منهنجي ٻانهن،
درياهه! توتي دانهن، ڏيندس ڏينهن قيام جي.

مگر سهڻي قسمت ۾ وشواس رکندڙ آهي:

نه ڪاني نه ڪانهن، نڪو ڏوهه قلم جو،
انگ اُتيئي لکئو، جت نه رسي ٻانهن،
ڪنهن کي ڏيان دانهن؟ قضا قلم وهائيو.

ٻيا ته نهيو پر ڏم لاءِ پڻ، جو روز ڪيس جهليندو هو، سهڻي ڪجهه به گهٽ وڌ نه ٿي چوي. ۽ جنهن وقت گهڙو پچيس ٿو، تنهن وقت گهڙي کي ڀٽي نه ٿي ته تون مون کي ٻوڙين ٿو، مگر ازخود زبان مان نڪريس ٿو ته:

گهڙو پڳو ته گهورئو، ڀاڳا هو حجاب،
واجٽ وڄي وجود ۾، رهيو روح رباب،
ساهڙ ريءَ صواب، آئون گهڻو ئي گهورئان.

سهڻي ته هيڪاري گد گد ٿي ٿئي، ڪيس خوش ٿيڻ جو هرڪو سبب هو. هن محسوس ڪيو ته گهڙي جي مدد سان هوءَ رات جو وقتي محبوب جو وصال ماڻي سگهي ٿي، پر ڏينهن سارو جدائيءَ ۾ جلڻو ٿي پيس. ليڪن موت جي گود ۾ دائماً وصال ماڻڻ جو وجهه ملندس. اهڙو جيئڻ ئي گهورئو، جو محبوب جو وڇوڙو پسائي. سهڻي سياءَ جي گنڀير ۽ ڳوري آهي. سسئيءَ ۾ دل جي اونهائي نظر نه ٿي اچي. هوءَ ساندڻ نه سگهي آهي. "سر ڪوهياري"۾ سسئي چوي ٿي:

حقيقت هن حال جي. جي ظاهر ڪريان ذري،
لڳي مـــاٺ مـــروئن ڪي، ڏنگر پون ڏري،
وڃن وڻ ٻري، اوپـــر اُيـــري ڪين ڪي.

پنهنجي دک جو پاڻ اندازو لڳائي ٻين کي ٻڌائڻ. سورمن ۾ سورمين جو ڪم نہ آهي. محبوب جي ميلاپ لاءِ ماندو ٿي ٻاڏائڻ ۾ دل کولي پڪارون ڪرڻ تہ عاشقن جو ڪم آهي. سهڻي پڻ، سسئيءَ جيان، ٻانديءَ سان ميهار جي محبت جو حال اوري ٿي، ۽ شاعر ٻڌائي ٿو تہ:

وڃين سين ويني، ور وياڇي ســـهـــڻي،
آن ڪا ٿي ڏيني، ميهن جي مهار سان؟

مگر اهو شاعر ٿو ٻڌائي. شاهہ ڀلي سسئيءَ تي قياس آڻي سندس مشڪلاتن جو ورنن ڪري، پر پنهنجن دکن جو پاڻ بيان ڪرڻ نہ ٿو ٺهي. سهڻي سور ۾ سختيون صبر سان سهي وڃي ٿي ۽ ٻاهر ٻڙڪ بہ نہ ٿي ٻولي. مگر سسئي ٿوريءَ ئي تڪليف ۾ اچي دانهون ڪرڻ شروع ڪري ٿي. "سُر ڪوهياري"۾ هوءَ ظاهر ٿي ڪري:

ڏنگر! مون نہ ڏکوءِ، آنءُ اڳ ڏکوئي آهيان،
ساريان ڪونہ سکوءِ، سور گهڻيئي سنيران.

پر سهڻي خاموش آهي. شاعر متس قياس ڪائي درياهہ کي ٻڌي ٿو:

واهڙ وهين م ڇال! سُڪي ٻيلاٽيون ٿـيين!
پســان تنهنجي پيٽ ۾، لاٽا لوٽ لـيـار،
جـو تو سب ڇـمـار، آسـاٽـيـون ٻوڙيون.

سهڻيءَ جي سورن جو بيان شاهہ ٿو ڪري. درياهہ جي هيبتناڪ نقش ڪڍڻ ۾، شاعر جي مراد اهائي هئي تہ ڏيکاري تہ اهڙي خوفناڪ وايو منڊل ۾ بہ سهڻيءَ ٻي ڊپائيءَ ۽ دليريءَ سان انجام پاڙيو:" نہ ڪنهن جهول جهلي، هئي سمن پوري سهڻي." سهڻيءَ جي همت تہ ڏسو! ميهار جي محبت ۾ اهڙي تہ مست رهي جو خوفناڪ ندي تہ هن کي خيال ۾ بہ ڪا نہ هوندي هئي:

پاٽي پني ٻوڙ، ســهــڻيءَ ليکي ســيــر ۾.

منهنجي خيال ۾ سهڻي شاهہ جي لاڏلي آهي:

جه اهڙي ڃائي عاجزا. سا مر مرڪي ماسہ

جنهن" سر ديسي "ڇڳيءَ ربت مطالع ڪيو آهي سو چوندو تہ سسئي زئي ۾ رڙي برابر ٿي، ليڪن هوءَ ائين پڻ چوي ٿي تہ:

ڏاگـــهن، ڏيرن ، ڏنگرن، سنهين ڏنم ڏک،
سي سڀ پانيم سک، هيڪاند ڪارڻ هوت جي.

اهو صرف ڏيکاري ٿو تہ سسئيءَ جا دلي جذبا استرُ نہ هئا. ڪڏهن ڪهڙي حال ۾ هئي تہ ڪڏهن ڪهڙي ۾. ليڪن سهڻيءَ جي سيرت منڍ کان آخر تائين ڏيکاري ٿي تہ هن جو پنهنجن امنگن تي ضابطو هو. هن جي ديرينيءَ. سهڻ سيتلتا واري سڀاءَ ۽ سسئيءَ جي ڪوڪن ۽ ورلاپن واريءَ حال ۾ تفاوت پڌرو آهي. سسئيءَ جي زبان وڌيڪ اُکنيل آهي. سهڻيءَ سسئيءَ دواران شاهہ صاحب بہ عورتون پيش ڪرڻ چاهيون ٿي. جن مان هڪ محبوب جي جدائيءَ جو سور دل ۾ ٻي وجي ٿي. ليڪن ٻي ڪانڌ جي جدائي نہ سهي. وار چوڙي. پير اکهاڙا ڪري. رودن پٽڪو شروع ڪري ٿي. "سر حسيني" ۾ سسئي پاڻ ٿي چوي:

ڪني ڦاٿو ڪنجرو. مٿو اگهاڙو.
پينرا ڪچاڙو. منهنجو هن پنيور ۾؟

"سر معذوري" ۾ وري ٻڌائي ٿي:

وبندي ڏانهن پرين، جتي جات نہ پائيان.

اهو ياد رکڻ گهرجي تہ سسئيءَ کي خبر هئي تہ پنهون ڪاڏي ويو آهي. پاڻ ٿي چوي تہ ڏيرن ڏاڍائي ڪري ڪانئس پنهون کسي، ساڻس ڌوهہ ڪيو. بهتر ائين هو تہ هوءَ ترسي ڏسي ها تہ پنهون پاڻهين ئي واپس وري ٿو يا نہ . پنهونءَ جي سچائيءَ جي کيس پڪ هئڻ گهربي هئي. عشق برابر انڌو آهي ۽ آدميءَ کان هوش کسي وٺي ٿو. پر سسئي اُبهري بہ حد هئي. سندس عزيزن جي ساڻس هر طرح همدردي هئي. اهڙيءَ حالت ۾ هرڪو مائٽ ڌيءُ جي دل وٺندو. ڇو نہ ڪو عزيز ساڻ وٺي نڪري ها؟ پنڌ وڃڻ جو ڪهڙو ضرور هو؟ اُٺ يا گهوڙي تي ٽڪڙو وڃي سگهي ها. ۽ ٻين طرفن ۾ وڃڻ جي ضرورت ڪانہ هئي. کيس سڌو ڪيچ مڪران ڏانهن وڃڻ گهربو هو. صبح جو کيس معلوم ٿيو تہ پنهون ڪونهي. اڌ رات جو هن کي پائر پڃائي ويا. انهيءَ ٿوري عرصي ۾ هو ڪو گهڻو مفاصلو ڪونہ ڪري ويا هوندا ۽ جيڪڏهن سسئي ڪنهن همدرد سان گڏ گهوڙي تي سوار ٿي وڃي ها. تہ شايد رستي ۾ ئي پنهل کي گڏجي سگهي ها. پيرن مان جتيءَ لاهڻ جي ضرورت ڪا نہ هئي. دل جي صداقت جو اظهار هرويرو جسم کي ايذائن ڏيڻ مان ڪين ٿو ٿئي. سهڻيءَ سسئيءَ جي اُبتڙ ڪيو. سهڻي چوي ٿي:

گهر، نہ ور، نہ وٿ ڪا، آهم من مهار،
ان اوسيڙي اٿيان، سنجهي ڪري سنگار،
پرين! تنهنجو پار، پسان مان پر ڪنهين.

سهڻيءَ سمجهيو تہ سندس جسم سندس نہ هو. مگر ميهار جو. هن ڪڏهن بہ سينگار ڪرڻ نہ ڇڏيو. ڇو ڇڏي؟ جيسين .ميهار جيئرو هو. تيسين ڪيس هار سينگار ڪرڻ جو هرڪو حق هو. ميهار سهڻيءَ جو تہ پنار بہ ڪونہ هو. هوءَ آخر تائين ڏم وٽ رهي. تنهن هوندي بہ رات جي وقت جڏهن ڏم ننڊ ۾ هوندو هو. تڏهن هوءَ پاڻ سينگاري پريتم کي ملڻ لاءِ اُسهندي هئي. سسئي پنهون جي آکاڻي شاهہ جي وڏي ۾ وڏي ڪوتا آهي ۽ جنهن شوق ۽ باريڪيءَ سان هن سسئيءَ جي دلي جذبن جو نقش چٽيو آهي، اهڙو ٻيءَ ڪنهن بہ سورميءَ جو نہ ڪڍيو اٿس. جڏهن شاهہ ڪيچ مڪران ۾ سسئيءَ جي پريم جي آکاڻي ٻڌي، تڏهن سندس روح ريلو ڏنو تو ڏسجي. سسئيءَ ڏانهن سندس دل ڇڪي ڏني. هن ڏٺو تہ جڻن پاڻ عشق ۾ نراس ٿي ملڪ رليو، تئن سسئيءَ ٻن پتڪي. ٻنهي ساڳيا ملڪ ڏٺا. سسئي جڻ تہ شاهہ پاڻ آهي. آهن سيئي سورميون شاهہ جا جدا جدا روپ. پر سسئيءَ جي پنهونءَ لاءِ پريم ۾ شاهہ پنهنجي پريم جو عڪس ڏٺو. سسئيءَ جون پڪارون بيشڪ دل چيريندڙ آهن. اهي شاهہ جي جوانيءَ واري دل جي تصوير آهن. سسئيءَ جي بيتن پڙهندي ائين ڀيو معوم ٿئي تہ سسئي ڪانہ ٿي رڙي، پر شاعر جي دل ٿي دانهون ڪري. ڪوتا جي رس ڪري سسئي شاهہ جي ٻين سورمين کان ڪسر آهي. هيئين سٽن ۾ جو سوز ۽ شاعراڻي رواني نظر ايندي سا ٻين سُرن ۾ اڻ لڀ آهي:

١. ڏونگر! ڏوراپيو. پهرو چنديس پرينءَ کي.
"پهڻ پير پٿون ڪئا. تريون چٽيون تو.
رحم نہ پيي روح ۾. قدر منهنجو ڪو.
واڪو ڪنديس:"وو! مون سين جبل تو جاڙون ڪري."

٢. ڏونگر! ڏکوين کي. دلاسا ڏجن.
گهٽون پڇجي تن کي، جن وٺان هوت وڃن.
تون ڪينءَ سندا تن. پهڻ! پير ڏکوئيين.

اهڙن بيتن پڙهندي دل ۾ خيال ٿيو اُتپن ٿئي تہ سسئي بہ شاعر هئي ڇا؟

سهڻي اينرو ڪونہ ٿي ڳالهائي جيترو سسئي. "سر سهڻي" ۾ ڪهاڻيءَ جو گهڻو حصو شاهہ پاڻ ڳائي ٿو. ليڪن سسئي پنهونءَ جي آکاڻي سسئي پاڻ ٿي بيان ڪري. ۽ اهو قدرتي آهي ت جڏهن آدمي پنهنجن سورن جو پاڻ ذڪر ڪندو آهي تہ اهو وڌيڪ دل ڇجائيندڙ ٿيندو آهي. ■

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢

# ليلا ۽ مومل

ليلا ۽ مومل ٻئي راجائي ڪلن مان آهن. سسئيءَ ڌوتا ڪپڙا، تہ سهڻيءَ ڪنيارڻ وڪيا مٽيءَ جا ٿانوَ. ليڪن ليلا ۽ مومل تہ ورلي پلنگ تان پير هيٺ لاٿو. هڪ هئي چنيسر جي پٽ راڻي، تہ ٻي راجا نند جي نياڻي. جنهن جو همير سومري جي وزير ۽ سالي، راڻي مينڌري، سان نينهن جو ناتو ٿيو. سندن چاڪريءَ لاءِ هر دم ٻانهيون داسيون حاضر هيون. سسئيءَ ٻاڻ ڪي سڏيو پنهونءَ جي ناتر. مگر ناتر جهڙيون تہ ڪئين نوڪرياڻيون مومل جي خدمت ۾ هيون. ليلا پنهنجيءَ اوچيءَ پدويءَ جو بيان ڪندي چوي ٿي:

وڏيري هياس، چينسر جي راج ۾،
دهلين، دمامين، نقرين، ٿي پلپل پچيياس.

مومل ۽ سندس ڀينرن جي راجائي هلت جو نقش شاهہ ٻاڻ چٽيو آهي:

١. سون ورنيون سوڍيون، رهي رانديون ڪن،
آڳر اوطاقن ۾، ڪتوريون ڪتن،
اوتيائون عنبير جا، مٽي طاق ٽڙن.

٢. جهڙا پاڻن پن، تهڙيون سالون مٿن سائيون،
عطر ۽ عبير سڀن، تازا ڪيائون تن،
مڙهئا گهڻون مشڪ سڀن، چوٽا ساڻ چندن،
سنهن رهي سون سڀن، سندا ڪامڻ ڪن.

ليلا ۽ مومل جي سيرتن مان شاهہ صاحب ڏيکاري ٿو تہ جيڪي انسان پوڪي ٿو، سوئي هو لڻي ٿو. هنن جي سيرت ئي هنن جي قسمت آهي. هنن پنهنجي برابر ڪجهہ عرصي لاءِ ڏهاڳہ جا ڏک ڏٺا. پر اهي سڀ سندن خطائن جو نتيجو هوا. سهڻيءَ ۽ سسئيءَ جيان، هي ٻئي چڻيون پڻ ڪانڌن جي وصال لاءِ ٻاڏائين ٿيون. مگر سندن ٻڪارون ۾ اهڙو تاثير ڪونهي. سهڻيءَ ۽ سسئي جي درديلن داستانن پڙهندي جو سوز دل ۾ پيدا ٿئي ٿو، سو "سر ليلا چنيسر" ۽ سر مومل راڻو" جي

اپياس مان نہ ٿو ٿئي. سهڻيءَ خواهہ سسئيءَ جي سورن جو سبب سندين صداقت هئي. ڏٺي پنهنجن پيارن کي ڏکن جي ڪسوٽيءَ ۾ وجهي سندن پرک لهندو آهي. گهنگارن جون پڪارون پڙهندڙن جي دلين کي ايترو نہ پڇائينديون. ليلا ۽ مومل جا لڙک پڇتاءَ جا لڙک آهن ۽ پڇتاءَ جي ڳوڙهن سان هو پنهنجن گناهن جو داغ ڌوئڻ چاهين ٿيون.

ليلا ۽ مومل دواران شاهہ ٻن نمونن جي سالڪن جو بيان ڪري ٿو، جن کي هڪ دفعو مالڪ جو ميلاپ نصيب ٿيو آهي، پر وري پنهنجن افعالن سببان ڏٺيءَ جو رنج پسڻو پيو اٿن. ليلا چنيسر جو ناراضپو ڪنيو، تہ مومل کي راڻي دليون لاهي ڇڏيو. ٻنهي جا گناهہ هڪ جهڙا ڪين هئا. ليلا هيري تي هرکجي، چنيسر کي هار لاءِ وڪيو. موتين جي چلڪ ۽ چٽساليءَ هن مت جي موڙهيءَ کي اهڙو تہ مستانو ڪيو جو، هوش وڃائي، هار هٿ ڪرڻ لاءِ، هڪ ڏاريءَ زال کي پنهنجي پتيءَ سان گڏ هڪ رات گهارڻ جي اجازت ڏنائين. ليلا جي هن هلت چنيسر جي چت کي چوٽ رسائي ۽ هن، غصي ۾ اچي، ڪونروءَ کي پٽ راڻي ڪيو. مومل اهو گناهہ ڪيو جو راڻي جي حيات هوندي، هن جو وڇوڙو برداشت نہ ڪري، سندس غيرحاضريءَ ۾ ڀيڻ کي مردانا ڪپڙا پهرائي، ڪيس پاڻ سان سان سمهاري، دل وندرايائين. شاباس هئي سسئيءَ کي جنهن پنهل پنيان سر ڏنو پر ڪڏهن بہ ٻيو خيال دل ۾ نہ آندو. سسئيءَ پنهونءَ جي پريم ۾ اوچن وسترن ۽ زيورن جو تياڳ ڪيو. ليڪن ليلا زيورن جي زيب تي، پتيءَ جو تياڳ ڪيو. شاعر ليلا ۽ مومل جي سيرتن مان ظاهر ڪيو آهي تہ جنهن انسان دنيا ۾ نہ سنو آهي، سو ڪنهن بہ اعلي ڪم جي لائق نہ ٿو بڻجي. ڏک آدميءَ کي ٿيي ڪيس سچو انسان بڻائي ٿو. سور هڪ نموني جو سانچو آهن، جنهن ۾ گهڙجي انسان پورو روپ اختيار ڪري ٿو. ليلا پاڻ چوي ٿي:

هيس هندورن ۾، ٻيم ڪانہ پروڙ.

هڪ مکيہ ڳالهہ جنهن اسان جو ڌيان لهڻو سا هيءَ آهي تہ عام طرح جي ليلا ۽ مومل واريون آکاڻيون ٻڌڻ ۾ ايندڀون آهن، تن جون رڻائون شاهہ جي "سر ليلا چنيسر" ۽ "سر مومل راڻو" کان ٻئي نموني جون آهن. اهي اصل ڏک انت آهن. ليڪن شاهہ کين سک انت بنايو. شاهہ صاحب جا آکاڻي ٻڌي هئي، تنهن ۾ جاڻايل آهي تہ جڏهن چنيسر ليلا کي دل تان لاهي ڇڏيو ۽ ڪونروءَ جو قرب ڏسي، متس موهت ٿي، ساڻس آنند جا ڏينهن گذارڻ لڳو، تڏهن ليلا، ڏهاڳ جا ڏک سهندي، ٻيڪين گهر موٽي ويئي. پوءِ ڏيکاريل آهي تہ ڪيئن جکري جي معرفت، جو ليلا جي ڪٽنب مان ڪنهن ڇوڪريءَ سان مڱيل هو، چنيسر کي ليلا

جي وطن آندو ويو. جتي ليلا. گھونگھٽ پھري، پنھنجي ناز نخري ۽ ناچ سان چنيسر کي اھڙو تہ موھي وڌو. جو ھن کيس گھونگٽ کولڻ لاءِ ليلايو. ۽ گھونگھٽ واريءَ نار ۾ پنھنجيءَ اڳينءَ پٽ راڻي ، ليلا. کي سامھون ڏسي، سندس روح اھڙو تہ ريلو ڏنو. جو اتيئي پران ڏنائين. مگر" سر ليلا چنيسر" ۾ شاھ ڏيکاري ٿو تہ ليلا پنھنجي وطن موٽي ڪين ويئي. پر اتيئي رھي. ۽ ايتريون منٿون آزيون ڪيائين. جو چنيسر آخر ۾. سندس سچائي ڏسي. کيس وري جيءَ ۾ جاءِ ڏني. ليلا چنيسر کي ڪيئن ھٿ ڪيو؟ عام آکاڻيءَ ۾ چاڻايل آھي تہ ناچ ڳاني ۽ ناز نخري سان. مگر شاھ خيال ڪيو ٿو ڏسجي تہ ناز ڪري تہ ليلا چنيسر وڃايو. ليلا جو نخرو ۽ چلولائي ھئي جنھن کيس سھاڳ جي سيج تان ڪيرائي ڏھاڳ جا ڏک ڏيکاريا. سو ڪيئن ان ساڳي نخري سان ھوءَ چنيسر ھٿ ڪندي؟ اھا عقل جي ڳالھ نہ ٿي لڳي. شاھ کي آکاڻيءَ ۾ پچتاءَ جو درجو ڏيکارڻو ھو. جنھن ڪري ليلا جي ملڪ موٽي وڃڻ وارو واقعو صفا ڪڍي ڇڏيو اٿس. شاھ کو رواجي شاعر ڪين ھو. ھر ڪنھن اعلي درجي واري شاعر جيان ھو نڪتہ ڇين ٻڻ ھو. پنھنجي شعر جو ھو پاڻ نڪتہ چين ٿي ٻڌائي ٿو:

جي تو بيت ڀائيا، سي آيتون آھين،

نئو من لائين، پريان سندي پار ڏي.

ھر ڪنھن اعلي شاعر جا بيت آيتون ٿين ٿيون. شاھ کي خبر ھئي تہ مان ڇا ٿو لکان ۽ جيڪي لکان ٿو ان ۾ ڪھڙا راز رکيل آھن. ائين برابر آھي تہ شاھ جڏھن وجد ۾ ايندو ھو. تڏھن اچي شعر ۾ پلٽبو ھو. مگر ان بيروني بي سرتائيءَ اندر اندروني بيداري موجود ھئي. جنھن سندس ڪلام کي الھامي آواز بڻايو ٿي. جيڪڏھن چنيسر ھڪ اڻ واقف ڇوڪريءَ جي ناچ تي مستانو ٿي ھرڪ ھاريو. تہ اھو چنيسر جي سيرت ۾ ھڪ وڏو عيب ليکبو. شاھ اھو بہ پنھنجيءَ رٿا مان ڪڍي ڇڏيو آھي.

شاھ جي ليلا جو درجو عام آکاڻيءَ واريءَ ليلا کان صدبار مٿي آھي. شاھ جي ليلا ۾ دل جي سچائي آھي. چنيسر بنا ھن جو جيئڻ جنجال ھو ۽ جيڪڏھن چنيسر کي ريجھائڻو ھوس نہ اھو ڪم سندس چنيسر جي در تي رھڻ مان ممڪن ھو ۽ نہ وطن موٽي وڃڻ مان. ٻيو تہ جيڪڏھن جکرو ليلا جي ڪتنب مان مڱيل نہ ھجي ھا. جو اتفاق جو نتيجو ھو. تہ ليلا ڪيئن چنيسر کي ملي ھا؟ عام آکاڻيءَ واري ليلا جڏھن پيڪين وڃي ٿي. تڏھن کيس اھا ڄاڻ ڪانھي تہ جکري جي معرفت چنيسر ھٿ ڪنديس. ھوءَ تہ دل ٻلي وڃي ويھي رھي. اھو بيپرواھيءَ جو اظھار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. جو شاهه جي ليلا ۾ نظر نه ايندو. هار تي هرڪجي ليلا پاڻ کي اڳ ۾ ئي سرتين ۾ مهٽي هاب ڪرايو هو. شار چوي ٿو:

اَچئو اَچئو، اَڳلي. چئي ليلا کي لوڪ،
اندر اوپالن سين، ساڙي ڪيائنس سوڪ،
ٻالاپڻ جو ٻوڪ، وئو ويچاريءَ وسري.

۽ وري جي لاغرض ٿي پيڪين هلي وجي ها، ته ڪنهن جي به رڳ ڏانهس چڪي نه ڏئي ها. هن لاءِ اهو ضروري هو ته چنيسر جي چانئٺ نه ڇڏي. شاهه جي ليلا مٽئي تي موهجي، چنيسر برابر وڪيو، مگر ساڳي وقت چنيسر سندس دل جو راجا ئي رهيو. هن بنا هڪ پلڪ گهارڻ به سندس لاءِ محال هئي. پهرين هن سمجهيو ٿي ته "هار ڪتنديس، هوڏ ۾، نيبهه تيندم نت". پر پوءِ جنهن وقت ڏنائين ته هار کي هٿ لائڻ معني چنيسر جي جدائيءَ ۾ جلڻ، تنهن وقت ڪيس چيائين:

مٽيون وجهان مچ ۾، هائي هٿان هار.

شاهه جي ليلا لاءِ يا هو چنيسر يا موت. پوءِ پيڪين ڇو وجي؟ عام آکاڻيءَ واري کي واقعا ڪيدي، شاهه پنهنجيءَ ليلا کي اوچو درجو عطا ڪيو آهي. شاهه هن کي پنهنجن خيالن جو عڪس بڻائڻ تي چاهيو. شاهه جي ليلا ۾ عقلي عنصر آهي. شاهه سمجهو ته ههڙيءَ خطا کان پوءِ ليلا جو وري چنيسر اڳيان ناز ڪرڻ بي عقل ٿيندي. هتي هو پڇتاءَ جو احتياج. شاهه جي ليلا ۾ صبر آهي، سهڻ شڪتي آهي. چنيسر جي چڱائيءَ ۾ ايمان ۽ اميد اٿس. اهو آسرو ئي آهي جنهن جي آڌار تي هوءَ چنيسر جي اڱڻ مان ٻاهر نه ٿي وڃي ۽ ڪيس چوي ٿي :

جي مون موڙهي مت، ته تون پاڻ سڄاڻج سپرين!

مگر اهي گڻ عام آکاڻيءَ واريءَ ليلا ۾ نظر نه ايندا. شاهه جي آکاڻين جون رتائون من گهڙت ڪين آهن. سڀ ٻڌلين ڪهاڻين تي ٻڌل آهن. ليڪن اڏاري ورتل لوهه کي پنهنجيءَ شخصيت جو پارس لڳائي سون ڪيو اٿس. جڳهه جي سونهن ۽ زينت لاءِ جس جو حقدار رازو ئي ٿئي ٿو ۽ نه اهو جنهن سرون پهچايون يا گارو ناهيو.

جئن ليلا چنيسر جي پڇاڙي هرک لاس واري آهي ۽ سورمو ۽ سورمي ملن ٿا، تئن "سر مومل راڻو" پڻ آهي . راڻي جو اوچتو موت ۽ مومل جو چڪيا تي چڙهڻ وارا واقعا شاهه رتا مان ڪدي ڇڏيا آهن. مومل کي پڻ، ليلا جيان، پڇاڙيءَ جي بيتن ۾ شاهه دلاسو ٿو ڏئي ته آجيان لاءِ تياري ڪر، راڻو ٿو اچيئي. جهڙيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرح ليلا پچتاءُ ڪري هارايل بازي کٽي. تهڙيءَ طرح مومل پڻ. راڻي کي آزي نيزاري ڪري، سندس وڇايل پيار کٽيو. ۽ ٻنهي ڪهاڻين ۾ انهن ڪرڻ سان ئي شاهه پنهنجي مراد حاصل ڪري سگهيو آهي. جيڪڏهن شاهه جي مومل ناميد ٿي پاڻ کي چکيا تي جلائي ها، تہ اهو مطلب نڪري ها تہ ڏٺي تعاليٰ وٽ سچي پڇتاءَ جو قدر ڪونهي. شاهه کي ڏيکارڻو هو تہ جيتوڻيڪ خدا ريساڻو آهي، تہ بہ "سچڻ ٻاجهندڙ گهٽرن". پڇتاءُ اها سوني چابي آهي جا سچ ڪنڊ جي محلات جو دروازو کولي ٿي. شاهه صاحب پڌرو ڪري ڏيکاريو آهي تہ سچي توبه ڏٺيءَ کي آدميءَ ۽ سندس گناهن جي وچ ۾ آڻي ٿي.

عام آکاڻين جيان شاعر ڪٿي بہ ليلا ۽ مومل جي موت جو ذڪر نہ ٿو ڪري. "سر سهڻي". غمگين پڇاڙي واري آکاڻي آهي ۽ شاهه ڪليل لفظن ۾ ٻڌائي ٿو تہ سهڻي درياهه ۾ ٻڏي مئي:

ڪانڌي ڪنگ ٿئاس، وهڻ جنازو سوهڻي،
ٻگهـا جي پيـتن جـا، کُلهـا تن ڏناس،
اکين مَلَڪ ڏنا مس توءِ من ڪاڏو مهار ڏي.

سسئيءَ جي موت جو سڌيءَ طرح نہ ٿو ٻڌائي، مگر چوي ٿو:

منڪر ۽ نڪير کي، جڏهن ڏنائين،
اڳيان اٿي ان کي، پنهون پڇيائين.

انهيءَ جو مطلب تہ سسئيءَ جو موت پنهونءَ کي ملڻ کان اڳ ٿيو، جو ملائڪن کان گم ٿيل پنهل جو ويني پڇي. سورٺ جي باري ۾ پڻ شاعر چوي ٿو تہ:

سورٺ مئي، سڪ ٿيو، خيما هنيا ڪنگهار.

مگر "سر ليلا چنيسر" ۽ "سر مومل راڻو" چاڻي ٻجهي سڪ انت ٻڌايا اٿس. اهو قدم جو شاهه صاحب کنيو آهي سو، منهنجي خيال ۾، ليلا ۽ مومل جي سيرتن کي مڪمل ڪرڻ ۽ ادبي اصول جي پيروي ڪرڻ لاءِ. سورمي ۽ سورميءَ جو موت اهڙو تہ مکيہ واقعو آهي جو مصنف ان کي نظر انداز ڪري نہ ٿو سگهي. ائن برابر آهي تہ شاهه صاحب سڄي آکاڻي نہ ٿو ڏئي. پر انهيءَ جو مطلب اهو نہ آهي تہ جيڪي وٺيو اٿس سو ڇڏي ڏنو اٿس. هن کي ادبي مقصد کي نظر ۾ رکڻو ٿي پيو. مان ان رايي جو آهيان تہ شاهه اهو قدم ان ڪري کنيو جئن ادبي خواه تمثيلي مرادون حاصل ٿي سگهن.

ليلا جهڙيءَ چلولي ۽ هلڪي سياءَ واريءَ عورت ۾ پڇتاءَ جي ذريعي شاهه صاحب ڪيترو نہ ڦيرو آندو آهي! هن جي سيرت نگاري ڪهاڻيءَ جي منڍ کان

پڇاڙيءَ تائين ساڳي نہ آهي. آخر ۾ ليلا جي سيرت ۾ تبديلي اچي ٿي. سا هن کي ڳوري ۽ گنڀير بڻائي ٿي. جا ڪهاڻيءَ جي رنا ۾ ڪنهن وقت هڪ ڦڙهي طبيعت واريءَ عورت هئي. تنهنجي مک مان شاهہ ڪهڙا نہ قيمتي ٻول چورائي ٿو:

الا! ڏاهي ۾ ٿئان، ڏاهيون ڏک ڏسن.
مون سين مون پرين، ٻورائي ۾ ڀال ڪئا.

پهرين جڏهن ليلا کي معلوم ٿئي ٿو تہ چنيسر ڪونروءَ کي پنهنجي پٽ راڻي ڪيو آهي ۽ ڪيس من جي مندر مان نيڪالي ڏني اٿس. تڏهن سمورو ڏوهہ چنيسر تي مڙهي ٿي. پنهنجيءَ خطا کي نظرانداز ڪري، ڪانڌ جي سچائيءَ ۾ شڪ ٿي آڻي:

چنيسر جي چت ۾، ڪين جو اڳ هئو،
تهان ٻوءِ ٿئو، مٿبي تي ٿي مامرو.

مگر پڇاڙيءَ ۾ اهاساڳي ليلا آهي جا سمجهہ ۾ اچي پروڙي ٿي تہ ڏوراپن مان نہ ورندو. هٺ ۽ وڏائي ڇڏي. هوءَ ڪليءَ دل سان پشيمانيءَ جو اظهار ڪري ٿي:

ڍولا! ڇيل ۾ مون، ڪانڌ! ڪميڻي آهيان،
سڪ تنهنجي سپرين! پيري وڏيس پون،
مون ور توهين تون، نو، ور! وهون ڪيتريون.

ساڳي نوع ۾ مومل پڻ راڻي کي منٿ ٿي ڪري:

ميان ميندرا! موٽ! بخش ڪر بچائيون.
تون گهڻن جو گهوٽ، مون ور تونهين هيڪڙو.

مومل ۽ ليلا جيان سهڻيءَ ۽ سسئيءَ پڻ محبوبن کي سڏيو. ليڪن مومل ۽ ليلا محلن ۾ ويهي پڪاريو. تہ سسئيءَ، گهر ڇڏي، جهرجهنگ رلي. پنهونءَ کي ۽سهڻيءَ لهرن جي لوڏن ۾ لڏندي ميهار کي ڪونيو. ليلا پيڪين ڪانہ ويئي ۽ چنيسر جي محل ۾ رهي. ڪيس آزري نيزاري ڪيائين ۽ مومل جي دانهن جو بيان جيڪو شاهہ ڪري ٿو. تنهن مان پڌرو آهي تہ هن ڪاڪ اندر رهي، راڻي جي راهہ نهاري. مومل چوي ٿي:

١. ڏيا تيل قليل جا، ٻاريم تائين ٻانگ.
٢. وٽ سوريندي ولها! وئو تيل ٻري،
مٽ مسافر سپرين! چانگي تي چڙهي.
راڻي لاءِ رڙي. ويئي وهامي راتڙي.

تيل ۽ قليل جا ڏيا جاءِ جي اندر ٻاريا هوندائين. رستن تي ڪٿي ڪو نہ نڪتي

سگهيو.

ليلا ۽ مومل جي وچ ۾ هڪ تفاوت هيءُ آهي تہ ليلا چنيسر جي پٽ راڻي هئي ۽ دائماً سندس صحبت ۾ رهندي هئي. مگر راڻو مومل وٽ ڪڏهن ڪڏهن وڃهہ ونڃي ايندو هو، چاڪاڻ جو هو اڳ ۾ ئي پرڻيل هو. نہ صرف ايترو. مگر ليلا ڪي جڏهن چنيسر دليون لاهي ڇڏيو، تڏهن چنيسر وٽ رهي ڪيس منٿون ميڙون ڪيائين. ليڪن مومل جو راڻو تہ رسي وڃي پنهنجي ماڳ ويٺو. شاهہ صاحب چاڻي ٻجهي مومل کي راڻي جي ٻنيان نہ موڪليو. هو هڪ اعلي درجي وارو شاعر هو، ۽ مڙني سورمين کان محبوبن جي جدائيءَ ۾ ورلاپ ڪرائڻا هئس. هن ڏنو تہ جي مومل بہ، سسئيءَ جيان، محبوب جي وطن ويندي، تہ رستي ۾ اهي ئي جبل جهنگ ۽ مرون ڏسندي جي سسئيءَ ڏنا هئا. جنهن ڪري ساڳي نموني جي مضمون کي جدا نوع ۾ پيش ڪرڻ لاءِ مومل کي ڪاڪ ۾ وهاري ڪانئس قرب جون ڪوڪون ڪرايائين. مومل جي پاڻ نہ ٿي وڃي تہ راڻي کي چوائي موڪلي ٿي:

ميڙ منجان ٿي، ميندرا! تو در تيلاهي.

۽ سرتين کي عرض ٿي ڪري:

ڏور وڃئو، ڏينهن لائي، ڪا سوڊل کي سمجهائي،
ڇنا، منهہ، ماڙيون . اوڏاهين اڏائي، ڪا سوڊل کي سمجهائي.

پڙهندڙ چوندو تہ سر مومل راڻي جي سنين داستان ۾ مومل چوي ٿي:

لونيس لڏائي، پسو جو پرين ري،
جيڏيون! جيهائي ڪئي، رات رسي راڻي،
هلبو هاڻي، ويرا! ڪاڪ وہ تيي.

مومل کي، راڻي جي پريٽ، ڪاڪ مان ڪوبہ مزو ڪونہ ٿي آيو. سو ڪڪ ٿي چوي ٿي تہ هينئر ضرور لڏاڻي ڏانهن هلڻو پوندو. مگر سندس وڃڻ جو شاعر ڪوبہ احوال نہ ٿو ڏئي. مومل جو لڏاڻي طرف وڃڻ آڪاڻيءَ جي واڌ ۾ هڪ اهم واقعو آهي ۽ شاعر ان جو ضرور بيان ڪري ها. دڪدائڪ واقعن جو شعر ۾ بيان ڪرڻ جو تہ شاهہ شوقين هو، سو ههڙو واقعو ڪيئن نظرانداز ڪندو!

مومل ۽ ليلا جون سيرتون جاچبيون تہ معلوم ٿيندو تہ مومل، ليلا جيان، راڻي ۾ ڪوبہ گمان نہ ٿي آڻي ۽ هڪدم پنهنجي خطا محسوس ڪري ٿي. ليلا جيان مومل کي بہ سرتيون شرمسار ڪن ٿيون. مومل چوي ٿي:

سنم ساهيڙين جا، طعنا توهين لاءِ.

راڻو جو مومل کي سومل سان، مرداني ويس ۾، سمهيل ڏسي، ڪيس اٿارڻ

بنا. سندس پاسي ۾ پنهنجو لکڻ نشاني طور رکي، واپس هليو ويو. تنهن مومل جي اندر ۾ ڪڏهن بہ راڻي جي سچائي ۾ شڪ نہ پيدا ڪيو. مومل کي اها سڌ تہ ضرور هوندي تہ راڻو پرڻيل هو، پر ڪڏهن بہ اهو خيال ڪونہ آيس تہ متان سندس زال منع ڪئي هجيس ۽ هيءُ وجهہ وٺي رسي ويو آهي. هوءَ پاڻ مان ئي ٿي ڏوهہ ڪڍي:

ڪين ساڳاهيم، سپرين! جاڙون ڪيم جال،
سوڍا! من کي ڪال، موٽي منهن ۾ آئيون.

مومل تہ راڻي جي شڪرگذار آهي جنهن ساڻس پريم ڪري کيس نوازيو. آڪاڻيءَ جي رٿا ۾ آهي تہ هڪ جوڳيءَ جي واتان مومل جي حسن جي هاڪ سڻي راڻي جي دل ٿي تہ مومل کي ملان ۽ ساٿين کي چيائين:

هلو، هلو ڪاڪ تڙين، جتي نينهن اُجَل.

راڻي تي مومل جي سونهن جو جيڪو اثر ٿيو، تنهن لاءِ شاهہ چوي ٿو:

لڊوڻا لوڏي ٿئا، وتن منجهہ وصال،
اڄ ارتو اکين، ڪاڪ پيتائون ڪال،
وئي ويچارن وسري، صباح جي سنڀال،
جانب جي جمال، رڱي، پس! ريتو ڪئا.

مومل کي اها چاڻ تہ هئي راڻو سندس لاءِ ڪيترو نہ منتظر هو جو پنهنجي زال جي پرواهہ نہ ڪري بہ سندس نينهن جي محتاجي ڪڍڻ لڳو. تہ بہ جڏهن راڻي سان منهان منهن ٿي، تڏهن پاڻ بہ دلي جهلي نہ سگهي ۽ چيائين:

گجَر گهٽا گهائيا، پاڻ لڱس گهاءُ.

۽ جنهن وقت راڻو رسي هليو ويس، تنهن وقت هن کي ڏوهہ ڏيڻ بدران کيس ساراهڻ لڳي:

ڍولي ڍڪي آهيان، هيس اگهاڙي اڳ،
جوڙي وچا جڳ، ڪڪر ڪيائم ڪاڪ جو.

مومل ائين ٿي سمجهي تہ راڻو جيڪڏهن غصي وچان کيس قتل ڪري وڃي ها، تہ بہ هن کي واجب هو، پر هن پاڻ روڪي، صبر کان ڪم ورتو. راڻي مومل کي کهل سان ڪئو:

سوڍا صبر تنهنجي، مازهو ڪي مومل،
ڪُپرِ منجها ڪلَ، پيپر، پرين! تنهنجي.

اهي اکر راجا نند جي نياڻيءَ جا آهن. سسئي پڻ پنهونءَ لاءِ ائين چوي ٿي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سذر سين سگ ڪري، پرڪنڊين پيياس،
ڪير برهمڻ؟ ڪن جي؟ ڪير چاٽي ڪيٽاس؟
هُند نہ سِنڌُ سُياسِ، هن پريين ڪيس پڌري.

جڏهن سسئيءَ کي سسئي پنهونءَ جي پيار ڪيو. تڏهن مينڌري جي محبت ۾ مومل کي مومل بڻايو. مومل ۾ نسل جو فخر هو، حسن جو ناز هو:

مومل کي مجاز جا، اکين ۾ انبور.

هن تہ فقط پيسي ميڙڻ لاءِ ڪاڪ وارو طلسمي تڪسات اڏيو. هن سمجهيو ٿي تہ ڪو بہ آدمي وٽس پهچي ڪين سگهندو. ناتر جهڙيون حرفتي ٻانهيون هن کي منجهائي ڇڏينديون. انهيءَ مان خبر پوي ٿي تہ ڪنواري مومل هڪ هلڪي طبيعت واري ڇوڪري هئي. جنهن ۾ سچي عشق کان وڌيڪ ظاهري ناز نخرو هو. هوءَ پنهنجي ماڙي ۾ نينهن جي نيشن سان آسائڻ جو اندر جلائيندي هئي. اها ساڳي مومل ڏسو تہ ڪيئن ڦري ويئي. مومل ۽ ليلا ۾ اهو تفاوت آهي جو شاهہ صاحب مومل جي ڪنوارپ جي حياتيءَ جو بيان پڻ ڪري ٿو. ڪنواري هوندي ڇوڪريءَ ۾ جيڪو ناهہ نوهہ جو شوق ٿئي ٿو سو پرڻي بعد گهٽجي ٿو. سهڻيءَ تہ اصل سينگار نہ ڇڏيو. ميهيار وٽ هر ڪنهن رات سينگار ڪري ويندي هئي. مگر چوند لفظن ۾ شاهہ مومل جي سونهن ۽ مجاز جو جيڪو ذڪر ڪيو آهي، سو ٻيءَ ڪنهن بہ سورميءَ جو نہ ڪيو اٿس. مومل ٿي آهي جا ڪنواري آهي. ٻيون سڀ پرڻيل يا مڱيل آهن.

مومل جي سيرت سان شاهہ ليلا جي سيرت کان وڌيڪ محنت ڪئي ٿي ڏسجي. سهڻي، ميهار جي سونهن جو بيان ڪري ٿي تہ سسئي پنهونءَ جي حسن جو. مگر سندن حسن جو ذڪر شاعر ڪٿي بہ نہ ٿو ڪري. مومل ٿي آهي جنهن جي جسماني جلوي جو شاهہ احوال ڏئي ٿو. مومل جي اکين ۾ اهو جادو سمايل هو، اها ڪشش موجود هئي، جو "جي وٺا، سي وڍِئا". مومل جي اکين جا تارا ڄڻ تہ پنبڻين جي ڪمان جا بہ تير هئا، جن سان هن ڪيئن هاڪارا حاڪم، جوڌا جوان، ۽ اعلي درجي وارا عاقل گهائي ڇڏيا. خاص ڪري" هٽي تن کي تير، مٽيون جن مٽن ۾". چو جو هن کي ملڪيت ميڙي ٻيءُ کي ٻهچائڻي هئي. انهيءَ جي معني تہ مومل جو گلابي ريشمي وستر اوڍي، چوٽي ۾ سرها تيل ۽ چنبيلي گل وجهي، مٿي ڪنهڙي ۾ ويهي، پنهنجن عاشقن ڏانهن نينهن ڀريا نيڻ ڪٽي نهاريندي هئي، سو صرف مطلب سان. نہ تہ ڪو هن سان نڪاح ڪرڻو هوس، ليڪن سندن ملڪيت ڦري، ڪين فقير بڻائڻو هوس. هوءَ سخت دل سهڻي ليکبي جنهن جي دل ۾

راڻي مومل کي وراڻي ڏني:

”مومل مونکون تي پڇين، تہ آهي حقيقت هيئن:
رهندو هو شڪار ڪون روح نہ راتو ڏينهن ،
پيس پرائي پٽ تي پنيءَ پاونگ شينهن،
لڳو لاٽو اڪ ۾، بيا ويتر انا مينهن ،
هاڻي جيڪا رتي نينهن، سا اٿئي ڪاٺيءَ اڪ ۾.“

خيال ۾ ٿي نہ ٿو اچي تہ مومل جو راڻي کي پرچائڻ ويئي هئي تنهن ڪيئن ڪانئس ههڙا سوال ڪيا. حفيظ جي مومل سان شاهہ جي مومل جي ڀيٽ ڪريو. شاهہ جي مومل عرش تي آهي تہ حفيظ جي فرش تي. ٻوئين مومل آهي روايتي مومل. پر ڀهرينءَ مومل ۾ شاهہ جي شخصيت جي بوءِ اچي ٿي. اها مومل ڪهڙي جنهن راڻي سان ٺٺوليءَ جي نموني ڳالهايو. مومل جيڪڏهن راڻي جي محبت ۾ سچ سچ ماندي هئي تہ ڪيئن ڪيس چيائين ”آهين اياڻن ڪان آءٌ ياڻيان اياڻو“. عاشق ڪيئن معشوق ڪان پڇندو تہ تون تئين ڪاٺو ڪهڙيءَ ريت؟ عاشق کي تہ معشوق جا عيب نظر ئي نہ ايندا آهن. اهي اوڻايون شاهہ جي مومل ۾ نظر نہ ايندبون. ■

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٣

# نوري

" هيري هٿ وڌائين، ويهي ساٿين وچ ۾."

"سر ڪاموڏ" ۾ شاهہ صاحب هڪ نامعلوم مهاڻيءَ کي سورمي بڻائي کيس دائمي زنده ڪيو. نوري شاهہ جي سورمين جو نور آهي. نوريءَ دواران شاهہ پڙهندڙن اڳيان نياز جي تصوير پيش ڪئي. نوري هئي مهاڻي، هڪ مسڪين ڳوناڻي. مگر شاعر کي پراڻن ڪپڙن ۾ ڍڪيل جسم اندر هڪ بي بها دل نظر آئي ۽ انهيءَ دل جي تجوڙي املهہ روحاني خزاني سان ڀرپور ڏٺائين.

سيرت نگاريءَ جو هڪ طريقو جو افسانہ نويس ڪم آڻي ٿو سو آهي مختلف طبيعتن جا اداڪار اهڙي ۽ طرح پيش ڪرڻ، جو هڪڙن جا عيب ٻين جي وچ اعمالن جي مقابلي ۾ اهڙو تہ ظاهر ٿي بيهن جو پڙهندڙ سندن جدا جدا سيرتن جو اندازو لڳائي سگهي. نوريءَ جو سياءُ. ليلا ۽ مومل جي سيائن جي ابتڙ آهي. جڏهن تنهي سورمين جي سيرتن جي ڀيٽ ڪجي ٿي، تڏهن معلوم ٿئي ٿو تہ جيڪي ليلا ۽ مومل ۾ نہ هو، سو نوريءَ ۾ موجود هو. مومل ۽ ليلا جيان نوري بہ نصيب واري هئي جو محبوب جي ميلاپ جو مزو ماڻيائين. ليلا چنيسر جي پٽ راڻي هئي، تہ نوري جام تماچيءَ جي. ليڪن نوري، ليلا جيان، آنند جي آغوش ۾ رهي ڦوند ۾ نہ پري. "مهاڻيءَ جي من ۾، نہ گيرب، نہ گاءُ." هڪ مهاڻيءَ کي تماچيءَ جهڙو حاڪم پنهنجيءَ دل ۾ جاءِ ڏئي، سو هن لاءِ بيشڪ فخر جو باعث هو. اهو قدرتي نيم آهي تہ جڏهن آدميءَ لاءِ ڪو اعليٰ خوش قسمتيءَ جو موقعو بڻي ٿو، جو کيس ڪڏهن خواب خيال ۾ بہ نہ آيو هجي، تڏهن هو ضرور ڦوند ۾ پرجيو وڃي. نوريءَ جي دل ۾ بہ تہ اهو ويچار آيو هوندو تہ سندس محبت جا تير سمي گهراڻي جي حاڪم کي اهڙا تہ گهائيندڙ لڳ، جو هن سندس نيچ ذات جي ڪا پرواهہ نہ ڪري، ساڻس شادي ڪئي. هرڪا نازنين جيڪر ان حالت ۾ پنهنجيءَ سونهن تي باور ڪري، مگر نوريءَ ۾ اهو فخر نظر نہ ٿو اچي. نوريءَ جي نيازمندي عجيب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي:

نوريءَ جي نياز جو، عجب اجهل هوءَ،
سمون سر سين ۾، مي مورڇئو سوءِ،
اچئو اپين پوءِ، حجت ڀڳي راڻين.

جنهن هٿ گهڻن کي هاجي رسائي. تنهن کان پاسو ڪري، نوريءَ حليمائيءَ جو هار ڳلي ۾ پاتو. هن کي معلوم هو ته هٿ ئي آهي جنهن فرشتن جي سرمور عزازيل کي بهشت مان نيڪالي ڏياري ۽ حليمائي آهي جا آدمين کي فرشتن واري اوج تي آڻي ٿي. مومل ۽ ليلا سهاڳ جي سيج تان ڏکو کاڌو ۽ وڇوڙي ۾ ورلاپ ڪرڻا پين؛ پر جو سهاڳ جو ڇٽ نوريءَ تي چام تماچيءَ ڌريو، سو هن کي آخر تائين نڀيو ٿيو. ليلا ۽ مومل جي خوش قسمتي، سندن بدقسمتي ثابت ٿي، ليڪن نوريءَ کي سندس نصيب ڪڪاين جهوپڙين مان ڪڍي محلات ۾ نيو ۽ هوءَ پڇاڙيءَ تائين اتي رهي. نوريءَ کي تماچيءَ جهڙي حاڪم جي راڻي بڻجڻ ۾ وڏائي نه ڪانه ٿي، پر هر وقت اهوئي انديشو رهندو هوس ته شل اهڙو ڪم نه ڪريان جهن ڪري ڪانڌ ڪاوڙجي مونکي دل تان لاهي ڇڏي. هوءَ ڄام کي چوي ٿي:

تون سمون، آئون گندري، مون ۾ عيين لک،
هن منهنجي حال جي، توکي سڀ پرک،
ڪارڻ رب الک، متان ماگر متيين.

"سر ڪاموڏ" شاهه جي سُڻي سرن کان، سواءِ سر گهاتي جي، ننڍو آهي. آکاڻيءَ ۾ ٻڌايل آهي ته ڪيئن ڄام سان نڪاح بعد نوري پاڻ کي اهائي نيچ ذات مهاڻي سمجهندي هئي. شاهه اهو پڻ ڏسي ٿو ته هڪ دفعي جڏهن سڀ سميون هار سينگار ڪري تماچيءَ جي اچڻ لاءِ تيار ٿي ويٺيون هيون، تڏهن ڄام تماچي، مڙني کي خيال ۾ نه آڻي، نوريءَ کي ڪٺي ڳلي سان لاتو. نوري پٽ راڻي برابر هئي، ليڪن هن ۾ راجائي ڊول ڪونه هو. پلا "گند جن جي گوڏ ۾، مٽن تي موڙيون". سي ڇا ڄاڻنديون سينگار مان؟ هن جي اهائي چاهنا هوندي هئي ته مالڪ ڪري ته حياتيءَ جي پلڪ لڄ پت سان رهجي اچي. نوري ڄام کي ائين ئي ٿي چوي:

تون تماچي تڙ ڌڻي، آئون مهاڻي مي،
مون ڏهاڳ م ڏي، آئون جا نالي سيس تنهنجي.

نوريءَ پروڙيو هو ته جيڪي نياز ۾ آهي سو ناز ۾ ڪينهي. هن ڄاتو ته:

ڪاند ڪوڙي جو نه وٺي، سئين پتين سنگار،
وهم لهي ونجهار، دليون پرکي داسڙو.

راجائي رنگ محلن ۾ رهي بہ ”ڪڪي هاٿيون ڪاريون. ڇڇي هاٿي ڇڄ“ ياد ڪرڻ، اوڇن رنگين هندورن ۾ لڏندي، پراڻن پکن ۾ ڪچين ڪکاين جهوپڙين وارا ڏينهن سارڻ. نرم بسترن تي ليٽندي، سخت ۽ کهرا تڏا سنڀارڻ. رڀي سان رانديون ڪندي ۽ لعلون لٽيندي، گذريل سقيم حالت اکين اڳيان آڻڻ. روح رچندڙ طعامن ڪائيندي، ڪکين وارن ڪاڄن جون يادگيريون دل ۾ ڏرڻ. راڻي ٿي ڪري بہ مهاڻين واريون بانسي چاريون ۽ مڇين واريون ڪاريون خيال ۾ رکڻ. سڪي جيوت ماڻيندي بہ ڏکن وارو سمو نہ وسارڻ. سهاڳ جي سيج پريندي بہ انگلن آرن ڪان پري رهڻ. بي عيب هوندي بہ پاڻ کي عيبدار مڃڻ ۽ هميشہ شرم وچان ڪنڌ هيٺ ڪري هلڻ اعليٰ هستين جو لڇڻ آهي. نوريءَ جي سيرت مان شاهہ ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ جيڪي انسان سکن ۾ رهي بہ مرمائتا ٿين ٿا ۽ متاهين مرتبي تي هوندي بہ ڪنڌ هيٺ اٿن، سي لوڇو ۽ پڇ ڪونہ پسن. ليلا ۽ مومل کان نوريءَ جي پدوي اوچي ان ڪري آهي جو جا سمجهہ هنن ۾ وڇوڙي بعد آئي، سا نوريءَ کي وصال واري سمي ۾ ئي هئي. نوري غريب هئي، هن جي دنيا هئي ڪينجهر ڍنڍ، مڇين جي ڪاري ۽ جاري. ليڪن قدرت جي صحبت مان جو هن سبق پرايو، تنهن سيکاريس تہ:

”ڪانڌ ڪهين جو نہ وٺي، گيرب ۾ گاءُ،
جي ٽڙي ٿورڙياءُ، تہ دوس دسائي داسڙو.

انهيءَ ڪري هوءَ خبردار رهي، اهو عقل نہ هو مومل ۾، نہ ليلا ۾. نوريءَ شاعر جي صلاح مڃي تہ:

ڪت ڪنبندي آءُ، اڳيان توريندڙ تکا اٿيئي،
اگهيئي تہ پاءُ، نہ تہ مڻ بہ موتيو وڃن.

شاهہ نوريءَ جي سياءُ ذريعي ڏيکاريو تہ جيڪو آدمي پاڻ کي نيچ ٿو سمجهي، سوئي سين کان اوچو آهي.

”آپس کو جو جاڻي نيچا، سوئي گنيئي سڀ تي اوچا.“

نوري مهاڻيءَ مان ڦري راڻي ٿي. شاهہ ان درجي جو ذڪر ڪندي ٻڌائي ٿو تہ نوري:

نہ وڏي، نہ وڪٽي، نہ ڪٽي ۾ ڪاري،
اهڃ، سهڄ، ساهميون، ڏرٺا نہ ڏاري.

مگر پاڻ کي هوءَ ڪڏهن بہ راڻي نہ ٿي ڪوٺي. جڏهن هن پاڻ کي نيچ ڪيو، تڏهن تہ ڄام ڪيس اوچو بڻايو. شاهہ ٻڌائي ٿو تہ جيتوڻيڪ تماچيءَ کي نوريءَ ئي دائمي جيئرو بڻايو، تہ بہ هوءَ پاڻ کي هميشہ ’گندري“ ڪري سڏي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليلا ۽ مومل جيان نوري بہ حسين هئي. مهاڻي هئي. مگر منهن ۾ مٺيا هيس. شاعر سندس سونهن جو بيان ڪري ٿو تہ:

هٿين. پيرين. آرڪٿين. مه نہ مهاڻي.
جن سڳو وچ سرندڙي. تن راڻن ۾ راڻي.

مگر سندن روزمره جي زندگيءَ ۾ ڪيڏو نہ تفاوت هو! ليلا لاءِ شاه چوي ٿو:

سونا ڪر ڪنن ۾. ڳچي ڳاڙها هار.
بانهوتا بانهن ۾. سنڌ سٽيا وار.

۽ مومل جي بدني ناهہ نوهہ جو ذڪر ڪندي ٻڌائي ٿو تہ:

جهڙا گل گلاب جا. تهڙا مٽن ويس.

مگر نوريءَ جي حالت شاهہ هيٺين سٽن ۾ بنائي ٿو:

چاريون. ڪاريون. ڇڄ. ڇيريون.
جن جي محبت مڇي ساڻ.
رهن. وهن سر پانڌيين. سڀئي بدبوءِ هاڻ.

تماچي موهت ٿيو نوريءَ جي شڪل شبيهہ تي ۽ کيس پنهنجي راڻي ڪرڻ جو ارادو ڪري. سندس مائٽن کان هن جو سڱ گهريو. جو هنن خوشيءَ سان قبول ڪيو. نوريءَ جي حسن کيس راڻي بڻايو. مگر حليمائيءَ مٿس پٽ راڻيءَ جو ڇٽ ڌريو. حسن ۽ حليمائي مختلف خاصيتون آهن جي شاهہ نوريءَ ۾ پريون آهن. سونهن مومل ۾ هئي تہ ليلا ۾ ٻڻ. پر نوريءَ کي چاڙهيو سندس نئڙت. حسن واري آدميءَ کي حليمائي وڏيڪ حسين ڪري ٿي. نوريءَ جي ڪري ڄام تماچيءَ سندس ويجهن خواه ڏورانهن مائٽن سان بہ سهج ڪيا ۽ کين سوغاتون موڪليون. ائين ڪرڻ سان ڄام مهاڻن جو قدر نہ ٿي ڪيو. ليڪن نوريءَ جو. ڄا تماچيءَ جهڙو حاڪم. ڄا مسڪين مهاڻا! شاهہ ڏيکاري ٿو تہ پنهنجي سر لوهہ جو ننڍو پرزو بہ پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويندو. ليڪن ڪاٺ جي جهاز کي جو سوين باري لوهي تڪر لڳل ٿين ٿا. سي جهاز کي نہ ٿا ٻوڙين. پر ويتر ڪاٺ جي ڳنڍ سنڌ ۾ پاڻ بہ بنا جو ڪي ترن ٿا. اهڙو اوڇو پڌ شاهہ عطا ڪيو نمرتا کي.■

۴

# مارئي

مارئيءَ جي سيرت دواران شاهہ حب الوطنيءَ جي بينظير تصوير پيش ڪئي آهي. غريب ڳوٺاڻن جي اندر ۾ جو سـَـٺيهہ لاءِ سنيهہ ۽ سچائيءَ جو مادو آهي. تنهن جو تخمينو شاعر مارئيءَ جي دل جو نقش چٽي لڳايو آهي. مارئي ظاهر ڪري ڏيکاري ٿي تہ سچائي هروڀرو دولتمندن جو ورثو ڪينهي. وطن لاءِ حب ۽ پاڪدامني مسڪينن ۾ پڻ لڀنديون. مارئيءَ ۾ شاهہ عورتپڻي جو آدرش پيش ڪيو آهي. عصمت بنا عورت عورت نہ ليکبي. زال جو ست سندس بي بها ڳهڻو آهي. جنهن جي سنڀال ڪرڻ سندس مکيہ فرض آهي.

ٻين سرن جي اڀياس مان ڏسبو تہ سورمين جي سيرت نگاريءَ سان گڏ ڪٿي ڪٿي سورمن جو پڻ ٿورو بيان شاهہ ڏئي ٿو. پر "سر مارئي" ۾ تہ صرف مارئي ڇيئي وسي. ڪيت سين تہ ڳاٺاٽي ۾ ئي ڪونهي.

مارئيءَ جي سيرت کي جو ڪن شاهہ جي اڀياس ڪندڙن تمثيلي رنگ ڏنو آهي تنهن سان مان شامل راءِ نہ آهيان. ڇاڪاڻ تہ ڪن نظمي ڪهاڻين ۾ شاهہ تمثيل رکي آهي، تنهن ڪري ائين سمجهڻ تہ "سر مارئي" ۾ بہ ضرور ڪو اونهو راز رکيل هوندو، نيڪ نہ آهي. شاهہ صاحب جي مها ڪوي هو تہ اعليٰ درجي وارو فيلسوف پڻ هو. سندس سموري شعر جو مدار هروڀرو تمثيل تي نہ آهي، جنهن ڪري ائين چئي سگهجي تہ هن صرف اهي مضمون قلم بند ڪيا آهن. جن ۾ ڪانہ ڪا تمثيل رکي سگهيو آهي.مارئيءَ جي ڪهاڻي اهڙي تہ دل ڇڪائيندڙ آهي جو شاعر تہ ٺهيو، مگر رواجي آدميءَ جا امنگ ٻڻ، ان جي ٻڌڻ يا پڙهڻ سان، اڇلون مارڻ شروع ڪن ٿا. شاهہ کي شاعراڻي دل هئي. شاعراڻي ديد هئي. شاعراڻو دماغ هو. هو سمجهي سگهيو ٿي تہ ڪهڙو مضمون شعر ۾ قلم بند ٿيڻ جو لائق آهي. "سر مارئي" ۾ شاهہ فطرتي شاعر، محبِ وطن ۽ پنگتي تاريخ نويس نظر اچي ٿو. مارئيءَ جي اباڻي ملڪ لاءِ اڪير ۽ سندس ڪانڌ لاءِ قرب پنهنجي سر اهڙا موضوع نہ آهن ڇا جو شاهہ جهڙي اعليٰ شاعر ۾ شعر جي ٻوليءَ ٻولڻ لاءِ ڪشش ڪن؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ههڙي اعليٰ مضمون کي تمثيلي رنگ ڏيڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ ڇا، تمثيل بنا "سر مارئي" وارو مضمون اهڙو نه آهي جو پڙهندڙن جي دلين ۾ شاهه لاءِ عزت ۽ قرب پيدا ڪري؟ جيڪڏهن شاهه جو شعر غور سان جاچبو ته خبر پوندي ته سهڻي، سسئيءَ ۽ ليلا جي ڪهاڻين ۾ جا تمثيل رکيل آهي سا اهڙي پڌري آهي جهڙو ٻانهن ۾ چوڙو. جنهن جي ڏسڻ لاءِ آئيني جي درڪار نه ٿي رهي. انهن ڪهاڻين اندر تمثيلن کي ڳولڻ جي ضرورت ئي ڪانهي، ڇاڪاڻ ته اهي ازخود اسان جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪين ٿيون. نه صرف ايترو، پر ڪٿين ڪٿين شاهه صاحب پاڻ يا سورمين جي واتان، ڪهاڻيءَ جي رڳا ۾، انهن تمثيلن ڏانهن اشارو ڪري ٿو. مگر "سر مارئي" ۾ ائين بنهه ڪينهي. "سر مارئي" جي ٻارهن ئي داستانن ۾ ڪوبه اهڙو بيت يا وائي درج ٿيل ڪانه آهي جنهن جي آڌار تي چئي سگهجي ته هن آکاڻي ۾ پڻ شاهه ڪا تمثيل رکي آهي. مارئيءَ جي وڇايل سونهن، ٿر جا کوهه، اتان جا ڳوناڻا ميوا ۽ ڏٿ، مچر ۽ ماکيون، پيرون ۽ پڪا، مارن جي غريبيءَ جي هلت، مارئيءَ جي ملڪ ملير لاءِ محبت، عمر جون ڪيس انيڪ آڇون ۽ مارئيءَ جا ڪيس منهن ٽوڙ جواب، شاهه جا پنهنجيءَ سورميءَ کي دلاسا، مارئيءَ جا قاصد کي نياپا ڏيڻ، انهن ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه ذڪر هن سر ۾ نه ٿو اچي.

عام طرح جا تمثيل مارئيءَ سان لڳائي ويندي آهي سا وسهڻ جهڙي نه آهي. تمثيل واريءَ آکاڻيءَ سان واسطو رکندڙ سڀ اداڪار ڪن نه ڪن ڳڻن جا نشان ٿين ٿا. مارئي لاءِ چيو وڃي ٿو ته ان جي مراد هي انساني روح جنهن کي خدا ڀيرين عالم ارواح ۾ رکيو. پر جو، پوءِ سندس حڪم موجب، جسماني جامو اوڍي، عرش تان ڏکجي اچي فرش تي پيو. ۽ پوءِ ساڻس اها جٺ ٿي جا مارئيءَ سان عمر جي ڪوٽ ۾ ٿي. عرش (يعني عالم ارواح) ٿيو ملير، جتي مارئي جائي، نپني ۽ آزاديءَ جي حياتي ڪاٽيائين. فرش ٿي هيءَ دنيا (عمرڪوٽ) ۽ عمر جو بنديخانو ٿيو جسم جنهن ۾ روح رهي ٿوءِ جيئن مارئي ملير وڃڻ لاءِ ماندي هئي، تيئن انسان جو روح، جو جسماني پڃري ۾ بند آهي، اتان عالم ارواح ڏانهن اڏامڻ جا وجهه ڳولي ٿو. هاڻي سوال اٿي ٿو ته روحن کي جسماني جامو پهرايو خدا، پر جيڪڏهن مارئي روح سان ۽ قيد جسم سان مشابهت رکي ٿو ته عمر، جو مارئيءَ جي روح کي زوريءَ ڀڄائي اچي بنديخاني ۾ قابو رکي ٿو، شيطان ڪيئن ٿيو؟ عمر ته نفس ٿي نه ٿو سگهي، جيڪڏهن عمرڪوٽ جو مطلب آهي جسم، ڇاڪاڻ جو روح کي جسم ۾ خدا وڌو نه شيطان. اهو مطلب ڪيڏي سگهجي ٿو ته روح کي نفس سان ملاسبت هئڻ ڪري اهڙي تڪليف پهچي ٿي، جا مارئيءَ کي عمر جي ڪوٽ ۾ عمر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان ملاسبت ڪري پهتي. پر عمر جيڪڏهن شيطان آهي تہ پوءِ شيطان ڪي ڪهڙي طاقت آهي جو عالم ارواح ۾ پير پائي سگهي؟ عمر تہ ملير ۾ وجي پهتو.

جيڪڏهن "سر مارئي" ۾ ڪا تمثيل آهي تہ ڪهاڻيءَ جو هرهڪ واقعوءِ هرڪو اداڪار تمثيل جي واقعن سان نهڪي بيهڻ گهرجي. هن تمثيل جي قبول ڪرڻ ۾ هڪ پيو بہ موتجهارو آهي. ڪائنات جي اتهاس پٽاندڙ عالم ارواح مان روحن کي ذٽي تعاليٰ پنهنجيءَ مرضي موجب بهشت عدن ۾ آندو خاڪي لباس خواهہ جسماني جامي ۾. روحن کي عالم ارواح مان سڌو هن دنيا ۾ ڪونہ موڪليو ويو. تنهن جو مطلب تہ جيڪڏهن عالم ارواح آهي ملير، تہ عمر جو ڪوٽ ٿيڻ گهرجي بهشت عدن. ليڪن ائين بہ ٿي نہ ٿو سگهي. عمر جي ڪوٽ ۾ مارئي قيديءَ مثل هئي، پر بهشت عدن ۾ آدم کي هرڪا آزادگي مليل هئي. چيو وڃي ٿو تہ جڏهن آدم بهشت عدن ۾ آيو، تڏهن سندس سٽر مان حوا پيدا ٿي، ۽ اتي شيطان اچي ڪانئس خطا ڪرائي، جنهن ڪري خدا مٿن غصي ٿي کين اهبطوا (هيٺ لهو) جو حڪم ڪيو. پوءِ آدم ۽ حوا اچي فرش (يعني هن دنيا) ۾ ڪريا. هاڻي جي ڪٿي چئجي تہ شاهہ پنهنجيءَ تمثيل ۾ بهشت عدن جوبيان نہ ڪيو آهي (جيتوڻيڪ "سر مارئي" ۾ جيڪڏهن پوري تمثيل رکٽي هئس تہ ان جو ذڪر ڪرڻ گهربو هوس). تہ سوال ٿو اٿي تہ آدم ۽ حوا تہ شيطان جي چار ۾ ڦاٿا جنهن ڪري عرش تان هيٺ لهٿو پين، ليڪن مسڪين مارئيءَ ڪهڙو گناهہ ڪيو هو جو عمر ڪيس قيد ۾ وٺي ويو. مارئي تہ هڪ معصوم ڳوناٽي ڇوڪري هئي، جا پنهنجي ست تي قائم رهي.

مان هن رايي جو آهيان تہ مارئيءَ تي جا تمثيل مڙهيل آهي سا سراسر اجائي، اڻ پوري ۽ دور دراز آهي. نہ مارئي روح آهي، نہ عمر نفس آهي، نہ عمرڪوٽ دنيا آهي، نہ آدميءَ جو جسم عمر جو قيد. منهنجي خيال ۾ تہ ائين ٿو اچي تہ مارئيءَ واريءَ تمثيل تي زور ڏيڻ نہ گهرجي، ڇاڪاڻ جو نہ اها دل سان ٿي لڳي ۽ نہ اها مارئيءَ جي سيرت کي وڏيڪ وٽندڙ بڻائي ٿي. مارئيءَ جي ڪهاڻي تہ پنهنجي سر ئي دل پڇائيندڙ آهي. شعر تيسين شعر ئي سمجهجي، جيسين ڪہ ان جو اپياس ثابت ڪري تہ اهو صرف شعر نہ آهي، پر پڻ تمثيلي تذڪرو.

مارئيءَ جي سيرت جي خصوصيت آهي سندس پنار لاءِ پريم. مارئيءَ جي پڪي پريم جو نقش شاهہ ڪهڙو نہ دلفريب ۽ دلسوز چٽيو آهي! مارن جي جدائي مارئيءَ کي بي چين ڪري ڇڏيو. سندن يادگيريءَ ۾ هن ڪان ڪاڌو پيتو ۽ هار سينگار وسري ويو. مارن لاءِ هوءَ چوي ٿي:

چرن، چٹڪن چت ۾، سدا منجهہ سرير.

عمر جڏهن مارئيءَ کي ڏتارڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو ۽ ڪيس ميريءَ ۽ کهري اونيءَ لوئيءَ لاهڻ لاءِ چيائين، تڏهن ٿي مارئي وراڻيس:

١- پٽـولا پهنواريون، مـور نہ مـٽي ڪن،
جہ لاڪ رتائون لوئيون، تہ سالنئا سونهن،
ان ايلاچنئـون اڳـري، بخـمل بافتن،
سڪر پـائيان سومرا! ڪـٽي ڪـان ڪـهنبن،
جـا ڏنيمر ڏاڏاٿن، سـا لاهيندي لڄ مـران.

٢- مـون مـاروءَ سين لڌيون، لوئي ۾ لائون،
سون برابر سڱڙا، مون کي ناهن ٻڌائون.

مارئيءَ جي سيرت جي برابر ڪٿ تڏهن ڪري سگهبي، جڏهن ياد رکبو تہ جيـتـوڻيڪ مـارن کـيس آزاد ڪرائڻ جي ڪابہ ڪوشش ڪانہ ورتي، تہ بہ هوءَ سمورو وقت کيت سين جي ست ۾ رهي ۽ عمر جي آڏ نہ مجيائين. ان واقعي ڏانهن شاهہ پنهنجي سورميءَ کان اشارو ڪرائي ٿو. مارئي چوي ٿي:

نہ خـبـر، نہ خـواب، نـڪـو اوني آئيـو،
هتي جو هِتي ڪهين، ڏنو ڪونہ جواب.

ٻئي هنڌ هوءَ وري چوي ٿي:

جي ڪَرَ لڌائون، تہ بنديءَ بند نہ ساريو،
ماروئڙن آئون، جڪس ويس وسري.

مارئيءَ جون هينيون ستون، جن ۾ پڻ ساڳيءَ ڳالهہ ڏي اشارو ڪري ٿي، کهڙي نہ سوز سان پريل آهن! ويچاري دل چيري ٿي دانهن ڪري تہ:

لنگڙياري لوءَ ۾، جنين لئـہ تـيـاس،
تنين تِر جيـتـرو، پلڪ نہ پچيـاس.

○○○

مارن مونجهہ مياس،
نات ماڙين ماريس ڪين ڪي.

○○○

"نڪـو اير نہ پـيـر، نڪـو اوني آئيـو،
مون وٽ آئيو ڪونڪو پائرئا پري پير."

مارئيءَ کي جنهن چنتا وڌيڪ بي آرام بڻايو سا هئي مارن جي ڏانهنس بيپرواهي. هوءَ کليو کلايو چوي ٿي تہ فيد جي ڪوٺين يا لوهي زنجيرن هن تي ڪوبہ اثر ڪونہ ڪيو. هن کي منجهايو مارن جي ماٺ. جسماني پنڌن ۽ پابنديون سورمي يا سورميءَ جي دل کي نہ ٿيون لوڏين.

جيئن وقت ويو گذرندو، تيئن هوءَ نہ صرف ويئي ڳرندي، پر چمڙيءَ ۾ پڻ ڪاراٽجڻ لڳي. بدن جي صفائي نہ ڪي، وار نہ ڌوئيا، تہ چمڙيءَ ۾ ضرور جهڪو ٿيو. شاعر ٻڌائي ٿو تہ:

١- ميندا ڌوءِ نہ مارئي، نہ ڪلي، نہ ڪاءِ.

٢- اٿيا سٽيا نہ ڪري، سونهن وڃايس سور.

مارئيءَ جي ستيا ۽ خود انڪاري لاجواب آهن. ڪيس اندر ۾ خيال ٿو اچي تہ سونهن وڃائيندي ٿي وڃان، شايد ڪيت سين مونکي نہ قبولي:

سونهن وڃايم، سومرا! مارو مس مڃين.

اتي سونهن جو مطلب آهي بدن جي سونهن. ڇاڪاڻ تہ سيرت جي سونهن تہ قائم رکي هئائين. مائٽن وٽ تہ ميريائي مان لهي ها، پر تنهن هوندي بہ عمر وٽ رهڻ نہ ٿي قبولي ۽ ڪيس چوي ٿي:

١- آئون ڪنءِ سوڙين سمهان، مون ور گهاري ولهہ.

٢- ور اباڻن سين اڄ! ڪوءِ شربت تنهنجو، سومرا!

مارئي انهن سان سچي رهي جي ساڻس بيوفا رهيا ۽ ڪيس وساري ڇڏيائون. مارئيءَ ڏيکاريو تہ ڪانڌ کي ڏکن ۾ گهاريندو ڏسي، استري پاڻ ڪيئن سک پسند ڪندي. پتيءَ جي صحبت ۾ ڏک بہ سکن سمان آهن.

مارئيءَ جي سيرت دواران شاهہ عورت جي اندر جو عجيب نقش چٽيو آهي. ميداس بادشاهہ جيان شاهہ بہ جنهن چيز کي هٿ لاتو آهي، تنهن کي نج سون ڪري ڇڏيو اٿس. مارئيءَ جي جذبن جي تصوير ڪڍڻ سان تہ شاهہ ڪمال ڪيو آهي ۽ پڙهندي وات مان ازخود ائين پيو نڪري تہ خدا تعاليٰ عورت جي دل الائي ڪيئن جوڙي؟

مارئيءَ پنهنجن عملن ذريعي ثابت ڪيو تہ غريبن جي دولت آهي سادگي ۽ دلي بهادري، اخلاق ۽ ايثار، خدا ۾ اعتقاد ۽ پاڻ ۾ ايمان. مارئي سچي سورمي آهي جا ڪوڙن سنساري سکن ڪان وٺڻ ويندڙ آهي. هوءَ اوچن وسترن جي تمنا نہ ٿي رکي ۽ نہ هن کي نرم بستري جي ئي ضرورت رهي ٿي، هن کي گهٽي جي گهرج ڪانهي، هوءَ ٿوري تي ئي راضي ٿي رهي، مسڪيني هن جو مٽيو آهي. مارئيءَ جو

اخلاق کهڙو نہ اوچو آهي!

اِي نہ مارن ريت، جو سيڻ مٽائن سون تي،
اچي عمرڪوٽ ۾، ڪنديس ڪانہ ڪريت،
پکن جي پريت، ماڙي سين نہ مٽيان.

هن پُوناٽي نينگر، جي وطن لاءِ حب تہ ڏسو:

١- واجهائي وطن کي، سارڙي ڏيان ساهہ،
بت منهنجو بند ۾، قيد م ڪريجاهہ،
پرڏيهائي پرينءَ ري، ڏار م ڏريجاهہ،
ٺڏي وسائجاه ٿرن جي، مٿي مُئي مٽاهُ،
جي پويون ٿئي پساهہ، تہ نجاه مڙهہ ملير ڏي.

٢- هنيون منهنجو هُت ٿيو، هت مٿي ۾ ماهُ،
پکن منجهہ پساهہ، قالب آهي ڪوٽ ۾.

هن جي دليري تہ حيرت ۾ وجهندڙ آهي. عمر کي ڪهڙيءَ نہ بي ڊپائيءَ سان مارئي چوي ٿي:

جي لوڻ لڱن لائين، چيري چيري چم،
مون ڪُر اِڳي نہ ڪئو، اهڙو ڪوجهو ڪم،
جان جان دعوي دم، تان تان پرت پهنوارسين.

انهن سٽن پڙهندي اهو بہ ياد رکڻ کپي تہ مٿيان لفظ مارئيءَ عمر جهڙي حاڪم کي چيا، جنهن وٽ پاڻ بندياڻي هئي. ۽ جنهن عورت کي عصمت جي زره پيل آهي، جنهن کڏهن بہ شيطان اڳيان ڪنڌ نہ جهڪايو آهي، جنهنجو پاڻ تي پورو ضابطو آهي تنهن کي ڇا جو ڊَرُ؟ هن کي خود قربانيءَ جي لاٽاني ڄڻ ڏاريندي پورو يقين آهي ۽ سچ جو راکو خود خدا آهي.

هڙيءَ بي داغ سيرت واريءَ ڇوڪريءَ جي آکاٽيءَ ۾ ڇاٽايل آهي تہ، مائٽن گمان آندو. هنن کي تسلي نہ هئي تہ هوءَ عمر وٽ پاڪ رهي هوندي. مارئيءَ جي آکاٽي جا عام طرح چوڻ ۾ ايندي آهي، تنهن ۾ هڪ واقعو آهي تہ مارئي، جڏهن عمر وٽان پاڻ کي آزاد ڪرائي، عمر جي نياپي تي، مائٽن جي طرفان آيل قاصد سان ڳڏ، ملير ۾ پنهنجي ماڳ آئي، تڏهن کيت سين، جنهن لاءِ هوءَ عمر کي چوي ٿي "هٿين هٿڪڙول، هينئڙي پيم هن جا"، مارئيءَ جي پاڪدامنيءَ ۾ شڪ آندو، ۽ سندس آزمائش لاءِ، هڪ باهہ جو مچ ٻاري، ان ۾ لوهہ جي سيخ تپائي، مارئيءَ کي هٿن ۾ ڏني ويئي. جڏهن هٿن کي ڪابہ لهس ڪانہ آيس ۽ ان آزمائش مان لنگهي

ڪان واقف ڪيو هوندو. عام آڪائيءَ ۾ جا مارئيءَ سان بي انصافي ٿيل آهي، سا شاهه پنهنجيءَ سورميءَ سان ٿيڻ نہ ٿو ڏئي. جا. اهو انصاف آهي تہ جا زال پنار لاءِ هيترين سختيون هموار ڪري، تنهن جو پنار قدر نہ ڪري، ڪيس ڏوهي ٺهرائي؟ شاهه ڏيکاري ٿو تہ ڌاري شخص جي قبضي ۾ هوندي بہ مارئيءَ جي دل نہ لڏي، هوءَ اڏول رهي. هن جي محڪم ارادي کي عمر جون لالچون ۽ ڌڙڪا موڙي نہ سگهيا. پاڻ ۾ ايمان سورمائي جو جوهر آهي ۽ جا پنهنجي محڪم ارادي جو اظهار ڪندي، چوي ٿي:

جانڪين سٽين سير، تان ڪين وهنديس ڪوٽ ۾.
سپ سمندين سپجي، نديءَ پيي نہ نير.
جن هوءِ اُبر آسري، تن ءِ مون من مليرِ.

تنهن ڪان ٽنل لوهہ ۾ هٿ وجهائڻ، شاهه کي واجب نہ لڳو. آزمائش وارو واقعو نظر انداز ڪري شاهه عام آڪائيءَ تي شاندار سوپ پاتي آهي، جنهن دواران هن نہ رڳو اهو ثابت ڪيو آهي تہ طبع زاد طبيعت ۽ ادبي لياقتن وارو مصنف پنهنجي ذهني ڪيميا سان اڏاري ورتل آڪاٽي کي. اهڙي جهلڪ ڏئي ٿو جو پڙهندڙ اصلي آڪاٽيءَ کي پلجي، سندس جوڙيل ڪهاڻي مطالع ڪن ٿا ۽ سولي سمجهن ٿا. پر مارئيءَ کي سچيءَ سورميءَ سڏائڻ جو حقدار بڻايو آهي. سچي سورمي يا سورميءَ کي دنيا بہ اهڙوئي سمجهي ٿي، دنيا هن کي عزت ڏئي ٿي، نہ سندن ايمان ڪري ٿي. جيڪڏهن عام آڪاٽي جي مارئيءَ جيان شاهه پنهنجي سورميءَ کان بہ اها آزمائش وٺي ها، تہ اهو مارئيءَ جي سونيءَ سيرت ۾ هڪ وڏو عيب ٿئي ها. اهو عيب ڪڍي شاهه پنهنجي سورميءَ کي بي عيب بڻايو. شاهه جي مارئي توڙي جسماني طاقت جي لحاظ کان نبل ناري آهي، مگر هن جي دل بلوان آهي. سچائي ۽ پاڪيزگي سندس بل آهن. ■

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۵

# سورٺ

سورٺ سان شاهہ انصاف نہ ڪيو. ائين آهي تہ جيتوڻيڪ آڪاڻيءَ جا مکيہ اداڪار ٻيجل ۽ راءِ ڏياچ آهن، تہ بہ سر کي سڏيائين سورٺ جي نالي سان. تنهن هوندي بہ سورٺ تي اها محنت نہ ڪئي اٿس جا ڪرڻ گهربي هئس. سهڻيءَ ۽ سسئيءَ جيان سورٺ جي آڪاڻي بہ دک انت آهي. سورٺ ويچاري، سهاڳ جي صدقي، ستي ٿي. راءِ ڏياچ سندس غير حاضريءَ ۾ سر ڏيڻ جو انجام ڏيئي ويٺو. هاڻي سورٺ ڇا ڪري؟ پنهنجي سک کي ڪڙهي، ڪين پتيءَ جي وچن جو خيال رکي؟ هوءَ ٻن باهين ۾ هئي. جنڊ ڪٽي تہ جنڊ ڳورو، ٻڙ ڪٽي تہ ٻڙ ڳورو. خود انڪساريءَ جو جزو شاه جي ٻين سورمين ۾ بہ آهي. تياڳ تہ سورمن ۽ سورمين جو ورثو آهي. مگر سورٺ جهڙو تياڳ سسئيءَ بہ ڪونہ ڪيو. سنو مارئيءَ پڻ، پر هن کي آخر ۾ حق پلئہ پيو. سورٺ سور دل ۾ پي ويئي ۽ راءِ ڏياچ کي انجام پاڙڻ کان نہ روڪيائين. شاهہ " سر سورٺ" ۾ ڪٿي بہ ڪونہ ٿو ڏيکاري تہ سورٺ راءِ ڏياچ کي سر ڏيڻ کان منع ڪئي. ليڪن ساڳي وقت سياويڪ طرح سورٺ ضرور ٻيجل اڳيان رحم لاءِ ٻاڏايو هوندو. شاهہ دلين پرکڻ ۽ انهن جي بيان ڪرڻ ۾ قابل آهي، مگر سورٺ جي سورن جو ورنن ڪرڻ الائي ڪيئن وسريس؟ سورٺ لاءِ هو موت. راءِ ڏياچ راجپوت هو ۽ راجپوت پان قربان ڪندا ليڪن وعدو نہ ٽوڙيندا. ان حالت ۾ سورٺ لاءِ هڪ ئي وسيلو هو. ٻيجل کي ٻاز آڻي سگهي ها، تہ پتيءَ جي جيئري رهڻ جي اميد ٿئيس ها، ۽ هن جي زندهہ رهڻ سان پاڻ بہ زنده رهي سگهي ها. دل تي چوي تہ سورٺ بہ ضرور ڪوڪون ڪيون هونديون. شاهہ سيني سورمين جي دانهن جو دردناڪ نقش ڪڍيو آهي، ليڪن سورٺ ويري الائي ڇا ٿيس؟ مڙس کي هٿن سان پنهنجو سر ڪپيندو ڏسي، زال جي دل ۾ ڪهڙي نہ آنڌ مانڌ ٿي هوندي! راءِ ڏياچ جو بہ ڪمال ڇٽبو جو راڳ جي رس تي سر وڍي ڏنائين. پر شاباس سورٺ کي بہ آهي جنهن اکين سان اهو هولناڪ واقعو ڏٺو. ويچاريءَ ٻيوسيڪائيءَ جي حالت ۾ سينو چيريندڙ ورلاپ ڪيا هوندا. " سر سورٺ" وڌيڪ وٽندڙ ٿئي ها، جيڪڏهن شاهہ ان ۾ سورٺ جي دلي امنگن جو اظهار ڪري ها.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌيءَ طرح تہ شاعر سورٺ جو ذڪر ئي نہ ٿو ڪري، نڪي وري سورٺ جي قتيل دل ڪي ئي ڪچڻ جو وجهہ ڏنو اٿس. سارو داستان عجيب عبارت سان سينگاريل آهي، پر سورٺ جي سيرت تي الائي ڇو پردو ڪيل آهي؟ شاهہ جي من ليائيندڙ لفظن ۾ سورٺ جي نالي سوز جو اظهار هن دردناڪ داستان کي ڏاڍو موثر ۽ مڪمل ڪري ها.

تمثيلي نقط نگاهہ کان ڪن پڙهندڙن وري سورٺ سان حد بي انصافي ڪئي آهي جو سورٺ جي معنيٰ ڪئي اٿن نفس. مان ٿو پڇان تہ سورٺ نفس ڪيئن ٿي؟ هن راءِ ڏياچ لاءِ ڪهڙي شيطاني چار پکيڙي هئي؟ هو راءِ ڏياچ جي ارادي آڏو ڪين آئي. هن پنيءَ کي اقرار پاڙڻ کان نہ پليو. نہ تہ شاهہ ضرور ان جو بيان ڪري ها. اٽلندو جڏهن راءِ ڏياچ پنهنجو سر وڍي ڏنو، تڏهن پاڻ بہ سندس پنيان جيئري جلي. جي نفس هئي تہ پاڻ کي جيئري جلائڻ جو ڪهڙو ضرور هوس؟ ڪنهن ائين ڪرڻ لاءِ زور تہ ڪونہ ڪيو هوس. سورٺ سچي راجپوت استري ثابت ٿي، جا پنيءَ سان چکيا چڙهي. سورٺ جي قرباني نظر انداز ڪري، ڪيس نفس سان مشابهت ڏيڻ وڏي ادبي غلطي آهي. بيجل راءِ ڏياچ کي سڏي ٿو "سنهارا سورٺ ور." سورٺ هئي راءِ ڏياچ جي استري، پوءِ هوءَ نفس ڪيئن ٿي؟ شاهہ جو اهو خيال هو ڇا تہ هر ڪا استري پنهنجي پنيءَ لاءِ نفس آهي؟ شاهہ جي سورٺ جيڪڏهن اهڙي نيچ اداڪار هئي، تہ پوءِ آڪاٽي کي سندس نالي سان سڏي، پاڻ کيس اهڙي مشهوري ڪيئن ڏنائين؟ ڪي شايد چون تہ سورٺ سُر جو نالو آهي ۽ آڪاٽي جي سري جو سورميءَ جي نالي سان ڪوبہ تعلق ڪونهي. مگر مارئي، سهڻي، ليلا چنيسر ۽ مومل راڻو تہ سرن جا نالا ڪين آهن. سُر آبريءَ کي بہ شاهہ "سر سسئي آبري" سڏي ٿو. شاهہ نظمي ڪهاڻين کي سورمين جي نالن سان ئي سڏيو آهي.

جن سورٺ کي نفس سڏيو آهي، تن جو چوڻ آهي تہ بيجل جي مراد آهي مرشد. بيجل تہ پيسي جي لالچ تي اچي راجا کان سر جي طلب ڪئي. سندس زال هيرن جو ٿالهہ وٺي رکيو. سو بيجل کي ضرور سر وٽڻو هو. نہ تہ راجا سندس سر ڪپائي ها. پاڻ کي بچائڻ لاءِ هن راءِ ڏياچ کان سندس سر طلبيو. آڪاٽيءَ جي آخر ۾ اچي ٿو تہ جڏهن راءِ ڏياچ جو سر ڪٽي، بيجل وطن وريو ۽ راجا انيراءِ مٿس غصي ٿيو، تڏهن هو راءِ ڏياچ جي ملڪ ۾ واپس آيو، ۽ سورٺ کي چکيا تي سڙندو ڏسي، پاڻ چريو ٿي پيو ۽ پڇتاءُ جو اظهار ڪري، پاڻ کي بہ ڪٽي اُن چکيا تي اڇليائين، جتي سڙي پسم ٿي ويو. بيجل آخر پروڙيو تہ راءِ ڏياچ جو سر وٺي، سورٺ کي ڏهاڳ ڏيئي، هن برو ڪم ڪيو هو. انهن نڪتن جي ڳڻ ڳوت ڪانپوءِ بہ بيجل کي مرشد سڏي، سچي آڪاٽيءَ کي تمثيلي رنگ ڏيڻ ناجائز آهي. بيجل تمام ضعيف سيرت وارو اداڪار آهي. اهو وسارڻ نہ گهرجي تہ بيجل کي جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهہ چوڻ رسائي سا هئي سورٺ جو جيئري پاڻ جلائڻ. جيڪڏهن سورٺ نفس هئي تہ هن جي پسم ڏينڻ تي ٻيجل تهدل خوش ٿئي ها. شاهہ صاحب جي نظم ۾ تہ اهڙو ڪوبہ اشارو نہ آهي جنهن مان سورٺ لاءِ گمان آڻجي تہ هوءَ هئي نفس.

باقي رهيو هي سوال تہ جي سورٺ نفس نہ آهي تہ، شاهہ هن جي سيرت کي پنهنجي نظم ۾ چو نہ چٽيو؟ انهيءَ لاءِ منهنجو خيال هي آهي. شاهہ جي جيون چرتر مان پڌرو آهي تہ هن کي سرود سماع جو بيحد شوق هو، ۽ جن حالتن هيٺ وفات ڪيائين سي پڻ ڏيکارين ٿيون تہ راڳ شاهہ صاحب جي جان جو جياپو ۽ روح لاءِ راحت هو. مان سمجهان ٿو تہ هندستان جي سفر ڪندي شاهہ جڏهن ٻيجل ۽ راءِ ڏياچ واري آکاڻي ٻڌي، تڏهن سندس دل ۾ جذبو جاڳيو تہ راءِ ڏياچ جي دل جو نقش شعر ۾ چٽيان. جنهن جهڙو مثال دنيا ۾ اڻ لڀ آهي. هي هڪ سچي تاريخي حقيقت شاهہ کي ملي. "سر سورٺ" ۾ هڪ راڳ جي عاشق ٻئي راڳ جي عاشق جي تصوير ڪڍي آهي. سماع شاهہ کي پيارو هو ۽ هن آکاڻي ۾ کيس وجهہ مليو تہ سماع جي طاقت جو بيان ڪري. جو سماع ديوتائن جو هنر ليکيو ويو آهي. شاه جو "سر سورٺ" سماع اڳيان پيتا آهن. هن آکاڻي تي ڪنهن تمثيل جي انومان ڪرڻ جو ضرور ڪونہ آهي. هتي شاهہ راڳ جي روحاني برڪت جو بيان ڪيو آهي. تاريخي ڪتابن ۾ چاٽايل آهي تہ گذريل زماني ۾ راجائن جي درٻارين ۾ اڪثر راڳيندڙ هوندا هئا ۽ جڏهن بہ چارڻ بادشاهن جي ڪچهرين ۾ داخل ٿيندا هوا، تڏهن کين عزت ملندي هئي. هو توڙي غريب هوندا هئا، تہ بہ راڳ راجائن کي سندن فيض جو محتاج بڻائيندو هو. "سر سورٺ" ان شاعر جو لکيل هو جنهنجي روحاني غذا راڳ هو. راءِ ڏياچ جي قربانيءَ شاهہ کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. سسئيءَ برابر سر ڏنو. سهڻيءَ جي قرباني بہ لاثاني آهي. پر راڳ لاءِ هٿن سان ڪنڌ ڪپي ڏيڻ تہ رڳو راءِ ڏياچ جو ڪم هو. راءِ ڏياچ جو محبوب هو ساز ۽ سماع. شاهہ کي هن آکاڻي ۾ هڪ اهو مرد اداڪار هٿ آيو، جو هر طرح سورمي سڏجڻ جو لائق هو، ۽ مان سمجهان ٿو تہ راءِ ڏياچ جي قربانيءَ جو ذڪر ڪندي، شاهہ صاحب سورٺ تي توجهہ نہ ڪيو. شايد انهي خيال کان تہ سورٺ جي سورن جو بيان راءِ ڏياچ جي اهميت کي جهڪو ڪندو. وڌيڪ هيئن پڻ ممڪن آهي تہ ڪانڌ جي قرب ۾ استريءَ جي ورلاپن جو شاهہ کن ٻين سرن ۾ چڱو ئي وستار ڪيو آهي. مگر محض سماع جي صدقي سر ڏيڻ هڪ نئون مضمون هو. تنهن ڪري پنهنجيءَ ڪوتا اندر راءِ ڏياچ جي پدوي پڌري ڪيائين ۽ ساڳي وقت سيل ستيا جي مورت، سورٺ، جي قربانيءَ ملهائڻ لاءِ پنهنجي نظم جو نالو ئي رکيائين "سر سورٺ". ■

# لطيفي سئر

پيرومل مهرچند آڏواڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حياتيءَ جو احوال

سنڌ جو هاڪارو شاعر شاهه عبداللطيف، جنهن کي "شاهه ڀٽائي" به چوندا آهن، سو شاهه حبيب جو پٽ ۽ شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو تڙ پوٽو هو. هن جا وڏا اصل هرات ۾ رهندا هئا، پر پوءِ امير تيمور جي ڏينهن ۾، سنڌ ۾ اچي مٽياريءَ ۾ رهيا. اهي مٽياريءَ وارا سيد پوءِ هالن ڏي ويا، جن مان اسان جي فخر جو باعث شاهه عبداللطيف پيدا ٿيو. هو ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ سنه ١٦٨٩ع ڌاري ڀِٽ ڪٽياڻ تعلقي هالن جي ويجهو ڀئي پور ۾ ڄائو هو.

ننڍي هوندي کان ئي شاهه صاحب جي چت جو لاڙو ڏٺي صاحب جي پاسي جهڃهو هو ۽ جئن ويو وڏو ٿيندو، تيئن سندس جوهر به وڌيڪ ظاهرٿيندو. پوءِ ته ڪيترا ماڻهو ڪانئس ارشاد وٺي سندس مريد ٿيا.

شاهه صاحب قد ۾ ٺٽ جو پورو پُنو هو ۽ سندس چهرو ڪڻڪ رنگو ۽ ڦڪاڻ ڏي مائل هو. هو سادو کائيندو هو، سادو هنڊائيندو هو ۽ ڏاڍو نهٺو ۽ پرهيزگار ماڻهو هو. ذهين ۽ فهيم ته هڪڙو ئي هو. سندس ناهيل رسالو سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ لاثاني ڪتاب آهي. انهي رسالي جا بيت سرن ۾ وراهيل آهن. ڪن سرن ۾ نج تصور پلٽيو اٿس ۽ ڪنهي ته وري نيارا نيارا ويس ورن وني اهي اهي درد

۾ ائين سان لاڳاپو رکندڙ لفظ ۽ نهايت عمدا اصطلاح ڪم آڻي، سچيءَ محبت سان پنهنجي چت اندر چرخي چورڻ جو تاڪيد ڪيو اٿس. انهيءَ سر ۾ پنهنجي وقت جي حقيقت بہ ڄاڻائي اٿس تہ ڪئن اڳي زالون، پيتي مٽڻ لاءِ صرافن وٽ بہ ويندڙيون هيون ۽ ڪئن صراف هر هڪ ڦورو ڦولهي ڪتيل سٽ مان عيب ڪڍندا هئا.

"ڦورو نہ ڦولهي شال، سنئين پئي صراف کي!"

ڪانءُ جهڙو عام پکي، جو روز اچيو گهر وٽ "ڪان ڪان" ڪري، تنهن تي اسين ڪوبہ ويچار نٿا ڪريون، پر هن اعليٰ درجي جي شاعر ان جون سڀ عادتون سر پورب ۾ کولي ظاهر ڪيون آهن تہ ڪئن ڪانءُ ڊوڙندو تي ڊري ٿو، جتي وهي اتي وٺ لاهي ٿو، ۽ ڪئن، وهائيءَ وٽڻ ۾ "ڪان ڪان" ڪري ٿو وغيره. ڪن بيتن ۾ ڪانگل کي قريبن جو قاصد بنائي ٿو ۽ هن کي پرين جي پارانين پچارڻ جو تاڪيد ڪري ٿو.

سج، چنڊ، تارا، ڪتيون ۽ ٻيا سهسين سيارا جي هر روز اسين اکين سان پيا ڏسون، تن مان اسين دل ڏيئي ڪوبہ سبق نٿا سکون، پر هن الله تعاليٰ جي عاشق انهن سان عجيب اورون ويهي اوريون آهن، جي سر ڪنيات ۾ ڏنل آهن، سج جو تجلو ۽ چنڊ جي چانڊاڻ ڏسي، مالڪ جي جلوي ۽ جلال جو تصور ڪري چيو اٿس تہ:

سهسين سجن اڀري، چوراسي چنڊن
بالله ري پرين، سڀ اونداهي پانئيان. (ڪنيات)

ڪنهن وقت مينهن پيو آهي تہ رعد جي رڙ، وڄ جي ڪنوڻ، پلر جي ٠ ٔڊڻ، پٽن جي پاهہ جهلڻ، ڳاهن جي گلزاري لائڻ، سنگهارن جي سرهي ٿيڻ ۽ ان ارزان ٿيڻ جا بيان نهايت مختصر، پر مائيدار لفظن ۾ ڪيا اٿس جي سر سارنگ ۾ ڏنل آهن.

شاهہ صاحب گهر مان نڪري بازار ڏي هليو آهي. هلندي هلندي ڪنهن لهار جي دڪان تي ڏسي ٿو تہ لهار اڳر دکائي، ڌنوٽيءَ سان ڌنئين، ڪورو تپائي، ان ۾ لوهہ وجهي ٿو تہ ڪٽ ڪڙهي ٿي ۽ لوهہ ٻري ٿو. جڏهن لوهہ تپي ڳاڙهو ٿئي ٿو، تڏهن منترڪا منهن ڪڍن ٿا، سانداڻيون ڪنبن ٿيون ۽ لوهہ ڏکين تات پئي ٿو! اهي رواجي ڳالهيون جي سڀ ڪنهن ڏٺيون هونديون، تن مان هن عاشق نهايت عجيب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئي هوائين. اهي هتا سندس مڪيہ سئر جي هن هندستان اندر ڪيا.

پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ شاهہ صاحب ڪربلا موليٰ جي زيارت ڪرڻ جي ارادي سان ونگ ولهار پرڳڻي مان پنهنجن ڪن مائٽن وٽان ٿيندو، ڪجهہ اڳيرو وڌيو تہ ڪو مريد گڏيس، جنهن چيس تہ "قبلا، هيءُ ڇا؟ مائٽن کي چوندا وتو تہ اوهان جو ڪفن دفن بہ پٽ تي ٿيندو ۽ هاڻ وري پڇاڙيءَ واري وقت ۾ نڪتا آهيو هڪ وڏي سفر تي". شاهہ صاحب جي دل ۾ اهي اکر چڀي ويا. ڳچ تائين تہ بيخوديءَ جي حالت ۾ اچي ويو. آخر سفر جو ارادو رد ڪري، موٽي پٽ شريف ڏانهن رخ رکيائين. انهي ٿوري سفر توڙي سندس مکيہ سئرن بابت رسالي ۾ گهڻيئي اشارا آهن، جي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي کولي ظاهر ڪيا.

شاهہ جو رسالو ڪو سفر نامو ڪونهي، جنهن مان پوري ريت پتو پئي تہ هو انهن سئرن تي ڪهڙين ڪهڙين واٽن کان ويو ۽ اتي ڇا ڇا ڏٺائين. انهيءَ هوندي بہ رسالو انهيءَ ڏس ۾ گهڻي رهنمائي ڪري ٿو. رسالي ۾ شاهہ صاحب پنهنجي سئر سياحت جا احوال عمدي عبارت ۽ سهڻن ويسن ورنن ۾ ڏاڍي ڍنگ ۽ طرز سان ڏنا آهن. ٿر ملڪ جو تہ سربستو احوال ڪيو اٿس ۽ اتي جا اهي اهي بيان بڌايا اٿس جي ٻئي ڪنهن بہ ڪتاب مان ملڻ مشڪل آهن. اهي سڀ بيت رسالي ۾ ٽڙيا پکڙيا پيا آهن. اهي ترتيب وار ٻڌاربا تہ هڪ چڱو خاصو سفرنامو ٺهي پوندو، جنهن مان پوريءَ ريت پروڙ پوندي تہ هو ڪهڙين ڪهڙين واٽن تان ويو، ڪهڙي ڪهڙي هنڌان رسالي لاءِ مضمون ڪٺو ڪيائين ۽ پهريائين ڪهڙا بيت ۽ پوءِ ڪهڙا بيت چيائين. هن قسم جي کوجنا ڪرڻ سان شاه صاحب جي حياتيءَ جي احوال تي هڪ نئين قسم جي روشنائي پئجي سگهندي ۽ رسالي مان بہ هڪ نئون رس ايندو.

شاهہ جي رسالي ۾ رڳو ڳجهو روحاني راز ڪينهن، پر ڪيترن هنڌ نصيحت جا موتي منظوم ٿيا پيا آهن، ڪٿي تہ صفا سنڌ جي آڳاٽي تواريخ ۽ جاگرافيءَ جا بيان آهن. پر اهي سڀ سڪ جي سڳي ۾ پوتا پيا آهن. اهي جڏهن محبت جي مالها مان چني ڌار ڪبا، تڏهن پڙهندڙن کي پوري طرح پروڙ پوندي تہ سنڌ جي تاريخ ۽ جاگرافيءَ جا ڪم ٿيل ورق رسالي ۾ موجود آهن، جن جي هر ڪنهن کي خبر هئڻ ضروري آهي.

## (۴) سئر جو سبب

شاهه لطيف هڪ وڏو وطن دوست هو، پنهنجي سنڌ ڌرتي سان اهڙي نه دل هيس جو ان لاءِ داور جي درگاهه مان دعا پني اٿس:

ساڻيم! سدائين ڪريم مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين! (سارنگ)

جنهن درويش جي پنهنجي وطن سان هيڏي دل، تنهن تي ورهيه سانده پنهنجو ڏيهه ڇڏي، پرڏيهه جا ڏک ڏاکڙا قبوليا تنهنجو ڪارڻ ڪهڙو؟

"برهه ٻٽايس بر نه ته سگهي ڪير سڏون ڪري" ؟

اها برهه جي باهه هئي جنهن هن عاشق کان وطن جا وڻ ڇڏايا. اهڙو پنيت ڪئي ٻريو تنهن بابت هيءَ روايت آهي:

شاهه صاحب جي ڏينهن ۾ هالن تعلقي ۾ ڪوٽڙي نالي هڪ شهر هو، جو هاڻ ڦٽي ويو آهي، پر ان جو ويرانو اڄ تائين ڀٽ شريف کان پنج ميل پري ڏکڻ ڏي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. انهي ڪوٽڙيءَ جو حاڪم مرزا بيگ هو، جو ارغون گهراڻي مان هو. شاهه صاحب جي شادي انهي مغل بيگ جي نياڻيءَ سان سن ١٧١۴ع ڌاري ٿي. سندس بيبيءَ جو نالو سيده بيگم هو، جنهن کي پوءِ شاهه صاحب جا مريد ادب ۽ عزت وچان "تاج المخدرات" يعني "ستياڻين جو ڇٽ" ڪري سڏيندا هئا. بيبيءَ کي هڪ گهمرو ڪهائي ٿي يعني ڪچو ٻار پيٽ ۾ وري حمل ڪونه ٿيس.

شاديءَ ٿيڻ کان اڳ سيده بيگم بيمار ٿي پئي تنهن ڪري سندس مائٽن شاهه صاحب کي دعا ڦيڻي لاءِ آندو، جو شاهه حبيب جي گهر سان مريديءَ جو رستو هون. اسان جي شاعر، اچڻ سان هن نازنين نينگر جي چيچ پنهنجي هٿ ۾ جهلي چيو ته "جنهن جي آڱر سيد هٿ ۾ تنهن کي لهر نه لوڏو"

شاهه صاحب جو هن جي چيچ جهلي، سو گويا نڪاح جي عقد هئي، پر ڪنارين کي سندس انهيءَ هلت تان ڪاوڙ لڳي ۽ مائٽيءَ جي ڳالهه تي پهريائين پير به نٿي کوڙيائون. سچ چيو اٿن ته "لکيو لوهانتان ڪوٽ پڃي" ڪيترن صدن ۽ تڪرارن کانپوءِ اها ساڱي مائٽي ٿي. پهريائين حبستانين مائٽيءَ جي پڪ نه ٿي ملي، تيستائين هن عاشق جي دل ۾ هڪ عجيب بيتابي ۽ بي قراري پيدا ٿي. حقيقتون اهو رڳو هڪ بهانو بنجي آيو. عشق جي چڻڪ نندڙي هوندي هن جي جسماني چولي اندر هئي، پر پوءِ جڏهن حواليءَ جي ڦوهه ۾ آيو ۽ هيءَ ڳالهه ٿي،

ڪونهي، پر سر ڪاهوڙيءَ ۾ گنجو ٽڪر اباڻن ڪان مشهور آهي. اهو هند اڳي بلڪل پاڪ ليکيو ويو هو ۽ اڄ تائين ڪيترا درويش اتي دفن ٿيل آهن. گنجي ٽڪر جي مهڙ ۾ ڪالي آهي. ڪاليءَ تي اڳي ڪتان ڪتان جا جوڳي ديويءَ جي درشن لاءِ ايندا هئا ۽ اڄ به ڪيترا سنباسي ساڌو، تبلي راجا ۽ ٻيا قسمين قسمين فقير اتي اچن ٿا ۽ ڪرڄ ڪانيون ميڙي دونهيون پيا دکائين.

شاهه صاحب ننڍپڻ کان ئي دل جو درويش هو ۽ ديني تعصب جي ڪٽ هن جي قلب تي چڙهيل ڪانه هئي. هندو مسلمان جو وتس ويڇاندر بنهه ڪونه هو، تنهن ڪري ڪاليءَ تي وڃي جيڪڏهن ڪن سنياسين ۽ ساڌن جي سنگت ڪيائين ته ان ۾ عجب جي ڳالهه ڪانهي. پاڻ جيتوڻيڪ ان وقت اجا ايڪيهين ورهين جي ڄمار جو هو ۽ دنيا جو آزمودو اجا پراڻو هوس، ته به ڪن نوڳين جي ور چڙهڻ وارو نه هو. پاڻ چيو اٿس:

آيـل ان نـه وسـهـان، هـنجـون جـي هـارين،
آٽيـو آب اکين ۾ تـا ڏيهـه کـي ڏيکـارين (يمن ڪليـاڻ)

سندس هن قـول مـان ظاهر آ.ـي ته هو ازرق فـقـيـرن کي پهـريائين پرکي سگهندو هو. رسالي مان ائين پيو سمجهجي ته ڪاليءَ تي جيڪي جوڳي گڏيا اٿس تن کي به پهريائين پليءَ پيٽ ويهي پرکيو اٿس.

"ڪيم ڪاپڙين جي ڪا، پهرين ڏينهن پروڙ (رامڪلي)

اهڙي طرح سـر رامـڪلي ۾ ٻارهن ڏينهن بابت بيت آهن. * اهي بيت ڏيکارين ٿا ته هن اهي ٻارهن ئي ڏينهن جوڳين کي ويهي جاچيو، جو پوري نرڪ پرک ڪرڻ ڌاران هو ڪنهن جي صحبت ڪرڻ وارو نه هو. پنهنجي جاچ جو نتيجو هنن لفظن ۾ جاڻايو اٿس:

مـون سـي ڏٺـا مـاءُ، جنـي ڏٺـو پريـن کي،
ڪري نه سگهـان ڪا، انهن سندي ڳالـهڙي (ڪـاهوڙي)

اهڙي طرح جڏهن خاطري ٿي اٿس ته هي برابر ڪامل جوڳي آهي ۽ سندس صحبت مان فيض رسندو تڏهن نه رڳي سندين ساک ڪئي اٿس، پر گنجي ٽڪر جا به گڻ ڳايا اٿس:

---

* رسالي بمبئي ڇاپي واري ۾ مهيني جي تيهن ئي ڏينهن بابت بيت آهن. پوين ارڙهن ڏينهن بابت بيت لکيءَ واري سيد بلاول شاهه جي خادم ميان ولي محمد هاليپوٽي جا جوڙيل آهن، جي رسالي ۾ پوءِ گڏيا اٿن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيـــــر پروڙي ٻاء، ڪنجي ۾ ڪن ڪـــــهـــــتـــــا،
ڪـــاهوڙي ڪـــــرا ويا، نـڪـــــا اوڏي مـــــاءِ،
جنهن ڏني جـــاء، تنهين مـــونـڻ مـيــــهــتـــو. (ڪـــاهوڙي)

هاڻي هنان مونڻ ۾ مهتو سمجهو اٿس، تنهن ڪري وطن ڏي ورڻ جو خيال لاهي انيئي ٺاٺو ڪري ويهي رهيو آهي.

## (٦) هنگلاج ڏي ويندي

مـــــون مـــــلاقـــــات ان سڀن جن پورب جي پچـــــار،
انـــــئي پـهـــــر ان جي آهـــ، نانيءَ ڏي نـهـــــار،
سـامين سـان سـتـار، لاهوتي لعل ٿـيـان! (رامـڪلي)

حيدرآباد ۾ گنجي ٽڪر وٽ جيڪي جوڳي شاهه صاحب کي گڏيا، تن بابت چوي ٿو ته منهنجي ملاقات انهن جوڳين سان اچي ٿي، جن جي ان ئي پهر نانيءَ (هنگلاج) ڏي نهار هئي يعني اوڏهين هلڻ جو اونو هون. اتي پاڻ به هنگلاج هلڻ لاءِ دل ٻڌائين ۽ سائين جي در سوال ڪيائين ته شل آئون انهن جي سنگ ۾ رچي لعل ٿيان!

هـلـڻ جـــــــــو هـنـگـلاج ڏي، آديـســيـن اتـوم،
نـيـــــــــــــئي پـورب پـار ڏي، ويـراڳـين وڏوم،
هو جـــو تيـــرٿ تـڪـيـــو، سـامين سـونهـايوم،

هي مصراعون سر پورب جي فصل ٻهرئين پنيان جيڪا وائي آهي، تنهن ۾ ڏنل آهن. انهن مصراعن ۾ صفائي صفا چوي ٿو ته آئون پاڻ مرادو جوڳين جي پنيان ڪ هي ڪونه پيس، پر هن پاڻ مون کي هنگلاج هلڻ لاءِ چيو. اهو پاسو اڳي منهنجو ڏنل ئي ڪون هو ۽ سامين ڏيکاريم. رسالي مان هيءَ ڳالهه به ظاهر آهي ته شاهه صاحب سمجهو ٿي ته اهو ڪشلي جو پنڌ آهي ته به هنگلاج هلڻ جا ڏک ڏاڪڙا قبول ڪيائين.

ڏک پاڻ کي ڏس، ڏنو هنگلاج هلڻ جو. (رامڪلي)

هندن ۾ دستور آهي ته ڪهڙي به تيرٿ تي وڃن ته مڇي، ساس ۽ شراب اصل ڪونه واپرائين.

هوائون هنگلاج ڏي ويندي سڀ وسار. (رامڪلي)

هتي شاه صاحب به چوي ٿو ته هنگلاج ڏي هلڻ مهل سڀ دنيوي حرص

وهوس وساري جڏن گهرجن. يعني رڳو سچيءَ سڪ جو سمر سان ڪتن ڪهرجي

هنگلاج جو تيرٿ هڪ فقيرائو تيرٿ آهي، جيڪي گهر ٻاري، جا عامل، ڄا پائيبند، اوڏاهين ويندا آهن سي زالين مڙسين، ٻارين ٻچين گيڙوءَ رتا ڪپڙا ڪري ويندا آهن. شاهه صاحب سان جيڪي جوڳي هئا تن ڪي ته اڳيئي ڀڳئون ويس هوندو، پر ڪيس به ضرور اهڙي پوشاڪ ڏٺي پيئي هوندي. هن ڳالهه جو ذڪر سسئيءَ جي واتان هن طرح ڪرايو اٿس.

اڄ ملنديس ماءُ، ڏاڄا ڪنديس ڪپڙا،
جيجان جوڳياڻي ٿيان، مون ڪي جبل م پاءِ،
هوت ڀروچي لاءِ، ڪنين ڪنر پائيان. (آبري)

شاهه صاحب جي گيڙوءَ رتي ڪفني اڄ تائين سندس درگاهه تي رکي آهي.

ڪديم ڪاڇوٽي، وڏم جوڳ جتن لئه (ابري)

هن مان سمجهجي ٿو ته ان وقت لانگوٽ به چاڙهيو هوائين.

شاهه لطيف هينئر اُهو پٽ وارو درويش نه آهي، پر هڪ رمتو جوڳي آهي. ٻيا جوڳي جتائون ڇوڙي، انگ ڪي ڀڀوت مکي، سڱيون ۽ ترٻون وڄائيندا ڪر ڳل ۽ ڪوچ ڪندا پياوجن، ۽ انهن جي وچ م هي پتائي گهوت به پنهنجو وطن وساري، ۽ دنيوي تڳا توڙي هڪ سنياسي ساڌيءَ جي ويس م، سسئيءَ وانگر ڏونگر ڏورڻ لاءِ حيدرآباد کان ڪراچيءَ ڏي رخ رکي هليو آهي.

تن ڏينهن آڳاڏي ڪانه هئي. جوڳين جا ٻت هميشه ڪشيل هوندا آهن ۽ هو پنڌ ڪرڻ تي سدائين هريل آهن. جوڳين کي پنڌ هلندو ڏسي شاهه صاحب به پنهنجي لاءِ وهٽ ڪونه ڪيو هوندو، تنهن ڪري ائين سمجهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو ته هي ناز جو پالبل به پيادو هوندو. سندس حياتيءَ جي احوال م جاٽايل آهي ته هو اڪثر پيرين اگهاڙو گهمڻ پسند ڪندو هو. اها عادت انهيءَ وقت پيل ٿي ڏسجي‌س. رسالي م به انهيءَ ڳالهه ڏي اشارو ڪري سسئيءَ جي واتان چوائي ٿو ته:

جتيون سي پائينديون، جني پير پرين

مطلب ته شاهه لطيف هن وقت بين جوڳين جهڙو جوڳي آهي، تنهن ڪري هينئر هو اسان جي سجاڻ کان پري آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيچ ڏي وڃڻ لاءِ جيڪا واٽ سسئيءَ ورتي هئي، سا گهڻو ڪري ساڳي شاھ صاحب کي لاهوت ۽ هنگلاج ڏانهن وڃڻ لاءِ ونڻي پئي هئي. اهو جبلن جو پنڌ نهايت اٿانگو آهي. شاھ صاحب اُهي ڏونگرن جا ڏاڪڙا پاڻ ڏٺا آهن، تہ ڇپي ڇپي تي سسئي ياد آئي اٿس، ۽ ڪوهستان جي ڪشالي واري پنڌ جو سمورو احوال ان جي واتان چوايو اٿس اهي آهن مکيہ سبب، جن جي ڪري شاھ صاحب ٻين عاشقن بابت هڪ هڪ سر، تہ سسئيءَ بابت سڄا پنج سر چيا آهن.

"لائينڊيس لڳن کي، مليرئان ميندي"

سسئي پنهنجي پنهونءَ لاءِ جوڳياڻي ٿي، پنپور کان شاهي سڙڪ ورتي، ملير ڏي وئي هئي ۽ اتان ڪراچيءَ اچي، منگهي پير واري واٽ وٺي پب جبل پاسي وئي هئي. شاھ صاحب بہ پنپور کان ملير ڏي آيو آهي تہ اتي جي ميندي جو ذڪر ڪيو اٿس. ملير جي ڳوٺ جي ميندي اڳي هاڪاري هوندي هئي.

## (10) ڪراچي

"ڪالھ ڪلاچيءَ ويا، ڇتيون ڪٽي ڇڳير" (گهاتو)

ڪراچيءَ ۾، ڪيامـاڙيءَ جي نزديڪ، اڳي هڪ وڏو ڪن هو، جنهن کي "ڪلاچيءَ جو ڪُن" ڪري سڏيندا هئا. انهيءَ ڪُن ۾ هڪ وڏو مانگر مڇ رهندو هو، جنهن مورڙي نالي هڪ مهاڻي جا ڇهہ ڀائر ماريا هئا، پر آخر مورڙي ماريس. شاھ صاحب انهيءَ ڳالھ تان بيت چيا آهن، جي رسالي جي سر گهاتوءَ ۾ ڏنل آهن.

شاھ صاحب ڪراچيءَ جو بيو ڪو ذڪر ڪونہ ڪيو آهي. سبب هيءُ آهي تہ جنهن وقت شاہ صاحب ڪراچيءَ ۾ آيو، تنهن وقت اتي فقط هڪ ڳوٺڙو هو، جنهن ۾ مهاڻا رهندا هئا. سيٺ نائون مل ڀوڄواڻيءَ پنهنجي حياتيءَ جي احوال ۾ ڄاڻايو آهي تہ ڪراچيءَ جو شهر ١٧٢٩ع ۾ وسيو. منڍ ۾ اڳيئي ڄاڻايو ويو آهي تہ شاہ صاحب ١٦٨٩ع ۾ ڄائو ۽ ايڪهين ورهين جي ڄمار ۾ يعني 1710ع ۾ جوڳين جي سنگ ۾ هنگلاج ويو، جڏهن اڃا ڪراچيءَ جو شهر ٻڌو ئي ڪونہ هو.

## (11) حب ندي

حب ندي ڪراچيءَ کان ست ڪوھ پري آهي. اها ندي پب جبل جي ٻنهہ اتر واري قطار وٽان، بلوچستان جي حد مان هلي، بہ سئو چاليهن ميلن ۾ بٺ پسائيندي، ڪراچيءَ جي پرپان ڪيپ مانز (راس العماري) وٽ، عربي سمنڊ ۾

چوڙ ڪري ٿي. ڪيپ مانز ڪراچيءَ کان ڏهه ڪوهه پري آهي. ڪارڪ بندر، جتي اڳي ڪراچيءَ جا سيٺيون رهندا هئا، سو هن پاسي آهي. حب نديءَ جي اورين پر پاڪستان سرڪار جي حد آهي ۽ پرينءَ پر قلاتِ جي خان جي حد آهي.

هنگلاج ڏي وڃڻ لاءِ حب نديءَ وارو رستو ونئو پئي ٿو. هن وقت اهو رستو اهڙو پڪو ناهي چڙهيو اٿن جو ان تان موٽرون سولائي سان هلي سگهن ٿيون.

هنگلاج جا جاتي ڪراچيءَ مان نڪرڻ مهل هڪ پيادو پاڻ سان ڪٺندا آهن، جنهن کي "اڳوئو" يعني اڳواڻ ڪوٺيندا آهن. اهو اڳوئو هڪ چڙي (لٺ) پيٺ سان ٻڌي اڳيان ٿيندو آهي ۽ سڄو قافلو انهيءَ چڙيءَ پٺيان هلندو آهي. اها رسم جهوني آهي. رسالي مان سمجهجي ٿو ته شاهه صاحب سان جيڪي جوڳي هئا تن به اڳوئو ساڻ ڪنيون هو. سر حسينيءَ جي فصل ٻارهين ۾ شاهه صاحب ان کي "بورائو" ڪوٺيو آهي. سسئيءَ کي صلاح طور چيو اٿس ته:

لـڪيـن لـوڙائـو، ســــــــــهـــــــــين آهـين سـج ۾،
بــر ۾ بــورائــو، ڪــڻ پــيــــــــــــــادي پـاڻ ســين.

ڪراچيءَ کان هنگلاج چوهٺ ڪوهه ڪن پري آهي، تنهن ڪري جاتين کي ضرور منزلون ڪرڻيون پون ٿيون. ڪراچيءَ جا ماڻهو "منزل" بدران عام طرح "پاٽو" لفظ ڪم آڻيندا آهن. "پاٽو" معنيٰ جتي جل پان يا چيپو چور ڪجي. پهريون پاٽو حب نديءَ تي ڪندا آهن. رسالي جي سر آبريءَ جي فصل ٻئي ۾ شاهه صاحب سسئيءَ جي واتان چوايو آهي ته "پهرو ئي پاٽو، سفرو ڪرين ساڻ ڪي" هن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته اهو "پاٽو" لفظ ڪراچيءَ ۾ اڳي جهڙيو اٿس.

حب نديءَ تي هن وقت واڳهو گهٽا آهن. شاهه صاحب جي وقت ۾ شايد اهي ڪين هئا، تنهن ڪري انهن جو ذڪر ڪونه ڪيو اٿس، باقي روجهن جو نالو رسالي ۾ آندو اٿس. "روجهه ڏنائين رات، هوت ڳولهيندي حب ۾." روجهه هڪ جابلو هرڻ آهي، جنهن جا پير اچا ٿين ٿا. هن پاسي روجهه گهٽا آهن. اهي ماڻهن جي ڊپ کان اڪثر رات جي وقت حب نديءَ مان اچي پاڻي پيئندا آهن. اهڙي طرح شاهه صاحب پنهنجي سفر جو ٿورو ٿورو احوال ڏيندو هليو آهي.

## (١٢) گهٽيڪا ۽ لڪ

ور وراڪا وچ ۾، لڪين آڏا لڪ (ديسي)

هنگلاج جا جاتي حب نديءَ کانپوءِ پراڻيءَ جي ڪوهيءَ تي منزل ڪندا اهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هتي ٻواني (ديويءَ) جو ڪو مندر ڪونهي، باقي هڪ ڌرمسالا نهيل آهي، جنهن ۾ مسافر رهندا آهن. شاهه صاحب انهي منزل جو اشارو ڪونه ڪيو آهي، باقي ڀوانيءَ ڪانپوءِ جيڪي ور ۽ وراڪا وات تي ڏنا آهن، تن جو مٿين مصرع ۾ ذڪر ڪيو اٿس. انهي هنڌ کي عام طرح "گهٽيڪا" چوندا آهن. اها سموري وات اهڙي تنگ ۽ ورن وڪڙن سان آهي، جو جيڪڏهن هڪ قافلو هنگلاج ڏي پيو ويندو آهي ۽ ٻيو پريان پيو ايندو آهي، ته پريان ئي هڪ ٻئي کي هڪل ڪري ٻيهاري ڇڏيندا آهن، ته اول هڪ قافلو لنگهي ته پوءِ ٻئي جي لنگهڻ لاءِ جاءِ ٿئي. شاهه صاحب انهي تنگ وات کي "سوڙهي سگر" به ڪوٺيو آهي. البت انهن لفظن جي اندروني معنيٰ به آهي پر اينترو چئبو ته جن بيتن ۾ اهي لفظ ڪم آندا اٿس، تن بيتن چوڻ جو خيال هن گهٽيڪن مان لنگهندي آيو ٿو ڏسجيس. مٿين مصرع ۾ ٻيو جو چيو اٿس ته "لڪين آڏا لڪ،" سو هن ڪري جو گهٽين مان نڪربو ته اولا مٿانهون پٽ ايندو ۽ پوءِ لڪن پنيان لڪ ايندا، جن مان ڀهريون آهي "بريدو لڪ."

بريدي لڪ جو نظارو نهايت وڻندڙ آهي. هتي قدرتي طرح هڪ ٽڪري جبلن جي قطار ڪان ڇڄي، ذار ٿي، عمدو لقاءُ لڳائي بيٺي آهي. پريان سمنڊ جون چولبون پيون چلڪا ڏين، ته هن هنڌ جو نظارو نزاڪت پريو پيو لڳي.

بريدي لڪ جي نزديڪ ٿوريون ڪوهيون آهن، جي "سيتا ماتا" * جون ڪوهيون سڏجن ٿيون. اهي ڪوهيون ڪڇيون آهن، تنهن ڪري جلد جلد لٽجي وڃن ٿيون، پر ماڻهو اهي وري صفا ڪندا آهن.

## (١٣) وندر

"هيج نه هوندو جن، سي ڪئن وندر ويندبون؟" (آبري)

"وندر" هڪ نئن جو نالو آهي، جا پب جبل مان نڪري، ٻنيهه ڪوه وهي،

---

* هنگلاج پراڻن ۾ جاٿايل آهي ته سري رامچندر جڏهن سيتا ۽ لڇمڻ سان گڏجي چوڏهن ورهه بنواس ڀوڳڻ نڪتو هو، تڏهن انهيءَ عرصي ۾ هنگلاج به ويو هو. انهي پراڻڪ ڳالهه جي تصديق هينين ڳالهين مان ٿئي ٿي. ڪراچي گاڏي حاط جو هڪ ڀاڱو اڄ تائين "رامباغ" سڏجي ٿو. (جنهن کي پاڪستان ڪانپوءِ "آرام باغ" ڪري چوندا آهن) سو هن ڪري جو اتي اصل هڪ باغ هو، جنهن ۾ هيءَ ٽيلهر اچي ٽڪي هئي. اهو باغ هڪ تلاءَ جي نزديڪ هو جو هاڻ جيستوٽيڪ ڪراچي ميونسپالٽيءَ ڀرائي ڇڏيو آهي، ته به اڃا تائين اهو "رام سر" (رام تلاءُ) سڏجي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪين. هنگلاج جي واٽ تي ٻين سڀني منزلن تي پاڻي ملي سگهي ٿو، پر هتي سچ پچ وارڪا ڪري. هن ٻنهي کي اچ اهڙو عاجز ڪيو جو هو ماندا ٿي ڪري پيا ۽ انتي ئي ڦٿڪي ڦٿڪي مري ويا. انهيءَ اتفاق ٿيڻ ڪانپوءِ هي رڻ سندن نالي پنيان سڏجي ٿو.

سرتيون سُڄي سڄ، متان ڪا مونسين هلي،
پاڻي ناهه، پنڌ گهٽو، اڳيان رائو رڳي رڄ،
متان مري اڄ، ڪا ڏئي پاراتو پنهل کي.

هن بيت جون سڀ حقيقتون گرو چيلي واري رڻ ۾ اچ ٻه اکين سان ڏسي سگهجن ٿيون. هتي سچ آهي ۽ اڳيان رائو رڳي رڄ آهي. هتي پاڻي ٻه ڪونهي، تنهن ڪري اچ مرڻ جو امڪان آهي.

## (١٥) هاڙهو ۽ هنگول

"هلندي هاڙهو مٿي، گسان تان ۾ گسان" (معذوري)

گرو چيلي واري رڻ ڪان وڌي، رائو ۽ رڄ جهاڳي، اڳيرو ٿبو ته "قوڙندي" ايندي، جا چوماسي ۾ ڦوڪجي وهندي آهي. هيءَ اها ساڳي ندي آهي جنهن اٿل سببان سيئي اڳيرو وڌي ڪين سگهي هئي، جنهن ڪري موٽي پيوٽي ناڪي ڏي ويئي هئي. اها ندي هاڙهي جبل جي پيچڙيءَ وٽ آهي.

هاڙهو جبل بلوچستان ڪان هلي، هتي قوڙندي وٽ اچي ڪٽو آهي. هتان اڳيرو هليو ته سگهو ئي هڪ ڪارانو ميدان ڏسڻ ۾ ايندو، جنهن کي "چندر ڪوپ" چون ٿا.

چندر ڪوپ وارا سڀ ڪوهه ڪنهن ماٿهوءَ جا ڪوتيل ڪينهن پر قدرتي طرح پيدا ٿيل آهن، جنهن ڪري جهجهو ڏيان چڪين ٿا. ڪئپٽن هارٽ سونمياڻيءَ بندر جو ذڪر ڪندي جاڻائي ٿو ته چندر ڪوپ جملي ارڙهن آهن، جن مان ست هتي آهن ۽ ٻارهن مڪران طرف ڪيچ ۽ گوادر جي وچ ۾ آهن. جنني سڀني ذاتين وارا انهن کي عام طرح "راجا رامچندر جا ڪوپ" سڏين ٿا. ڪوپ معنيٰ کوهه.

چندر ڪوپ وٽ ڪاري گپ لڳي پئي آهي. انهي گپ جا تهن جا تهه هڪ ٻئي مٿان جمي، ايڏا وڏا دڙا ٿي ويا آهن جو ٻتي دڙا چوماڙ جيترو اونچا ٿيندا. هتي رکي رکي پاڻ مرادو ڪي آواز ٿيندا آهن، جاٽي چون ته هنگلاج ٿي بولي؛ اُهي آواز جيڪڏهن ٻڌڻ ۾ نه اچن ته چون ته اسان جو تيرٿ قبول نه پيو! اهو خيال هندو

جاتي توڙي هنگلاج جا فقير هر گهڙيءَ ديويءَ مٿان ڪير پيا اوتيندا آهن ۽ اهو ڪڏهن سڪڻ نه ڏيندا آهن، جي سڪو ته چون ته ان ۾ سندن لاءِ چڱائي نه آهي.

هنگلاج جي ٿان جي نزديڪ ٻيون ننڍيون غارون آهن، جن کي "سرن" چوندا آهن. اتي ديويءَ جو هڪ وڏو ڪنڊ (تلاءُ) به آهي. سڀ جاتي صبح جو سويل چئين ٻجي ڌاري سنان ڪري ڪورو ڪپڙو ٻڌي، سرن ۾ اندر گهڙي، ڦيرو ڏئي، اچي ٻئي هنڌان نڪرن ۽ پوءِ ديويءَ جو درسن ڪري، وڃي نيرن ناشتو ڪن. سرن مان رڳو هڪ ماڻهوءَ جي لنگهڻ جي جاءِ آهي، تنهن ڪري سڀ جاتي هڪ ٻئي پٺيان سرن مان لنگهندا آهن ۽ ائين وسهندا آهن ته اتان لنگهڻ ڪري نجات يا مڪتي ملندي.

هنگلاج کي هندو ماٿهو ديوي، ماتا، امبا ( امان) ۽ ٻين نالن سان سڏيندا آهن، پر مسلمان هن کي عام طرح "ناني" ڪوٺيندا آهن. "ناني" لفظ اصل ۾ آهي "نني" معنيٰ ماءُ، پر عام طرح ماءُ جي ماءُ کي ناني چئبو آهي. هن حالت ۾ ناني ۽ ماتا ساڳي معنيٰ وارا لفظ آهن. هنگلاج جا مجاور مسلمان آهن ۽ ائين وسهندا آهن ته هنگلاج حضرت علي ڪرم الله وجه جي دائي هئي. هتي جا ڪيترا ٻنڌي پاڻ پارتين جا به ٻڌل آهن. پارتي هڪ قسم جا جوڳي آهن.

## (١٧) هنگلاج کان موٽندي

شاهه صاحب به گهمرا هنگلاج ويو هو. سندس حياتيءَ جي احوال ۾ جاڻايل آهي ته پوئين گهمري هن اُتي جي رسم بجا نه آندي، جنهن ڪري جوڳين سان ناسازي ٿي پيس ۽ ڪيس اڪيلو موٽڻو پيو. هاڻ اول هيءَ ڳالهه ڄاڻڻ ضروري آهي ته هيءُ جو هيڏيءَ سڪ مان جوڳين سان گڏجي آيو، سو ڪهڙي رسم رسمات هئي، جنهن جي بجا نه آڻڻ سبب هن کي ويراڳين کان وڇڙڻو پيو.

هنگلاج جا جاتي ڪراچيءَ کان وٺي چندر ڪوپ تائين ان ڌهه ڏينهن سانده ڏندڻ ڪونه ڪندا آهن، جو هن تيرٿ پرسڻ لاءِ پورو پورو اوڏوت ٿي هلڻو آهي. عجب ڪونهي جي شاهه صاحب کي انهي ڳالهه تان ٻچان آئي هجي ته ان ڏهه ڏينهن سانده ڏندڻ ڪرڻ ڏاران رهجي. ٻي ڳالهه ته جاتي جيڪو "اڳوئو" پاڻ سان ڪتندا آهن، سو نه رڳو سونهون ٿي هلندو آهي، پر منزل منزل تي ديويءَ جي پوجا ڪرائيندو هلندو آهي، جنهن لاءِ ڪيس ڏڪتا ملندي آهي. ٻين منزلن تي ننڍيون ننڍيون پوڄائون ڪن، پر چندرڪوپ ۽ هنگلاج تي وڏيون پوڄائون ڪندا آهن. شاهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحب وقتي پوڄاڻن تي اعتراض آندو هجي. هي ڳالهيون هيڪاري ثابت ڪن ٿيون ته پاڻ جيتوڻيڪ فقيرن سان رل مل ڪيائين ٿي، ته به پنهنجن اصولن تي اهڙو محڪم هو، جو جن جوڳين سان هبڏي پريت هيس، تن جي سنگت تان آهو ڪنيائين. اهي جوڳي به شايد پنهنجي نالي سان هئا، شاهه صاحب سندن رسمن پٺاندڙ نه هليو، ته هو ڪيس اتيئي ڇڏي، پاڻ رمندا رهيا. هن ائين نٿي پانيو ته جوڳي اهڙا جنر ٿيندا جو ڪيس هينئن هيڪلو ڇڏيندا. سندس حياتيءَ جي احوال ۾ جاثايل آهي ته هو پوءِ اڪيلو ئي اڪيلو لس ٻيلي مان ٿيندو نٽي ڏي آيو. سندس سوانح عمري ۾ وڏيڪ حقيقت ڏنل ڪانهي، پر رسالو انهي ڳالهه تي وڏيڪ روشني وجهي ٿو. رسالي مان معلوم ٿئي ٿو ته جوڳين ڪان وڇڙڻ مهل شاهه صاحب کي ڏک به ڏک جهڙو ٿيو هو!

لڪين ڪيا اسان سين، لاهوتين لوڙا،
گهوڙا ڙي گهوڙا، آئون نه جيئنديس ان ري!

مران متو پتيان، نهاريان نيٽان،
سخن جي سندان، آئون نه جيئنديس اُن ري!

اهڙي طرح رامڪليءَ جي پهرئين ئي پهرئين فصل ۾ گهوڙا گهوڙا ڪئي اٿس ۽ منهن متو پتي چيو اٿس ته انهن جوڳين ڪانسواءِ منهنجو جيئڻ ڪونهي. اهي جوڳي ويا ڪهڙي پاسي؟

"هو جي ڪهيا ڏانهن قلات، آئون نه جيئندي اُن ري" (رامڪلي)

سر رامڪليءَ ۾ هيئن به چيو اٿس ته:

"وتان تو ويندا، ڪاپڙي ڪابول ڏي"

هن مصراعن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته جوڳين قلات ڏي رخ رکيو، جو ڪابل پاسي وڃڻو هون. رسالي مان هيءَ ڳالهه به ظاهر آهي ته پٺائي گهوٽ پاڻ به اها وات وٺي ڳچ تائين پنيان ويو اٿن ته من ڪنهن مهل غصو ڍرو ٿئين ۽ مون کي پاڻ سان وٺي هلن. اهو انومان "وٺڪار" وارن بيتن مان ڪڍجي ٿو.

"وڏا ون وٺڪار جا، جت جائو، جمر، جر" (ابري)

لس ٻيلي ۽ قلات جي وچ ۾، قلات رياست جو هڪ وڏو پاڳو "جهلوان" نالي آهي، جتي ساوڪ ۽ سبزي گهٽي آهي. انهي علائقي جي جن ماٿرين ۾ وڏا

چراگاهه لڳا پيا آهن، تن مان هڪ جو نالو "جانو" آهي. اتي "جائو" نالي هڪ جبل بہ آهي، جنهن جي پرسان"حمر" ۽ "حر" نالي اناهان جبل آهن. سسئي، جو ڪم هو ڪيچ مڪران سان، جو لس بيلي جي ذڪر الهندي سمند سان لڳ آهي. "جائو" آهي لس بيلي جي اتر ڏي ۽ ڪيچ ڪاں هيڪاري پري. هن مان ظاهر آهي تہ شاه صاحب پاڻ ان پاسي ويو هو، پر ظاهري سسئيءَ جو نالو ڪيو اٿس.

"وتڪار" جو ڳوٺ لس بيلي جي اتر اڀرندي طرف ڪيرٿر جبل جي قطار سان لڳو بيٺو آهي. هتان نئن بارن نڪري ٿي، جا پهتيارا پٽ لنارڙيندي، ڪوٽڙي تعلقي جي ڳوٺ "سال مڪان" وٽان لنگهي، سنڌونديءَ ۾ وڃي چوڙ ڪري ٿي. ڪوٽڙيءَ کان سال مڪان ستن ڪوهن جي مفاصلي تي آهي. انهي ڳوٺ جي آباديءَ جو مدار نئن بارن جي پاڻيءَ تي آهي، تنهن ڪري انهي پاسي چوڻ آهي تہ "وسي جي وٽڪار تہ سرهي ٿئي سال ڏياٽي" يعني ڪيرٿر جبل جي وٽڪار جي ڳوٺ ۾ وس ٿئي تہ سال مڪان تعلقہ ڪوٽڙيءَ ۾ انهي پاڻيءَ جي ڪري گهرڏياٽيءَ کي سرهائي ٿئي ٿي.

حاصل مطلب تہ شاه صاحب جوڳين جي پنيان قلات تائين ڪونہ ويو هو، پر اڌ وات تي "جائو" توڙي وڃي، پوءِ اڪيلو ئي اڪيلو جوڳين جي فراق ۾ جبل جهاڳيندو، لس بيلي ڏي آيو هو ۽ اتان ڪراچيءَ ڏي موٽيو هو. انهي سجيءَ وات جو احوال ميجر آئوترام نهايت مفصل طرح ڏنو آهي، جو پاڻ ڪابل کان اها وات وٺي آيو هو. اهي بيان پڙهي چئجي ٿو تہ شاباس هن مڙس جي جگر کي آهي، جنهن يڪي سر پيرين پيادي اهي اٿانگا پنڌ ڪيا.

شاهہ صاحب لس بيلي ويو هو. اتي جو هڪ حاڪم "سپڙ" ولد چوٽا ٿي گذريو آهي، جو نهايت سخي مڙس هو. هڪ لڳي يعني مندي چارڻ کي هڪ سئو تازي گهوڙا خيرات ڪيا هوائين، جنهن بابت رسالي جي سر پرڀاتيءَ ۾ بيت آهي:

"سپڙ رات سنباها، تازي تولائي،
جو جاتي نہ ڪائي، تنهن سان بيلي ڏٺيءَ باجهہ ڪي"

هتي لس بيلي جو نالو آندو اٿس. مٿين مصراعن جو مطلب هي آهي تہ لڱو چارڻ حينوٽيڪ ڳائي وڃائي ڪين جاڻندو هو تہ بہ لس بيلي جي جام هس سان پاڻ ٻلائي هن لاءِ تازي گهوڙا سنبرايا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## (١٨) لاهوت

شاهه صاحب جي حياتيءَ جي احوال ۾ جاثايل آهي، ته هڪ لڳا هن لاهوت ڏي وڃڻ جي تياري ڪئي ته سندس پيءُ شاه حبيب منع ڪيس ۽ چيائينس ته انهي پاسي جن ڀوت ۽ نانگ بلائون آهن ۽ رستي ۾ گهڻا جاڪوڙا ڪرڻا پون ٿا، تنهن ڪري اوڏانهين نه وڃ. شاهه لطيف تنهن تي وراڻيءَ ۾ هي بيت چيس:

نڪو جن جهان ۾، نڪو سُجي نانگ،
سيئيءَ ڇڏيو سانگ، ته ڇپر مڙيوئي چاڙڪي.

شاهه لطيف جاڪوڙن تي هريل هو ۽ ڪاف جي ڪشالن جي ڪاڻ ڪانه هيس، تنهن ڪري وطن ڇڏي ڪراچيءَ طرف ويو.

ڪراچيءَ کان لاهوت ڏي منگهي پير وارو رستو ونئو پئي ٿو. منگهي پير جون ڪشتيون ۽ اتي جا واڳهو شاهه صاحب کان گهڻو آڳاٽا، ۽ قلندر لعل شهباز جي وقت جا آهن، تنهن ڪري سمجهجي ٿو ته شاه صاحب هتي جي درگاهه جي زيارت، ڪشتين جو سنان ۽ واڳهن جو ديدار ضرور ڪيو هوندو.

حب ندی بلوچستان مان اول منگهي پير طرف اچي، پوءِ ڪراچيءَ جي ڀربان لنگهي، وڃي عربي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي. منگهي پير کان حب ندي اٺ ڪوهه پري آهي. انهيءَ واٽ ۾ ڪيترا ڊورا آهن. حب نديءَ جي ڀربان لهاراڻي لنگهه آهي، جتان ٻارهن ڪوه پنڌ ڪبو ته ايندو ٿاڻو ويراب ۽ پوءِ ٻيا ڏهه ٻارهن ڪوه پنڌ ڪبو ته ايندو لاهوت. مطلب ته ڪراچيءَ کـن لاهوت پنڌ اٽڪل ڇتيهن ڪوهن جي مفاصلي تي آهي. لاهوت کان ڏيڍ ڪوه پري شاهه بلاول جي درگاهه آهي اتان ڪو ماڻهو وڃي، اچي لاهوت جي زيارت ڪبي آهي.

شاهه حبيب هن واٽ جي تڪليفن بابت ذرو به وڌاءُ ڪون ڪيو هو. سچ پچ هيءَ نهايت اٿانگو پاسو آهي. واٽ تي جيڪي خوف ۽ خطرا آهن تن جي پروڙ پوءِ شاهه لطيف کي به پئي. چيو اٿس ته:

"جيئا چور چنجن ۾، ٻر ۾ بلائون".

ٻرڻن ۾ بلائون جتي ڪٿي آهن، ٻر هن ٻپ جبل پاسي جيئا جام آهن. هاڙهي جبل ڏي جيئنو گهڻو ڪونهي. شاهه حبيب پيو جن ڀوتن جو چيو هوس، سو ديون ۽ جن جون ڳالهيون اڄ به ڪن ٿا.

ٻپ جبل ۾ واهيون آهن جن تي اٻ، انجير، ڏاڙهون، ڪيوڙا ۽ جهنگلي

نارنگيون ٿين ٿيون. هن جابلو ملڪ ۾ هيءَ باغات ڪٿان آئي؟. تنهن بابت هتي جا ماڻهو چون ٿا ته شاهه بلاول جڏهن هتي آيو، تڏهن هي باغ "گوڪل" نالي هڪ ديو جي قبضي ۾ هو، جو هن ملڪ جو حاڪم هو ۽ سوا لک ديو سندس تابع هئا. شاهه بلاول هتي اچي چلا ڪديا ۽ پنهنجي عبادت جي زور تي سڀني کي هتان ڀڄائي ڪڍيائين. هن اولياء جي وڌيڪ احوال جي هتي ڪنهن کي به خبر ڪانهي. رڳو ايترو چون ٿا ته هو قلندر لعل شهباز جو همعصر هو. هن جي درگاهه هتي نهيل آهي ۽ پٻ جبل جو سچو پچو سينگار آهي. هتي هر سال رمضان مهيني جي نائين تاريخ ميلو لڳندو آهي، جو ٽي ڏينهن سانده هلندو آهي. ميلي ۾ اڪثر رڳو مسلمان اچي ڪٺا ٿيندا آهن.

شاهه بلاول جي درگاهه کان ڏيڍ ڪوهه اور پرو، پٻ جبل جي پيٽ ۾، هڪ وڏو جبل جو صفو آهي، جنهن کي "لاهوت" سڏين ٿا. جبل تان لهي هن صفي اندر وڃڻ ڏکيو آهي، تنهن ڪري زيارتين جي سهنج لاءِ تازو لوه جي ڏاڪڻ جوڙائي چڙهي اٿن ۽ جبل مٿان نوڙي به ٻڌي ڇڏي اٿن، جنهن کي جهلي ڏاڪڻ تان هيٺ لهجي ٿو.

لاهوت واري صفي ۾ هڪ هنڌ ڇت ۾ ڳنئون جي ٿڻن جهڙا پهڻ جا ڳوڙها آهن. چون ٿا ته اڳي انهن ٿڻن مان کير وهندو هو. هاڻ ته رڳو پاڻي ڦڙا ڦڙا ٿي هيٺ ڳڙي ٿو. هتي تغاريءَ جي شڪل جو هڪ پهڻ آهي، جنهن کي حضرت بيبي فاطمه رضي الله تعاليٰ عنها جي ٿوبي سڏين ٿا. چون ٿا ته حضرت بيبي سڳوري انهي ٿوبيءَ تي ماني پچائي هئي.

لاهوت ۾ ڪي پهڻ اهڙي طرح بيٺل آهن جو انهن ۾ جيڪر پينگهو ٽنگي سگهجي. درگاهه جي خليفي چيو ته هتي امامن صاحبن کي حضرت بيبي فاطمه سڳوري رضي الله تعاليٰ عنها پينگهي ۾ لوڏيو هو.

هتي ڪي پٿر آهوڙي جي نموني بيٺل آهن. انهي هنڌ بابت چيائين ته هي حضرت علي ڪرم الله وجه جن جي دلدل مبارڪ جو آهوڙو آهي.

خليفي جي چوڻ موجب حضرت محمد صلي الله عليه وسلم به هتي آيو هو ۽ پٿر مان ڪشتي پيدا ڪئي هئائين، سا اجا آهي. شاهه بلاول جي درگاهه جي خليفي * چيو ته لاهوت لامڪان چوٿين عرش تي آهي، پر هيءَ زمين تي لاهوت

* امام بخش ولد سائينداد ڪرمتي بروچ خليفو درگاهه شاهه بلاول، اصل ساڪن لس ٻيلو.
ملاقات جي تاريخ ٢٥ فيبروري ١٩٢٦ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنجن تن پاڪن سڳورن جي جاءِ ۽ مڪي شريف جو دروازو آهي تنهن ڪري ڪتنان ڪتان جا مومن جهجهي صدق سان هتي زيارت لاءِ ايندا آهن.

## (١٩) مائٽن سان ملاقات

شاهه هنگلاج ڪان دوارڪا ڏي ويو هو، ۽ تن ورهين ڪانپوءِ مائٽن سان وڃي مليو هو. چون ٿا ته پٽس کي هنگلاج وڃڻ جي ڳالهه نه وڻي ۽ هي بيت چيائين:

ڪوڙا سامي، ڪوڙ ڳالهائن، ڪوڙو سندن پنڌ،
هوت وسي هر هنڌ، هو ڏسين هنگلاج ۾!!!

انهيءَ تي شاهه لطيف با ادب هينيون بيت چيو:

سچا سامي، سچ ڳالهائن، سچو سندن پنڌ،
هوت وسي هر هنڌ، پر هن ڏنو هنگلاج ۾.

رسالي ۾ انهن بدران هي ٻه بيت آهي:

١. ناٿ جنهين ننڌ، تن نه نهاريو جوڳئين،
ڪي ڪوپسا هيا ڪاپڙي، پريا پراهين پنڌ،
هو هنهين هنڌ، هي هئمهين ويا هنگلاج ڏي،

٢. ناٿ جتهين ننڌ، تن پڻ نهاريو جوڳئين،
سي سوپسا هيا ڪاپڙي، پريا پراهين پنڌ،
هو هئو هن هنڌ، هن هنگلاجان هٿ ڪيو.

شاهه لطيف کي جوڳين جو ناءُ هن ڪري ٿي اپريو جو سندن سنگ مان گهڻو ئي پرايو هئائين. پاڻ چيو اٿس ته:

"مون پڻ ملان تن، حاصل کي حال ڪيو"

# پاڳو ٻيو

## (٣٠) ڳرنار ڏي ويندي

نانگا نانيءَ هليا، هنگلاجان هلي،
ڏيکي تن دوارڪا، مهيسين ملي. (رامڪلي)

هن مصراعن ۾ شاهه صاحب بلڪل چٽيءَ ريت ڄاڻائي ٿو ته جوڳي ڦريائين هنگلاج ڏي هليا ۽ اتان ٿي، پوءِ دوارڪا جي درسن لاءِ ويا. مطلب ته هي شاهه صاحب جو هڪ ٻيو سٺاٽو سفر آهي، جنهن جو بيان رسالي ۾ نهايت رمز سان ڪيو اٿس. رسالي ۾ ڪراچيءَ واري لاڙ، ڪوري ڪاري ۽ لڪيٽ طرف جا اشارا جهجها آهن، تنهن ڪري پڪ سان چئي سگهجي ٿو، ته هيءُ جوڳين جي جاتر هنگلاج جو تيرٿ ڪري، ڪراچيءَ ڏي موٽي هئي، ۽ اتان نئي وٽان سنڌونديءَ وارو پنڌ اڪري، سجاول ۽ مغلڀين تعلقي حانيءَ ڏي وئي هئي.

ڪاري ڪيڙانو، منئي منٽي موتيا. (ساموندي)

شاهه صاحب عربي مسد کي "ڪارو" ۽ سنڌونديءَ کي "منو" سڏيو آهي. ڪاري ۽ منٽي جو ميلاپ رڳو سنڌونديءَ جي ڇوڙ وٽ ٿئي ٿو. سنڌونديءَ جا ڇوڙ گهڻا آهن. هن وقت پاڻيءَ جون اهي ٻئي جنسون ڪيٽي بندر طرف آهن مطلب ته ڪراچيءَ جي لاڙ واري پاڪي ڪاسواءِ ٻئي ڪنهن هنڌ ڪارو ۽ منو ڪٺا نه ٿين. تنهن ڪري يقين ڄاڻن گهرجي ته شاهه صاحب ڪراچيءَ واري لاڙ جو ذڪر ڪيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وينــــو تن تنيس، مک ڏيھـــاتي مــــکـــڙي،
سنبــاھي ســيــد چــني، مـــتي نائوء نينس (ســـراڳ)

"نائو" معنيٰ ڪاري، مغلين طرف جا رهاڪو ۽ ڪجي لوڪ عام طرح ڪوڙي ڪاريءَ کي "مغلپين وارو نائو" سڏيندا آهن. سنڌ جي تاريخ توڙي جاگرافيءَ مان معلوم ٿيندو تہ ڪوڙي ڪاري اصل مني هئي، تڏهن انهي کي "مني جو نائو" سڏيندا هئا. اڳاتن ڪتابن ۽ نقشن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪوڙي ڪاريءَ کي اڳي "سنڌنديءَ جو اپرندي وارو چوڙ" سڏيندا هئا. اهي سڀئي ڳالهيون ڳنڍي چئجي ٿو تہ رسالي جا سر سراڳ ۽ ساموندي ڪراچيءَ جي هن لاڙ واري ڀاڱي بنسبت چيا اٿس. انهن ٻنهي سرن جو هاڻ ذڪر ڪجي ٿو.

## (٢١) سر سراڳ ۽ ساموندي

چچ نامي واري زماني کان وٺي ويندي ميرن جي صاحبيءَ تائين ڪراچيءَ جي لاڙ وارو ڀاڱو واپار ۽ هنرن سبب هاڪارو هو ۽ اها برڪت هاڻ ڪراچيءَ جي شهر ۾ اچي پئي آهي، جو هن وقت سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ ۽ وڏي واپار جي جاءِ آهي ۽ "اپرندي جو ستارو" سڏجي ٿو. اڳاتي وقت ۾ جيڪي هاڪارا بندر جهڙوڪ ديبل بندر ۽ لاڙي بندر هئا، سي سڀ ڪراچيءَ جي لاڙ واري ڀاڱي ۾ هئا. ٻيو هڪ هاڪارو بندر، جو خود شاهہ صاحب جي ڏينهن ۾ زور هو، ۽ جنهن کي ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي پنهنجي نالي پٺيان "شاهہ بندر" سڏڻ ۾ فخر ٿي ورتو، سو هاڻ اُجهاڻو پيو آهي. اڳي اتي جهاز هلندا هئا.

سر سُراڳ ۾ شاهہ صاحب صرافن، موتين جي واپارين ۽ وينجهارن جا ذڪر ڪيا آهن، سي شايد ٺٽي جي شهر ۾ ڏٺا اٿس، جتي موتين جا واپاري توڙي وينجهار اڄ تائين گهڻا آهن. تواريخن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اڳي هيءُ ڀاڱو جهڙو سائو چئجي تهڙو هو. اهو اڳوڻو اوج جيتوڻيڪ هاڻ اڏامي ويو اٿس تہ بہ ان جا نشان اڄ توڻي قائم آهن. هتي اڳي وڏا وڻجارا رهندا هئا جن جي شاهوڪاريءَ جون ڳالهيون مغلپين جي ماڻهن کان اڄ تائين ٻڌيون وسرن.

مغلپين جي پرپان رڙهي نالي ڳوٺ آهي، هن وقت اتي رڳو ٿورا ڊنل قبا بيٺا آهن، جن مان هڪ وڏو قبو خواجن جي پير ميان نور شاهہ جو آهي. هن رڙهيءَ جا واپاري ايتري قدر شاهوڪار هئا جو هاڻ هن پاسي ڪو اڏنگا سڏينگا خرچ ڪري تہ هن کي چون بہ اٿئي تہ "رڙهيءَ جو شاهوڪار آهين ڪيئن؟" مغلپين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪـان اڍائي ڪوھ پري اتر ايـرندي طرف نند ڪوٽ آهي. هتي اڳي هڪ نند * نالي راجا هو، جنهن جو ڪوٽ ھاٿي ڏنو پيو آهي. مغلبين جا ماٿهو اچ تائين ائين ٿا چون تہ انهي پڙي (ڏنل ڪوٽ) ۾ جهجهو ڌن پوريل آهي.

مغلبين ڪـان بہ ڪوه ڪن پري "سـيـر سندو" آهي. هتي "سيـر" نالي هڪ ڪـاري پيـئي وهي. هن کي "سندو بندر" بہ چـوندا آهن، جو "سندو" نالي ڳـوٺ نزديڪ اٿس. هن بندر جو لکپت ۽ ڪچ سان سارين ۽ ٻين جنسن جو واپار هلي ٿو. هتان هر سال ستن اٺن لکن روپين جي مال جي روانگي ۽ ٽن چئن لکن جي آمدني ٿئي ٿي، تنهن ڪري هتي سرڪاري ڪسٽم آفيس آهي، جا ڪراچيءَ واري ڪسٽم آفيس جي شاخ آهي. سنہ ١٩١٤ع ڪـان وٺي سيـر ڳنڍي واري ڪاريءَ سـڪڻ جـا سعيا ڪيا آهن ۽ ٻيڙين جي آمدرفت ڪي ٻنجو اچڻ لڳو آهي. انهي حال سان بہ هن پاسي جو واپار اجا چڱو پيو هلي.هي هاٺوڪيون ڳالهيون جڏهن اڳين احوالن سان گڏي ويچارجن ٿيون، تڏهن پروڙ پئي ٿي تہ سنڌ جو هيءُ ڀاڱو جنسي پارس هو. هاڻ ڏسو تہ شاھہ صاحب هن پاسي جا ڪهڙا بيان ٿو ڏئي:

ترقـل، قـــــــوتـا، پـارچـــــــا، پـاٽيـنـ پـاتـائـون،
ڪونـيـــون قـيـمت سنديون، تڙ ۾ تاڪيـائون. (سـراڳ)

هتي جا واپاري لونگ، ايلاچي، ڪپڙو، آبدار موتي ۽ ٻيا ڪيترا قيمتي مال ٻيڙين ۾ ٻاهر روانا ڪندا هئا. هي تاريخي ڳالهيون آهن.

لونگ ۽ ايلاچي سنڌ جي پيدائش نہ آهي، پر سنڌ جا وڻجارا آهي ۽ ٻيون شيون هڪڙن ڏيساورن مان گهرائي، ٻين ڏيساورن ڏي موڪلي، وڻج واپار ڪندا هئا. موتين جو واپار بہ ڪندا هئا.

پٽ شاھہ تعلقي هالن جي پريان ڳـوٺ ڪنب داروئءَ جي ويجهـو هڪ ڍنڍ آهي. هالن ۽ شهدادپور تعلقن ۾ گشت ڪندي ڪن ڪان معلوم ٿيو تہ انهيءَ ڍنڍ مان اڳي سچا موتي نڪرندا هئا ۽ شاھہ صاحب انهن جو ذڪر ڪيو آهي. انهيءَ ڍنڍ مان موتي نڪرندا هئا يا نہ، سا ڳالهہ ڪنهن بہ ڪتاب ۾ جاٽايل ڪانهي: پر اها پڪ آهي تہ شاه صاحب انهيءَ ڍنڍ جي موتين جو ذڪر نہ ڪيو آهي. چيو اٿس

---

* ڪجهي لوڪ ائين چوندا آهن تہ مومل، جا راڻي سان پرڻي هئي، سا هن راجا نند جي نياڻي هئي، ائين نہ آهي. هوءَ جيسلمير جي وينل هئي ۽ اُنجو ذڪر اڳتي هلي ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورائيندا هئا.

مـــعـلـم مـــاگِ نـہ اگِين، ڦلـنـگـي مـنـجـــهـــ ڦـــريـا،

مـــلاح تـنـهـنـجـي مـــڪـــڙيءَ اڇي چـــور چـــڙهـيـــا.

ڦلنگي-فلنگي-فـرنگي-اصل لفظ Frank- يورپي ماڻهن کي "فرنگي" چئبـو آهي. پروفيسر گربخشاڻي پنهنجي رسالي ۾ ڄاڻايو آهي تـہ پورچوگيزن ۽ انگريزن، جن عيسوي سورهين صديءَ ۾ هندستان ۾ اچي ڪوٺيون وڌيون تن مان ڪي درياهي چور هوندا هئا. شاه صاحب هن کي "ڦلنگي" سڏيو آهي.

ڪن جي مٿان وير وري وينـدي هئي ۽ ڪن جا غوراب غرق ٿي ويندا هئا.

"جتي ڏينگ ڏريا، تتي تاري تنهنجي"

اهڙي طرح شاه صاحب سندن سڀ احـوال ڏنو آهي، وڻجارن جي موٽڻ جا ڏينهن ٿيندا هئا، تـہ سندن وهون هر گهڙيءَ تڙ تي اچي واجهائينديون هيون. پريان کو جهاز ايندو ڏسنديون هيون تـہ ان ۾ اکيون پائي وهنديون هيون. هرڪا چوندي هئي تـہ:

"مان منهنجو هوءِ، جاني هن جهاز ۾!!"

مطلب تـہ شاه صاحب جهڙو پاڻ ڦوڙائي جو ڦٽيل هو، تهڙائي درد جا داستان سر ساموندي‍ءَ ۾ ڇيڙيا اٿس. ههڙن عمدن بيتن چوڻ سان ڪمال ڪيو اٿس.

سرسراڳ ۽ ساموندي‍ءَ ۾ نـہ رڳو تواريخي ڳالهيون ۽ اکين ڏٺا احوال ڄاڻايا اٿس، پر انهن ۾ تمثيل بہ رکي اٿس. چوي ٿو تـہ "اي بندا، تنهنجو جسم آهي ٻيڙي ۽ تنهنجو سينو آهي سڙه. پنهنجو سينو ڌوئي صاف ڪر ۽ ڪنهن ڪامل ڪشتيبان جي دامن وٺ، تـہ دنيا جي لهرين ۽ لوڏن مان لنگهي پار پوين. خود تنهنجي دل اندر درياهہ آهي، غواصن وانگر ٽٻي هڻي، من واري مهراڻ مان ٻي بها لعل لوڇي هٿ ڪر، تـہ ٻنهي جهانن ۾ سکي ٿئين!"

مطلب تـہ ٻئي رمـزون رکـيـون اٿس. تواريخ جي تواريخ ۽ نصيحت جي نصيحت، وبنتر انهن سان سک ۽ درد جون ڳالهيون ڳنڍي، انهن احوالن کي هيڪاري من موهيندڙ بنايو اٿس.

شاه صاحب نهايت رلڻو ملڻو هو. ڳالهين ٻڌڻ جو به شوق جهجهو هوس. ڪراچيءَ جي هن لاڙ واري ڀاڱي ۾ آيو آهي ۽ اتان ڪنهن ڪان ڪڪرالي (شاه بندر) طرف جو هڪ ڪهنو قصو ٻڌو اٿس ته انهيءَ بابت به بيت چيا اٿس. ڪڪرالي ۾ جام تماچي جي پاران سندس پياءُ اوڍو جام حڪومت ڪندو هو. هن جو پٽ جکرو نهايت سخي مرد هو. شاهه صاحب هن جي تعريف ۾ ڪيترا بيت چيا آهن جي رسالي جي سر پرڀاتيءَ ۾ ڏنل آهن. "ليلا چنيسر" جا بيت به هن طرف اچي ڏنا اٿس، جو چنيسر جي گاديءَ جو هنڌ "طور" نالي شهر ۾ هو، جنهن جو ويرانو اڄ تائين شاهه ڪپور جي نزديڪ ميرپور بٺوري ۽ مغلڀين جي اڌ وات تي شاهي سڙڪ کان ٿورو پاسيرو آهي.

## (٢٢) ڪڇ

"ڪڇ" لفظ اصل ۾ آهي "ڪڇڇ" معنيٰ ڪنڌي ڪنارو. ڪڇ يا ڪاڇو اهو ملڪ آهي جو جبل جي وٽ يا سمنڊ جي ڪناري سان هجي. ڪڇ کي الهندي کان عربي سمنڊ آهي ۽ ڏکڻ کان ڪڇ جي نار جون چوليون چلڪا ڏئي ان جا پٽ پيئون پسائين، تنهن ڪري اهو نالو پيو اٿس.

ڪڇ ملڪ ۾ ڪنٿي واري ته ڪنٿي تڪريون آهن ۽ نديءَ جو ته نالو به ڪونهي، تنهن ڪري هتي وٽڪار به خيرڪا آهي. عيسوي ستين صديءَ ۾ هي ملڪ سنڌ جو هڪ ڀاڱو هو. عام طرح ڪڇي ماڻهو سنڌي ٻولي ڳالهائيندا آهن.

مغلڀين جي ٻرپان ڪوري ڪاري اُڪري پار ٿبو ته ڪڇ جو اهو هاڪارو بندر ايندو جو "لکپت" سڏجي ٿو. هن شهر کي چوڌاري عالم پناهه ڏنل آهي ۽ منجهس چڱي بستي آهي. شاه صاحب سان گڏ جيڪي جوڳي هئا، تن گرنار وڃڻ لاءِ هيءَ وات جنهن مطلب ڪري ورتي هئي، سو مطلب اڄ به سمجهڻ سولو آهي. لکپت جي نزديڪ نارائڻ سر ۽ ڪوٽيسر نالي به تيرٿ آهن، جي هڪ ٻئي کي بلڪل ويجهو آهن. جوڳين کي اها جات ڪرڻي هئي، تنهن ڪري هيءَ وات ورتائون. سنڌ ۽ ٻين ڪيترن پاسن جا هندو اڄ تائين نارائڻ سر ۾ پترن ٻولائڻ لاءِ ويندا آهن، پر اهو رواج گهٽبو پيو وڃي، جو ماڻهن جو پترن ٻولائڻ جي ڳالهه ۾ هاڻ گهٽو ويساهه ڪونهي.

"منجهين بابو ٻکيا، منجهين نارائڻ سر" (رامڪلي)

شاه صاحب چوي ٿو ته نارائڻ سر وڃڻ جو ضرور ڪونهي جو هر ڪنهن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجود اندر اهو تيرٿ آهي.

لکپت ۽ ابراسو جي وچ ۾ چتراٺو نالي هڪ ڏونگر آهي، جتان اڳي هڪ درياه وهي، ماندوي جي ويجهو ڪڇ جي نار ۾ چوڙ ڪندو هو. انهيءَ کي "پٽريل" يا "ٻتيهل" درياهه چوندا هئا. اهو درياهه ڪيترن سالن کان سڪي ڊوبون (ڊبون) ٿي ويو آهي ۽ منجهس جهنگلي وڻ ٽڻ بيٺا آهن. رسالي جي سر ڏهر ۾ انهيءَ ڊوري جو نالو ۽ انهي طرف جي حاڪم جسودن موراٽيءَ جي ڳالهه بابت اشارا آهن.

جسودن موراٽيءَ جي نالي چون ٿا ته هن تي هڪ گرهه وينو هو جو سادا ست ورهيه هليس. انهيءَ عرصي ۾ ٻتيهل سڪو ۽ سندس ملڪ ۾ ڏڪار پيو، جنهن ڪري پاڻ به ديس ڇڏي ويو. رسالي ۾ انهي وقت جا بيت آهن، جنهن وقت اهي سختيون ملڪ تي نازل ٿيون هيون ۽ جسودن فقير ٿي نڪتو هو.

## (٢٣) ڀڄ

ڀڄ جو شهر ڪڇ جي حاڪم راءِ کنگهار سنه ١٥٤٨ع ۾ ٻڌايو هو. هن شهر تي اهو نالو هن ڪري پيو جو اهو "ڀجيه" (ڀجنگ) يعني نانگ ديوتا کي ارپن ٿيل آهي. لکپت کان ڀڄ سادا چاليهه ڪوهه پري آهي ۽ اهو خشڪيءَ جو پنڌ آهي. ڪراچيءَ کان جيڪڏهن جهاز جي رستي ڀڄ وڃبو ته مڏئي بندر (ماندوي) تي لهبو. مڏئي کان ڀڄ ارڙهن ڪوهه پري آهي ۽ وچ ۾ شاهي سڙڪ لڳي پئي آهي، جتان هاڻ موٽرون اچن وڃن ٿيون.

شاه صاحب جي ڏينهن ۾ ڀڄ جي حالت ضرور بي هوندي ڇاڪاڻ ته ١٦ جون ١٨١٩ع ۾ هتي نهايت خوفناڪ زلزلو ٿيو هو، جنهن ۾ هن شهر سان غضب ٿي جڪو هو. راءِ جو محلات ۽ رعيتي ماڻهن جا ست هزار کن گهر زمين دوز ٿي ويا هئا. سرڪاري تخميني موجب انهي ڀوڃال ڪري ساڍيون ٻارهن سئو حياتيون چٽ ٿي ويون! هن وقت جيڪي جايون اتي آهن، سي اڪثر ويجهڙائيءَ جون جڙيل آهن.

"ڏن تون ڏناسري، ڏن تون ٻالا پير" (ڏناسري)

ٻالا پير جي درگاهه هتي آهي، جنهن جي شاهه صاحب شايد زيارت ڪئي هئي.

شاهه صاحب لکپت، نارائڻ سر ۽ موراسو گهمندو ڀڄ ۾ ويو ته جاڙيجن ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاکي ڦلاڻيءَ بابت بيت جيائين، جي رسالي ۾ آهن.

## (٢٤) هالار

"هالار" لفظ اصل ۾ آهي "هالا واڙ" يعني هالي جي واڙ يا لوڙهو. هالو نالي هڪ جاڙيجو راجپوت ڪڇ ملڪ ۾ ٿي گذريو آهي،تنهن جي نالي پٺيان اهو پرڳڻو سڏجي ٿو، هالي جي اولاد مان جام راول ڪڇ جو حاڪم هو. سنه 1540ع ۾ راءِ کنگهار هن کان ڪچهه ملڪ ڦري پنهنجي قبضي ڪيو ۽ ڀڄ جو شهر ٻڌائي اهو پنهنجي گاديءَ جو هنڌ ڪيائين.

هالار پرڳڻو هن وقت ڪانياواڙ جو هڪ پرانت (ضلعو) آهي. اهو پرڳڻو اصل ڪڇ ملڪ سان لاڳو هو. سنڌ ۾ جڏهن سومرن جي صاحبي هئي تڏهن ابڙو نالي هڪ سمو هالار جو نواب هو، تنهن ڪري شاه صاحب هن کي "هالار ڌڻي" سڏيو آهي.

رڃي جي ريتـــــو ٿـــيـــــا ، ڪين اُبـاڻجـن اوءِ،
ڪـنـبـ نـہ کـــــاري تـنـهـن کـي، جـــــو هـالاري هـوءِ،
تـوٽـي ڏوبي ڏوءِ، تہ بہ لالي ان جي نہ لهي (مـــومـل راڻو)

شاه صاحب چوي ٿو تہ هالار ۾ ڪپڙي کي ڳاڙهو رنگ اهڙو پڪو ٿا ڏين، جو ڌوبي جيڪڏهن کنبـ تي چاڙهيندس تہ بہ ان جو رنگ نہ ڦٽندو. هي هالار جي هنر جو ذڪر ڪيو اٿس.

هالار ڪنهن خـاص شـهـر جـو نالو ڪونهي، پر ضلعي جـو نالو آهي، تنهنڪري پڪ سان چئي نٿو سگهجي تہ شاه صاحب هالاري رنگ جا ڪپڙا ڪهڙي هنڌ ڏٺا.هو ڀڄ کان مانڊوي ويو هوندو ۽ اتان ڪڇ جي نار اُڪري، دوارڪا ڏي ويو هوندو. اهو ڪپڙو ڪڇ توڙي دوارڪا ۾ ملي سگهي ٿو.

## (٢٥) دوارڪا

دوارڪا جو تيرٿ سڄي هندستان جي مکيہ تيرٿن مان هڪڙو ليکجي ٿو. امپيريل گزيٽيئر جي لکڻ موجب هتي هر سال ڏهہ هزار کن هندو دوارڪانات جي درسن لاءِ اچن ٿا. هتي دوارڪانات جو هڪ وڏو مندر جڙيل آهي. جو نهايت اوچو آهي. وچ واري صفي کي سٺ ٿنيا ڏنل اٿس! هتي جوڳي ٻهجي ٻانهن تي دوارڪا جي ڇاپ هڻائيندا آهن.

دوارڪا ٻيٽ آهي. ان جي نزديڪ گومتي دوارڪا آهي، جنهن جي پريان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مول دوارڪا آهي. مهاڀارت واري زماني ۾ دوارڪا کي سمنڊ ٻاڏي ويو هو. ان جي ٿوري ٻچيل ڀاڱي کي "مول دوارڪا" يعني اصلوڪي دوارڪا چون ٿا. جا ويراول بندر کان ڏهه ڪوهه پري اپرندي طرف آهي. اُتي هاڻ رنڇوڙجيءَ جو مندر آهي، جنهن جي درسن لاءِ ڪيترا هندو هر سال وڃن ٿا.

مول دوارڪا ۽ گومتي دوارڪا جي وچ ۾ "گوپي تلاءُ" آهي، جو پڻ پوتر ليکيو ويو آهي. ان جي پرپان اهو هنڌ آهي جت سري ڪرشن کي هڪ شڪاريءَ تير هنيو هو. مطلب ته دوارڪا ٻيٽ کان وٺي پنجن ڇهن ڪوهن جي مفاصلي ۾ ڇپي ڇپي تي تيرٿن جون جايون آهن. اهي آهن تيرٿ، جي شاهه لطيف جوڳين جي جنگ ۾ هن پاسي اچي پيتيا هئا.

## (٢٦) پور بندر

ڪاٺياواڙ علائقي ۾ پوربندر نالي هڪ ڏيهي رياست آهي، جنهن جا والي جيٺوا راجپوت آهن، جي پاڻ کي هنومان جو اولاد سڏائين ٿا. اهي راجپوت سنه 900ع يا 1000ع کان وٺي هن پاسي پنهنجو دڳو جمائي ويٺا آهن ۽ 1807ع کان وٺي انگريزن جا ڏن ڀرو ٿيا آهن. پوربندر جي حاڪم کي "راڻو" ڪري ڪوٺيندا آهن.

راڻن جو آڳاٽو گادي جو هنڌ "گملي" نالي شهر هو. جو ڪڇ جي جاڙيجن حاڪمن هن پاسي ڪاهه ڪندي زبون ڪري ڇڏيو. راڻن پوءِ پنهنجي گاديءَ جو هنڌ ڦيرائي "ڇايا" نالي شهر ۾ ڪيو. اتي جهجهي وٽڪار سبب "ڇايا" (ڇانءَ) هئي، تنهنڪري اهو نالو پيس. شاهه لطيف جڏهن هن پاسي آيو، تڏهن به هتي جي گاديءَ جو هنڌ اهو ڇايا جو شهر هو جو پوربندر کان ٿورو ئي پري آهي.

پوربندر رياست جي گاديءَ جو هنڌ هاڻ پوربندر جو شهر آهي. جنهن پٽ تي هيءُ شهر اڏيل آهي، تنهن تي مهاڀارت واري زماني ۾ هاڪاري سڏامي ڀڳت جو شهر ٻڌل هو. تنهنڪري اهو "سڏاما پري" يا رڳو "پر" (پور) سڏبو هو. شاهه صاحب جي وصال کان نيٺيهه ورهيه پوءِ يعني ١٧٨٥ع ڌاري راڻن سرتانجيءَ پنهنجي گاديءَ جو هنڌ "ڇايا" مان ڦيرائي "پور" ۾ ڪيو ۽ ان سان "بندر" نالو گڏي ان کي "پوربندر" سڏيائين. پوربندر ۾ اڳي واپار جي بازار گرم هئي، پر هاڻ بمبئي شهر ڏينئي وٺي اٿس. پوربندر جو گهڻو ڪراچيءَ ۾ وڪامندو آهي.

اڇي سنـــو ڏنـــوءِ، جـــو ڪپـــر ســـوءِ ڪِنن سين،
سُـــتي لوڪ لطيف چـــئي، ياد نـہ ذرو ڪيـــوءِ،
غـــــافـل ٿـي غـــــــراب ڪـي، اوڙاه تـي آنـدوءِ،
ســو چِــتــر چــيــهي ڪـــان رکين، جـــو پيـــو پراڻو پوءِ،
جـــهـــاز ضـــعـــيـــفن جـــو، پاٽيءِ م پرتوءِ،
ســيــد ســاٿ سندوءِ، پوربندر پهــچــائيين. (سـراڳ)

پهرين مصرع مان ظاهر آهي تہ شاه صاحب هن پاسي اچڻ کان اڳ پوربندر جي ڪپر بابت ٻڌو هو تہ اهو خوفائتو آهي. اهو ڪپر اڄ تائين آهي. شاه صاحب جي وقت م هيءُ شهر گاديءَ جو هنڌ نہ هو، تنهن ڪري بندر جي حالت ڪنهن بہ ريت هاڻوڪي کان بهتر نہ هوندي. هن بندر کي هاڻ گهڻو سڌاريو اٿن ۽ اتي لائيٽ هائوس بہ آهي. پر هتي جو تڙ اڄ تائين اهڙو ئي خوفناڪ آهي، جهڙو شاه صاحب ڏٺو هو. هن جو سبب هي آهي تہ هيءُ سڄو پاسو لاهہ تي آهي. اهو لاهہ بردا ٽڪريءَ کان وٺي سمنڊ جي ڪناري تائين هليو آيو آهي. انهيءَ لاهہ سببان هن تڙ تي هوا گهمرو ڏئي ٿي. جنهن ڪري هيءُ طوفاني تڙ آهي. اڄ بہ اها حالت آهي جو سپ جهاز بندر کان ڪوه ڪن پري اچي بيهندا آهن ۽ مسافر لانچ م چڙهي ڪناري تائين ايندا آهن. مٿئين بيت م شاهہ صاحب هن طوفاني تڙ جو ذڪر ڪري سائينءَ کي سوال ڪيو آهي تہ اسان جي چتر کي چوهي کان رکي وٺ!

## (٢٧) جهونا ڳڙهہ ۽ گرنار

جهونا ڳڙهہ جو شهر راءِ ڏياچ جي ڏاڏي راءِ گرهورپوءِ ٻڌايو هو. راءِ گرهرپو، جنهن کي راءِ گورارو بہ چوندا هئا، تنهن سنہ ٨٩٢ع م چالاڻو ڪيو هو. هن کانپوءِ راءِ ڪاوت گاديءَ تي ويٺو ۽ انهي کانپوءِ سنہ ١٠٠٣ع م راءِ ڏياچ گاديءَ تي ويٺو. راءِ ڏياچ جو محلات اڄ تائين جهونا ڳڙهہ جي نزديڪ گرنار نالي ٽڪريءَ تي آهي.

شاهہ صاحب پوربندر کان ٿي، هن پاسي آيو تہ راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جي قصي تان ڪيترا بيت چيائين جي رسالي جي سر سورٺ م ڏنل آهن.

مـــحـلين آيو مـنـگـتـــــو، ســـــاز ڪـــــتي ســـــرندو،
ســـر جي صـــدا ســـر م، گـــهـــر اها گـــهـــرندو،
مـــــــتي ري ملوڪ جي، جـــــــارڻ نـہ جـــــــرنـدو،
جـــهـــونا ڳـــڙه جـــهـــرندو، پوندي جـــهـــانءِ جـــهـــروڪ م.

گفرنار نڪريءَ جون پنج مکيه چوٽيون آهن، جن مان سڀ کان اتانهين چوٽي "گورکنات" نالي سان سڏجي ٿي. جيڪي جوڳي گرنار جو تيرٿ ڪرڻ ويندا آهن، سي هن چوٽيءَ تي اوس ويندا آهن، جو گورکنات سندن وڏو گرو هو.

"سامي چڙي سانگ، گڏيا گورکنات کي" (سر رامڪلي)

هن ٽڪريءَ تي ڪيترا شوالا ۽ مندر، غارون ۽ غفائون آهن. سنياسي، آديسي، مهيسي، لاهوتي ۽ ٻيا قسمين قسمين جوڳي جن جو رسالي جي سر رامڪليءَ ۾ ذڪر آهي. سي هتي ڏسي سگهجن ٿا.

## (۲۸) ڪنڀات

ڪنڀات هڪ ڏيهي رياست آهي، جا گجرات جي الهندي طرف سابرمتي ۽ ماهي ندين جي وچ ۾ آهي. هن رياست جي ڏکڻ ڏي، ڪنڀات جي نار جي مهڙ تي، ڪنڀات جو شهر بيٺل آهي، جو هتي جي نواب جي گاديءَ جو هنڌ آهي هن شهر توڙي سڄي رياست جو اصل نالو آهي "ستمڀاوت" يعني ٿنڀ وارو آهي، جنهن جو اُجار پوءِ بگيڙي "ڪنڀات" ڪيو اٿن. مهاديو کي ٿنڀ جي صورت وارو ديوتا سڏيو اٿن. هتي مهاديو جو هڪ چشمو آهي، جنهن کي "سڪمڀ" يا "ستنڀ تيرٿ" يعني ٿنڀ (مهاديو) جو تيرٿ ڪري سڏيندا هئا.

ڪنڀات ۾ اصل هندن جو راڄ هو ۽ اهي گهڻو ڪري سڀ مهاديو جا پوڄاري هئا. عيسوي ستين صديءَ جي پڇاڙي يا اٺين صديءَ جي اڳياڙيءَ ڌاري پارسي لوڪ ايران کان ڀڄي ته پهريائين پهريائين هن پاسي سنجاڻ نالي شهر ۾ اچي رهيا ۽ پوءِ اهڙو زور ورتائون جو هندن کان سمورو ملڪ ڦري پنهنجي قبضي ڪيائون. هندن آخر گجرات طرف ڀڄاين. هندن جي حڪومت ۱۲۹۸ع پوري ٿي ۽ پوءِ مسلمانن جو راڄ شروع ٿيو، پر اهي به ڌارين جي ڪاهن کان ڪين ڇٽا. سنه ۱۵۳۸ع ۾ پورچوگيزن هن پاسي ڦرلٽ ڪئي ۽ پنجٽيهه ورهيه سانده وڳوڙ لڳو پيو هو. ۱۵۷۳ع ۾ اڪبر بادشاهه جو لشڪر هيڏانهن ڪاهي آيو. مغلن جو زور ٽٽو ته مرهٽا ڪاهي آيا ۽ مسلمانن کان چاندا چڏائي هليا ويا. ڪنڀات ۾ جنهن تنهن پئي اک رکي سو هن ڪري جو هيءُ هڪ هاڪارو وسيل بندر هو ۽ ان جو واپار ديسان ڏيس هلندو هو. نار جي لٽجڻ ڪري آهستي آهستي سندس چلتو گهٽبو ويو. انهيءَ حال هوندي به ۱۶۱۶ع ۾ انگريزن ۽ ٻئي سال ڏچن هتي ڪوٺيون وڌيون. شاهه صاحب جي ڏينهن ۾ هن شهر جو اهو اڳوڻو اوج ڪونه هو ۽ هينئر ته باقي به گهٽ

اٿس. هن وقت ڪنڀات جي نار گهٽجي قدر سڪي ڊوبون ٿي وئي آهي، جنهن ڪري ڪنڀات جو هاڻ هڪ ننڍڙو شهر وجي بڻيو آهي.

شاهه صاحب سان گڏ جيڪي جوڳي هئا، سي جهونا ڳڙهه ۽ گرنار کان پوءِ هتي مهاديو جي تلاءَ جي تيرٿ ڪرڻ لاءِ آيا هوندا، پر اسان جي شاعر کي اها ٿي بره جي نار تن سان لڳل هئي، تنهن ڪري هتي جو پيو ڪوبه احوال ڏيڻ ڪونه اُجهيو اٿس، باقي اينترو چيو اٿس:

"ڪنڀاتڙي تڙ وري، اپي تڙ واجهاءِ،
مان اچيئون ڪاءِ، سوادائي سجڻين" (ڪنڀات)

چوي ٿو ته ڪنڀات جي نار واري تڙ تي يعني هتي جي سٺنب تيرت تي، جتي ڪيترا ماڻهو اچي ڪنا ٿا ٿين، اتي تون به وجي واجهاءِ ته من سجڻ جي طرف جي ڪا مني مبارڪ ملي! مطلب ته محبوب جو مڪان جو سونهن جو مرڪز آهي، اتي وجي سلامي ٿي ته وصال جي واڌائي ملينئي! هن مان ڏسڻ ايندو ته جيئن جيئن سئر ڪندو ۽ قدرت جا عجيب ڪارخانا ڏسندو ويو آهي، تيئن تيئن سچي سائينءَ سان سڪ وڌندي وئي اٿس.

"ڏينهون ڏينهن نئون مون کي ورهه ويڙيهچن جو"

شاه صاحب جي ڏينهن ۾ گجرات جي شهرن ۾ گوريءَ جو ميلو لڳندو هو، جنهن ۾ ڪيترا جوڳي ۽ ٻيا ماڻهو وجي ڪنا ٿيندا هئا. گوريءَ جو مندر اڄ تائين ننگر پارڪر تعلقي ۾ آهي. رسالي ۾ ننگر پارڪر، ڏيپلي ۽ پراڻ جون ڪي حقيقتون جاٽايل آهن. اهي سڀئي ڳالهيون ڳڇن ٿيون ته ائين پيو سمجهڻ ۾ اچي ته شاهه صاحب ڪنڀات کان هلي، گجرات جا پٽ لتاڙي، سنڌ ڏي رخ رکي هليو ۽ ننگر پارڪر کان ڏيپلي وارو رستو ورتي، پراڻ جو پتڻ لنگهي، پنهنجي ماڳ موٽيو هو. اسين انهن اندروني ثابتين تي هلي، انهيءَ وات جو ننگرپارڪر کان ونئي بيان ڪنداسين ۽ جيسلمير طرف پوءِ هلنداسين، جو شاهه صاحب ڪنڀات کان سڌو جيسلمير ڪونه ويو ٿو ڏسجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پاڳو ٿيون

## سنڌ ڌاڻهن موٽندي

### (٣٩) ننگر پارڪر

ڏٺ ڏيري، پٽ پيـــــــــــــــــئـــــــــــون، پاسي پـارڪـر،
سـڀـــئي پـريا سـر، پلر جي پالوٽ سِين. (سـارنگ)

ڪرنل ٽاڊ جي لکڻ موجب "پارڪر" لفظ اصل ۾ آهي "پارڪار" يعني ڪاري جي پار يا لونيءَ جي پرينءَ پـر. ننگرپارڪر جي اپـرندي طرف جـوڌپور رياست آهي، جنهن جو ڳچ ڀاڱو "لوني" يعني لوڻاٺيل يا ڪلراٺو آهي، اتان جيڪا ندي وهي ٿي، سا بہ انهي سبب "لوني" سڏجي ٿي. اها ندي پشڪر راج وٽان هلي، ننگرپارڪر جي ڏکڻ ڏي ڪڇ جي رڻ ۾ چوڙ ڪري ٿي. هاڻ جڳّي طرح سمجهڻ ۾ ايندو تہ "ننگرپـرڪر" معنيٰ اهو شهر جو ڪاري جي پار يعني لونيءَ جي پرينءَ پر آهي.

ننگر پارڪر وڃڻ لاءِ گدڙي اسٽيشن تي لهبو آهي، جتان پنجاه ڪن ڪوهہ خشڪيءَ جو پنڌ آهي. پهريائين ٻائيتاليهہ ڪوهہ پٽن جو پنڌ ڪرڻو پئي ٿو. ٿر جون پٽون ڳوٺ ويرا واهہ وٽ اچي پوريون ٿيون ٿين. ويراواهہ کان ننگر پارڪر پندرهن ميل پري آهي. اهو سمورو سنئون پٽ آهي، جنهن ڪري ڪيتري پنڌ تائين نظر پهچي ٿي.

ننگرپارڪر ۾ نم جا وڻ گهڻا آهن، تنهن ڪري اتي چوڻي آهي تہ:

"ننگر جهڙو شهر، جنهن ۾ نمرٻازي لهر."

يعني ننگرپارڪر شهر ۾ نم جي وڻن جون لهريون لڳيون پيون آهن. اتي

ٿورين مان تيل پيڙي ڪڍندا آهن، جو بواسير لاءِ چڱو چون ٿا. اهو موڪن کي هڪدم ناريو چڙهي.

ننگرپارڪر جو شهر ڪو وڏو ڪونهي، باقي نظارو واه جو اٿس! هيءُ شهر ڪارونجهر ٽڪريءَ جي هنج ۾ آهي. "ڪارونجهر" لفظ اصل ۾ آهي "ڪالنجر" يعني ڪال کي انجر يا پوري ڪرڻ وارو. مهاديو کي "ڪالنجر" سڏيو اٿن. هن ٽڪريءَ تي مهاديو جو لنگ ٻن ٽن هنڌ استاپن ٿيل آهي. هتي انچلاسر، سارڏڙو ۽ گئومکي نالي ٽي تيرٿن جون جايون آهن. شاهه صاحب سان گڏ جيڪي جوڳي هئا سي شايد انهن تيرٿن پرسڻ لاءِ هن پاسي آيا هئا.

ڪارونجهر ٽڪري هڪ هزار ڪن فوٽ اونچي آهي ۽ سڄن سارن ڇهن ڪوهن ۾ هلي، ڪڇ جي رڻ جي ڪلهي سان وڃي لڳي آهي. ٽڪريءَ جي اتاهين چوٽيءَ کي "صاحب چنگا" نالي سان سڏين ٿا. هن ٽڪريءَ جا ڪي داءِ جهڙا ڳاڙها، ڪي روهيءَ جهڙا ڪارا ۽ ڪي رڻني پٿر آهن. ٽڪريءَ جون جملي ڇهه قطارون آهن، جن جي وچ ۾ ڪيترن هنڌ واريءَ جون پٽون آهن. ٽڪري جي جدا جدا پاڳن وٽ ڪيترا ڳوٺ آهن، جنهن ڪري هيءَ ٽڪري گهڻن جو اجهو آهي. هن ٽڪريءَ تي وڻ ٽڻ ۽ ٻوٽا گهڻا آهن. ڪانئين، ڪئونر ۽ ميون وغيره مان ايتري پئدائش ٿئي ٿي جو چوٽي آهي تہ ڪارونجهر ٽڪري هر روز سوا سير سون ٿي اپائي يعني هر روز ايترو پئسو پئدا ٿئي ٿو جو سوا سير سون خريد ڪري سگهجي.

ڪارونجهر ٽڪري ٻرندڙ جبل جي ٻهائي آهي. ٽڪريءَ جي پيٽ مان ڪڏهن ڪڏهن نهايت خوفناڪ گڙگات اٿندا آهن تہ سڄي شهر توڙي پسگردائيءَ ۾ ڌاڌو ٿرٿلو پئجي ويندو آهي. ويجهڙائيءَ ۾ اهڙو ٿرٿلو سنہ ١٤٢٣ع ۾ پيو هو. ان وقت ڪيترين اخبارن انهن لکيو هو تہ هيءَ ٽڪري ڪنهن وقت بہ ڦاٽي.

ننگرپارڪر جي آسپاس ڪيترا تلاءُ آهن. راڻاسر نالي هڪ تلاءُ شهر جي الهندي پاسي آهي. هتي ڪيترين صديون راڻن جو راڄ هو، جن جي نالي ماتر گادي اڄ تائين هلي اچي. انهن راڻن جون جايون انهيءَ تلاءَ وٽ هيون. تنهن ڪري اهو نالو پيو اٿس. سرياهو نالي هڪ تلاءُ شهر کان بہ ڪوهہ ٻري اتر اڀرندي طرف آهي. اهڙي طرح ٻيا بہ ڪيترا تلاءُ آهن. جن بابت شاهه صاحب منٿين بيت ۾ جاڻايو آهي تہ اهي سڀ پلر جي پالوت سان پربا آهن. سپيني تلائن ۾ ڀوڏيسر نالي تلاءُ قابل ديدآهي. اتي هڪ عاليشان مسجد سنگ مرمر جي ٺهيل آهي.

ننگرپارڪر ڪان پنڌرهن ميل پري ويرا واه جي سامهون پاري ننگر نالي هڪ قديم شهر جو ويرانو آهي. اهي سڀ پاسا ڏسڻ جهڙا آهن ۽ انهن جو تواريخي احوال به نهايت عجيب آهي. شاه صاحب ڪارونجهر ٽڪري گهمي پوڏيسر ڪان پائر جي تڙ وارو رستو ورتو هو، تنهن ڪري پاڻ اهو رستو ٽا ونون.

## (۳۰) پائر جو تڙ

"سٽيءَ سيئي ساريا، جي پائر جا پنوهار."

سنڌ ۽ ڪڇ جي وچ واري تڙ کي "پائر جو تڙ" سڏيندا آهن. انهيءَ تڙ جي اڳي حڪومت ڏار هوندي هئي، جنهن جا احوال ڪڇ جي تاريخ ۾ ڏنل آهن.

ننگرپارڪر کان اسلام ڪوٽ تعلقي مٺيءَ ڏي هڪ شاهي سڙڪ ڪارونجهرٽڪريءَ تان وجي ٿي. اڄ تائين تپ'ل اتان وبندي آهي. اها شاهي سڙڪ وٺي هلبي ته ڪجهه پنڌ پائر جي تڙ مان اُڪرتو پوندو. اهو تڙ مارئيءَ جي ملڪ ملير کي بلڪل ويجهو آهي، تنهن ڪري ئي مٿين بيت ۾ شاه صاحب مارئيءَ جي واتان چوايو آهي، ته آئون پائر جي پنوهارن کي پيئي ياد ڪريان. انهيءَ تڙ کي مارئي چو ئي ياد ڪيو تنهن جو سبب هيٺين مصرع ۾ جاٿايل آهي.

"ٿاجا تڙ برجهل، پيون پائر وٽ ۾"

پيون لوٽڪ جي ڳنرن جهڙيون، رنگ جون، ۽ چوڪي وانگر ڪائڻ ۾ ڪتيون ٿين ٿيون. ٿري ماڻهو اهي دل ڪري ڪائيندا آهن. اُهي اڪثر مرٽن ۽ ٻين ڪن ٻوٽن جي پاڙن ۾ پيدا ٿينديون آهن، مارئيءَ جي ملڪ ملير يعني ننگر پارڪر تعلقي جي ڏاڪٽي پاڳي جا ڪيترا مالدار اڄ تائين پين ۽ ٻين ڏٿن خاطر پائر جي وٽ (ڪناري) سن وجي ڪنا ٿين ٿا. اتي ڏسو ته اهي ڏٿ به پيا ڏورين ۽ پاڻ ۾ رهاٿيون به پيا ڪن. شاه صاحب اتان لنگهندي شايد اهڙيون محفلون ڏٺيون هيون، جن جو ذڪر مٿين مصرع ۾ ڪيو اٿس.

هن مند مارو سنرا، ويڙيين وڳ وارين،
چچنان چيڪاريو چيڙا، پٽين پهرائين." (مارئي)

هنن سٽن سمجهڻ لاءِ سر زمين جي واقفيت کپي. چچان معنيٰ چچيءَ يا ڪلراٺي زمين مان. تڙ ۾ اتر طرف ڪلر اڪثر ڪونهي، رڳو پٽون ئي پٽون آهن. تڙ ڏويزن جو ڏاڪٽو پاڳو، جو ڪڇ جي رڻ ڪي ويجهو آهي، تنهن ۾ ڪيترون ٻنيون سمي پائي چچيون (ڪلراٺيون) ٿي وينديون آهن. رن جي ڪس (دنگ) سان نه رڳو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڇيون پر "سنون" بہ آهن. سن معنيٰ لوڻ جي سمر جنهن ۾ پاڻي سيمو ڪري، جمي لوڻ ٿئي ٿو. "موڪئي" نالي هڪ هاڪاري سن ننگرپارڪر تعلقي ۾ آهي. برساتي موسم ۾ اهڙن هنڌ ڪلر سبيان گوڏي جيڏي گپ ٿئي ٿي، تنهن ڪري سانوڻيءَ ۾ مالدار اتان مال ڪاهي، پٽن يعني ڏاڍين زمينن ڏانهن ويندا آهن.

"سرتيون دعا ڪجاهه، تہ پرمر پاروڙيءَ رهي."

"پاروڙي" لفظ پائر جي ٿر جو آهي. رڍن جي اُن اڪثر ملاٽي جي رنگ جهڙي ٿئي ٿي، پر جنهن رڍ جي ان اڇي قول ٿئي ٿي تنهن کي، توڙي ان مان نهيل لوئيءَ کي، "پاروڙي" چوندا آهن. هي سڀ ڳالهيون ڏيکارين ٿيون تہ شاهہ صاحب هتان لنگهيو هو. جوڳين کي گوريءَ جو مندر ۽ پٽائي گهوٽ کي مارئيءَ جو ملڪ ڏسٽو هو، اهي ٻئي هن پاسي آهن.

## (٣١) ملير

مارئي ملير جي وينل هئي. ملير جو ڳوٺ ننگرپارڪر شهر کان ٻارهن ڪوهه پري ۽ گڏڙي اسٽيشن کان انٽيهہ ڪوهه پري آهي. اتي هاڻ نالي کي هڪ گهر بہ ڪونهي باقي سڏ پنڌ پريان پالوا نالي ڳوٺ آهي، جنهن ۾ خاصخيلي ۽ پيلن وغيره جا جملي ٽيهہ کن گهر آهن. ملير واري پٽ ۾ هڪ وڏي پٿر جي ڪونڊي اڄ تائين رکيل آهي، جنهن بابت سڄو ٿر ائين ٿو چوي تہ مارئي انهي ڪونڊيءَ ۾ پنهنجن چيلن کي پاڻي پياريندي هئي. هتان امرڪوٽ پنجاهه ڪوهه پنڌ آهي. شاهہ صاحب هتي آيو هو، تنهن جي ثابتي هينين مصرع مان ملي ٿي:

"جوءِ ڪشادي جيڏئين، ملير موڪ مهاڙ"

پالوا! جي ڳوٺ وٽ ست پٽون هڪ ٻئي سان اهڙيون لاڳيتون بيٺيون آهن، جو سٽن ئي پٽن جي هڪ يڪي پڪر آهي. انهن پٽن جي اڳيان جيڪو ڏهر آهي، تنهن ۾ ملير جو ڳوٺ آهي. ڳوٺ جي مهاڙي ايڏي وڏي آهي جو حيدرآباد جو سڄو شهر، هيرآباد سوڌو ان ۾ جيڪر سمائجي سگهي! شاهہ صاحب اهو پٽ اکين سان ڏٺو هو، تنهن ڪري مٿين مصرع ۾ چيو اٿس تہ ملير جي مهاڙ وڏي ۽ اتي جيڏين جي رهڻ جي جاءِ ڪشادي آهي، هي سڀ اکين ڏٺيون ڳالهين جاٽايون اٿس.

## (٣٢)گوري

ننگر پارڪر کان چوڏهن ڪوهه ۽ مارئيءَ جي ملير کان فقط بہ ڪوهہ کن پري گوري نالي هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي، جنهن جي نزديڪ جين ڌرمر وارن جو هڪ

عاليشان مندر نهيل آهي. جن وارا پار سنات جا پوڄاري آهن. پارسنات کي ”گوريڄو“ بہ سڏين ٿا ۽ ان جي نالي پٽيان هيءُ ڳوٺ ۽ مندر سڏجن ٿا.

حاطو اندر آهي ۽ اڳيان دالان اٿس. دالان جو ديدار ئي لک لهي! هتي رڳو سنگ مرمر ۽ جوڌپوري پٿر جو ڪم ٿيل آهي. ويجهيءَ چڪ ۾ ههڙو عمارتي سامان ملڻ ئي ناممڪن آهي، تنهن ڪري هن عمارتي سامان جي رڳو ڪٽائي ڪيترائي هزار رپيا آئي هوندي. دالان جا ٿنڀا سنگ مرمر جا نهيل آهن ۽ ڇت گولائيءَ تي اٿس. پٿرن تي سهڻيون تصويرون چٽيل آهن.

دالان ڪانوءِ هڪ وڏو صفو آهي، جنهن ۾ ٻنهي پاسن کان ڇهہ ڇهہ يعني جملي ٻارهن ڪوٺيون آهن، جن جون ڇتيون گنبذن وانگر آهن، تنهن ڪري گوري مندر کي ڪي ”ڏيرا“ (ڏيورا) بہ سڏين ٿا. هرهڪ ڪوٺيءَ ۾ هڪ ٿلهو نهيل آهي، جنهن تي رڳو هڪ ڄڻو ويهي ٿو سگهي. شايد هيءُ مندر اصل مٺ گرو ڪل تي ڪم ايندو هو ۽ هر هڪ جوڳي يا برهمچاري پنهنجي پنهنجي ٿلهي تي ويهي يوگ اڀياس ڪندو هو يا پڙهندو هو. پر متان نند اچي وڃيس، تنهن ڪري نند ڪرڻ جي اتي جاءِ ڇڏي ڪانہ اٿن. انهي ٿلهي تي ويهي ڪو جهوٽا کائيندو تہ مٿو يڪدم وڃي پٽ سان لڳندس جنهن ڪري جهٽ پٽ سجاڳ ٿيندو.

پهرئين صفي کانپوءِ وري هڪ ٻيو صفو آهي، پر ان جو پنيون پاسو ڪيتري قدر ڊٺو پيو آهي. اتي هڪ وڏو شاهي ٿلهو نهيل آهي، جنهن مان ائين ٿو سمجهجي تہ سڀ پوڄن مهل اتي اچي ڪٺا ٿيندا هئا.

مندر جي ٻاهران، پر حاطي جي اندر، هڪ غفا نهيل آهي، جنهن ۾ هيٺ گهڙي وڃن لاءِ ڏاڪا آهن. شايد منڌاري يا آچاريہ (استاد) انهيءَ غفا ۾ وڃي يوگ اڀياس ڪندو هو. ويجهڙائيءَ ۾ سرڪار جي مرضي ٿي تہ اهو محفوظ ٿيل يادگارن جي آڪٽ هيٺ آڻجي، پر اوسواڙن اهو مندر سرڪار جي حوالي ٿيڻ نہ ڏنو. اهي اوسواڙ، جي جين ڌرم جا آهن، تن جا بہ انصاف نہ وڃائبا جو اهڙو صنعت ۽ ڪاريگريءَ جو ڳهڻو نڪي سرڪار جي حوالي ٿا ڪن، نڪي پاڻ ان جي مرمت ڪرائين ٿا.

هن مندر جوڙائڻ جي اصل ڪهڙي مراد هئي، تنهن بابت ڪوبہ پڪ سان چئي نٿو سگهي. اهو اصل مٺ يا گرو ڪل تي ڪم ايندو هو. سو رڳو دل جو انومان آهي. هيءُ مندر ڪنهن جوڙايو ۽ ڪيئن جڙيو، سي سڀ ڳالهيون تواريخن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ جاٿايل آهن ۽ هن پاسي جا ماڻهو به زيارتن کي ٻڌائيندا آهن. اهو قصو هن ريت آهي:

ويراواه ڪان سڌ پنڌ پري پاري ننگر ۾ منگهو نالي هڪ واپاري، ذات جو اوسواڙ رهندو هو. هڪ لڳا مال خريدڻ لاءِ ننگرپارڪر کان سٺ ڪوه پري گجرات جي "پٽڻ" نالي شهر ۾ ويو. اتي هڪ ڏينهن سپني ۾ ڪنهن ديوتا درسن ڏنس ۽ چيائينس ته پارس ناٿ جو هڪ پتلو فلاڻي چاڪيءَ جي گهر ۾ پوريل آهي، سو کيڻ به هٿ ڪر ۽ اُتان ڪڍائي وڃي، ڪنهن مندر ۾ رک ته ناڪر توکي اڻ ڳڻيا ڏاڻ ڏيندو. صبح ٿيو ته منگهي اوسواڙ سپني واري ڳالهه سچي سمجهي، انهي چاڪيءَ جو گهر پڇائي وڃي لڌو ۽ جنهن جو سپني ۾ديوتا ڏس ڏنو هوس، سو هنڌ کوٽائي اهو پتلو هٿ ڪيائين. ٻي رات ئي ته ديوتا وري سپني ۾ درسن ڏنس ۽ چيائين ته هاڻ اها ناڪر جي مورتي ڪڻائي، سڌو پنهنجي وطن وڃ، پر رستي ۾ ڪٿي به پٺ ڏانهن نه نهارج. صبح جو سجاڳ ٿيڻ سان هن هڪ بيل گاڏي هٿ ڪئي، جا نهه جي ڪانيءَ جي نهيل هئي. منگهو اوسواڙ اهو پتلو گاڏيءَ ۾ رکائي وطن ڏي وريو. واٽ تي ڪنهن نوڪر اچڻ سبب گاڏي پجي پئي. اتي ٽيون ڀيرو سپني ۾ ديوتا ڏسڻ ۾ آيس، جنهن چيس ته پارس ناٿ جو پتلو هٿ زمين ۾ گهڙي ويو آهي. هاڻ هيڻئن ڪر جو انهيءَ پوتر استان تي هڪ مندر جوڙاءِ ته ناڪر ڪندو ته تنهنجي سدائين چڙهو چڙهي ٿيندي. منگهو پوءِ سجاڳ ٿيو ۽ پتلو گم ٿيل ڏسي زمين ولڻ لڳو، پر پتلي جو پتو ڪونه پيو. آخر سپني واري ديوتا جي چوڻ موجب انهيءَ پٽ تي مندر جوڙايائين جو گوريچا پارس ناٿ جي نالي پنيان "گوري" سڏجڻ لڳو.

ڪي تواريخ نويس چون ٿا ته منگهو اوسواڙ اهو پارسنات جو پتلو پنج سئو رپيا ڏيئي ڪنان خريد ڪري آيو هو ۽ سنه ١٣٧٦ع ۾ هيءُ مندر جوڙائي ان ۾ آڻي رکيو هئائين. هن جو مطلب هو ته انهيءَ پتلي بابت ماڻهن کي ڪا عجيب ڳالهه ٻڌائيندس تڏهن ان جو چڱو قدر ڪندا. تنهن ڪري اها مٿين ڳالهه پنهنجي مغز مان ڪڍي، هنڌين ماڳين هلائي هوائين. تواريخ نويس چاٿائين ٿا ته اهو پتلو گهٽ ڏنو هو. ناڪر جي مورتيءَ کي نرڙ تي پرن جي وچ ۾ هيري جي ڪٽي لڳل هئي ۽ ٻنهي اکين تي به ڪٽيون لڳل هيس. ڪيترا سال اهو پتلو هن مندر ۾ رکيو هو. ڪئپٽن ريڪس پنهنجي ڪتاب ٿر جي احوال ۾ لکي ٿو ته ويرا واه جو سوڍو سنوجي سنه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٧١٦ع ۾ اهو پنلو هتان کڻائي ويو ۽ بکاسر وارو قلعو جو پاڻ جوڙايو هئائين، تنهن ۾ اهو پنلو وجي رکايو هوائين. ستوجي اهو پنلو هڪ نمر جي وڻ جي پاڙ ۾ پوري رکندو هو ۽ بارهين بارهين مهيني بکاسر ۾ ميلو هڻائيندو هو. انهيءَ ميلي ۾ ماڻهن کان چڱي ڏکڻا وٺي پوءِ هنن کي ناکر جو درشن ڪرائيندو هو. هڪ لکاپنڻ واڻياڻيءَ کي انهي ناکر جي درشن جي گهڻي پياس هئي، تنهن جڏهن نو هزار رپيا ڏنس تڏهن ناکر جو درشن ڪرايائينس! اهڙي طرح سوڍي ستوجيءَ جهجهوئي ڏن ڪمايو. ستوجيءَ پوءِ اهو پنلو هڪ گڊه (قلعي) ۾آڻي رکيو، جتي سال بسال ميلو هڻائيندو هو. بعضي اهو ميلو پالنپور رياست جي مورواڙا شهر ۾ هڻائيندو هو ته اتي جا ماڻهو ويراواه اچڻ جي تڪليف کان ڇٽن. مورواڙا ڏي اهو پنلو نيندو هو، ته ان جي سنڀال لاءِ هڪ سئو سوار پاڻ سان ڪٺندو هو. انهيءَ ميلي تي لکين ماڻهو ايندا هئا. ڪيترا جوڳي به ڏاڍيءَ سڪ مان اتي اچي ناکر جو درشن ڪندا هئا. اهڙي طرح مورواڙا ۾ ڪيترا ميلا لڳا، جن مان پويون ١٨٢٢ع ۾ لڳو.

سنه ١٨٣٢ع ۾ سنڌ جي ميرن جو هڪ ماڻهو انهن سوڍن ماريو. انهيءَ سال اهو پنلو پونجاجي نالي هڪ نکر جي هٿ ۾ هو. پونجاجي گرفتار ٿيو، پر سگهو ئي مري ويو، تنهن ڪري اڄ تائين ڪنهن کي به خبر ڪانهي ته اهو پنلو ڪهڙي هنڌ پوريو هئائين. جين ڌرم وارا اڄ تائين ڪتان جو ڪتان اچي اهو مندر هر سال پيٽيندا آهن، جو هيءُ آستان تيرٿ جي جاءِ آهي.

گوريءَ جي نزديڪ هڪ يڪ سرو برج نهيل آهي جو "پوان آستان" سڏجي ٿو. نيئر (جوڌپور) جو راجا پولن، جو رانور نسل مان هو، سو ڌاڙيلن جي پنيان پيو هو ۽ انهيءَ هنڌ ڌاڙيلن ماريو هوس انهيءَ خون واري هنڌ اهو يادگار ١٧٤٣ع ۾ جوڙايو هئائون.

"ڪاروڙيان ڪٽي، ويڙهي جهپ ويا" (مارئي)

هن مصرع ۾ شاه صاحب مارئيءَ جي واتان ڄڻائي ٿو ته منهنجا ماروئڙا ڪاروڙي مان لڏي ويڙهي جهپ ڏي ويا. ڪاروڙي جو ڳوٺ مارئيءَ جي ملڪ ملير جي پريان ننگر پارڪر تعلقي جي ڏکڻ ڏي ڪڇ جي رڻ جي ڪنڌيءَ تي آهي. شاهه صاحب ننگرپارڪر ۽ پوڌيسر مان ٿيندو، ڪاروڙي کان هلي، مارئيءَ جو ملڪ گهمندو ۽ گوري مندر ڏسندو ويڙهي جهپ ڏي ويو هو. هيءُ پنهنجي سفر جو ذڪر

ڪيو اٿس پر ظاهري رکو مارئيءَ جو نالو ڪيو اٿس. اها ڳالهه وِسهڻ ئي مشڪل آهي ته مارئيءَ جا مائٽ ويجها وسيل پاسا ڇڏي ڪڏهن به ويڙهي جهپ جهڙي سڄي ڳوٺ ۾ ويا هوندا. تنهن ڪري مٿينءَ مصرع مان اهو ئي انومان ڪڍڻو پئي ٿو ته پاڻ پائر جو ٿر لتاڙي، ويڙهي جهپ ڏي ويو هو. انهيءَ سموريءَ وات جو جيڪو ذڪر ڪيو اٿس، سو خاص ڪنهن هنڌ بابت نه آهي، پر سڄي ٿر جو عام احوال آهي، تنهن ڪري ان جو ذڪر پوءِ ڪبو. هت اول ويڙهي جهپ جو احوال ڏجي ٿو.

## (٣٣) ويڙهي جهپ

ويڙهي جهپ جو ڳوٺ ڏيپلي جي اتر الهندي طرف، ڏيپلي جي شهر کان ٽن ڪوهن جي مفاصلي تي آهي. ويڙهي جهپ وڃڻ لاءِ جهڏو گدام اسٽيشن تي لهڻو پوي ٿو، جتان وبهه ڪوه ڪن پيتن جو پنڌ ڪري هتي اچجي ٿو. هيءُ هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي، جنهن ۾ پنج ست گهر نڪرن جا، چار پنج گهر ٻجيرن جا ۽ ٿورا گهر ڀيلن ۽ مينگهواڙن جا آهن. جملي ٽيهه کن گهر ٿيندا. هن ننڍڙي ڳوٺ جو ناماچار پارو فقير جي ڪري آهي، جو شاهه صاحب کان گهڻو اڳاتو ٿي گذريو آهي. انهي قديم وقت کان وٺي هن جو ميلو لڳندو اچي. رسالي ۾ هن ڳوٺ جو نالو آيو آهي، تنهن مان سمجهجي ٿو ته شاهه صاحب ۽ جوڳي هن درويش جي درگاهه جي زيارت ڪرڻ يا اتي جي ميلي ڏسڻ لاءِ ويا هئا.

پارو فقير، جنهن کي عام "پار برهم" چوندا آهن، سو اصل انجار جو شهر جو وينل هو. اُهو شهر ڪڇ ڀڄ ڏي آهي. هو ڪڇي برهمن هو. مٺڪن نالي هڪ سنياسيءَ کان آپديش وٺي يوگ ابياس ڪيائين ۽ سڄي عمر برهمچاري ٿي رهيو. هو پوءِ ويراڳ ورتي ذاري رمتن جوڳين وانگر گهمندو، ڪڇ جو رڻ لتاڙي، سنڌ ۾ آيو ۽ هن ويڙهي جهپ جي ڳوٺ ۾ اچي رهيو، انهي وقت ۾ به هتي ڀيل رهندا هئا، جي اڄ تائين اڇوت ذاتين جي دفعي ۾ ليکجن ٿا. پارو فقير چوي ٿو ته پنهنجي ذات پات جو ايمان ذاري، اڇوت ذاتين کان جنهن ڇُو ڇُو ڪري پاسو ڪو سو انسان ڪهڙو؟ پاڻ برهمڻ ٿي هتي جي ڀيلن جي شيوا ڪرڻ لڳو!

ويڙهي جهپ جا ماڻهو ڏينهن جو ڪم ڪار ڪري ٿڪجي ٽنجي سمهي پوندا هئا ته هي سيني جي گهرن جا پاٽيءَ جا دلا ڀري رکندو هو ۽ جهنگ مان ڪانيون ڪري پنهنجي مٿي تي ڪٽي، اهي به گهر گهر ۾ رکي ويندو هو. بعضي ته ان به ڏري رکندو هون. هن جي اهڙي هلت خود ڀيلن کي تعجب ۾ وڌو. اهي چون ته

سمانڊ کان ٿورو پري هڪ پٽ تي ميلي جي ڏينهن ۾ هڪ جار جي وڻ وٽان ٻه تي لڳا جوت ڏسڻ ۾ ايندي آهي. جاتي چون ٿا ته اها ڪرامتي جوت آهي ۽ ازغيبي پيدا ٿئي ٿي. پڇا بعد معلوم ٿيو ته ويڙهي جهپ جا ڪي پيل نڪر جي ڪني کي ٽنگ ڪري ان ۾ ٻربل مڇو وجهندا آهن جنهن جي روشنائي، پرڀان ڏسڻ ۾ ايندي آهي.

"ڳُڙ جاٽي، ڳُڙ جي ڳوٿري جاٽي."

## (٣٤) پراڻ

"ونـــا پٽ پراڻ جـــا، ونـــيـــون ســـامـــاري،
ڪڪـــر ۾ ڪاري وجـــڙين پســو وبس ڪيـــا." (ســارنگ)

پران" پراڻي درياءَ جو نالو آهي. اڳي ڊورو نارو پراڻ ۾ اچي چوڙ ڪندو هو. هن وقت قليلي واهه حيدرآباد جي پرڀان هلي، ٽنڊي محمدخان ۾ بدين تعلقن کي آباد ڪندو هن پاسي پراڻ سان اچي گڏيو آهي، جنهن ڪري هتي مڇي ۽ پوراٽي جام ٿئي ٿي. گاهه پنو بہ ٿئي ٿو.

شاهه صاحب ويڙهي جهج کان ڏيپلي ۽ راحمڪي بازار مان ٿيندو پراڻ طرف آيو آهي. هيءَ لاڙ جو پاسو آهي تنهن ڪري سمجهجي ٿو ته هيڏي وڏي سفر کانپوءِ پنهنجن لاڙ وارن مائٽن کي منهن ڏيکاريندو پوءِ پنهنجي ڳوٺ ويو هو.

شاهه صاحب جي مڪيہ سئرن جي ذڪر ڪندي جاٽايو ويو آهي تہ هو پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ ڪربلا معليٰ جي زيارت ڪرڻ سانگي ونگ ولهار پرڳڻي مان ٿيندو اڳتي وڌيو، تہ ڪنهن مريد وٽ نان موٽايس. هاڻوڪي ٽنڊي باگي تعلقي جو هڪ ڀاڱو ونگ ولهار سڏبو هو ۽ اهو ڏيپلي تعلقي سان لڳو بينو آهي. انهيءَ گهمري بہ شاهه صاحب کي پراڻ جو پٽڻ لنگهڻو پيو هوندو. اهو سفر جيتوڻيڪ پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ ڪيائين، تہ بہ اسين جڏهن پاڻ اچي پراڻ تائين پهتا آهيون تڏهن اتي ئي ان جو ذڪر ڪريون ٿا.

## (٣٥) ڪربلا ڏانهن ويندي

شاهه صاحب جي وقت ۾، بلڪہ هن کان ڪيترا سئو ورهيہ اڳي، جيڪي حج ڪرڻ ويندا هئا سي عام طرح ڪڇ ويندا هئا ۽ اتان وڃي جهاز ۾ چڙهندا هئا. ڪڇ ملڪ ڪجهہ وقت دهليءَ جي مغل بادشاهن جي تابع هو، جنهن ڪري ڪڇ جو راءُ ڪيترا سال دهليءَ جي بادشاهہ کي ڏن ڀريندو هو. آخر جهانگير بادشاهہ اهو

ڏن معاف ڪيس ۽ ان جي عيوض منس هيءَ فرمائش رکيائين ته دهليءَ ۾ ٻين پاسن کان جيڪي حاجي اچن، تن کي هر طرح جون سهوليتون ڏيئي جهاز ۾ چاڙهي چڙهي. اهي ۽ ٻيون ڳالهيون جي تاريخن ۾ جاتايل آهي سي ڏيکارين ٿيون ته اڳي سنڌ جا مسلمان ماڻهو به حج ڪرڻ لاءِ ڪڇ کان ويندا هئا. رسالي ۾ ڪڇ جي رڻ جي هڪ ڳالهه آهي، تنهن ڪري سنڌ ڏي موٽڻ کان اڳ رڻ جو چڪر هڻي پوءِ پنهنجي موٽنداسين.

## (٣٦) ڪڇ جو رڻ

ڪڇ جو رڻ ڏسڻ جهڙو آهي! اپرندي کان الهندي تائين اسي ڪوهن ۾، ۽ اتر کان ڏکڻ تائين سٺنيهن ڪوهن ۾ سرارو هليو ٿو وڃي. سنڌ گزيٽئر مان معلوم ٿو ٿئي ته اڳي ٿرپارڪر طرف سمنڊ هو، جنهن جو منهن ڪڇ جي رڻ کان هو. پوءِ ڌرتيءَ ڌٻڻ ڪري حالتون ڦري ويون. اڳي سنڌوندي لکپت کان گهاري شيخاڻي تعلقي بدين طرف وهندي هئي ۽ ان ۾ دنگيون ۽ جهاز هلندا هئا، جي سنڌڙي توڙي راحمڪي بازار وٽ اچي پڳهه هڻندا هئا. مطلب ته هتي ڪجهه وقت کارو (سمنڊ) ۽ ڪجهه وقت منو (درياءَ) هو. هتي جي پاڻيءَ بابت تاريخن مان پڪا ڏس پتا ملن ٿا. عيسوي سنه کان سوا ٽي سئو ڪن ورهيه اڳي سڪندر اعظم هتان لنگهيو ته هتي چولين پئي چلڪا ڏنا! عيسوي ٻارهين صديءَ جي شروعات ۾ محمود غزنوي هتان ئي لنگهيو ته جنهن تنهن پئي دپ ڏنس ته هتي جون لهرون تنهنجو لشڪر لوڙهي ڇڏينديون. هتان شايد سگهو ئي پوءِ پاڻي سڪو آهي، جو سنه ١٣٦٢ع ۾ سلطان فيروز شاهه جي لشڪر ڪيترئون راتيون رڻ ۾ گهاريون پر هن جي ڏينهن ۾ ته هتي پاڻيءَ جو ذرو به ذڪر ڪونهي.

راحمڪي بازار وٽان ٻيهي رڻ ڏي نهاربو ته نهايت عمدو نظارو نظر ايندو. رڄ ڪنهن نه ڏٺي هجي ته هتي ڏسي. ڏاڍا رنگ ٿي ڪري! پريان پاڻ ته سڄو پٽ پاڻيءَ سان پريو پيو آهي، پر ويجهو وڃي ڏس نه ڪوڙ جو مٿلو ڪوڙ! ڪڇ جو رڻ ڪنهن ڪنهن مهل اٿندو آهي. رڻ جو اٿڻ معنيٰ مٿي يا وڏي ڏيکاري ڏيڻ. جنهن مهل رڻ اٿندو آهي، تنهن مهل ننڍڙي شيءِ بلڪل وڏي ڏيکاري ڏيندي آهي مثلن پٽ ۾ ڇپٽو پيو هوندو ته پريان ائين پيو ڀائنبو ته ڪو ڏونگر ڏسڻ ۾ ٿو اچي. اوڏي مهل ڪو ماڻهو ان ني چڙهيل هوندو، ته پريان ائين پيو ڀائنبو ته ڪو راڪاس پيو اچي جنهن جي چوٽي آسمان سان پئي گسي! هلندڙ ان جي ٽنگن جو پاڇولو اهڙي ڏيکاري ڏيندو آهي جو ڄڻ ته ڪو زمين تان آسمان ۾ وڏيون شاهي تراريون هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بئي پنيان تڪڙيون تڪڙيون پيو هٽي! جيڪڏهن رڻ ۾ ڪابہ پهر نہ هوندي ۽ پٽ بہ صفا پيو هوندو تہ پريان ائين پيو پائنبو تہ ڪو وڏو جبل بيٺو آهي. جنهن جي اڳيان درياهہ پيو وهي! هن نگٽي نماء کي "رج" چئبو آهي.

ڪڇ جي رڻ ۾ اڳي ڪيترا قلعا نهيل هئا، جن جا نشان اڄ تائين بيٺا آهن. رحمڪي بازار کان ڏيڍ ڪوهہ ڪن پري ڏکڻ ڏي اڳي "ڪانجي ڪوٽ" هو. ڪڇ جي راء جو صوبو ڪانجي نالي هتي رهندو هو، تنهن اهو ڪوٽ جوڙايو هو. شاهہ صاحب اهو ڏٺو هوندو، چاڪاڻ تہ اهو غلام شاهہ ڪلهوڙي جي ڏينهن ۾ ڊٺو هو.

راحمڪي بازار کان نو ڪوهہ پري ڏکڻ ڏي "سنڌڙي" نالي هڪ وڏو بندر هو. امپيريل گزيٽيئر ۾ جاڻايل آهي تہ ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ درياهي چورن هن پاسي رڻ ٻاري ڏنو هو، تنهن ڪري ڪڇ جي راجا رائڌون هتي اهو قلعو جوڙائي اتي چوڪيدار ويهاريا هئا. سنڌڙي وارو قلعو ١٨١٩ع واري زلزلي ۾ زبون ٿي ويو. ڪڇ جي رڻ ۾ ١٦ جون ١٨١٩ع جي ڌرتي ڌٻي، تہ سنڌڙي جي اتر ڏي پنجاهہ ميلن ۾ رڻ جي وچ واري زمين مٿي چڙهي آئي. ۽ ٻنهي پاسن کان ڌرتي اينرو هيٺ جهڪي وئي، جو ڏوٻي بند ٿيڻ ڪانپوءِ اتيل زمين هڪ وڏي بند مثل ٿي بيٺي. اهو بند ازغيبي نهيو تنهن ڪري ان جو نالو رکيائون "الله بند" يعني ڌڻيءَ جو پيدا ڪيل بند. اهو الله بند اڄ تائين بيٺو آهي.

راحمڪي بازار کان جيڪڏهن رڻ تي رڻ ڏيئي پيچ ڏي وڃبو تہ سنڌڙي وارو طرف نہ ونبو، پر ڪانجي ڪوٽ کان "ونگر" نالي ڳوٺ ۾ وڃي پوءِ مصريءَ واري ڪوهہ تي منزل ڪبي. اتان "ڪائوري" نالي ڳوٺ لنگهي اڳيرو ٿبو تہ ايندي "ٻني"، جو ڪيترن ڪوهن ۾ آهي. سڄي پٽ ۾ جتي پاڻ مرادو وڻ ٽڻ ۽ ٻوٽا پيدا ٿين تنهن کي ڪڇي لوڪ "ٻني" چوندا آهن. ٻنيءَ ۾ جيڪي ڳوٺ آهن تن مان "ٻنديارو" ۾ منزل ڪري پوءِ سومرا سر نالي ڳوٺ مان لنگهي، "ڪاري ندي" اڪري پيچ ۾ وڃبو آهي. هيءَ آهي اها واٽ جتان شاهہ صاحب کي سنڌس ڪنهن مريد موٽايو هو. هوءَ پوءِ پراڻ لنگهي موٽي سنڌ ۾ آيو هو ۽ امامن لاءِ افسوس ظاهر ڪندي سر ڪيڏاري وارا بيت چيا هوائين "آرڻ ٻڌي ابڙي ٿي رڻ ۾ رڪ رئي" ڪڇ جي رڻ ۾ سلطان علاوءُ الدين خلجي ۽ ابڙي سمي جي وچ ۾ وڏي لڙائي لڳي هئي. ڏوڏي چنيسر جي قصي مان معلوم ٿيندو تہ چنيسر کي پڳ نہ ملي هئي تہ هو علاوءُالدين بادشاهہ کي وٺي آيو هو. ڪڇ جي رڻ ۾ راحمڪي بازار کان ٿي ڪوهہ ڪن پري "وڳهہ ڪوٽ" هو، جو سومرن جو تختگاهہ هو. انهيءَ ڪوٽ جو ويرانو شاهہ صاحب ڏٺو تہ انهيءَ لڙائي بابت بيت چيائين، جي رسالي جي سر بلاول ۾ ڏنل آهن.

# پاڳو چوٿون

## مارئيءَ جي ملڪ ۾!

### (٣٧) جيسلمير ڏي ويندي

شاهه جي رسالي ۾ اهڙو ڪوبه اشارو ڪونهي، جنهن مان سمجهي سگهجي، تہ هو جوڳين جي سنگ ۾ جيسلمير ويو هو. پائنجي ٿو تہ يڪي سر يا ٻين ڪن قافلن سان گڏ ايڏو وڏو سفر ڪيو هوائين. هن وقت جيسلمير وڃڻ لاءِ راجا واري گاڏي ۾ چڙهي، بارمير اسٽيشن تي لهڻو پوي ٿو، جتان جيسلمير سڄا سرا پنجيتاليهہ ڪوهہ پنڌ آهي. هاڻ انهيءَ پاسي موٽرون هلن ٿيون، تنهن ڪري ايڏو پنڌ بہ گهڻو نٿو لڳائي، باقي اڳي انهي پاسي وڃڻ جهڙي تهڙي جو ڪم نہ هو.

راجا واري گاڏي نهي، سا ڪلهہ ڪلهوڻي ڳالهہ آهي. آگسٽ ١٨٩٢ع ۾ حيدرآباد کان شادي پلي تائين ۽ سنہ 1900ع ۾ شادي پلي کان جوڌپور تائين ريل گاڏي جاري ٿي. اڳي جڏهن آگ گاڏي ڪانہ هئي، تڏهن حيدرآباد مان نئين قليلي وارو رستو وٺي ٿنڊي جام ۽ ٿنڊي الهيار ڏي وڃبو هو. ٽنڊي الهيار کان وٺي امرڪوٽ تائين رڳو واريءَ جا ڊگهہ لڳا پيا هوندا هئا. هينئر٣ انهيءَ وات تي ميرپورخاص جو مشهور شهر آهي، پر اهو شاهہ صاحب جي وقت کان گهڻو پوءِ جو نهيل آهي. اهو شهر سنہ 1806ع ۾ مير علي مراد خان ٽالپر ماڻڪاڻي ٻڌايو هو ۽ 1900ع کان وٺي گهڻو وڌيو آهي. هينئر ميرپورخاص جا شهر سچ پچ ٻہ آهن، هڪ ميرپورخاص پراڻي، ٻي نئين. پر ٻئي شهر گڏيا پيا آهن، تنهن ڪري هڪڙي

ئي ناليِ سان سڏحن ٿا. شاه صاحب جي وقت ۾ اهو سمورو پاسو سچو هوندو هو. قافلا اهو سچو پٽ لتاڙي، امرڪوٽ ويندا هئا ۽ اتان گڏڙي ڪان جيسلمير ۽ جوڌپور ويندا هئا. اها وات اڄ تائين قائم آهي. شاهه صاحب به اها وات ورتي هئي، تنهن ڪري انهي وات جو امرڪت ڪان وٺي بيان ڪجي ٿو.

## (٣٨) امرڪوٽ

اڄ ڪلهه جنهن شهر کي "عمرڪوٽ" سڏيو وڃي ٿو، تنهن جو صحيح نالو "امرڪوٽ" آهي. سيني آڳاٽين تاريخن تاريخن جهڙوڪ تاريخ فرشته، منتخب التواريخ ۽ ٻين ڪتابن مثلن ڪرنل ٽاڊ جي راجستان جي احوال ۾ صحيح نالو "امرڪوٽ" لکيل آهي. پانئجي ٿو ته ويجهڙائي ۾ ڪن ائين سمجهيو ته اهو شهر عمر سومري جو ٻڌايل آهي، تنهن ڪري "عمرڪوٽ" سڏجڻ جو رواج پيو. حقيقتون اهو شهر تڏهن ٻڌو جڏهن عمر سومرو اجا ڄائو ئي ڪين هو. عمر سومرو عيسوي چوڏهين صديءَ ۾ ٿي گذريو آهي، پر تاريخن ۾ امرڪوٽ نالو ١١٥٦ع جي احوالن ڪان به اڳ جاڻايل آهي. امرڪوٽ تي امرسنگهه نالي هڪ سوڍي راجپوت جو نالو پيل آهي ۽ اهو "امرپور" به سڏبو هو.

امرڪوٽ وڃڻ لاءِ عام طرح ڇوڙ اسٽيسن تي لهبو آهي، جتان اهو شهر ڇهه ڪوهه پري آهي. ڪي ڍوري ناري اسٽيشن تي لهن ٿا، جتان سادا ست ڪوهه پنڌ آهي. ڇوڙ ۽ امرڪوٽ جي وات تي ٿوريون ٿوريون ننڍيون پٽون آهن. ڪن هنڌ رستي جي ٻنهي پاسن کان گَج پنڌ پري نشيب واري زمين آهي، جا آبڪلاٽيءَ ۾ ٻوڏ هيٺ اچي ٿي. اتي ڍنڍون آهن، جن ۾ قسمين قسمين پکي ڏسڻ ۾ ايندا آهن، جنهن ڪري ڪيترا عملدار هن پاسي شڪار ڪرڻ ويندا آهن.

"ڪن اچي امرڪوٽ تان وسايا ولهار" (سارنگ)

ولهار يعني غير آباد زمين، جنهن ۾ جهنگلي وڻ ٽڻ ۽ ٻوٽا قدرتي طرح اپرن. اهي ولهار امرڪوٽ جي آسپاس آهن ۽ ڇوڙ واري رستي تان به ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

امرڪوٽ ۾ جيڪي ڏسڻ جهڙا هنڌ آهن، تن مان پهريون ۽ مکيه آهي "ڪوٽ" جو شهر جي منهن ۾ مارڪيٽ توڙي اسپتال کي ويجهو آهي. اهو ڪوٽ ڪڏهن جڙيو سو احوال هينئر به ملي سگهي ٿو. ڪرنل ٽاڊ ڄاڻايو آهي، ته راجپوتانا ۽ سنڌ جي وچ وارين وڏين پٽن سان وارياسو ملڪ "مارو ستل" يعني

موت جو تر سڏيو هو. انهيءَ سڄي ٿر جا والي اصل پرمار راجپوت هئا، جن پنهنجي حد ۾ جدا جدا هنڌن تي نو ڪوٽ جوڙايا هئا، جنهن ڪري مارو سٿل کي "نو ڪوٽي" به سڏيندا هئا. انهن نون ڪوٽن مان هڪ جيسلمير طرف لڏائي ۾، ٻيو روهڙيءَ جي ويجهو الور ۽ ٽيون مرڪوٽ ۾ هو. سنڌ گزيٽيئر مان معلوم ٿئو ٿئي ته سنڌ ۾ جڏهن سومرن جي صاحبي هئي، تڏهن پرمار سوڍن راجپوتن سومرن کان امرڪوٽ کسي پنهنجي قبضي ڪيو هو. امرڪوٽ واري لڙائي سنه ١٢٢٦ع ۾ لڳي (جڏهن عمر سومرو اڃا ڄائو ئي ڪونه هو) هن مان به ڏسڻ ۾ ايندو ته امرڪوٽ جو شهر توڙي قلعو عمر سومري کان گهڻو اڳاٽا آهن.

حيدرآباد واري قلعي کان هيءُ ڪوٽ گهڻو ننڍو آهي، هن جون پٽيون اونچائيءَ ۾ پنجٽيهه فوٽ کن ٿينديون. ڪوٽ جو مهڙ وارو پاسو، جتان اندر گهڙجي ٿو، اهو اڄ به چڱي حال ۾ بيٺو آهي، باقي ٻين ڪيترن هنڌان پٽيون ڀڳيون پيون آهن. انهيءَ مهڙ واري پاسي ڪوٽ جي پٽين تي ڪي اکر اڪريل آهن، جي جيٽوٽيڪ سمجهڻ ۾ نٿا اچن ته به اينرو ظاهر آهي ته اهي ديوناگري اکرن جهڙا آهن ۽ انهن ۾ لاڪنائون به ساڳيون ديوناگريءَ واريون آهن، جنهن ڪري پڪ ٿئي ٿي ته اهي اکر هندن جا اُڪرايل آهن.

"منهنجي آهه اها، ڪڏهن ڪيرائيندي ڪوٽ کي."

هيءُ اهو ڪوٽ آهي، جنهن ۾ عمر سومري قهر ڪري ويچاري مارئي کي آڻي قيد ڪيو هو. مٿئين مصرع ۾ شاهه صاحب مارئي جي واتان چوائي ٿو ته منهنجي اندر مان جيڪا آهه ٿي نڪري سا ڪڏهن ڪوٽ کي ڪيرائي پورو ڪندي. جيڪس مارئي جي آهه اگهي آهي، جو هن ڪوٽ جون اڳاٽيون جايون ڪيترن ورهين کان ڀڄي ڀُري ويون آهن ۽ انهن جي بدران هاڻ مختيارڪار جي آفيس، ڊسٽرڪٽ بنگلو ۽ ٻيون جايون بيٺيون آهن.

ڪوٽ جي مٿان نل تيءَ چڙهڻ لاءِ شاهي ڏاڪڻ ٺهيل آهي. هتي ميرن جي صاحبي جون ٿوريون توفون رکيل آهن، جي ڪم اچڻ جهڙيون ڪينهن. هڪ توف ته عجب اسرار آهي. ان جي چيڙيءَ وٽ هڪ ننڍڙو سوراخ آهي، تنهن ۾ ڪک، تيلي يا سنهڙو ڏنڊڻ وجهبو ته اهو پاتيءَ سان پڄي نڪرندو! انهي سوراخ مان برسات جو پاڻي اندر ويندو هوندو ته عجب ڪونهي، پر اهو پاڻي ڪَڏهن به سڪي نٿو تنهنجو سبب اڄ تائين ڪوبه سمجهي نه سگهيو آهي. شايد جنهن ڌاتوءَ مان اها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توب نهيل آهي، تنهن ۾ اهڙي ڪا خاصيت آهي، جا پاڻيءَ کي سڪڻ نٿي ڏئي.

هندوستان جو هاڪارو اڪبر بادشاهه امرڪوٽ ۾ ڄائو هو. انهيءَ تواريخي ڳالهه جي يادگيري لاءِ ڳوٺ ڪيجرازي تعلقي امرڪوٽ جي سيد مهر علي شاهه پنهنجي خرچ سان امرڪوٽ شهر جي ٻاهران اتر طرف هڪ يادگار ۱۸۹۸ع ۾ جوڙايو هو، جو اڃا چڱي حال ۾ بيٺو آهي. انهيءَ يادگار تي اڪبر بادشاهه جي ڄمڻ جو سال ۹۴۳ هجري ڄاڻايل آهي. جا غلط ڳالهه آهي. لکندڙ ڇهن سالن جي چوڪ ڪئي آهي. اڪبر بادشاهه رجب مهيني جي پنجين تاريخ هجري سنه ۹۴۹ ۾ ڄائو هو يعني هن جي جنم جي تاريخ ۱۴ آڪٽوبر ۱۵۴۲ع آهي. ڇا ڏجي اڪبر بادشاهه ۽ ڇا ڏجي هي خسيس يادگار! هتي ته ڪو عاليشان يادگار هن هر دلعزيز بادشاهه جي شان پٽاندر نهڻ گهرجي.

امرڪوٽ جي ٻاهران ميل سوا پنڌ تي "مومل جي ماڙي" جو ويرانو آهي. شاهه صاحب اها ماڙي چڱي حال ۾ ڏٺي هوندي ڇاڪاڻ ته ۱۹۱۰ع ۾ به اها گهڻي قدر سالم بيٺي هئي. اتي ڏاڪڻ نهيل هئي جنهن تان مٿي چڙهي سگهبو هو. ۱۹۲۴ع ۾ ڏٺو ويو ته اها ماڙي ابتري قدر زبون ٿي وئي هئي جو سرون به پري اٿو ٿي ويئون هيس. اها ماڙي ڪئن جڙي، سو سمورو احوال مومل راڻي جي قصي مان معلوم ٿيندو. راڻي ميندڙي جو پڙو (ڊنل قلعي جو نشان) امرڪوٽ کان ست ڪوهه پري صوفي فقير جي ڳوٺ وٽ آهي.

امرڪوٽ واري قلعي ۾ هڪ کوهه آهي، چون ٿا ته راڻي ميندڙي کي همير سومري انهيءَ کوهه اندر هڪ هفتو بند رکيو هو. راڻو ميندڙو مومل ماڻي آيو هو، پر همير سومري سان سچي نه ٿي ڪيائين تنهن ڪري بند ۾ رکيو هوائينس.

## (۳۹) ڪاڻر جو ٿر

ٿر جو هڪ وڏو ڀاڱو "ڪاڻر جو ٿر" سڏجي ٿو. اهو ٿر هاٽوڪي ڪبري تعلقي جي ڳوٺ هتونگي وٽان هلي، امرڪوٽ ۽ ڇاڇري تعلقن جو اتر وارو ڀاسو وٺي، وڃي جيسلمير ۾ بار مير جي وچ تي دنگ ڪري ٿو. امرڪوٽ جو شهر ڪاڻر جي ٿر ۾ نه آهي، پر ڇوڙ اسٽيشن جي ڀرپان جيڪو واريڀاسو ڀاڱو ڪبري ۽ ڇاڇري تعلقن سان لڳو بيٺو آهي. سو ڪاڻر ۾آهي. ساڳي طرح ڇاڇري جو شهر ڪاڻر ۾ نه آهي پر گدڙي اسٽيشن کان وٺي ويندي ڇاڇري جي اڌ وات تائين، جتي ڪين سر جو ڳوٺ آهي اهو ڀاسو، توڙي ڇاڇري تعلقي جو بيو اتر ايرندي وارو ڀاسو، جو

جوڌپور رياست سان لڳو بيٺو آهي، سو سمورو ڪاٺر ۾ آهي.

ڪنيــــــائون ڪـــــاٺر ڏي ســــــاري هاج هنئـــــان،
لائي لڏ لـطيـف چــــــئي پرئين تــــر تـــيــــا،
چـــــــــڏي ڳُـڻ ويـا، مـــــــاروئـڙا مـلـيـــــــر ۾.

مارئيءَ جو ملڪ ملير بہ ٿر ۾ آهي پر اهو گڏڙي استيشن ڪان اتيهہ ڪوهہ ڪن پري آهي، تنهن ڪري "ڪاٺر" ڪي شاهہ صاحب مٿين بيت ۾ "پريون ٿر" سڏيو آهي. مارئي جي ملڪ کي "پاٺر" جو ٿر ويجهو آهي ۽ ان جو ذڪر اڳيئي ڪيو ويو آهي.

عيسوي ٻارهين صديءَ جي آخر ڌاري اهو ڪاٺر جو ٿر رانوڙن جي هٿ ۾ هو، تنهن ڪري اهي اڄ تائين "ڪاٺر يا رانوڙ" يعني ڪاٺر جي ٿر وارا رانوڙ سڏجن ٿا. رانوڙن مان جن ڪاٺر ۾ راڄ ڪيو تن مان هاڪارو راجا رنمل هو، جنهن جو نالو رسالي جي سر ڍول مارئي ۾ ڪم آيل آهي.

"ڍولپور نرور سيريين راجا رنمل رليو."

تيرهين صدي ڌاري ڪاٺر جو ٿر رانوڙن ڪان سوڍن راجپوتن کسيو ۽ ڪي صديون اتي راڄ ڪيائون. انهيءَ هندڪي راڄ جو اثر اڄ تائين ظاهر آهي. ٻين هنڌ هندن ۽ مسلمانن کي سولائي سان پرپائين سڃاڻي سگهجي ٿو، پر هتي ائين سڃاڻڻ مشڪل آهي. هتي هندن توڙي مسلمانن جي پوشاڪ هڪ جهڙي آهي. مردن کي اڇي يا ڳاڙهي ڪيڙي جي پٽڪي مٿي تي، انگرکو بت تي ۽ لوئي هينان. زالن کي چني مٿي تي ۽ ڪچي نموني جو پيشگير. هندو توڙي مسلمان نياڻين کي پوتي بدران لوئي مٿي تي ۽ ٽنگن ۾ بہ لوئي. ڪيترا ڀار بت توڙي مٿو اگهاڙو ڪري گهمن باقي سنهي ننڍڙي لوئي هينان ڪري، گڏ ٻڌي ڇڏين. هندو توڙي مسلمان ڏاڙهي رکائين ۽ مسلمان مڇون ڪونہ ونائين. ٻولي بہ سڀ ڍاٽڪي ڳالهائين. مطلب تہ هندن توڙي مسلمانن جي وچ ۾ ظاهري ڪوبہ تفاوت ڪونهي.

ڪاٺر توڙي سڄي ٿر ۾ اُٺ جو ڪم مينگهواڙ ڪندا آهن ۽ چم جو ڪم بہ اهي ڪن ٿا. مينگهواڙن جي پاڙن ۾ گهڙبو تہ ڏسڻ ۾ ايندو تہ ڪي ڪتنا تہ ڪي ڪاهيون، ڪي لويون تہ ڪي ڪمويون وينا جوڙين. شاهہ صاحب جي ڏينهن ۾ بہ ائين هو، تنهن ڪري سر مارئيءَ ۾ چيو اٿس تہ:

"جت ڪرڙ، ڪتنا ۽ ڪاهيون، پال پڪا ۽ پڪ."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿر ۾ مينگهواڙ سياري ۾ گهڻيون ڪئيون جوڙي وڪري لاءِ رکن، باقي اونهاري ۾ رڳو ڪپ آهر جوڙين ڇاڪاڻ ته گرم موسم ۾ چوٽ (ڏٿو) نالي هڪ جيت اهي ٽُڪيو ڇڏي.

ڪتن ۾ لوين جوڙڻ جو رواج ٿر ۾ گهٽ هنڌ آهي، پر ايترو چئبو ته ڪپري تعلقي ڪان ڇاڇري تعلقي جي هن ڪاٺر واري پاسي ڪتا صد بار سنا ۽ سهڻا جوڙين ٿا. شاهه صاحب کي به ڪاٺر جون ڪتيون گهڻو پسند آيون هيون ۽ انهن جي ساراهه هيئين سٽن ۾ ڪئي اٿس:

ڪـــــاٺر ڪـــــتـــــيـــــون خـــــاصـــــيـــــون اُجي ات اچن،
ڪديو پيڻ ڪهن، مليـــــر گـــــهـــــرجي مـــــارئي.

پهرين مصرع ۾ هڪ مکيه ڳالهه، جا شاهه صاحب ڄاڻائي آهي، سا هيءَ آهي ته مارئي ملڪ مليـر يعني ننگرپارڪر پاسي ڪتا اڪثر ڪونه نهندا آهن، پر ڪاٺر مان اچي اتي وڪامڻ ايندا آهن. ٻي مصرع ۾ آهي "پيڻ" جي ڳالهه "پيڻ" آهي. پيچي جا ڪتن ۾ لوين کي ڪلف ڏيڻ لاءِ هڻندا آهن. پيڻ لڳل لوئي يا ڪتو ونبو آهي ته ان کي مهتو ڏيئي پيڻ ڪدي ڇڏبي آهي نه ته ان جي بانس تي ڪُئو اچي لڳندس ۽ ٽڪي پورو ڪندس. ٿر ۾ گهمندي شاهه صاحب شايد ماڻهن کي ڪتين مان پيڻ ڪيندو ڏٺو هو تنهن ڪري انهي ڳالهه جو به ذڪر ڪيو اٿس. مطلب ته ڪيتريون سنهيون سنهيون ڳالهيون جي ڪو رواجي سيلاني شايد نه به ڄاڃي سي هن مڙس ڄاڃيون آهن ۽ پوءِ عمدي نموني اهي پنهنجي ڪلام ۾ ڄاڻايون اٿس.

گـڏڙي ۽ بارميـر جي وچ ۾ ڏونگري ٽڪر جي هڪ شاخ مٿان ڪرڙا نالي ڳوٺ آهي، جنهن جي نزديڪ سنڌ جي هڪ قديم شهر جو ويرانو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، اتي جي ڪن مندرن جي ڪاريگري نهايت عجيب آهي.

## (40) جيسلمير

جيسلمير جو شهر ٽن ٽڪرين جي وچ ۾ آهي ۽ چوڏاري "پنو" (عالم پناه) ڏنل اٿس. شهر جي وچ ۾ راجگڏهه يعني راجا جو قلعو آهي، جنهن کي نوانوي برج آهن. سڀ سرڪاري ڪاروبار انهيءَ قلعي اندر هلي ٿو. قلعي جي اندر نهايت عمدو راڄ محل آهي جنهن جي مٿان سوني جني ڪنل آهي. اها شاهاڻي شان شوڪت جي نشاني پريان ئي ڄاڻائي ٿي ته هي راجا جو محلات آهي. هتي راجا کي "راول" چون.

جيسلمير جا راول جادو ونسي ڪل مان آهن. مهاڀارت واري زماني ۾ جادونسين جو پاڻ ۾ وڏو تڪرار ٿيو هو جنهن ۾ هزارين جادوونسي اقت مري ويا هئا. انهن مان جيڪي ٿورا بچيا سي پوءِ راجپوتانا جا پٽ لتاڙي پرپرو ويا. انهن مان "گج" نالي هڪ جادو پنهنجو شهر بڌو جو سندس نالي پنيان "گجني" سڏجڻ لڳو ۽ هاڻ عام طرح اهو "غزني" ڪونجي ٿو. گج کي پوءِ خراسان جي حاڪم ماريو ۽ سندس ماڻهن کي پڄائي اهو شهر پنهنجي قبضي ڪيائين. هي جادو ونسي پوءِ پنجاب ڏي ويا. ان وقت سندن راجا "ساليواهن" هو جنهن هڪ نئون شهر بڌي اهو پنهنجي گاديءَ جو هنڌ ڪيو، جو هاڻ سيالڪوٽ سڏجي ٿو. انهيءَ زماني ۾ هن پاسي "ساڪ" يعني سٿين لوڪ زور هئا، جي هن کي سامهون پيا. راجا سانيواهن انهن ساڪ نوڪن کي ملتان کان تيهه ڪوهه پري ڪاهرور جي نزديڪ اهڙي سخت شڪست ڏني جو سندن ماڻهن کيس لقب ڏنو "ساڪاري" يعني ساڪ لوڪن جو "اري" (دشمن). هن وڏي سوڀ جي يادگيري قائم ڪرڻ لاءِ انهيءَ مهاڀاري لڙائي واري سال (٧٨ع) کان ساليواهن جو "ساڪ" يعني سنبت شروع ڪيائون جو اج تائين هلندو اچي.

راجا ساليواهن جي پوٽي جو نالو "ڀٽي" هو، جنهن جو اولاد هتي جا ڀٽي راجپوت آهن. انهن ڀٽي راجپوتن ڪيترين صديون پنهنجو راڄ وڃائي ڪيو، پر پوءِ عيسوي اٺين صدي ۾ ڏکڻ ڏي هٽڻو پيو ۽ ستلج ندي اڪري رڻ پٽ ڏي رڙهيا. هن پهريائين تنوٽ ۽ پوءِ بهاولپور جو شهر پنهنجي گاديءَ جو هنڌ ڪيو. سنه ٨٥٣ع ۾ سندن حاڪم ڏيوراڄ نالي هڪ ڀٽي راجپوت هو. هيءُ پهريون حاڪم هو جو "راول" سڏجڻ لڳو. هن بهاولپور ۾ هڪ قلعو جوڙايو جو سندس نالي پنيان "ڏيوگڙهه" سڏجڻ لڳو پر هاڻ بهاولپوري ان کي عام طرح "ڏيوراوار" توڙي "ڏيراوار" سڏين ٿا. ڪن سالن کان پوءِ (شايد محمود غزنوي جي ڪاهن وقت) هو بهاولپور ڇڏي هاڻوڪي جيسلمير طرف ويا. جيسلمير ڏي عام طرح ويندا هئا، جو ٻنهي شهرن جي وچ ۾ شاهي سڙڪ نهيل هئي جا اج تائين آهي.

جيسلمير جو شهر جيسل نالي هڪ ڀٽي راجپوت سنه ١١٥٦ع ۾ بڌو ۽ اتي قلعو به جوڙايائين، پر پوءِ علاوالدين بادشاهه جي لشڪر اهو قلعو اڏائي، سڄو شهر جلائي پورو ڪيو. انهيءَ اڳئين شهر جو ويرانو اج تائين هاڻوڪي جيسلمير جي شهر ۾ ظاهر بينو آهي، جنهن مان سمجهجي ٿو ته شهر اڳي تمام وڏو هو. اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پاڱو پنجون

# ٿر جو احوال

## (۴۲) ٿر جا پاڱا

ڏٿ ڏري پٽ پيبون پاسي پارڪر (سارنگ)

ٿر جا طبعي پاڱا ٻه آهن، هڪڙو ڏٿ يعني ٿر يا واريا سو ملڪ، ٻيو پٽ يعني ڏاڍي زمين وارو ملڪ. مٿين مصراع ۾ شاهه صاحب پوريءَ ريت ڄاڻايو آهي ته ڏاڍي زمين پارڪر پاسي آهي. مطلب ته "ٿر" جدا ۽ "پارڪر" جدا آهن، پر ملڪي انتظام جي سهوليت لاءِ اهي ٻئي پاڱا گڏي، سڄي ضلعي کي "ٿرپارڪر" نالو ڏنو اٿن. حقيقتون چوڻ گهرجي "ٿر ۽ پارڪر".

ٿر جي جدا پاڱن تي اڳي جدا جدا نالا هئا. جي رسالي ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن به سنڌي ڪتاب ۾ ڄاڻايل ڪينهن، تنهن ڪري انهن جو ذڪر ڪجي ٿو.

"هن منڊ مارو سڙا ڪاٺر ۾ خوشحال."

ٿر جو هڪ وڏو پاڱو "ڪاٺر جو ٿر" آهي، جنهن جو اڳيئي ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ ان جون حدون ڄاڻايون ويون آهن.

"سنيءَ سبئي سارِيا جي ٻاٺر جا پنوهار" (مارئي).

ٿر جو ٻيو پاڱو "ٻاٺر جو ٿر" سڏجي ٿو، جو ڪڇ ۽ سنڌ جي وچ ۾ آهي. اهو ٿر ننگر پارڪر ۽ مٺي تعلقن جي ڏاکڻي طرف رڻ سان لڳو بيٺو آهي.

سهسين سيبا ڪنجري لوئي ليڙ ٿيام،
اباڻن جي آسبري ڪني ڪانه ڪيام،
جا ڏٺ ڏڪيام، تنهن جو پرور پن رهائيين. (مارئي).

ڍٽ معني ٿر يا وارياسو ملڪ، پر حقيقت ڪري اهو به ٿر جي هڪ ڀاڱي جو نالو آهي ۽ ان جون حدون هن طرح آهن: اتر ڏي بهاولپور، روهڙي ۽ خيرپور رياست جو وارياسو ڀاڱو، ڏکڻ ڏي ڏيپلي تعلقي جي ڳوٺ ٻلهياري تائين رڻ جي ڪس (دنگ سان، ايرندي ڏي جوڌپور رياست جي سرحد ۽ الهندي ڏي نواب شاهه ۽ حيدرآباد ضلعن جي ڏاڍي زمين واري حد ٿورن لفظن ۾ هن طرح چئبو ته ڪاٺر آهي ٿر جي اتر ڏي، پاٺر آهي ڏکڻ ڏي ۽ انهن ٻنهي ٿرن جي وچ وارو وارياسو ڀاڱو "ڍٽ" سڏجي ٿو. ڍٽ جي حد وڏي آهي تنهن ڪري ٿري ماڻهن ان جي جدا جدا ٽڪرن تي ڌار ڌار نالا رکيا آهن. مثلن ڏيپلي تعلقي جو ڪُڇ ڀاڱو ۽ مٺي تعلقي جو ٿورو ڀاڱو، انهن ٻنهي کي گڏ "سامروٽي" چون ٿا. رسالي ۾ اهو نالو جاٽايل ڪونهي، پر ويڙهي جهپ جو ڳوٺ جو سامروٽي ۾ آهي، تنهن جو نالو ڏنل آهي ۽ ان جو ذڪر مٿي اڳيئي ڪيو ويو آهي.

ٿر جي الهندي طرف وارو ڀاڱو، جنهن جي سنڌ ڏانهن مهڙ آهي، تنهن کي ٿري ماڻهو عام طرح "مهڙاڻو" يا "مهڙ" (موهڙي) سڏين ٿا.

"موهڙي ماروئڙن کي واحد ڏبج وسي" (مارئي)

هن مصرع ۾ شاهه صاحب مارئي جي واتان چوائي ٿو ته نه رڳو ٿر ملڪ وسي، پر ٿر جو مهڙاڻو يعني سنڌ وارو پاسو (ننڊوباگو، بدين تعلقا وغيره) به وسي. مطلب ته هتي پنهنجي سنڌ ملڪ لاءِ ڏٺيءَ ڪان دعا گهري اٿس، جا ڳالهه سندس وطن دوستي جو ثبوت ڏئي ٿي.

"ٿر ٿر اندر ٿاڪ عمر ماروئڙن جا" (مارئي).

ٿر ۾ ڪنهن هنڌ هڪ به کوهه ڪٽي، پوءِ ان جي آس پاس ننڍا ننڍا ڳوٺ، پاڙيءَ جي سهنج ڪري ٻڌي وهن ته انهن سڀني ڳوٺن کي به گڏي "ٿر" چون. ٿر ۾ جڏهن سوڍن جي صاحبي هئي، تڏهن "ڍٽ" جي گاديءَ جو هنڌ امرڪوٽ هو ۽ ٻين هنڌ سنڌن صوبا ڪاروبار هلائيندا هئا. هر هڪ صوبي جي هٿ هيٺ پنڌرهن ويهه ٻلڪ وڏيڪ ٿر هوندا هئا ۽ اهو سمورو هن جو راج ليکبو هو. اهڙي طرح هر هڪ مکيه ٿر جا ننڍا ڀاڱا به "ٿر" سڏبا هئا. مٿين مصرع ۾ مارئي چوي ٿي ته هر هڪ ٿر ۾ منهنجن ماروئڙن جا ٿاڪ (ماڳ) آهن.

## (۴۳) ٿر جون پٽون

"پٽن پر هوندا، ٻنگا پڙپٽار جا" (مارئي)

سنڌ گزيٽيئر مان معلوم ٿو ٿئي ته ٿر ۾ اصل سمنڊ هو، جنهن جو منهن ڪڇ جي رڻ ڏي هو. ڏرتي ڏبڻ ڪري حالتون ڦري ويون ۽ سمنڊ جي نشاني هاٿوڪيون پٽون آهن.

هن وقت ٿر ۾ جيڏانهن وڃ تيڏانهن پٽون ئي پٽون. هڪڙي پٽ لهه ٻي چڙهه، پوءِ هلندي آهن حال! شابس ٿري اٺن کي آهي جي ڪوڙ ڪائين سچ ڪمائين. سنڌي اٺ ٿر ۾ ٿورائي ڏينهن پٽن جي لهه چڙهه ڪري ته جيڪر پنڌ ڪرجي پويس.

پٽن جي هڪ مکيه ڳالهه جا گهٽو ڏيان ڇڪي ٿي، سا هي آهي ته گهٽو ڪري سيني پٽن جو منهن اتر ايرندي آهي ۽ چيڙو ڏکڻ الهندي ڏي اٿن. ٿر ۾ بيشمار پٽون آهن، پر انصاف ٿري ماڻهن جا ٻه نه وڃائبا جو هر هڪ پٽ تي نالو رکيو اٿن. اهي نالا به بلڪل پورن سببن سان ۽ نه رڳو ڏُکي بازي تي رکيا اٿن. مثلن امرڪوٽ شهر جي پريان ڇاڇري واري رستي تي هڪ پٽ جو نالو آهي "مورلڪ". چون ٿا ته جڏهن مارئي کي سندس مگيتو کيت سبن پنهنجي ماڻهن جي مدد سان امرڪوٽ مان لڪ چوريءَ وني ويو، تڏهن عمر سومرو پنهنجي "مور" نالي هڪ گهوڙي تي چڙهي، هنن جي پنيان پيو هو. جڏهن هن پٽ تي گهوڙو چڙهيو، تڏهن اهڙو سهڪيءَ ۾ پرجي ويو جو اتي ئي مري ويو، جنهن ڪري عمر سومرو اڳتي وڌي ڪين سگهيو. عمر کي پوءِ سندس دائيءَ ٻڌايو ته تو نندي هوندي مارئيءَ جي ماءُ جو کير ڌاتو هو. انهي ڳالهه ٻُڌڻ کانپوءِ عمر هن جي پنيان پوڻ جو خيال بنهه لاهي ڇڏيو. هتي مور نالي گهوڙو مئو، تنهن ڪري هي "مورلڪ" سڏجي ٿو. "لڪ" معنيٰ جبل يا پٽ جو گهاٽ، جنان لنگهڻ جي واٽ هجي، پر ٿر ۾ عام طرح "پٽ" کي "لڪ" سڏيندا آهن. مور لڪ وٽ هاڻ ڪنهن مور پکي پاليا آهن، جنهن ڪري اهو نالو هاڻ هيڪاري نهي ٿو.

امرڪوٽ تعلقي ۾ نبي سر نالي ڳوٺ آهي، جنهن جي نزديڪ "اٺ لڪ" آهي. هڪ اٺ انهيءَ پٽ مٿان چڙهندي سهڪي سهڪي مري ويو هو تنهن ڪري اهو نالو رکيو اٿن.

ڏيپلي تعلقي ۾ "بانهياري" نالي هڪ پٽ آهي. ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ مائي سنئين مهني هئي، تنهن کي سندس ڏير ڇيو ته ٻه دلا پاڻيءَ جا پربل مٿي تي کڻي

هن ٻٽ جي چوٽي تائين چڙهي ڏيکار تہ آئون توکي ٻانهين پائيندس. هوءَ مائي شرط ٻڌي دلا ڪٽي مٿي چڙهي پر چوٽيءَ تائين پهچڻ کان اڳ سهڪي سهڪي ساهہ ڇڏيائين. انهيءَ سبب هن ٻٽ تي "ٻانهياري" يعني ٻانهينءَ واري مائيءَ جو نالو پيو.

ڏيپلي تعلقي ۾ هڪ ٻٽ تي جت رهن ٿا، تنهن ڪري اها "جتن واري ٻٽ" سڏجي ٿي. هڪ ٻٽ مٿان ڪلهوڙن جو ڪو ماڻهو ماريو هو، يا خود ڪلهوڙن جي ماڻهن ڪنهن کي ماريو هو، تنهن ڪري اها "ماري واري ٻٽ" سڏجي ٿي، ڇاڪاڻ تہ اتي مارا ماري ٿي هئي. اهڙي طرح سيني ٻٽن تي پورا پورا نالا ناهي رکيا اٿن.

ٿر ۾ نہ رڳو ٻٽ ٻٽ تي نالو رکيل آهي، پر ٻٽ جي هر هڪ ڀاڱي تي بہ نالو رکيو اٿن، جنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ جو چڱو واڌارو ڪيو اٿن. اهي لفظ ڪنهن بہ ڊڪشنريءَ ۾ جاٿايل ڪينهن، تنهن ڪري انهن جو ٿورو ذڪر ڪجي ٿو.

سج ايرڻ سان ٻٽ جي جنهن پاسي تي اس جو تڙڪو پوي تنهن کي "تڙڪول" يعني تڙڪي وارو پاسو چوندا آهن. سيني ٻٽن جو منهن اتر ايرندي آهي تنهنڪري اس جو تڙڪو انهيءَ مهڙ واري پاسي پوي ٿو. انهيءَ مهڙ واري يا اڳين پاسي جي هيٺاهين ڀاڱي کي "ٻڪر" ۽ مٿين ڀاڱي کي "مٿاري" چوندا آهن. ٻٽ جو پٺيون ڀاڱو تنهن کي "گوچار" چوندا آهن، ڇاڪاڻ تہ اهو گوشي تي يعني پاسيرو آهي ۽ انهيءَ پٺين ڀاڱي جو چيڙو يا پڇاڙي، تنهن کي "پوڇاندو" يعني پڇ چوندا آهن. هن لفظن ۾ هيءُ خيال رکيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ هر هڪ ٻٽ کي گويا واري جي چادر اوڍيل آهي. رئي يا چادر جو اڳيون پاسو، جو زالون ڪلهي تي ورائي وجهنديون آهن، تنهن کي چئبو آهي "ٻڪر" پيشانيءَ وارو پاسو "مٿاري" ۽ رئي يا چادر جو پلئو جو پٺيان پيرن تائين لٽڪي ٿو سو "پوڇاندو" چئبو.

جيڪڏهن ڪنهن جي ٻني ڪنهن ٻٽ جي ٻڪر ۾ هونديءَ آهي تہ ان کي "ٻڪر واري" سڏين. جيڪڏهن نار يا ڪندي جو وڻ ٻنيءَ جي وچهو هوندو آهي تہ انهيءَ ٻنيءَ کي "جار واري" يا "ڪندي واري" سڏين. مطلب تہ ٻنين تي بہ ائين نالا رکيا اٿن.

ڪي ٻٽون اهڙيون آهن جن کي ٻڪر ٻنهہ ڪانهي. هن جو سبب هي آهي جو انهن جي ٻڪر ڊڪجي وئي آهي جنهن ڪري ٻنهين پاسي پوڇاندا اٿن.

پاچولو اندر ڪوهہ ۾ موڪلبو آهي تہ پاٽي ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اوڏي مهل ڪوه جي اونهائي ڏسي حيرت ونيو وجي. اهڙن اوڙاهن مان پاٽي کيئن ڪڍندا آهن، تنهن جو ذڪر رسالي ۾ آهي.

"ٻري نہ ٻڪر دانهن، انجي پوڻ پٽڪو نہ سٽيان"

"پوڻ" آهي ڪاٺ جو چڪرو يا ڪپي (Puney) ٿر ۾ هر هڪ ڪوهہ جي مٿين سرائيءَ ۾ پوڻ پيل آهي. چمڙ جو ڪوس يا ٻوڪو رسيءَ ۾ ٻڌي، اها رسي پوڻ تي رکي، ڊِر ڏيندا وڃن تہ پوڻ وڃي ڦرندي ۽ رسي پاڻ مرادو وڃي هيٺ ڪوهہ ۾ پوندي. جڏهن ڪوس ڀرجي رهي تڏهن رسي ڇڪين. پاٽي ڇڪڻ لاءِ رسا، تن کي "ورت" سڏيندا آهن.

"سنجي سنجي ڪوهڙا، ويڙهي ويا ورت."

کي وري وٽيل چمڙ جا ورت ڪم آڻيندا آهن، جن کي عام طرح "سيت" سڏيندا آهن. "سيت" ۽ "سيتون" ساڳيا لفظ آهن.

"پيا سيت سڙن، ترهي ٻنهين ڪنڌئين"

ترهو معني ڪوهہ. هيءُ ڪاٺ جي ٿر جو لفظ آهي. ترهي مان پاٽيءَ سان ڀريل ڪوس ڪڍڻ لاءِ جيڪي سيت يا ورت ڪم اچن ٿا سي ٻن ٽن ماڻهن جي ڇڪڻ جا نہ آهن. عام طرح ورت ڇڪڻ لاءِ اٺن يا ڏاندن جو جوڙو ٻڌن. اهو جوڙو ڪوهہ کان ڏيڍ سئو ڪن فوٽن تائين ورت ڇڪي ڇڪي ٿڪجي پوندو آهي، تنهن ڪري وچ ۾ ٻيو جوڙو وهٽن جو ٻڌندا آهن. جڏهن وهٽ ڪوهہ کان جملي تي سئو ڪن فوٽ پري وڃن، اوڏي مهل هڪ جٽو ڪوس هٿ ۾ ڪٽي دلن ۾ پاٽي اوتيندو ويندو آهي. ڪوس خالي ٿئي تہ وري وجهن ڪوهہ ۾ ۽ وهٽن کي پنيرو هٽائين.

ورت ڇڪڻ لاءِ ڪٿي چار چار ڳڏهہ ڳڏ ٻڌندا آهن، پر مزو تڏهن آهي جڏهن زالون يا مرد ورت ڇڪيندا آهن، جهڙي طرح اسڪولن جا شاگرد نوڙي ڇڪڻ راند ڪرڻ مهل نوڙي ڇڪيندي ٻيٺا ٿي پوندا آهن ۽ ڳوڏا پٽ پٽ سان پيا گسندا اٿن تيئن ورت ڇڪڻ مهل بہ مردن توڙي زالن کي ڳوڏا گسائڻا پون ٿا. شاهہ صاحب اهو رنگ اکين سان ڏٺو هو، تنهن ڪري مارئي جي واتان هن طرح چورايو اٿس:

سنجن ســـــانــــــيــــــڪن تپي وڏيءَ ويڙ وهون،
پايو جـــــر جندن ۾ گـــــوڏا ڪن گـــــهـــــون.

"جنڊ" معنيٰ چمڙ جو ڪوس يا ٻوڪو. هتي چوي ٿو تہ جڏهن اهي جنڊ ڪوهہ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ياٽيءَ سان پربا آهن تڏهن مارو لوڪ ورت چڪيندا، گوڏا پٽ سان گهندا ويندا آهن.

ڪن نسخن ۾ "گوڏا ڪن گهون" بدران "ڪوڏان ڪن ڪهون" لکيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ته اهي ڪوڏيا شوق سان ڪيتري پنڌ تائين ڪهي ويندا آهن، ته پوءِ پاٽيءَ جو ڪوس چڪجي مٿي ايندو آهي.

ورسي ڪارا ڪوهه، سنجيم جي ساٽيهه جا.

ٿر ۾ ڪن ڪن ڪوهن جو پاڻي منو آهي، پر اڪثر ڪن جو ٻاڙو آهي ته ڪن جو ڪارو. ٿر جي گشت ڪندي شاهه صاحب کي انهن ڪارن ڪوهن جو پاڻي هڪ نه ٻئي هنڌ ضرور پيٽو پيو هوندو، تنهن ڳالهه جي يادگيري ڪري، مٿين مصراع چئي اٿس.

آڏيءَ اٿن تي، جيلانهن پاٽي پاتارن ۾،
وارو ويسرين کي ڏينهان ڪونه ڏئي،
مون ڪميٽيءَ کي، متان ڪوهه ڪٽي ويا.

ٿر جو پاڻي پاتارن ۾ آهي، تنهن ڪري مارئي چوي ٿي ته اسين پاٽيءَ لاءِ اڌ رات ڏيئي اٿنديون آهيون، جو پاڻي پرڻ جو وارو ڪونه ملندو آهي. مان ويسلي ٿي سمهيس ۽ ڏينهن جو پاٽيءَ لاءِ ڪوهه تي آيس ته عمر کي ڏٺم ۽ ڪٽي ويم. مطلب ته جي آڏيءَ رات جو پاڻي پرڻ وجان ها ته نه عمر ڏسينم ها ۽ نه ڪٽيم ها.

اي ستيباٽي، تون ارمان نه ڪاءِ. انهيءَ ڳالهه ۾ به حڪمت هئي. تنهنجي پريکيا ٿيڻي هئي ۽ تون جڏهن انهيءَ مان پار پئي آهين، تڏهن اڄ تائين تنهنجو نالو پيو ڳائجي ۽ تون سنڌ جي ساوتري سڏجين ٿي.

## (۴۵) ٿر جي آب هوا.

ٿر ۾ سياري ۾ سيءُ گهٽو ۽ اونهاري ۾ گرمي گهٽي ٿئي ٿي. هن جو سبب هي آهي ته اتي واري گهٽي آهي، جا اونهاري ۾ گهٽو تپي ٿي ۽ سياري ۾ گهٽو ٺري ٿي. انهي حال هوندي به اتي جي آب هوا نهايت سٺي آهي. اتي ڪوبه وچڙندڙ مرض اڪثر ڪونه ٿيندو آهي.

ٿر جي مٿي هڏ جي بلڪل ٺڏي آهي، جيئن شاهه صاحب ڄاڻايو آهي:

"ٺڏي مٿي ٿر جي، ولهيءَ وسائجاه" (مارئي)

ٿر ۾ پابيهو نالي هڪ پکي ٿئي ٿو، جو حهولي جي جهڙپ سهي ڪين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهندو آهي. اها ڳالهه شاهه صاحب نهايت وتندڙ نموني جاتائي آهي.

منجـــهـــان منهنجي روح، جي وجي ســـاجن وســـري،
تـہ مـــر لڳي لوهہ، تـــر بابيـــهـــو ٿي مـــران. (حـــســـيني)

سسئيءَ جي واتان چوائي ٿو تہ منهنجي اندر مان جيڪڏهن پنهونءَ جي يادگيري ڪنهن وقت ميسارجي وڃي تہ ڀلي تہ اهڙي لوهہ (لڪ) لڳي جو ٿر جي بابيهي پکيءَ وانگر اڃ مري وڃجي تہ اهو ڀلو آهي.

## (٦٤) ٿر جو واهوندو.

ٿر ۾ الهندي جي هوا کي عام طرح "واهوندو" چوندا آهن. مارچ اپريل ۾ الهندي جي هوا لڳڻ شروع ٿي تہ چون تہ واهوندا وريا آهن. "واهوندو" لفظ اصل ۾ آهي "واسنتڪ" يعني وسنت (بسنت) بهار جو. ٿري ماڻهو جڏهن چون تہ واهوندا وريا آهن، تڏهن ان جو مطلب هي سمجهڻ گهرجي تہ هاڻ بهاري موسم موٽي آئي آهي.

سنڌ ۾ بهاري موسم ۾ گلاب، موتيو ۽ ٻيا خوشبودار گل توڙي قسمين قسمين ميوا جهڙوڪ انب، توت ۽ ڄمون ٿين ٿا، پر ٿر ملڪ انهن سڀني نعمتن کان نراس آهي. اتي بہ جيڪڏهن اهي گل ڦل ۽ ميوا پوکجن تہ ٿين، پر اهي پاڻي ٿا پڇن، ٿر ۾ ان جي پوک لاءِ بہ پاڻي ڪونهي تہ پوءِ اهي گل ۽ ميوا ڪيئن پوکين؟

سنڌ ۾ بهاري موسم ۾ جيڪا موج لڳي ٿي تنهن جي سڀني کي سُڌ آهي، پر انهيءَ مند ۾ ٿر ۾ ڇا ٿيندو آهي تنهن جو ذڪر شاهہ صاحب رسالي ۾ هن ريت ڪيو آهي:

پـــنـــوهـــارن پـــابـــوهـــيـــــــــــــــو وريـــا واهـــونـــدا،
ســـاريم ســـيڻ ســـيـــد چـــئـــي ڳـــاڏيلـــيـــون گـــوندا،
پـــــتن پـــــر هوندا، پـــنگا پـــــڙ پـــــتـــــار جـــــا.

مارئي چوي ٿي تہ منهنجي پنوهارن مرڪتو منهن ڪيو جو الهندي جون هوائون لڳڻ شروع ٿيون. هن بهاري موسم ۾ مون کي هڪڙو پنهنجا سڄڻ (پنوهار) ياد پيا، ٻيون ڳاڏيلون ۽ ٽيان گوندا يعني ليسوڙا.

* ڳاڏيلي هڪ ٻير جو قسم آهي. گوندو جڏهن اڃا سائي رنگ جو هوندو

---

* ٿر ۾ ڪارن ڪڪرن کي "ڪوئلون" چوندا آهن. جيڪڏهن هڪڙيون ڪوئلون اپرندي کان الهندي وڃن ۽ ساڳي وقت ٻيون ڪوئلون الهندي کان اپرندي ڏي اچي انهن کي گڏجن تہ جيڪي ڪوئلون ائين پاڻ ۾ گڏجن تن کي بہ ڳاڏيلون سڏيندا آهن. ڳاڏيليون ڏسڻ ۾ ايون تہ جيئي مينهن جاڻ تہ پيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. جيڪو ماڻهو ڏسڻ نڙڪي ڦڙڪي سان هجي ير منجهس افعال ڪونہ هجي تنهنجي نالي چون تہ هيءُ رڳو ڏسڻ جو ٿوهر آهي. "سهڻا ٿوهر پٽن ۾ بہ پيا آهن." اهو پهاڪو بہ عام آهي. ڏڪار ۾ ويچارا ٿري ٿوه بہ ڪائي وجن! ٿوهر ڪتب آڻڻ لاءِ اول ڪڏون ڪوٽي ان ۾ ٿوهر جا ٽڪر وڍي وجهن ۽ پوءِ مٿان واري ورائي ڇڏين تہ واري اها زهريلي رس پيئو وجي ۽ ٿوهر سڪي ڪوڪا ٿيو پون. اهي ڪوڪا پوءِ چندين تہ ٻج ڇٽي اڇيو هيٺ پوي. اهو ٻج سڪائي، پيهي اٽي سان ملائي ان جي ماني پچائي ڪائين!

بهاري موسم ۾ مکيون ماکي لاهين ٿيون. ٿر ۾ اُڇي سني ماکي ڏيپلي ڏي پراڻ جي پاسي، پائر جي ٿر ۾، مارئي جي ملير جي ويجهو ۽ ننگر پارڪر شهر ۾، ڪارونجهر ٽڪريءَ تي ٿيندي آهي. ڪارونجهر ۾ ڪولهي لوڪ راتيون جاڳي ماکي هٿ ڪندا آهن ۽ اها چڱو پئسو ڪندي آهي. ويچاري مارئي، عمر وٽ قيد ۾ بہ انهن سوادن کي پئي سڏ ڪيا.

"ٿڌيون وليون ٿرن ۾ ڪوڙين ڪرڙ ڪريڙ."

ٿر ۾ نہ رڳو زواجي ڪرڙ ير ڪريڙ يعني وڏا ڪرڙ بہ ٿيندا آهن. ڪرڙن ۽ ڪريڙن ۾ پهريائين سنهيون مکڙيون ٿينديون آهن، جن کي "ٻونگر" چئبو آهي. اها ٻونگر ڦٽي گل ڪري تہ چون تہ "ڪرڙ ڪڪوريا آهن." ڪڪورجڻ معنيٰ ڳاڙهو ٿيڻ. ڪرڙ جو گل ڳاڙهو ٿيندو آهي، جنهن کي "پسي" چئبو آهي. پسيءَ ۾ پاڻي جو ڦڙو ماکي جهڙو مٺو ٿئي ٿو، تنهن ڪري ٿري ماڻهو ڪرڙن ۽ ڪريڙن وٽان لنگهندي، پسي پٽي چوسيندا آهن. پسي رڌي بہ ڪائين.

"چونديو آٽيو چاڙهيون، سندون ڏونرن ڏار"

پسيءَ ڪان پوءِ ڏونرا پيدا ٿيندا آهن تہ ٿري ماڻهو ٿوڪرن جا ٿوڪرا ڀري ڪٽي ايندا آهن. ڏونرن ۾ پاڻي ۽ لوڻ وجهي، بہ ٽي ڏينهن اس ۾ رکيا آهن تہ ڪڙاڻ ڇڏيندا آهن. اهڙي طرح ڪڙاڻ ڪڍي، پوءِ ڏونرا رڌي ڪائبا آهن تہ نهايت سوادي لڳندا آهن. ڏونرن جو آچار بہ سٺو ٿئي ٿو. ڏونرا سڪائي ڪچريون بہ ڪبيون آهن.

"وليون وڻ ڦلاريا، ڪرڙ پڪا ڪيڪي"

ڏونرو پچي ڳاڙهو ٿئي تہ اهو سڏجي "پڪو". پڪن کي رڌڻ جو ضرور ڪونہ ٿو ٿئي، تنهن ڪري اهي ڪچا ڪائبا آهن. ڪيترا ماڻهو ڪرڙ جو ڏندڻ ڪندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ننهن ڪري انهن جو ذڪر پوءِ ڪيو. هتي حال فقط اهي ڳالهيون جاچائجن ٿيون، جن جو واهوندي سان واسطو آهي.

پنوهارن پابوهيو، ڪي وس واهوندن،
لٿو سيءُ لطيف چئي، ٻڏو ڦڻ ڦرن،
اوٺا ڪورين ڪونئري، سرتيون مٽان سسن،
عمر ان اگوندري، پاسي ڪانڌ ڪن. (مارئي)

هن بيت ۾ مارئي چوي ٿي ته هاڻ سيءُ لٿو آهي يعني سياري جي موسم پوري ٿي آهي ۽ واهوندن وسنءَ لاتي آهي ته ڦرن به ڦڻ ٻڏو آهي. ڪنهن به وهٽ جو ڦر (ٻچو) ڪير ڏائڻ چڏي، ڳاهه ڪائي، مچندو آهي ته چون ته ڦڻ ٻڏو اٿس. گهيٽن جي اُن سياري ۾ لاهبي ته ويچارن کي سيءُ پوندو، تنهن ڪري هن گلابي رُت ۾ مارو لوڪ پنهنجن سسن ( نندڙن گهيٽن) جي ڪونئري اُن ڪتربندا آهن. مارئي چوي ٿي ته منهنجي هرهڪ ساهيڙي هن مند ۾ جهجهي ان پنهنجي ڪانڌ جي پاسي ۾ ويهي ڪتبندي آهي. هن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته بهاري موسم ۾ ماڻهن توڙي وهتن لاءِ نه رڳو قوت گذران جي واٽ کلي ٿي، پر گهيٽن جي ان به انهيءَ مند ۾ ملندي اٿن، جنهن مان لوبون ۽ کٿا ناهي، ٿري لوڪ پنهنجو بت ڍڪيندا آهن. حاصل مطلب ته بهاري موسم ٿري ماڻهن لاءِ غنيمت آهي.

## (٤٧) ٿر جو وسڪارو

برسات جا چار مهينا، تن کي "چوماسو" يعني چئن مهينن جو عرصو چئبو آهي. ٿر ۾ نڪو واهه نڪو درياه آهي تنهن ڪري ٿري ماڻهن جا گهر ڪکرن تي آهن ۽ اهي چوماسي ۾ آسمان ۾ اکيون اٽڪائي، پل پل ائين پيا پڪارين ته:

متان منج کي ميگهه ملارا
مينهن گهرن ٿا مالن وارا،
تومان ورچن ڪين ويچارا،

"لالن ڪو رنگ لاءِ- سرها سانون ڏينهن سنداءِ"

ٿر ۾ ڪيترا به برسات پئي ته مالدار ڪک ڪين ٿين. سنڌ ۾ گهٽي برسات پوندي آهي ته زميندارن جا منهن لهي ويندا آهن جو اجهل برسات سببان هنن جون ٻنيون ٻڏي وينديون آهن ۽ فصل سڙي ويندا اٿن. ٿر جا مالدار چون ته اجان برسات پوي سهي پوءِ ٻنيون لڙهن ته لڙهڻ ڏين. البت ٿر ۾ ڪي جوئر ۽ ٻاجهري پوکين ٿا ۽

انهن کي به پنهنجي فصل جو جهجهوني خيال ٿئي ٿو، پر سنڌ جي زميندارن جهڙي ڳڻتي ٿر جي مالدارن کي ڪانه ٿيندي آهي. هن جو هڪڙو ئي سبب هي آهي ته:

"ٿر آهي ترت تي، نه ڪڻ تي" يعني ٿري ماڻهن جو گذران ان تي ايترو نه آهي، جيترو ڍڳ ڪير تي آهي، هو چون ته مال لاءِ چارو منو ٿيو ته اسان لاءِ سڀڪي ٿيو. وسڪاري ۾ نه رڳو ماڻهو پر چرند پرند سڀ خوش.

سارنگ کي سارين، ماڻهو، مرگ، مينهون،
اڙون ابر آسري تازا تنوارين. (سارنگ)

جيئن ڏنو ته اڙ جي تکي تنوار پيئي پوندي. اڙ هڪ تمام ننڍڙو ڪارانجهرو پکي آهي. جيئن تڏ ننڍڙو جيت آهي، پر آواز تکو اٿس، تيئن اڙ جي تنوار به تڏ جهڙي تيز آهي. ٿري لوڪ چون ته اهي اڙون مينهن لاءِ پڪارين ٿيون، پر مينهن پوڻ جي پڪ تڏهن ٿيندي جڏهن تازو پکي تنواريندو. تازي تنواريو ته ٿري ماڻهن کي جڻ ته برسات اچڻ جي واڌائي ملي چڪي. مالڪ جي مهربانيءَ سان جڏهن پلر جي پالوت ٿيندي آهي، تڏهن هنڌين ماڳين پٽ پاهه جهليندا آهن ۽ گسن تي گاهه ٿيندا آهن، پر ٿر ۾ قدرت عجب رنگ لائيندي آهي. وسڪاري ۾ ڍهريون، مڙهيا ۽ مندر ته گاهن سان گلزار ٿيندا آهن پر واريءَ جون پٽيون به اهڙي قدر ساوڪ ۽ سبزي سان ڍڪجي وينديون آهن، جو ٿر ملڪ ڦري غنچو ٿي پوندو آهي. ٿر ۾ هڪڙو ٽانڪار جو وڻ ئي هڪڙو اهڙو آهي جو برپٽ کي باغيچو بڻايو ڇڏي. مطلب ته وسڪاري ڪانيوءَ ٿر ملڪ اهڙو سائو ۽ سبز ٿئي ٿو جو سنڌ جو بيو ڪوبه پاڱو سائٿس سونهن سوڀيا ۾ مٽ پئجي ڪين سگهندو. اهو ئي سبب آهي جو ٿري ماڻهن کي پنهنجو واريا سو وطن ههڙو پيارو لڳي ٿو.

"پسو جا پٽن ۾ ڪٿوري خوشبوءِ"

ٿر ۾ وسڪاري تي ڪيتريون سرهيون ٻوٽيون پيدا ٿين ٿيون، جي پنهنجي ڪستوريءَ جهڙي خوشبو سان ولهار واسيو ڇڏين. "مارئي جو پٽر" انهيءَ ٻالي سان هڪ سرهو ٻوٽو پيدا ٿئي ٿو، جنهن جي سنگهڻ سان مغز کي تراوت اچيو وڃي! وڏن شهرن ۾ مانهو عطر، لونڊر ۽ ٻين سرهاڻين تي پنسا خرچين ٿا پر هتي ننڍا پئسي مارئي جو پٽر ملي ٿو جو انهن سڀني سرهاڻين جي سڪ پوري ڪري ٿو. ٿري ماڻهو انهيءَ گاهه سان ڍڳ ڪير جا ٿانءَ ملي صاف ڪندا آهن ته انهن ٿانون ۾ به خوشبوءِ ٿي پوندي آهي. انهن ٿانون ۾ ڪيترو به وقت کير رکن ته ڪين ڦٽي.

بوند برهه جي بهار لڳي،
درد وندي جو ديس اندو تني،
پتن پاسي ڪڪر ڪڪوريا، گلن جي گلزار لڳي،
ڏن تہ ڏٺارن چوڙيو، ٻڪرن جي ٻيڪار لڳي،
سرتيون شاهہ لطيف چئي، مرشد منهنجي سار لڌي.

ٿر وسندو آهي تہ ٿري ماڻهو انهيءَ مند ۾ پنهنجي ڳوٺ کان ٻيو بہ ٻاهر ڪونہ ڪڍندا آهن.

هن مند مارو سنرا، ساٿيهہ منجهہ سڌير" (مارئي)

هن مند يعني هن برساتي موسم ۾ مارو لوڪ پنهنجي وطن ۾ خوش گذارين ٿا ۽ دل کي وڏو آنت اچي ويندو اٿن:

"جهڙ ڦڙ جت ٿيان، ات اڏيائون پکڙا"

جيڪڏهن هڪ هنڌ برسات پوندي آهي ۽ ٻئي هنڌ نہ تہ پوءِ لاچار پنهنجا ڳونڌا چڙي اتي پکا اڏي وڃي ويهندا آهن، جت جهڙ ڦڙ هوندي آهي. اهڙي طرح جڏهن سانگ ڪري ويندا آهن تڏهن هن ريت گذاريندا آهن:

هن مُند مارو سنرا ڍنگر ڍار رهن،
پاٽي پوچ پتن ۾ پکي پاند پبن. (مارئي)

ٿري ماڻهو ٿوري وقت لاءِ ڍنگر يعني وٽن جا سڪل ڏار تار ڪَٽ ڪري، انهن مان ڪچي پونگي ناهي، ان جي ڍار (اجهي) ۾ گذاريندا آهن. سندن پونگين جي پرسان برسات جو پاڻي جام پيو وهندو آهي، سو جهجهي چاهہ سان پيئندا آهن، جو اهو پلو هنن لاءِ وڏي نعمت آهي. هو جو پنهنجا گهر ٺڙ چڙي پراهن پٽن ڏي ويندا آهن سو نہ رڳو پلر پيئڻ لاءِ. پر مال جي چاري ۽ پنهنجن ڏٿن ڏورڻ لاءِ ڏوٿين جي ڏٿن جو ڏار ذڪر ڪجي ٿو.

## (٤٨) ڏوٿين جو ڏٿ.

ٿر غريب ملڪ آهي. ڪٽڪ، جوئر، ٻاجهري ۽ چانورن ڳنهڻ جي اتي سيپني کي وسعت ڪانهي، تنهن ڪري ڪيترا مسڪين قسمين قسمين گاهہ مان ٻج ڪڍي اهو اَن ڪري ڪتب آڻيندا آهن. انهيءَ جهنگلي اَن کي چئبو آهي "ڏٿ" جيڪي ڏٿ تي گذران ڪندا آهن، تن کي "ڏوٿي" چئبو آهي. "ڏٿ" ۾ نہ رڳو جهنگلي ان، پر جهنگلي ميوا ۽ ڀاڄيون بہ اچي ٿيون وڃن.

وينديس وطن سامهين ملير مهنجو ماڳ،
ڏٿ چوندڀنديس ڏيهه ۾، ساڻ سرتين ساڳ،
ته مون سنئون سياڳ، جي ويجهي ٿيان ور کي. (مارئي)

ٿر ۾ وسڪاري تي جيڪي ڏٿ ۽ ساڳ ٿيندا آهن، تن جو شاه صاحب سر مارئيءَ ۾ مفصل بيان ڏنو آهي:

هن مند مارو سنرا، ڪائر ۾ خوشحال،
سائون، سيارچ، مڪٽي، جيڏيون اٿين جال. (مارئي)

سائون هڪ گاهه جو قسم آهي، جنهن جو ان ساوڙيءَ جي داڻي کان ٿورو ٿلهو ٿئي ٿو. سائون ۽ ساوڙي نه رڳو ٿر ۾، پر سنڌ ۾ به ڪيترا هندو گيارس ڏيهن کائيندا آهن. سائين جو پٽ رڌبو، توڙي پنر پچائبو ته سوادي لڳندو.

سيارچ هڪ ٻيو گاهه جو قسم آهي. جنهن جو ان غريب لوڪ جوئر يا ٻاجهريءَ جي اٽي سان ملائي کائيندا آهن، باقي هوند وارا هٿ به ڪونه لائيندا اٿس. مڪٽي ٻن قسمن جي ٿئي ٿي، نر ۽ ماد. ان جي پاڙ ۾ رڳو هوَ جيتري آهي، تنهن ڪري اهو ٻي پاڙو گاهه چئبو. ٿر توڙي جمڙائو ۽ ٻين پاسي اهو گاهه ڏانداربن يا هٿن سان ميڙي، پرءِ گهر آڻي ڪٽيندا آهن. مڪٽي ڪٽ ٿوري تي کائي. ڏڪ هٽيس ته امالڪ پوش کان ٻاهر نڪري ابندو. جيڪڏهن رڳو هٿ جو مهتو ڏبس ته به ڪڻ نڪري ٻاهر ايندا. غريب لوڪ اهو ان گڏ ڪري گُنديون ڀري رکندا آهن ۽ ڪي ڏينهن پيا کائيندا آهن. مڪٽيءَ جي اٽي ۾ چيڙهه گهٽو ٿئي ٿو. ان جي مانيءَ جو سواد ڪجهه قدر چانوري مانيءَ جهڙو آهي. اهو ان قوت وارو آهي، تنهن ڪري چون ته سڀ ڏٿ ۾ مڪٽي ڀلي.

چرن چٽڪن چت ۾، گهارين متي گهٽ،
ڪهه، مانڌاڻو، مڪٽي، ڊوئين پاسي ڊٽ،
پنوهارڪي پڪڙين، وجي ڪريان وٽ،
ساٿيهه سامهين سٽ، ڪنديس ڀجي ڪرڙن ڪي. (مارئي)

ڪهه نه رڳو وارياسن پٽن، پر جبلن ۾ به جام ٿئي ٿي. اهو گاهه ڳريءَ ڳريءَ کان پاڙ هٽي، ول وانگر پکڙندو ويندو آهي. جهڙي طرح چون ته، "ڊامڻ گهوڙي ڪي آمڻ." تهڙي طرح هيءُ گاهه سيني وهٽن لاءِ آمڻ يا چوب چيني آهي. انهيءَ گاهه کي ڪوبه وهٽ ڪونه ڇڏي. اٺ، گهوڙو، ڳئون، مينهن، رڍ، ٻڪري مطلب ته جيڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ وهت ڏسندس سو امالڪ رڙڪي ڪائي ويندس. ڪراچي ۽ بمبئيءَ ۾ ڪجھ جو ڏاڍو ڪاپو آهي، تنهن ڪري اتي ڪجھ لٺي، سُڪائي ڏنبون ناهي رکندا آهن.

مانڌاٽي جي گاهه مان ان جهجهو نڪرندو آهي. اهو ان رنگ جو اڇو، ساڻين ڪان سنهو، پر مڪئيءَ جي ان ڪان گهٽو ٿلهو ۽ سخت ٿئي ٿو. ٿر ۾ مارو لوڪ سانوڻيءَ ۾ اهو ان گڏ ڪري، چڱي طرح ڪٽي ڇٽي پوءِ پيهين، جوئر يا ٻاجهريءَ جي اٽي سان ملائي ڪائين. مانڌاٽي جو ان ٿلو بہ ڪم اٽيندا آهن. ويچاري مارئي امرڪوٽ ۾ قيد هئي تہ بہ ائين پئي چيائين تہ:

"مٺ مانڌاٽي مڇيج، تہ نيرن ۾ نئون ڪريان"

نئون ڪرڻ يعني نئون ان ڪائڻ. سنڌ ۾ دستور آهي، تہ جڏهن نئين ڪٽڪ يا جوئر لهندي آهي، تڏهن ڪيترئون زالون اپون رڌي، اول ڪمارين کي نئون ڪرائي، پوءِ اهو نئون ان پاڻ ۾ ڪم آٽينديون. ٿر ۾ مالدار ڪجھ، مانڌاٽي ۽ ٻين ڏٿن جو نئون ڪندا آهن.

"عيدن برادن تي، ڪجھ مانڌاٽا ڪيندي"

مسلمان هڪڙي عيد تي سيبيون ۽ ٻيءَ تي ٻوڙ پلاءُ ڪائيندا آهن، پر هي مسڪين اهڙن وڏن ڏينهن تي بہ ڪجھ ۽ مانڌاٽي جو ان وڏي نعمت سمجهي ڪائيندا آهن. انهن ڏٿن جو هنن وٽ ڪيترو قدر آهي، سو شاه صاحب مارئي جي واتان هن ريت ڄاڻايو آهي:

آٽين ۽ چـــــــازهين، ڏٿ ڏهاٽي ســــــومـــــــرا،
ســـتـــا ڪيــو سـيــد چـــئي، ســـائون ســـڪـــائين،
منجـــهـــان لنب لطيف چـــئي، چـــانور ڪيـــو چـــازهين،
پلاءُ نہ پاڙيـن، عــــمـــــــر آرازيءَ سين. (مــــــارئي)

لنب جو گاهه ٿر ۾ توڙي ٻين هنڌ منيون نهور زمينون لس پربو چڏي. پراڻ جي ڪپ سان توڙي پائر ٿر ۾ لنب جام ٿئي ٿو. مڪئيءَ وانگر هن جي پاڙ بہ تر جيتري زمين اندر ٿئي ٿي، تنهن ڪري اهو بہ بي پاڙو گاهه چنبو. هٿ لاءِ تہ ڇڇيو اڇي. سڪي ڪان پوءِ لنب جا تيلا جهڙا پوري رڃ جا وار. اهو سڪل گاهه مال جي حق ۾ ڏاڍو سگهو آهي. منجهس ٿوري ٿوري سرهاڻ بہ ٿئي ٿي. مالدار انهي گاهه جو ان چانورن وانگر چاڙهي ڪائيندا آهن. شاهه صاحب چوي ٿو تہ آرازيءَ جي ان سان پلاهہ بہ ڪين پاڙيندا آهن. حقيقتون اهي ان ويچارا پنهنجي سفيم حال ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کائبندا آهن ۽ انهن تي هري وِيا آهن، تنهن ڪري هر هڪ ڏت هنن لاءِ وت آهي.

شاهه صاحب ٿر جي نه رڳو جهنگلي ان، پر مند جي ميون ۽ ساڳن جو به جهجهوٽي ذڪر ڪيو آهي.

عــمـــر انهي ڏيهـــ، جـــا ڪوڊير قـــوت ڪريندي،

گـــوليـــون گـــولاڙن جـــون جـــهـــپي ســـاڻ جـــهـــتـــيندي.

ڪوڊير هڪ قسم جي ول آهي، جنهن جي پاڙ پٽاٽي وانگر ٿـيندي آهي. مطلب ته ڪوڊير آهن گويا ٿر جا پٽاٽا، اهي پٽاٽن وانگر گول آهن ۽ ڪل سنهي اٿن. ڪل جي مٿان سوپاريءَ وانگر سنها سنها ليڪا ٿيندا اٿن. اندران لاهوري گجر وانگر اڇا ۽ سواد ۾ ٿورو گهٽو نول ڪول جهڙا ٿين ٿا، جنهن ڪري ڪچا به کائي سگهجن ٿا. جهڙي طرح پٽاٽا توڙي ڪچالو اوباري، کل لاهي پوءِ لوڻ، مرچ ۽ چٽني ملائي کائجن ٿا، تهڙي طرح ڪوڊير به ڪم آڻي سگهجن ٿا. ڪوڊير جو بوڙ عام طرح کائيندا آهن. انهن جو آچار به جيڪر سنو ٿئي، پر اهو سرڪي توڙي تيل يا پاڻيءَ ۾ جلد ڳري وڃي ٿو، تنهن ڪري سَنڌي نٿو سگهجي.

گولاڙي جي به ول ٿيندي آهي. ان ۾ ڳاڙهي رنگ جو هڪ گول ميوو پيدا ٿئي ٿو، تنهن کي به "گولاڙو" چئبو آهي. ٿوري ئي برسات پيئي ته گولاڙو جاڻ ته جائو. گولاڙا ڪچا کائبا آهن، اهي کائڻ ۾ سوادي آهن. اها قوت واري شيءَ آهي. گولاڙي جو گاهه کائي، ٻڪري کير وڌائي ٿي ۽ ان مٿس ٿوهو ڪڍي ٿو. "گولاڙو هينان پچي" اهو پهاڪو عام آهي.

"کاٽونبا کاڄن، مينهن وسندا موٽ تون" (مارئي)

ٿر ۾ وسڪاري ۾ "کاٽونبا" پيدا ٿيندا آهن، جن کي عام طرح "ڪٽونبڙا" به سڏيندا آهن. اهي سنگتري جي نموني ڏٻن ٿا ۽ کائڻ ۾ کٽا آهن. ٿر ۾ وڏا شاهي ريبڙ ۽ هنداتا به ٿيندا آهن، پر رسالي ۾ انهن جو ذڪر ڪونهي.

"ميها، چيڙ، ڦنگيون، جت ٿين سيپيئي ٿوڪ"

ٿر ۾ مينهن تي ميها جام ٿيندا آهن، جي ماٺهو توڙي وهٽ کائين ٿا. ميهن جي ڀاڄي چڱي ٿيندي آهي. ڦنگيون جن کي عام طرح "ڪنيـيون" به چئبو آهي، سي برسات ۾ ٿين ٿيون ۽ انهن جو بوڙ ملوڪ ٿئي ٿو.

چيڙ کي "مٽيرو" به چئبو آهي. اهي اڪثر جوئر جي پوک ۾ پاڻ مرادو پيدا ٿيندا آهن. مٽا مٽيرا ڪچا کائبا آهن ۽ انهن جون ڪچڙيون به ڪبيون آهن. مطلب

تہ برسات ۾ گھٽيئي ٿوڪ ٿين ٿا، جي ٿري ماڻھن کي مالڪ جي مھرباني سان بنا پئسي ملن ٿا.

مند ٿي منڌل وجـــيـــا، آيو جـــھـــڙ جـــھـــاتي،
ھڪ ارزان اُن ٿـــيـــو، ٻيـــا مکڻ منجـــھـــ مـــاتي،

ھي تڪون نہ رڳو ٿر، پر سڄي سنڌ سان لاڳو آھن. برسات کان پوءِ ان جنتي ڪٿي سھانگو ٿئي ٿو. ٿر جي جوئر ھڪڙو سستي، ٻيو سواد ۾ اھڙي مني ٿئي ٿي، جو سنڌ جي ڪٽڪ چڏي ٿر جي جوئر کائجي. ٿر ۾ برسات کان پوءِ ڏڌ مکڻ جام ٿئي ٿو. ٿري ماڻھو کير توڙي ڏڌ ڪونہ وڪڻن، باقي گيھہ جو وڪرو ڪندا آھن. ٿر ۾ اٽڪل ان لک چوپايا آھن ۽ اٽڪل پنجيتاليھہ ھزار مڻ گيھہ جا ھر سال ٿر کان ٻاھر روانا ٿين ٿا. ٿر جو گيھہ تمام سنو ٿئي ٿو. اھو اڪثر توري ڪونہ ڏين، پر مايي ڏين، ريزڪي وڪرو ڪرڻ مھل گيھہ جي ماپ گھٽو ڪري ٿيڙين يعني لوھہ جي ڪرنڊين سان ڪندا آھن. ٿيڙيءَ ۾ آنو سوا گيھہ پوندو آھي. گيھہ وڪڻ جي چوش وچان ڪيترا ٿري ماڻھو نہ کير پيئن، نہ ڏنئرو يا مکڻ کائين، باقي رات توڙي ڏينھن لسي جام پيئن. وسڪاري ۾ وٽن ايتري لسي ٿئي ٿي، جو ڪو سنگتي ساٿي يا ڪو واٽھڙو لسيءَ چڪو گھرندن تہ وڏي خوشي سان ھن کي پاندو پري ڏيندا.

”ساٿين کي سيد چئي، پربو ڏين پاڻ“

پاڻ يا پاٽو معنيٰ وڏو ڪتورو. مطلب تہ مينھن ۾ لسيءَ جا دءَ اٿن ۽ ٻين کي بہ وڏي دل سان اچ ڪرائيندا آھن. باقي ڏڪار جي ڏينھن ۾ ويچارا پاڻ لسيءَ لپ لاءِ پيا واجھائيندا آھن.

”پھي پاکي پنڙي، پربن ساڻ پيئان،“

پھي پاکي يعني پھہ يا ٻڪريءَ جي لسي. ڪيترا ٿري ماڻھو پاکي باھہ تي تھڪو ڏياري، رڌي کائيندا آھن. مطلب تہ سندن لاءِ اھا ئي ڪيرٽي آھي.

## (۴۹) ٿر جا ھاڪارا وڻ.

ســـر لوھيـــڙا ڳـــيـــيـــا، ڪـــســـر نـــســـريـــا،
تو ڪـئـن وســـــريـا، ڍولـيـــا ڏيـنـھـن اچـڻ جـــا.

لوھيڙو جنھن کي عام طرح ”روھيڙو“ چوندا آھن، سو ٿر جي وڻن ۾ نھايت شاندار وڻ آھي. ساوٽي ڪانيوءِ، اتر لڳڻ تي، ھي وڻ ٻاتو ۽ ڦولاربو آھي. ھن جا

ڪل وڏا ۽ رنگ جا ڳاڙها ۽ اهڙا سهڻا نہ ٿا، جو انهن جي رڳو ڏني دل پيئي خوش ٿئي. روهيڙي جي گلن ۾ خوشبوءِ ڪانہ ٿيندي آهي. باقي رونق سا واه جي اٿن! چون ٿا تہ روهيڙي جا وڻ ڏسي نروت صاحب چوڻ لڳو تہ منهنجو سپاهہ بہ روهيڙي جهڙو شاندار ڏسڻ ۾ اچي. تنهن لاءِ چا ڪيائين جو سپاهين لاءِ جيڪا پوشاڪ جوڙايائين سا سائي رنگ جي ۽ ڪمربند توڙي پٽڪي جا ڇيڙا ڳاڙهي ڪپڙي جا. ٿر جي پوليس ڪي اج تائين اها پوشاڪ آهي.

"آٿيو وجهن آهرين، روڙي رتا گل" (مارئي)

اهي رتا يعني ڳاڙها گل روهيڙي جي وڻ جا آهن، جن بابت شاهہ صاحب چوي ٿو تہ ٿري ماڻهو اهي پنهنجن وهنن جي ڪائڻ لاءِ آهر ۾ آٿي وجهندا آهن.

روهيڙي جي ڪاٺي اهڙي آهي جهڙو پڪو ساڳ. جيڪڏهن انهن مان ڪٽن جا پاوَ، ڪرسيون، پلنگ ۽ هندورا جوڙائجن تہ جيڪر چوٽون ڏيئي هلن. روهيڙي جا وڻ هڪڙو ٿر ۾ ٻيو ڏاڙهياري جبل تي جام آهن. انهن ٻنهي هنڌان ڪٽائڻ جي تڪليف گهٽي آهي نہ تہ روهيڙي ڪاٺ، جو سنڌ ۾ وڏو واپار هلي سگهي.

"گولاڙا ۽ گگرٻون، اوچڻ اباڻن" (مارئي)

گگرين جا وڻ ٿوهر جي قد جيڏا ٿين ٿا. اهي سهڻا نہ آهن، پر بلڪل ڪارائتا آهن. گگرين ۾ ڪونر ٿيندو آهي، جنهن کي گگر سڏبو آهي. "گگر گگر پندا اڙيا" اهو مثال مشهور آهي. ٿر ۾ گگريون گهڻن هنڌ آهن، پر ڏيپلي تعلقي طرف توڙي ڪارونجهر ٽڪريءَ تي جام آهن. ڪارونجهر ۾ اپترو تہ گگر ٿئي ٿو جو اهو ويرگام، ڊيسا ۽ ٻين پاسي موڪليند آهن، جتي گهڻو ڪري عمارتن جوڙڻ مهل پڪي چن ۾ گڏيندا آهن. اهو ڪونر دوا طور بہ ڪم اچي ٿو. ڪنهن کي پاسريءَ يا ڇاتيءَ ۾ سور پوي تہ سولو اپاءُ اهو ڪن، جو ڪاغذ ٽڪر ڪتري، انهن تي گگر ٿڦي، اهي ٽڪليون سور واري هنڌ تي چنبڙائي ڇڏين، تہ سگهو ئي درد دفع ٿيو وڃي. گگر جي ڪاٺي بارڻ جي ڪم ايندي آهي، تنهن ڪري ٿري لوڪ اهي ڪم آڻيندا آهن. ڪولهي لوڪ ڪاٺين جون ڀريون ڪارونجهر تان آڻي، ننگرپارڪر ۾ عام طرح وڪڻندا آهن.

سنڌ ۾ ٻير جو ڪونر چڱو ٿيندو آهي، پر ٿر ۾ ٻير جو نالو بہ ڪونهي، ڇو تہ ٻير رڳو پٽيءَ يعني ڏاڍي زمين تي ٿيندو آهي. ٿر ملڪ وارياسو آهي تنهن ڪري اتي ٻير ذات ڪونہ ٿئي، رڳو مارئي جي ملڪ يعني ننگرپارڪر تعلقي طرف ٻير

آهي، جو اتي ڏاڍي زمين آهي. ٿر ۾ ٻير ٻدران "ٻائري" (ٻاٻري) ٿيئي ٿي، جنهن جو ڪنڊو ٻير جي ڪنڊي جهڙو ٿيئي ٿو، پر ڏار ٿار بلڪل گهٽا ۽ پتلا ٿيندا اٿس. اهو گهٽي قدر ٿڙي پکڙي ٿو، جنهن ڪري هر هڪ وڻ وڏي جاڳهه والاري بيٺو آهي. ٻائريءَ کان وڏيڪ ڪارائتو وڻ آهي. "ڪونبٽ." جنهن جو ڪنڊو بلڪل ننڍڙو پر ڏاڍو تکو ٿيئي ٿو ۽ ڇهنب وريل اٿس. ڇاڇرو تعلقو ڇڏي ننگرپارڪر تعلقي ۾ پير پاءِ ته ڏس ته ڪونبٽ جا ٻيلا لڳا پيا آهن.

ڪارونجهر ٽڪريءَ تي به ڪونبٽ جام ٿيئي ٿو. ڪونبٽ جي ڪونر جي منائي ڏاڍي طاقت واري ۽ گُٿاڪاري آهي. ننگرپارڪر جي پاسي واءَ جي بيماري ٿيئي ٿي، تنهن لاءِ اهو علاج ڪندا آهن جو ڪونبٽ جي ڪونر ۾ ڪنڊ يا ڳڙ سان ميٺي ۽ گيهه گڏي، ان جا لڏون ناهي کائيندا آهن ته نئوبنا ٿي پوندا آهن. ٿر مان ڪونبٽ جو ڪونر ڏيساورن ڏي روانو ڪندا آهن ۽ ڳگڙ وانگر ان جو به چڱو واپار هلي ٿو.

"جن جو ويڙين سين واپار، سي ڏوٿي هئن نه ڏبرا"

## (50) ٿر جو ڏڪار.

چوٽي آهي ته "وسي ته ٿر، نه ته بر." ٿر ۾ جڏهن برسات پوي ٿي تڏهن ٿر ملڪ وڻڻ جو نه آهي، پر جي جهڙ ڦڙ نه ٿيئي ته پوءِ ٿر جهڙو ويران ملڪ ٻيو ڪونهي. برسات ڏاران وڻ ٽڻ سڪيو وڃن، مال مريو وڃي، ماڻهن جا پيٽ وڃي پنيءَ سان لڳن ۽ ڪي ويچارا بک وچان وڻن جا چوڏا پيا کائين! ٿر ۾ بعضي اهڙا به ڏڪار پوندا آهن جو اتي جا ڪي مسڪين پنهنجا ٻچا وڪڻي ڇڏيندا آهن.

ڏڪار سبب ٿر مان ڪيترا ماڻهو لڏي ٻين شهرن ۾ وڃي رهندا آهن. اهي لوئڙيارا جڏهن لڏي ويندا آهن، تڏهن ٿر جي جيڪا حالت ٿيندي آهي، تنهن جو اشارو شاهه صاحب هينئين بيت ۾ ڪيو آهي.

ٻري نه ٻڪر دانهن، ان جي پوڻ پُٽڪو نه سٽان،
ميان ماروئڙن جا اُوٺا ڏنم آنهن،
جن سانيڪا سنجيا، سي ڏٺي ڪيئڙءِ ڪانهن؟
پکا ڪٽي پرانهن، جيڪس لڏيو لوئڙيارئين! (مارئي)

سڪار ۾ جڏهن ٿري ماڻهو پنهنجا ماڳ وسائي وينا هوندا آهن، تڏهن تڙ تڙ تي ڏسو ته زالون نوڙي مرد سانيڪا پيا سنجين يعني سٽ پرهه اونهن کوهن مان پاٽيءَ جا کوس پري پيا ڪڍن. اوڏي مهل هو پنهنجا دلا به ڀرين ۽ وهٽن لاءِ آنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(حوض) ٻه پري ڇڏين. انهن مان پهون پيئون پاڻي پيئن ته ڇيلڙا ٻه ٻود پرچي پيا ڇال مارين ۽ دڙٻون ٽپن ۽ ڪي رکي رکي منڙي ٻيڪار پيا ڪن. ڏڪار سڀان جڏهن هي لڏي ويندا آهن، تڏهن ڪنهن ٻه ٽڙ تي پهر ڪانه هوندي آهي. اوڏي مهل نڪا ٻڪر جي دانهن، نڪو ٻوڻ جو ٻٽڪو ٻڌڻ ۾ اچي. آنهن ٻه اوٺا يعني گهٽ پاڻي سان يا سڪا پيا هوندا آهن.

"پيا سيٽ سڙن، ترهي ٻنهي ڪنڌين."

پاڻيءَ ڇڪڻ جا سيٽ (رسا) کوهن جي ڪنڌين وٽ اُس ۾ پيا سڙندا آهن. اوڏي مهل سڄو ٿر اهڙي ڏيکاري پيو ڏيندو آهي جو ڄڻ ته ملڪ ۾ راڪاس گهمي ويو آهي.

"ونهيـــــــــان ٿين وٿــــــاڻ، ڏوڪـــــاهي هتـــــــان جي،
اوءِ پيـــــــــٽيــــــــون ۽ پــــــاڻ، مـــــوتي مـــــارن اڏيا."

ولهو يعني ڪتل يا سڪٽو ۽ اُنجو ضد آهي "ونهيون" معنيٰ شاهوڪار يا پريل. شاهه صاحب چوي ٿو ته مارو لوڪن جا وٿاڻ، جي مال مري وڃڻ يا ماڻهن جي لڏي وڃڻ سبب ڏک جهڙي حالت ۾ هئا، سي هاڻ پريل آهن. هاڻ ساڳين جاين ۽ زمين تي مارن پنهنجا گهر اچي اڏيا آهن. مطلب ته جڏهن برسات پوندي آهي ۽ ڏيهه مان ڏڪار لهندوآهي تڏهن هي مسڪين موتي پنهنجن ماڳن تي ايندا آهن.

"تن ونهين ويهيڙجن ۾ سدائين سڪار"

شاهه صاحب هتي سائين جي درگاهه ۾ هن مسڪين لاءِ سوال ڪيو آهي ته ويچارن وٽ شل سدائين سُڪار هجي!

ٿر جي ڏڪار سان لاڳاپو رلندڙ هڪ سچي حقيقت ڄاڻائجي ٿي.

مٺي تعلقي ۾ گشت ڪندي هڪ مينگهواڙن جو ڇوڪرو ستن اٺن ورهين جو صبح جو پهر ۾ نيرن مهل گڏيو. هن کان پڇيو ويو ته "نيرڻ ڪئي اٿيئي؟"

"هائو"

ڇا کاڌو اٿيئي؟

"رب"

رب ڪيئن رڌيندا آهيو"

"ٻه ٽي لپون اٽي جون وڏي ڪني ۾ وجهي، ان ۾ اڌ دلو کن پاڻي جو ملائي،

## (٥٢) ٿري ماڻهن جا گهر.

ٿر ۾ وڏن شهرن جهڙيون عاليشان عمارتون، پڪسريون يا پڪن جون نهيل ڪينهن. ڪي ٿورا متيءَ جي جڙيل جاين ۾ رهن ٿا، نه نه ڪهڻا، خاص ڪري غريب مارو لوڪ، چونرن ۾ گذاريندا ٿا. چونرو هڪ قسم جو پنگو، ڪنل تنبوءَ جي شڪل جهڙو آهي، جنهن جو هيٺيون پاسو گول آهي ۽ مٿان سهي چوٽي اٿس. مطلب ته جهڙي اڌ ڪليل ڏوپ چئجي. ڪن چونرن کي متيءَ جون گول پتيون، زمين کان فقط ٽي چار فوٽ مٿي آهن. چونرن جي ڪاين جو بار انهن پتين تي رهي ٿو. چونرن جوڙڻ لاءِ نڪي ڪپن واڍا نڪي رازا، نڪي ڪوڪا نڪي ڪليون. ويچارا غريب جهنگ مان ٽنڪار ۽ ٻين وڻن جون ڪاٺيون توڙي مرٽ ۽ سٽي وغيره جو سڪل گاهه آڻي، پنهنجو چونرو پاڻهي يا ڪن همراهن جي مدد سان جوڙين. ڪي چونرن کي دروازو رکن ۽ ڪي رڳو ٿورو پاسو ڪليل ڇڏي ڏين، جنهن مان اچن وڃن. مطلب ته ٿري ماڻهو بنا ڪلفن ۽ ڪنجين جي بريت ۾ پونگا اڏيو ويٺا آهن. هنن ويچارن جو سائينءَ کان سواءِ ٻيو نڪو اوهي نڪو واهي، تنهن ڪري ٿر جي عملدارن تي وڏي جوابداري آهي. ٿر ۾ ڪنهن جي هلڪي ناٽي واري شيءِ چورائجي ويندي آهي ته مئجسٽريٽ ڏوهيءَ کي تمام ڳري سزا ڏيندو آهي، ته ٻيا عبرت وٺن ۽ چوري نه ڪن. مئجسٽريٽن جي اهڙيءَ اڻ سهائينديءَ سختيءَ ڪري ٿر ۾ چوريءَ جو اڪثر نالو به ڪونه ٻڌبو آهي.

چونرن جوڙڻ جو رواج گجرات، جيسلمير ۽ ڪڇ ڀڄ طرف ڪن ايامن کان آهي، باقي ٿر ۾ اهو رواج شاهه صاحب جي وقت کان پوءِ پيل ٿو ٻڌجي. اهو ئي سبب آهي جو رسالي ۾ "چونرو" لفظ ڪٿي به ڪم آيل ڪونهي. شاهه صاحب جي ڏينهن ۾ ٿري ماڻهو منهن، لانڍيون ۽ وانڍيون جوڙي انهن ۾ رهندا هئا. انهيءَ سبب شاهه صاحب مارئيءَ جي واتان چوايو آهي ته "منهن مارئڙن جا." "پکا پنوهارن جا." ۽ "پنگا پنار جا"

"ڪاهي ايندا ڪڏهن، مٿي وانڍ وهٽ"

برساتي موسم ۾ مارو لوڪ پنهنجا ماڪ ڇڏي، ٻين پاسي سانگ ڪري ويندا آهن ته اتي ڪچيون لانڍيون اڏيندا آهن. اهڙيءَ ڪچي لانڍيءَ کي "وانڍ"، ۽ وانڍ ۾ رهندڙ کي "وانڍير" سڏبو آهي. جڏهن ڪنهن وڏيري جي وانڍ جي نزديڪ ٻيا مالدار به پنهنجون وانڍيون جوڙي اچي رهندا آهن ته اهڙيءَ حالت ۾ انهي

ائن، تنهن ڪري رات جو مال کي جهنگ ۾ چڏي هليا اچن. مارئي جي ملڪ ملير جي نزديڪ ڪارسر جبل ۾ چراخ آهن، انهن جي ڊپ کان انهي پاسي جا ٻڪرار پنهنجيون ٻڪريون ۽ چيلا آٽي واڙي ۾ ٻڌندا آهن، باقي ٻين هنڌ اڪثر متيون رواج آهي.

"مينهون پاڻ مراديون، تڏا چرن تر،
وڏي اوهه آييون، پنيءَ لائي ڦر." (سارنگ)

مينهون، ڳايون ۽ ٻيو مال سڄي رات ٿڏا ٿر چري، صبح جو سج اڀرڻ ڪانپوءِ پاڻ مرادو پنهنجي ماڳ تي ڪونڊيءَ لاءِ موٽي ايندو آهي. ٿري ماڻهو اوڏيءَ مهل ڏهاڻي ڪندا آهن.

"چاربو لنب لطيف چئي، واڳئين وهارين." (مارئي)

ٿري ماڻهو پنهنجو مال جهنگ ۾ چڏي، سج لٿي گهر موٽن، تنهن کان اڳ ڦرن کي لنب نالي گاهه توڙي ٻيو گاهه ٻنهنجي روبرو ڪارائي ۽ هنن کي ڏءَ تي پاٽي پياري پوءِ هنن کي واڳي وهاريندا آهن يعني هنن جو بوٽ ٻڌي ڇڏيندا آهن نه پرپٺ ڪبر ڏائي نه وڃن.

ٿري ماڻهو ڏهائي ڪري رهن ۽ سنڌين ڳايون ۽ مينهون ڪونڌي ڪائي رهن نه پوءِ پاڻ مال سان پهرجي وڃن جهنگ ۾. مال ٻيو چرندو نه مالدار ٻانهون ٻڌي ڪين ويهندا. ڪو ڪانيون پيو ڪندو نه ڪو ڏٽ پيو چونديندو.

"پاسا پولڙين ۾ ٻانهون، سر ٻيئي".

اونهاري ۾ مال چاربندي جيڪڏهن ڪنهن کي ننڊ جو خيال ٿيندو آهي ته ڪنهن وڻ هينان پٽ تي ليٽي، ٻئي ٻانهون مٿي کي ڏئي، اک لائيندو آهي، پوءِ پل نه پاسي ۾ ٻڪرين جون ڦولڙيون ۽ ٻيو ڪن ڪچرو پيو هجي. اهڙي طرح اک لاتي نه لاتي جهڙي، نه نه سڄو ڏينهن ڪانيِن ڪرڻ، ڏٽ ڏورڻ ۽ وهٽن لاءِ گاهه پني گڏ ڪرڻ ۾ مشغول رهن ٿا.

"چارين ات چاه منجهان، پاسي ڦوڳن ڦر،
ڪئن لهندم ڪر، جئن مارو پاڻ اپاريا."

ڦوڳ هڪ جهنگلي ٻوٽو آهي، جو واهوندن ورڻ تي نسرندو آهي. نالو "ڦوڳ" ائنس، پر صبح جي پهر ۾ وٺائنس لنگهه نه خوشبوءِ پيئي ايندي. اهو ٻوٽو مهينو کن مس ٿو جٽاءُ ڪري. مارچ ۾ ان جهليندو نه اپريل ۾ "ڪتيا" ڪندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪينٽريون زالون مدراسي ۽ جرمني جون چونريون ۽ ٻيا ولايتي ڪپڙا، جي ڏيپلي، مٺي، ڇاڇري، ننگرپارڪر ۽ ٻين وڏن شهرن مان ملن ٿا ، سي ڍڪڻ ٿيون. ڇاڇري ۽ ڏيپلي ۾ زالون ريشم تي سهڻو ڀرت به ڀرين ٿيون، پر هاڻوڪي وقت جو به مٿن اثر ٿيو آهي.

سنڌ ۾ وڏن شهرن ۾ زالون چوٽيءَ ۾ اڪثر ربينون وجهنديون آهن. ٿر ۾ ربين جو رواج ڪونهي.اتي جون زالون پنهنجن گهيٽن ۽ رڍن جي ان مان سڳيون وٽي، وارن ۾ ويڙهي، چوٽا ڪنديون آهن ۽ انهن کي "ڏاڳا" سڏينديون آهن. اهي ڏاڳا ، جي هنن جون ربينون آهن، سي به صرفي سان ڪم آڻينديون آهن "انا مينهن ملير ۾، ڏاڳا ڏيڻ ڏئندي" .

ٿر ۾ برسات پئي ته ترايون تليون پاڻيءَ سان ڀرجي پون ۽ انهيءَ پاڻي ۾ زالون پنهنجا ڏيڻ (رلا ۽ رليون) به ڌئن ۽ چوٽيءَ جا ڏاڳا به ڌوئي صفا ڪري، اهي وري ڪتب آڻينديون آهن.

سنڌ ۾ زالون هاٿي اڪثر سونا چوڙا پائين ٿيون نه ته اڳي عاج جي ٻانهينءَ جو رواج عام هو. ٿر ۾ ڪي زالون چاندي ۽ عاج جا چوڙا پائين ٿيون پر ڪينٽرين کي "ڪوڙا چوڙا ڪچ جا" پيا آهن.

"ڪراين ڪچ جا ، چوڙا ڪوڙا جن،
سو مرڪ ماروئڙن، جئان لوڪ لڄ ٿئي."

## (٥٤) ٿرين جي مشغولي.

مائٽ منهنجا سومرا مارو نه ميرا،
اٿيون ڏين اسور جو ، پٽن پر پيرا. (مارئي).

ٿري ماڻهو صبح جو سوير اٿي پٽن تي وڃي ڦيرو ڏئي ايندا آهن. اهڙي اوني سان پٽن تي جو ويندا آهن، تنهن لاءِ سبب آهي. ٿر ۾ اڄ تائين رواج آهي ته مالدار ماڻهو سانجهي جو پنهنجو مال جهنگ مان آڻي واڙي ۾ ڪونه ٻڌن. هو پنهنجو مال جهنگ ۾ ڇڏي هليا ايندا آهن ۽ سڄي رات اهو پاڻ مرادو پيو چرندو آهي. اهڙي طرح پنهنجو ڌڻ نڌڻڪو ڇڏي ايندا آهن، تنهن ڪري سوير صبح جو اونو ڪري نند مان اٿي، مال نگاهه ڪري پوءِ اچي نيرن ناشتو ڪندا آهن. ٿر ۾ بگهڙ ۽ ٻيا خوفناڪ جانور ڪينهن، جيڪڏهن ڪو چور مال ڪاهي ويندو ته واريءَ ۾ پيرو پڌرو بيٺو هوندو، جنهن ڪري چور کي ڳولي لهڻ آسان ٿيندو. اهي آئت دل کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتيا آهن سنها تاندورا جي پڪل ڦوڳ ۾ ٿين ٿا. ڦوڳ ۾ هڪ قسم جي داڻ داڻ ٿئي ٿي جا ڏوٿين جو ڏٿ آهي. ان کي "ڦوڳي" چوندا آهن. ڪتيا ڄاوا ته ڦوڳي کائڻ کان ڇٽي، پر مال پوءِ به پيو چريس. مٿين مصراع ۾ مارئي چوي ٿي ته منهنجا مائٽ ڦوڳن ۾ ڦر چاهه سان پيا چارين ۽ منهنجي ڪل ڪٿن لهندا، جو هو پاڻ اپاريا آهن يعني پالهايا واندا ڪينهن. سچ پچ ويچارا سڄو ڏينهن غلطانيءَ ۾ آهن.

"مــــــٿن ٿبــڪ ٿبــــــــڪـــــــڙا چــــــــڪـنـدڙا اچـن
كــــڙبون كــــهــــ پـــــڪليـــــون پگهـــــر ســــر پيـــــرن،
اي وڙ ويــڙيــڇـن، مــــــــــون لـوڏائــي لـڪـيـــــــــا"

ٿبڪ معنيٰ ڇاٻون يا ٽوڪرا ۽ ٽوڪريون. پيرن جي مند ۾ مارو لوڪ مال سان پهرجي ويندا آهن. سانجهي جو ٿبڪ ۽ ٿبڪڙيون پيرن سان ڀري چڪندڙا ايندا آهن، يعني پيرن مان پاٽي ڳاڙيندا ايندا آهن، جو مٿي ۽ منهن تي پيو پوندو اٿن. پنڌ ڪندي پيرن تي پگهر ٿيندو اٿن ته پگهر سبب پيرن تي واري جمي ويندي اٿن جنهن ڪري هنن جون ڪڙيون به سدائين ڪهه پڪليون يعني ڏوڙ سان پريل هونديون آهن. مارئي چوي ٿي ته منهنجن ويڙهيچن جا وڙ يعني ڪم يا نمونا اهي آهن ۽ آئون سندن لوڏ مان پريان ٿي سهي ڪندي آهيان، ته اهي آهن منهنجا منا مارونڙا!

ٿر جا مرد سڄو ڏينهن مشغول رهن ته سندن زالون ۽ ٻار به مانڻ ڪري ڪين ٿا وهن. شاهه صاحب انهن جي مشغوليءَ جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي:

"آڏيءَ اٿين تي جئن پاٽي پاتارن ۾."

ٿر جا کوهه اونها آهن ۽ پاڻي جڻ ته پاتال مان ڪڍڻو آهي، تنهن ڪري هي ٿاريليون اڌ رات ڏيئي پاٽي پرڻ وينديون آهن.

"ويرون ولوڙڻ جون، ساريان گهڻو صبوح"

اڻ اڀرئي جو گهر گهر ۾ ڏسو ته زالون ڏڌ ولوڙي، وينيون مکڻ ڪڍن. سج اڀري ته ڪا رب رڏي ته ڪا ڊوڊو پچائي، مڙس کي کارائي، اماٿيندي جهنگ ڏي. ٻارن کي به اوڏي مهل کارائي ۽ پاڻ به جهڙو نهڙو ٽڪر وات ۾ وجهي، ٿانءَ ٿپا ملي، پوءِ ويندي جهنگ ڏي ڪانيون ڪرڻ يا ڏٿ ڏورڻ. سندن نياڻيون به ائين.

"سرتين ڏٿ سبيل ڪيو، اڳڻ ڊوئي ڊير،"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن بيت ۾ ڄاڻايو اٿس تہ ڏاڙيل وهڻ تي جڙهي ايندا هئا ۽ مالدارن کي چئو اٿس تہ ڌار جي ڏن ۽ ڇڙڇڙ ڳاٻڙا ٿي (هڪ ٻئي کان ڌار) رهجي، اها سنگهارن جي ريت نہ هئڻ گهرجي، يعني سنگهارن کي لازم آهي تہ گڏجي رهن تہ ڏاڙيلن اچڻ مهل هڪ ٻئي کي واهر ڏئي سگهن. پوين ٻن مصرعن ۾ چوي ٿو تہ ڏاڙيل ڪنهن بہ وقت اوهان جي وانڍ (لانڍيءَ) تي ڪاهي ايندا تنهن ڪري اهي هاڻو يعني هاڃو هڻندڙ يا ڏاڙيل جيڪڏهن اوهان جا سڳا سائٽ هجن تہ بہ انهن جو ادڪو ڌارجو. هيءَ بلڪل پوري صلاح ڏني اٿس. اصل چوڻي آهي،

"لچان چوران پت نہ ڪائي، توڙي هوون سڳا ڀائي"

تہ ۾ ڏاڙيلن جي ڊپ کان ڪي ماڻهو وراڪن ۾ وڃي لڪندا هئا. انهيءَ ڳالهہ جو شاهہ صاحب هيئينءَ تڪ ۾ اشارو ڪيو آهي.

"وهڻ وراڪن ۾، ان جي، اجوڪي اوطاق"

ڀٽن تان برسات جو پاڻي لهندو آهي تہ ڪيترين ڀٽن جي پاسارن يعني لاهہ وارن پاسن ۾ ڏرڙ ٿي پوندا آهن. "وراڪو" لفظ عام طرح ڊڪ يا پناهہ جي معنيٰ سان بہ ڪم آڻيندا آهن، مثلن سيءَ کان پاڻ کي بچائڻ لاءِ ڍنگر گڏ ڪري انهن تي ڪک وجهن تہ چون تہ سيءَ جو وراڪو ناهيو اٿئون. ڏاڙيلن جي ڊپ کان ٿري ماڻهو ڀٽن جي وراڪن ۾ رهندا هئا، ۽ اها سندين اجوڪي اوطاق هوندي هئي يعني اتي جان جي جوکي کان پاڻ کي ڇٽل سمجهندا هئا. ڪن نسخن ۾ "جوکي" بدران "اجوکي" لکيل آهي. اجوکي معنيٰ احوٽکي ڏينهن جي يعني جنهن ڏينهن ڏاڙيل اچن تنهن ڏينهن، انهن جي اوطاق وراڪن ۾ ٿئي ٿي.

"جسي لوڙائو تيا، هين پر رهن،

مارو منجهہ ٿرن، رهي رهندا ڪيترو؟"

"جسي" معنيٰ بدن جا ۽ "جدسي" معنيٰ جڏهن آهي. بيت جو مطلب آهي تہ جن حاڪمن جي آڏار تي ٿري ماڻهو ههڙي بريت ۾ رهن ٿا، اهي حاڪم جيڪڏهن پاڻ ڏاڙيل ٿي بيهندا يا جسي جا لوڙائو ٿيندا يعني ٻانهون ڀڃائي ويندا تہ پوءِ ويچارا مارو لوڪ ٿر ۾ ڪيترو رهندا؟ هن بيت ۾ مارئي عمر ڏي اشارو ڪري ٿي، جو سندس جند لاءِ لوڙائو (ڏاڙيلن) جهڙو ڪم ڪري کيس ڪوهہ تان ڪٽي آيو هو.

"جسي لوڙائو ٿيا، جنهين سندي ڏير،

مارئڙا فقير، ڪنهن در ڏيندا دانهڙي؟"

ڳڌبا تہ "رهاڻ" ڪندا. ڪو گهوٽ ٻيءَ سيٽڪي گهر ويندو تہ تيستائين پورو مان نہ ملندس جيستائين رهاڻ نہ ڪندو. رهاڻ لاءِ مکيہ شي آهي آفيم. ٿري ماٺهو آفيم ڳاري ڪپهہ جي پوٽين ۾ چاٽيندا. انهن پوٽين کي "مينئان" سڏيندا آهن. ڳاريل آفيم کي "ڪنسبو" چوندا آهن. اهو رنگ جو ڳاڙهو ٿيندو آهي. رهاڻ مهل مرد ڏسو تہ ڪانيون ڪدي ويهندا، پوءِ ڪنسبو پيو پيچندو ۽ چاملو (چم جو) حقو پيو ڦرندو! وڏن ڏينهن تي زالن ۽ ٻارن سان رهاڻ ڪندا آهن. انهي رواج پٽاندڙ مومل بہ راتي سان رهاڻ ڪئي هئي، تنهن ڪري شاهہ لطيف سندس واتان چورايو آهي:

"راٽا رهاڻن جا، مارينم مذڪور"

ٿر ۾ آفيم اڪثر مردن جو مرڪ آهي، باقي زالن ۽ ٻارن لاءِ سچي پچي وندر برساتي موسم ۾ آهي.

"سرتين ساڻ سمن آهيم انهي مينهڙين"

برسات ڪانپوءِ جهنگلي گل ڦل پيدا ٿيندا آهن تہ ٿر جون زالون، چوڪريون ۽ ٻار انهن مان هار ناهي پائيندا آهن. اها ڳالهہ شاهہ صاحب سر سارنگ جي هينين تڪ ۾ جاٽائي آهي.

"سرهيون ٿيون سنگهاريون، پوبو پائن روق"

اهڙي طرح ويچارا ويڙهيچا وروتهن ۽ وندر ڪندا آهن. مارئي عمر سومري وٽ قيدي هئي تہ اتي سپني ۾ اهي ئي ڳالهيون پئي آيس.

"رات لڏو مون، سهٽو ڪتئي ۾ خاصو،
انڙا مينهن مليرم ۾، تيو تڙ تڙ تماشو،
چوريان جان پاسو، جسو زنجيرن ۾،"

## (٥٨) ٿر ۾ ڏاڙا

ٿر ۾ هاڻ ڪڏهن ڪڏهن ڏاڙا لڳن ٿا، مگر اڳي ڪلهوڙن توڙي ميرن جي صاحبيءَ ۾ ڏاڙن جي ڏم لڳي پئي هوندي هئي. شاهہ صاحب ڪلهورن جي صاحبيءَ ۾ ٿي گذريو آهي. سندس وقت ۾ مال جي چوري عام هوندي هئي، جنهن بابت رسالي ۾ ڪي اشارا آهن. ڪن بيتن ۾ مالدارن کي ڏاڙيلن کان پاڻ بچائڻ لاءِ ڪي سهٽيون صلاحون بہ ڏنيون اٿس.

"ڏڻ ڏارڻ، ڏار رهڻ، اي نہ سنگهارن ست،
ڪاهي ايندا ڪڏهن، متي واند وهت،
جي هاٿو هونئي مت، تہ بہ ادولاهہ نہ ان جو."

چوندا آهن ته جيڪڏهن ڪو واسينگ نانگ کي ماريندو ته ٻيو واسينگ ٻارهن مهينن کان پوءِ به ان جو وير وٺي چڙهيندو.

چوٿين مصرع ۾ نانگ جي سياءَ جو ذڪر ڪري چيو اٿس ته ڪلي ويل يعني جنهن وقت نانگ وڙهڻ لاءِ تيار ٿي اچي ٿو، تنهن مهل کهڙو مڙس آهي جو هڻ سپن جي سامهون ٿي سگهندو؟ مطلب ته جنهن مهل واسينگ وڙهڻ لاءِ ايندو، تنهن مهل ڪوبه دهشت جهلي هن جي سامهون بيهي ڪين سگهندو.

"پهــــرين ڪاري نانگ جي ڪو چــرڪيل چـيـــڙ ڪري،
جي هٿي ڏنگ ڏســـــائيـــو، ته ويجـــهـــو تان نه وري،
جــيـــڪي ٿپ مــري، جــيـــڪي ســڪي صــحت ڪي."

نانگن ۾ واسينگ اصيل نانگ آهي. جيڪڏهن سندس چيڙ نه ڪبي ته مات ڪري پنهنجي وات وٺي هليو ويندو، پر جي ڪنهن کي ڪٽي ڪٽندي، ۽ هن جي چيڙ ڪندو، ته اوڏي مهل ئي اهڙو چڪ هڻندس جو اڳلو وري سندس ويجهو وجي نه سگهندو. اهو ڪکيل ماڻهو اتي ئي نهه ٽپ مري ويندو، پر جيڪڏهن قسمت سان بچي پوندو ته زهر جي اثر لهي وڃڻ کانپوءِ به بت ۾ خوش ڪين گذاريندو. شاهه صاحب هي هڪ ٻي حقيقت ڄاڻائي آهي جنهن جي ٿر ۾ سڀ ڪنهن کي سڌ آهي. ٿر ۾ نه رڳو واسينگ پر لنڊي توڙي ٻئي ڪنهن به زهري سپ جا ڪاڌل جيڪڏهن بچي پار پوندا آهن، ته پوءِ به بت ۾ خوش ڪونه گذاريندا آهن. نانگ ڀلا ڪاڌي پلي ته پنج ست ورهيه گذري ويا هوندا، پر جنهن ڏينهن ٿوري گُهٽ ٿيندي، تنهن ڏينهن انهيءَ ماڻهوءَ کي مٿي ۾ سخت سور پوندو ۽ هن جو مٿو پيو ڦرندو. جڏهن هوا چوٽ لڳندي آهي تڏهن انهي ماڻهوءَ جو جيءُ جاءِ ايندو آهي. اهڙا ماڻهو اکين سان ڏٺا ويا آهن، تنهن ڪري شاهه صاحب پورو چيو آهي ته نانگ جو ڪاڌل يا ته اڦٽ مري ويندو يا ته صحت لاءِ پيو سڪندو.

"سنهـــــا پـــــانءِ م سپ، وياءِ واســـــينگن جــــا،
جني جي جـــــــهـــــــڙپ،هاٿي هنڌائين نـه چـــــري."

يعني واسينگن جا ٻچا، جيتوڻيڪ ڏسڻ ۾ سنها ٿا اچن، پر منجهن ايترو زهر آهي جو جيڪڏهن هاٿيءَ کي سنڌين چهبيڻ اچي وڃي ته اهو پربت جيڏو جانور به جيڪر اتيئي پيو هجي ۽ وري جيڪر جري به ڪين سگهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن بيت ۾ بہ اها ئي ڳالھ ڪئي اٿس تہ جن حاڪمن جي ڏير (ڏڍ) تي رهجي ٿو، سي جيڪڏهن پاڻ ڌاڙيل ٿي بيهندا تہ ويچارا مسڪين ماروئڙا ڪنهن جي در تي دانهين ٿي ويندا؟ حقيقتون جڏهن مارئي کي عمر سومرو ڪٽي ويو هو، تڏهن مليرجا ماروئڙا دهليءَ جي بادشاھ تائين دانهين ويا هئا. اها ڳالھ فارسي تواريخن ۽ هڪ سنڌي تواريخ ۾ جاٽايل آهي.

## (٥٦) ٿر ۾ نانگ بلائون

ٿر نانگن بلائن جو گهر آهي. اتي قسمين قسمين بلائون ٿين ٿيون مثلن پيئڻ، لنڊي، ڪنيارو ۽ واسينگ جنهن کي "ڪارو نانگ" بہ چئبو آهي. اهي نهايت زهري ۽ خوفناڪ آهن. شاھ جي رسالي ۾ گهڻو ذڪر واسينگن جو آهي. اهو احوال سر ڪارايل جي فصل ٻئي ۾ ڏنل آهي.

آسڻ جن اريچ ۾، تن جي وهہ جو ورن بيو،
تن جو ڪندو ئي ڪم ڪري، جي مٿن پير پيو،
پرينئان آهي پڌرو، تن نانگن جو نهو،
ڪلي ويل ڪهي، جو سامهون ٿئي سپن کي."

هنن چئن مصرعن ۾ شاھ صاحب نانگن بابت چار نراليون ڳالهيون جاٽايون آهن.

پهرين مصرع ۾ چوي ٿو تہ جن نانگن جو آسڻ (ماڳ) اريچ يعني ٿر ملڪ ۾ آهي تن جي زهر جو رنگ ٿي ٻئي قسم جو زهر علحدي رنگ جو آهي. اهو رنگ جو تفاوت شاھ صاحب جهڙي جاڻوءَ جاٽايو آهي، باقي جهڙي تهڙي جي جاءِ نہ آهي جو اهڙي ڳالھ جاچي، زهر جي رنگ جو فرق ٻڌائي سگهي.

ٻئي مصرع ۾ جيڪا ڳالھ ڪئي اٿس، تنهن جي گهٽن کي خبر آهي. ٿر جو نانگ اهڙو زهري آهي جو اهو جيڪڏهن مري ويندو ۽ ان جي بدن جو ماس سڙي، ڪجهي ڪاچي ويندو ۽ باقي رڳو هڏي جو پڃرو وڃي بچندو تہ بہ جيڪڏهن انهي پڃري جي ڪنهن ڪنڊي تي پير اچي ويندو تہ اهو ڪندو بہ وڃائي ڇڏيندو! ٿر ۾ اهڙا اتفاق ٿيا آهن جو مئل نانگ جي رڳو سڪٽي پڃڙي تي پير اچڻ ڪري ماڻهن کي زهر چڙهي ويو آهي!

ٽئين مصرع ۾ چوي ٿو تہ "نانگ جو هڪ ٻئي سان جيڪو پيوند يا ناتو اهي سو ملڪن ۾ مشهور آهي. اها بہ پوري ڳالھ ڪئي اٿس. اڄ تائين عام طرح ائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رسالي ۾ "ڪينءَ" لفظ جدا بہ ڪم آيل آهي:

"ڏيندا پانڌي ڏس، ڪينءَ جون آٽي خبرون."

ٿر ۾ "ڪنگهہ" کي چون "دئونس" ۽ "اڄ" کي چون "تونس" ٻين هنڌ عام طرح تونس لفظ ٽپ جي معنيٰ سان ڪم آڻيندا آهن، مگر رسالي جي سر سهڻي ۾ "تونئس" لفظ "سانت يا اڄ" جي معني سان ڪم آيل آهي.

"نن ۾ تونس پرين جي، پيئان نہ ڏاپان،
جي سمنڊ منهن ڪريان، تہ بہ سرڪيائي نہ ٿئي."

جنهن ماڻهوءَ جي اکين ۾ ڪاڏ هوندي آهي، تنهن کي عام طرح "چوچو" چئبو آهي، مگر ٿر ۾ هڪ ماڻهوءَ جي حقي جي نڙ تي لت اچڻ ڪري نڙ ڀڄي پيو، تہ چوڻ لڳو تہ "نڙ چونچو ٿي پيو". ٻي هڪ ماڻهوءَ جي ڪنهن ڳالهہ تان دل شڪستي ٿي تہ چيائين تہ "منهنجي دل چونچي ٿي پئي آهي". شاهہ صاحب سر رامڪليءَ ۾ "چونچو" لفظ انهي ٻوئين معنيٰ سان ڪتب آندو آهي.

"چونچو هو چت، ڪَلي سو باغ ٿيو."

"مچڻ" معنيٰ متان. اهو لفظ رسالي ۾ گهڻن هنڌ ڪم آيل آهي ۽ ٿر توڙي لاڙ ۾ عام آهي.

منيءَ ۾ ڪنهن لهاڻي کان پڇيو ويو تہ حيدرآباد ڏني اٿيئي؟ هن چيو تہ مني مان حيدرآباد ڏي گهٽيئي پيا اچن وڃن، باقي پاڻ مان نڪو اير نڪو پير. يعني اسان مان نڪو اچي نڪو وڃي. شاهہ صاحب بہ مارئي جي واتان چوايو آهي تہ:

"نڪو اير نہ پير، نڪو اوني آيو."

اهڙي طرح ڪيترا لفظ رسالي ۾ آهن جي ٿر ۾ بلڪل عام آهن، مگر سنڌ ۾ انهن لفظن ڪم آڻڻ جو رواج ڪونهي، تنهن ڪري ڪيترن سنڌي ماڻهن کي اهي ڏکيا ٿا لڳن.

ٿر جي سنڌي اُچارن ۾ سنسڪرت، ٻوليءَ کي وڌيڪ ويجهي آهي. مثلن سنسڪرت لفظ "لڪشن" بدران سنڌ ۾ عام طرح چون "لڇڻ" مگر ٿر ۾ چون "لکڻ" شاهہ لطيف بہ اهو اچار وڌيڪ پسند ڪري چيو آهي تہ:

"لکڻ ڪيم لکيج، جئن مون موراهين ناهہ ڪو،
مون کي ملهائيج، وارو ڏيئي ولها."

"سنهــــا پـــانءَ م سپ، ســـــڪـــا جني پيٺ،
تني جي جـــهـــپـــيٺ، جنگن کي جـــوڪـــو ڪري."

مطلب تہ اهي سنها ۽ پيٺ سڪل نانگ پنهنجي نالي سان آهن ۽ کھڙي بہ جنگ جوان کي جوکو رسائي سگھن ٿا.

ڪنهن ڪنهن ڪاريءَ ذات کي مور بہ متائين.

پوک جو هڪ دشمن ڪئو آهي، ڪئي جو دشمن نانگ ۽ نانگ جو هڪ وڏو دشمن آهي مور پکي، نانگ کي مور ڳڙڪايو وڃي ۽ هن جو زهر مٿس ذرو بہ اثر نٿو ڪري. مٿين مصرع ۾ شاهہ صاحب چوي ٿو تہ ڪاري نانگ جي ڪنهن ڪنهن ذات کان مور پکي بہ گوشو ڪندو آهي. مطلب تہ ٿر ۾ نانگن بلائن جون بہ شاهہ صاحب کي اهڙيون ڳالهيون جاچيون هيون جي سڀ ڪو ماڻهو جاچي ڪين سگھندو.

## (٥٧) ٿر جي ٻولي.

ٿر ۾ ٻن قسمن جي ٻولي هلي ٿي. هڪڙي صفا سنڌي، جهڙي سنڌ جي ٻين پاڱن ۾ ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي ۽ ٻي ڍاٽڪي يعني ڍٽ يا ٿر جي ٻولي. شاهہ جي رسالي جو سر ڍول مارئي ڍاٽڪي ٻوليءَ ۾ جيل آهي. انهي ٻوليءَ ۾ مارواڙي، ڪڇي، گجراتي ۽ سنڌي لفظ آميز ٿيل آهن. هو آميز سپاويڪ طرح ٿيو آهي، ڇاڪاڻ تہ ٿر سان جوڌپور، پالنپور رياست، ڪڇ جو رڻ ۽ سنڌ جا ڪي تعلقا جهڙوڪ ٽنڊوباگو ۽ بدين لڳا بيٺا آهن ۽ انهن سڀني پاسن جي ماڻهن جي ٿر ۾ آمدرفت آهي، تنهن ڪري سپاويڪ طرح انهن سڀني پاسن جا لفظ ٿر جي ٻولي ۾ اچي ويا آهن. ننگر پارڪر تعلقو سنڌ کان گهڻو پري ۽ گجرات جي ڏنگ سان آهي، تنهن ڪري پارڪري ٻوليءَ ۾ سنڌي لفظ تمام ڇـدا پاڌا آهن ۽ اها ٻولي گجراتي کي گهڻو ويجهي آهي. ڍاٽڪي ۽ پارڪري ٻوليءَ جي وچ ۾ تفاوت آهي.

ٿر ۾ جيڪا صفا سنڌي ٻولي ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي، تنهن ۾ ڪيترا اهڙا لفظ آهن، جي سنڌ جي ٻين پاڱن ۾ عام نہ آهن. مثلن ٿري ماڻهو هڪ ٻئي کي ڪيڪارڻ مهل "خير ڪين" ۽ "روڙا ڀلا" لفظ گهڻو ڪتب آڻيندا آهن. شاهہ صاحب اهي لفظ ٿر مان جهٽي، رسالي ۾ ڪم آندا آهن.

(١) ڪمندڙن خيرڪين چوندڙ چڱا نہ ٿيا.

(٢) مرڪي مرمانا روڙي راءِ ڏياچ جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## (٥٨) ٿر جو تواريخي احوال

"تون ڏاتي ڏٽ ڏٺي، ڍوليــــــا تنهنجــــــو ڏٽ،
پائي ترازي توريان، تہ ملڪ نہ تنهنجــــــو مٽ،
لاهي ڪســـــر ڪٽ، اڇي ڪـــــوڙ قناتون ڪاڪ ۾."

هن بيت ۾ شاهہ صاحب هومل جي واتان، راڻي جي ساراهہ جا سخن بولايا آهن، پر هيئن جو جوابو اٿس تہ تون ڏٽ ڏٺي آهين، سا تواريخي ڳالهہ آهي، اهو احوال هن طرح آهي:

ٿر جي راڻن جو پهريون وڏو ڏاڏو، جنهن ڪان ونئي سندين پيڙهي شروع ٿئي ٿي، سو "پرمار" نالي هڪ راجپوت هو، جو ابوپهاڙ طرف رهندو هو. پرمار ڪان ڪيترڻون پيڙهيون پوءِ "سوڍو" ڄائو، انهن ٻن وڏن ڏاڏن جي نالن پنيان ٿر جا راڻا پاڻ کي اڄ تائين "پرمار سوڍار راجپوت" سڏائين ٿا. راجپوتن جو اصل ملڪ راجپوتانا آهي، پر انهن مان ڪي سنڌ ڏي آيا ۽ پهريون شهر جو هٿ ڪيائون، سو رتو ڪوٽ هو، جو ڪپري تعلقي ۾ آهي. هتي اچڻ کان پوءِ هو پاڻ کي "راڻا" سڏائڻ لڳا. انهن سوڍن پوءِ امرڪوٽ تي ڪاهہ ڪئي. سنڌ گزيٽيئر موجب امرڪوٽ واري لڙائي سنہ ١٢٢٦ع ۾ سوڍن ۽ سنڌ جي سومرن جي وچ ۾ لڳي، جنهن ۾ سوڍا سوڀارا ٿيا. هن پوءِ مڙسي ڪري سڄو ٿر ملڪ پنهنجي قبضي ڪيو ۽ سومرن کي پراڻ طرف هڪالي ڪڍيائون. عمر سومري جي ڏينهن ۾ سوڍن جو زور ڪجهہ قدر ٽٽل هو، پر پوءِ جڏهن سومرن ۽ سنڌ جي سمن جي پاڻ ۾ اڃي لڳي تڏهن سوڍن کي ساڃي لڳي ۽ هو وري امرڪوٽ هٿ ڪري، سڄي ٿر جا والي ٿي ويٺا. مومل جي واري ۾ بہ ٿر ملڪ انهن سوڍن جي ملڪيت هئي. ان وقت جيتوڻيڪ امرڪوٽ جي گاديءَ تي راڻو همير ويٺل هو، تہ بہ راڻو ميندرو ڪو گهٽ نہ هو. هو وزيريءَ جي عهدي تي هو ۽ شاهي گهراڻي مان هو تنهن ڪري مٿين بيت جي پهرين مصرع ۾ مومل چويس ٿي تہ تون ڏاتي يعني ڏٽ (ٿر) جو آهين ۽ ڏٽ جو ڏٺي آهين، جو اهو سڄو ملڪ اوهان راڻن جو آهي.

راڻي ميندري ڪان پوءِ بہ ٿر ۾ سوڍن جي صاحبي هئي. نواب کي ڏن ڏيندا هئا ۽ پنهنجي حڪومت وجائي وڃائي ڪندا هئا. همايون بادشاهہ جڏهن شير شاهہ افغان جي هٿان شڪست کائي، سنڌ ۾ اچي امرڪوٽ ۾ رهيو هو، تڏهن امرڪوٽ جي گاديءَ تي راڻو پرساد ويٺل هو. اُن وقت همايون بادشاهہ جي راڻي حميده بانو سنئين مهني هئي، تنهن لاءِ راڻي پرساد پنهنجو محلات خالي ڪري ڏنو ۽ بادشاهہ جي هر طرح خدمت ڪيائين. هي همايون بادشاهہ ٿورا ڏينهن رهي، پوءِ حميده بانوءَ کي امرڪوٽ واري محلات ۾ ڇڏي پاڻ راڻي پرساد جو ڪيترو لشڪر

وني، نثي جي حاڪم شاهہ حسن اعوس تي ڪاهہ ڪرڻ ويو. سندس پريٺ راڻيءَ هٿ پير لڏا ۽ هندستان جو هاڪارو ۽ هر دلعزيز اڪبر بادشاهہ ۱۴ آڪٽوبر ۱۵۴۲ع ۾ ڄڻيائين.

سوڍن جي دسنخط ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ اڪبر بادشاهہ جڏهن پاڻ ڳاديءَ تي ويٺو، تڏهن پنهنجن مائٽن ڪان بدل امرڪوٽ جون ڳالهيون ياد ڪري، امرڪوٽ جي راڻن کي لکيائين تہ اوهين منهنجي والد سان بلڪل وفادار ٿي هليا هئا ۽ آئون پاڻ امرڪوٽ ۾ ڄائو هوس، تنهن ڪري اوهان جي ملڪ مان ساليانو ڏن وٺڻ آئون حرام ٿو سمجهان، توهان تان سڀ ڍلون معاف آهن! هن پروانې جي پڙهائي ٿي تہ سڄي ٿر ۾ واهہ واهہ پئجي وئي. هرڪو ٿري ائين چوڻ لڳو تہ ڀلي تہ اڪبر بادشاهہ امرڪوٽ ۾ ڄائو، جنهن سڄي ٿر مان راڻر (ڍل) جو رواج ڪڍي ڇڏيو. رسالي مان سمجهجي ٿو تہ جڏهن شاهہ صاحب ٿر گهمڻ ويو هو، تڏهن بہ اتي ڍل جو رواج ڪونہ هو. اهاخبر رسالي جي سر مارئي جي هيٺين مصرع مان پوي ٿي:

"نڪا ڇهل نہ ٻل، نڪو راڻر ڏيهہ ۾"

اڪبر بادشاهہ جي حڪم موجب ٿر مان راڻر جو رواج بند ٿي ويو، تنهن ڪانپوءِ بہ راڻن کي ڇڳي پيدائش ٿيندي هئي، راڻن ۾ ڪو وهاڻ ٿيندو هو تہ رعيتي ماڻهو ڪين اٺ، گهوڙا، ڳايون، مينهون ۽ ڪجهہ زيور ۽ پئسا نذرانو ڏيندا هئا. رعيت ۾ ڪنهن جو وهاڻ ٿيندو هو تہ کهونيتا توڙي ڪنواريتا راڻن کي سوغاتون ڏيندا هئا. اهي لوازما اڪثر ٿر جي ڪراڙن پاڻ تي ٻڌا هئا. ٻيا پوري پني پونجي وارا، جي اهڙا ٻنڌياڻ پاڻ تي ٻڌي نٿي سگهيا، سي بہ پنهنجي حال سارو راڻن کي ڪجهہ ڏيئي هٿ جوڙ ڪري ويندا هئا. مسڪين مارو لوڪ، جي پنهنجي حال ۾ ئي حيران هوندا هئا، سي بہ راڻن سان رس رهائيندا هئا. ڪو غريب جهنگ ۾ ڪانيون ڪري ويندو هو، تہ بہ پريون ڪانئين جون پاڻ مرادو راڻن جي در تي اچلي ويندو هو. اهو سڀ انهي ڪري ڪندا هئا جو ٿر ۾ مال جي چوري عام هوندي هئي ڪنهن جو مال ڌاڙيل ڦري ويندا هئا تہ ڳادي نشين راڻو پنهنجي سر گهوڙي تي سوار ٿي، ڪيترا همراهہ ساڻ ڪري ڌاڙيلن جي ڪڍ ويندو هو، تيستائين سک ٿي ڪين سمهندو هو. انهيءَ سبب ڏورڻ ويندا هئا تہ موٽندي پيرون، ڏنئرا وغيره راڻن کي بہ ڏيندا هئا. رسالي مان ڏسجي ٿو تہ شاهہ صاحب کي انهيءَ ڳالهہ جي خبر هئي، تنهن ڪري مارئي جي واتان چوايو اٿس تہ:

"پسي ڪاڻي پيٽ ۾، ڏنئرا ڏن آئون ڏيندي"

مطلب تہ شاهہ صاحب ٿر جي پني پتي جو واقف هو ۽ انهيءَ جا بيان مارئيءَ جي واتان اهڙي اٽڪل سان چوايا اٿس، جو جئن پڙهہ تئن مزو پيو اچي.

# سنڌي ساهت گهر جا ڇاپيل ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1 | علامہ آءِ آءِ قاضي (ٻيو ڇاپو) | قاضي فيض محمد | 25/= |
| 2 | ڏکيون جان نہ مڙن (ٻيو ڇاپو) | ناز سنائي | 75/= |
| 3 | ڪڇان تہ ڪافر | ناز سنائي | ختم ٿيل |
| 4 | ماءُ ڪاهوڙي هليا | ناز سنائي | ختم ٿيل |
| 5 | رڃي جي ريتو ٿيا | ناز سنائي | ختم ٿيل |
| 6 | هاري ڪميٽي ۽ الاٽي تحريڪ | قاضي فيض محمد | ختم ٿيل |
| 7 | ڏونگر جن ڏوريا | ناز سنائي | ختم ٿيل |
| 8 | چانڊوڪي ۾ زهر | موهن ڪلپنا | ختم ٿيل |
| 9 | زندان جي جهروڪي مان | ڪامريڊ غلام محمد لغاري | ختم ٿيل |
| 10 | زندگي | موهن ڪلپنا | ختم ٿيل |
| 11 | منهنجي آکاڻي | ڪامريڊ غلام محمد لغاري | ختم ٿيل |
| 12 | حفيظ شيخ | ناز سنائي | ختم ٿيل |
| 13 | قيد جي ڪهاڻي | ناز سنائي | ختم ٿيل |
| 14 | دادر پل جا ٻار | ڪرشن چندر/ ناز سنائي | ختم ٿيل |
| 15 | سون ورني ڌرتي | ڊاڪٽر سليمان شيخ | ختم ٿيل |
| 16 | وشواس | موهن ڪلپنا | ختم ٿيل |
| 17 | ايوريسٽ تي چڙهائي | عبدالقادر جوڻيجو | ختم ٿيل |
| 18 | انٽرويو | طارق اشرف | ختم ٿيل |
| 19 | تصوف جي چير ڦاڙ (ٻيو ڇاپو) | نجم عباسي | 50/= |
| 20 | سنڌي ذات هنجن (ٻيو ڇاپو) | رسول بخش پليجو | 100/= |
| 21 | ڏنم ان ڏٺل | نجم عباسي | ختم ٿيل |
| 22 | مائوءَ جي ملڪ ۾ | عبدالجبار جوڻيجو | ختم ٿيل |
| 23 | متي سنڌ سُڪار | نجم عباسي | ختم ٿيل |
| 24 | سچ سان دوکو | ناز سنائي | ختم ٿيل |
| 25 | نوان چار درويش | ناز سنائي | ختم ٿيل |
| 26 | سوچون ٽٽڪا واڪا (ٻيو ڇاپو) | استاد بخاري | 45/= |
| 27 | ٻہ ناول | موهن ڪلپنا | ختم ٿيل |
| 28 | سوڀ سدائين سچ جي | آزاد قاضي | ختم ٿيل |
| 29 | غلام جا ٺهڪڙا | غلام حسين رنگريز | ختم ٿيل |
| 30 | چولو منهنجي چڪ ۾ | هري دلگير | 30/= |
| 31 | سدا سُرها گل | يوسف سنڌي | ختم ٿيل |
| 32 | ڪاري ڪڪر هيٺ (ٻيو ڇاپو) | استاد بخاري | 45/= |
| 33 | بند دروازو | امرتا پريتم/ ولي رام ولڀ | ختم ٿيل |
| 34 | اسين مسافر پيار جا | ادل سومرو | ختم ٿيل |
| 35 | اوهان جي پڄاڻان (ٻيو ڇاپو) | رسول بخش پليجو | 100/= |
| 36 | ساگر جي لهرن تي | حفيظ شيخ | 25/= |
| 37 | سنڌين جو اتحاد ۽ شرپسند ٽولا | آزاد قاضي | 25/= |
| 38 | ڪنوار جي سيج | خليل جبران/ م.ن. محزون | ختم ٿيل |
| 39 | بغاوت ۽ آزادي | خليل جبران/ منصور قادر جوڻيجو | ختم ٿيل |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| .40 | ڏرتي سرتي (ٻيو ڇاپو) | استاد بخاري | 100/= |
| .41 | پليجو ڇاهي ڇا ٿو چاهي؟ | ابو جبران | ختم ٿيل |
| .42 | جڏهن ڌرتي جاڳي | ڪرشن چندر | ختم ٿيل |
| .43 | موهن جو دڙو | علي بابا | ختم ٿيل |
| .44 | حليم شو | حليم بروهي | ختم ٿيل |
| .45 | مون توکي پيار ڪيو | پوپٽي هيرانندا ڻي | ختم ٿيل |
| .46 | باهيون ٻيرا ڳين جون | تاج جويو | 25/= |
| .47 | پيغامبر/پيغامبر جو باغ (ٻيو ڇاپو) | خليل جبران/م.ن. محزون | 50/= |
| .48 | پياسي ڌرتي پياسي دلڙيون | ڪرشن چندر/سندري اُتمچنداڻي | 30/= |
| .49 | شرم ٻوٽي | گوبند مالهي | 30/= |
| .50 | زندگي زندگي (ٻيو ڇاپو) | استاد بخاري | 150/= |
| .51 | زوال | البرٽ ڪاميو/قاضي خادم | ختم ٿيل |
| .52 | مان ڏوهي هان (ٻيو ڇاپو) | عزيز ڀنگوار | 50/= |
| .53 | تاريخ جا وساريل ورق | سوڀو گيانچنداڻي | 45/= |
| .54 | ڪنڌيءَ اڪ ٿلاريا | تاجل بيوس | 60/= |
| .55 | ادب ۽ روايتون | قاضي خادم | 60/= |
| .56 | مڃتا جي رُڃ ۾ | آسي زميني | 60/= |
| .57 | قوم چوي ٿي ٻول | تاج جويو | ختم ٿيل |
| .58 | منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق (ٻيو ڇاپو) | پوپٽي هيرانندا ڻي | 150/= |
| .59 | پرنس | ميڪاولي/م.ن. محزون | ختم ٿيل |
| .60 | ٻِگل ڪنيڙا ٿيون (ٻيو ڇاپو) | خليل جبران/م.ن. محزون | ختم ٿيل |
| .61 | ارڙ چارڙ | قاضي فيض محمد | 40/= |
| .62 | مرشد جو نينهن ۾ نياپو | خليل جبران/م.ن. محزون | 30/= |
| .63 | ابابيل جي آخري اُڏام | رسول ميمڻ | 40/= |
| .64 | جستجو لاتقنطو | استاد بخاري | ختم ٿيل |
| .65 | ڏک سکن جي سونهن | گل ڪونڌر | ختم ٿيل |
| .66 | ڏُکي انسان | وڪٽر هيوگو/موتومل منگهارام | 25/= |
| .67 | سايپائن ڪان رُئل سپنا | الطاف ملڪاڻي | 30/= |
| .68 | اوتون جوتون (ٻيو ڇاپو) | استاد بخاري | 125/= |
| .69 | لڙڪ ۽ مُرڪ | خليل جبران/م.ن. محزون | ختم ٿيل |
| .70 | گيت اسانجا جيت اسانجي (ٻيو ڇاپو) | استاد بخاري | 100/= |
| .71 | ٻوهيي جون تحريرون - I | مرتب: ناز سنائي | 75/= |
| .72 | تاريخ ڳالهائي ٿي | سوڀو گيانچنداڻي | 45/= |
| .73 | زندگي ڪيئن گذارجي؟ | ڊيل ڪارنيگي/غلام محمد شاهواڻي | ختم ٿيل |
| .74 | اکين ۾ ٿي وبهه | مقبول مارو | 35/= |
| .75 | الا ڏاهي مَرُٿيان | عثمان علي انصاري | 35/= |
| .76 | لهر لهر دريا (ٻيو ڇاپو) | استاد بخاري | 80/= |
| .77 | هرڻ هنيلا ٻينا سوچن | رسول بخش پليجو | 45/= |
| .78 | سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر | جڳديش لڇاڻي | 50/= |
| .79 | ٽي عظيم شاعر | هولارام هنس | 70/= |
| .80 | تلسين جي سُرهاڻ | تاج جويو | 75/= |
| .81 | انڊا اونڊا ويڇ | رسول بخش پليجو | 40/= |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| 82. | زميني ديوتا | خليل جبران/م.ن. محزون | 30/= |
| 83. | پهاڙن ۾ پُڪار | خليل جبران/نجم عباسي | 35/= |
| 84. | اڳواڻ | خليل جبران/م.ن. محزون | 30/= |
| 85. | بلنديون | نجم عباسي | 40/= |
| 86. | سڏن مٿي سڏڙا | علي احمد بروهي | 70/= |
| 87. | پيار ڪهاڻي | نجم عباسي | 100/= |
| 88. | هڪ اُداس ڇوڪري | امرتا پريتم/ عرفان مهدي | 40/= |
| 89. | تلاش | نجم عباسي | 60/= |
| 90. | ماسترياڻي | نجم عباسي | 40/= |
| 91. | ٽارچر سيل جي شاعري | اديب انقلابي | 100/= |
| 92. | ڪڪ پن | علي احمد بروهي | 45/= |
| 93. | مجنون | خليل جبران/م.ن. محزون | 30/= |
| 94. | نيڻ سفر ۾ | سعيد ميمڻ | 80/= |
| 95. | ڪن پل جو ڇانورو | ممتاز بخاري | 40/= |
| 96. | ڪبير - ميران | مرتب: ناز سنائي | 80/= |
| 97. | مان پڙاڏو سڏ جو | ناز سنائي | 100/= |
| 98. | پياسي ساييان جل ٿل خواب | رخسانه پريت چنڙ | 100/= |
| 99. | تو پڇاڻان سُپرين | ناز سنائي | 100/= |
| 100. | آخري پنا | هري موٽواڻي سنڌي | 100/= |
| 101. | ڪوڪڙ يا ڪلياڻ | استاد بخاري | 150/= |
| 102. | موهن ڪلپنا جون تحريرون-I | مرتب: ناز سنائي | 100/= |
| 103. | هڙئي هيج وطن جا | استاد بخاري | 100/= |
| 104. | شيخ اياز: هڪ شاعر، هڪ عاشق | مرتب: ناز سنائي | 100/= |
| 105. | مسڪين جهان خان کوسو | محمد بخش مجنون بلوچ | 80/= |
| 106. | عاشق زهر پياڪ | رشيد ڀٽي | 40/= |
| 107. | ڀيو ڇنڊ بہ ٻڏي ويو | ممتاز بخاري | 50/= |
| 108. | سنڌي نثر جي تاريخ | ڊاڪٽر غلام علي الانا | 150/= |
| 109. | منهنجو سفر | قاضي فيض محمد | 250/= |
| 110. | سرد هوائون | فاروق سولنگي | 80/= |
| 111. | محبوبہ ڏي خط | خليل جبران/راحيلہ ناز | 50/= |
| 112. | ٿي چٽنگ ڪري چمڪات اچان | ناز سنائي | 50/= |
| 113. | بخاريءَ جا قطعا (ٻيو ڇاپو) | استاد بخاري | 160/= |
| 114. | همسفر/ شرابي نگاهون | امرتا پريتم | 50/= |
| 115. | مشرق جو درويش: گوتم ٻڌ | محمد حفيظ سيد/منير سولنگي | 50/= |
| 116. | گانڌي (ٻيو ڇاپو) | لوئي فشر/ نجم عباسي | 150/= |
| 117. | سڌارٿ | هرمن هيس/ منير سولنگي | 60/= |
| 118. | پونءِ مان نڪتل ماڻهو | ظفر | 50/= |
| 119. | مجاز ڪان حقيقت تائين | گرو رجنيش/ منير سولنگي | 100/= |
| 120. | زندگيءَ جو سفر | ڊيل ڪارنيگي/راحيلا ناز | 80/= |
| 121. | زندگي هڪ ناچ هڪ نغمو | گرو رجنيش/منير سولنگي | ختم ٿيل |
| 122. | قرآن ۽ سنڌي ورجيسون | نياز سرڪي | 100/= |
| 123. | يڪ عشق ادب | موهن ڪلپنا | 125/= |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| 124. | عبرت ڪده | ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل | 200/= |
| 125. | ايران جو سفر | منظور حسين لغاري | 60/= |
| 126. | ٽياس | ادا قاضي | 60/= |
| 127. | ننڍڙي روپ وارا چوٽيون ۽ پهاڪا | انجنيئر عبدالوهاب سهتو | 40/= |
| 128. | آئينو ۽ تصوير | غلام رسول ڪلهوڙو | 40/= |
| 129. | غلامي | جبران خليل جبران | 25/= |
| 130. | ڏوهاري | جبران خليل جبران | 25/= |
| 131. | سودائي | جبران خليل جبران | 25/= |
| 132. | بغاوت | جبران خليل جبران | 25/= |
| 133. | منهنجو سچ | اندرا گانڌي/منير سولنگي | 100/= |
| 134. | مائڪ مٽ سندوم | مائڪ/ناز سنائي | 200/= |
| 135. | دل جو رستو | مور سنڌي | 100/= |
| 136. | ورجيسون | انجنيئر عبدالوهاب سهتو | 70/= |
| 137. | رهاڻ هيرن ڪاڻ (5) | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 100/= |
| 138. | تنترا | منير سولنگي | 80/= |
| 139. | سچل جا سلام | صوفي شفيع محمد سومرو | 50/= |
| 140. | سنڌڙي منهنجي جندڙي | گوبند مالهي | 200/= |
| 141. | شاهہ جون وايون | ڪلياڻ آڏواڻي | 100/= |
| 142. | ڳائي پيو جاڳائي پيو | استاد بخاري | 110/= |
| 143. | هي ڳجرا هي گولا | استاد بخاري | 70/= |
| 144. | پٽن اپريو سچ | مشتاق مٽواڻي | 200/= |
| 145. | تنهنجو اوسيئڙو اڃان | منير سولنگي | 80/= |
| 146. | موزون آکاڻين ذريعي جڙيل پهاڪا ۽ چوٽيون | انجنيئر عبدالوهاب سهتو | 70/= |
| 147. | ابيات سلطان باهو | ڊاڪٽر گل حسن لغاري | 150/= |
| 148. | سقراط | ڪوراميسن/ ظفر | 100/= |
| 149. | گرهوڙيءَ جو ڪلام | شمس العلماءَ دائودپوٽو | 300/= |
| 150. | منهنجي مختصر آتم ڪهاڻي | شمس العلماءَ دائودپوٽو | 150/= |
| 151. | سگمنڊ فرائيڊ | توراڪينہ قاضي / ظفر | 100/= |
| 152. | شاهہ عنايت شهيد | مور سنڌي | 140/= |
| 153. | دادن فقير جو ڪلام (پيو چاپو) | لال بادشاهہ | 250/= |
| 154. | سائنس ۽ سماج | ڊاڪٽر پرشاد/ظفر | 100/= |
| 155. | جديد سائنس | آئزڪ باسيموف/ظفر | 100/= |
| 156. | يادگار شخصيتون | جواهر لال نعرو/ظفر | 150/= |
| 157. | اترادي پهاڪا ۽ چوٽيون | انجنيئر عبدالوهاب سهتو | 100/= |
| 158. | شاهہ جو رسالو (وڏي سائيز) | ڪلياڻ آڏواڻي | 380/= |
| 159. | شاهہ جو رسالو (وڏي سائيز) | ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي | 320/= |
| 160. | مقدمہ لطيفي | ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي | 60/= |
| 161. | ادبي آئينو | ليکراج عزيز | 60/= |
| 162. | موروءِ خيرپور-ادب جو تقابلي جائزو | رحيمہ سيال | 250/= |
| 163. | شاهہ جي ڪلام ۾ هدايتون | ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ | 60/= |
| 164. | عروس ڪربلا | محمد صالح پٺي | 70/= |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| 165. | ادبي اصول | پروفيسر منگهارام ملڪاڻي | 50/= |
| 166. | واندڪائيءَ جي وندر | خالد ڀٽي | 80/= |
| 167. | نانڪ يوسف | چيتمل پرسرام گلراجاڻي | 60/= |
| 168. | جديد فڪر جو پيشوا گرونانڪ | امان شيخ | 60/= |
| 169. | ليليٰ جا خط | محسن ڪڪڙائي | 60/= |
| 170. | اڇو تہ ڪمپيوٽر سکون | حبيب سنائي | 60/= |
| 171. | صوفي ساجاهہ | صوفي قربان علي خاصخيلي | 150/= |
| 172. | قصص اللنبياء | حافظ احسن چنا/احمد خان آصف | 70/= |
| 173. | پاڻيءَ منجهہ پساهہ | شير محمد بلوچ | 60/= |
| 174. | سنڌي ادب جي تاريخ | لعل سنگهہ اجواڻي | 150/= |
| 175. | سنڌي نثر جي تاريخ | پروفيسر منگهارام ملڪاڻي | 150/= |
| 176. | شاهہ جو رسالو (ڊيمي سائيز) | ڪلياڻي آڏواڻي | 220/= |
| 177. | منهنجو وطن منهنجا ماڻهو | لوڪرام ڏوڏيجا | 200/= |
| 178. | تحقيق جو فن | ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ | 200/= |
| 179. | سنڌ جا اسلامي درسگاهہ | ڊاڪٽر محمد جمن تالپر | 350/= |
| 180. | سنڌي ٻال ساهتيہ | ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي | 250/= |
| 181. | ڪيئي ڪتاب | رئيس ڪريم بخش نظاماڻي | 700/= |
| 182. | آمهون سامهون | جميلہ هاشمي / لطيف اياز | 150/= |
| 183. | جيڪر مونکي قتل ڪيو ويو | ذوالفقار علي ڀٽو | 200/= |
| 184. | اي سنڌ چائي | ذوالفقار هاليپوٽو | 150/= |
| 185. | مان ڪير آهيان؟ | مشتاق چنگيزي | 150/= |
| 186. | ڀٽي جا آخري 323 ڏينهن | ڪرنل رفيع الدين/منصور عثمان | 150/= |
| 187. | مارئي ملير جي | سرمد عثمان | 150/= |
| 188. | رامائڻ | سنڌيڪار: ڀڳت راڻارام | 220/= |
| 189. | مثنوي رومي | جلال الدين رومي | 200/= |
| 190. | ڏوڙ دل تي درد جي | استاد بخاري | 150/= |
| 191. | ٽڙ ٽڙ ٽيڏيان ڳالهيان | استاد بخاري | 120/= |
| 192. | ڳالهيون پيهہ، ورن ۾ | آپا شمس عباسي | 200/= |
| 193. | تان ڪي ڏونگر ڏوريان | محمد صادق ميمڻ | 140/= |

## ڪتاب ملڻ جو هنڌ

آئيڊيل ڪتاب گهر، رابعہ اسڪوائر، حيدر چوڪ، گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ

Ph: 022-2780701 Mob: 0300-3946518

پوسٽل ائڊريس: پوسٽ باڪس نمبر 58، جنرل پوسٽ آفيس، حيدرآباد سنڌ




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



# اسان جو لطيف 1

شاهاڻو شاه

شاه جون سورميون

لطيفي سئر

مرتب

**ناز سنائي**

# اسان جو لطيف

[ياڳو پهريون]

**شاهاڻو شاهه**

لعل چند امرڏنومل جڳتياڻي

**شاهه جون سورميون**

نارائڻ داس ڀمڀاڻي

**لطيفي سئر**

ڀيرومل مهرچند آڏواڻي

مرتب

**ناز سنائي**


**سنڌي ساهت گهر**

حيدرآباد، سنڌ

2012ع

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

سنڌي ساهت گهر ـ ڪتاب نمبر 240

ڪتاب جو نالو: اسان جو لطيف [پاڱو پهريون]
شاهاڻو شاهه ـ لعل چند امرڏنومل جڳتياڻي
شاهه جون سورميون ـ نارائڻ داس ڀمياڻي
لطيفي سٽر ـ ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي
مرتب: ناز سنائي
ڇاپو: پهريون، 2012ع
ڇپائيندڙ: سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد
ڪمپوزنگ: راڻو خان ميگهواڙ سورج پرنٽرس، حيدرآباد
قيمت: 300/- (ٽي سؤ رپيا)

ڪتاب ملڻ جا هنڌ

سنڌي ساهت گهر

دُڪان نمبر ـ 4، سيد آرڪيڊ، عبرت گهٽي، گاڏي کاتو حيدرآباد، سنڌ.
Ph: 022-2780701 Mob: 0300-3946518

پوسٽل ائڊريس: پوسٽ باڪس نمبر 58، جنرل پوسٽ آفيس، حيدرآباد، سنڌ

- سنڌي ادبي بورڊ بوڪ اسٽال، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد 022_2633679
- يٽائي ڪتاب گهر، گاڏي کاتو حيدرآباد 0345_3587391
- رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو 0307_3471205
- عزيز ڪتاب گهر، بئراج روڊ، سکر 071_2007402
- قاسميه لئبرري، ڪنڊيارو 0300_3144668
- المنعم لئبرري 17_ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڪالوني ذوالفقار باغ لاڙڪاڻو 0333_7541193
- المهراڻ ادبي گهر، ٽاٽو روڊ، سانگهڙ 03000_2913588
- العزيز ڪتاب گهر، ٽر بازار، عمرڪوٽ 0238_570345
- ڪانياواڙ اسٽور، اردو بازار، ڪراچي 2638025, 2218025
- محمد عثمان عباسي، چنهياڻي، ڪنڊيارو 0306_3665563
- ايس اي بوڪ ڪارنر، سامهون وومين ڪاليج، اردو بازار، ڪراچي 0341_4317080

ASAN JO LATIF (Vol: I)
By: G. M. Sayed
Published by: Naz Sanai
Chairman
Sindhi Sahat Ghar, Hyderabad.
1st Edition October 2012
Book No: 240
Price Rs. 400/=

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ٻه اکر

”اسان جو لطيف“ جي سري سان هڪ نئين سيريز شروع ڪري رهيا آهيون. اُن ۾ ڪوشش ڪري لطيف سائينءَ تي ٿيل سموري تحقيق کي سموهڻ جي ڪوشش ڪنداسين. جيئن لطيف سائينءَ کي سمجهڻ ۽ اُن تي وڌيڪ تحقيق ڪندڙن لاءِ سهوليت ميسر ٿئي.

اُن سلسلي ۾ جلد پهرئين ۾ اسان جي ٽن سنڌي هندو عالمن جا ٽي شهر آفاق ڪتاب شامل ڪيا ويا آهن. جيڪي هن کان اڳ به ڪيترائي دفعا ڇپجي اٽلپ ٿي چُڪا آهن. هِن ڪتاب ”اسان جو لطيف - 1“ ۾ اوهان کي اُهي ٽئي ڪتاب هڪ هنڌ پڙهڻ لاءِ ملندا.

لعل چند امرڏنومل ڄڳتياڻي جو ”شاهاڻو شاهه“، نارائڻ داس ڀمڀاڻيءَ جو ”شاهه جون سورميون“ ۽ ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جو ”لطيفي سئر“ ٽئي جدا جدا نوعيت جا ڪتاب هئڻ جي باوجود به لطيف سائينءَ جي شخصيت ۽ ڪلام تي مختلف زاوين کان تحقيق ڪيل آهي، جن کي پڙهندڙ جڏهن پڙهندو ته سندن دلين ۾ لطيف سائينءَ سان جيڪو پيار موجود آهي نه رڳو اهو وڌندو پر خود هنن ڪتابن جي ليکڪن لاءِ به دل ۾ عزت ۽ احترام پيدا ٿيندو.

حيدرآباد
31 آڪٽوبر 2012ع

**ناز سنائي**
03003946518

# سنّاءُ

## [اسان جو لطيف ـ 1]


| | | |
|---|---|---|
| * شاهاڻو شاهہ | ـ لعل چند امرڏنومل جڳتياڻي | 7 |
| * شاهہ جون سورميون | ـ نارائڻ داس ڀمڀاڻي | 65 |
| * لطيفي سئر | ـ پيرومل مهرچند آڏواڻي | 121 |

# شاھاڻو شاھ

لعل چند امرڏنومل جڳتياڻي

پنهنجي پياري ناني
سرڳواسي ديوان رامچند
ولد ديوان مولچند لالواڻي
جي نمت
ارپيم.

مصنف

# مـنـڍ

ماءُ ڇٽيندي پٽڙا ڀاڳ نہ ڏيندي ونڊ. لکندڙ بہ ڪتاب گهڻيئي لکي وجهي. پر ڀاڳ جي ونڊ ڪا ڏيئي سگهندن! هڪي ڪتاب تي شايد محنت بہ ڪا پوري سوري ڪئي هونداٿين تہ بہ ڇاپي ۾ اجهو آيو رهيو. ٻئي ڪتاب تي نور نہ ڪٿي نچوئي، تہ بہ اهڙو سٽرو نڪري نروار ڇو ٿو ٿئي؟

هن رسالي لکبي ڪي ٿورڙا ڏينهن ڪين ٿيا. هن کان پوءِ ٻيا رسالا لکيا، سي ڇپيا، سي نيڪال ٿيا. پر هن سدوري جي ڪرمن جون ڪهيون، تن ڪي اهڙيون ڪي ڏاڍيون ڏهيون اچي ويون هيون، جو هيلتائين وڃيون ئي نٿي. ڪي چوندم وڏن گهر وڏا وياؤ. بيشڪ. پر پٽ جوان مڙس ڪنوارو وينو رهي، سا ڳالهہ جس ڀري نہ آهي. مٺي جواني جوان جي هوند انهيئي سڙي وڃي. رسالو بہ لکيو تيار ٿي پيو هجي، ۽ ڇپجي بہ نہ. تہ شڪ نہ آهي اڌوهي کائي وجهس. اُن ڪري وڏا ودوان پانهنڻ سروڻ پڇائي، هن رسالي جي ڪين ڇٺي جنم پٽري ڏيکاري، سڀَ لڳن ۾ ڪٿي سنڌي ساهت سوسائٽيءَ کي پرٿيو تيمانس. تڏهن وڃي ڪرمن مان ڪاڻ لٿي اٿس، ۽ جيئن تيئن سندس موک ٿي آهي.

گهوٽ گهوڙي تي چڙهيو تہ سندس ڳالهائڻ تي ملهہ پيو. اُن ڪري ڇاڇي ماڇي جيڪو ڇاهي تہ گهوٽ مون سان ڳالهائي، تہ مهرباني سندس، هٿين خالي نہ اچي.

٢٤- سيپٽمبر ١٩١٤ع
حيدرآباد. سنڌ.

**لالچند امر ڏنو مل جڳتياڻي**

# شاهاڻو شاهہ

آخوند گل محمد پنهنجي ديوان گل ۾ چيو آهي:

تو منجهان جڳ کي مليو رحمان فيض،
جن ملڪ حيوان ۽ انسان فيض.

●●

لعل ٿيو لاهور لالن تو ڪنان،
مفت نئون محبت منجهان ملتان فيض،
سال ٿيو سرهنّد تنهنجي صدق ۾،
تو ڏنو تبريز ترڪستان فيض.
ٿئا خراساني تنهنجا خالص خلوص،
علم ۾ ان ڪان ڏٺئو ايران فيض.
چاهہ تنهنجي ۾ ٿئا چشتي چڱا،
ياد تنهنجي ۾ لڌو يونان فيض.

تنهن ۾ بہ:

سنڌ کي توڪان سرئو سيڪي سخي،
خوب ونٿو ساري هندستان فيض.

ان ڏس ۾ سنڌ سان خاص وڙ ٿيو آهي، ان ۾ تہ ترماتر بہ شڪ ڪونهي. ڳوٺ ڳوٺ ڪو وچي ڦري ڏسي: سنڌ جي اهڙي ڪنڊ ڪڙڇ رهي ڪانهي، جتي هڪ نہ ٻئي پير يا اولياء جو مقبرو نہ آهي. وري اُهو مهينو ڀالهو ڪونهي، جنهن ۾ هڪ نہ ٻئي فقير جي درگاهہ تي ڏام ڏوم سان ميلو نٿو لڳي. سنڌڙي هونءَ گريبڙي، پر هي جو شرف مليو اٿس، تنهن جي برڪت سان سندس شان سيئنان

سرس آهي. سندس مان مڙنئان متي آهي. سونهاري سنڌ جي انهن ساء لوڪن نہ رڳو اول درجي جي فقيري ڪمائي آهي. پر شاعريءَ جو دم بہ هنيو آهي. اسان اوير وارن جي عقل پٽاندر شعر جي معنيٰ ئي ڄاڻڻ يا پروڙڻ آهي. ۽ شاعر اهو آهي جنهن کي اها ڏات ڏسن جي ڏاتار پنهنجي گنج پربور مان پري ڏني آهي: ۽ هونءَ ئي اسان وٽ شاعر ۽ وليءَ جي وچ ۾ فرق خير ڪو سمجهڻ ۾ ايندو آهي. ڇو جو سنڌ رهت پهت مان ئي پڌرو آهي تہ پٽي الهي اسرار ۾ عرق آهن. ۽ ٻنهي کي جهان جي ڳجهي ڳجهارت پيڄڻ جوا عليٰ عهدو عطا ٿيل آهي. پوءِ اهو شاعر ڪهڙو جو سڀ شئي جي معرفت شان الهي ۽ حسن خدائيءَ جو ساکي نہ ٿئي؟ اهو شاعر ڪهڙو جو ماڻهن ۾ ۽ مرن ۾. ندين ۾ ۽ نارن ۾. سمنڊن ۾ ۽ ساگرن ۾. جهنگلن ۾ ۽ ٻيلن ۾. جبلن ۾ ۽ ٽڪرن ۾ ڏٺيءَ جو ڳجهہ نہ پروڙي. سچو شاعر:

"مروئان موران پکئان وائي ٻي نہ ٿو ٻولي.

۽ هو چاٿي ٿو تہ:

"هو هلاچو هل سيوئي سندو سڄڻين"

پيو هلي. ان ڪريئي شاعر سياڻو سڀ شئي تي عاشق آهي. ۽ عاشق صادق وانگر هر شئي جي هو صفت پيو ڳائي: پڻ هو مثل ڪمانگر جي آهي. ۽ ڪمانگر وانگر شين کي نت زباني رنگ پيو ڏئي.

سندس لاءِ هر وقت ۾ وروڻهن آهي. ۽ سڀ منڊ ۾ مؤج آهي. وسئن ۽ ويراني. سوڪ ۽ ٻوڏ. سيارو ۽ سانوڻي. سين ۾ هو سائينءَ سگوري جو هٿ پيو پسي. ۽ هن جي وڏي وڏائيءَ جو وڏو ويچار ڪيو. هر وقت پيو هسي.

هر ويل. هر هنڌ. سندس هوش جاءِ آهي. ۽ جاچ جو بہ هو بلڪل جبرو آهي: ۽ نہ رڳو جاڳندي هو چست آهي. پر ننڊ ۾ بہ هو قرت آهي.

مطلب تہ هو ڪڏهن بہ ڪڪ نٿو گذاري ۽ سدائين تن تنبورو ڪيو. پنهنجي حال ۾ مست ٿيو. مزي ۾ حياتيءَ جا ڏينهن پيو گهاري. ان ڪري ڪڏهن بہ ڪنهن اوپر واري شاعر جو شعر پڙهجي. تہ هيءَ ڳالهہ سدائين ڏيان ۾ رکڻ گهرجي تہ مراد سندس سدائين اعليٰ آهي. ۽ شاعر رڳو حق جي نرواري پيو ڪري.

پر هن رسالي ۾. شاهاڻي شاهہ جو ان مد نظر تي رڳو متاڇرو ويچار ڪرڻو آهي. باقي سندس علمي لياقت ۽ بلند ۽ باريڪ خيالن کي ظاهر ڪرڻ جي جا قابليت آهي. اُن کي سو چڱيءَ ريت جاچي ڏسڻو آهي.

ooo

# شاهه جي ساري رسالي تي نقطه چيني‌ءَ جي نظر

هندوستان جي راڳ وديا انوسار مڙيئي ٦ راڳ ۽ ٣٦ راڳڻيون آهن. شاهه صاحب جي رسالي ۾ به ڪجهه سُرن تي صلوڪن راڳن جا نالا آيا آهن. باقي ٻچيلن تي وري، مضمون ڏسي، پوءِ نالا وڌا ويا آهن. ۽ ائين دهليءَ جي ٻن استادن اٽل ۽ چنچل جي صلاح سان ڪيل آهي. اهي به استاد شاهه صاحب جي حضور ۾ رهندا هئا. ۽ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي معرفت سائنس واقف ٿيا هئا. جون ٿا ته ٻئي جڏهن ويهي ونس ڳائيندا وڄائيندا هئا. تڏهن ٻاڻ هٿن جا ننهن ننهن تي هٿي پيو تال وڄندو هو. ۽ راڳ جي ٻڌڻ ۾ ڏاڍو محو ٿي ويندو هو. پوءِ درد به اٿي ته خوشي به اٿي. سرهو به پيو ٿيندو هو. ته اکين مان ڳوڙها به پيو ڳاڙيندو هو.

پر هينئر جيڪو "شاهه جو رسالو" هالو چالو آهي، تنهن ۾ نجوئي شاهه صاحب جو شعر نه آهي. خصوصاً سُر ٻيراڳ ۽ سر بسنت بهار، سر هير رانجهو ۽ سر ، ڀيهن ڪيڏارو، سر ماروئي ۽ سر ڊول ماروئي، سر پورب ۽ سر ڏنا سري، سر ڪاموڏ ۽ سر ڪارايل، اهي ڏهه سر سارا ئي سندس نه آهن. ان ۾ ڪجهه جيترا بيت آهن، جي شايد، ڳائڻا ۽ فقير جي ونس ڳائيندا وڄائيندا هئا. تن جا چيل آهن ۽ شاهه جي رسالي ۾ درج ٿي ويا آهن جو ڪاتبن سنڌو سيڙهو ڪيو ئي ڪونهي. جيڪو جيڪو شعر شاهه جي حضوريءَ ۾ ڳاتو ويو آهي - ڇا خود شاهه صاحب جو، ڇا ٻين ڳائڻن جو - سڀ ڪنو لکندا ويا آهن. پر جي ڪاتبن ڪان ائين ٿي ويو آهي، ته تعليم ڪاتي وارن به ان ڏس ۾ سڌارو خير ڪو ڪيو آهي. اٽلوئي اٽڪل ٩٠٠ ڪافيون ۽ بيت خود شاهه صاحب جا چيل، جن جو جهڙو آهي مفيد مضمون تهڙي آهي عمدي عبارت، سي سرڪاري رسالي ۾ آندا ئي نه اٿن.

انهيءَ رسالي جي بي هيءَ خامي اهي. جو بيت پنهنجين پنهنجين جاين تي برابر بيٺل نہ آهن. هڪڙي سر جا بيت ٻي سر ۾ اچي ويا آهن. ڪن بيتن ۾ ڪي مصرعون اهڙيون بہ آهن. جن جو قافيو برابر نہ آهي، ۽ ڪٿي ڪٿي تہ لفظن ۽ مصرعن جون پڙهڻيون بلڪل غلط آهن. جنهن ڪري بيت ڪجسا ۽ بلڪل بيتا لاٿي پيا آهن. گهڻن هنڌن يا تہ ڪيترا لفظ ٻيل ٿي ڪينهن، ۽ مصرعون هلڪيون پيون لڳن. يا تہ مصرعون اصل عدم پيدا آهن. ڇڪن جون منجهس ڀاڄهون لڳيون پيون آهن. ۽ هيترين منجهس خاميون آهن، تہ بہ ائين ڪونہ چئبو تہ اهو ڇاپي وارو سرڪاري رسالو سنڌين ڪي نٿو وتي. ٿوري عرصي اندر ئي جو ٻيو ڀيرو ڇاپي ۾ آيو آهي. تنهن مان ئي پڌرو آهي تہ سنڌي چاهہ سان پڙهنس ٿا. ۽ هنن اُن ڪي واسي ڏوهي جاري تي رکي نہ ڇڏيو آهي. سبب هي آهي جو شاهہ صاحب جي شعر ۾ ڪئين خوبيون ۽ خاصيتون آهن. جن ڪين موهي ڇڏيو آهي.

○○○

# شعر جي خوبين تي
# ڪنو ويچار

(١) تہ "شاھہ" جھوني ٽين جو بنھہ آھي. سندس شعر پڙھہ تہ منجھائنس نت نئون مزو پيو اچي. سبب ھي آھي جو شاھہ صاحب جيتوڻيڪ مسلمان آھي. ۽ عربيءَ ۽ فارسيءَ مان چڱو واقف ٿو ڏسجي. تہ بہ پنھنجي شعر ۾ گھڻو ٺيٺ نج سنڌي لفظ ڪتب ٿو آڻي. مثلاً "وحدت، وجودي" وارو ڳوڙھو خيال تہ جيڪي آھي سو "ھڪ" ئي آھي. ۽ ساري پرتويءَ نہ ساريءَ جوڙ ۾ ھڪ جو ئي جلوو آھي. ڪھڙو نہ سولن ۽ رواجي لفظن ۾ وجھي نروار ٿو ڪري. جي:

ڪوڙين ڪايائون نمھنجون لکين لک ھزار.
جيءُ سڀ ڪنھن جيءَ سڀن درسن ڏارون ڏار.

●

سوھي، سو ھو. سو اجل. سو الله.
سو پرين. سو پساھہ. سو ويري. سو واھرو.

●

گل گل پسي گودڙيا گھڻا نہ پائيج.
سوئي سڃاڻيج، ھي ھو آھي ھيڪڙو.

۽ جي موادي فارسي ۽ عربي لفظ تصوف جي نرواريءَ لاءِ درج ٿو ڪري. تہ آھي سنڌي اصطلاحن سان اٿين ٿو ڦھڪائي بھاري. جو ڇڻ جڙت ٿو جڙي ۽ موتي ٿو پوئي. مثلاً ھينان بيت آھن. جن ۾ بہ ساڳيو "وحدت وجودي" وارو خيال ٿو آڻي:

عاشق ڇؤم اُن کي. م ڪي چؤ معشوق.
خالق ڇؤم خام تون. م ڪي چؤ مخلوق.

●

وحدت تان ڪثرت ٿي ڪثرت وحدت ڪل.
حق حقيقي ھيڪڙو ٻولي ٻي نہ ٻل.

●

۾ جاءِ مٿ ڪري، يا هڪڙي لفظ بدران ٻيو لفظ ساڳيءَ ئي معنيٰ وارو آڻي، سڄي بيت جو قافيي جو قافيو ئي ڦيرائي ٿو ڇڏي. سو تہ هيڪاري سندس شعر کي ڪٽي ٿو ڇڏي.

مثلاً هيٺيان بيت آهن، جن ۾ اجي "منهن موچارن. اندر ڪارن" تي پيو آهي. چي:

منهن تہ موسيٰ جهڙو عادت ۾ ابليس،
اهڙو خام خبيث ڪڏي ڪوه نہ ڇڏئين.

●

منهن تہ موسيٰ جهڙو سيرت شيطاني،
بازي بيراني ڪڏي ڪوهہ نہ ڇڏئين.

سر سراڳ ۾ ٻه اهڙي نموني روا بيت جهجهائي آيا آهن. ٻي فصل ۾ "هڪي ٻانهي چت ۾. ٻي صاحب سنواري" ان تي اچي پيو آهي. ڇا ٿو چوي؟

هڪي ٻانهي چت ۾، ٻي صاحب سنواري،
دنگي هن درياهہ مان هلائي هاڪاري،
ترازو تاري سٽڙ سيبئي ڪري.

●

هڪي ٻانهي چت ۾، ٻي سنواري صاحب،
ڪڏي اونهي ڪن مان اي آڳي جو عجب،
ايءُ سائينءَ جو سبب جئن ٻڌا اڪاري ٻار مان.

●

هڪي ٻانهي چت ۾، ٻي جا ڪري الله،
ٻاٽهي وجهي ڪن ۾، ٻاٽهي اڪاري اوڙاهہ،
تنهن واحد کي واهہ! جو سٽڙ سيبئي ڪري.

●

هڪي ٻانهي چت ۾، ٻي جا الله ڪري،
ٻاٽهي وجهي ڪن ۾، ٻاٽهي ڪنڌيءَ ني،
سٽڙ سي ڊوئي جي ترُ توائي مڪڙا.

وري هي بيت سر سامونڊيءَ ورا آهن، جن ۾ سامونڊين جي اُسهڻ تي ورلاپ ٿو ڪري، چي:

مون اُپي ترُ وٽ ٻرين پڳهہ ڇوڙيا،
ڪا مون ۾ گهٽ، نہ نہ سڄڻ سڀاجها گهڻو.

●

مــون اُيي تڙ هيٺ پرين پڳهـــ چــوڙيا،
ڪا مونهين ۾ڏيٺ، نہ تہ سڄڻ سپاجها گهڻو.

●

مــون اُيي تڙ جــهل پرين پڳهـــ چــوڙيا،
ڪا مونهين ۾ آل، نہ تہ سڄڻ سپاجها گهڻو.

●

مــون اُيي تڙ پاس پرين پڳهـــ چــوڙيا،
هو الله آهار اوهريا آئون دم دم دعا ڪندياس،
آهہ نہ لاهينديا‌س، مـوتي ايندا مـون گـهرين.

اهو رستو اهڙو منو آهي، جو سندس شعر وري وري پڙهہ تہ بہ ماٺهو ڪڪ ئي نہ ٿئي. هڪڙا ڳالهہ کي وڌائي ورهيہ ڪندا آهن، تہ ٻڌندڙ کي چڙ پيئي وٺندي آهي، پر شاهہ جي اُپٽار اهڙي آهي، جو منجهائنس پاڻ مزو پيو اچي.

(٥) لنبي چوڙي ڳالهہ کي ٿوري ۾ چٽائڻ جو بہ اُستاد آهي. سسئيءَ تي يا تہ سڄا سارا پنج سر ڏيئي ويو آهي، يا تہ ساريءَ ڳالهہ جو مطلب ٻن تڪن ۾چٽائي ٿو ڇڏي. چي:

سِرجي تان سور ساماٽي تان سک ويا،
اُهي ٻئي پور نماٽيءَ نصيب ٿيا.

گوادر ۾ موڪيءَ نالي هڪ عورت کي گتو هوندو هو، تنهن جي شراب واري مٽ ۾ هڪ لڳا هڪ سپ وڃي سري پيو. جنهن جي مائيءَ کي سڌ رهي ڪانہ. گراهڪ جي وٺس آيا تن کي مائيءَ انهي مٽ مان پٽ پري پياريا. هنن يارن پيالا چاڙهيا، ۽ ڍيري تي پئجي رهيا. انهيءَ ڳالهہ تي بہ نہ تہ ڳچ جيترا بيت ڏنا اٿس، پر ساريءَ جو سار پڇاڙيءَ منجهہ ٻن تڪن ۾ آڻي ٿو پورو ڪري. چي:

مـوڪيءَ سندي مٽ ۾ سـري سپ پيـو،
اِي قضا ڪم ڪيو، ڪونهي ڏوهہ ڪلال جو.

(٦) شاهہ جو شعر سنجيدو ۽ سوادي، سک پريو ۽ سريلو حد گهڻو آهي، ۽ جيتوڻيڪ ڪيترن هنڌن لفظن تي ڏاڍيون تجنيسون ڪيل آهن، ۽ ڏاڍا مزي جهڙا بيت ڏنل آهن، تہ بہ منجهن اندروني مطلب ڏاڍو ڳوڙهو رکيل آهي. سر سهڻيءَ ۾ سهڻيءَ جي واتان ٿو چوارائي:

ڪنڌ تي ڪاتي جا وهائڻ ٿو ڏئي. تنهن مان هن کي فائدو ڪهڙو ٿو رسي؟ سندس من ترشنائون پڇهي ٿيون وڃن. هاڻ صوفي سڳورا چاهيندا آهن، جو ائين اُمالڪ نہ ٿئي، ڏيري ڏيري اُن تي ٿيندي وڃي. ڇو جو سپاويڪ آهي تہ شيءِ ڪشالي ۾ مٽا ڪٽ سان ٻڙ ٻي ٿي، تنهن جو قدر هرگز گهٽو ٿو ٿئي. هن بيت ۾ بہ ساڳيوئي خيال نروار ٿيو آهي.

(۷) ٻيو ٿو ڏئي پروليون. لفظن ۾ اُن جي آهيئي ڪين. پر سندن ارٿ ڏاڍو اونهو آهي. سر سراڳ ۾ ٿو چوي:

ماڻڪ منڌ هٿان پيتيءَ ۾ پرزا ٿيو.
سچو تان، سيد چئي، لهي لک سوا.
پڳي پچاٽا پدمنئان پري ٿيو.

●

وياسي وينجهار هيرو لال ونڌين جي،
تنين سندا پويان سيئي لهن نہ سار.
ڪنين ڪٽ لهار هائي انهن پيٽئين.

۽ سر آبريءَ ۾ سسئيءَ کي ٿو چوي:

ويهہ مَ منڌ پنيور ۾، هاڙهي هڏ مَ هل.
ڪوڙي ڪچ م ڪڌهين، سچي ڳالهہ م سل.
جانب لي م جل، سور وسارم سسئي.

سر آسا ۾ بہ ساڳئي نموني وارا هي بيت ٿو ڏئي. چي:

ترڪ ڪر ترڪ کي وڃڻ ڪنان وڃ.
آهي ايءُ اُهج، سٽي سٽائيج تون.
وڃي رس وڃڻ کي، وڃڻ ٻڻ وڃاءِ.
لوڪان پاڻ لڪاءِ، لڪيان ٻڻ لڪيج تون.

●

حد ٿو ڪري سر ماروئي ۾، جتي چوي ٿو:

آءُ بندياڻي بند ۾، ڪہ آءُ ٻيس بند؟
مونهين لڳو ميهڻو، ڪہ مونهين ڪڙو ڪنڌ؟

بس وينو ڪو سلي.

سَئي نمائي ٿ. تنهن کي وري ڏسو ڇا نہ شرف تو ڏئي! ڏسي تہ ويچاري ڪيئن ڪپڙا سبي. خلقون پيئي پهرائي. پر پاڻ اگهاڙي جي اگهاڙي ئي رهي. تڏهن تہ چوي:

پاڇاهي نہ پاڙيان سرتيون سئيءَ ساڻ،
ڍڪي اگهاڙن کي ڪين ڍڪيائين پاڻ.

(١٠) وڏي خوبي سندس هيءَ آهي، جو جدا جدا نمونن ۾ جدا جدا ماڻهن جي واتان، عشق الاهيءَ جي باب ۾، ڏاڍا تہ غضب جا ڏوهيڙا ۽ لوڙائو ڏئي، ۽ اورڻ اهي تہ اوري، جن ٻڌي دل درد ۾ ڳريو وڃي، ۽ من شاعر جي سوز واري خيال ۾ محو ٿيو وڃي. ڪٿي ڏس تہ سسئي ٿي، لوڪائي لڄ لاهي، پنهونءَ پنيان ڏونگر تہ ڏوري، ڪي ڏس تہ مومل ٿي، راتين جون راتيون راڻي جي اوسيئڙي لڳي، اکين کي اوجاڳا تہ ڏئي. ڪٿي ڏس تہ ماروئي ٿي، عمر ڇي ڪوٽ ۾ ويهي، ملير ملڪ ۽ مارو ڙا تہ سنڀاري. ڪٿي ڏس تہ ليلان ٿي، نيٺ مٺي کي مچ ۾ وجهي، چنيسر ڪاڻ، ڳوڙها تہ ڳاڙي! ڪٿي ڏس تہ سهڻي ٿي، سياري سيهہ رات ۾، ساهڙ ڪاتر، ڪاريهر ڪن تہ تري. ڪٿي ڏس تہ گندري ٿي، سمي ڄام کي حرفت سان هيرائي هٿ ڪري ساڻس سهج تہ ڪري. ڪٿي ڏس تہ سورٺ ٿي، راڳ تي ريجهي، ڪناريءَ سان ڪنڌ ڪپي تہ ڏئي. ڪٿي ڏس تہ "لوني" تي ڪارا ڪپڙا اوڍي، مير حسين تي ماتم تہ مچائي. ڪٿي ڏس تہ ڪاپائتي ٿي، آتڻ ۾ ويهي چاهہ مان چرخو تہ چوري. ڪٿي ڏس تہ ڪن ڪٽ ڪاپٽ ڪاپڙي ٿي، طمع کي ترڪ ڪري، ويهي رام تہ ريجهائي. مطلب تہ نوان نوان ويس ۽ ورن ڍڪي، ويهي اندر جو حال تہ اوري، ۽ روح رهاڻ ڪري، ۽ پلتون پلتيندي، لاهوت بہ لنگهي، وڃي هاهوت کي حد تہ ڪري. ۽ نيٺ پاڻ سڃاڻي، پرم پد پائي، ائين تہ ڄاڻي، تہ:

ٻڙاڏو سو سڏ، ور وائيءَ جو جي لهين،
هئا اڳهين گڏ، ٻڌڻ ۾ ٻہ ٿيا.

●

پاڻ پردو پاڻ کي سٽي ڪر سنيال،
وڃان جو وصال، سو تان هئڻ هن جو.

●

پاڻ پردو پاڻ کي طالب سٽج تون،
نڪا هان نہ هون پردا سڀ پاسي ٿيا.

●

۾ هي اشارو پڻ ڏنو ڪري، تہ ان اندر وارين اکين ۾ سوجهرو تڏهن ٿو پوي. جڏهن ڪامل مرشد مهر جو هٿ ٿو ڌري.

بي هيءَ ڳالهہ ڳوڻاٽا ڪٿندا آهن تہ هڪ لڳا سانوڻيءَ ۾ پاڻي جا بحر ڦٽي پيا. ۽ جهر جهنگ پاڻي پاڻي ٿي پيو. تنهن تي ڳچ جيترين مڇين پنهنجا جهونا ماڳ ڇڏي اچي هڪ نئين تلاءَ ۾ ديرو ڄمايو. نئين شيءِ مان سپاويڪ گهڻو مزو ايندو آهي. هيڪاري اها شيءِ هيڪاندي هٿ اچي ويندي آهي. تہ پنج ئي آڱريون گيهہ ۾. چڻ ساڃي لڳي آهي. هنن مڇين کي بہ هيڪاندو تلاءُ ملي ويو. نن ڏاڍا پئي منجهنس چوج ڪيا ۽ مزي ۾ ڏينهن گذاريا.

پر مند ڦري تہ تلاءُ مان پاڻي سڪندو ويو. اتي مڇين اکيون پٽيون ۽ صلاح ڪئي تہ موٽي ماڳ هلجي ۽ وڃي اصلوڪو وطن وسائجي. پر هڪڙي منجهن هئي، جا مڇي مڇي ڳوهہ ٿي پيئي هئي، سا چوي "آئون ڪا هي تلاءُ ڇڏيان." گهڻو ئي سمجهايائونس ڪيائونس پر هن کي هوانڌ. چوي "انهيءَ ترڻ تيل ئي نہ پوي جو آءٌ اوهان ساڻ هلان." آخر ڪم اهڙو ٿيو جو تلاءُ جو پاڻي سمورو سڪي ويو، ۽ هن هنيليءَ جو ڏاڍو برو حال ٿيو. شاهہ صاحب اها ڳالهہ سر ڏهر ۾ هيئن ٿو آڻي:

مـتـو آهين مڇ تـلـهـو تي تـو ٺـونا هٿين،
جـا تو ڏني اڄ تنهن پاڻيءَ پنا ڏينهـڙا.

●

جـان واهڙ ۾ وهـ تان تون نہ مـوٽـيـو،
ڪائي ۾ ڪوهہ ڪرئين پوءِ موٽڻ جو پهہ؟
سر مٿي تون سهہ مهميزون ملاحن جون.

●

جان جو هئڙو جال تان تون مڇ نہ موٽيو،
پونيئي اڄ ڪ ڪالهہ سانپويون سانگن جون.
جان جر هئڙو سير تان تون مڇ نہ موٽيو،
آڏا اڏيئي ڪير، گهٽ بہ جهليئي گهاٽئين.

۽ ان جي وسيلي طالب کي هيءَ ٿو چيتيءِ ڪري تہ جڏهن وجهہ هوءِ مايا جي مهراڻ مان باهر نڪرڻ جو تڏهن ڪيئي تنگاماٽي، هاڻ جڏهن راهون رد ٿي ويون اٿيئي، ۽ چار ۾ چؤ ڪنيو ڦاسي ويو آهين، تڏهن ٿو پهہ ڪرين تہ باهر نڪران. اجابو ٿو پاڻي ولوڙين. وينو هٿ هڻ ۽ ڪرم پٽ.

جاجر جائن نہ ڏئي، ڏايا نہ موهي،
سڏون کوه کري، سا پنهنجي ڪانڌ جون.

هن بيت ۾ وري هڪ سوڻ جو اشارو ٿو ڪري جو هندو عورتون ڳنڊيندڙيون آهن. گهر وارا سندن ٻاهر هوندا آهن ۽ وٽائن ڇني ڇپاتي نہ ايندي اٿن تہ ويچاريون اٽي جا ڏيا ٻاري وچي درياهہ تي ٽاريندڙيون آهن. پوءِ جي ڏيا واٽ تي وساڻا نہ ۽ سلامت وچي پار پهتا تہ سمجهنديون تہ گهوٽ اسانجا چڱا ڀلا آهن ۽ ترت اچڻ وارا آهن. نہ تہ سؤڻ ئي ابتو ٿيو.

سو شاهہ صاحب چوي ٿو تہ جيڪا عورت درياهہ تي پيرو نہ ٿي ڪري، ۽ ڏيا موهي اُتي نہ ٿي تاري، سا وري ڪانڌ لاءِ سچي سڏڪوهہ ٿي ڪري. مراد بيت جي هيءَ آهي تہ جي ڪنهن ڪان پرينءَ لاءِ پاڻ پتوڙيو نہ ٿو ٿئي تہ پرينءَ جي پچار وري ڇا لاءِ ٿو ڪري. اهڙي سچي عاشق کي ڪپي تہ نينهن جو نانءُ نہ ڳنهي.

(١٢) سندس شعر ۾ اهڙو ڪو جادو آهي، جو پڙهندڙ جدا جدا اکرن جو ارٿ سمجهي نہ سمجهي، تہ بہ ڪيترن هنڌن جوهر سارين سٽن جو تہ هرگز جهٽيو وٺي، ۽ شاعر جو خيال سندس هنيانو ۾ گهڙيو وڃي. نہ تہ بہ پڙهڻ ۽ ٻڌڻ مان ڪيس نهايت مزو تہ پيو اچيئي اچي. سر آسا ۾ اهڙا بيت جهجها آهن، ڇا ٿو چئي؟

اک الٽي ڏار، وانءُ الٽو عام سين،
جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهہ اوڀار،
منجهان نوچ نهار، پُر پنيرو پرينءَ ڏي.

●

سرمو سياهيءَ جو رنن کي رهاءِ،
ڪاني ڪارائيءَ جي مڙس تي مَ پاءِ،
اکين ۾ اتڪاءِ لالائيءَ لالن جي.

●

سرمو سفيديءَ جو جڏهن وڌو جن،
تڏهن ڏٺي تن اجائي عالم ۾.

(١٣) ميناج ۽ رس، شعر سندس ۾، وري اهڙو آهي، ۽ عبارت اُن جي اهڙي سٺي ۽ گهري آهي. جو نڊيو وڌو اُنس اکن چڪن آهي. اهڙو ڪو سندس شعر سنڌين کي ڇلي وڌو آهي، جو گهڻا پيرا ڏٺو ويو آهي تہ ڪافي ڪري ڪنهن ٻئي

ڪامل فقير جي چيل ھوندي آھي، تہ بہ ڪانئن، ڳائڻ مھل، ڀِٽ ڀَڄارڙيءَ واري تڪ ۾، از خود "اديون عبداللطيف چئي، لالون لال لطيف چئي،" نڪري ويندو آھي.

(۱۴) خيال سندس ڳوڙهو ۽ زور ڀريو آھي. اُن ڪري ڪيترا ڪيس "سنڌ جو حافظ" ڪري ڪوٺيندا آھن. بيشڪ اُھو ان لقب جو لائق آھي، ۽ چئجي تہ ڪن صورتن ۾ حافظ کان بہ گوءِ کٽي ويو آھي، تہ بہ جڳائي، ڪيئن جو حافظ جي شعر ۾ ظاھري خوشي ۽ طبع جي ھلڪائي بلڪل گھٽي آھي، ۽ عشق جا خيال جيڪي شاعر نروار ڪيا آھن، تن ۾ ليڪو لنگھي ويو آھي، جنھن ڪري آدمي اشراف، "اخلاق جي عشق ۾ سرگردان صاحب" پڙھنس تہ ايئين ڀيا پائين، جو شاعر ڪو وڏو شرابي ۽ پڪو رند آھي. پر شاھہ صاحب جو شعر اھڙو سنجيدو ۽ ڏيان وارو آھي، جو ڀِجا ملو ڀِجا قاضي پڙھنس، تہ جي انُ ڀِڃو نہ، تہ بہ گھٽو ٿٿو تہ اوس سمجھن تہ شاعر وڏو الله وارو اشراف آدمي آھي. حافظ، ارسطوءَ وانگر يڪدم وينو اھڙيون چوھہ واريون ڳالھيون پڌائي، جو عشق جي باھہ اُمالڪ وچڙيو وڃي ۽ پڙھندڙن جو مغز تپيو وڃي. پر لاڪيٽو لطيف سقراط وانگر، ڌيرج ۽ سانھہ ستيءَ سان ور وڪڙ ڏيئي، مٺن ۽ سهٽن مضمونن ۾، وڏيڪ سوال جواب ڪري، دل کي پرڀائي، آخر اھڙي اٽڪل سان اچيو پنھنجي ڳالھہ تي بھاري، جو ھنياوَ کي چڪيو وني. سر آسا ۾ ھڪ ھنڌ ٿو چوي "اڇرج تہ ڏسو. ھن سنسار جي ساگر ۾ اُجلائي بہ مون کي پاڻ وڏو اٿس، وري چويم بہ پاڻ ڀيو تہ ڀلؤ متان پسائيندو آھين."

مونکي مون ڀرين ٻڌي وڏو ٻار ۾،
اُيا ايئن چون، مڇڻ پاند پسائين.

ڀلا ھيءُ بہ ڪو نمونو آھي؟ پاڻيءَ اونھي ۾ ٻينو رھبو، ۽ ڀلو نہ پسندو؟ سو سالڪ ڪمائيءَ واري صاحب کي ٿو وينتي ڪري تہ تون ڪو پنڌ پيچرو ڏس، ۽ تون ڪو ڏس ڪر ڏي.

پيو جو پاتار سو ڪيئن پسڻ کان پالھو رھي؟
سالڪ مون سيڪار ڪو ڀھہ انھيءَ پاند جو.

ٻوءِ، اُتيئي، اُن جي جواب ۾ وني ٿو ھينيان بيت ڏئي، چي:

ڪر طريقت تڪيو، شريعت سڃاڻ،
ھنئون حقيقت ھيرئون، ماڳ معرفت چاڻ،
ھو ٿابوتيءَ ساڻ نہ پسٽان پالھو رھين.

تون سپڙ، آءُ سيڪڙو. تون ڏاتار آءُ ڏڏ.
سـٽي تنهنجـو سـڏ ڪلهي پاتم ڪينرو.

●

تون سپڙ، آءُ سيڪڙو. تون ڏاتار، آءُ ڏوهه.
تون پارس، آءُ لوهه، جي سجين ته سون ٿيان.

●

ڏاتار ته تون پيا مـڙيئي مڱڻا.
مينهن منڊائتا وسڻا سدا وسين تون.
جي گهر اچين موں ته ميريائي مان لهان.

انهيءَ سپڙ سخيءَ جي قبر لس ٻيلي جي پسگردائيءَ ۾ اولهه تي آهي. ۽ هينئر خاص زيارت جو مڪان آهي.

سنڌ ۾ ٻيو به هڪ ناليرو سردار ٿي گذريو آهي. جنهن جو نالو جکرو آهي ۽ ذات جو سمو آهي. سُر بلاول ۾ وري اُن جکري جو جس ٿو ڳائي. چي:

جکرو جوڙي پاڻ ڏٺيءَ پيدا ڪيو.
ڪيهر جيئن ڪر ڪٺيو مچون مل موڙي،
سمنڊ جيئن سير ڪيو ٿو پار جيئن پوڙي،
گهوٽ چڙهيو گهوڙي پيچين لائيا پيچرا.

●

جکرو جس ڪرو پيا سڀ انيرا،
جيائين جـڙيو جکرو تيائين نه پيا.
متي ان ماڳا اصل هئي اينري.

ان ڪري ٿي:

ڏني جادم جکري چت نه پئيا چڙهن،
ته ڪي کوهه کڄن، جي سر ليي سيرو.

پلا سر تلاءُ. سيرو تارا تار لڏو ته پوءِ ڪنهن کي پيٽي آهي جو وينو کوهه کٽندو. تيئن ٿي جادم جکرو وينو آهي ته پيا سور وير ياد پون چو ٿا؟ چت ٿي ڪين چڙهندا.

آءُ ته

جکري جهو جوان ڏسان ڪونه ڏيهن ۾،
مهڙ مڙني مرسلين سرس سندس شان.

۽ ٻڌائيس ٿو تہ تنهنجي وڏي خوبي ڪهڙي آهي جو:

گهڻا گهوڙي چاڙهئين مسافر مسيت.
پڇين ڪانہ وڏيت جي آياسي اگهيا.

اُن ڪري،

پاندپ سين نہ پاڙيان سوين ٻيا سردار،
آهي مثل مينهن جي سخي تنهنجي سار،
حاتم هڙده هزار جهڙ تنهنجي جهپيا.

●

جهڙ تنهنجي جهپيا هزارين حاتم،
ڪوجهن سندا ڪم ڪامل ري ڪير ڪري!

ظاهري ساراهہ سيڙ ۽ جکري سردارن جي ٿو ڪري، پر باطني مدح مڙيائي پنهنجي پير مرشد جي ٿو ڳائي.

حب وطني، تنهن تي تہ سر مارئيءَ ۾ پلتجي ٿو پوي، ڇي:

الله ائن مَ هوءِ جيئن آءٌ مـران بند ۾،
جسو زنجيرن ۾ راتو ڏينهان روءِ،
پهرين وڃان لوءِ، پوءِ مر پچنم ڏينهڙا.

●

واجهائي وطن کي ساري ساهہ ڏيان،
ڏيـ...ر ساٿيهہ سامهون منهنجو نج ميان،
مقاميائي ماروئين وچي تر تيان،
ميائي جيان جي وچي مڙهہ ملير ڙ.

●

واجهائي وطن کي آءٌ جي هت مياس،
گور منهنجي سومرا ڏجج پنوهارن پاس،

ميائي جياس جي وچي مڙهہ ملير ۾.

سنڌ ۾ ٻيا بہ ناليرا صوفي شاعرتي گذريا آهن. جهڙوڪ سامي ۽ دلپت، سچل ۽ روحل، بيکس ۽ بيدل، عنايت ۽ گل وغيره وغيره. ۽ ڏاڍو سک پريو ۽ سود مند، سوادي ۽ سيڪ شعر چيو اٿن. پر اسانجي شاهاڻي شاهہ سان سندن جاءِ

نہ آهي. حقيقت جي واٽ ۾ سين جي حد ڪري هيڪڙي هوندي. پر شاعراڻہ قابليت ۽ علمي لياقت ۾، ساڻس ڪنهن جي نہ هلندي. بيشڪ ٻين سالڪن بہ پلئون پلئيون آهن، ۽ واهہ جي روح رهاڻ ڪئي آهي، پر شاهاڻي شاهہ منجهن منهن موڪ آهي، ۽ سندن مجلس جو مور آهي.

مولانا روميءَ جي مثنويءَ بابت چيل آهي.

مـــثنوي المعنوي المولوي.
هست قــرآن در زبان پهلوي.

ساڳي هام شاهہ لطيف پنهنجي شعر نسبت هيئن چئي آهي:

جي تون بيت ڀانئين سي آيتون آهين،
نيو من لائين پريان سندي پار ڏي.

چئجي تہ:

شـاهہ صـاحب جو رسـالو ٻنڌ جي.
آهہ گيتا منجهہ ٻوليءَ سنڌ جي.
بہ جـــاءِ دارد، تہ ڪين جڳائي.

○○○

# هو بهو خوبين ۽ خاصيتن جي جاچ

سر ڪلياڻ ۽ سر جمن ڪلياڻ، سر ڪنيات ۽ سر رپ، سر آسا سربروو سنڌي ۽ سر پرڀاتي ۽ سر ڪاهوڙي، ان انن سرن جي خاص خوبيءَ ايءَ آهي، جو منجهن شاعر پريم جي پرتاب ۽ عشق جي عمل جو زبردست ذڪر ذاتي ٿو ڪري، ۽ اهي ڪٿي ٿو پلٽون پلٽي جو وس ڪري ٿو ڇڪي. بي نظير بيانا ۽ عمدا استعاره ڏيئي، هيڪانديون هڪ ڪريون ۽ رنگين روپڪ ٻڌي، اُهي ونيو ٿو لاتيون لنوي، جو پڙهڻ ئي سان پتو پاٽي ٿيو وڃي، ۽ هيڪاري جي حقيقي معنيٰ اچي وڃي ته دل اتي اُڏاميو وڃي:

جتي عرش نہ اُپ ڪو ذرو ناهہ زمين،
نڪي تارا ڪتيون نڪي جسم جنين.

سر ڪلياڻ ۾ صوفي سونهاري ڪي عاشق بنائي، ۽ سندس اندر ۾ جا سڪ جي چڪ ٿي ٿئي، تنهن ڪي سوريءَ جي صورت ڏيئي، ڪيس هيئن ٿو چوي تہ:

سوري سڏ ڪري اُيي عاشقن ڪي،
جي اٿيئي سڏ سڪڻ ۾ تہ ڪڻ نہ پير پري،
سي سي ڏار ڏري، پڇج پوءِ پريتڻو.

ٻيو تہ:

اصل عاشق پانهنجي سسي نہ سانديِن،
لاهيو سر، لطيف چئي، ساهہ سلهاڙيو ڏين،
ڪلهنئون ڪاتين، پڇن پوءِ پريتڻو.

۽

اصل عاشقن جو سر نہ سانڍڻ ڪم،
سو سسنئان اُڪرو سندو دوسان دم،
هي هڏو ۽ چم ڀڪ پريان جي نہ پڙي.

ٻيو تہ:

سوري آهہ سينگار اصل عاشقن جو.
مرڻ، موٽڻ، ميهڻو تي نظاري نروار.
ڪسڻ جو قرار اصل عاشقن کي.

۽

سوري سينگاري اصل عاشقن کي،
لڌيا ڪين، لطيف چئي، تيا نيزي نظاري.

سو، پڇي ٿوتہ سَڏَ اٿوَ تہ:

سوريءَ مٿي سيڻ کهڙي ليکي سنرا.

آهن؟ يعني سوريءَ تي چڙهي، اسان جا صوفي سيڻ خوش پيا ٿا گذارين سو ليکي کهڙي؟ ٻي مصرع ۾ ٿو اُن جو جواب ڏئي. چي:

جي لهہ لڳا نيڻ تہ سوريائي سيج ٿي.

يعني اهو سڀ پريم جو پرتاب ۽عشق جو عمل آهي. عاشقن جون اکيون عشق الاهيءَ ۾ اڙيون تہ سندن لاءِ اُها سوري سيج آهي.

سوريءَ مٿي سيڻ کهڙي ليکي سنرا؟
جي لهہ لڳا نيڻ تہ سوريائي سيج ٿي.

۽

سوريءَ چڙهڻ، سيج پسڻ، اي ڪم عاشقن،
پاهون ڪين پسن، سائو هلن سامهان.

وري عشق مان جيڪو آنند ٿو چي، تنهن کي صورت ٿو ڏئي شراب جي، ۽ مرشد کي ٿو بنائي ڪلال يعني گنيوال، ۽ صوفيءَ عاشق کي چئي:

جي اٿيئي سڌ سرڪ ۾ تہ وون ڪلاڪ کي هٽ.

۽

لاهي رک، لطيف چئي، مٿو مائي وٽ.

چو تہ:

نائي ناهہ ڪڪوه کي ملهہ مهانگو مند،

تڏهن؟

هي تنهين جو هنڌ، مٿن پاس مرن جي.

سو

سِر ڏيئي ستَ جوڙ ڪنهن پر ڪلالن سين،
ڪاتي ڪرت ڪپار ۾ خنجر آئي ڪوڙ،
مرٽان منهن م موڙ، وتي تي وڏ لهي.

پوءِ من ترشنائن ميٽڻ، ۽ پرم آنند جي پراپتيءَ لاءِ، پرينءَ يعني مرشد جي پاران، عاشق يعني صوفي طالب تي جي آفتون اچي ٿيون ڪڙڪن، تنکي ٿو صورت ڏئي ڪاتيءَ جي، ۽ عاشق کي چئي ٿو ڙي ميان عشق ڪمائڻ سکيو آهين، تہ انهيءَ ڪاتيءَ پٺي ڪنجهہ نہ. اهي مصيبتون منيون ڪري پيو پوڳ، ۽ ماڻهن سان بہ ان جو بيان بنهہ نہ ڪر. چي:

جي تون سکڻ سکيو تہ ڪاتيءِ پٺي م ڪنجهہ،
سپيريان جي سور جو ماڻهن ڏجي نہ منجهہ،
اندر اي اهنج سانديج سکائون ڪري.

سچي عشق جو لِڇڻ آهي بہ اهو. ٻيو بہ:

سچڻ سنبون ڪن، لوڪان ليکي ونگيون،

رڳو ڇا؟

سندي سپرين پر پروڙڻ ڏاکڙو،
پريان سندي پار جي مڙيئي منائي،
ڪانهي ڪڙائي چکين جي چيت ڪري.

سر ڪلياڻ جي فصل ٢ ۾ اچي ٿو ڦڙباتين کي وٺي. چي اهڙا:

سڏڙيا شراب جون ڪهہ پچارون ڪن،

پلا:

جي ڪات ڪلالن ڪڍيا تہ موٺيو پوءِ وجن،

هي تہ:

پکون سي پين سر جن جا ستَ ۾.

يعني تہ عشق عاشق اهيئي ڪمائين، جي سر جو سانگو بنهہ نہ ڪن. ٻين جي هتي جاءِ نہ آهي. اُن ڪري ئي سر آبريءَ ۾ سسئيءَ جي واتان ٿو چوارائي:

سکن واري سڏ متان ڪا منڊ ڪري،
اندر جنهين اڏ هوت تنهين جي هنج ۾.

۽ سر ڪليان ۾ ٻڌائي ٿو تہ عاشقن جي وصف ڪهڙي آهي جو:

عاشق زهر پياڪ وهہ ڏسيو وهسن گهڻو.
ڪڙي ۽ قاتل جا هميشہ هيراڪ.
لڳين لنؤ. لطيف چئي، فنا ڪيا فراق،
توڙي چڪن چاڪ تہ بہ آهہ نہ سلن عام کي.

۽ اُن ڪري ئي سر جمن ڪلياڻ ۾ معشوق کي منٿ ٿو ڪري تہ:

هڻ حبيب هٿ ڪٽي. ٽيڪ مَ. تورو لاءِ،
پرين تنهنجي گهاءِ جي مران تہ مان لهان.

هڻ حبيب هٿ ڪٽي بانڪا لهي ٻاڻ،
ماڳهين مون منهن ٿئي. جهوليءَ وجهان ٻاڻ.
ان پر ساجن ساڻ، مان مقابلو مون ٿئي.

چي تون پل مونکي ڏک هڻ تہ مون لاءِ تہ ڪو بهانو تہ بنجي اچي. ۽ آئون ٻاڻ کٽي تنهنجي جهوليءَ ۾ تہ وجهان.

۽

هڻين جي حبيب محبتي ميا ڪري،
پڇان ڪين طبيب، هوند گهائن سين ٻيئي گهاريان.

پڻ، ان ڪري ئي ٿو چئي تہ:

ويچارا واڊوڙ سدا شاڪر سورسين،
تاڻين متي توڙ، اوري ڪن نہ آسرو.

واڊوڙ معنيٰ وڊيل يعني عاشق. توڙ معنيٰ پڇاڙي. شيءِ کي پڇاڙيون سدائين بہ ٿينديون آهن. هڪڙي پڇاڙي اُها جتان شيءِ شروع ٿئي. ٻي اُها جتي شيءِ پوري ٿئي. هاڻ، عاشق جيڪي آهن سي توڙ ڏي ڪيئن ٿا تاڻين؟ مطلب هي تہ جيڪو سڀ شيءِ جي پڇاڙي آهي. يعني تہ جنهن مان سڀ شيون اُپجن ٿيون ۽ وري جنهن ۾ اُهي سڀ وڃي سمائجن ٿيون. تنهن ڏي ٿا تاڻين. سڀ سگهارو سگورو سائين. جنهن جو جوڙ نڪو جيس آهي. سو، ويچارا واڊوڙ يعني ڏٽيءَ جا ڳولائو سدائين شاڪر سور سين اُهن، ۽ ڏٽيءَ تي ئي پيا ٻاڙي وهن، ۽ جيڪي اوري آهي جهڙوڪ دنيا دولت وغيره وغيره. تنهن تي آسرو ٻڌيءَ نٿا رکن.

ويچارا واڍوڙ سدا شاڪر سورسين،
تائين مٿي توڙ. اوري ڪن نہ آسرو.

پر جيڪي اهي اهنج اندر سڪائون ڪري نٿا سانديين. ۽ پيا جهڄن وجهلن. ۽ آئي وئي سان ڳجهاندر ڳرهين. تن نانءِ ٿو چئي تہ:

آيل ان نہ وسهان هنجون جي هارين.
آئيو آب اکين ۾ ڏيهـہ کي ڏيکارين.
سڄڻ جي سارين سي رون نہ چون ڪي.

سر جمن ڪليان ۾ ئي عشق کي صورت ٿو ڏئي باھہ جي. ۽ چئي ٿو تہ اِن آڳ ۾ جي:

ڪاٺا تن ڪٽيو. اُجهاٺن اونداھہ.
جن اندر ٻري باھہ سَڌ سيڪا ان ڪي.

يعني تہ جن پريتم سان پريت جوڙي، تن ئي ڪيس پاتو. ۽ تن ئي هيءَ بازي ڪٽي. ۽ سنسار جي ڳجهي ڳجهارت سلي. باقي جي اُجهاڻا ۽ وساڻا پيا آهن. ۽ ٿڌا نڪر ٿيا وينا آهن. تن لاءِ تہ اوندھہ آهي. ۽ ٻڌائي ٿو تہ اهڙي آگ جو:

مچ منجهن آھہ.

رڳو

ٻاهر ٻاف نہ نڪري.

يعني تہ انهيءَ محبت جو مچ سڀ جي اندر سياويڪ ٻري پيو. رڳوْ ٻاهران ان جي سڌ نہ ٿي پوي. ٿاندا جيئن رک سان ڍڪيا پيا هوندا آهن ۽ ڏسڻ ۾ ئي نہ ايندا آهن. هن سان بہ اها ئي ڪار آهي. پر جيئن ٿاندن کي چوربو آهي يا وچڻي جي تنوار ڪبي آهي تہ وري سندن شعاع ٿيندو آهي. تيئن ئي تون ان محبت جي مچ کي دڪاءِ تہ پنيث ٻري، جو تہ قاعدو آهي تہ:

ڪامندن خبر پوي

يعني تہ جي ان محبت جي مچ ۾ آنجي اگار ٿا ٿين سيئي پريتم کي ٿا پائين.

مچ منجهن آھہ ٻاهر ٻاف نہ نڪري،
چور تہ لڳي جاءِ. ڪامندن خبر پوي.

پوءِ ٿو عاشق جو ڏيان پتنگن ڏي ڇڪائي. چي ڏس! ڪيئن نہ اهي عاشق سونهارا سر سنباهيو آڳ ۾ ڏوڪيو پون. ۽ لهس پئي لڇڪن ڪين. اٿلو مچ لاءِ

واڙيءَ ڦل جيئن وهسي، منجهنس جلي سڙي رک ٿي وڃن.

پتنگن پهہ ڪيو مـڙيا مـٿي مچ،
پسي لهس نہ لڇڪيا، سڙيا مٿي سچ،
سندا ڳـچين ڳچ ويچـارن وچـائيـا.

چڙهيو چڪاسين چاءِ آڳ ٻرنديءَ آئيا،
وهسن واڙيءَ ڦل جيئن محبتي مچ لاءِ.

سو، تون بہ

پتنگ چيائين پاڻ کي تہ پسي مچ مَ موٽ،
سهائيءَ سپرين جي گهڙ تہ ٿئين گهوٽ.

وري "آڳ" ۽ ٻچڻ" لفظن تي تو مزا ڪري،
چي:

پتنگ چائين پاڻ کي تہ اچي آڳ اُجهاءِ،
ٻچڻ گهڻا ٻچائيا تون ٻچڻ کي بہ ٻچاءِ.

ماٺهو ڪوبہ ڪم هٿ ۾ ڪڻدو آهي تہ اوائل ۾ ڏاڍي اُڻ تڻ ۽ بي آرامي پيو معلوم ڪندو آهي. پڙهڻ ئي پڙهڻ: شورع ڪبو، ۽ ڪٿي منجهائنس مزو بہ پيو ايندو، تہ بہ پاڻ کي بي آرام پيو پائنبو. پر جي نئين ماٺهوءَ پاڻ کي پڙهڻ تي هيرائي ڇڏيو تہ پوءِ بي آرامي هلي ويندي، ۽ پڙهڻ مان نهايت مزو پيو ايندو. هاڻ، ايئن ڪن ٿورڙن پاڻ کي پڙهڻ تي هيرائي ڇڏيو آهي. گهڻا ٿڌا ڪتاب پڙهڻ وهن تہ اچيو اکين ۾ سور پوين، ۽ ڪٿي مزو بہ اچين. تہ بہ لاچار اکين جي ٽڪ ڪان اُٿي ڪڙا ٿين. عشق بہ ائين آهي. اڳيـاڙيءَ ۾ ڏاڍو منجهس پڇڪو ۽ بي آرامي آهي، ۽ ان پڇڪي ۽ بي آراميءَ گهڻن کي بانهن پرائي ڇڏي آهي. عاشق صادق اهو جو پاڻ اِن کي بانهن پرائي ڇڏي. يعني تہ اينرو عشق ڪمائي جي بي آرامي بنهہ نہ لڪائي ۽ ڪيس قرار پيو اچي. شاه صاحب هنن بيتن ۾ بہ اهڙي نيڪ صلاح تو ڏئي:

پتنگ چائين پاڻ کي تہ اچي آڳ اُجهاءِ،
ٻچڻ گهڻا ٻچائيا تون ٻچڻ کي بہ ٻچاءِ.

پتنگ چايئن پاڻ کي تہ جيري پؤ جاٽي.
تان تان تاٽج تاؤ ڏي جان آگ نہ اُجهائي.
ائين جي کيئي تہ بازي تنهنجي آهي.

ٻي عاشق کي هيءُ صلاح پڻ ٿو ڏئي تہ:

جي ٻانئين پرينءَ مڙان تہ سک چوران کي ذات،
جاڳڻ جشن جن کي سک نہ سجيائي رات.

يعني تہ جي ٻانئين تہ محبوب کي ملان تہ چورن وارو رستو اختيار کر: جيئن هو ساري رات سجاڳ ٿا رهن، ۽ جاڳڻ جشن کري ٿا جاڻن تون بہ اُنهن وانگر اکين کي اوجاڳا ڏي، ۽ جاڳڻ جشن کري جاڻ. وري ڏس چور کهڙا نہ ڳورا ڳنڀير آهن!

اُجهي ٻجهي آئيا وائي کن نہ وات.

رلي پني کو گهر چتائي اچن تہ کنهن کي لک ئي نہ وجهن. تون بہ ائين کر. کو معشوق چتائين تہ دهل ڳچيءَ ۾ پائي ساري شهر ۾ ڍنڍورو نہ گهمائي چڙ. ڳالهہ جو ڳورو ٿي. چورن جو ٻيو هي لڇڻ آهي.

توڙي کسن کات تہ بہ ساڳي سلن کين کي.

يعني جهلجن ۽ ڏاڍيون ساڻن جنبيون ٿين، تہ بہ ڦاٽ کين کائن تہ چوري اسان هنان کئي، ۽ چوريءَ جو مال هت پوريوسين. تون اهو لڇڻ بہ چورن وارو سک.

جي ٻانئين پرينءَ مڙان تہ سک چوران کي ذات،
جاڳڻ جشن جن کي سک سجائي رات.
اُجهي ٻجهي آئيا وائي کن نہ وات،
توڙي کسن کات تہ بہ ساڳي سلن کين کي.

کي چوندا "عشق جي پڌر نہ پاءِ" اها جا فهمائش ٿو ڏئي. سا تہ پاڻ ئي عمل ۾ نٿو آڻي. جتي کٿي اچي ٿو ڦاٽي، ۽ عشق جو اظهار کري. شاعر پاڻ اُن جو قبولدار آهي، ۽ اُن جو سبب هي ٿو سڻائي:

اندر رهي نہ گهٽ سپريان جي ڳالهڙي،
چاڳر سهي نہ ست جي مهراڻ مؤج کئي.

وڃائي. ۽ پنهنجو پاڻ صفا وساري، ڏنگر مٿان جيڪي پيا لڳنس تن کي تڙيون پيئي ڏئي. جنهن کي پنهنجي پاڻ جي ڄاڻ ئي نه رهي تنهن کي ڏنگرن جا ڏک ڇا ڪندا. ماٺهو پنهنجو پاڻ لوڪ شيوا ۾ ارپڻ ڪري ڇڏيو. ته پوءِ اهنج اوکيون اُتس ڇا پڙندا. سين کي تڙي آهي. سو شاعر ٿو چوي ته تون به پنهنجو سر ايئن ئي سانداڻ جان سڱلو ڪر ته پوءِ من رڪ سان ڳڏي ڇڏينئي. رڪ ٿيو پنهنجو سچو پاڻ.

ٻر بيت آهي هيٺيون. جنهن ۾ لهار جي هٽ جي صورت ٿو ڇتي. چي:

ڪٺ ڪڙهي، لوهه ٻري، ڌوڌا جت ڌِڳن.
مترڪن منهن ڪيڀا. سانداڻيون ڪنبن.

پڙهندڙ ائين پيو سمجهي پاڻ ته جنسي ڪٺ پيئي ڪڙهي. ۽ لوهه پيو ٻري. ۽ ڌوڌو پيو ڌِڳي. يعني ته تاندا پيا پچرن ۽ ڪورو پيو تپي. ۽ لهار مترڪو هٿ ۾ ڪنيو سانداڻ تي پيو هٽي. جنهن ڪري سانداڻ ۽ ڌرتي ٻئي پيون ڌڏن.

ڪٺ ڪڙهي، لوهه ٻري، ڌوڌا جت ڌِڳن،
مترڪن منهن ڪيڀا. سانداڻيون ڪنبن.

"مترڪن منهن ڪيو." "منهن ڪيا" کهڙو نه عمدو اصطلاح آهي. وري "سانداڻيون ڪنبن." ڪنبنديون البت جڏهن مٿان مترڪا لڳندن. ٻر شاعر اهڙا روپا ڪٺي ٿو پڙهندڙن جي اکين اڳيان بهاري. جو پاڻ ته مترڪا منهن ڪين ٿا. ۽ ڌر وچون سانداڻيون ڪنبڻ ٿيون لڳن.

گوروءَ کي پوءِ وري ٿو سراڻيءَ جو ويس ڍڪائي. ۽ پنهنجي روح کي تيغ يعني ترار بنائي. سراڻي چئجي ان کي جو سراڻ يعني ڦرندڙ روهيءَ تي ڪپ ۽ ڪاتيون ۽ ٻيا اهڙا هٿيار تکا ڪري. چي:

اڄ آڳڙيا آيا سوڌا سراڻي،
پياري پاڻي تيغون ڪندا تکيون.

اڄ آڳڙيا آيا سائون کي سڄاڻ،
لاهيندا موريان، رڪ ڪريندا پڌرو.

مطلب هي ته اڄ سوڌا سراڻي يعني سچا ستگور آيا آهن. هاڻ اسان جي تيغن يعني روحن تي جا ڪم فهميءَ ۽ ڪُڌائيءَ جي ڪٽ چڙهي ويئي آهي. سا سراڻ تي يعني پنهنجي هدايت ۽ سکيا جي وسيلي لاهي، اسان کي اسان جو رڪ پڌرو ڪري ڏيندا. يعني ته اسان کي ڏيکاريندا ته اسين اصل وت کهڙي آهيون. ان

نانءُ ڳنهي پيو نجهران يعني جهوتا کان. اجان جي سندس نج درسن پرايت ٿئيمِ تہ پنهنجي شناخت ئي نہ رهيمِ. رچي لال ٿي وڃان.

تان جي ٿين ساسهان پنيرا سونهن،
سنئون ورائي سپرين منهن جي مان ڏي ڪن،
رڳو سپ رچن تن ۾ تازائي ٿئي.

۽ ان ڪري ئي چوي ٿو تہ ڪٿي:

سهسين سجن اُڀري چوراسي چنڊن،
با الله ري پرين، سڀ اونداهي پانئيان.

هتي هيءَ ڳالهہ چاٽڻ گهرجي تہ صوفي سونهارا جڏهن مراقبہ ڪندي، ڏيان لائيندا آهن، تہ پهرين پهرين ڪين هڪ رويا جنسي چنڊ جهڙي ڏسڻ ۾ ايندي آهي. هاڻ سندن ڪم ان "چنڊ" سان نہ هوندو آهي. ڪين ڪپندو آهي "مرشد جو مشاهدو." شاهہ صاحب متئين بيت ۾ بہ اُن جو ئي اشارو ڪيو آهي. ساڳيو خيال گورن جي آسادي وار ۾ بہ ساڳئي نموني نروار ٿيل آهي. چي:

جي سؤ چنڊا اُڀوهين سورج چڙهن هزار،
ايتي چا نڻ هوند.يان گوربن گهور انڌار.

پر صوفي سونهارا "محبوب جو مشاهدو" ماڻين، تنهن لاءِ وري ضرور آهي. جو اُن کان اڳ سماڌي لائيندي پهريائين پهريائين هوءَ رويا چنڊ جهڙي ڏسن. ان ڪري ئي شاهہ صاحب منڍ ۾ چنڊ ڪي منت ٿو ڪري:

چنڊ تنهنجي ذات، سڀ مڙهايان سون سين،
اهين پرين پنڌ ۾ ڪَرَ سجائي رات،
چن جنهين ساعت پوءِ لهي وڃ لطيف چئي.

پوءِ جڏهن سجڻ اچيس ٿو يعني "مرشد جو مشاهدو" ٿئيس ٿو، تڏهن آڳهہ سان آواز ڪري چوي ٿو:

اونداهيءَ اڌ رات ۾ پرينءَ پسايو پاڻ،
چنڊ ڪتين سان پيهي ويو پرلاءَ ۾.

ڪٿي نيڻ خمار مان جان ناز ڪيائون نظر،
سورج شاخون جهڪيون ڪومائو قمر،
تارا ڪتيون تائب ٿيا ڏيکيندي دلبر،
جهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سين.

ناسيندي معنيٰ ڪرڻ مهل.

ناسيندي نگاهہ پهرين ڪج پرين ڏي،
احوال عاجزن جا آکج لڳ الله،
روز نهارين راهہ اکيون اوهان جي آسري.

ناسيندي نظر پهرين ڪج پرينءَ ڏي،
قمر ڪهج قريب کي نست ۽ نبر،
پيو پيرو سو نہ پر اکيون اوهان جي آسري.

ناسيندي نرت، پهرين ڪج پرينءَ ڏي،
قمر ڪهج قريب کي ساري سان سرت،
پيو پيرو سو نہ پت، اکيون اوهان جي آسري.

ناسيندي نهار پهرين ڪج پرينءَ ڏي،
آءٌ جي ڏينئي سنيهڙا چئج چند اپار،
ساجن سڀ چمار، اکيون اوهان جي آسري.

خيال اعليٰ آهي يا ادنيٰ، سچو آهي يا ڪوڙو، تنهنجي سڌ هڪ صوفين کي، پي سائينءَ سڳوري کي. پر انهن ٻنهي ۾ شاعر ڇا نہ علمي قابليت ۽ جاچ جي جبرائي تو ڏيکاري! عبارت ئي سندبن ڇا نہ عمدي آهي!

سر پورب ۾ وري ڪانگ کي قاصد بنائي. هتائنس تو ڪرنشون يعني سلام ۽ ڪانگيون يعني خبرون چارون پنهنجي مني محبوب ڏي موڪلي. چي:

ڪانگل نيئي ڪانگ منهنجي ڏي محبوب کي،
لالن لائيئي ڏينهڙا ڪنهن سنائي سانگ،
اوهان ريءَ اڙانگ وبني ورهہ وسائيان.

ڪري ڪانگ ڪرنشون پيرين پرينءَ پئيج،
آءٌ جو ڏيئن سنيهڙو وچ م وساريج،
الله لڳ، لطيف چئي، ڳجهو ڳالهائيج،
چئان تئن چئيج تہ ڪيانئا خوش هئين.

زاغ تنهنجي ذات جو نورو متي مون.
اُڏامي. عبداللطيف چئي. صبح سيتن ڏون.
ڪج وينتيون وتريون ياجهائج بهون.
تہ لالن ڪونہ لهون. جهوتو جهان ۾.

ڪڏي ڪانگا تو ڏيان هنيون سانَ هتن،
وجي ڪاءَ ولات ۾ اڪيان عجيبن.
پرين مان چون. تہ هئن قرباني ڪير تي؟

پرين جي پرديس ۾ تن جي ڪانگا ڪج خبر.
تہ سڀ مڙهايان سون سين پکي تنهنجا پر.
گهمي متان کهر. ڏج پارانيا پرينءَ کي.

متين بيتن ۾ ڪانگ من لاءِ آيو آهي. ۽ شاعر رکو من سان بي متو هنبو آهي. پر وري جو سنپار تي تئيس تہ من ماريو حرص جو پانهو آهي. سو تو چوي تہ نہ ڙي نہ! متان هن من تي ويسهہ ڪبو اٿيئي. چي:

سو ڪانگ ۾ قاصد ڪر جو سدا ڏونڊي ڏونڊ ڪي.

۽ هو:

ڪندو پنهنجي پيٽ جي ڪ ويندو دوسن در.
جنهن جي بوليائي پر پر. سو نياپا نيئي رهيو.

سندس سپرين جو سونهن جي ڪانَ آهي. اُن ڪري چئي ٿو تہ:

ڪتو جي ڪانءَ بريان سندي پار جو.
اُنهين متان آءٌ ڪوڙين قرباني ٿيان.

پڻ

ماڙهون کهرن مان. آءٌ سڀ ڏيهن کهران سپرين.
دنيا تنهن دوست تان فدا ڪريان في الحال.
ڪيس نام نهال. پسن تان پري ٿيو.

سر جمن ڪنيانَ ۾ معشوق کي عقابيل يکيءِ جي صورت ڏيئي سڏو ٿو

ڪيس چوي:

عقابيل! اکين ۾ توڪي باري بان.

يعني تہ اي عقابيل تنهنجي اکين جون پنبڻيون جي آهن، سي باري باڻن يعني وڏن بانن ۽ تکن تيرن وانگر آهن.

عــقــابيل! اکين ۾ توڪي باري بـان.
اُيو اڳرايون ڪرين ماڳ هڻيو مستان.
جانب تون زيان، اکين سين ايذا ڪرين.

ٻيو ڇا جو عاشقن کي اِن اکين جي تيرن سان ڦٽي، کين مور ڇا ڪيو ڇڏن. هو ويچارا مستان اتيئي ڄمر ڪايو ٻهو رهن، ۽ تون اُيو اڳرايون ٻيو ڪرين:

عــقــابيل! اکين ۾ توڪي تکا تيــر.
ساڄن انهيءَ سينگ سين ڦٽيئي گهڻا فقير.
ٻيو مَ مارج مير تنهنجو ڀهريون ٿي پورو ٿيو.

عــقــابيل! اکين ۾ تيــر چــلايو تو.
ٻيو مر ماري سو جنهن جو ڀهريون پورو نہ ٿئي.

پوءِ ٿو ڪري سائس مذاق. چي:

پائي ڪـان ڪمـان ۾ ميـان مـار مَ مـون.
مون ۾ آهين تون متان تنهنجو ئي توکي لڳي.

پر ڪڏهن خيال ٿو ٿئيس تہ متان منهنجو معشوق سمجهي تہ هي ڪائر ٿي ٿو وڃي، سو چئيس ٿو:

جانب منهنجي جيءَ ۾ تو جي طمع هوءَ.
وٺ ڪاتي، وڍ انگڙا، ادب ڪر مَ ڪوءِ.
پانيان پال سندوء جي ساڄن سنئون نهارين.

وڏي مهرباني تنهنجي، ٿورو احسان سندوءِ، جي سنئون نهاري ان اکين جي تيرن سان ڦٽي ڇڏينم.

وري جڏهن معشوق عشق جو تير پري پري ٿو هڻيس، تنهن جو بيان دلسوز ۽ دلچسپ نهايت عمدي عبارت ۾ هيئن ٿو آڻي!

هينين بيتن ۾ سر، ڪان، سيلو، پيلو مڙني جي معنيٰ تير آهي، تيڪر لفظ بہ ان ئي معنيٰ سان ڪتب ٿو آڻي. تيڪر نہ تہ سمنڊ جو هڪڙو پکي آهي جو ٽپرڪو

ڏيئي مڇي ماريندو آهي. سڄيو معنيٰ اڇيو. هنيو. پر پيڏي ڏيئي معنيٰ مڙي تي آڏو بيهي. ڪرنگهر معني پنيءَ جو ڪنڊو. وهيٽي معنيٰ پناري. ٻنگان معنيٰ وجهہ وٺي چي:

سر جو سڄيو سچٽين پر پيڏي ڏيئي،
تنهن ڪان ڪرنگهر ڪپيو پکن سر پيهي،
جيرا جگر ٻڪيون پاساريون پيئي،
ويڇنئون ويئي تي وهيٽي سچٽين.

سر جو سڄيو سچٽين ٻنگان ٻانڻ پري،
ويو وجودان نڪري ڪڙ ڪڙ ڪان ڪري،
پڇو پير پري تہ ڪي نريو هٿ حبيب جو.

"نريو هٿ حبيب جو" ڪهڙو نہ عجيب اصطلاح آهي. گهايو ڇڏي. دل مينڻ تي وجي. شاهہ اهڙيون ليئون گهٽيون تو وجهي.

سر جو سڄيو سچٽين پيهر ٻانڻ پري،
سو چمڪيو چوهہ مان ڪڙ ڪڙ ڪان ڪري،
جيرا جگر ٻڪيون لنگهي پيو پري،
لڳو جيءَ جڙي تاٽيان تند نہ نڪري.

سر جو سڄيو سچٽين سينگ منجهان سيلو،
ٽيڪر ٽڪيو ڪينڪي پار لنگهيو پيلو،
هٹڻ سين حيلو جانب جيڏوئي ڪيو.

ان ڪري ٿي چوي تو تہ:

ڪڏهن ڪونہ تيوم آنارو عشق جو،
محبوبن مٺون ڪري سڪڻ سيکاريوم.

ءِ

هيرائي هٿ ڪيو هنئڙو حبين،
ٻڌي ڪچيءَ تند سين سلاڙيو سيڻ.

يعني تہ مون کي عشق جي سڌ ئي ڪانہ هئي، محبوبن ئي مٺون ڪري مون کي سڪڻ سيکاريو. ءِ:

ڪڙو منجھہ ڪڙي جئن لهار لپيٽيو،
منهنجو جي جڙي سپريان سوگهو ڪيو.

ساڳيو شيخ سعديءَ وارو خيال. چي:

عشق اول معشوق پيدا مي شود.

پر وري بہ هيناهين پانڻ تو وني، ۽ نهايت نئڙت ۽ نياز سان معشوق کي ٿو چئي:

ساڄن سپاهي آءُ اوهان جو آهيان،
اچان ويل سڀ ڏڪنهن وڃان واجهائي.
لالن تو لائي ڪينڪاريم ڪرن کي.

تون صاحبزادو سپرين آءُ نسورو نؤڪر.
بيحد ڪريان بندگي هٿ ٻڌي حاضر،
ڇن ڇڏيندس ڪين کي دوست اوهان جو در،
مون تان مهر نظر پرين لاهہ م پانهنجو.

جانب تون جيڏو آهين شان شعور سين.
مون تي ڪر منهنجا پرين توه تسي تيڏو،
اي ڪامل ڪم ڪيڏو جيئن نوازينم نگاهہ سين.

پڻ:

هوڏي هوڏ ڇڏي جي مان گهر اچين سپرين،
ڳالهيون ڳجھہ اندر جون تن گهريون تو ڏي.
جي وهين ڳڏ گوڏي تہ دور سٿاينءِ دل جا.

وري معشوق جي چلولاين جو بيان هيٺين بيت م بخوبيءَ هئن ٿو آئي:

ڪڏهن طاقيون ڏين ڪڏهن ڪلن در دوستن جا.
ڪڏهن اچان اچڻ نہ لهان ڪڏهن ڪونيو نين.
ڪڏهن سڪان سڏ کي ڪڏهن ڳجهاندر ڳڙهين.
ڪڏهن وڃان وڃي نہ سگهان ڪڏهن سد ڪرين.
ڪڏهن ڪڇن ڪينڪي ڪڏهن ٻاجھہ ٻريا ٻولين.
ڪڏهن حرف نہ پچن هيڪڙو ڪڏهن قول ڪرين.
اهڙا ئي آهين صاحب منهنجا سپرين.

سر آسا ۾ نهايت مزو ٿو ڪري، جتي اهڙي نخريلي محبوب کي ٿو چئي ته هي منهنجا منا!

اکين ۾ تي ويهــــ تـ آءُ واري ڍڪيـــان،
توکي ڏسي نـ ڏيهـ، آءُ نـ ڏسان کي پيو.

تارن ۾ ڪر تڪيــو ونين ۾ تي ويهـ،
پرين اکين ۾ پيهـ تـ آءُ آڇارو تيـان.

ونيون معنيٰ اکين جون ماٺڪيون. آڇارو معني ڍَڪُ. هنن بيتن جو مطلب به ڏاڍو ڳوڙهو آهي. تصوف جو تت اِن ۾ اچي ويو آهي.

سر جمن ڪلياڻ ۾ هڪ هنڌ اچي ٿو وٺي عاشقن کي. چي ادا:

عاشق ائن نـ هون جئن تون سڃي انگڙين،

تڏهن؟ هو

وڃـي در دوستن جي رت ڏهـاٽي، رون،
ٻي پر ڪنهين نـ پون ماڪر محبوبن سين.

ماڪر معنيٰ قبول.

۽

جان عاشق مٿي رت تان دعوي ڪري م نينهن جي،
سائو منهن، سونهن گئي، سڪڻ اي شرط،
نڪي گوڏ گرت، متان سر سؤدا ڪري.

گرت معنيٰ ناٽي جي ڳوتري.

ساڳيو جئن فارسيءَ واري چيو آهي:

عاشقان رانـ نشاني اَي پسر
آه سر دو رنگ زرد و چشم تر
انتظاري، بيقراري، درد سر،
سوز سينہ، جانگدازي، بيخبر.

پر تنهنجو ڪهڙو حال آهي؟

اڃا تو منجهاءَ ڪک ڇتي رت نڪري،

ٻيو۽

منهن ۾ معشوقن جا ڪيئن جهليندين گهاءَ؟
سو تون ڪچاڙياءَ سڪڻ جون سڏون ڪرين؟

سچو عاشق آهين تہ:

جي هو پائين ڪان ڪمان ۾ تہ سيڻو سپر رک.
منهن ۾ معشوقن جا چاڪ چڪئا چڪ.
سوري پانءِ مَ شڪ. عاشق ٿي تہ اُبهين.

اُبهين معنيٰ بچي پوين.

جي هو پائين ڪان ڪمان ۾ تہ سينو سپر ڏيج.
منهن ۾ معشوقن جا جهالو ٿي جهليج.
پا هان پڳ مَ ڏيج عاشق ٿي تہ اُبهين.

جي هو پائين ڪان ڪمان ۾ تہ نئي ڏج سينو.
ڪجي نہ ڪينو وجي در دوستن جي.

محبتن جي ميدان ۾ عاشق ٿي آ چام.
سمهان سل، سيد چئي، ڪندءِ تير تمام.
ڪهج ڪوم ڪلام. جم دوستئون دور ٿئين.

آچام معنيٰ تير چٽڻ جو نشان. جم معنيٰ جئن م. متان.

محبت جي ميدان ۾ سر جو سانگ مَ ڪر.
لاهي سر، لطيف چئي، اڳيان دوستن ڌر.
عشق نانگ اِبر. خبر ڪاڏن ڪي پوي.

محبت جي ميدان ۾ ڪڏي پؤ ڪاهي.
چڏي آسانگو ارواح جو لاهوتي لاهي.
عشق نانگ آهي خبر ڪاڏن ڪي پوي.

پيو پہ:

عشق نہ آهي راند جيئن ڪي ڪنس ڳيرو.

تڏهن؟

جيءَ جسي ۽جان جي پچي جو هيڪاند.

سو.

سسي نيزي پاند اُجل تہ اڏ نئين.

اڏ تئين معنيٰ تنهنجي جسم ۽ جان جي وچ ۾ جي ڳنڍ آهي سا ڇڙي پوي. بيت جو مطلب هي تہ سر تي مصيبتون سهہ تہ جوهر کليئي. پرينءَ سان پريت جوڙڻ، سندس صحبت جو ساءُ چکڻ، ۽ محبت جو مزو ماڻڻ الي ٻلي راند نہ آهي. هتي اڏ ٽيٽو آهي.

سر ڪارايل ۾ بہ عشق کي نانگ جي صورت ڏيئي، عاشق کي چئي ٿو:

سنها پانءِ مَ سپ وياءَ واسينگن جا.
جنهين جيءَ جهڙپ هاٿي هنڌاهين نہ چري.
سنها پانءِ مَ سپ سُڪا جنهين پيٽ.
تنهين جيءَ چپيٽ جُنگن کي جوکو ٿئي.

ان لاءِ.

عاشق معشوقن جي وني ويهہ ڳري،
جم ورچي ڇڏئين سندي دوست دري،
ويندءِ نپ نري ڏيندا ٻکي ٻاجهہ جي.

عاشق معشوقن جو وني ويهج در،
اچي پچندءِ سپرين لهندءِ سار سير،
پلائي جو پر رهبر ٿيندءِ راه ۾.

عاشق معشوقن جو وني ويهہ دکان،
پئج پيش پرين جي پٺيءَ وجهي پاڻ،
تہ تون تنين ساڻ سدا رهين سرخرو.

سر رپ ۾ ٻي صلاح هيءَ ٿو ڏئيس تہ:

نهائينءَ ڪان نينهن سک منهنجا سپرين.

جا ڏس تہ:

سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نہ نکري.

تون بہ

نينهن نهائينءَ جان ڏکيو کونہ ڏکئين؟

پلا:

ڄر ڄيري ڄڏي تہ ڪيئن ڦچندا ٿان؟
سو تون ڪنيارن ڪن ڪريجان ڳالهڙي.

يعني ڪنيارن واري ڳالهہ ياد رکجانءِ. جيئن هو نهائينءَ کي ڏکي ڇڏيندا آهن، تيئن تون بہ:

عشق لکو رکج، ٻڌر تہ پائج.

سر آسا ۾ هيئن پڻ ٿو چئيس تہ:

اکيون سيئي ڏار جنهن سان پسين پرينءَ کي،
ٻئي ڏانهن ڪيم نهار گهٽو ريسارا سپرين.

۽

نيرانا ئي نينڻ نيئي آڄ پرينءَ کي،

ڇو تہ:

ستر ڪاڏا ڪيڻ جہ ڏٺو منهن محبوب جو.

پوءِ جڏهن اکيون اڙنس ٿيون، ۽ نائڪ نينهن جي لڳيس ٿي، تڏهن تہ پلتجي ٿو پوي. چي:

ڪي جو ڪيڏانهن اکيون پسي آئيون،
تاٿين تيڏانهين پيون پاڻ مهاڙيون.

ڪي جو ڪنهين پار اکيون پسي آئيون،
نيون ديوانيون دل ۾ اپر لڳين آر،
تهان پوءِ قرار ستيون ڪين سيد چئي.

ڪي جو وچي ڪالهہ اکيون پسي آئيون،
لالون ڪيون، لطيف چئي، جانب جي جمال،
ٿيا نينڻ نهال جنهين دلبر ديکيو.

آخوند گل محمد پنهنجي "ديوان گل ۾" چيو آهي تہ:

اندر ۾ عشق جنهن جي جاءِ پنهنجي ٿو وهي جوڙي،
وسن برسات جيئن دائم تنين جا نيڻ ٿا آلا.

شاهہ لطيف بہ پنهنجي اکين ناءِ چئي ٿو تہ:

هارُ تہ وسن ۽ وهسن ڏهاڙي ڏسڻ لئي،
جيئن جيئن پرين پسن تيئن تيئن نشا نينهن جا.

وسن ۽ وهسن ڏهاڙي ڏسڻ لئي،
ڏسي ڏسي اکيون توءِ تلاشون ڪن،
ڏايون نہ ڏاپن پسڻ منجهان پرينءَ جي.

ٻيلا:

اکين ڪي آهين عجب جهڙيون عادتون،
سور پرائي سات جو وجيو وهائين،
اُتي لنو لائين جتي حاجت ناهہ هنيار جي.

اکين ڪي آهين وڏا وجهہ وڙهڻ جا.
اپيون منڍي مامرو جهيڙو نہ لاهين،
جيئن سي ڪڪر اُپ تيئن آگميون آهين،
جهڙ ڦڙ نہ لاهين وسن ورسيءَ مينهن جيئن.

اکين ڪي آءُ جان ڪي جهلون پائيان،
لوڪ لتاڙي نند ۾ ساجن سو ناءُ،
مون ڪي ماريائُ پاڻ پرچي آئيون.

اکين پنهنجي مت پاڻسين پاڻهين ڪئي،
اُتي وجي لڳيون جتي جان ڪپت،
نڪا ڳالهہ نہ ڳت جيءَ ڏني ريءِ نہ جڙي.

اکڙين آرو مونهان پڇي نہ ڪيو،
اُتي وجي اڙيون جتي چوڻ نہ چارو،
هنئڙو ويچارو واتون جهليو وجهلي.

پوءِ تہ وسائي ٿو ڪاري پٽ ڪر تي چي:

ڪر ڪي ڪپر ڪاءِ نانگ مٿيارو نڪري.
آيي جو اوناءِ سر پر سنڌي سڄڻين.

يعني اسان پرين ڪي پاڻ ۾ ڳالهائيندو ڏسي تہ ڪارمنهون ڪنڙا پيو ڏئي. اها عادت ابليسي گهڻن ۾ آهي. ڏاڍو اُن جو ارمان آهي. اوهان مان منان ڪو اها عادت ڏاري، ۽ پاڻ ڪي هن بيت جو مهاڏو ڪري. ۽:

ڪر خراب تئين هيا هچارا.
پوريئن ڳليون پرينءَ جون چوڏاري چارا.
مرين منهن ڪارا سڙي انهيءَ سور ۾.

پوءِ ٻڌائي ٿو تہ اِن جو نتيجو ڇا ٿيو آهي جو:

ڪر جا ڪڏ ڪنئي پوڻ ڪارڻ پرينءَ جي.
تنهن ۾ پاڻ پئي غيبتي غار ٿيو.

سو سٻاجهي در سوال ٿو ڪري.

الله ڪر جيئن مدي جن جي من ۾.
اسان ۽ پرين جون اميدون پسن.
تنهان پوءِ مرن سڙي انهيءَ سور ۾.

بس! سمنڊ جون لهرون آهن. پيون لهن ۽ چڙهن. شاعرانہ موج ان ڪي چوندا آهن. پر نهايت حد ٿو ڪري جڏهن چوي ٿو تہ:

عاشق تہ عزازيل ٻيا مڙيئي سڌڙيا.
ڪارڻ سڪ سبيل لعنتي لال ٿيو.

يعني تہ سچو عاشق خدا و عزازيل فرشتو هو. لال مان لعنتي ٿيو. ليڪن پنهنجي پريم يعني خدا ڪي ڇڏي آدم جو سجدو نہ ڪيائين. جيتوڙي امر بہ الله ئي ڪيس.

اُن ڪري ئي سر بروي سنڌيءَ ۾ چئي ٿو تہ:

دل جو دلبر هيڪڙو گهڻا تا نہ ڪجن.
دل ڏجي تنهن هيڪڙي توڻي سو سڪن.
سي چلولا چئجن جي در در لائين دوستي.

انهي ساڳئي سر ۾ پڻ ارمان ٿو ڪائي تہ ڪهڙو وڃي سمي جو حال رهيو آهي:

آدمين اخـلاص مـتـائي مـانـو ڪيـو.
ڪونہ ڪائي ڪنهن جو سندو.ماڙهونء ماس،
دلبـــر هن دنيـــا ۾ وڃي رهندو واس.
ٻيو سڀ لوڪ لباس ڪو هڪدل هوندو هيڪڙو.

يار سڏائي سيڪـو جاني زباني.
آهي آساني ڪم پئي ڪل پوي.

سسئي نانءِ هڪ هنڌ چيو اٿس:

ڪو جـو آيس ڪوڏ ٻاروچـاڻي ذات جـو.
جي هو چونس ٻوڏ تہ جيءُ سٺائي جڳ ڪي.

ساڳيو خيال بخوبيءَ سر ڪنيات ۾ ٿو آئي. چي:

ڪم ڪـمندن ڪـتـيـو هارايو هوڙن،
چڪيـو نہ چوندن هو جو سـاءُ صبـر جو.
ڪئي ڪين پرائبـو منجهان ڪيني ڪين،
هي هوءِ سناٽي سبنگ تہ زه چني جوڪو ٿئي.

ڪيني واري جو تير ڪمـان ڪشيل ٻہ چڱو هجي. تہ ٻہ مهل تي زه ڇڄي پويس، ۽ فائدي ماڳ اُنلو ٽوٽو ٿئيس. يعني تہ ڪم راس ٿيل ٻہ ڦٽي وڃي. اُن ڪري:

نمي ڪمي نهار تون ڏمر ڏولائو،
ٿئين ساجائو جي اپين انهيءَ پرتي.

ڏولائو معنيٰ رولو. ساجائو معنيٰ ساجهہ وارو.

نمي ڪمي نهار تون ڏمر وڏو ڏک،
صبر ۾ سڀ سک جي سنواريا سمجهين.

هو چـونئي، تون م چـؤ واتان ورائي،
اڳ اڳـرائي جـو كري خطا سـو كـائي،
پاڌ ۾ پائي ويو كيني وارو كين كي.

هو چونئي، تون م چؤ واتون ورائي وينءُ،
سپني سين، سيد چئي، من ماري كر مينءُ،
كاند وڏيائي كينءُ، كيني منجهان كين ٿئي.

سـنـئي وينءُ كنن سين ورائج م وري،
هاديءَ جي هدايت جي آهي ايءَ ڳـري،
تن سچي ساهه سري، جن ماريو نفس ماٺ سين.

چوندن كيم چئيج وينءُ ورائي سامهون،
كامت قيمت جهڙي روز ڏمر كي ڏيج،
وينءُ م ورائيج ته سڀ ور سهاڳي ٿئين.

انءُ چوندن مَ چؤ چوندن چيو وسار،
انـئي پهـر ادب سين پر اهائي پار،
مفتي منجهه وهار، ته قاضي كانيارو نه ٿئين.

مفتي معنيٰ فتويٰ ڏيندڙ. هتي ٿيو وويك. سو فتوي ڏينءُ لاءِ منجهه وهار ته پوءِ قـاضيءَ كانيـارو نـه ٿـئين يعني ته كڻ باهرين قـاضيءَ جي كانءُ نه كڍڻي پوئي. مطلب ڇا ته پنهنجن كرتوتن تي سخت نظر رک. جيڳلو نه ٿي. متان پوءِ ٻين جي واهر وهيڻو وڃين ٿين. هدايت ته قابل عمل آهي، پر كو مڃي!

سر كنيات جي پهرين ٻيتن ۾ سهائيءَ سفيديءَ كي ساراهي، پوءِ من مستر كي ميو يعني اٺ بنائي، ويهي جي اُن كي اٿهه ٿو ٻڌي، ۽ دم دلاسا ڏي. سي ته واهه جهڙا آهن. پانءِ ته ٻار ٿو پرچائي. اٺ اوڳو ۽ اٺرو پسون آهي، ۽ جيئن شاهه صاحب چئي ٿو ته: كڌاتورو.

كائي نہ كتڻ هار، چندن جا چوپا كري،
اگر اوڏو نہ وجي، سر كنڊ لهي نہ سار،
لاٽي جي لغار، ميو مستانو كيو.

كرهي كي كئين وڌم پئد پلڻ جا،
ليڙو لاٽيءَ كي چري، نير ساڻ نئين،
چانگي سندي پت ۾ صاحب وجهہ سنئين،
اوپاهيوس اهين، لطف ساڻ، لطيف چئي.

چانگي چئي چكباس مٿان اک نہ الهي،
جنهن ول گهٽا وهاتيا ان سين ار لڳياس،
چوڏاري چندن وڻ پڇي پوڄ ٿياس،
روئاري رت كياس ان كڌا توري كرهي.

پوءِ ٿو سڌو اٺ كي چئي يعني من كي سمجهائي. چي:

كرها كسر چڏ، وكون وجهہ وڏنديون،
هيكر حبين سان مون كي نيئي گڏ،
مچڻ پونئي هڏ آهون اكنڊين جون.

كرها كسر چڏ وک وڏندي پاءِ،
منهنجو هلڻ اتهن جتي جانب جاءِ،
توكي چندن چاربان پيو وڳ لاٽي كاءِ،
انهين اٺ اناءِ جيئن هونديءَ رات هت مڙون.

كسر چڏ كنوات وكون وجهہ وڏنديون،
سنئين سپيرين جي ونگي پاءِ م وات،
چڏ جهوري، ڏي جهات، تہ هونديءَ رات هت مڙون.

هک هنڌ تہ خوشامد بہ ٿو كريس. چي:

كرها كر سڃاڻ پيكوءِ پانهنجو،
اصل آهي اوهان جو ناليرو نڏاڻ،

سو:

كرها اسان سانڻ. كي چانگا كج چڱايون.

پر ڏسي ٿو ته من روپي ميو شر جو شر. تڏهن ٿو ٻڌيس ربگهڙيون. چي:

ٻَل ٻانا ياقوت جا موتين ٻَتي مال.

ٻَل، ٻَلي م، ٻَانا. كئنبيون ياقوتن واريون پايانءِ. ءِ مال، مالها. ٻَاني موتين ٻَتي وجهانءِ.

كديفي جي كرها هيدي پايانءِ حال.

هيدي يعني جهل. بت جو كپڙو سو وري كديفي يعني ولويت جو مٿان وجهانءِ. پڻ چندن چاريانءِ جال.

جال: جهجهو،

جي مون رات رسائيين.

يعني جي رات جو وٺي هلي پرين وٽ پهچائينم.

ٻَل ٻانا ياقتون جا موتين ٻَتي مال.
كديفي جي كرها هيدي پايانءِ حال.
چندن چاريانءِ جال. جي مون رات رسائيين.

ٻَل ٻنا ياقوت جا موتي منجهه مهار.
چانگا چندن چاريانءِ انئي پهر اپار.
سندي پي پچار. جي مون رات رسائيين.

ميا تو مهار سڄي پايان سون جي.
چاريان چندن چوتيون نايو ميندي‌ءَ ڏار.
سندي پيءَ پچار جي مون رات رسائيين.

پوءِ جڏهن من مچلائي ڇڏيس ٿو. ءِ ساڏ سنگت جو ساءُ چكيس ٿو. ءِ نائك نينهن جي لڳيس ٿي. تڏهن ساڳيو روپك اٺ وارو ٻڌي، هئن ٿو من جي ڳت جو وسنار كري. چي:

جيـان ڪوڙو ٻـ ڪانئين پنجين لکين پاءُ،
ميـو تنهن ماڳـاءُ ڍهاٽي ڏار چـري.

جيان ڪوڙ ٻـ ڪانيون پنجين لکين پڪ،
تيـان ڏيئي تڪ مـبـو مـتـارو تـيـو.

اُن ڪري توکي مون کي ٻه نيڪ صلاح تو ڏئي ته اهڙو من روپي:
لک لاکيٽو ڪر هو ڪوڙين ڏيئي ڪاھ،
ايلاچيـون آهر ۾ پوچ مـيي کي پاءِ،
ڪ ت نه ڪندو ڪاءِ جه پلاٽيو تـه پرينءِ مڙي.

يعني من کي چڱي رستي لاءِ، مٿ ءونا هٽي کيس ساڌ سنگت تي هيراءِ. ۽ هيڪر دنيا کان رخ ڦريس، ۽ منهن ساڌ سنگت ڏي تئيس ته پوءِ منزل مقصد تي وجي رسائيندءِ. ڪٿ ڪندو ڪانه. سڌو ئي سڌو هلبو هلندءِ.

شل هرڪو اهو سبق هنئين سان هنڊائي، ۽ پنهنجي من روپي ميي کي ”نوڙي نرمل نام“ جي سان ٻنڌي رنگ ۾ رتو رهي.

○○○

# شاھ جون سور ميون

نارائڻ داس ڀمڀاٽي

## مصنف جي قلم مان

جيئن نظم، ناٽڪ، ناول، مضمون ۽ ٻيا ادبي اظهار جا طريقا لکندڙ جي شخصيت جو ذڪر آهن، تيئن تنقيد ٻڻ تنقيد ڪندڙ جي نقطہ نگاهہ جو بيان آهي. نڪتہ چين ٻہ، ٻين ادبي هنرمندن جيان، هڪ هنرمند آهي. هن ننڍي ڪتاب ۾ مون شاهہ عبداللطيف جي ستن سورمين جون پنهنجي نقطيٰ نظر کان، سيرتون چٽيون آهن ۽ هن جي هڪ ٻئي سان ڀيٽ ڪئي اٿم. ڪتاب ۾ درج ٿيل رايا ۽ خيال شخصي آهن، ۽ جيئن شاهہ جي سورمين کي سمجهيو اٿم، تيئن ئي سندين سيرتن جو نقش ڪڍيو اٿم.

هڪ مکيہ ادبي اصول جنهنجي هر ڪنهن نڪتہ چين کي پوئواري ڪرڻي پوي ٿي، سو اهو آهي تہ ڪيس مصنف جي پٺ وٺڻي آهي. جنهن دڳ تان ادبي هنرمند هليو، ان اتان ئي، نڪتہ چين کي، هن جو پيرو کڻي، پنڌ ڪرڻو آهي. ان اصول کي خيال ۾ ڏري، مون صرف شاهہ جي رسالي جي آڌار تي ئي سورمين کي پرجهاڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. نڪتہ چين کي ادبي هنرمند جو شارح ٿيڻو آهي. جيڪي لکندڙ چيو آهي، سو صاف ٻوليءَ ۾ تنقيد ڪندڙ عام ماڻهن کي ٻڌائي ٿو، ليڪن ان کي وڌائي يا گهٽائي نہ ٿو سگهي.

"ن".

# ديباچو

شاهہ عبداللطيف، سنڌ جي ادبي تاج جو لاثاني گوهر، سورمين جو شاعر آهي. هن جو روايتي شعر، جو سندس نظم جو ڳچ حصو والاري ٿو. ڏيکاري ٿو تہ شاهہ کي عورت جي امنگن لاءِ عزت هئي. هن پنهنجي تيز فهم، ذکي نگاهہ ۽ انساني سڀاءَ جي ڳوڙهيءَ ڄاڻ مان پروڙيو تہ عورت جيڪي دلي دليريءَ جا اعلي اعمال ڪري سگهي ٿي، سي مرد جي پهچ کان ٻاهر آهن: جو خود انڪساريءَ جو انگ هن ۾ آهي، سو مرد ۾ هرگز نظر نہ ايندو. هن جي قرباني بينظير ۽ سهن شڪتي عبرتناڪ آهي. جيتوڻيڪ هوءَ جسم جي ضعيف نظر اچي ٿي، تہ بہ ارادي جي پڪي آهي ۽ قول تي قائم رهي ٿي. هن جي زندگيءَ جي مراد ڏيڻ آهي، نہ وٺڻ. شاهہ صاحب جئن ڏٺو، تئن ئي شعر ۾ ڏيکاريو. تہ عورت جو پريم عورت جي سموري هستي آهي. محبت جي ميدان ۾ عورت هڪ واريءَ قدم کنيو، تہ وري پٺتي نہ هٽندي، دنيا جي اڪيچار آزمودن مان هن شاعر پرايو تہ عورت جي دلي اٿاهہ ساگر ۾ جي امنگ اڇلون مارينديون رهن ٿا. تن جو ذڪر شعر لاءِ جيڪر اوچو مضمون ٿئي. جنهن دنيا جو شاهہ صاحب پنهنجي نظمي ڪهاڻين ۾ ذڪر ڪري ٿو، اُن تي مرد کان وڌيڪ عورت غالب پيل آهي. هڪ ڳالهہ جنهن لاءِ بہ رايا ٿي نہ ٿا سگهن. سا هيءَ آهي تہ سيني ڪهاڻين جا مکيہ اداڪار گهڻو ڪري عورتون آهن ۽ نہ مرد. سواءِ امام حسين ۽ راءِ ڏياچ جي هن ٻيو ڪوبہ اهڙو اداڪار پيدا نہ ڪيو آهي، جو سورمي سڏجڻ جو لائق هجي. ۽ سيني ڪهاڻين جي رٿا جي واڌ جو مدار سندين سورمين تي رکيو ويو آهي.

نظم ۾ شاهہ جون ڪهاڻيون جملي نوَ آهن. انهن مان ٻن ۾، "سُر گهاتو"(جنهن ۾ مورڙي ميربحر جي ڳالهہ ڏنل آهي) ۽ "سُر ڪيڏارو"(جنهن ۾ امام حسين جي شهادت جو ڪجهہ ذڪر آهي) عورت اداڪار بلڪل ڪونهي. جنهن بہ شاهہ جي شعر جو ابياس ڪيو آهي، تنهن کي معلوم هوندو تہ جن ڪهاڻين ۾ سورميون آهن، تن جا سرا يا نائڪائن جي نالن سان آهن، جئن" سُر مارئي". "سُر سهڻي"، "سُرسورٺ"، يا جتي سورميءَ ۽ سورمي ٻنهي جا نالا سري ۾ اچن ٿا. تتي ٻهرين سورميءَ جو نالو اچي ٿو، جئن" سُر ليلا چنيسر". "سُر مومل راڻو". اها هڪ عجيب حقيقت آهي تہ جيتوڻيڪ راءِ ڏياچ واري قصي ۾ مکيہ

اداڪار ٻيجل ۽ راءِ ڏياچ آهن. تہ بہ سندس سرو آهي"سُر سورٺ". سسئيءَ ۽ پنهونءَ جي ڪهاڻي جا ڪيترن ئي سُرن ۾ اچي ٿي. تنهن جي پهرئين سُر کي"سر سسئي آبري" سڏيو اٿس. سسئي لفظ جو اتي هجڻ با مطلب آهي، پر ٻين سرن معذوري، ڪوهياري يا حسيني جي معنيٰ ڏسبي تہ انهن جو تعلق سسئيءَ سان آهي ۽ نہ پنهونءَ سان. شاهہ جهڙي اعليٰ درجي واري شاعر جي لکڻيءَ ۾ اهو اتفاقي نتيجو ٿي نہ ٿو سگهي. هن ڇاڻي ٻجهي ان نموني جا سرا ڏنا آهن. سواءِ راءِ ڏياچ ۽ امام حسين جي. ٻيا مرد اداڪار پنهنجي سر کي بہ ڪينهن سندن هستي عورت اداڪارن جي هستيءَ تي مدار رکي ٿي. سهڻيءَ جي پيٽ ۾ ميهار کهڙو نہ ٿو پيو لڳي؟ سسئي جي قربانيءَ ڏانهن نهاربو تہ پنهونءَ ۾ اک بہ ڪانہ ٻڏندي. نوريءَ ۽ ڄام تماچي جي وچ ۾ تہ شاهہ پاڻ ئي پيٽ ڪندي چوي ٿو تہ جڏهن تماچيءَ نوريءَ کي نوازيو. تڏهن ئي پاڻ اهڙو ناميارو ٿيو. ڪيترا حاڪم ٿي گذريا آهن، جن جو شان شوڪت ۽ دٻدٻو ڄام تماچيءَ کان بہ زياده هو. مگر انهن جو اڄ نالو نشان بہ ڪونهي. ڄام تماچيءَ کي نوريءَ امر ڪيو:

نوري جي نوازيو، ٿيو ڄام تماچي تي،
گاڏي چاڙهي گندري، ماڙهو ڪئو مي،
ڪنجهر چندا ڪي، تہ سڄ سپائي ڳالڙي.

مومل ۽ ليلا جي، نوريءَ، سهڻيءَ ۽ سسئيءَجيان، بي عيب نہ آهن ۽ خطا ڪري ٿا ٻڙجن ٿيون. تن جون سيرتون پڻ رائي خواه چنيسر کان وڏيڪ ڪشش ڪندڙ آهن. ليلا، چنيسر کي اَمر ڪيو، نہ چنيسر ليلا کي. شاهہ کي مومل جي منٺن موهيو، نہ رائي جي گنڀيرتا ۽ سياڻپ.

شاهہ جون سورميون سندس دل جون ترجمان آهن. جن جي واتان هو ڪن صوفياني خيالن ۽ ويدانتي مٺن جو اظهار ڪري ٿو. جيڪي شاعر کي وڻي ٿو، سو ڪانئن ڪرائي ٿو. قصہ نويسيءَ جي فن موجب اداڪارن جي سيرت نگاريءَ وقت مصنف کي پنهنجو پاڻ وسارڻو آهي پر شاهہ پهرين شاعر هو ۽ پوءِ افسانہ نويس. هن پنهنجي شخصيت پنهنجين سورمين ۾ پلٽي آهي. شاه جو شعر سندس زندگيءَ مان ايري ٿو ۽ شاهہ جون سورميون سندس جدا جدا روپ آهن. شاهہ شاعر هو ۽ عاشق هو. صوفي ۽ فيلوسوف هو. ۽ سندس سڀاءَ جون اهي چارئي خاصيتون سندس سورمين ۾ نظر اينديون. پاڻ کي ويهي منجهن اوتيو اٿس. ڪهاڻيءَ ۾ ڪڏهن پاڻ ٿو ڳالهائي تہ ڪڏهن سندس سورميون.

شاهہ جو قصصي شعر معنيٰ سندس سورميون. ائين برابر آهي تہ پهرين ميهار

سهڻيءَ جي قرب ۾ قابو ٿيو ۽ اميري ترڪ ڪري فقيري قبوليائين. ۽ پنهون سسئيءَ جي سونهن جي هاڪ ٻڌي، پنهنجو وطن ڇڏي، پرديس ۾ پريم جي پياس ماڻڻ آيو:

سرهي منجهان ساٿ، آئي بوءِ ڀنڀور کي،
بيٺا بازارن ۾، لائي ڄت ڄباٿ.

تہ بہ سهڻي ميهار ۽ سسئيءَ پنهونءَ جون آکاڻيون جيڪي شاهہ ڳائي ٿو، تن جو گهڻو حصو سهڻيءَ ۽ سسئيءَ جي باري ۾ آهي. "سر سهڻي" جو مضمون- درياهہ جو تيز وهڪرو ۽ لهرن جو ڌمڪائيندڙ آواز. درياهہ جي دهشت ۽ دم. ڦهري ڪنن جا دل ڏاريندڙ ڌڌڪا. بحر جا بيحد ٻاڳو ۽ هزارين هيبتناڪ مڇ جي دائماً شڪار لاءِ واجهائيندا رهن ٿا. ڪاري رات. جڏهن سهڻي ساهڙ کي ملڻ لاءِ ڪچو گهڙو کڻي درياهہ ۾ گهڙي ٿي، سهڻيءَ جا ميهار کي دلسوز سڏ. سهڻيءَ جي سرتين سان ساهڙ جي سونهن جي ساراهہ-سڏيءَ طرح سهڻيءَ سان ئي لاڳاپو رکي ٿو. فقط هڪ هنڌ ميهار جو ذڪر اچي ٿو. جڏهن سهڻيءَ جي سڏن جو آواز:

"ساهڙ ڇامر! ستار! سگهو رسج سير ۾".

ميهار جي ڪنن تائين پهچي ٿو. تڏهن ٿو شاعر چوي:

اُيو تڙ ميهار، ملاحن سڏ ڪري،
آئون پڻ وڃان هنڌ، آئين پڻ وجهو چار.
گهوريون ڪارڻيار، مان مڙنهون سيرين.

ميهار ملاحن کي جيڪي سڏ ڪري ٿو. تن جو ذڪر شاهہ ڇڻن پنجن بيتن ۾ ڪيو آهي. سُر آبري، معذوري، ديسي، ڪوهياري ۽ حسيني. جن ۾ سسئي پنهونءَ جي آکاڻي چيل آهي. صرف سورميءَ جي دل گهائيندڙ دانهن سان پُر آهن ۽ منجهن سسئيءَ جي ڏکيءَ دل جو نقش ڪڍيل آهي. سسئي ڳم ٿيل پنهل جي تلاش ۾ انتظار ۽ صبر سان جهنگ جبل ۽ برپٽ رلي ٿي، مگر پنهون ڇا ٿو ڪري؟ شاهہ صاحب ان لاءِ ڪجهہ بہ نٿو چوي. صرف هڪڙي هنڌ پنهونءَ جي ڪيڙن ڏوڻڻ جو ذڪر ڪري ٿو:

ڳـڏيو ڏوڻين ڏوءِ، پنهـوءِ پارچـو هٿ ۾،
اني آريءَ ڄام جو، قاصد آيس ڪوءِ،
اِيءُ ڪامل! ڪم نہ سندوءِ، جن پهس پچارين پوتين.

ساڳيءَ طرح "سر ليلا چنيسر" ۾ ليلا چنيسر کي آزيون نيزاريون ڪري حطا بخشرائي ٿي. چنيسر ڪجهہ بہ نہ ٿو ڳالهائي. هڪ يا بہ دفعا ليلا جي واتان

اسين چنيسر بابت ٻڌون ٿا. "سُر مارئي" ۾ بنديخاني مان مارئيءَ جي دلي جذبن جو، جي ڪانڌ جي قرب ۽ حب الوطني سان ڀريل آهن، ذڪر ٿيل آهي. سر جي منڍ ڪان وٺي ڀڄاڙيءَ تائين، هر هڪ بيت ۽ وائيءَ ۾ مارئي نظر ايندي. "سر ڪاموڏ" ۾ نوريءَ جي نور ۾ رڱيو پيو آهي. شاهه صاحب ڄام تماچيءَ جهڙي حاڪم جي ذڪر ڪرڻ بجاءِ سندس مهاڻيءَ معشوق جو احوال ڏيڻ پسند ڪيو. "سر سورٺ" ئي آهي، جنهن جو مضمون سورٺ بابت ايترو نٿو ٻڌائي، جيترو ٻيجل ۽ راءِ ڏياچ لاءِ.

هڪ ڳالهه جا ڏيان ۾ آڻڻ جوڳي آهي سا هيءَ آهي تہ آڪائيءَ جي رٿا ۾ شاعر پاڻ ڳالهائي ٿو. پر ڪنهن سان؟ پنهنجين سورمين سان. شاهه سورمين کي هر وقت هدايت ڪندو رهي ٿو. سهڻيءَ کي صلاح ڏئي ٿو:

مرج وٺ مهار، متان موٽيين سوهڻي!
ساهڙ جا سينگار، متان ڏم ڏيکارين.

ليلا جڏهن هار تي هرکي چنيسر وڪيو ۽ چنيسر کيس پنهنجيءَ دل مان تڙي ڪڍيو، تڏهن شاعر ٿو ليلا کي چوي:

ليلا! حيلا ڇڏ، جي تون سوڀي! سڪين،
پائي پاند ڳچيءَ ۾، پاڻ غريبي ڳڏ،
هڏ نہ چنڊءِ لڏ، جي ڪارون آئين ڪانڌ کي.

نصيحت برابر ڏئيس ٿو پر چنيس پڻ ٿو:

مٺئي ئي موهجي، موڙهي! ڪئيءِ مرڪ،
چئي چنيسر ڄام سين، وڏو تو فرق،
وري ويو ورق، آيوءِ ڏنءُ ڏهاڳہ جو.

مومل جڏهن راڻي جي پرپٺ جڙتو راڻو ناهي دل پرپائي ۽ راڻي جو راضپو وڃايائين، تڏهن شاعر تنبيهه ڪندي چويس ٿو:

راڻو پـانو راند، وڃـڻـو ڪنءِ وڙرائيين؟
ور وڏاڻو ايهين، جن پڙو پختو پاند،
هَي! پڳيءِ هيڪاند، سودو سارندئي گهٽو.

مارئيءَ کي دلاسن ڏيڻ سان نہ حد ڪري ڇڏي اٿس:

م ڪين روءِ، م رڙ ڪين، م ڪين ڪر دانهون،
سـتي لوڪ لطيف چي، ٻيئي ڪٺ ڄاهون،
لڏيءِ جت لائون، سو ڏيهہ پسنديءِ، مارئي!

سسئيءَ کي تہ اڳوات آگاهہ ٿو ڪري تہ خبردار رهج! پنهونءَ جا پائر پنهل

ڪي پچائي ويندءِ:

جتن ڪج جتن جو، آئيا ڪ ايندا،
وني پنهو پاهجو، وتان تو ويندا،
دم نہ دميندا، سڏاريندا ساٿيهہ ڏي.

۽ جڏهن سسئيءَ جا ڏير، سائس دولاب ڪري، پنهونءَ کي بي سرتائيءَ جي حالت ۾ اُٺن تي پچائي ويا ۽ سسئي هوت جي ڳولا ۾ ڀٽڪندي ڪيس چوي ٿي:

تو جو ٻول، ٻروچ! ويهي ڪِئو وٽڪار ۾،
سوئي پارج، هوت! ولَهي مون معذور سين.

تڏهن شاعر ٻين سورمين جيان، ڪيس پڻ چوي ٿو:

ڀهرين تون پاريج، پارڻ پوءِ پنهونءَ تي،
ٻول م وساريج، هو جو ڪيوءِ هوت سين.

شاھ چاهي ها تہ سورمن سان بہ روح رهاڻ ڪري سگهي ها. سورمين جي دلي صداقت ڏانهن پاڻ ڪن جي ڌيان ڇڪائڻ لاءِ شاعر هڪ عقل واري تجويز ڪتب آندي آهي، جو آکاڻين جي گهٽي پاڳي جو تعلق سندين نايڪائن سان رکيو اٿس. شاھ صاحب کهاڻين جو منڍ وچ ۽ پڇاڙي، ٿيئي نتو ڏئي. "سر مومل رائو" ئي آهي جنهن ۾ ڪي قدر تفصيل سان آکاڻي ڏنل آهي. ٻيا سڀ سُر وچان شروع ٿين ٿا ۽ شاھ چوندي چوندي صرف اهي واقعا ڏنا آهن جن دوران سورمين جون سيرتون چٽي سگهيو آهي.

سورمين جي سوال سان واسطو رکندڙ هڪ مسئلو آهي جنهن پڙهندڙن جو ڌيان لهڻو. مڙني کهاڻين جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ عورت ئي آهي جا مرد جي تلاش ۾ وڃي ٿي. شاھ حياتيءَ ۾ ڏٺو تہ عورت مرد جي ڳولا ۾ رهي ٿي ۽ نہ مرد عورت جي. عورت جي زندگي ڪانڌ لاءِ جستجو آهي. ان جستجو ۾ هوءَ پرواھ نہ ٿي ڪري جي خود پاڻ بہ ناس ٿي وڃي. شاھ جا طالب سورميون آهن، نہ سورما. سهڻي ميهار جي تلاش ۾ درياھ ترندي فنا ٿي. عام آکاڻيءَ جي رتا ۾ آهي ڀهرين ميهار ڏهاڙي رات جو تار تري وڃي سهڻيءَ سان وصال ماڻيندو هو. مگر ان وقت درياھ جي حالت کهڙي هئي، يا ميهار کي کهڙيون مشڪلاتون پيش اينديون هيون، تن جو شاھ صاحب ذڪر ڪو نہ ٿو ڪري. فقط هڪ بيت ۾ ان واقعي ڏانهن اشارو ڪندي ٻڌائي ٿو تہ:

هي پاٽي سين پاهجو، پسائي نہ سنگار،
ڪارڻ منڌ مهار، ڪري رات ڪُن تري.

مگر سهڻيءَ جي دردناڪ حالت بيان ڪرڻ لاءِ ته شاعر اڪيچار بيت ۽ وائيون چيون آهن. عام طرح جا سهڻي ۽ ميهار جي آڪاڻي چوڻ ۾ ايندي آهي ۽ جنهن تي شاهه صاحب "سر سهڻي" جو مضمون بيهاريو. ان ۾ آيل آهي ته ميهار هر ڪنهن رات پڪل مڇي پاڻ سان کڻي ويندو هو. جا پاڻ ۽ سهڻي گڏجي کائيندا هئا. هڪ ڀيري جڏهن سخت طوفان لڳڻ سبب ميربحرن وٽان ڪيس مڇي ملي نه سگهي، تڏهن معشوق وٽ هٿين خالي وڃڻ واجب نه سمجهي، پنهنجيءَ ٽنگ مان ران ٽڪر ڪپي، پچائي کڻي ويو. ميهار جي سيرت نگاريءَ ۾ اهو هڪ اهڙو واقعو آهي جو ڪيس اعلي درجي وارن عاشقن جي قطار ۾ شمار ٿيڻ جو حقدار بڻائي ٿو ۽ اها قرباني جا ميهار سهڻيءَ لاءِ ڪئي سا بلڪل عمدي آهي. پر شاهه صاحب پنهنجي شعر ۾ ان ڏانهن اشارو ڪونه ٿو ڪري. ڇو؟ خاص طرح عورت جي بي بها قربانيءَ جي خصوصيت ڪيس سورمين ڏانهن مائل ڪيو ٿو ڏسجي ۽ عجب نه آهي جي سرگهور سهڻيءَ کي اهميت ڏيڻ لاءِ ميهار جي مذڪور واقعي کي نظرانداز ڪيائين. سهڻيءَ جي مصيبتن ۽ محنت جو بيان اهڙي ته باريڪ ۽ دلسوز نوع ۾ ڪيو اٿس جو پڙهندڙن ڪان وقتي ميهار ته صفا ڀلجي وڃي ٿو. ميهار هر روز سهڻيءَ کي ملڻ ويندو هو. ان جو مطلب ته اونداهين ۾ ويو هوندو ته سهاين ۾ به. پر جڏهن سهڻي اونداهيءَ رات جو ميهار کي ملڻ لاءِ ڪچو گهڙو کڻي پاڻيءَ ۾ گهڙي آهي، تڏهن ڪيڏي نه دلي جذبي مان شاعر دانهن ٿو ڪري:

ڪاري رات، ڪچو گهڙو، اٿيهه اونداهي،
چنبڙ نالو ناهه ڪو، درياهه دڙ لائي،
ساهڙ ڪارڻ سوهڻي، آڏيءَ تي آئي،
اي ڪم الاهي، نات ڪنن ۾ ڪير گهڙي؟

سسئي پنهل جي پنيان رلندي زمين ۾ دبجي ويئي ۽ ساريءَ شاهه واريءَ ڪهاڻيءَ ۾ صرف سسئيءَ جي تلاش جو ذڪر آيل آهي. جيئري ته نهيو، مگر مئي پڇاڻا پڻ جڏهن:

اچي عزرائيل، سُتي جاڳائي سسئي،
ٿي دوڙائي دليل، ته پنهونءَ ماڻهو موڪليو.

شاهه اتي به مات نه ٿو ڪري وهي، پر وڏيڪ سسئيءَ جي تلاش جو ذڪر ڪندي ٻڌائي ٿو ته:

مُنڪر ۽ نڪير کي، جڏهن ڏٺائين،
اڳئا اٿي ان کي، پنهون پڇيائين،
ادا! اهائين، ڪو وٺو سات سڄڻ جو.

عورت جي اُمنگن جو ذڪر جيڪو شاهہ ڪيو آهي سو انگريزي شاعرن ۽ ناٽڪ نويسن جي لکڻ ۾ ورلي نظر ايندو. انهيءَ ڏس ۾ شاهہ ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي.

مارئي بنديخاني اندر قابو آهي. هن کي اها آزادگي ڪانهي جو قيد جا ڪڙا کولي وڃي مارن سان ملي ۽ ڪيت سين کي پنهنجيءَ سچائيءَ جو ثبوت ڏئي. تہ بہ هن جو روح دائماً مارن لاءِ رڙيون ڪندو رهي ٿو. شاعر ڪٿي بہ ڪونہ ٿو چوي تہ ڪيت سين، جنهن سان مارئي مڱيل هئي، مارئيءَ کي بند مان ڇڏائڻ لاءِ ڪا ڪوشش ورتي. مارئيءَ جا مائٽ ڏيءُ کي وساري وينا. شايد همت ڪانہ ٿين جو عمر جهڙي حاڪم جي سامهون ٿين. شاعر مارئيءَ جي مڪان پڌائي ٿو تہ:

نڪو اير، نہ پير، نڪو اوني آئيو،
مون وٽ آيو ڪونہ ڪو، پائرئا پري پير.

مگر مارئيءَ کين دل تان ڪڏهن بہ ڪين لاٿو. هوءَ دم دم مارن کي سارينديرهي.

چرن چٺڪن چت ۾، سدا منجهہ سرير،
لڏي ڪه لوءِ وئا، مارو منجهہ ملير،
ويئي پوچيان پير، مان ملنم ڪڏهين!

قيد ۾ هوندي بہ مارئي مائٽن سان ملڻ جا وجهہ ڳوليندي رهي ٿي.

نوريءَ جي نينهن ۾ ڦاٿو ڄام تماچي. ليڪن شاهہ ڏيکاري ٿو تہ نوري ئي آهي جا هميشہ هن جي منٿائو آهي. عورت، مرد جي محبت جي محتاج آهي ۽ سدائين پتار جي ڪاڻ ڪڍٿي پويس ٿي. نوريءَ برابر جسماني تلاش ڪانہ ڪئي، مگر تلاش دل ۽ دماغ جي پڻ ٿيندي آهي.

هر ڪنهن ڪهاڻيءَ جي رٿا جو مدار، اها ڪهاڻي نظم ۾ هجي يا نثر ۾، ڪنهن نہ ڪنهن بنيادي ويچار تي رهي ٿو. اها ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ شاهہ هر ڪنهن آکاڻيءَ ۾ ڪو نہ ڪو اهم ويچار رکيو آهي. ڪن جي پڇاڙي درديل دکياري آهي تہ ڪن جي هرڪہ هلاس واري. مگر مڙني مان هڪ جٽادار شخصيت جي بوءِ اچي ٿي. جيئن درزي ڪن وهاڻن جون ڇٽون ڳاڙهيون ناهيندو آهي تہ ڪن جون سايون ۽ نيليون، مگر اندر ڪپهہ ئي وجهندو آهي، يا جئن منائيءَ وارا جدا جدا شڪلين جا ٽولڙا جوڙيندو آهي، مگر نہيل سيئي کند مان ٿين ٿا، تئن شاهہ جي سيني ڪهاڻين جي اصولي مراد هڪ آهي. جهڙيءَ ريت اندلٺ جي ستن رنگن جو ڪارڻ سفيد روشني ٿئي ٿي، تهڙيءَ ريت شاهہ صاحب جون نظمي وارتائون

سندس ئي شخصيت مان اُپرن ٿيون. سيني ۾ پاڻ پيو وسي. ڪهاڻين جي بيهڪ هڪ ٻئي کان علحدي آهي. پر انهن مڙني جي تهہ ۾ ويچار جي هيڪڙائي نظر ايندي. آکاڻين جي ڪثرت ۾ خيال جي وحدت قائم رکي اٿس. انساني زندگيءَ جي مراد آهي ڏٺيءَ جي حاصلات. ان ڪري هر ڪنهن انسان لاءِ لازمي آهي تہ هو ايشور جي تلاش ڪري. شاهہ عبداللطيف جي ڪهاڻين جو حاصل مطلب بہ اهو ئي آهي. سندس سورميون انڻ روحاني تلاش ۾ رڌل آهن. ليڪن طالب کي مطلوب جي پراپتيءَ ۾ ڪئين تڪليفون آڏو اچن ٿيون. جن کي ڪيس صبر سان منهن ڏيڻو آهي. شاعر انهن مشڪلاتن جو پڻ بيان ڪري ٿو. انهيءَ نقط نگاهہ کان شاهہ جو قصصي شعر ٻن طبقن ۾ ورهائبو. هڪڙيون ڪهاڻيون آهن جن ۾ شاعر ڏيکاري ٿو تہ طالب کي کهڙين ڳالهين جو احتجاج آهي ۽ ڪيس ڇا ڪرڻ جڳائي. سهڻيءَ ۽ سسئيءَ جي صورت حال مان هو ظاهر ڪري ٿو تہ سچو طالب اهو آهي جو دنيوي آفتن ۽ نفساني خواهشن تي بندگيءَ ۽ خود انڪاريءَ ذريعي غالب پئي. شيطاني ڄار کان بچي، سر تريءَ تي ڪٽي، وڃي ٿو معشوق جو وصال ماڻي. نوريءَ جي سيرت نگاريءَ مان شاهہ ظاهر ڪري ٿو تہ:

"ڍول تنين جي ڍار، هيناهيون هلن جي."

تہ ڏٺيءَ وٽ ڪم ايندءِ نياز، نہ ناز. سچي طالب ۾ نمرتا جو گڻ هئڻ جڳائي. مولا کي ملڻ جو ماڳ آهي منٿ جو ماڳ. سانياڻيءَ تماچيءَ کي هٽ ڪيو نماڻيءَ نگاهہ سان:

"مهاڻيءَ جي من ۾، نہ گيرب، نہ گاءُ."

ٻئي طبقي ۾ اهي آهن جن دوران شاعر ٻڌائي ٿو تہ ڪهڙين ڳالهين کان طالب کي پاسو ڪرڻ گهرجي. ليلا ڪتيل بازي هارائي، ڇاڪاڻ تہ منجهس هٺ هو. خود پرستي هئي. خدا تعاليٰ ٻاهرين دٻدٻي ۽ ٺٽ تي ٺٺو پرچي. هو نہ ڏسي نسل کي، نہ پيسي کي. راءُ ريجهندو دل جي صداقت تي.

"ڪوءِ سميون! ٻن سومريون! جي اڃن اوچي ڳاٽ." ليلا پاڻ چوي ٿي تہ:

١- نہ ڪين ٻاهڙين ۾، نہ ڪين ڳر هئوم،
نہ مون سِنڌ، نہ سرمون، نہ سنگر ڪئوم،
تيلاهہ ڪانڌ سندوم، رکوئي رءِ ڳڙي.

٢- سونا ڪُر ڪنن ۾، ڳچيءَ ڳاڙها هارَ،
ٻانهوٽا ٻانهن ۾، سنڌ سٽٻا وار،
تيلاهہ ٻي ٻچار، ڪانڌ مهجي ڇڏيي.

پر جنهن چنيسر کيس چٽ تان لاهي ڇڏيو هو. تنهن کي ليلا وري هٿ ڪيو. ڪيئن؟ پڇتاءَ جي لڙڪن سان اندر ڌوئي. جن هيناهين ڪئي. تن ئي لالن لڌو. سچي پڇتاءَ جا ڳوڙها آدميءَ جي گناهہ جو داغ ميٽي، کيس وري ايشور جي لائق بڻائين ٿا. جنهن ڪري نہ ڪيو، تنهن بہ نہ ڪيو. جڏهن ليلا پنهنجي ڪيي تي حد شرمسار ٿي، چنيسر کي چيو:

ڍولا! ڍيل م مون، ڪانڌ! ڪميٽي آهيان،
سڪ تنهنجي سپرين! پيري وڌس پون.

تڏهن شاهہ ليلا کي چوي ٿو:

ليلا! لڄ م ايترو، اٿي سور، بهار،
ڍولو اڱڻ پار ڪانڌ ڪميٽيءَ آئيو.

مومل جي سيرت نگاريءَ مان شاهہ ڏيکاري ٿو تہ سچي سالڪ کي ايشور ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن جي بہ صحبت مان مزو اچڻ نہ گهرجي. مومل جڙتو راڻو ناهي، دل پرچائي، تہ دک پسڻا پيس، ۽ جڏهن ليلا جيان ليلايائين ۽ پنهنجيءَ خطا بخشائڻ لاءِ راڻي کي آزيون نيزاريون ڪيائين، تڏهن ٿو شاعر مومل کي خوشخبري سڻائي:

راڻي ريبارو، نو ڏاهہ مڪو تڪڙو،
لدوئڻا، لطيف چي، ماڻج موچارو،
صبح سوارو، ڪاڪ گهڙندو ڪر هو.

نوري ۽ مارئي تہ نهيو،پر مومل ۽ ليلا جي محلاتن ۾ رهي هندورن ۾ لڏيون ۽ سرتين ساهيڙين ۾ سياڻيون، سهڻيون سڏبيون هيون، تن کي بہ ڪٽ ڇڏي، پٽ قبولڻو پيو. شاهہ سر مومل راڻي ۾ چوي ٿو:

کهڙي پڇين ذات؟ جي آئيا، سي اگهيا.

مالڪ وٽ ملڪيت جو زور بازي نہ ڪندو. نڪي وري حسن ۽ چترائي قبول پوندا. سر معذوريءَ ۾ شاعر ٿو چوي:

ڏکي ڏک وسار، سبج ڦٽي ڪر، سسئي!
پٽيين پير نهار، تہ آرياڻي اُتان لهين.

مڙني ڪهاڻين جو حاصل مطلب هڪ آهي. پر اهو ظاهر آهي تہ جي خاصيتون. شاعر موجب، سالڪن ۾ هئڻ گهرجن، سي پنهنجين سورمين ۾ وڌيون اٿس. تلاش جو ڪم ڪائڻ ڪرائي ٿو. اهو رڻا رچيندڙ جي مرضيءَ تي ڇڏيل ٿئي ٿو تہ جنهن اداڪار کي وڻيس تنهن کي اوچو درجو عطا ڪري. شاهہ جي نظمي

ڪهاڻين ۾ ڳوڙهي معني سمايل آهي. مگر اها ڪنهن کان ٿو ظاهر ڪرائي؟ سهڻيءَ کان، نہ ميهار کان. سسئيءَ کان، نہ پنهونءَ کان. مارئيءَ، نوريءَ، ليلا، نہ عمر، تماچيءَ ۽ چنيسر کان.

شاهہ جي شعر جي اڀياس مان ڄاڻ پوي ٿي تہ هو تقدير جو قائل هو. ۽ بيت جن مان سنديس هيءَ خوبي ظاهر ٿئي ٿي، سي اسين سورمين جي مکا ٻڌون ٿا. جي ڪهاڻيءَ ۾ شاهہ جون عيوضي آهن. سسئي پنهونءَ جي وڇوڙي ۾ ورلاپ ڪندي پڪاري ٿي:

"هيءَ ڪميڻي ڪير؟ جا اَمر کي آڏو ڦري."

ٻئي هڪ بيت ۾ سسئي چوي ٿي:

"اِيُ ڪرم جو ڪاڍو، نات پتر ڪير پنڌ ڪري؟"

مارئي ويچاري ڳوناٺي آهي، تہ بہ پاڻي تي پني ٿي رهي ۽ سمجهي ٿي تہ سندس قسمت ۾ ئي قيد لکيل هو تہ ان کان ڪيئن منهن موڙيو:

قسمت قيد قوي، نات ڪير اچي هن ڪوٽ ۾؟
آئي لکئي لوح جي، هنڌ ڏيکاريم هي.

سهڻي بہ اها ئي لات ٿي لنوي:

١. اِي ڪم الاهي ، نات ڪٺ ۾ ڪير گهڙي؟
٢. ڪير ڪن؟ آئون ڪير؟ ڪير ڏمر سهي ڏم جا؟
قضا رءَ ڪير ڏري؟ مٿي پاڻيءَ پير.

جنهن شاهہ جو روايتي شعر مطالع ڪيو آهي تنهن کي خبر هوندي تہ سواءِ انهن ٽن سورمين جي ٻي ڪابہ تقدير لاءِ ڪجهہ نہ ٿي چوي. ان لاءِ سبب آهي. ليلا ۽ مومل جيڪڏهن سڻو تہ پنهنجن گناهن جي ڪري سَڻو. مگر سهڻي، سسئي ۽ مارئي تہ بي داغ ۽ پاڪ عورتون آهن، جن دکن ۾ پاڻ کي اهو ئي دلاسو ڏنو تہ:

"لکيو لوڙي سيڪ، ڪانہ لکيي کون ڏار،
بي حد جي بلو چوي، حيلين ڪرين هزار،
جو لکيو منجهہ نراڙ، سو قلم ڪياڙيءَ نا وهي."

شاهہ پنهنجون گهڻيون سورميون حياتيءَ جي هيٺين درجي مان چونديون آهن. مارئي ٿر جي غريب ڪڙمين جي نياڻي آهي، تہ نوري وري ذات جي مهاڻي آهي، سهڻي آهي ڪنير جي ڄائي، تہ سسئي، هڪ ٻانڀڻ جي ڌيءُ، ڌوٻيءَ جي گهر ۾ پلجي وڏي ٿئي ٿي. باقي مومل آهي، راجا نند جي نياڻي، ۽ ليلا، چنيسر جي پٽ راڻي. سورٺ، اصل ۾ ڌيءُ راجا انيراءِ جي، رتني ڪنير جي نياڻي ليکجڻ ۾ اچي

ٿي. ۽ جڏهن راءِ ڏياچ ڪيس راڻي ڪري ٿو. تڏهن ڪيس بہ اها ئي چاڻ آهي تہ سورٺ ڪنيارڻ آهي. سورمين جي اهڙيءَ چونڊ ڪرڻ سان شاهہ ڪهڙي راز سلڻ جي ڪوشش ڪئي آهي؟ دنيا جي اونهي آزمودي مان ڪيس اها چاڻ پئي تہ غريبي گڻن جي کاڻ آهي. جيڪي ڏٺيءَ جا تلاشي آهن تن ۾ گهرجي دل جي صداقت. بلند خيال. نئڙت. قرباني: اهي صفتون شاهوڪارن کان وڌيڪ هن کي غريبن ۾ نظر آيون. غريبي معنيٰ غربت. جيڪي دنيوي خيال کان مسڪين نظر اچن ٿا. سي روحاني دولت ۾ مالا مال آهن: سندن دلي دنيا دائماً آباد رهي ٿي. جڪي دنيا کان پري. سي ڏٺيءَ کي اوري. شاهہ صاحب ڏنو تہ دولت ۾ ناز آهي. غريبيءَ ۾ نياز آهي. ۽ مالڪ وٽ نياز کتندو. نہ ناز. ليلا راڻي هئي. پاڻ چوي ٿي:

وڏيري هياس. چنيسر جي راڄ ۾.
دهلين ، دمامين. نقرين. ٿي پلپل پڇياس.

ليڪن ليلا ناز ڪري لائن لڏل چنيسر. هٿان وڃايو. پرنوريءَ پنهنجيءَ نياز پريءَ هلت سان چام تماچيءَ کي اهڙو موهي پنهنجي قبضي ڪيو. جو خوبصورت نازنين سمين کي ڇڏي، هن هڪ مهاڻيءَ کي پاڻ سان پلنگ پيرو ڪيو:

سميون ڪري سينگر. راءَ ريجهائڻ آئيون.
چام هٿ ۾ چار. چلي ڇپيرن وچ ۾.

مسڪين نيازمندن کي ئي مالڪ نوازيندو آهي. مسڪين مهاڻي جي مڪان مان تماچيءَ لڌو ماڻڪ موتي، يا ٻين لفظن ۾. گندرن جي گند مان نوري گوهر:

هيري هٿ وڌائين. وهي ساڻين وچ ۾.

شاهوڪارن جون اکيون آسمان ۾ آهن. هو دولت جي نشي ۾ چور آهن. جنهن ڪري هو ٿابڙجن ٿا. شاهہ صاحب جون بہ سورميون.ليلا ۽ مومل. وڏ گهرائيون آهن. ۽ اهي ئي ٿابڙجن ٿيون. ليلا لاءِ شاعر چوي ٿو:

ٿڙڪي پسي عوڪ. ترڪي تڪبر ۾ پئي.

ليڪن ٻين سيني جون سيرتون بي داغ آهن ۽ اهي آهن ٻڻ غريبن جون ڄايون. ليلا ۽ مومل جهڙا ڪم نہ ڪيا سهڻيءَ، نہ سسئيءَ، نہ نوريءَ، نہ مارئيءَ. ڪڪاين جهوپڙين ۾ رهندڙن کي ڪهڙي خبر تہ چترائي ڇا ٿيندي آهي؟ شاهہ عبداللطيف چوي ٿو تہ جيڪي جهنگلن ۽ جهوپڙين ۾ ٿا گهارين. تن ڏانهن نفرت جي نظر سان نہ ڏسو. جن جو بدن پراڻن ۽ کهرن ڪنن ۾ ڍڪجيل ٿا ڏسو. تن جي دل ويتر قيمتي اٿوَ. جڏهن بد زبين سخت جبلن کي ڪوٽجي ٿو. تڏهن اندران سون جون ڪاٽيون لين ٿيون. جيڪي سڪن جي سيجن تي ليٽن ٿا ۽ ملڪيت جي نشي ۾

الوٽ آهن. تن کي ئي شيطان پنهنجي چار ۾ سولائيءَ سان ڦاسائي ٿو. ليلا لاءِ هيرا جواهر ڪا نئين چيز ڪونه هئا. تہ بہ هڪ مٺي تي موهجي هن ڪانڌ قربان ڪيو. پاڻ تي باسي:

مٺي مٺي جي هئا. تن چٽن ڦيريم چٽ.

مگر مارئي هڪ غريب ڳوناٺي هئي، هن نہ ڪڏهن سينگاريل پلنگ تي پير رکيو هو. نہ مخمل جي وهاڻن تي سمهي هئي، تہ بہ عمر جي لالچن تي پنيلجي نہ ويئي. مرڳو ئي ڪيس چوي ٿي:

پٽ نہ پهريان، سومرا! جانڪيتان جيان.

○○○

تيل نہ لائيان تنهنجو، مون ماروءَ جو من.

○○○

اِي نہ مارن ريت، جئن سيڻ مٽائن سون تي.

مارئي مسڪين مائٽن جي ڌيءُ هئي، تہ بہ اخلاق جو دامن هٿان نہ ڇڏيائين. مارئي اجا مڱيل هئي. نڪاح ڪونہ ٿيو هوس. مگر ليلا تہ لائون بہ لڌيون هيون. اهو تفاوت شاعر ڏيکاري ٿو غريب ڳوناٺيءَ ۽ راجا جي پٽ رائيءَ ۾.

شاهہ جي سورمين جي قسمت ۾ گهٽي پاڳي سک لکيل ڪونهي. هو ڄڻ تہ جاپون ئي آهن ڏکن ڏسڻ لاءِ. ڄمڻ سان ئي اهڙي ڪنهن گهاتو گرهہ جي اثر هيٺ آيون ٿيون ڏسجن جو سندن نصيب ۾ آهي صرف پچڻ ۽ پڄرڻ.

رئان تہ راند، کلان تہ ڪامي هنيون.

سسئي ڪهڙي نہ درديلي نوع ۾ جبل کي چوي ٿي:

ڏونگر! مون نہ ڏکوءِ، آن اڳ ڏکوئي آهيان،

ساريان ڪونہ سکوءِ، سور گهٽيئي سنيران.

بئي هنڌ ساڳي سورمي ظاهر ڪري ٿي تہ:

مٺ مٺ سورن سپ ڪنهن، مون وٺ وٺاٽان.

مگر سورمين جي حياتين مان شاعر ثابت ڪري ٿو تہ دکن جو دڳہ ئي آهي جو انسان کي سکن جي ديس جو سير ٿو ڪرائي:

ڪوهيارو ڪامل، مون کي ڏک ڏيکاريو.

شاهہ جي سورمين جي دکي جيوت ثابت ڪري ٿي تہ بهشت ۾ ڏٺي ان دوربينيءَ سان ڏسڻ ۾ اچن ٿا جا انساني ڳوڙهن جي نهيل آهي. انسان جي اکين جو

آب ئي آهي جو آدميءَ کي روحاني اندلٺ ڏيکاري ٿو. جنهن زمين کي انساني ڳوڙهن جو پاڻي مليل آهي ان ۾ سچ جا سلا سنا ۽ پلا اسري سگهن ٿا. ڏک ئي آدميءَ جي سيرت سئچ صاف نموني ۾ گهڙين ٿا. جهڙيءَ ريت هر زمين کي کيڙي، سندس سيني کي چونيءَ سان چيري، ان کي پوک لئہ سبر بڻائي ٿو، تهڙيءَ ريت ڏکہ آدميءَ جي دل جي وٽراني ۾ سوراخ ڪري، آنسن روپي آب پهچائي، ان کي پرماتما جي ٻاجهہ ٻڪيءَ لائق ڪن ٿا. جئن سون کي پرکڻ لاءِ سونارو ان کي باهہ ۾ وجهندو آهي، تئن شاهہ صاحب پنهنجي هر هڪ سورميءَ کي . آزمايش لاءِ عذابن جي آگ مان لنگهائي ٿو ۽ کين موت مان ئي ميلاب جي واٽ ڏَسي ٿو:

تون جي ڪالهہ مئي، تہ ڪالهہ ئي گڏي پرينءَ کي،
ڪڏهن ڪانہ سئي، تہ ڪا سگهي گڏي سڄڻين.

سک انت ڪهاڻين جي سورمين، ليلا، مومل ۽ مارئيءَ جون حياتيون بہ ڏکن ۾ گذرن ٿيون. مارئي جا "سر مارئي" ۾ آيل آهي سا عمر جي بنديخاني ۾ قيدڻ آهي. مومل ۽ ليلا ڪيترائي ڏينهن پنهنجن ڪانڌن جي ڀر ۾ پيار ونديو ۽ وڇوڙي پسڻ کان اڳ هنن وصال جي موج پڻ ماڻي. پر شاعر ان جسماني خوشيءَ جي موقعن جو ذڪر صفا نہ ٿو ڪري. نوري ئي آهي جنهن ڏک نہ ڏٺا.

شاهہ جون سڀ سورميون هڪ طبقي اندر نہ اچي سگهنديون. هرهڪ جي پدوي علحدي علحدي آهي. پر جيڪڏهن ڪوشش ڪبي تہ سهڻي ۽ سسئي هڪ درجي ۾ ايندين ۽ مومل ۽ ليلا ٻيءَ ۾. نوري تہ ليلا ۽ مومل جي مقابلي ۾ آيل اهي. مارئي پنهنجو مٽ پاڻ آهي، ۽ سورٺ جي حالت مڙني کان نرالي نظر ايندي.

١

# سهڻي ۽ سسئي

سهڻيءَ ۽ سسئيءَ جي وچ ۾ ظاهري مشابهت آهي. ٻئي ڄڻيون، سالڪ ٻڌجي، محبوبن جي جستجو ۾ پنهنجيون حياتيون قربان ڪن ٿيون. ٻئي دک انت ڪهاڻين جون سورميون آهن. سهڻيءَ ۽ سسئيءَ جي نظمي ڪهاڻين ۾ ساڳي معني رکيل آهي. سهڻيءَ زندگي ڪاتي ميهار جي تلاش ۾، سندس وصال جي اميد ۾. ته سسئيءَ جي حياتي پنهونءَ کي ڍونڍيندي ختم ٿي. شاعر هڪ ئي اهم ويچار ٻنهي آکاڻين جي ذريعي ظاهر ڪرڻ ٿي چاهيو. سهڻيءَ ۽ سسئيءَ جي سيرتن دوران شاهه صاحب سچي سالڪ جون لياقتون ٻڌائڻ ٿي گهريون. هن جو مطلب هو ته ڏيکاري ته سچي سالڪ کي ڪهڙيون مشڪلاتون آڏو اچن ٿيون ۽ هو ڪيئن انهن تي فتح پائي ٿو. سهڻي درياهه تري،.ڦهري ڪن ۽ تيز وهڪري جي خوف خطري مان لنگهي، وڃي ميهار کي ملدي هئي ۽ سسئي وري رڻ پٽ جا ٽڪائيندڙ پنڌ ۽ جبلن ٽڪرن جا لاها چاڙها لنگهي. ڇا لاءِ؟ وڃايل پنهل سان ملڻ لاءِ. ٻنهي سورن جي ستايلين موت جي گود ۾ پنهنجن پرينمن جو مشاهدو ماڻيو.

ٻئي ڄڻيون ماٺهن خواهه مِرن، ساهه وارين توڙي ٻيجان شين کان پنهنجن پرين جي پڇا ڪن ٿيون. سهڻي درياهه ۾ لڙهندڙ ٻنڊ سان دل جو حال اوري ٿي:

ادا! ڙي! ٻانڊي! توکي ڪڙهان ڪ پاڻ ڪي؟
سوڏي خبر سڄڻين، تو ڪا تڙ آندي؟
تو پاتارئا پانڌي، اسان پنڌ پرين ڏي.

سسئي وري جبلن سان ٿي ڳالهائي ۽ سچ کي نياپا ڏئي ٿي:

آئون نہ گڏي پرينءَ کي، تون تو لهين سج!
آئون جي ڏينءِ سنيها، نيئي پريان کي ڏج،
وڃي ڪيچ چئيج تہ" ويچاري وات مئي."

سهڻيءَ ۾ اها ئي خوبي آهي جا اڪثر عورت ۾ نظر اچي ٿي. هوءَ سونهن جي شائق آهي- جنهن جو نالو سهڻي، سا پنهنجيءَ سونهن جو اونو ڪيئن نہ

تہ ميهار جي مڪان بيان ڪري سگهي ها. سسئي پاڻ تي پڌائي تہ جڏهن پنهون ڪيچين سان عطر عنبير ڪٺي اچي ڀنڀور ۾ لٿو ۽ پاڻ، خريدار بڻجي. وڻس ويئي. تڏهن ڪيئن دل وڃائي واپس وري:

١. ڪيچان آيو قافلو، چامن سندو چام،
پسديئي پنهونءَ کي، اکن ڪئو آرام،
ناتر چايان نام، جي مون نهو پاڻ سين.

٢. ڪيچـان آيو قـافلو، پليـرو پـايان،
پٽي جي پيـــرن جي، لڳن کي لايان،
چنبيلي چايان، جي مون نهو پاڻ سين.

ٻئي هنڌ وري چوي ٿي:

حُسن هوت پنهونءَ جي، ماري موت وڏياس. سسئي پنهنجي ويڌن پاڻ ورنن ڪري ٿي، پر پنهونءَ کي جو سسئيءَ جي سڪ بي چين بڻايو. تنهن لاءِ شاعر چو ماٺ ۾ رهيو؟ شاهہ سورمين جي امنگن جو ذري پرزي بيان ڪري ٿو.

مگر انهيءَ ٻاهرينءَ هڪجهڙائيءَ ۾نيان ڪافي تفاوت نظر ايندو. سهڻيءَ جي محبت جون حالتون سسئيءَ جي حالتن کان ٻيءَ طرح جون هيون. سهڻيءَ جي سيرت ڏيکاري ٿي تہ هوءَ چوٽيءَ تي آهي: ان چوٽيءَ تي، جنهن شاهہ جي ٻي ڪابہ سورمي پهچڻ جي سڌ نہ ٿي ڪري سگهي. شاهہ جي مڙني سورمين ۾ سهڻيءَ جو درجو مٿي آهي.

سهڻيءَ جي سيرت جو مکيہ ڇهن آهي هن جي دليري. عشق جي آگ جڏهن سندس اندر ۾ ٻرڻ شروع ڪيو، تڏهن منجهانئس زناني ضعيفائي ڪڍي. ڪيس اڻ جيت شڪتي بخشيائين. سهڻيءَ جي ٻي ڊپائي بي نظير آهي. سهڻيءَ جي حالت ٻين سورمين کان علحدي آهي، جن کي، سواءِ مومل جي، مائٽن سندن ئي رضامنديءَ سان مڱايو پرڻايو. پنگتي خواهہ لوڪ خيال کان سهڻيءَ جو ميهار سان ڪو تعلق نہ هو. مگر سسئيءَ جي پنهل سان شادي ٿيل هئي. سهڻيءَ جي مائٽن جڏهن ڏٺو تہ سهڻي ميهار جي محبت ۾ مبتلا آهي. تڏهن سندس مرضيءَ خلاف ڪيس ڏم سان پرڻايائون. سهڻيءَ کي نہ رڳو هر ڪنهن رات درياهہ تري، ميهار وٽ وڃڻو پوندو هو، پر گهر ۾ ڏم جا ڏوراپا ٻڌڻ سهڻا پوندا هئا. سسئيءَ جيڪڏهن، پنهل لاءِ جبلن ۾ رلندي، پنهنجا پير ڦٽيا، تہ ڪهڙي وڏي ڳالهہ ڇٽبي؟ پنهون سندس ڪانڌ هو، جنهن کي ڳولڻ هن جو فرض هو. مارئي ڪيت سين سان مڱيل هئي ۽ جيڪڏهن مڙس جي ياد ۾ رهي، هن جي عمر جي اچن کي ٺوڪاريو، تہ اخلاقي اصولن جي پيروي ڪيائين. مگر سهڻيءَ جون حالتون وڏيڪ ڪنن هيون. سسئيءَ

جي مائٽن کي معلوم هو تہ سندن ڌيءَ پنهونءَ جي تلاش ۾ وڃي ٿي. هو سندس پنيان ڪين ويا. هن کي ڪو بہ طعنو هڻي نہ ٿي سگهيو. سهڻيءَ جي چوڌاري مخالفت هئي، ڌڪار هئي، رنڊڪون هيون. شاعر چوي ٿو تہ:

پل پل ٿي پلي، ڌم ڏهاڙي ڪيترو.

۽ پاڻ بہ ٻڌائي ٿي تہ:

ڌم ڏيهاڻي ڏي، سندا ميهر مهڻا،
جهليم ٿي جهولي ۾، پلءِ پائيو سي،
مرجان چاليهہ چي، سڳا سپرين جي.

ڌم تہ نهيو مگر سندس سرتيون ۽ عزيز پڻ ڪيس ميهار وٽ وڃڻ کان منع ڪن ٿا. سهڻي ٿي چوي:

ترن جا طعنا، سهنگا ڏينم سرتيون.

هڪ هنڌ شاعر،سهڻيءَ کي سرتين سان گفتگو ڪندي، ڏيکاري ٿو تہ هن کي نہ ڌم جي غصي جي پرواه هئي نہ درياهہ جي چولين، ڪنن، واڳن جو ڊپ. هن کي هر وقت اهو ئي هڪ اونو هو تہ:

شال م ڇجي نينهن، گهڙان گهورڻو جندڙو!

جڏهن سرتيون ٿيون چونس:

متان گهڙين، سوهڻي! اڄ درياهہ ۾ دم،
ڪاريءَ رات ڪنن ۾، ڪهڙو اٿئي ڪم؟
متان جاڳي ڌم، ڀڃي ٻاڙي واريون.

تڏهن سهڻي وراڻي ٿي ڏئين:

ڀڃي ٻاڙي واريون، ڪوهہ ڪريندو ڌم،
ڪاريءَ رات ڪنن ۾ . آهہ ڪاٽيارن ڪم،
هيءُ هڏو ۽ چم، گهورئو محب مهار تان.

اهڙيون مشڪلاتون سسئيءَ کي آڏو ڪين آيون. سسئيءَ جو سور سنا؟ مائٽ سندس برخلاف ڪين ويا. پنهونءَ جي پهر مان سائس ڌاڌائي ٿي. ڏيرن ، ٺڳي ڪري، پنهون ڪانئس جدا ڪيو. پر سهڻيءَ کي ڪهڙي پيئي هئي جو مائٽن جو ناراضپو ڪٽي. ڌم جا ڏوراپا ۽ تنبيهون سهي. ميهار جي پنبان وڃي. ميهار سان ڪهڙو سڱ هوس؟ شاهہ ٻڌائي ٿو تہ سهڻيءَ جو ميهار سان جيڪو سڱ هو ان جي خبر عام ماڻهن کي ڪانہ هئي. اهو سڱ "الست"کان بہ اڳ قائم هو:

سهڻيءَ کي سنگار، اڻ لڳئا اڳي هئا.
نڪا ڪن فيڪون هئي، نڪا ٻي ٻچار،
مرڪي ساڻ مهار، لايائين لنءُ لطيف چي.

سهڻي ٻڌائي ٿي تہ مون ميهار سان ازل کان لائون لڌيون آهن:

”الست“ ارواحن کي، جڏهن چيائون،
ميثاقا مهار سين، لڌيون مون لائون ،
سو موٽي ڪنءَ پاهون؟ جو محفوظا معاف ٿيو.

دنيا اهو سڳ نہ قبوليو. جنهن ڪري سهڻيءَ دنيا جي غرض نہ ڪئي، هوءَ پاڻ سان سچي رهي. پنهنجي سختين جو ڪارڻ هوءَ پاڻ هئي. پنهونءَ جي پنيان ويندي، سسئيءَ سماجڪ يا مذهبي اصولن جي پيڪڙي ڪانہ ڪئي. سهڻيءَ جي حالت وڌيڪ دل ٽوڙ هئي. دلي صداقت ۽ سختين ۾ صبر. سهڻيءَ ۾ ارادي جي پختگي آندي. سهڻيءَ جي اوچتي موت جو سبب ڏم جو حسد ۽ ڪاوڙ هئي. ڏم جي ڀيڻ ٻڪي گهڙي جي جاءِ تي ڪچو رکيو ۽ سهڻي عشق جي انڌ ۾ ڪچي ۽ ٻڪي ۾ تفاوت نہ ڏسي، ڪچو دلو ڪٺي درياهہ ۾ ٽپي پئي. پاڻ چوي ٿي تہ:

”پايم نہ پيلو، منکي ڏاءَ ڏتارئو.“

مگر سسئيءَ جي مائٽن جي ڏيءُ سان هر نموني جي همدردي هئي، ڄاڪاڻ جو سندن قبوليت سان ئي سسئيءَ جو پنهونءَ سان نڪاح ٿيو هو. ۽ جڏهن پنهونءَ کي پاڻر پچائي ويا، تڏهن ڀنڀور جا ماڻهو ٻڻ سسئيءَ جي دل ونڻ لڳا. ان ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪندي شاهہ صاحب چوي ٿو:

چڪس سڀ چئي، ماڻهو شهر ڀنڀور جا،
سا موٽي ڪينءَ مئي، جہ جو جانب جت وٺي ويا.

سهڻي ميهار کي ملڻ تي وڃي تہ سرتيون جهلينس ٿيون ، ليڪن سسئيءَ کي تہ هرڪو صلاح ڏئي ٿو تہ پنهونءَ سان تو لائون لڌيون، ان کي لهڻ کان اڳ نہ موٽجانءِ. خود سندس هڪ جيڏيون بہ کيس آٿت ٿيون ڏين. سسئي سندن لاءِ چوي ٿي:

مون جنءَ رنائون، متي ڪئو هنڙا.

هڪ مکيہ ڳالهہ جنهن اسان جو ڌيان لهڻو سا هيءَ آهي تہ سسئي، ڀڪاٽيءَ جا رتا ۾. ڪيترا دفعا ماءُ سان گفتگو ڪري ٿي ۽ سهڻي صرف سرتين سان. سهڻيءَ کي جيڪڏهن ماءُ هئي بہ ڪٿي، تہ بہ انهيءَ ڏيءُ جي دلي جذبن جو خيال نہ ڪري، کيس زوريءَ ڏم سان پرڻايو. مگر سسئي ماءُ سان دل جو درد اوري ٿي.

پنهور ڇڏڻ وقت سسئي ماءُ کي چوي ٿي:

١. پرينٽي پرينءَ جي، ماءِ! منجهايم مت،

٢. آتڻ اورانگهي وئا، آئون ٿي مران ماءِ!

٣. جتن جي ضرور، مادر! ماري آهيان.

"سر سسئي آبري" ۾ چاٽايل آهي تہ:

اڄ مليندس، ماءِ! ڏاڍا ڪنديس ڪپڙا،

جيجا! جوڳياڻي ٿيان، مون کي جهل م پاءِ.

هيءُ بيت ڏيکاري ٿو تہ سسئيءَ جي ماءُ ڏيءُ کي منع ٿي ڪئي تہ تون پنهور ڇڏي اڪيلي پنهونءَ جي ڳولا ۾ نہ وڃ. مگر انهيءَ جهلڻ ۽ ڏم جي سهڻيءَ کي منع ڪرڻ ۾ تفاوت آهي. سسئيءَ جي ماءُ، ڌيءُ کي روڪي ٿي، ڇاڪاڻ تہ مس قياس ٿو پويس تہ ويچاري ڪيئن جهنگل جاڳيندي ۽ ٺڪر ٺاڪيندي. سهڻيءَ کي دلداري ڏيڻ وارو شاهہ ڪانسواءِ ٻيو ڪير ڪونهي. سسئيءَ ج هينئن ستن مان، جي"سر ڪوهياري" ۾ اچن ٿيون. صفا ظاهر آهي تہ پنهونءَ جي وڇوڙي ۾ جڏهن سسئيءَ ڏک وچان هنجون پي هاريون، تڏهن ماٽس بہ ڌيءُ کي جُهرندو ڏسي، دل جهلي نہ سگهي ۽ اچي روئڻ ۾ ڇتڪي:

رويو ويني راڳ، امر، اورئا نجهري،
لاتو مون ڏيه وٽن سان، لاڳاپو ۽ لاڳ،
ڏنگر سي ڏوريندوين، جن اندر ٻري آڳ

سسئي مان کي چوي ٿي، "اي، منهنجي ماءُ! تون ٻلي گهر ۾ روئي ارمان جو اظهار ڪر، پر مان گهر ۽ وطن سان سڀ ناتا ٽوڙي جبل جهاڳينديس." سسئيءَ جي ماءُ ڌيءُ جو وڇوڙو سهي نہ ٿي سگهي. مگر سهڻيءَ طرف نظر ڪبي تہ معلوم ٿيندو تہ هن قرب جي ڪنل کي تہ ڪو بہ دلاسي ڏيڻ وارو ڪو نہ هو. "امڙ"، "ماءُ"، "جيجل"، "مادر"، "آيل"، اڪر جي سسئيءَ جي بيتن ۾ ڏسڻ ۾ ايندا، سي ظاهر ڪن ٿا تہ سسئيءَ کي همدرد ماءُ هئي. "سر حسيني" ۾ هڪ هنڌ سسئي ماءُ کي چوي ٿي:

ماءِ! وهاڻون وار، ڪڻ پٿراٽي پاهجي،
جيڪين ڏنءِ ڏيج ۾، سو سيوئي سار،
وجان ٿي وٽڪار، ڏنم ٻير پنهونءَ جو.

مٿين ستن مان ثابت آهي تہ سسئيءَ کي سندس مائٽن خوشيءَ سان پنهونءَ سان شادي ڪرائي ۽ کيس ڏاجو ٻڻ ڏنو. سسئيءَ جو پنهونءَ لاءِ پريم هو. سهاڳڻ

عورت جو پنهنجي ڪانڌ لاءِ قرب. پر سهڻيءَ جي ميهار لاءِ سڪ هئي طالب جي مطلوب لاءِ محبت. جيڪي سسئيءَ ڪيو. سو سوين ڪنديون: پتيءَ لاءِ پاڻ پتوڙڻ هر ڪنهن سگهڙ ناريءَ جو فرض آهي. ليڪن جيڪي سهڻيءَ ميهار لاءِ ڪيو. سو هزارن مان هڪ کي به ڪرڻ جي جريت نه ٿيندي.

سسئيءَ ۽ پنهونءَ شاديءَ بعد ڪجهه عرصو هڪ ٻئي جي آغوش ۾ گذاريو. ٻنا ڪنهن به چنتا ۽ مانداڻيءَ جي سسئيءَ پنهونءَ جي پريم جي چشمي مان ڇڪي ٻي پياس مٽائي. ٻنهي جي دلي مراد پوري ٿي. سسئيءَ کي اهو خيال ڪڏهن خواب ۾ به نه آيو هو ته ڪو پنهون ڪائنس جدا ٿيندو. انهيءَ جي ثابتي خود سسئيءَ جي زبانون ملي ٿي:

مون پانيو مون وٽ، هميشه هوندا پرين.

"سر حسينيءَ" ۾ سسئي ماضي ۽ حال جو ذڪر ڪندي چوي ٿي:

اڳي اينءَ هياس، جو پنهوءَ ڌوتم ڪپڙا.
هاڻي اينءَ ٿياس، جو جت نه نينم پاڻ سين.

انهيءَ بيت مان پڌرو آهي ته سسئيءَ ڪجهه مدت لاءِ پنهونءَ جو وصال ماڻيو ۽ ٻنهي گڏجي ڪپڙا ستيا. ليڪن سهڻيءَ کي اهو سڪ نصيب ۾ ڪين هو. سسئيءَ پنهونءَ جو وصال اينرو وقت نه ماڻيو جو ان وچ ۾ آريءَ ڄام پٽ کي هڪ قاصد موڪليو ته ڪيس ڪيچ واپس وٺي اچي. پنهونءَ وٽان انڪاري جواب ملڻ بعد. قاصد ڪيچ موٽي، آريءَ ڄام سان سندس پٽ، پنهونءَ جو سربستو ذڪر ڪيو. جنهن تي آريءَ ڄام پنهنجن پٽن کي پنيور چاڙهي موڪليو ته ڪنهن به طريقي پنهونءَ کي مون وٽ وٺي اچو. انهن ڏينهن ۾ اُٺن جي مسافري ڪيچ مڪران ۽ پنيور جي وچ ۾ چڱو ئي وقت وٺندي هئي. ان جو مطلب ته سسئيءَ پنهونءَ جي صحبت ۾ گهٽائي ڏينهن گهاريا. ۽ جڏهن پنهونءَ جا پائر پنيور ۾ پاءُ وٽ اچن ٿا، تڏهن سسئيءَ کي بي حد خووشي ٿئي ٿي. "سر حسيني" ۾ هوءَ ظاهر ڪري ٿي:

آيا، آس ٿيام، ٻاروچا پنيور ۾،
پسي پهر پنهوءَ جي، نه سنءَ نين نرياٖم،
گندر وسرياٖم، سڪن شاخون مڪيون.

سسئيءَ کي هنن جي اچڻ جي خوشي ته برابر ٿي، مگر هوءَ پنهل جي پريم ۾ اهڙي ته مست هئي، جو ڏيرن جي ڪابه خاطرداري ڪانه ڪيائين. ۽ کهڙي نه دلسوز نوع ۾ باسي ٿي:

اڳيان اتي اَن جي، خوب نہ پڪم ڪاڄ،
ميڙي آپ سرتيون، نڪي ڳايم ڳاڄ،
سا مون هتان نہ ٿيي، جيڪا رسم راڄ،
آيل! آءُ اڪاڄ، ٻول ٻروچي وترو.

سسئيءَ جي سيرت ۾ مکيہ خاصيت آهي پنهل لاءِ ورلاپ. اتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي تہ جڏن سسئيءَ پنهون وڃايو، تڏن سهڻيءَ پڻ ڪجهہ وقت ميهار جو منهن نہ ڏٺو. آڪاڻيءَ ۾ ڏنل آهي تہ جڏهن تلي ڪنہر ڪي ڄاڻ پيئي تہ ميهار سندس نياڻيءَ سهڻيءَ سان عشق ڪري ٿو، تڏهن هن کي نوڪريءَ کان جواب ڏنائين ۽ سهڻيءَ جي ڏم سان شادي ڪرائي ويئي. ميهار جو ڪيترو وقت تہ پتو ڪونہ هو. ان جدائي واري عرصي جو جيتوڻيڪ شاعر بيان ڪري ٿو، تہ بہ ائين ڪونہ ٿو چوي تہ سهڻيءَ، سسئيءَ جيان، دانهون ۽ ڪوڪون ڪيون يا ميهار جي محبت ۾ شڪ آندو. هن جي حالت هئي:

ڏم سين جسو ظاهر ، من مهار سين ميڙ.

ميهار جي غير حاضريءَ ۾ سهڻي، ميهر جي ياد ۾ رهي، هوءَ چوي ٿي:

ڏني ڏيہ ٿئام، ڪہ ڄاڻا ڪهڙا پرين؟
سهسين سڄ الهي واجهائيندي وئام،
تنين سال ٿئام، جنين ساعت نہ سهان.

سهڻي مٿين بيت ۾ ٻڌائي ٿي تہ ڪنواري ميهار بنا پل بہ نہ سرندي هيس ۽ هينئر سال گذري ويا اٿس تہ سندس صورت نہ ڏٺي اٿائين. ڪيتري وقت کان پوءِ ميهار سنياسي بڻجي سهڻيءَ جي وطن آيو ۽ درياهہ جي ٻيءَ پر(هڪ ڪپ تي سهڻي رهندي هئي)پونگي اڏي اچي رهيو. جڏهن سهڻيءَ کي خبر پيئي تہ هو ميهار آهي، تڏهن ٿي ظاهر ڪري

هن پر سيم هاڪ، سٽي سنيارن جي،
محبتي مهار جي، چڙن چورئا چاڪ
انين جي اوطاق، وڃڻ واجب مون پئو.

سهڻيءَ کي ميهار وٽان ڪوبہ سنيهو ڪو نہ آيل هو، تہ بہ هوءَ سسئيءَ جيان، ائين نہ ٿي چوي تہ:

اديون! آئون اڃاڻ، مون سگ سڃاڻي نہ ڪئو.

سسئيءَ جي اندر ۾ پنهل لاءِ گمان پيدا ٿئي ٿو. انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ سسئيءَ پنهونءَ خاطر سر قربان ڪيو. ليڪن اعلي درجي واري عاشق

جي اندر ۾ معشوق لاءِ ڪڏهن بہ شڪ اچڻ نہ گهرجي. سهڻيءَ ڪڏهن بہ ميهار لاءِ ائين نہ چيو. سسئي ڪليو ڪلايو ٿي ظاهر ڪري تہ

چـاڻـي سـچـاڻـي، منکي ڇـڏي هلئـا.

"سر سسئي آبري" ۾ پڻ هوءَ چوي ٿي:

پرڏيهي پرين ڪئا. مـرڻ لاءِ مـونـهين.

"سر ديسي" ۾ پڻ سرتين کي سسئي اها دانهن ٿي ڏئي:

مـتـان ڪا. ٻڙي! ٻول ٻاروچي وسـهي.

سسئي ۾ اهو هڪ عيب آهي جنهن کان سهڻي ڇٽل آهي. سسئيءَ کي خبر هئي تہ حڪومت جي پرواهہ نہ ڪري، پنهونءَ ڪٿي ٿيڻ قبوليو. ڪنهن لاءِ؟ سندس خاطر. ان پنهونءَ جي سچائيءَ ۾ گمان آڻڻ سسئيءَ جي شان وٽان ڪين هو. ائين ڪرڻ سان هن پنهنجيءَ ضعيفائيءَ جو اظهار ڪيو آهي. دل ۾ شڪ آڻڻ هڪ ڳالهہ آهي، مگر ڌارين سان ان جو اظهار ڪرڻ ٻي، سسئي سرتين کي ٿي چوي:

ٻينر آئون ٻوري، مون سڱ سجاڻي نہ ڪئو.

پرينءَ جي ڳلا ٻين سان ڪرڻ سچي عاشق جو ڪم نہ آهي. شاهہ صاحب "سر ڪلياڻ" ۾ چوي ٿو:

سپريان جي سور جو، ماٺهن ڏجي نہ منجهہ.

سهڻي وري ڏسو تہ ميهار لاءِ ڇا ٿي چوي:

نہ مـون ناٺـا ڪـتـئـو. نـڪـين ڏاڏائـٺـا.

پرينءَ جي ٻاران، مون سين وڏائي وڙ ٿئا.

سهڻيءَ دکن ۾ سک ڏٺا. هن کي معلوم هو تہ جيسين ڏڏ ۾ مانڌاڻي وجهي ان کي زور سان ولوڙبو نہ، تيسين منجهانئس مکڻ جي اميد رکڻ اجائي آهي. هيٺري سهڻ بعد بہ هوءَ چوي ٿي:

منهنجون سڀيئي آيل! ماءِ! من مرادون پُنيون.

اهو آهي سهڻيءَ ۽ سسئيءَ جي دلين ۾ تفاوت، نہ صرف ايترو، مگر سسئي پنهنجن ڏکن لاءِ پنهونءَ کي ذميوار بڻائي ٿي. "سر سسئي آبري" ۾ چيو اٿس:

سـنـدو سـورن خط، ڏنم هوت هٿن سين.

هوت ڪيئن سور ڏيندو؟ پنهون ڪيئن چاهيندو تہ سسئي ڏک ڏسي؟ شاهہ صاحب"سر يمن ڪلياڻ" ۾ تہ چوي:

جيڪي ڏنائون، سو سر ڏئي سهہ جندڙا!

م چـو ڇنائون، ايءُ پڻ ڳنديو سـڄـڻين؟

متي تي هٿ هڻي سيايو ڪرڻ دل جي هلڪائيءَ جو اظهار ڪرڻو آهي. انهن سٽن مان شاعر پڌرو ٿو ڪري ته سهڻيءَ جو درجو سسئيءَ کان گهڻو مٿي آهي.

سهڻيءَ کي به ته سسئيءَ جهڙيون مشڪلاتون پيش آيون هيون. سسئي هڪ ڀيرو ڀنڀورءَ کي ڳولڻ نڪتي، پر سهڻي ته هر ڪنهن رات، ساوڻ هجي يا سيارو، اونداهي رات هجي يا سهائي، مينهن ۽ واچ جو خيال نه ڪري، هڪ دلي جي آڌسر تي ميهار کي ملڻ ويندي هئي. انهيءَ طرح هن کي ته روز موت کي منهن ڏيڻو پوندو هو. جيڪي سسئيءَ هڪ ڀيرو ڪيو. سو سهڻيءَ کي سوين ڀيرا ڪرڻو پيو. ڪُن هن کي تنگ ڪيو. درياهه جي دهشت هن جي مانديءَ دل ۾ ڏڏڪو پيدا ڪيو. سهڻي نيٺ به ته آڻ تارو هئي. ته به هوءَ ڪڏهن درياهه يا ڪُن کي ڏوراپا نه ٿي ڏئي. انهن جو ڪهڙو قصور؟ انهن ته سهڻيءَ کي ڪو نه چيو ته ميهار سان عشق ڪر. سور ته نينهن جي سوغات آهن. " عشق نه آهي راند. ته ڪي ڪنس ڳيرو." ميهار، سهڻيءَ جا پڌڻ وقت سڏ پڌي، درياهه کي برابر چوي ٿو:

تو ڪنءَ ٻوڙي سوهڻي؟ ٻيلي! منهنجي ٻانهن.
درياهه! توتي دانهن. ڏيندس ڏينهن قيام جي.

مگر سهڻي قسمت ۾ وشواس رکندڙ آهي:

نه ڪاني نه ڪانهن، نڪو ڏوهه قلم جو.
انگ اُتيئي لکئو، جت نه رسي ٻانهن.
ڪنهن کي ڏيان دانهن؟ قضا قلم وهائيو.

پيا ته نهيو پر ڏم لاءِ پڻ، جو روز ڪيس جهليندو هو. سهڻي ڪجهه به گهٽ وڌ نه ٿي چوي. ۽ جنهن وقت گهڙو ڀڄيس ٿو، تنهن وقت گهڙي کي پٺي نه ٿي ته تون مون کي ٻوڙين ٿو. مگر ازخود زبان مان نڪريس ٿو ته:

گهڙو ڀڳو ته گهورئو، ڀاڻا هو حجاب،
واجٽ وڃي وجود ۾، رهيو روح رباب،
ساهڙ ريءَ صواب، آئون گهڻو ئي گهورئان.

سهڻي ته هيڪاري گد گد ٿي ٿئي. ڪيس خوش ٿيڻ جو هرڪو سبب هو. هن محسوس ڪيو ته گهڙي جي مدد سان هوءَ رات جو وقتي محبوب جو وصال ماڻي سگهي ٿي، پر ڏينهن سارو جدائيءَ ۾ جلڻو ٿي پيس. ليڪن موت جي گود ۾ دائماً وصال ماڻڻ جو وجهه ملندس. اهڙو جيئڻ ئي گهورئو، جو محبوب جو وڇوڙو پسائي. سهڻي سياءَ جي گنڀير ۽ ڳوري آهي. سسئيءَ م دل جي اونهائي نظر نه ٿي اچي. هوءَ ساندڻ نه سگهي آهي. " سر ڪوهياري"م سسئي چوي ٿي:

حقيقت هن حال جي. جي ظاهر ڪريان ذري،
لڳي مــات مــروئن ڪي، ڏنگر پون ڏري،
وجن وڻ ٻري، اوپــر اُيــري ڪين ڪي.

پنهنجي دک جو پاڻ اندازو لڳائي ٻين کي ٻڌائڻ. سورمن ۾ سورمين جو ڪم نہ آهي. محبوب جي ميلاپ لاءِ ماندو ٿي ٻاڏائڻ ۾ دل کولي پڪارون ڪرڻ تہ عاشقن جو ڪم آهي. سهڻي پڻ، سسئيءَ جيان، ٻانديءَ سان ميهار جي محبت جو حال اوري ٿي، ۽ شاعر ٻڌائي ٿو تہ:

وڃين سين وينـي، ور وياڃي ســـهـــڻي،
اَن ڪا ٿي ڏيني، ميهن جي مهار سان؟

مگر اهو شاعر ٿو ٻڌائي. شاهہ ڀلي سسئيءَ تي قياس آڻي سندس مشڪلاتن جو ورنن ڪري، پر پنهنجن دکن جو پاڻ بيان ڪرڻ نہ ٿو ڏهي. سهڻي سور ۾ سختيون صبر سان سهي وڃي ٿي ۽ ٻاهر ٻڙڪ بہ نہ ٿي ٻولي. مگر سسئي ٿوريءَ ئي تڪليف ۾ اڇي دانهون ڪرڻ شروع ڪري ٿي. "سُر ڪوهياري"۾ هوءَ ظاهر ٿي ڪري:

ڏنگر! مون نہ ڏکوءِ، آنءُ اڳ ڏکوئي آهيان،
ساريان ڪونہ سکوءِ، سور گهٽيئي سنيران.

پر سهڻي خاموش آهي. شاعر مٿس قياس ڪائي درياهہ کي پٽي ٿو:

واهڙ وهين م چال! سُڪي ٻيلاتيون ٿيين!
پســان تنهنجي پيٽ ۾، لاٿا لوٽ ليــار،
جـو تو سڀ جـمـار، آسـائـتـيـون ٻوڙيون.

سهڻيءَ جي سورن جو بيان شاهہ ٿو ڪري. درياهہ جي هيبتناڪ نقش ڪڍڻ ۾، شاعر جي مراد اهائي هئي تہ ڏيکاري تہ اهڙي خوفناڪ وايو منڊل ۾ بہ سهڻيءَ ٻي ڊپائيءَ ۽ دليريءَ سان انجام پاڙيو:" نہ ڪنهن جهول جهلي، هئي سمن پوري سهڻي." سهڻيءَ جي همت تہ ڏسو! ميهار جي محبت ۾ اهڙي تہ مست رهي جو خوفناڪ ندي تہ هن کي خيال ۾ بہ ڪا نہ هوندي هئي:

پاڻي پني ٻوڙ، ســهــڻيءَ ليکي ســيــر ۾.

منهنجي خيال ۾ سهڻي شاهہ جي لاڏلي آهي:

جه اهڙي ڃائي عاجزا، سا مر مرڪي ماسَ.

جنهن"سر ديسي"ڇڳيءَ ريت مطالع ڪيو آهي سو ڇوندو و تہ سسئي زئي ۾ رڙي برابر ٿي، ليڪن هوءَ ائين پڻ چوي ٿي تہ:

ڏاگـــــهن. ڏيرن ، ڏنگرن. سنهين ڏنم ڏک.
سي سڀ پانيم سک. هيڪاند ڪارڻ هوت جي.

اهو صرف ڏيکاري ٿو تہ سسئيءَ جا دلي جذبا اسٽر نہ هئا. ڪڏهن ڪهڙي حال ۾ هئي تہ ڪڏهن ڪهڙي ۾. ليڪن سهڻيءَ جي سيرت منڍ کان آخر تائين ڏيکاري ٿي تہ هن جو پنهنجن امنگن تي ضابطو هو. هن جي ديريني. سهڻ سيتلتا واري سڀاءَ ۽ سسئيءَ جي ڪوڪن ۽ ورلاپن واريءَ حال ۾ تفاوت پڌرو آهي. سسئيءَ جي زبان وڌيڪ اُڪنيل آهي. سهڻيءَ سسئيءَ دواران شاهہ صاحب بہ عورتون پيش ڪرڻ چاهيون ٿي. جن مان هڪ محبوب جي جدائيءَ جو سور دل ۾ ٻي وجي ٿي. ليڪن ٻي ڪانڌ جي جدائي نہ سهي. وار چوڙي. پير اکهاڙا ڪري. رودن پٽڪو شروع ڪري ٿي. "سر حسيني" ۾ سسئي پاڻ ٿي چوي:

ڪلي قـاتو ڪنجـرو. مـتـو اگـهـاڙو.
پيرا! ڪجـاڙو. منهنجـو هن پنيـور ۾؟

"سر معذوري" ۾ وري پڌائي ٿي:

ويندي ڏانهن پرين. جتي جات نہ پائيان.

اهو ياد رکڻ گهرجي تہ سسئيءَ کي خبر هئي تہ پنهون ڪاڏي ويو آهي. پاڻ ٿي چوي تہ ڏيرن ڏاڍائي ڪري ڪانئس پنهون کسي. سائس ڌوهہ ڪيو. بهتر ائين هو تہ هوءَ ترسي ڏسي ها تہ پنهون پاڻهين ئي واپس وري ٿو يا نہ . پنهونءَ جي سچائيءَ جي کيس پڪ هئڻ گهربي هئي. عشق برابر انڌو آهي ۽ آدميءَ کان هوش کسي وني ٿو. پر سسئي اُبهري بہ حد هئي. سندس عزيزن جي سائس هر طرح همدردي هئي. اهڙيءَ حالت ۾ هرڪو مائٽ ڏيءُ جي دل وٺندو. چو نہ ڪو عزيز ساڻ وني نڪري ها؟ پنڌ وڃڻ جو ڪهڙو ضرور هو؟ اُٺ يا گهوڙي تي تڪڙو وجي سگهي ها. ۽ ٻين طرفن ۾ وڃڻ جي ضرورت ڪانہ هئي. کيس سڌو ڪيچ مڪران ڏانهن وڃڻ گهربو هو. صبح جو کيس معلوم ٿيو تہ پنهون ڪونهي. اڌ رات جو هن کي پانڌ پڇائي ويا. انهيءَ ٿوري عرصي ۾ هو ڪو گهڻو مفاصلو ڪونہ ڪري ويا هوندا ۽ جيڪڏهن سسئي ڪنهن همدرد سان گڏ گهوڙي تي سوار ٿي وجي ها. تہ شايد رستي ۾ ئي پنهل کي گڏجي سگهي ها. پيرن مان جتيءَ لاهڻ جي ضرورت ڪا نہ هئي. دل جي صداقت جو اظهار هرويرو جسم کي ايذائن ڏيڻ مان ڪين ٿو ٿئي. سهڻيءَ سسئيءَ جي اُبتڙ ڪيو. سهڻي چوي ٿي:

گهر. نہ ور. نہ وٿ ڪا. آهم من مهار.
ان اوسيڙي اٿيان. سنجهي ڪري سنگار.
پرين! تنهنجو پار. پسان مان پر ڪنهين.

سھڻيءَ سمجھيو تہ سندس جسم سندس نہ ھو. مگر ميھار جو. ھن ڪڏھن بہ سينگار ڪرڻ نہ ڇڏيو. ڇو ڇڏي؟ جيسين .ميھار جيئرو ھو. تيسين ڪيس ھار سينگار ڪرڻ جو ھرڪو حق ھو. ميھار سھڻيءَ جو تہ پنار بہ ڪونہ ھو. ھوءَ آخر تائين ڏم وٽ رھي. تنھن ھوندي بہ رات جي وقت جڏھن ڏم ننڊ ۾ ھوندو ھو. تڏھن ھوءَ پاڻ سينگاري پريتم کي ملڻ لاءِ اُسھندي ھئي. سسئي پنھون جي آکاڻي شاھ جي وڏي ۾ وڏي ڪوتا آھي ۽ جنھن شوق ۽ باريڪيءَ سان ھن سسئيءَ جي دلي جذبن جو نقش چٽيو آھي، اھڙو ٻيءَ ڪنھن بہ سورميءَ جو نہ ڪڍيو اٿس. جڏھن شاھ ڪيچ مڪران ۾ سسئيءَ جي پريم جي آکاڻي ٻڌي، تڏھن سندس روح ريلو ڏنو ٿو ڏسجي. سسئيءَ ڏانھن سندس دل ڇڪجي ڏني. ھن ڏٺو تہ جڻن پاڻ عشق ۾ نراس ٿي ملڪ رليو. تئن سسئيءَ پڻ ڀٽڪي. بنھي ساڳيا ملڪ ڏٺا. سسئي جڻ تہ شاھ پاڻ آھي. آھن سڀئي سورميون شاھ جا جدا جدا روپ. پر سسئيءَ جي پنھونءَ لاءِ پريم ۾ شاھ پنھنجي پريم جو عڪس ڏٺو. سسئيءَ جون پڪارون بيشڪ دل چيريندڙ آھن. اھي شاھ جي جوانيءَ واري دل جي تصوير آھن. سسئيءَ جي بيتن پڙھندي ائين پيو معلوم ٿئي تہ سسئي ڪانہ ٿي رڙي، پر شاعر جي دل ٿي دانھون ڪري. ڪوتا جي رس ڪري سسئي شاھ جي ٻين سورمين کان ڪسر آھي. ھيٺين سٽن ۾ جو سوز ۽ شاعراڻي رواني نظر ايندي سا ٻين سُرن ۾ اڻ لڀ آھي:

١. ڏونگر! ڏوراپو. پھرو چنديس پرينءَ کي.
"پھڻ پير پٿون ڪئا. تريون ڇنيون تو.
رحم نہ پيي روح ۾. قدر منھنجو ڪو.
واڪو ڪنديس:" وو! مون سين جبل تو جاڙون ڪري."

٢. ڏونگر! ڏکوين کي. دلاسا ڏجن.
گھٽون پڇجي تن کي، جن وٽان ھوت وڃن.
تون ڪينءَ سندا تن. پھڻ! پير ڏکوئيين.

اھڙن بيتن پڙھندي دل ۾ خيال پيو اُٿين ٿئي تہ سسئي بہ شاعر ھئي ڇا؟

سھڻي اينرو ڪونہ ٿي ڳالھائي جيترو سسئي. "سر سھڻي" ۾ ڪھاڻيءَ جو گھڻو حصو شاھ پاڻ ڳائي ٿو. ليڪن سسئي پنھونءَ جي آکاڻي سسئي پاڻ ٿي بيان ڪري. ۽ اھو قدرتي آھي ت جڏھن آدمي پنھنجن سورن جو پاڻ ذڪر ڪندو آھي تہ اھو وڌيڪ دل ڇجائيندڙ ٿيندو آھي. ■

٢

# ليلا ۽ مومل

ليلا ۽ مومل ٻئي راجائي ڪلن مان آهن. سسئيءَ ڏوتا ڪپڙا، تہ سهڻيءَ ڪنيارڻ وڪيا متيءَ جا ٿانوَ. ليڪن ليلا ۽ مومل تہ ورلي پلنگ تان پير هيٺ لاٿو. هڪ هئي چنيسر جي پٽ راڻي، تہ ٻي راجا نند جي نياڻي، جنهن جو همير سومري جي وزير ۽ سالي، راڻي مينڌري، سان نينهن جو ناتو ٿيو. سندن چاڪريءَ لاءِ هر دم ٻانهيون داسيون حاضر هيون. سسئيءَ پاڻ ڪي سڏيو پنهونءَ جي ناتر، مگر ناتر جهڙيون تہ ڪئين نوڪرياڻيون مومل جي خدمت ۾ هيون. ليلا پنهنجيءَ اوچيءَ پدويءَ جو بيان ڪندي چوي ٿي:

وڏيري هياس، چينسر جي راڄ ۾،<br>
دهلين، دمامين، نقرين، ٿي پلپل پڇيياس.

مومل ۽ سندس ڀينرن جي راجائي هلت جو نقش شاهہ پاڻ چٽيو آهي:

١. سون ورنيون سوڍيون، رهي رانديون ڪن،<br>
آگر اوطاقن ۾، ڪستوريون ڪتنِ،<br>
اوتيائون عنبير جا، متي طاق ٿڙن.

٢. جهڙا پاڻن پن، تهڙيون سالون مٿن سائيون،<br>
عطر ۽ عبير سين، تازا ڪيائون تن،<br>
مڙهئا گهڻون مشڪ سين، چوتا ساڻ چندن،<br>
سنهن رهي سون سين، سندا ڪامڻ ڪن.

ليلا ۽ مومل جي سيرتن مان شاه صاحب ڏيکاري ٿو تہ جيڪي انسان ڀوڪي ٿو، سوئي هو لڻي ٿو. هنن جي سيرت ئي هنن جي قسمت آهي. هنن پنهي برابر ڪجهہ عرصي لاءِ ڏهاڳہ جا ڏک ڏٺا، پر اهي سڀ سندن خطائن جو نتيجو هوا. سهڻيءَ ۽ سسئيءَ جيان، هي ٻئي چٽيون پڻ ڪانڌن جي وصال لاءِ ٻاڏائين ٿيون. مگر سندن ٻڪارون ۾ اينرو تاثير ڪونهي. سهڻيءَ ۽ سسئي جي درديلن داستانن پڙهندي جو سوز دل ۾ پيدا ٿئي ٿو، سو "سر ليلا چنيسر" ۽ سر مومل راڻو" جي

اپياس مان نہ ٿو ٿئي. سھڻيءَ خواهہ سسئيءَ جي سورن جو سبب سندين صداقت هئي. ذاتي پنهنجن پيارن کي دکن جي ڪسوٽيءَ ۾ وجھي سندن پرک لهندو آهي. گھنگارن جون پڪارون پڙهندڙن جي دلين کي ايترو نہ پڇائينديون. ليلا ۽ مومل جا لڙڪ پڇتاءَ جا لڙڪ آهن ۽ پڇتاءَ جي ڳوڙهن سان هو پنهنجن گناهن جو داغ ڌوئڻ چاهين ٿيون.

ليلا ۽ مومل دواران شاهہ بہ نمونن جي سالڪن جو بيان ڪري ٿو. جن کي هڪ دفعو مالڪ جو ميلاپ نصيب ٿيو آهي، پر وري پنهنجن افعالن سببان ڏٺيءَ جو رنج پسڻو پيو اٿن. ليلا چنيسر جو ناراضپو ڪنيو. تہ مومل کي راڻي دليون لاهي ڇڏيو. ٻنهي جا گناهہ هڪ جهڙا ڪين هئا. ليلا هيري ٿي هرڪجي، چنيسر کي هار لاءِ وڪيو. موتين جي چلڪ ۽ چٽساليءَ هن مت جي موڙهيءَ کي اهڙو تہ مستانو ڪيو جو، هوش وڃائي، هار هٿ ڪرڻ لاءِ، هڪ ڏاريءَ زال کي پنهنجي پتيءَ سان گڏ هڪ رات گهارڻ جي اجازت ڏنائين. ليلا جي هن هلت چنيسر جي چت کي چوٽ رسائي ۽ هن، غصي ۾ اچي، ڪونروءَ کي پٽ راڻي ڪيو. مومل اهو گناهہ ڪيو جو راڻي جي حيات هوندي، هن جو وڇوڙو برداشت نہ ڪري، سندس غيرحاضريءَ ۾ ڀيڻ کي مردانا ڪپڙا پهرائي، ڪيس پاڻ سان سان سمهاري، دل وندرايائين. شاباس هئي سسئيءَ کي جنهن پنهل پنيان سر ڏنو پر ڪڏهن بہ ٻيو خيال دل ۾ نہ آندو. سسئيءَ پنهونءَ جي پريم ۾ اوچن وسترن ۽ زيورن جو تياڳ ڪيو. ليڪن ليلا زيورن جي زيب تي، پتيءَ جو تياڳ ڪيو. شاعر ليلا ۽ مومل جي سيرتن مان ظاهر ڪيو آهي تہ جنهن انسان دنيا ۾ نہ سنو آهي، سو ڪنهن بہ اعلي ڪم جي لائق نہ ٿو ٿجي. ڏک آدميءَ کي ٿيي ڪيس سچو انسان بڻائي ٿو. سور هڪ نموني جو سانچو آهن، جنهن ۾ گهڙجي انسان پورو روپ اختيار ڪري ٿو. ليلا پاڻ چوي ٿي:

هيس هندورن ۾، پيم ڪانہ پروڙ.

هڪ مکيہ ڳالهہ جنهن اسان جو ڌيان لهڻو سا هيءَ آهي تہ عام طرح جي ليلا ۽ مومل واريون آکاڻيون ٻڌڻ ۾ ايندڙيون آهن، تن جون رٿائون شاهہ جي "سر ليلا چنيسر " ۽ "سر مومل راڻو" کان ٻئي نموني جون آهن. اهي اصل ڏک انت آهن. ليڪن شاهہ ڪين سک انت بنايو. شاهہ صاحب جا آکاڻي ٻڌي هئي، تنهن ۾ چاٽايل آهي تہ جڏهن چنيسر ليلا کي دل تان لاهي ڇڏيو ۽ ڪونروءَ جو قرب ڏسي، مٿس موهت ٿي، ساڻس آنند جا ڏينهن گذارڻ لڳو، تڏهن ليلا، ڏهاڳ جا ڏک سهندي، پيڪين گهر موٽي ويئي. پوءِ ڏيکاريل آهي تہ ڪيئن جکري جي معرفت، جو ليلا جي ڪٽنب مان ڪنهن چوڪريءَ سان مڱيل هو، چنيسر کي ليلا

جي وطن آندو ويو. جتي ليلا. گهونگهٽ پهري، پنهنجي ناز نخري ۽ ناچ سان چنيسر کي اهڙو تہ موهي وڌو. جو هن کيس گهونگٽ کولڻ لاءِ ليلايو. ۽ گهونگهٽ واريءَ نار ۾ پنهنجيءَ اڳينءَ پٽ راڻي . ليلا. کي سامهون ڏسي، سندس روح اهڙو تہ ريلو ڏنو. جو اتيئي پران ڏنائين. مگر"سر ليلا چنيسر" ۾ شاهہ ڏيکاري ٿو تہ ليلا پنهنجي وطن موٽي ڪين ويئي. پر اتيئي رهي. ۽ ايتريون منٿون آزيون ڪيائين. جو چنيسر آخر ۾. سندس سچائي ڏسي. کيس وري جيءَ ۾ جاءِ ڏني. ليلا چنيسر کي ڪيئن هٿ ڪيو؟ عام آکاڻيءَ ۾ چاڻايل آهي تہ ناچ گاني ۽ ناز نخري سان. مگر شاهہ خيال ڪيو ٿو ڏسجي تہ ناز ڪري تہ ليلا چنيسر وڃايو. ليلا جو نخرو ۽ چلولائي هئي جنهن کيس سهاڳ جي سيج تان ڪيرائي ڏهاڳ جا ڏک ڏيکاريا. سو ڪيئن ان ساڳي نخري سان هوءَ چنيسر هٿ ڪندي؟ اها عقل جي ڳالهہ نہ ٿي لڳي. شاهہ کي آکاڻيءَ ۾ پڇتاءَ جو درجو ڏيکارڻو هو. جنهن ڪري ليلا جي ملڪ موٽي وڃڻ وارو واقعو صفا ڪڍي ڇڏيو اٿس. شاهہ ڪو رواجي شاعر ڪين هو. هر ڪنهن اعلي درجي واري شاعر جيان هو نڪتہ چين بڻ هو. پنهنجي شعر جو هو پاڻ نڪتہ چين ٿي بڌائي ٿو:

جي تو بيت ڀائيا. سي آيتون آهين،
نئو من لائين. پريان سندي پار ڏي.

هر ڪنهن اعلي شاعر جا بيت آيتون ٿين ٿيون. شاهہ کي خبر هئي تہ مان جا ٿو لکان ۽ جيڪي لکان ٿو ان ۾ کهڙا راز رکيل آهن. ائين برابر آهي تہ شاهہ جڏهن وجد ۾ ايندو هو. تڏهن اچي شعر ۾ پلٽبو هو. مگر ان بيروني بي سرتائيءَ اندر اندروني بيداري موجود هئي. جنهن سندس ڪلام کي الهامي آواز بڻايو ٿي. جيڪڏهن چنيسر هڪ اڻ واقف ڇوڪريءَ جي ناچ تي مستانو ٿي هرک هاريو. تہ اهو چنيسر جي سيرت ۾ هڪ وڏو عيب ليکبو. شاهہ اهو بہ پنهنجيءَ رٿا مان ڪڍي ڇڏيو آهي.

شاهہ جي ليلا جو درجو عام آکاڻيءَ واريءَ ليلا کان صدبار مٿي آهي. شاهہ جي ليلا ۾ دل جي سچائي آهي. چنيسر بنا هن جو جيئڻ جنجال هو ۽ جيڪڏهن چنيسر کي ريجهائڻو هوس نہ اهو ڪم سندس چنيسر جي در تي رهڻ مان ممڪن هو ۽ نہ وطن موٽي وڃڻ مان. ٻيو تہ جيڪڏهن جکرو ليلا جي ڪتنب مان مڱيل نہ هجي ها. جو اتفاق جو نتيجو هو. تہ ليلا ڪيئن چنيسر کي ملي ها؟ عام آکاڻيءَ واري ليلا جڏهن پيڪين وڃي ٿي. تڏهن کيس اها ڄاڻ ڪانهي تہ جکري جي معرفت چنيسر هٿ ڪنديس. هوءَ تہ دل ٻلي وڃي ويهي رهي. اهو بيپرواهيءَ جو اظهار

آهي. جو شـاهـہ جي ليـلا ۾ نظر نہ ايندو. هار تي هرڪجي ليـلا پاڻ کي اڳ ۾ ئي سرتين ۾ مهٽي هاب ڪرايو هو. شار چوي ٿو:

اَچئو اَچـئو. اَگلي. چـئي ليـلا کي لوڪ،
اندر اوپالن سين، ساڙي ڪيائنس سوڪ،
پالاپڻ جـو پوڪ. وئو ويچـاريءَ وسـري.

۽ وري جي لاغـرض تي پيـڪين هلي وجي ها. تہ ڪنهن جي بہ رڳ ڏانهس چڪي نہ ڏئي ها. هن لاءِ اهو ضروري هو تہ چنيسر جي چانئٺ نہ ڇڏي. شاهہ جي ليلا مٽئي تي موهجي، چنيسر برابر وڪيو. مگر ساڳي وقت چنيسر سندس دل جو راجا ئي رهيـو. هن بنا هڪ پلڪ گـهـارڻ بہ سندس لاءِ مـحـال هئي. پـهـرين هن سـمجـهيـو تي تہ "هار ڪتنديس، هوڏ ۾، نيبهہ تـيندم نت". پر پوءِ جنهن وقت ڏنـائين تہ هار کي هٽ لائڻ معني چنيـسر جي جـدائيءَ ۾ جلڻ، تنهن وقت ڪـيس چيائين:

مٽيون وجهان مچ ۾، هائي هٽان هار.

شاهہ جي ليلا لاءِ يا هو چنيسر يا موت. پوءِ پيـڪين ڇو وجي؟ عام آڪاڻيءَ واري ڪي واقعا ڪيڍي، شاهہ پنهنجيءَ ليلا کي اوچو درجو عطا ڪيو آهي. شاهہ هن کي پنهنجن خيالن جو عڪس بڻائڻ تي چاهيو. شاهہ جي ليلا ۾ عقلي عنصر آهي. شاهہ سمجهو تہ ههڙيءَ خطا کان پوءِ ليلا جو وري چنيسر اڳيان ناز ڪرڻ بي عقل ٿيندي. هتي هو پڇتاءَ جو احتياج. شـهـ جي ليلا ۾ صبر آهي، سهڻ شـڪـتي آهي. چنيسر جي چڱائيءَ ۾ ايمان ۽ اميد اٿس. اهو آسرو ئي آهي جنهن جي آڌار تي هوءَ چنيسر جي اڱڻ مان ٻاهر نہ ٿي وڃي ۽ ڪيس چوي ٿي :

جي مون موڙهي مت، تہ تون پاڻ سڃاڻج سپرين!

مگر اهي ڳڻ عام آڪاڻيءَ واريءَ ليلا ۾ نظر نہ ايندا. شـاهـہ جي آڪاڻين جون رتـائون من گـهـڙت ڪين آهن. سڀ پڌلين ڪهاڻين تي ٻڌل آهن. ليـڪـن اڏاري ورتل لوهہ کي پنهنجيءَ شـخـصيت جو پارس لڳائي سون ڪيو اٿس. جڳهہ جي سونهن ۽ زينت لاءِ جس جـو حقدار رازو ئي ٿـئي ٿو ۽ نـہ اهو جنهن سـرون پهچـايون يا ڳـارو ناهيو.

جئن ليـلا چنيسـرَ جي پڇاڙي هرڪ لاس واري آهي ۽ سورمو ۽ سـورمي ملن ٿـا، تئن "سـر مومل راڻو" پڻ آهي . راڻي جو اوچـتـو مـوت ۽ مـومل جـو چڪيـا تي چڙهڻ وارا واقعا شـاهہ رتا مان ڪـڍي ڇڏيا آهن. مومل کي پڻ، ليلا جيان، پڇاڙيءَ جي بيتن ۾ شـاهـہ دلاسو ٿـو ڏئي تـہ آجيان لاءِ تياري ڪر، راڻو ٿـو اچيئي. جهڙيءَ

طرح ليلا پچنتاءُ ڪري هارايل بازي ڪئي. تهڙيءَ طرح مومل بڻ. راڻي کي آزي نيزاري ڪري، سندس وجايل پيار ڪنيو. ۽ ٻنهي ڪهاڻين ۾ انهن ڪرڻ سان ٿي شاهه پنهنجي مراد حاصل ڪري سگهيو آهي. جيڪڏهن شاهه جي مومل نااميد ٿي پاڻ کي چکيا ٿي جلائي ها. ته اهو مطلب نڪري ها ته ڏٺي تعاليٰ وٽ سچي پڇتاءَ جو قدر ڪونهي. شاهه کي ڏيکارڻو هو ته جيتوڻيڪ خدا ريسائو آهي، ته به "سچڻ ٻاجهندڙ گهٽرن". پڇتاءُ اها سوني چابي آهي جا سچ ڪنڌ جي محلات جو دروازو کولي ٿي. شاهه صاحب ٻڌرو ڪري ڏيکاريو آهي ته سچي توبه ڏٺيءَ کي آدميءَ ۽ سندس گناهن جي وچ ۾ آڏي ٿي.

عام آکاڻين جيان شاعر ڪٿي به ليلا ۽ مومل جي موت جو ذڪر نه ٿو ڪري. "سر سهڻي". غمگين پڇاڙي واري آکاڻي آهي ۽ شاهه ڪليل لفظن ۾ ٻڌائي ٿو ته سهڻي درياهه ۾ ٻُڏي مئي:

ڪانڌي ڪنگ ٿئاس، وهڻ جنازو سوهڻي،
ٻگها جي پيتن جا، ڪُلها تن ڏناس،
اکين مَلَڪ ڏنا مس توءِ من ڪاڏو مهار ڏي.

سسئيءَ جي موت جو سڌيءَ طرح نه ٿو ٻڌائي، مگر چوي ٿو:

منڪر ۽ نڪير کي، جڏهن ڏنائين،
اڳيان اٿي ان کي، پنهون پڇيائين.

انهيءَ جو مطلب ته سسئيءَ جو موت پنهونءَ کي ملڻ کان اڳ ٿيو، جو ملائڪن کان گم ٿيل پنهل جو ويني پڇي. سورٺ جي باري ۾ پڻ شاعر چوي ٿو ته:

سورٺ مئي، سک ٿيو، خيما هنيا ڪنگهار.

مگر "سر ليلا چنيسر" ۽ "سر مومل راڻو" جاٺي ٻجهي سک انت ٻڌايا اٿس. اهو قدم جو شاهه صاحب کنيو آهي سو، منهنجي خيال ۾، ليلا ۽ مومل جي سيرتن کي مڪمل ڪرڻ ۽ ادبي اصول جي پيروي ڪرڻ لاءِ. سورمي ۽ سورميءَ جو موت اهڙو ته مکيه واقعو آهي جو مصنف ان کي نظر انداز ڪري نه ٿو سگهي. ائين برابر آهي ته شاهه صاحب سڀي آکاڻي نه ٿو ڏئي. پر انهيءَ جو مطلب اهو نه آهي ته جيڪي وٺيو اٿس سو ڇڏي ڏنو اٿس. هن کي ادبي مقصد کي نظر ۾ رکڻو ٿي پيو. مان ان رايي جو آهيان ته شاهه اهو قدم ان ڪري کنيو جئن ادبي خواه تمثيلي مرادون حاصل ٿي سگهن.

ليلا جهڙيءَ چلولي ۽ هلڪي سياءَ واريءَ عورت ۾ پڇتاءَ جي ذريعي شاهه صاحب ڪيترو نه ڦيرو آندو آهي! هن جي سيرت نگاري ڪهاڻيءَ جي منڍ کان

پيڄاڙيءَ تائين ساڳي نہ آهي. آخر ۾ ليلا جي سيرت ۾ تبديلي اچي ٿي. سا هن کي ڳوري ۽ گنڀير بڻائي ٿي، جا ڪهاڻيءَ جي رڳا ۾ ڪنهن وقت هڪ ڦڙهي طبيعت واريءَ عورت هئي. تنهنجي مک مان شاهہ ڪهڙا نہ قيمتي ٻول چورائي ٿو:

الا! ڏاهي ۾ ٿئان، ڏاهيون ڏک ڏسن.
مون سين مون پرين، ڀورائي ۾ ڀال ڪئا.

پهرين جڏهن ليلا کي معلوم ٿئي ٿو تہ چنيسر ڪونروءَ کي پنهنجي پٽ رائي ڪيو آهي ۽ ڪيس من جي مندر مان نيڪالي ڏني اٿس، تڏهن سمورو ڏوهہ چنيسر تي مڙهي ٿي. پنهنجيءَ خطا کي نظرانداز ڪري، ڪانڌ جي سچائيءَ ۾ شڪ ٿي آڻي:

چنيسر جي چت ۾، ڪين جو اڳ هئو،
تهان ٻوءِ ٿئو، مٺي تي ٿي مامرو.

مگر پڇاڙيءَ ۾ اهاساڳي ليلا آهي جا سمجهہ ۾ اچي ٻروڙي ٿي تہ ڏوراپن مان نہ ورندو. هٺ ۽ وڏائي ڇڏي. هوءَ ڪليءَ دل سان پشيمانيءَ جو اظهار ڪري ٿي:

ڊولا! ڇيل ۾ مون، ڪانڌ! ڪميٽي آهيان،
سڪ تنهنجي سپرين! پيري وڏيس پون،
مون ور توهين تون، نو، ور! وهون ڪيترين.

ساڳي نوع ۾ مومل پڻ راڻي کي منٿ ٿي ڪري:

ميان ميندرا! موٺ! بخش ڪر ٻچائيون.
تون گهٽن جو گهوٽ، مون ور تونهين هيڪڙو.

مومل ۽ ليلا جيان سهڻيءَ ۽ سسئيءَ پڻ محبوبن کي سڏيو. ليڪن مومل ۽ ليلا محلن ۾ ويهي پڪاريو. تہ سسئيءَ، گهر ڇڏي، جهرجهنگ رلي، پنهونءَ کي ۽سهڻيءَ لهرن جي لوڏن ۾ لڏندي ميهار کي ڪونيو. ليلا پيڪين ڪانہ ويئي ۽ چنيسر جي محل ۾ رهي، ڪيس آزري نيزاري ڪيائين ۽ مومل جي دانهن جو بيان جيڪو شاهہ ڪري ٿو. تنهن مان پڌرو آهي تہ هن ڪاڪ اندر رهي، راڻي جي راهہ نهاري. مومل چوي ٿي:

١. ڏيا تيل قليل جا، ٻاريم تائين ٻانگ.
٢. وٽ سوريندي ولها! وئو تيل ٻري،
مٺ مسافر سپرين! چانگي تي چڙهي.
راڻي لاءِ رڙي، ويئي وهامي راتڙي.

تيل ۽ قليل جا ڏيا جاءِ جي اندر ٻاريا هونداءين. رستن تي ڪٿي ڪو نہ نڪتي

هوندي. ٻئي هنڌ وري مومل چوي ٿي:

رئان ٿي، راڻا! هنڌ نهارئو حجرا،
پيئي کـه کـتن تي، تـئـا پلنگ پراڻا.
ڏريائي ڏوڙا تـئـا، ور رءَ وهاڻا،
جايون، گل، جبات، وڻ تو ريءَ کوماڻا.

جنهن ڪمري ۾ هوءَ راڻي سان رهي، جنهن پلنگ تي ميندري سان ليٽي، جنهن وهاڻي تي ساٿس گڏ ڪنڌ رکيائين، جن ڪاڪ جي باغيچن ۾ سوڍي سان سير ڪيائين، تن ۾ جا تبديلي آئي آهي، تن جو مومل ذڪر ڪري، ظاهر ٿي ڪري، تہ هن راڻي لاءِ ڪاڪ ۾ رهي رنو. جيتوڻيڪ ائين آهي نہ مومل راڻي جي پنيان سندس وطن ڪين ويئي، تہ بہ هن جي جدائيءَ ۾ چين ڪين آيس. محل ۾ رهي، پر محل هن لاءِ مُقام مثل هو. دل جي آرزو ظاهر ڪندي ٻڌائي ٿي:

١. ڪاڪ ڪڙهي، وڻ جلئا، جلي منهنجي جان.
٢. راڻي ڏاران راڄ ۾، مون نہ گهرجي مال.
٣. پس تو شڪون، تڪيا، سيئي وهاڻا،
پسئو هنڌ، ٻجي هيون جي حبين هاڻا،
هڪ ڏنگا ڏاڏاڻا، ٻئو موٽئو تان نہ ميندرو.

مومل جي انهن لفظن مان ظاهر آهي تہ راڻي جو لڪي لڪي مومل وٽ اچڻ ۽ مومل جو راڻي جي وڇوڙي ۾ بيقرار ٿيڻ مومل جي عزيزن کي پسند ڪين هو. "هڪ ڏنگا ڏاڏاڻا" مان پڌرو آهي تہ مومل کي مائٽن جي مرضيءَ خلاف راڻي سان نينهن جو ناتو نباهڻو پيو. هن واقعي کي حفيظ شاعر اور نموني پيش ڪيو آهي. هن جيڪا مومل راڻي جي آکاڻي نظم ۾ ڏني آهي، تنهن ۾ ڏيکاريل آهي تہ مومل جي مائٽن کي سندس ڏيءُ جو راڻي سان رستو نہ وڻيو، سو انهن سومل کي چيو تہ اهڙي ڪا ڪيڏ پکيڙ جو مومل راڻي جو ناتو ٽٽي:

"سومل مومل ڏي مڪي ڪري مصلحت ماءُ
تہ پڄ لهہ وڃي ڀيڻ جي حقيقت حالاءُ
ڪنهن اهڃاڻي آءُ، راڻي کي رد ڪري."

سومل ڇا ڪيو جو راڻي جي اچڻ وقت مڙساڻو لباس پهري، مومل کي ڀاڪر پائي سمهي پيئي:

سا سومل هلي سنبري گڏجي گما ناءُ،
منجهہ مومل کي نہ ڀيو سندو سحر سماءُ،
سا ستي سيج مٿاءُ اچي ڀاڪر پائي ڀيڻ سان.

ڪاڪ جي ٻاهران سومل وري هڪ ميهار کي ٻيهاري چڏيو تہ جڏهن راڻو مومل کي ملڻ لاءِ اچي، تڏهن هن کي ڪا جڙتو ڳالهہ ٻڌائي، جنهن هو مومل کان منهن ڦيرائي. راڻي کي اهو ميهار ملبو ۽ چيائينس "اي راڻا! تون انهيءَ مومل وٽ ٿو وڃين جنهن جي سيتل سان ياراڻي آهي؟" "مومل راجا نند جي، سيتل جنهن جو يار." انهيءَ طعني راڻي کي ڪاوڙائي ڇڏيو ۽ جنهن محل ۾ اچي ڏٺائين تہ مومل ڪنهن ڌرائي شخص سان ٻک پائي سمهي پيئي هئي. تنهن ٻڌل ڳالهہ جي پڪ ٿيس. ۽ مومل کي اٿارڻ بنا واپس ويو. حفيظ ٻڌائي ٿو تہ جڏهن مومل کي راڻي جي رسڻ جي سڌ پيئي، تہ کيس ليلائڻ لڳي:

"تڏهن مير بہ مومل ڏي مکو چتو چوائي،
تہ آيس تو انجـار تي آءُ پي اُنــائي،
ستي پيئي هئينءَ سيتل سـان پيچ وڏا پائي."

مومل راڻي کي وراڻيءَ ۾ چيو:

"ستي هيس سومل سـان وِير پئي ويسـر،
سڙيءَ کو سحـر ڪيو ولهيءَ کو وينـر،
جـاڳيس نہ جاڙ ڪري طرح انهيءَ تيتـر،
وهڻ مـون واجب هو، تون اچين ها جيتـر."

مومل جي انهن ستن مان ثابت آهي تہ سومل کيس سمهيل ڏسي، بنا هن کي چتائڻ جي، وجي ساڻس سمهي. مگر شاهہ جي آکاڻيءَ ۾ مومل جي سيرت ٻيءَ طرح پيش ٿيل آهي. شاهہ جي مومل سومل کي چيو هو تہ مردانا ڪپڙا پائي اچي مون سان سمهہ، جنهن تہ راڻي ان دفعي اچڻ ۾ بہ ويرم ڪئي هئي. ۽ چاڪاڻ تہ مومل جڙتو راڻو نهرائي دل پوري ڪئي، ر ڻو مٿس غصي ٿيو. ۽ شاهہ ثابت ڪري ڏيکاريو تہ مومل پنهنجي ڏوهہ ڪري سنو. مگر حفيظ جي مومل ڪا خطا ڪا نہ ڪئي هئي جو سنائين. هن کي تہ جڙتو راڻي جو خيال بہ دل ۾ ڪونہ آيو. سومل ماءُ جي زور ڀرڻ تي وجي مومل کي ٻک وجهي سمهي. پيو تہ عجب جي ڳالهہ اها آهي تہ حفيظ جي مومل کي اهڙي گهري ننڊ اچي ويئي هئي جو سومل مردانا وستر اوڍي کيس ياڪر اچي پاتو. تہ بہ سندس اک نہ کلي. راڻي جي اچڻ جي انتظار ۾ تہ ننڊ اچڻ ئي ڪانہ کپندي هيس. پر جي اک لڳي ويس تہ اها لکڻ کپندي هيس. جڏهن سومل کيس ياڪر اچي وڌو. ٻيجين آدميءَ کي بنا کٽکي ڪيئن آرام ايندو! شاهہ اهو اڻ ٿيٽو واقعو ڪڏهن ڏيکاريو تہ مومل جي چوڻ تي ئي سومل ساڻس وجي سمهي هئي. ائين ڪرڻ سان ئي شاهہ ادبي انصاف جي اصول جي پيروي ڪري

سکھيو.

ليلا ۽ مومل جي وچ ۾ هڪ تفاوت هيءُ آهي تہ ليلا چنيسر جي پٽ راڻي هئي ۽ دائماً سندس صحبت ۾ رهندي هئي. مگر راڻو مومل وٽ ڪڏهن ڪڏهن وڃهہ وٽي ايندو هو، چاڪاڻ جو هو اڳ ۾ ئي پرڻيل هو. نہ صرف ايترو. مگر ليلا کي جڏهن چنيسر دليون لاهي ڇڏيو، تڏهن چنيسر وٽ رهي ڪيس منٿون ميڙون ڪيائين. ليڪن مومل جو راڻو تہ رسي وڃي پنهنجي ماڳ ويٺو. شاهہ صاحب چاڻي ٻجهي مومل کي راڻي جي ٻنيان نہ موڪليو. هو هڪ اعلي درجي وارو شاعر هو، ۽ مڙني سورمين کان محبوبن جي جدائيءَ ۾ ورلاپ ڪرائڻا هئس. هن ڏنو تہ جي مومل بہ، سسئيءَ جيان، محبوب جي وطن ويندي، تہ رستي ۾ اهي ئي جبل جهنگ ۽ مرون ڏسندي جي سسئيءَ ڏنا هئا. جنهن ڪري ساڳي نموني جي مضمون کي جدا نوع ۾ پيش ڪرڻ لاءِ مومل کي ڪاڪ ۾ وهاري ڪائنس قرب جون ڪوڪون ڪرايائين. مومل جي پاڻ نہ ٿي وڃي تہ راڻي کي چوائي موڪلي ٿي:

ميڙ منجان ٿي، ميندرا! تو در تيلاهي.

۽ سرتين کي عرض ٿي ڪري:

ڏور وڃئو، ڏينهن لائي، ڪا سوڍل کي سمجهائي،
ڇنا، منهہ، ماڙيون . اوڏاهين اڏائي، ڪا سوڍل کي سمجهائي.

پڙهندڙ چوندو تہ سر مومل راڻي جي سنين داستان ۾ مومل چوي ٿي:

لونيس لڌائي، پسو جو پرين ري،
جيڏيون! جيهائي ڪئي، رات رسي راڻي،
هلبو هاڻي، ويرا! ڪاڪ وه ٿيي.

مومل کي، راڻي جي پريت، ڪاڪ مان ڪوبہ مزو ڪونہ ٿي آيو، سو ڪڪ ٿي چوي ٿي تہ هينئر ضرور لڌاڻي ڏانهن هلڻو پوندو. مگر سندس وڃڻ جو شاعر ڪوبہ احوال نہ ٿو ڏئي. مومل جو لڌاڻي طرف وڃڻ آڪاڻيءَ جي واڌ ۾ هڪ اهم واقعو آهي ۽ شاعر ان جو ضرور بيان ڪري ها. دکدائڪ واقعن جو شعر ۾ بيان ڪرڻ جو تہ شاهہ شوقين هو، سو ههڙو واقعو ڪيئن نظرانداز ڪندو!

مومل ۽ ليلا جون سيرتون جاچبيون تہ معلوم ٿيندو تہ مومل، ليلا جيان، راڻي ۾ ڪوبہ گمان نہ ٿي آڻي ۽ هڪدم پنهنجي خطا محسوس ڪري ٿي. ليلا جيان مومل کي بہ سرتيون شرمسار ڪن ٿيون. مومل چوي ٿي:

سنم ساهيڙين جا، طعنا توهين لاءِ.

راڻو جو مومل کي سومل سان، مرداني ويس ۾، سمهيل ڏسي، ڪيس اڻارڻ

بنا. سندس پاسي ۾ پنهنجو لکڻ نشاني طور رکي، واپس هليو ويو. تنهن مومل جي اندر ۾ ڪڏهن به راڻي جي سچائي ۾ شڪ نہ پيدا ڪيو. مومل کي اها سڌ تہ ضرور هوندي تہ راڻو پرڻيل هو. پر ڪڏهن بہ اهو خيال ڪونہ آيس تہ متان سندس زال منع ڪئي هجيس ۽ هيءُ وجهہ وٺي رسي ويو آهي. هوءَ پاڻ مان ئي ٿي ڏوهہ ڪڍي:

ڪين ساڱاهيم، سپرين! جاڙون ڪيم جال،
سوڍا! من کي ڪال، موٽي منهن ۾ آئيون.

مومل تہ راڻي جي شڪرگذار آهي جنهن ساڻس پريم ڪري کيس نوازيو. آڪاڻيءَ جي رتا ۾ آهي تہ هڪ جوڳيءَ جي واتان مومل جي حسن جي هاڪ سڻي راڻي جي دل ٿي تہ مومل کي ملان ۽ ساٿين کي چيائين:

هلو، هلو ڪاڪ تڙين، جتي نينهن اُجلَ.

راڻي تي مومل جي سونهن جو جيڪو اثر ٿيو، تنهن لاءِ شاهہ چوي ٿو:

لڌوٽا لوڌي ٿئا، وٺن منجهہ وصال،
اڄ ارتو اڪيين، ڪاڪ پيتائون ڪال،
وئي ويچارن وسري، صباح جي سنڀال،
جانب جي جمال، رڱي، پس! ريتو ڪئا.

مومل کي اها چاڻ تہ هئي راڻو سندس لاءِ ڪيترو نہ منتظر هو جو پنهنجي زال جي پرواهہ نہ ڪري بہ سندس نينهن جي محتاجي ڪڍڻ لڳو. تہ بہ جڏهن راڻي سان منهان منهن ٿي، تڏهن پاڻ بہ دلي جهلي نہ سگهي ۽ چيائين:

گجَر گهٽا گهائيا، پاڻ لڳس گهاءُ.

۽ جنهن وقت راڻو رسي هليو ويس، تنهن وقت هن کي ڏوهہ ڏيڻ بدران کيس ساراهڻ لڳي:

ڍولي ڍڪي آهيان، هيس اگهاڙي اڳ،
جوڙي وڇا جڳ، ڪڪر ڪيائم ڪاڪ جو.

مومل ائين ٿي سمجهي تہ راڻو جيڪڏهن غصي وچان کيس قتل ڪري وڃي ها، تہ بہ هن کي واجب هو. پر هن پاڻ روڪي، صبر کان ڪم ورتو. راڻي مومل کي ڪهل سان ڪنو:

سوڍا صبر تنهنجي، مازهو ڪي مومل،
ڪپِر منجها ڪلَ، پيبم، پرين! تنهنجي.

اهي اکر راجا نند جي نياڻيءَ جا آهن. سسئي پڻ پنهونءَ لاءِ ائين چوي ٿي:

سذر سين سگ ڪري، پرڪنڌين پيياس،
ڪير برهمڻ؟ ڪن جي؟ ڪير چاٽي ڪيٽاس؟
هُند نہ سِنڌُ سَياس، هن پريين ڪيس پڌري.

جئن سسئيءَ کي سسئي پنهونءَ جي پيار ڪيو. تئن مينڌري جي محبت ئي مومل کي مومل بڻايو. مومل ۾ نسل جو فخر هو، حسن جو ناز هو:

مومل کي مجاز جا، اکين ۾ انبور.

هن تہ فقط پيسي ميڙڻ لاءِ ڪاڪ وارو طلسمي تڪسات اڏيو. هن سمجهيو ٿي تہ ڪو بہ آدمي وٽس پهچي ڪين سگهندو. ناتر جهڙيون حرفتي ٻانهيون هئن کي منجهائي ڇڏينديون. انهيءَ مان خبر پوي ٿي تہ ڪنواري مومل هڪ هلڪي طبيعت واري ڇوڪري هئي. جنهن ۾ سچي عشق ڪان وڌيڪ ظاهري ناز نخرو هو. هوءَ پنهنجي ماڻي ۽ نينهن جي نيشن سان آسائتن جو اندر جلائيندي هئي. اها ساڳي مومل ڏسو تہ ڪيئن ڦري ويئي. مومل ۽ ليلا ۾ اهو تفاوت آهي جو شاهہ صاحب مومل جي ڪنوارپ جي حياتيءَ جو بيان پڻ ڪري ٿو. ڪنواري هوندي ڇوڪريءَ ۾ جيڪو ناهہ نوهہ جو شوق ٿئي ٿو سو پرڻي بعد گهٽجي ٿو. سهڻيءَ تہ اصل سينگار نہ ڇڏيو. ميهيار وٽ هر ڪنهن رات سينگار ڪري ويندي هئي. مگر چوند لفظن ۾ شاهہ مومل جي سونهن ۽ مجاز جو جيڪو ذڪر ڪيو آهي، سو ٻيءَ ڪنهن بہ سورميءَ جو نہ ڪيو اٿس. مومل ئي آهي جا ڪنواري آهي. ٻيون سڀ پرڻيل يا مڱيل آهن.

مومل جي سيرت سان شاهہ ليلا جي سيرت ڪان وڌيڪ محنت ڪئي ٿي ڏسجي. سهڻي، ميهار جي سونهن جو بيان ڪري ٿي تہ سسئي پنهونءَ جي حسن جو. مگر سندن حسن جو ذڪر شاعر ڪٿي بہ نہ ٿو ڪري. مومل ئي آهي جنهن جي جسماني جلوي جو شاهہ احوال ڏئي ٿو. مومل جي اکين ۾ اهو جادو سمايل هو، اها ڪشش موجود هئي، جو "جي وٺا، سي وڍِئا". مومل جي اکين جا تارا ڇڻ تہ پنبڻين جي ڪمان جا بہ تير هئا، جن سان هن ڪئين هاڪارا حاڪم، جوڌا جوان، ۽ اعلي درجي وارا عاقل گهائي ڇڏيا. خاص ڪري" هٽي تن کي تير، مٽيون جن مٺن ۾". چو جو هن کي ملڪيت ميڙي ٻيءُ کي پهچائڻي هئي. انهيءَ جي معني تہ مومل جو گلابي ريشمي وستر اوڍي، چوٽي ۾ سرها تيل ۽ چنبيلي گل وجهي، مٺي ڪنهڙي ۾ ويهي، پنهنجن عاشقن ڏانهن نينهن ڀريا نيڻ ڪٽي نهاريندي هئي، سو صرف مطلب سان. نہ تہ ڪو هئن سان نڪاح ڪرڻو هوس، ليڪن سندن ملڪيت ڦري، ڪين فقير بڻائڻو هوس. هوءَ سخت دل سهڻي ليکبي جنهن جي دل ۾

راڻي مومل کي وراڻي ڏني:

”مومل مونکون تي ٻڇين، تہ آهي حقيقت هيئن:
رهندو هو شڪار کون روح نہ راتو ڏينهن ،
پيس پرائي پٽ تي پنيءَ پاونگ شينهن،
لڳو لاڻو اک ۾، ٻيا ويتر انا مينهن ،
هاڻي جيڪا رتي نينهن، سا اتئي ڪاٽيءَ اک ۾.“

خيال ۾ ئي نہ ٿو اچي تہ مومل جو راڻي کي پرچائڻ ويئي هئي تنهن ڪيئن ڪانئس ههڙا سوال ڪيا. حفيظ جي مومل سان شاهہ جي مومل جي ڀيٽ ڪريو. شاهہ جي مومل عرش تي آهي تہ حفيظ جي فرش تي. ٻوئين مومل آهي روايتي مومل. پر ڀهرينءَ مومل ۾ شاهہ جي شخصيت جي بوءِ اچي ٿي. اها مومل ڪهڙي جنهن راڻي سان ننوليءَ جي نموني ڳالهايو. مومل جيڪڏهن راڻي جي محبت ۾ سچ سچ ماندي هئي تہ ڪيئن ڪيس چيائين ”آهين اياڻن ڪان آءُ ياڻيان اياڻو“. عاشق ڪيئن معشوق ڪان ڀڇندو تہ تون ڻئين ڪاڻو ڪهڙيءَ ريت؟ عاشق کي تہ معشوق جا عيب نظر ئي نہ ايندا آهن. اهي اوڻايون شاهہ جي مومل ۾ نظر نہ ايندیون. ■

٣

# نـوري

" هيري هٿ وڏائين، ويهي ساٿين وچ ۾. "

"سر ڪاموڏ" ۾ شاهہ صاحب هڪ نامعلوم مهاڻيءَ کي سورمي بڻائي ڪيس دائمي زنده ڪيو. نوري شاهہ جي سورمين جو نور آهي. نوريءَ دواران شاهہ پڙهندڙن اڳيان نياز جي تصوير پيش ڪئي. نوري هئي مهاڻي، هڪ مسڪين ڳوناٽي. مگر شاعر کي پراڻن ڪپڙن ۾ ڍڪيل جسم اندر هڪ بي بها دل نظر آئي ۽ انهيءَ دل جي تجوڙي املهہ روحاني خزاني سان ڀرپور ڏٺائين.

سيرت نگاريءَ جو هڪ طريقو جو افسانہ نويس ڪم آڻي ٿو سو آهي مختلف طبيعتن جا اداڪار اهڙي ء طرح پيش ڪرڻ، جو هڪڙن جا عيب ٻين جي وچ اعمالن جي مقابلي ۾ اهڙو تہ ظاهر ٿي بيهن جو پڙهندڙ سندن جدا جدا سيرتن جو اندازو لڳائي سگهي. نوريءَ جو سياءُ. ليلا ۽ مومل جي سيائن جي پيٽ جي ابتڙ آهي. جڏهن تنهي سورمين جي سيرتن جي پيٽ ڪجي ٿي، تڏهن معلوم ٿئي ٿو تہ جيڪي ليلا ۽ مومل ۾ نہ هو، سو نوريءَ ۾ موجود هو. مومل ۽ ليلا جيان نوري بہ نصيب واري هئي جو محبوب جي ميلاپ جو مزو ماڻيائين. ليلا چنيسر جي پٽ راڻي هئي، تہ نوري جام تماچيءَ جي. ليڪن نوري، ليلا جيان، آنند جي آغوش ۾ رهي ڦونڊ ۾ نہ پري. "مهاڻيءَ جي من ۾، نہ گيرب، نہ گاءُ." هڪ مهاڻيءَ کي تماچيءَ جهڙو حاڪم پنهنجيءَ دل ۾ جاءِ ڏئي، سو هن لاءِ بيشڪ فخر جو باعث هو. اهو قدرتي نيم آهي تہ جڏهن آدميءَ لاءِ ڪو اعليٰ خوش قسمتيءَ جو موقعو بڻي ٿو، جو ڪيس ڪڏهن خواب خيال ۾ بہ نہ آيو هجي، تڏهن هو ضرور ڦونڊ ۾ پرجيو وڃي. نوريءَ جي دل ۾ بہ تہ اهو ويچار آيو هوندو تہ سندس محبت جا تير سمي گهراڻي جي حاڪم کي اهڙا تہ گهائيندڙ لڳا، جو هن سندس نيچ ذات جي ڪا پرواهہ نہ ڪري، ساڻس شادي ڪئي. هرڪا نازنين جيڪر ان حالت ۾ پنهنجيءَ سونهن تي باور ڪري، مگر نوريءَ ۾ اهو فخر نظر نہ ٿو اچي. نوريءَ جي نيازمندي عجيب

آهي:

نوريءَ جي نياز جو، عجب اجهل هوءَ،
سمون سر سين ۾، مي مورڇئو سوءِ،
اڇئو اپين پوءِ، ڇجت پڳي راڻين.

جنهن هٿ گهڻن کي هاڃي رسائي، تنهن کان پاسو ڪري، نوريءَ حليمائيءَ جو هار گلي ۾ پاتو. هن کي معلوم هو ته هٿ ئي آهي جنهن فرشتن جي سرمور عزازيل کي بهشت مان نيڪالي ڏياري ۽ حليمائي آهي جا آدمين کي فرشتن واري اوج تي آڻي ٿي. مومل ۽ ليلا سهاڳ جي سيج تان ڏکو کاڌو ۽ وڇوڙي ۾ ورلاپ ڪرڻا پيو؛ پر جو سهاڳ جو ڇٽ نوريءَ تي ڄام تماچيءَ ڌريو، سو هن کي آخر تائين نيبهه ٿيو. ليلا ۽ مومل جي خوش قسمتي، سندن بدقسمتي ثابت ٿي، ليڪن نوريءَ کي سندس نصيب ڪڪاين جهوپڙين مان ڪڍي محلات ۾ نيو ۽ هوءَ پڇاڙيءَ تائين اتي رهي. نوريءَ کي تماچيءَ جهڙي حاڪم جي راڻي بڻجڻ ۾ وڏائي ته ڪانه ٿي، پر هر وقت اهوئي انديشو رهندو هوس ته شل اهڙو ڪم نه ڪريان جهن ڪري ڪانڌ ڪاوڙجي مونکي دل تان لاهي ڇڏي. هوءَ ڄام کي چوي ٿي:

تون سمون، آئون گندري، مون ۾ عيبن لک،
هن منهنجي حال جي، توکي سڀ پرک،
ڪارڻ رب الک، متان ماڳر متيين.

"سر ڪاموڏ" شاهه جي سيني سرن کان، سواءِ سر گهاتي جي، ننڍو آهي. آکاڻيءَ ۾ بڌايل آهي ته ڪيئن ڄام سان نڪاح بعد نوري ٻانهن کي اهائي نيچ ذات مهاڻي سمجهندي هئي. شاهه اهو پڻ ڏسي ٿو ته هڪ دفعي جڏهن سڀ سمبون هار سينگار ڪري تماچيءَ جي اچڻ لاءِ تيار ٿي ويٺيون هيون، تڏهن ڄام تماچي، مڙني کي خيال ۾ نه آڻي، نوريءَ کي ڪٺي گلي سان لاتو. نوري پٽ راڻي برابر هئي، ليڪن هن ۾ راڃائي ڊول ڪونه هو. پلا "گند جن جي گوڏ ۾، مٿن تي موڙيون"، سي ڇا ڇاڻنديون سينگار مان؟ هن جي اهائي چاهنا هوندي هئي ته مالڪ ڪري ته حياتيءَ جي پلڪ لڄ پٽ سان رهجي اچي. نوري ڄام کي ائين ئي ٿي چوي:

تون تماچي تڙ ڌڻي، آئون مهاڻي مي،
مون ڏهاڳ م ڏي، آئون جا نالي سيس تنهنجي.

نوريءَ پروڙيو هو ته جيڪي نياز ۾ آهي سو ناز ۾ ڪينهي. هن ڄاتو ته:

ڪانڌ ڪوڙي جو نه وٺي، سٽين ڀتين سنگار،
وهم لهي ونجهار، دليون پرکي داسڙو.

راجائي رنگ محلن ۾ رهي بہ ”ككي هاٿيون كاريون. ڇڃي هاٿي ڇڄ“ ياد كرڻ، اوڇن رنگين هندورن ۾ لڏندي، پراڻن پكن ۾ ڪچين ككاين جهوپڙين وارا ڏينهن سارڻ. نرم بسترن تي ليٽندي، سخت ۽ كهرا تڏا سنڀارڻ. ريي سان رانديون كندي ۽ لعلون لٽيندي، گذريل سقيم حالت اکين اڳيان آڻڻ. روح رچندن طعامن كائيندي، ككين وارن كاڄن جون يادگيريون دل ۾ ڏرڻ. راڻي ٿي كري بہ مهاڻين واريون بانسي چاريون ۽ مڇين واريون كاريون خيال ۾ رکڻ. سكي جيوت ماڻيندي بہ دكن وارو سمو نہ وسارڻ. سهاڳ جي سيج پريندي بہ انگلن آرن كان پري رهڻ. بي عيب هوندي بہ پاڻ كي عيبدار مڃڻ ۽ هميشہ شرم وچان كنڌ هيٺ كري هلڻ اعليٰ هستين جو ڄڻ آهي. نوريءَ جي سيرت مان شاهہ ثابت كري ڏيكاريو آهي تہ جيكي انسان سكن ۾ رهي بہ مرمائنا ٿين ٿا ۽ متاهين مرتبي تي هوندي بہ كنڌ هيٺ اٿن، سي لوچو ۽ پچ كونہ پسن. ليلا ۽ مومل كان نوريءَ جي پدوي اوچي ان كري آهي جو جا سمجهہ هن ۾ وچوڙي بعد آئي، سا نوريءَ كي وصال واري سمي ۾ ئي هئي. نوري غريب هئي، هن جي دنيا هئي كينجهر ڍنڍ، مڇين جي كاري ۽ جاري. ليكن قدرت جي صحبت مان جو هن سبق پرايو، تنهن سيكاريس تہ:

”كانڌ كهين جو نہ وٺي، گيرب ۽ گاءُ،
جي ٿڙي ٿورڙياءُ، تہ دوس دسائي داسڙو.

انهيءَ كري هوءَ خبردار رهي، اهو عقل نہ هو مومل ۾، نہ ليلا ۾. نوريءَ شاعر جي صلاح مڃي تہ:

كت كنبندي آءُ، اڳيان توريندڙ تكا اٿيئي،
اگهيئي تہ پاءُ، نہ تہ مڻ بہ موتيو وڃن.

شاهہ نوريءَ جي سياءُ ذريعي ڏيكاريو تہ جيكو آدمي پاڻ كي نيچ ٿو سمجهي، سوئي سين كان اوچو آهي.

”آپس كو جو جاڻي نيچا، سوئي گنيئي سڀ تي اوچا.“

نوري مهاڻيءَ مان ڦري راڻي ٿي. شاهہ ان درجي جو ذكر كندي ٻڌائي ٿو تہ نوري:

نہ وڍي، نہ وكڻي، نہ كٽي ۾ كاري،
اهڃ، سهڃ، ساهميون، ڏرنا نہ ڏاري.

مگر پاڻ كي هوءَ كڏهن بہ راڻي نہ ٿي كوٺي. جڏهن هن پاڻ كي نيچ كيو، تڏهن تہ ڄام كيس اوچو ٻڌايو. شاهہ ٻڌائي ٿو تہ جيتوڻيك تماچيءَ كي نوريءَ ئي دائمي جيئرو ٻڌايو، تہ بہ هوءَ پاڻ كي هميشہ ’گندري“ كري سڏي ٿي.

نيلا ۽ مومل جيان نوري بہ حسين هئي. مهاڻي هئي. مگر منهن ۾ مٺيا هيس. شاعر سندس سونهن جو بيان ڪري ٿو تہ:

هٿين. پيرين. آرڪٿين. مہ نہ مهاڻي.
جن سڳو وچ سرندڙي. تن راڻن ۾ راڻي.

مگر سندن روزمره جي زندگيءَ ۾ ڪيڏو نہ تفاوت هو! ليلا لاءِ شاه چوي ٿو:

سونا ڪر ڪنن ۾. ڳچي ڳاڙها هار.
بانهوتا بانهن ۾. سنڌ سٺيا وار.

۽ مومل جي بدني ناهہ نوهہ جو ذڪر ڪندي ٻڌائي ٿو تہ:

جهڙا گل گلاب جا. تهڙا مٽن ويس.

مگر نوريءَ جي حالت شاهہ هينئين سٽن ۾ بنائي ٿو:

چاريون. ڪاريون. ڇڄ. ڇيريون.
جن جي محبت مڃي ساڻ.
رهن. وهن سر ٻانڌيين. سيئي بدبوءِ هاڻ.

تماچي موهت ٿيو نوريءَ جي شڪل شبيهہ تي ۽ کيس پنهنجي راڻي ڪرڻ جو ارادو ڪري. سندس مائٽن کان هن جو سڱ گهريو. جو هنن خوشيءَ سان قبول ڪيو. نوريءَ جي حسن کيس راڻي بڻايو. مگر حليمائيءَ مٿس پٽ راڻيءَ جو ڇٽ ڌريو. حسن ۽ حليمائي مختلف خاصيتون آهن جي شاهہ نوريءَ ۾ پريون آهن. سونهن مومل ۾ هئي تہ ليلا ۾ پڻ. پر نوريءَ کي چاڙهيو سندس نئڙت. حسن واري آدميءَ کي حليمائي وڌيڪ حسين ڪري ٿي. نوريءَ جي ڪري ڄام تماچيءَ سندس ويجهن خواه ڏورانهن مائٽن سان بہ سهج ڪيا ۽ کين سوغاتون موڪليون. ائين ڪرڻ سان ڄام مهاڻن جو قدر نہ ٿي ڪيو. ليڪن نوريءَ جو. ڄا تماچيءَ جهڙو حاڪم. ڄا مسڪين مهاڻا! شاهہ ڏيکاري ٿو تہ پنهنجي سر لوهہ جو ننڍو پرزو بہ پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويندو. ليڪن ڪاٺ جي جهاز کي جو سوين باري لوهي تڪر لڳل ٿين ٿا. سي جهاز کي نہ ٿا ٻوڙين. پر ويتر ڪاٺ، جي ڳنڍ سنڌ ۾ پاڻ بہ بنا جوکي ترن ٿا. اهڙو اوچو پد شاهہ عطا ڪيو نمرتا کي.

۴

# مارئي

مارئيءَ جي سيرت دواران شاهہ حب الوطنيءَ جي بينظير تصوير پيش ڪئي آهي. غريب ڳوٺاڻن جي اندر ۾ جو سـڌيهہ لاءِ سنيهہ ۽ سچائيءَ جو مادو آهي، تنهن جو تخمينو شاعر مارئيءَ جي دل جو نقش چٽي لڳايو آهي. مارئي ظاهر ڪري ڏيکاري ٿي تہ سـچـائي هرويـرو دولتـمندن جـو ورثو ڪينهي. وطن لاءِ حب ۽ پاڪدامني مسڪينن ۾ پڻ لڀنديون. مارئيءَ ۾ شاهہ عورتپڻي جو آدرش پيش ڪيو آهي. عصمت بنا عورت عورت نہ ليکبي. زال جو ست سندس بي بها ڳهڻو آهي، جنهن جي سنڀال ڪرڻ سندس مکيہ فرض آهي.

ٻين سرن جي اڀياس مان ڏسبو تہ سورمين جي سيرت نگاريءَ سان گڏ ڪٿي ڪٿي سورمن جو پڻ ٿورو بيان شاهہ ڏئي ٿو. پر "سر مارئي" ۾ تہ صرف مارئي پيئي وَسي. ڪيت سين تہ ڳالهائي ۾ ئي ڪونهي.

مارئيءَ جي سيرت ڪي جو ڪن شاهہ جي اڀياس ڪندڙن تمثيلي رنگ ڏنو آهي تنهن سان مان شامل راءِ نہ آهيان. ڇاڪاڻ تہ ڪن نظمي ڪهاڻين ۾ شاهہ تمثيل رکي آهي، تنهن ڪري ائين سمجهڻ تہ "سر مارئي" ۾ بہ ضرور ڪو اونهو راز رکيل هوندو، ٺيڪ نہ آهي. شاهہ صاحب جي مها ڪوي هو تہ اعليٰ درجي وارو فيسلوف پڻ هو. سندس سموري شعر جو مدار هرويرو تمثيل تي نہ آهي، جنهن ڪري ائين چئي سگهجي تہ هن صرف اهي مضمون قلم بند ڪيا آهن. جن ۾ ڪانہ ڪا تمثيل رکي سگهيو آهي.مارئيءَ جي ڪهاڻي اهڙي تہ دل پڄائيندڙ آهي جو شاعر تہ ٺهيو، مگر رواجي آدميءَ جا امنگ ٻن، ان جي ٻڌڻ يا پڙهڻ سان، اڇلون مارڻ شروع ڪن ٿا. شاهہ ڪي شاعرائي دل هئي. شاعرائي ديد هئي. شاعرائو دماغ هو. هو سمجهي سگهيو ٿي تہ ڪهڙو مضمون شعر ۾ قلم بند ٿيڻ جو لائق آهي. "سر مارئي" ۾ شـاهہ فطرتي شـاعـر، محبِ وطن ۽ پنگتي تاريخ نويس نظر اچي ٿـو. مارئيءَ جي اباڻي ملڪ لاءِ اکير ۽ سندس ڪانڌ لاءِ قرب پنهنجي سر اهڙا موضوع نہ آهن ڇا جو شاهہ جهڙي اعليٰ شاعر م شعر جي ٻوليءَ ٻولڻ لاءِ ڪشش ڪن؟

ههڙي اعليٰ مضمون کي تمثيلي رنگ ڏيڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ ڇا، تمثيل بنا "سر مارئي" وارو مضمون اهڙو نہ آهي جو پڙهندڙن جي دلين ۾ شاهہ لاءِ عزت ۽ قرب پيدا ڪري؟ جيڪڏهن شاهہ جو شعر غور سان جاچبو تہ خبر پوندي تہ سهڻي، سسئيءَ ۽ ليلا جي ڪهاڻين ۾ جا تمثيل رکيل آهي سا اهڙي پڌري آهي جهڙو پانهن ۾ چوڙو، جنهن جي ڏسڻ لاءِ آئيني جي درڪار نہ ٿي رهي. انهن ڪهاڻين اندر تمثيلن کي ڳولڻ جي ضرورت ئي ڪانهي، ڇاڪاڻ تہ اهي ازخود اسان جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪين ٿيون، نہ صرف ايترو، پر ڪٿين پيرا شاهہ صاحب پاڻ يا سورمين جي واتان، ڪهاڻيءَ جي رٿا ۾، انهن تمثيلن ڏانهن اشارو ڪري ٿو. مگر "سر مارئي" ۾ ائين بنهہ ڪينهي. "سر مارئي" جي ٻارهن ئي داستانن ۾ ڪوبہ اهڙو بيت يا وائي درج ٿيل ڪانہ آهي جنهن جي آڌار تي چئي سگهجي تہ هن آکاڻي ۾ ٻڻ شاهہ ڪا تمثيل رکي آهي. مارئيءَ جي وچايل سونهن، ٿر جا ڪوهہ، اتان جا ڳوناٽا ميوا ۽ ڏٿ، مجر ۽ ماکيون، پيرون ۽ پڪا، مارن جي غريبيءَ جي هلت، مارئيءَ جي ملڪ ملير لاءِ محبت، عمر جون ڪيس انيڪ آڇون ۽ مارئيءَ جا ڪيس منهن ٺوڙ جواب، شاهہ جا پنهنجيءَ سورميءَ کي دلاسا، مارئيءَ جا قاصد کي نياپا ڏيڻ، انهن ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ ذڪر هن سر ۾ نہ ٿو اچي.

عام طرح جا تمثيل مارئيءَ سان لڳائي ويندي آهي سا وسهڻ جهڙي نہ آهي. تمثيل واريءَ آکاڻيءَ سان واسطو رکندڙ سڀ اداڪار ڪن تہ ڪن ڳڻن جا نشان ٿين ٿا. مارئي لاءِ چيو وڃي ٿو تہ ان جي مراد هي انساني روح جنهن کي خدا ڀهرين عالم ارواح ۾ رکيو، پر جو، پوءِ سندس حڪم موجب، جسماني جامو اوڍي، عرش تان ڏڪجي اچي فرش تي پيو. ۽ پوءِ ساڻس اها جٺ ٿي جا مارئيءَ سان عمر جي ڪوٽ ۾ ٿي. عرش (يعني عالم ارواح) ٿيو ملير، جتي مارئي ڄائي، نپني ۽ آزاديءَ جي حياتي ڪاٽيائين. فرش ٿي هيءَ دنيا (عمرڪوٽ) ۽ عمر جو بنديخانو ٿيو جسم جنهن ۾ روح رهي ٿوءِ جيئن مارئي ملير وڃڻ لاءِ ماندي هئي، تيئن انسان جو روح، جو جسماني پڃري ۾ بند آهي، اتان عالم ارواح ڏانهن اڏامڻ جا وجهہ ڳولي ٿو. هاڻي سوال اٿي ٿو تہ روحن کي جسماني جامو ڀهرايو خدا، پر جيڪڏهن مارئي روح سان ۽ قيد جسم سان مشابهت رکي ٿو تہ عمر، جو مارئيءَ جي روح کي زوريءَ ڀڄائي اچي بنديخاني ۾ قابو رکي ٿو، شيطان ڪيئن ٿيو؟ عمر تہ نفس ٿي نہ ٿو سگهي، جيڪڏهن عمرڪوٽ جو مطلب آهي جسم، ڇاڪاڻ جو روح کي جسم ۾ خدا وڌو نہ شيطان. اهو مطلب ڪڍي سگهجي ٿو تہ روح کي نفس سان ملاسبت هئڻ ڪري اهڙي تڪليف پهچي ٿي، جا مارئيءَ کي عمر جي ڪوٽ ۾ عمر

سان ملاسبت ڪري پهتي. پر عمر جيڪڏهن شيطان آهي ته پوءِ شيطان ڪي ڪهڙي طاقت آهي جو عالم ارواح ۾ پير پائي سگهي؟ عمر ته ملير ۾ وڃي پهتو.

جيڪڏهن "سر مارئي" ۾ ڪا تمثيل آهي ته ڪهاڻيءَ جو هرهڪ واقعوءِ هرڪو اداڪار تمثيل جي واقعن سان ٺهڪي بيهڻ گهرجي. هن تمثيل جي قبول ڪرڻ ۾ هڪ پيو به موتجهارو آهي. ڪائنات جي اتهاس پٽاندڙ عالم ارواح مان روحن کي ذٽي تعاليٰ پنهنجيءَ مرضي موجب بهشت عدن ۾ آندو خاڪي لباس خواهہ جسماني جامي ۾. روحن کي عالم ارواح مان سڌو هن دنيا ۾ ڪونہ موڪليو ويو. تنهن جو مطلب ته جيڪڏهن عالم ارواح آهي ملير، ته عمر جو ڪوٽ ٿيڻ گهرجي بهشت عدن. ليڪن ائين به ٿي نه ٿو سگهي. عمر جي ڪوٽ ۾ مارئي قيديءَ مثل هئي، پر بهشت عدن ۾ آدم کي هرڪا آزادگي مليل هئي. چيو وڃي ٿو ته جڏهن آدم بهشت عدن ۾ آيو، تڏهن سندس سٽر مان حوا پيدا ٿي، ۽ اتي شيطان اچي ڪانئس خطا ڪرائي، جنهن ڪري خدا مٿن غصي ٿي ڪين اهبطوا (هيٺ لهو) جو حڪم ڪيو. پوءِ آدم ۽ حوا اچي فرش (يعني هن دنيا) ۾ ڪريا. هاڻي جي ڪٿي چئجي ته شاهہ پنهنجيءَ تمثيل ۾ بهشت عدن جوبيان نه ڪيو آهي (جيتوڻيڪ "سر مارئي" ۾ جيڪڏهن پوري تمثيل رکٽي هئس ته ان جو ذڪر ڪرڻ گهربو هوس). ته سوال ٿو اٿي ته آدم ۽ حوا ته شيطان جي چار ۾ ڦاٿا جنهن ڪري عرش تان هيٺ لهڻو پين، ليڪن مسڪين مارئيءَ ڪهڙو گناهہ ڪيو هو جو عمر ڪيس قيد ۾ وٺي ويو. مارئي ته هڪ معصوم ڳوٺاڻي ڇوڪري هئي، جا پنهنجي سٽ تي قائم رهي.

مان هن رايي جو آهيان ته مارئيءَ تي جا تمثيل مڙهيل آهي سا سراسر اجائي، اڻ پوري ۽ دور دراز آهي. نه مارئي روح آهي، نه عمر نفس آهي، نه عمرڪوٽ دنيا آهي، نه آدميءَ جو جسم عمر جو قيد. منهنجي خيال ۾ ته ائين ٿو اچي ته مارئيءَ واريءَ تمثيل تي زور ڏيڻ نه گهرجي، ڇاڪاڻ جو نه اها دل سان ٿي لڳي ۽ نه اها مارئيءَ جي سيرت کي وڌيڪ وڻندڙ بڻائي ٿي. مارئيءَ جي ڪهاڻي ته پنهنجي سر ئي دل پڄائيندڙ آهي. شعر تيسين شعر ئي سمجهجي، جيسين ڪہ ان جو اپياس ثابت ڪري ته اهو صرف شعر نه آهي، پر پڻ تمثيلي تذڪرو.

مارئيءَ جي سيرت جي خصوصيت آهي سندس پٽار لاءِ پريم. مارئيءَ جي پڪي پريم جو نقش شاهہ ڪهڙو نه دلفريب ۽ دلسوز چٽيو آهي! مارن جي جدائي مارئيءَ کي بي چين ڪري ڇڏيو. سندن يادگيريءَ ۾ هن ڪان ڪاڌو پيتو ۽ هار سينگار وسري ويو. مارن لاءِ هوءَ چوي ٿي:

چرن، چٺڪن چت ۾، سدا منجهہ سرير.

عمر جڏهن مارئيءَ کي ڏتارڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو ۽ ڪيس ميريءَ ۽ کهري اونيءَ لوئيءَ لاهڻ لاءِ چيائين، تڏهن ٿي مارئي وراڻيس:

١- پٽـولا پهنواريون، مـور نہ مـٽي ڪن،
جہ لاک رتائون لوئيون، تہ سالنئا سونهن،
ان ايلاچنئـون اڳـري، بخـمل بافتن،
سکر پـائيـان سـومـرا! ڪٽي ڪـان ڪـهنبن،
جـا ڏنيم ڏاڏاڻن، سـا لاهيندي لڄ مـران.

٢- مـون مـاروءَ سين لڌيون، لوئي ۾ لائون،
سون برابر سڳڙا، مون کي پانهن پڌائون.

مارئيءَ جي سيرت جي برابر ڪٿ تڏهن ڪري سگهبي، جڏهن ياد رکبو تہ جيـتوڻيڪ مـارن ڪـيس آزاد ڪرائڻ جي ڪابہ ڪوشش ڪانہ ورتي، تہ بہ هوءَ سمورو وقت ڪيت سين جي ست ۾ رهي ۽ عمر جي آڻ نہ مڃيائين. ان واقعي ڏانهن شاهہ پنهنجي سورميءَ ڪان اشارو ڪرائي ٿو. مارئي چوي ٿي:

نہ خـبـر، نہ خـواب، نـڪـو اوني آئيـو،
هُتي جـو هِتي ڪهين، ڏنـو ڪـونہ جـواب.

ٻئي هنڌ هوءَ وري چوي ٿي:

جي ڪَرَ لڌائون، تہ بنديءَ بند نہ ساريو،
ماروئڙن آئون، جڪس ويس وسري.

مارئيءَ جون هينئيون سٽون، جن ۾ پڻ ساڳيءَ ڳالهہ ڏي اشارو ڪري ٿي، ڪهڙي نہ سوز سان پريل آهن! ويچاري دل چيري ٿي ڏانهن ڪري تہ:

لنگڙياري لوءَ ۾، جنين لئہ تـيـاس،
تنين تِر جـيـترو، پلڪ نہ پڇـيـاس.

○○○

مارن مونجهہ مياس،
نات ماڙين ماريس ڪين ڪي.

○○○

"نڪـو اير نہ پـيـر، نڪـو اوني آئيـو،
مون وٽ آئيو ڪونڪو پائرئا پري پير."

مـارئيءَ کي جنهن چنتـا وڌيڪ بي آرام بڻـايو سـا هئي مـارن جي ڏانهنس بيپرواهي. هوءَ کليو کلايو چوي ٿي تہ قيد جي ڪوٺين يا لوهي زنجيرن هن تي ڪوبہ اثر ڪونہ ڪيو، هن کي منجهايو مارن جي ماٺ. جسماني بندن ۽ پابنديون سورمي يا سورميءَ جي دل کي نہ ٿيون لوڏين.

جيئن وقت ويو گذرندو، تيئن هوءَ نہ صرف ويئي ڳرندي، پر چمڙيءَ ۾ ٻڻ ڪاراٽجڻ لڳي. بدن جي صفائي نہ ڪئي، وار نہ ڌوئيا، تہ چمڙيءَ ۾ ضرور جهڪو ٿيو. شاعر ٻڌائي ٿو تہ:

١- مـينديا ڌوءِ نہ مـارئـي، نہ کلي، نہ کـاءِ.

٢- اٺيا سٺيا نہ ڪري، سونهن وڃايس سور.

مارئيءَ جي ستيا ۽ خود انڪاري لاجواب آهن. ڪيس اندر ۾ خيال ٿو اچي تہ سونهن وڃائيندي ٿي وڃان، شايد ڪيت سين مونکي نہ قبولي:

سونهن وڃايم، سومرا! مارو مس مڃين.

اتي سونهن جو مطلب آهي بدن جي سونهن، چاڪاڻ تہ سيرت جي سونهن تہ قائم رکي هئائين. مائٽن وٽ تہ ميريائي مان لهي ها، پر تنهن هوندي بہ عمر وٽ رهڻ نہ ٿي قبولي ۽ ڪيس چوي ٿي:

١- آئون ڪنءِ سوڙيين سمهان، مون ور گهاري ولهہ.

٢- ور اباڻن سين اَڄ! ڪوءِ شربت تنهنجو، سومرا!

مارئي انهن سان سچي رهي جي ساڻس بيوفا رهيا ۽ ڪيس وساري ڇڏيائون. مارئيءَ ڏيکاريو تہ ڪانڌ کي ڏکن ۾ گهاريندو ڏسي، استري پاڻ ڪيئن سک پسند ڪندي. پتيءَ جي صحبت ۾ ڏک بہ سکن سمان آهن.

مارئيءَ جي سيرت دواران شاهہ عورت جي اندر جو عجيب نقش چٽيو آهي. ميداس بادشـاهہ جيان شـاهہ بہ جنهن چيز کي هٿ لاتو آهي، تنهن کي نج سون ڪري ڇڏيو اٿس. مارئيءَ جي جذبن جي تصوير ڪڍڻ سان تہ شاهہ ڪمال ڪيو آهي ۽ پڙهندي وات مان ازخود ائين پيو نڪري تہ خدا تعاليٰ عورت جي دل الائي ڪيئن جوڙي؟

مارئيءَ پنهنجن عملن ذريعي ثابت ڪيو تہ غريبن جي دولت آهي سادگي ۽ دلي بهادري، اخلاق ۽ ايثار، خدا ۾ اعتقاد ۽ پاڻ ۾ ايمان. مارئي سچي سورمي آهي جا ڪوڙن سنساري سکن کان وتئن ويندڙ آهي. هوءَ اوچن وسترن جي تمنا نہ ٿي رکي ۽ نہ هن کي نرم بستري جي ئي ضرورت رهي ٿي، هن کي گهٽي جي گهرج ڪانهي، هوءَ ٿوري تي ئي راضي ٿي رهي، مسڪيني هن جو مٽيو آهي. مارئيءَ جو

اخلاق کهڙو نہ اوچو آهي!

اِي نہ مارن ريت، جو سينڻ متائن سون تي.
اڇي عمرڪوٽ ۾، ڪنديس ڪانہ ڪريت،
پکن جي پريت، مـاڙي سين نہ مـتـيـان.

هن ڳوٺاڻي نينگر، جي وطن لاءِ حب تہ ڏسو:

١- واجهـائي وطن کي، سـاڙي ڏيان سـاهہ،
بت منهنجـو بند ۾، قـيـد م ڪريجـاهہ،
پرڏيهـائي پرينءَ ري، ڏار م ڏريجـاه،
ٿـڌي وسائجاه ٿرن جي، متي مُئي متاهَ،
جي پويون ٿئي پساه، تہ نجاه مڙهہ ملير ڏي.

٢- هنيون منهنجو هُت ٿيو، هت متي ۾ ماهَ،
پکن منجهہ پساهہ، قالب آهي ڪوٽ ۾.

هن جي دليري تہ حيرت ۾ وجهندڙ آهي. عمر کي کهڙيءَ نہ بي ڊپائيءَ سان مارئي چوي ٿي:

جي لوڻ لڱن لائيين، چيـري چيـري چم،
مون ڪَر اڳي نہ ڪئو، اهڙو ڪوجهو ڪم،
جان جان دعوىٰ دم، تان تان پرت پهنوارسين.

انهن سٽن پڙهندي اهو بہ ياد رکڻ کپي تہ متيان لفظ مارئيءَ عمر جهڙي حاڪم کي چيا، جنهن وٽ پاڻ بندياڻي هئي. پر جنهن عورت کي عصمت جي زره پيل آهي، جنهن کڏهن بہ شيطان اڳيان ڪنڌ نہ جهڪايو آهي، جنهنجو پاڻ تي پورو ضابطو آهي تنهن کي ڇا جو ڏر؟ هن کي خود قربانيءَ جي لاثاني لڄڻ ڏاريندي پورو يقين آهي ۽ سچ جو راکو خود خدا آهي.

هھڙيءَ بي داغ سيرت واريءَ ڇوڪريءَ جي آڪاٽيءَ ۾ ڇاٽايل آهي تہ، مائٽن گمـان آندو، هنن کي تسلي نہ هئي تہ هوءَ عـمـر وٽ پاڪ رهي هوندي. مـارئيءَ جي آڪاٽي جا عام طرح چوڻ ۾ ايندي آهي، تنهن ۾ هڪ واقعو آهي تہ مارئي، جڏهن عمر وٽان پاڻ کي آزاد ڪرائي، عمر جي نياپي تي، مائٽن جي طرفان آيل قاصد سان گڏ، ملير ۾ پنهنجي ماڳ آئي، تڏهن ڪيت سين، جنهن لاءِ هوءَ عمر کي چوي ٿي "هٿين هٿـڪـڙول، هينئڙي پيـم هن جا" . مـارئيءَ جي پاڪدامنيءَ ۾ شڪ آندو، ۽ سندس آزمائش لاءِ، هڪ باهہ جو مچ باري، ان ۾ لوهہ جي سيخ تپائي، مارئيءَ کي هٿن ۾ ڏني ويئي. جڏهن هٿن کي ڪابہ لهس ڪانہ آيس ۽ ان آزمائش مان لنگهي

پار پيئي. تڏهن ڪيت سين جو منجهس ايمان پڏو. شاهہ صاحب اهو واقعو پنهنجيءَ آڪاڻيءَ جي رنا مان ڪڍي جڏيو آهي. هر ڪنهن شاعر جي خيالن ۾ مرادن ڪي ڪي قدر سندس شاعر مان ئي پڇاڻبو اهي. انهيءَ ۾ ڪو عجب نہ آهي تہ شاهہ صاحب اها آڪاڻي پڏي يا پڙهي هوندي. پوءِ بہ جو ان واقعي جو ذڪر نہ ڪيو اٿس، تنهن ۾ ڪو تہ راز رکيل هوندو؟ شاهہ عبداللطيف جي مارئي عام آڪاڻي واري مارئيءَ کان اعليٰ درجي واري آهي. شاهہ کي اهو شاناڻو نہ ٺگو تہ مارئي، جا مائٽن جي مرم ۾ رهي، جنهن کي گهوٽس ڪيت سين ڪوبہ دلاسو يا پيغام ڪونہ موڪليو تنهن ۾ سندس پتي گمان آئي، ڪانئس ههڙي ڪٺن آزمائش وٺي. "سر مارئي" ۾ شاعر انيڪ دفعا سورميءَ جي پاڪدامني ڏانهن پڙهندڙن جو ڌيان ڇڪايو آهي. ڏهين داستان ۾ چاڻايل آهي تہ عمر جي نيند موڪلڻ تي، مارن هڪ قاصد مارئيءَ کي ملير ۾ وٺي اچڻ لاءِ موڪليو. ان قاصد جو ذڪر ڪندي، مارئي چوي ٿي:

جو ڏيهہ ڏاڏاڻا آئيو، ڏنم تنهن طعنو:
"پائي ويهہ پلنگين، ڳچي سر ڳانو،
متا لڪ، لطيف چي، ڪانءِ م خزانو،
سرتين سيلُ چوائيو، جور هٿي جانو،
تيو سڌ سمانو، حرف هٿي هيڪڙي."

قاصد جي هن طعني مارئيءَ جي دل کي چوٽ رسائي ۽ هن پنهنجيءَ بچايل عصمت جو بيان ڪندي. ڪيس چيو:

"مون سين ماروئڙيون، ڪهڙي ريت رُسنديون؟
چوٽي ۾ چيڙ پئو، ٻين رت ڇَيون،
نيٺن نند وهہ تيي، ساري ساڏوهيون،
هتي جي هيون، تہ سڌ تہ ٻيين سيلَ جي.

انهيءَ ڪانپوءِ بہ مارئيءَ کي تتل لوهہ هٿن ۾ ڪٺائڻ ڏيڪاري ٿو تہ مارن جو سندس قول تي ويساهہ ڪونہ هو. اهو شاهہ کان سَئو نہ ٿيو ۽ هو پنهنجيءَ سورميءَ کي اهڙي آزمائش مان نہ ٿو لنگهارائي. شاهہ جي مارئيءَ کي سندس مائٽ بنا ڪنهن بہ گمان جي قبول ڪن ٿا. هنن جو مارئيءَ ۾ پورو پورو اعتقاد هو. شاهہ سمجهي سگهيو ٿي تہ مارئيءَ کان جڏهن ڪيت سين مذڪور آزمائش جي گهر ڪئي هوندي، تڏهن سندس دل کي ڪهڙي نہ سخت چوٽ رسي هوندي، خاص ڪري جڏهن ان قاصد، جنهن کي مارئيءَ پڌايو هو تہ ڪيئن ڪانڌ جي جدائيءَ م پاڻ بيچينيءَ جا ڏينهن ڪاٽيا هئائين، سپاويڪ طور ضرور ڪيت سين کي سموري حال

ڪان واقف ڪيو هوندو. عام آڪائيءَ ۾ جا مارئيءَ سان بي انصافي ٿيل آهي، سا شاهه پنهنجيءَ سورميءَ سان ٿيڻ نہ ٿو ڏئي. ڇا. اهو انصاف آهي تہ جا زال پنهوار لاءِ هيٺرين سختين هموار ڪري، تنهن جو پنهوار قدر نہ ڪري. ڪيس ڏوهي ٺهرائي؟ شاهه ڏيکاري ٿو تہ ڌارئي شخص جي قبضي ۾ هوندي بہ مارئيءَ جي دل نہ لڏي. هوءَ اڏول رهي. هن جي محڪم ارادي کي عمر جون لالچون ۽ ڏڙڪا موڙي نہ سگهيا. پاڻ ۾ ايمان سورمائي جو جوهر آهي ۽ جا پنهنجي محڪم ارادي جو اظهار ڪندي، چوي ٿي:

جانڪين ستين سير. تان ڪين وهنديس ڪوٽ ۾.
سپ سمنڊين سپجي. نديءَ پيي نہ نير.
جن هوءَ ابر آسري. تن ءَ مون من مليرَ.

تنهن ڪان تنل لوهہ ۾ هٿ وجهائن. شاهه کي واجب نہ لڳو. آزمائش وارو واقعو نظر انداز ڪري شاهه عام آڪائيءَ تي شاندار سوپ پاتي آهي، جنهن دوران هن نہ رڳو اهو ثابت ڪيو آهي تہ طبع زاد طبيعت ۽ ادبي لياقتن وارو مصنف پنهنجي ذهني ڪيميا سان اڏاري ورتل آڪاڻي کي. اهڙي جهلڪ ڏئي ٿو جو پڙهندڙ اصلي آڪاڻيءَ کي پلجي، سندس جوڙيل ڪهاڻي مطالع ڪن ٿا ۽ سولي سمجهن ٿا. پر مارئيءَ کي سچيءَ سورميءَ سڏائڻ جو حقدار بنايو آهي. سچي سورمي يا سورميءَ کي دنيا بہ اهڙوئي سمجهي ٿي. دنيا هن کي عزت ڏئي ٿي. نہ سندن ايمان ڪري ٿي. جيڪڏهن عام آڪاڻي جي مارئيءَ جيان شاهه پنهنجي سورميءَ کان بہ اها آزمائش وٺي ها. تہ اهو مارئيءَ جي سونيءَ سيرت ۾ هڪ وڏو عيب ٿئي ها. اهو عيب ڪڍي شاهه پنهنجي سورميءَ کي بي عيب بنايو. شاهه جي مارئي توڙي جسماني طاقت جي لحاظ کان نبل ناري آهي. مگر هن جي دل پلوان آهي. سچائي ۽ پاڪيزگي سندس پل آهن. ■

٥

## سورٺ

سورٺ سان شاهہ انصاف نہ ڪيو. ائين آهي تہ جيتوڻيڪ آڪاڻيءَ جا مکيہ اداڪار ٻيجل ۽ راءِ ڏياچ آهن، تہ بہ سر کي سڏيائين سورٺ جي نالي سان. تنهن هوندي بہ سورٺ تي اها محنت نہ ڪئي اٿس جا ڪرڻ گهربي هئس. سهڻيءَ ۽ سسئيءَ جيان سورٺ جي آڪاڻي بہ دک انت آهي. سورٺ ويچاري، سهاڳ جي صدقي، ستي ٿي. راءِ ڏياچ سندس غير حاضريءَ ۾ سر ڏيڻ جو انجام ڏيئي وينو. هاڻي سورٺ ڇا ڪري؟ پنهنجي سک کي ڪڙهي، ڪين پتيءَ جي وچن جو خيال رکي؟ هوءَ ٻن باهين ۾ هئي. جنڊ ڪٽي تہ جنڊ ڳورو، ٻڙ ڪٽي تہ ٻڙ ڳورو. خود انڪساريءَ جو جزو شاه جي ٻين سورمين ۾ بہ آهي. تياڳ تہ سورمن ۽ سورمين جو ورثو آهي. مگر سورٺ جهڙو تياڳ سسئيءَ بہ ڪونہ ڪيو. سنو مارئيءَ پڻ. ٻر هن کي آخر ۾ حق پلئہ پيو. سورٺ سور دل ۾ ٻي ويئي ۽ راءِ ڏياچ کي انجام پاڙڻ کان نہ روڪيائين. شاهہ " سر سورٺ" ۾ ڪٿي بہ ڪونہ ٿو ڏيکاري تہ سورٺ راءِ ڏياچ کي سر ڏيڻ کان منع ڪئي. ليڪن ساڳي وقت سياويڪ طرح سورٺ ضرور ٻيجل اڳيان رحم لاءِ ٻاڏايو هوندو. شاهہ دلين پرکڻ ۽ انهن جي بيان ڪرڻ ۾ قابل آهي، مگر سورٺ جي سورن جو ورنن ڪرڻ الائي ڪيئن وسريس؟ سورٺ لاءِ هو موت. راءِ ڏياچ راجپوت هو ۽ راجپوت پاڻ قربان ڪندا ليڪن وعدو نہ ٽوڙيندا. ان حالت ۾ سورٺ لاءِ هڪ ئي وسيلو هو. ٻيجل کي ٻاز آڻي سگهي ها، تہ پتيءَ جي جيئري رهڻ جي اميد ٿئيس ها، ۽ هن جي زندهہ رهڻ سان پاڻ بہ زنده رهي سگهي ها. دل تي ڇوي تہ سورٺ بہ ضرور ڪوڪون ڪيون هونديون. شاهہ سيني سورمين جي دانهن جو دردناڪ نقش ڪڍيو آهي، ليڪن سورٺ ٻيري الائي ڇا ٿيس؟ مڙس کي هٿن سان پنهنجو سر ڪٻيندو ڏسي، زال جي دل ۾ ڪهڙي نہ آنڌ مانڌ ٿي هوندي! راءِ ڏياچ جو بہ ڪمال ڇئبو جو راڳ جي رس تي سر وڍي ڏنائين. پر شاباس سورٺ کي بہ آهي جنهن اکين سان اهو هولناڪ واقعو ڏٺو. ويچاريءَ بيوسيڪائيءَ جي حالت ۾ سينو ڇيريندڙ ورلاپ ڪيا هوندا. "سر سورٺ" وڏيڪ وٽندڙ ٿئي ها، جيڪڏهن شاهہ ان ۾ سورٺ جي دلي امنگن جو اظهار ڪري ها.

سڏيءَ طرح تہ شاعر سورٺ جو ذڪر ئي نہ ٿو ڪري، نڪي وري سورٺ جي ڦتيل دل کي ئي ڪڇڻ جو وجھہ ڏنو اٿس. سارو داستان عجيب عبارت سان سينگاريل آهي، پر سورٺ جي سيرت تي الائي ڇو پردو ڪيل آهي؟ شاهہ جي من ليائيندڙ لفظن ۾ سورٺ جي نالي سوز جو اظهار هن دردناڪ داستان کي ڏاڍو موثر ۽ مڪمل ڪري ٿو.

تمثيلي نقط نگاهہ کان ڪن پڙهندڙن وري سورٺ سان حد بي انصافي ڪئي آهي جو سورٺ جي معنيٰ ڪئي اٿن نفس. مان ٿو پڇان تہ سورٺ نفس ڪيئن ٿي؟ هن راءِ ڏياچ لاءِ ڪهڙي شيطاني چار پکيڙي هئي؟ هو راءِ ڏياچ جي ارادي آڏو ڪين آئي. هن پنيءَ کي اقرار پاڙڻ کان نہ پليو. نہ تہ شاهہ ضرور ان جو بيان ڪري ها. اٽلندو جڏهن راءِ ڏياچ پنهنجو سر وڍي ڏنو، تڏهن پاڻ بہ سندس پنيان جيئري جلي. جي نفس هئي تہ پاڻ کي جيئري جلائڻ جو ڪهڙو ضرور هوس؟ ڪنهن ائين ڪرڻ لاءِ زور تہ ڪونہ ڪيو هوس. سورٺ سچي راجپوت استري ثابت ٿي، جا پنيءَ سان چڪيا چڙهي. سورٺ جي قرباني نظر انداز ڪري، ڪيس نفس سان مشابهت ڏيڻ وڏي ادبي غلطي آهي. بيجل راءِ ڏياچ کي سڏي ٿو "سنهارا سورٺ ور." سورٺ هئي راءِ ڏياچ جي استري، پوءِ هوءَ نفس ڪيئن ٿي؟ شاهہ جو اهو خيال هو جا تہ هر ڪا استري پنهنجي پنيءَ لاءِ نفس آهي؟ شاهہ جي سورٺ جيڪڏهن اهڙي نيچ اداڪار هئي، تہ پوءِ آڪاڻي کي سندس نالي سان سڏي، پاڻ ڪيس اهڙي مشهوري ڪيئن ڏنائين؟ ڪي شايد چون تہ سورٺ سُر جو نالو آهي ۽ آڪاڻي جي سري جو سورميءَ جي نالي سان ڪوبہ تعلق ڪونهي. مگر مارئي، سهڻي، ليلا چنيسر ۽ مومل راڻو تہ سرن جا نالا ڪين آهن. سُر آبريءَ کي بہ شاهہ "سر سسئي آبري" سڏي ٿو. شاهہ نظمي ڪهاڻين کي سورمين جي نالن سان ئي سڏيو آهي.

جن سورٺ کي نفس سڏيو آهي، تن جو چوڻ آهي تہ بيجل جي مراد آهي مرشد. بيجل تہ پيسي جي لالچ تي اچي راجا کان سر جي طلب ڪئي. سندس زال هيرن جو ٿالهہ وٺي رکيو. سو بيجل کي ضرور سر وٺڻو هو. نہ تہ راجا سندس سر ڪپائي ها. پاڻ کي بچائڻ لاءِ هن راءِ ڏياچ کان سندس سر طلبيو. آڪاڻيءَ جي آخر ۾ اچي ٿو تہ جڏهن راءِ ڏياچ جو سر ڪٽي، بيجل وطن وريو ۽ راجا انيراءِ مٿس غصي ٿيو، تڏهن هو راءِ ڏياچ جي ملڪ ۾ واپس آيو ۽ سورٺ کي چڪيا تي سڙندو ڏسي، پاڻ چريو ٿي پيو ۽ پڇتاءُ جو اظهار ڪري، پاڻ کي بہ ڪٽي اُن چڪيا تي اڇليائين، جتي سڙي ڀسم ٿي ويو. بيجل آخر پروڙيو تہ راءِ ڏياچ جو سر وٺي، سورٺ کي ڏاڍي ڏهاڳ ڏنئي. هن برو ڪم ڪيو هو. انهن نڪتن جي ڳڻ ڳوٽ ڪانپوءِ بہ بيجل کي مرشد سڏي، سچي آڪاڻيءَ کي تمثيلي رنگ ڏيڻ ناجائز آهي. بيجل تمام ضعيف سيرت وارو اداڪار آهي. اهو وسارڻ نہ گهرجي تہ بيجل کي جنهن

ڳالهہ چوٽ رسائي سا هئي سورٺ جو جيئري پاڻ جلائڻ. جيڪڏهن سورٺ نفس هئي تہ هن جي پسم ٿيڻ تي ٻيجل تهدل خوش ٿئي ها. شاهہ صاحب جي نظم ۾ تہ اهڙو ڪوبہ اشارو نہ آهي جنهن مان سورٺ لاءِ گمان آڻجي تہ هوءَ هئي نفس.

باقي رهيو هي سوال تہ جي سورٺ نفس نہ آهي تہ، شاهہ هن جي سيرت کي پنهنجي نظم ۾ چو نہ چٽيو؟ انهيءَ لاءِ منهنجو خيال هي آهي. شاهہ جي جيون چرتر مان پڌرو آهي تہ هن کي سرود سماع جو بيحد شوق هو، ۽ جن حالتن هيٺ وفات ڪيائين سي پڻ ڏيکارين ٿيون تہ راڳ شاهہ صاحب جي جان جو جياپو ۽ روح لاءِ راحت هو. مان سمجهان ٿو تہ هندستان جي سفر ڪندي شاهہ جڏهن ٻيجل ۽ راءِ ڏياچ واري آکاڻي ٻڌي، تڏهن سندس دل ۾ جذبو جاڳيو تہ راءِ ڏياچ جي دل جو نقش شعر ۾ چٽيان. جنهن جهڙو مثال دنيا ۾ اڻ لڀ آهي. هي هڪ سچي تاريخي حقيقت شاهہ کي ملي. "سر سورٺ" ۾ هڪ راڳ جي عاشق ٻئي راڳ جي عاشق جي تصوير ڪڍي آهي. سماع شاهہ کي پيارو هو ۽ هن آکاڻي ۾ کيس وجهہ مليو تہ سماع جي طاقت جو بيان ڪري. جو سماع ديوتائن جو هنر ليکيو ويو آهي. شاه جو "سر سورٺ" سماع اڳيان پيتا آهن. هن آکاڻي تي ڪنهن تمثيل جي انومان ڪرڻ جو ضرور ڪونہ آهي. هتي شاهہ راڳ جي روحاني برڪت جو بيان ڪيو آهي. تاريخي ڪتابن ۾ چاتايل آهي تہ گذريل زماني ۾ راجائن جي درٻارين ۾ اڪثر راڳيندڙ هوندا هئا ۽ جڏهن بہ چارڻ بادشاهن جي ڪچهرين ۾ داخل ٿيندا هوا، تڏهن کين عزت ملندي هئي. هو توڙي غريب هوندا هئا، تہ بہ راڳ راجائن کي سندن فيض جو محتاج بڻائيندو هو. "سر سورٺ" ان شاعر جو لکيل هو جنهنجي روحاني غذا راڳ هو. راءِ ڏياچ جي قربانيءَ شاهہ کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. سسئيءَ برابر سر ڏنو. سهڻيءَ جي قرباني بہ لاثاني آهي. پر راڳ لاءِ هٿن سان ڪنڌ ڪپي ڏيڻ تہ رڳو راءِ ڏياچ جو ڪم هو. راءِ ڏياچ جو محبوب هو ساز ۽ سماع. شاهہ کي هن آکاڻي ۾ هڪ اهو مرد اداڪار هٿ آيو، جو هر طرح سورمي سڏجڻ جو لائق هو، ۽ مان سمجهان ٿو تہ راءِ ڏياچ جي قربانيءَ جو ذڪر ڪندي، شاهہ صاحب سورٺ تي توجهہ نہ ڪيو. شايد انهي خيال کان تہ سورٺ جي سورن جو بيان راءِ ڏياچ جي اهميت کي جهڪو ڪندو. وڏيڪ هيئن پڻ ممڪن آهي تہ ڪانڌ جي قرب ۾ استريءَ جي ورلاپن جو شاهہ ڪن ٻين سرن ۾ چڱو ئي وستار ڪيو آهي. مگر محض سماع جي صدقي سر ڏيڻ هڪ نئون مضمون هو. تنهن ڪري پنهنجيءَ ڪوتا اندر راءِ ڏياچ جي پدوي پڌري ڪيائين ۽ ساڳي وقت سيل ستيا جي مورت، سورٺ، جي قربانيءَ ملهائڻ لاءِ پنهنجي نظم جو نالو ئي رکيائين "سر سورٺ". ■

# لطيفي سئر

پيرومل مهرچند آڏواڻي

# حياتيءَ جو احوال

سنڌ جو هاڪارو شاعر شاهه عبداللطيف، جنهن کي "شاهه ڀٽائي" به چوندا آهن، سو شاهه حبيب جو پٽ ۽ شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ٽڙ پوٽو هو. هن جا وڏا اصل هرات ۾ رهندا هئا، پر پوءِ امير تيمور جي ڏينهن ۾، سنڌ ۾ اچي مٽياريءَ ۾ رهيا. اهي مٽياريءَ وارا سيد پوءِ هالن ڏي ويا، جن مان اسان جي فخر جو باعث شاهه عبداللطيف پيدا ٿيو. هو ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ سنه ١٦٨٩ع ڌاري ڳوٺ ڪٽياڻ تعلقي هالن جي ويجهو ڀٽي پور ۾ ڄائو هو.

ننڍي هوندي کان ئي شاهه صاحب جي چت جو لاڙو ڏٺي صاحب جي پاسي جهجهو هو ۽ جئن ويو وڏو ٿيندو، تيئن سندس جوهر به ويو وڌيڪ ظاهر ٿيندو. پوءِ ته ڪيترا ماڻهو ڪانئس ارشاد وٺي سندس مريد ٿيا.

شاهه صاحب قد ۾ بت جو پورو پُنو هو ۽ سندس چهرو ڪڻڪ رنگو ۽ ڦڪاڻ ڏي مائل هو. هو سادو کائيندو هو، سادو هنڌائيندو هو ۽ ڏاڍو نهٺو ۽ پرهيزگار ماڻهو هو. ذهين ۽ فهيم ته هڪڙو ئي هو. سندس ناهيل رسالو سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ لاثاني ڪتاب آهي. انهي رسالي جا بيت سرن ۾ وراهيل آهن. ڪن سرن ۾ نج تصور ڀليو اٿس ۽ ڪٿي ته وري نيارا نيارا ويس ورن وٺي اهي اهي درد

جا داستان ويهي كوليا اٿس، جن جي پڙهڻ سان پتو پئجي ٿو ته پاڻ ڪيترو ڪم ڪيو هئائين. شاهه صاحب گهڻو ڪري عاشقن جون ڳالهيون ۽ ٻيا ڪهڻا قصا، جن جو سنڌ ۽ ٻين هنڌ اڳيئي رواج هو، تن بابت بيت چيا هن. جهڙوڪ سسئي پنهون، مومل راڻو، عمر مارئي،ليلا چنيسر ۽ ٻيا. رسالي جي هڪ وڏي خوبي هيءَ آهي. ته ساڳي ڳالهه جدا جدا لفظن ۾ جدا جدا ماڻهن جي واتان پئي اچي، پر سڀني ڳالهه جو تاڃي پيٽو جاچيو ته اهائي توحيد جي تار يا وحدت جي وائي پئي ٻڌڻ ۾ ايندي.

شاهه صاحب صوفي هو، پر مسلماني پرين به منجهس گهڻيون هيون. هو روزا رکندو هو نمازون پڙهندو هو، پر رڳو ٻڳو شريعت جو پابند نه هو. مسلمانن وٽ راڳ حرام آهي پر وٽس روز پيو گانو ٿيندو هو، بلڪ دم به ڳاني ٿيندي ڏنائين. هن کي نڪو درد ٿيو نڪا بيماري، مراقبي ۾ ويٺي ويٺي وصال ڪيائين. اهو واقعو هجري سن ١٢٢٥ (١٧٥٢ع) صفر مهيني جي چوڏهين تاريخ ٿيو. هاڻ هر سال انهيءَ تاريخ ڀٽ شريف تي ميلو لڳندو آهي، جو ٽي ڏينهن ساندهه هلندو آهي ۽ ماڻهن جا حشام سنڌس سيڪ ۽ سوادي ڪافين ۽ رس ڀرين بيتن ٻڌڻ لاءِ اتي وڃي مڙندا آهن. اهو ڀٽ جو ڳوٺ پاڻ ٻڌايو هوائين تنهن ڪري اهو سنڌس نالي پٺيان "شاهه جي ڀٽ" يا "ڀٽ شاهه" سڏجي ٿو.

## (٣) سچو سيلاني

سئر ۾ تعليم آهي، پر جو اکيون کولي نه هليو، تنهن جهڙو سئر ڪيو تهڙو نه ڪيو. سچو سيلاني سدائين اکيون کولي هلي ٿو ۽ هي ساري قدرت، جا هڪ ڪليل ڪتاب جي مثل آهي، تنهنجو هر هڪ جزو چڱي ريت جاچي، خسيس خسيس ڳالهين مان به وڏا وڏا سبق سکي ٿو. اهڙو سچو سيلاني شاهه لطيف هو. عام خلق رواجي ڪتاب پڙهي ٿي، پر هن اڪثر قدرت جو ڪتاب پڙهيو هو ۽ قدرت جو نظارو هن جو مڪتب هو. شاهه صاحب جو ذهن اڳيئي ڪليل هو باقي قدرت جي مڪتب ۾ پڙهي ڪماليت حاصل ڪرڻي هيس.

قدرت جي مڪتب مان ڪماليت حاصل ڪرڻ لاءِ شاهه صاحب جي پڙهڻ جو نمونو پنهنجو هو. هن جون اکيون، ڪن ۽ ٻيا حواس سڀ ٻيءَ طرح جا هئا ۽ هن جي خيال جي رفتار به نرالي هئي، تنهن ڪري نه رڳو سئر سياحت ڪندي، پر گهر ويٺي به هن گهڻو ٿي پرايو.

گهر ۾ ائٽ هلندو ڏٺو اٿس ته ان بابت سچو سر ڪاپائتي چيو اٿس، جنهن

م ائنس سان لاڳاپو رکندڙ لفظ ۽ نهايت عمدا اصطلاح ڪم آڻي، سچيءَ محبت سان پنهنجي چت اندر چرخي چورڻ جو تاڪيد ڪيو اٿس. انهيءَ سر ۾ پنهنجي وقت جي حقيقت بہ جاڻائي اٿس تہ ڪئن اڳي زالون، پيٽي مٿڻ لاءِ صرافن وٽ بہ ويندڙيون هيون ۽ ڪئن صراف هر هڪ قورو قولهي ڪتيل سٽ مان عيب ڪڍندا هئا.

"قورو نہ قولهي شال، سنئين پئي صراف کي!"

ڪانءَ جهڙو عام پکي، جو روز اچيو گهر وٽ "ڪان ڪان" ڪري، تنهن تي اسين ڪوبہ ويچار نٿا ڪريون، پر هن اعليٰ درجي جي شاعر ان جون سڀ عادتون سر پورب ۾ کولي ظاهر ڪيون آهن تہ ڪئن ڪانءُ ڏوڌي تي ڏري ٿو، جتي وهي اتي وٺ لاهي ٿو، ۽ ڪئن، وهاڻيءَ وٽڻ ۾ "ڪان ڪان" ڪري ٿو وغيره. ڪن بيتن ۾ ڪانگل کي قريبن جو قاصد بنائي ٿو ۽ هن کي پرين جي پارانهين پچارڻ جو تاڪيد ڪري ٿو.

سج، چنڊ، تارا، ڪتيون ۽ ٻيا سهسين سيارا جي هر روز اسين اکين سان پيا ڏسون، تن مان اسين دل ڏيئي ڪوبہ سبق نٿا سکون، پر هن الله تعاليٰ جي عاشق انهن سان عجيب اورون ويهي اوريون آهن، جي سر ڪنڀات ۾ ڏنل آهن، سج جو تجلو ۽ چنڊ جي چانڊاڻ ڏسي، مالڪ جي جلوي ۽ جلال جو تصور ڪري چيو اٿس تہ:

سهسين سجن ايري، چوراسي چنڊن
بالله ري پرين، سڀ اونداهي پانئيان. (ڪنڀات)

ڪنهن وقت مينهن پيو آهي تہ رعد جي رڙ، وڄ جي ڪنوڻ، پلر جي ڦڙڦٽ، پٽن جي پاهہ جهلڻ، گاهن جي گلزاري لائڻ، سنگهارن جي سرهي ٿيڻ ۽ ان ارزان ٿيڻ جا بيان نهايت مختصر، پر مائيدار لفظن ۾ ڪيا اٿس جي سر سارنگ ۾ ڏنل آهن.

شاهہ صاحب گهر مان نڪري بازار ڏي هليو آهي. هلندي هلندي ڪنهن لهار جي دڪان تي ڏسي ٿو تہ لهار اڳر دکائي، ڏنوٽيءَ سان ڏنئين، ڪورو تپائي، ان ۾ لوهہ وجهي ٿو تہ ڪٽ ڪڙهي ٿي ۽ لوهہ ٻري ٿو. جڏهن لوهہ تپي ڳاڙهو ٿئي ٿو، تڏهن مترڪا منهن ڪڍن ٿا، ساندائيون ڪنبن ٿيون ۽ لوهہ ڏکين تات پئي ٿو! اهي رواجي ڳالهيون جي سڀ ڪنهن ڏٺيون هونديون، تن مان هن عاشق نهايت عجيب

اسري هيس جو هر هڪ ڳالهہ مان نهايت عجيب ۽ اونها مطلب ڪڍي سگهبو ٿي. پنهنجي مادري زبان تي بہ ڪلي ضابطو هوس، تنهن ڪري پنهنجي هر هڪ خيال کي نهايت عمدي پوشاڪ پهرائي سگهيو ٿي.

شاهہ لطيف جيڪي سير سفر ڪيا سي سڀ سچي سائينءَ جي اڪنڊ ۽ اڪير وچان، جنءَ جنءَ ويو گشت ڪندو تيئن تيئن سندس دماغ ويو کلندو. هر ڪنهن هنڌان هو نصيحت جا سچا موتي ۽ حقيقت جا هار حاصل ڪندو ويو. انهن آزمودن ۽ اثرن سندس حقيقي عشق کي تحريڪ ۽ ترقي ڏني. هو اڳيئي سون هو، پر هاڻ پارس تي پيو ۽ سندس شعر بہ وڌيڪ موهيندڙ ۽ معنيٰ دار ٿيو. سندس شاعراني خستوريءَ جي خوشبوءِ سڀ ولات واسي ڇڏي آهي ۽ هندو توڙي مسلمان، پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل، هن جي ڪلام تي مشتاق آهن. اهڙو سهڻو ۽ سنجيدو، منو ۽ من موهيندڙ ڪلام هو تڏهن چئي سگهيو آهي، جڏهن هر هنڌ اکيون کولي هليو آهي ۽ انهي ڪري ئي هن کي "سچو سيلاني" سڏجي ٿو.

## (٣) مڪيم سير

شاهہ صاحب کي جبلن، ماٿرين ۽ کليل ميدانن ۾ گهمڻ جو گهڻو شوق هوندو هو. برسات جي موسم ۾ جڏهن وڻ ٽڻ ڏوبي ڇهڇ ٿيندا هئا ۽ چوطرف چڱو لقاءُ لڳي ويندو هو، تڏهن قدرت جو جمال ۽ جلال کيس ڪشش ڪري گهر مان ٻاهر ڪڍندا هئا، جو قدرت جي نرمل نظارن سندس قلب کي قوت ۽ روح کي راحت ٿي ڏني. ڪڏهن بلڙي شريف ۾، پنهنجي ٽڙ ڏاڏي شاهہ ڪريم جي درگاهہ تي، تہ ڪڏهن جهوڪ شريف ۾ شاهہ عنايت صوفيءَ جي ملاقات لاءِ ويندو هو. ڪڏهن خيرپور رياست جي ڳوٺ درازن ۾ هاڪاري سچل فقير جي مائٽن سان ملڻ ويندو هو، تہ ڪڏهن ڪنهن مريد جي ڳوٺ ٿورا ڏينهن مهمان ٿي وڃي رهندو هو. اهڙي طرح هو گهڻو ڪري سڄي سنڌ گهميو هو. هڪ لڳا شاهہ ڪريم جي قبي حوزائڻ لاءِ ڪاشيءَ جي سرن خريد ڪرڻ واسطي، ملتان ويو هو، جنان درياهہ جي رستي ٻيڙيءَ ۾ لهوارو آيو هو ۽ خدا آباد وٽ ساهي کڻڻ لاءِ، سندس ٻيڙيءَ لنگر هنيون هو. انهي ٻيري ملتان ڏي رڳو ڪم سانگي، ۽ نہ سير جي ارادي سان، ويو هو. هن سڄو پڄو سير ٿي ورهيہ ساندهہ جوڳين جي سنگ ۾ ڪيو ۽ هندن جا ڪيترا تيرٿ ۽ تڪيا پيتيائين. انهيءَ عرصي ۾ هو بہ گهمرا هنگلاج ۽ هڪ گهمرو لس ٻيلي ۽ ڪرنار ويو هو. جيسلمير ڏي ويو هو ۽ هڪ لڳا لاهوت جي بہ زيارت

## (۴) سئر جو سبب

شاهہ لطيف هڪ وڏو وطن دوست هو، پنهنجي سنڌ ڌرتيءَ سان اهڙي تہ دل هيس جو ان لاءِ داور جي درگاهہ مان دعا پني اٿس:

سائيم! سدائين ڪريم مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين! (سارنگ)

جنهن درويش جي پنهنجي وطن سان هيڏي دل، تنهن تي ورهيہ سانده پنهنجو ڏيهہ ڇڏي، پرڏيهہ جا ڏک ڏاکڙا قبوليا تنهنجو ڪارڻ ڪهڙو؟

"برهہ بٺايس بر نہ تہ سڪي ڪير سڌون ڪري"؟

اها برهہ جي باهہ هئي جنهن هن عاشق کان وطن جا وڻ ڇڏايا. اهڙو پنيت ڪئن ٿيو تنهن بابت هيءَ روايت آهي:

شاهہ صاحب جي ڏينهن ۾ هالن تعلقي ۾ ڪوٽڙي نالي هڪ شهر هو، جو هاڻ ڦٽي ويو آهي، پر ان جو ويرانو اڄ تائين ڀٽ شريف کان پنج ميل پري ڏکڻ ڏي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. انهي ڪوٽڙيءَ جو حاڪم مرزا بيگ هو، جو ارغون گهراڻي مان هو. شاهہ صاحب جي شادي انهي مغل بيگ جي نياڻيءَ سان سن ۱۷۱۴ع ڌاري ٿي. سندس بيبيءَ جو نالو سيده بيگم هو، جنهن کي پوءِ شاهہ صاحب جا مريد ادب ۽ عزت وچان "تاج المخدرات" يعني "ستياڻين جو ڇٽ" ڪري سڏيندا هئا. بيبيءَ کي هڪ گهمرو ڪهائي ٿي يعني ڪچو ٻار پيس ۽ وري حمل ڪونہ ٿيس.

شاديءَ ٿيڻ کان اڳ سيده بيگم بيمار ٿي پئي تنهن ڪري سندس مائٽن شاهہ صاحب کي دعا ڦيڻي لاءِ آندو، جو شاهہ حبيب جي گهر سان مريديءَ جو رستو هون. اسان جي شاعر، اچڻ سان هن نازنين نينگر جي چيچ پنهنجي هٿ ۾ جهلي چيو تہ "جنهن جي آڱر سيد هٿ ۾ تنهن کي لهر نہ لوڏو"

شاهہ صاحب جو هن جي چيچ جهلي، سو گويا نڪاح جي عقد هئي، پر ڪنواريءَ کي سندس انهيءَ هلت تان ڪاوڙ لڳي ۽ مائٽيءَ جي ڳالهہ تي پهريائين پير بہ نٿي کوڙيائون. سچ چيو اٿن تہ "لکيو لوهانتان ڪوٽ پچي" ڪيترن صدن ۽ تڪرارن کانپوءِ اها ساڳي مائٽي ٿي. پهريائين حسنائين مائٽيءَ جي پڪ نہ ٿي ملي، تيستائين هن عاشق جي دل ۾ هڪ عجيب بيتابي ۽ بي قراري پيدا ٿي. حقيقتون اهو رڳو هڪ بهانو بنجي آيو. عشق جي چڻنگ نندڙي هوندئي هن جي جسماني چولي اندر هئي، پر پوءِ جڏهن حواليءَ جي ڦوهہ ۾ آيو ۽ هيءَ ڳالهہ ٿي،

تڏهن الي مان آگ بري ٻيئي ۽ عشق اچي آرانيا لاتا. هن جي اندر ۾ محبت اهڙو تہ مچ مچايو، جو هيءَ ڏينهن جا ڏينهن مجنون، وانگر برپٽ بيابان جهاڳڻ لڳو. شعربت، جا هيلنائين هن جي دل ۾ ائين چپيل هئي، جئن باهہ چقمق ۾، سا هاڻ عشق جي تاثير هيٺ پڙڪو کائي ٻاهر نڪتي. هو پوءِ اُهي اُهي ڦوڙائي جا بيت چوڻ لڳو جو سندس نينهن جا نعرا پرانهن پنن ۾ پڙاڏو ڪرڻ لڳا. شاهہ حبيب کي پنهنجي پياري پٽ جي هيءَ پريشان حالت ڏسي سپاويڪ طرح خيال ٿيو ۽ سندس خاطريءَ لاءِ انهيءَ سگ چڪڻ جي هر وجهہ ڪوشش ڪيائين، پر ڪو وقت سندس سعيا سجايا نہ ٿيا. شاعر نهايت نااميديءَ وچان ديس ڇڏي، پرديس جا ڏک ڏاکڙا برسر ڪيا.

"ساجن ڪارڻ سج، مر قبولي سسئي."

## (۵) وطن جا وڻ ڇڏڻ

شاهہ لطيف جي درگاهہ ڳوٺ ڀٽ تعلقي هالن ۾ آهي. ڀٽ شريف ڏي وڃڻ لاءِ ٽنڊي آدم يا شهدادپور اسٽيشن تي لهبو آهي، جتان پنج ڪوهہ ڪن پنڌ آهي. جيڪڏهن ڪنهن کي دادوءَ يا سيوهڻ کان اوڏانهن وڃڻو هوندو تہ ڳوپانگ اسٽيشن تي لهڻو پوندس. جتان هالن جو شهر چار ڪوهہ پري آهي، پر اهو پنڌ لانگهائو پنڌ آهي، جو وچ مان سنڌوندي پئي وهي. ڀٽ جو نالو رسالي جي ڪيترن بيتن ۾ جاڻايل آهي. ڪراڙ نالي هڪ ڍنڍ جا ڳوٺ ڀٽ جي بنهہ ڀاهران آهي، تنهن جو نالو توڙي ديهہ گيبات ۽ ٻين نزديڪيءَ وارن مڪانن جا نالا رسالي جي سر سارنگ ۾ ڏنل آهن، جن مان ظاهر آهي تہ هن پنهنجي ڳوٺ جي پسگردائيءَ کي چڱا چڪر هنيا هئا. پر اڄ انهن چڪرن هٽڻ جو چاهہ ڪونهيس. هو هنئر عشق جي اثر هيٺ آهي ۽ کي بہ منو نٿو لڳيس. پنهنجو وطن هڪ عجيب نعمت آهي، پر هينئر هن جي نگاهہ ۾ بي نعمت آهي، تنهن ڪري پنهنجي وطن جا وڻ ڇڏي، هالن کان شاهي سڙڪ وٺي حيدرآباد ڏي رخ رکي هليو آهي.

شاهہ صاحب جي ڏينهن ۾ حيدرآباد کي "نيرن ڪوٽ" چوندا هئا. نيرن نالي هڪ هندو راجا ٻڌ ڌرم جو هو، تنهن جو ڪوٽ هاڻوڪي قلعي واري ٽڪ تي اڏيل هو. حيدرآباد وارو هاڻوڪو قلعو سنہ ۱۷۶۸ع ۾ ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جوڙايو ۽ ٻئي سال شهر وسيو. شاهہ صاحب ۱۷۵۳ع ۾ وصال ڪيو، تنهن ڪري چئبو تہ هي شهر ڪانئس سترهن ورهيہ پوءِ وسيو. رسالي ۾ حيدرآباد جو نالو

ڪونهي، پر سر ڪاهوڙيءَ ۾ گنجو ٽڪر ايامن ڪان مشهور آهي. اهو هنڌ اڳي بلڪل پاڪ ليکيو هو ۽ اڄ تائين ڪيترا درويش اتي دفن ٿيل آهن. گنجي ٽڪر جي مهڙ ۾ ڪالي آهي. ڪالي تي اڳي ڪتان ڪتان جا جوڳي ديويءَ جي درشن لاءِ ايندا هئا ۽ اڄ به ڪيترا سنباسي ساڌو، تبلي راجا ۽ ٻيا قسمين قسمين فقير اتي اچن ٿا ۽ ڪرج ڪانيون ميڙي دونهيون پيا دکائين.

شاه صاحب ننڍپڻ کان ئي دل جو درويش هو ۽ ديني تعصب جي ڪٽ هن جي قلب تي چڙهيل ڪانه هئي. هندو مسلمان جو وٿس ويڇاندر بنهه ڪونه هو، تنهن ڪري ڪاليءَ تي وڃي جيڪڏهن ڪن سنياسين ۽ ساڌن جي سنگت ڪيائين ته ان ۾ عجب جي ڳالهه ڪانهي. پاڻ جيتوڻيڪ ان وقت اڃا ايڪيهين ورهين جي ڄمار جو هو ۽ دنيا جو آزمودو اڃا پراڻو هوس، ته به ڪن نوڳين جي ور چڙهڻ وارو نه هو. پاڻ چيو اٿس:

آيل ان نه وسـهـان، هنجـون جي هارين،
آٿيـو آب اکين ۾ تـا ڏيهـه کي ڏيکارين (يمن ڪليـاڻ)

سندس هن قول مان ظاهر آ-ي ته هو ازرق فقيرن کي پهريائين پرکي سگهندو هو. رسالي مان ائين پيو سمجهجي ته ڪاليءَ تي جيڪي جوڳي گڏيا اٿس تن کي به پهريائين پليءَ پيٽ ويهي پرکيو اٿس.

"ڪيم ڪاپڙين جي ڪا، پهرين ڏينهن پروڙ (رامڪلي)

اهڙي طرح سر رامڪلي ۾ ٻارهن ڏينهن بابت بيت آهن. * اهي بيت ڏيکارين ٿا ته هن اهي ٻارهن ئي ڏينهن جوڳين کي ويهي جاچيو، جو پوري نرک پرک ڪرڻ ذاران هو ڪنهن جي صحبت ڪرڻ وارو نه هو. پنهنجي جاچ جو نتيجو هن لفظن ۾ جاڻايو اٿس:

مـون سي ڏٺـا مـائ، جني ڏٺـو پرين کي،
ڪري نه سگهـان ڪا، انهن سندي ڳالهـڙي (ڪـاهوڙي)

اهڙي طرح جا.ڏهن خاطري ٿي اٿس ته هي برابر ڪامل جوڳي آهي ۽ سندس صحبت مان فيض رسندو تڏهن نه رڳي سندين ساک ڪئي اٿس، پر گنجي ٽڪر جا به گڻ ڳايا اٿس:

---

* رسالي ٻمبئي ڇاپي واري ۾ مهيني جي تيهن ئي ڏينهن بابت بيت آهن. پوين ارڙهن ڏينهن بابت بيت لکيءَ واري سيد بلاول شاهه جي خادم ميان ولي محمد هاليپوٽي جا جوڙيل آهن، جي رسالي ۾ پوءِ گڏيا اٿن.

بيــــر پروڙي بـاء، گـنجي ۾ ڪـن گــــهــتـــا،
ڪـــاهوڙي ڪـــرا ويـا، نـڪــــا اوڏي مــــاء،
جنهن ڏني جـاء، تنهن مـوتڻ مـيـهـتـو. (ڪـاهوڙي)
هاڻي هنان موٽڻ ۾ مهتو سمجهو اٿس، تنهن ڪري
وطن ڏي ورڻ جو خيال لاهي انيئي ٿاٿو ڪري ويهي رهيو آهي.

## (٦) هنگلاج ڏي ويندي

مـــون مـــلاقـــات ان سڀن جن پورب جي پچـــار،
انــــئي پـهـــر ان جي آهـ، نانيء ڏي نـهـــار،
سـامين سـان سـتـار، لاهوتي لعل ٿـيـان! (رامـڪلي)

حيدرآباد ۾ گنجي ٽڪر وٽ جيڪي جوڳي شاهه صاحب کي گڏيا، تن بابت
چوي ٿو تہ منهنجي ملاقات انهن جوڳين سان اچي ٿي، جن جي ان ئي پهر نانيء
(هنگلاج) ڏي نهار هئي يعني اوڏهين هلڻ جو اونو هون. اتي پاڻ بہ هنگلاج هلڻ لاء
دل بڌائين ۽ سائين جي در سوال ڪيائين تہ شل آئون انهن جي سنگ ۾ رچي لعل
ٿيان!

هـلـڻ جـــــــو هـنـگـلاج ڏي، آديـسـين اتـوم،
نـيــــــــــئي پـورب پـار ڏي، ويـراڳـين وڏوم،
هو جــو تيـــرٿ تـڪـيـو، ســامين ســونهـايوم،

هي مصراعون سر پورب جي فصل پهرئين پنيان جيڪا وائي آهي، تنهن ۾
ڏنل آهن. انهن مصراعن ۾ صفائي صفا چوي ٿو تہ آئون پاڻ مرادو جوڳين جي
پنيان ڪ هي ڪونہ پيس، پر هنن پاڻ مون کي هنگلاج هلڻ لاءِ چيو. اهو پاسو اڳي
منهنجو ڏنل ئي ڪون هو ۽ سامين ڏيکاريم. رسالي مان هيء ڳالهہ بہ ظاهر آهي تہ
شاهہ صاحب سمجهو ٿي تہ اهو ڪشلي جو پنڌ آهي تہ بہ هنگلاج هلڻ جا ڏک
ڏاڪڙا قبول ڪيائين.

ڏک پاڻ کي ڏس، ڏنو هنگلاج هلڻ جو. (رامڪلي)

هندن ۾ دستور آهي تہ ڪهڙي بہ تيرٿ تي وڃن تہ مڇي، ماس ۽ شراب اصل
ڪونہ واپرائين.

هوائون هنگلاج ڏي ويندي سڀ وسار. (رامڪلي)

هتي شاه صاحب بہ چوي ٿو تہ هنگلاج ڏي هلڻ مهل سڀ دنيوي حرص

وهوس وساري ڇڏن گهرجن. يعني رڳو سچيءَ سڪ جو سمر سان ڪٿن گهرجي

هنگلاج جو تيرٿ هڪ فقيرائو تيرٿ آهي، جيڪي گهر ٻاري، جا عامل، ڄا پائيبند، اوڏاهين ويندا آهن سي زالين مڙسين، ٻارين ٻچين گيڙوءَ رتا ڪپڙا ڪري ويندا آهن. شاهه صاحب سان جيڪي جوڳي هئا تن ڪي ته اڳيئي ڀڳئون ويس هوندو، پر ڪيس به ضرور اهڙي پوشاڪ ڏڪٿي پيئي هوندي. هن ڳالهه جو ذڪر سسئيءَ جي واتان هن طرح ڪرايو اٿس.

اڄ ملنديس ماءُ، ڏاجا ڪنديس ڪپڙا،
جيجان جوڳياڻي ٿيان، مون ڪي جهل م پاءِ،
هوت ٻروچي لاءِ، ڪنين ڪنر پائيان. (آبري)

شاهه صاحب جي گيڙوءَ رتي ڪفني اڄ تائين سندس درگاهه تي رکي آهي.

ڪديم ڪاڇوٽي، وڌم جوڳ جتن لئه (ابري)

هن مان سمجهجي ٿو ته ان وقت لانگوٽ به ڇاڙهيو هوائين.

شاهه لطيف هينئر اُهو پٽ وارو درويش نه آهي، پر هڪ رمتو جوڳي آهي. ٻيا جوڳي جتائون ڇوڙي، انگ ڪي ڀڀوت مکي، سڱيون ۽ تربون وڄائيندا ڪر ڳل ۽ ڪوچ ڪندا پياوڃن، ۽ انهن جي وچ ۾ هي پنائي گهوٽ به پنهنجو وطن وساري، ۽ دنيوي تڳا توڙي هڪ سنياسي ساڌيءَ جي ويس ۾، سسئيءَ وانگر ڏونگر ڏورڻ لاءِ حيدرآباد کان ڪراچيءَ ڏي رخ رکي هليو آهي.

تن ڏينهن آڳاڏي ڪانه هئي. جوڳين جا ٻت هميشه ڪشيل هوندا آهن ۽ هو پنڌ ڪرڻ تي سدائين هريل آهن. جوڳين کي پنڌ هلندو ڏسي شاهه صاحب به پنهنجي لاءِ وهت ڪونه ڪيو هوندو، تنهن ڪري ائين سمجهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو ته هي ناز جو پالبل به پيادو هوندو. سندس حياتيءَ جي احوال ۾ جاٽايل آهي ته هو اڪثر پيرين اگهاڙو گهمڻ پسند ڪندو هو. اها عادت انهيءَ وقت پيل ٿي ڏسجيس. رسالي ۾ به انهيءَ ڳالهه ڏي اشارو ڪري سسئيءَ جي واتان چوائي ٿو ته:

جتيون سي پائينديون، جني پير پرين

مطلب ته شاهه لطيف هن وقت ٻين جوڳين جهڙو جوڳي آهي، تنهن ڪري هينئر هو اسان جي سڄاڻ کان پري آهي.

## (٧) هيلايا ۽ ڪينجهر

هيٺ جـــــر، مـــــــٿي مـــــــجــــــــر، پاسي م وڙاه،
اڃـــي وڃـــي وچ م تمـــاچـــيءَ جـــي ســــــــــــــــاءِ،
لڳي اتر واءُ، ڪنجـــــهـــــر هندورو ٿـــئـي. (ڪامـــــوڏ)

شاهه جي رسالي ۾ گنجي ٽڪر کان پوءِ ڪينجهر ڍنڍ جو نالو ڏيان چڪي ٿو. ڪينجهر جو نالو ٿورن بيتن ۾ آندو اٿس، ته سمجهي سگهجي ٿو، ته شاهه صاحب هنگلاج ڏي وڃڻ لاءِ ڪهڙي واٽ ورتي هئي. هيءَ جوڳين جي واٽ حيدرآباد کان کوٽڙيءَ ويئي آهي ۽ اتان شاهي سڙڪ وني، هيلاين ڏي هلي آهي. هن وقت ريل جي رستي ڪنهن کي هيلاين وڃڻو هوندو، ته جهمپير اسٽيشن تي لهي، ڪڏڙي ۽ سوندن کان وڃڻو پوندس.

نئي تعلقي ۾ "هيلايا" نالي ڳوٺ آهي، تنهن جو ذڪر شاهه صاحب مٿين بيت جي پهرين مصرع ۾ ڪيو آهي. چوي ٿو ته هيٺ جر (جل) يعني پاڻي آهي يعني هيلاين واري ٽڪريءَ جي هيٺان ڪينجهر ڍنڍ پيئي وهي. مٿي يعني هيلاين واري ٽڪريءَ جي مٿان مجر آهن. ڪنڌيءَ جي وڻ ۾ جيڪي سگر ٿين ٿا تن کي، ترڙي ڪنڌيءَ جي وڻ جي بور کي "مجر" چئبو آهي. ٻيو چيو اٿس ته "پاسي ۾ وڙاه"، سو هن ڪري چيو اٿس جو هيءُ ٻيلي جو پاسو آهي. اهڙي طرح پهرين مصرع ۾ هيلاين جو ذڪر ڪري، پوءِ ٻي مصرع ۾ تماچيءَ جي ڳالهه ڪئي اٿس.

سما گهراڻي مان جن سنڌ ۾ راڄ ڪيو، تن مان هڪ جام تماچي هو. هن حاڪم پنهنجي لاءِ هڪ عاليشان ماڙي ڪينجر ڍنڍ جي مٿان، هيلاين واري ٽڪريءَ تي جوڙائي هئي. شاهه صاحب اها ماڙي اڀوري ڏٺي هوندي، جاڪاڻ ته اها بلڪل ٿورڙن سالن کان پُري اِتو ٿي وئي آهي. هيئنر ان جو ڪوبه نشان موجود ڪونهي، پر رسالي ۾ ان جو اشارو آهي:

"ننڍيءَ وڏيءَ گندريءَ مٿي ماڙيءَ ڏوم" (ڪاموڏ)

جام تماچي، نوريءَ نالي هڪ مهاڻي ذات جي گندري پرڻيو هو، انهن عاشقن جو ذڪر ڪندي شاهه صاحب چوي ٿو، ته سنڌ جي حاڪم جي مهاڻن سان مائٽي ٿي، ته ننڍي وڏي گندريءَ (مهاڻيءَ) جي هيلاين واري ماڙيءَ تي ڏم هوندي هني يعني اتي ريل چيل اينديون ويندبون هيون. انهي عاشقاڻي قصي بابت سر ڪاموڏ ۾ ڪيترا بيت چئي، پوءِ سر ڪارايل ۾، ڪينجهر ڍنڍ جي ڪنڌيءَ وٽ

گهمندي جيڪي ڏٺو اٿس، تنهن جو ذڪر ڪيو اٿس،مثلاً ڪنول گلن ۾ ڀنور جو واسو، درياهي پکين جو مڇي مارڻ، پاڙهيرين جو پکي ڦاسائڻ لاءِ ڦاهه ڪرڻ ۽ پکين جو ڊيڄ ۾ ڊير ٿيڻ. انهن مڙني ڳالهين بابت ٿورا، پر نهايت وڻندڙ بيت چيا اٿس.

اهڙي طرح ڪينجهر ڍنڍ تي هرڪا ڳالهه جاچيندو، ننگر ٺٽي ويو هو، تنهن ڪري چئبو ته سنڌس رسالو اسان جي پوريءَ طرح رهبري ڪندو پيو هلي.

## (٨) ٺٽو

سنڌ ۾ جڏهن سمن جي صاحبي هئي، تڏهن سندن گاديءَ جو هنڌ ڀهربائين ساموئي نگر هو. اڄ اهو هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي، جو مڪلي ٽڪريءَ جي اتر طرف، بنهه ڇيڙي تي، هڪ متاهين پٽ تي آهي. ڄام تماچي ۽ نوري گندري، جن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي، تن جون تربتون اڄ تائين اتي آهن.

ساموئيءَ کانپوءِ گاديءَ جو هنڌ ڪلان ڪوٽ ٿيو، جنهن کي تغلق آباد به ڪري سڏيندا هئا ۽ ان کانپوءِ ٺٽي جو شهر سن 1340ع ڌاري ٻڌو.

سهڻي ميهار جي قصي بابت ڪي چون ته اهو قصو پنجاب جو آهي. ڪي چون ته اهي شهدادپور ۾ ٿي گذريا آهن، جتان اڳي درياهه وهندو هو. سهڻيءَ جي قبر اڄ تائين شهدادپور شهر جي ٻاهران جڙيل آهي. ميهار جي قبر شهدادپور شهر جي وچ ۾ هڪ پاڙي ۾ آهي. ڪي وري چون ته سهڻي ۽ ميهار ننگر ٺٽي ڏي ٿي گذريا آهن. سهڻيءَ جي قبر ٺٽي ۾ به آهي. رسالي ۾ ڪي اهڙا اشارا آهن، جن مان سمجهجي ٿو ته شاهه صاحب ائين ٿي وسهيو ته سهڻي ٺٽي طرف ٿي گذري هئي. پاڻ جيتوڻيڪ سهڻيءَ کي درياهه ۾ ٻڏندو ۽ لهرين ۾ لڙهندو ڪونه ڏٺو هوائين، ته به جڏهن سر زمين تي آيو آهي، تڏهن دل ۾ امنگ اٿيا اٿس. انهن امنگن جي اثر ڪري ۽ پنهنجي خيالي قوت جي وسيلي سهڻيءَ جي ٻڏڻ جي ڳالهه اهڙي طرح ڪئي اٿس جو ڄڻ ته اهو واقعو سندس اکين اڳيان ٿي گذريو هو.

چوي ٿو ته جنهن مهل سهڻي ٻُڏي، تنهن مهل سندس جنگهه جرڪي جي وات ۾ هئي، سسيءَ کي سيسار ۽ ٽرن کان ٿيلهيون مڇيون اچي لڳيس ۽ هن کي کائڻ لاءِ واڳهو ۽ مڇ اچي مڙيا، جنهن ڪري سهڻي پاڳا ٿي وئي! هيءَ رڳي ڦِڪي شاعراڻي خيال جي ڊوڙ نه آهي.

ٺٽي پاسي سنڌونديءَ ۾ واڳهو ۽ سيسار اڄ تائين ڄام آهن ۽ بگهياڙ واهه

ڪيچ ڏي وڃڻ لاءِ جيڪا واٽ سسئيءَ ورتي هئي، سا گهڻو ڪري ساڳي شاهه صاحب کي لاهوت ۽ هنگلاج ڏانهن وڃڻ لاءِ ونٽي پئي هئي. اهو جبلن جو پنڌ نهايت اٿانگو آهي. شاهه صاحب اُهي ڏونگرن جا ڏاکڙا پاڻ ڏٺا آهن، ته ڇپي ڇپي تي سسئي ياد آئي اٿس، ۽ ڪوهستان جي ڪشالي واري پنڌ جو سمورو احوال ان جي واتان چوايو اٿس‌ه اهي آهن مکيه سبب، جن جي ڪري شاهه صاحب پنهن عاشقن بابت هڪ هڪ سر، ته سسئيءَ بابت سڄا پنج سر چيا آهن.

"لائينديس لڱن کي، مليرئان ميندي"

سسئي پنهنجي پنهونءَ لاءِ جوڳياڻي ٿي، پنيور کان شاهي سڙڪ وٺي، ملير ڏي وئي هئي ۽ اتان ڪراچيءَ اچي، منگهي پير واري واٽ وٺي پب جبل پاسي وئي هئي. شاهه صاحب به پنيور کان ملير ڏي آيو آهي ته اتي جي ميندي‌ءَ جو ذڪر ڪيو اٿس. ملير جي ڳوٺ جي ميندي اڳي هاڪاري هوندي هئي.

## (10) ڪراچي

"ڪالهه ڪلاچيءَ ويا، ڇنيون ڪٽي ڇڳير" (گهاتو)

ڪراچيءَ ۾، ڪياماڙيءَ جي نزديڪ، اڳي هڪ وڏو ڪن هو، جنهن کي "ڪلاچيءَ جو ڪُن" ڪري سڏيندا هئا. انهيءَ ڪُن ۾ هڪ وڏو مانگر مڇ رهندو هو، جنهن مورڙي نالي هڪ مهاڻي جا ڇهه ڀائر ماريا هئا، پر آخر مورڙي ساريس. شاهه صاحب انهيءَ ڳالهه تان بيت چيا آهن، جي رسالي جي سر گهاتوءَ ۾ ڏنل آهن.

شاهه صاحب ڪراچيءَ جو بيو ڪو ذڪر ڪونه ڪيو آهي. سبب هيءُ آهي ته جنهن وقت شاه صاحب ڪراچيءَ ۾ آيو، تنهن وقت اتي فقط هڪ ڳوٺڙو هو، جنهن ۾ مهاڻا رهندا هئا. سيٺ نائون مل ہوجواڻيءَ پنهنجي حياتيءَ جي احوال ۾ ڄاڻايو آهي ته ڪراچيءَ جو شهر ١٧٢٩ع ۾ وسيو. منڍ ۾ اڳيئي ڄاڻايو ويو آهي ته شاه صاحب ١٦٨٩ع ۾ ڄائو ۽ ايڪهين ورهين جي ڄمار ۾ يعني 1710ع ۾ جوڳين جي سنگ ۾ هنگلاج ويو، جڏهن اجا ڪراچيءَ جو شهر ٻڌو ئي ڪونه هو.

## (11) حب ندي

حب ندي ڪراچيءَ کان ست ڪوه پري آهي. اها ندي پب جبل جي ٻنهه اتر واري قطار وٽان، بلوچستان جي حد مان هلي، به سئو چاليهن ميلن ۾ ٻٽ پسائيندي، ڪراچيءَ جي پريان ڪيپ مافز (راس العماري) وٽ، عربي سمنڊ ۾

چوڙ ڪري ٿي. ڪيپ مانز ڪراچيءَ کان ڏهه ڪوهه پري آهي. ڪارڪ بندر، جتي اڳي ڪراچيءَ جا سيٺيون رهندا هئا، سو هن پاسي آهي. حب نديءَ جي اورين پر پاڪستان سرڪار جي حد آهي ۽ پرينءَ پر قلاتِ جي خان جي حد آهي.

هنگلاج ڏي وڃڻ لاءِ حب نديءَ وارو رستو ونڻو پئي ٿو. هن وقت اهو رستو اهڙو پڪو ٺاهي ڇڏيو اٿن جو ان تان موٽرون سولائي سان هلي سگهن ٿيون.

هنگلاج جا جاتي ڪراچيءَ مان نڪرڻ مهل هڪ پيادو پاڻ سان ڪڻندا آهن، جنهن کي "اڳوئو" يعني اڳواڻ ڪوٺيندا آهن. اهو اڳوئو هڪ ڇڙي (لٺ) پيٺ سان ٻڌي اڳيان ٿيندو آهي ۽ سڄو قافلو انهيءَ ڇڙيءَ پٺيان هلندو آهي. اها رسم جهوني آهي. رسالي مان سمجهجي ٿو ته شاهه صاحب سان جيڪي جوڳي هئا تن به اڳوئو ساڻ ڪنيون هو. سر حسينيءَ جي فصل ٻارهين ۾ شاهه صاحب ان کي "بورائو" ڪوٺيو آهي. سسئيءَ کي صلاح طور چيو اٿس ته:

لڪين لوڙائو، سهسين آهين سڄ ۾،
بر ۾ بورائو، ڪڻ پيادي پاڻ سين.

ڪراچيءَ کان هنگلاج چوهٺ ڪوهه ڪن پري آهي، تنهن ڪري جاتين کي ضرور منزلون ڪرڻيون پون ٿيون. ڪراچيءَ جا ماڻهو "منزل" بدران عام طرح "پاٽو" لفظ ڪم آڻيندا آهن. "پاٽو" معنيٰ جتي جل پاڻ يا چيو چور ڪجي. پهريون پاٽو حب نديءَ تي ڪندا آهن. رسالي جي سر آبريءَ جي فصل ٻئي ۾ شاهه صاحب سسئيءَ جي واتان چوايو آهي ته "پهرو ئي پاٽو، سفرو ڪرين ساٿ ڪي" هن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته اهو "پاٽو" لفظ ڪراچيءَ ۾ اڳي جهتيو اٿس.

حب نديءَ تي هن وقت واڳهو گهٽا آهن. شاهه صاحب جي وقت ۾ شايد اهي ڪين هئا، تنهن ڪري انهن جو ذڪر ڪونه ڪيو اٿس، باقي روجهن جو نالو رسالي ۾ آندو اٿس. "روجهه ڏنائين رات، هوت ڳولهيندي حب ۾." روجهه هڪ جابلو هرڻ آهي، جنهن جا پير اڃا ٿين ٿا. هن پاسي روجهه گهٽا آهن. اهي ماڻهن جي ڊپ کان اڪثر رات جي وقت حب نديءَ مان اڃي پاڻي پيئندا آهن. اهڙي طرح شاهه صاحب پنهنجي سفر جو ٿورو ٿورو احوال ڏيندو هليو آهي.

## (١٢) گهٽيڪاءِ لڪ

ور وراڪا وچ ۾، لڪين اڏا لڪ (ديسي)

هنگلاج جا جاتي حب نديءَ کانپوءِ پراٻيءَ جي ڪوهيءَ تي منزل ڪندا اهن.

هتي پواني (ديويءَ) جو ڪو مندر ڪونهي، باقي هڪ ڌرمسالا ٺهيل آهي، جنهن ۾ مسافر رهندا آهن. شاهه صاحب انهي منزل جو اشارو ڪونه ڪيو آهي، باقي پوانيءَ کانپوءِ جيڪي ور ۽ وراڪا وات تي ڏنا آهن، تن جو مٿين مصرع ۾ ذڪر ڪيو اٿس. انهي هنڌ کي عام طرح "گهٽيڪا" چوندا آهن. اها سموري وات اهڙي تنگ ۽ ورن وڪڙن سان آهي، جو جيڪڏهن هڪ قافلو هنگلاج ڏي پيو ويندو آهي ۽ ٻيو پريان پيو ايندو آهي، ته پريان ئي هڪ ٻئي کي هڪل ڪري ٻيهاري ڇڏيندا آهن، ته اول هڪ قافلو لنگهي ته پوءِ ٻئي جي لنگهڻ لاءِ جاءِ ٿئي. شاهه صاحب انهي تنگ وات کي "سوڙهي سگر" به ڪوٺيو آهي. البت انهن لفظن جي اندروني معنيٰ به آهي پر اينترو چئبو ته جن بيتن ۾ اهي لفظ ڪم آندا اٿس، تن بيتن چوڻ جو خيال هن گهٽيڪن مان لنگهندي آيو ٿو ڏسجيس. مٿين مصرع ۾ ٻيو جو چيو اٿس ته "لڪين آڏا لڪ،" سو هن ڪري جو گهٽين مان نڪربو ته اولا مٿانهون پٽ ايندو ۽ پوءِ لڪن پٺيان لڪ ايندا، جن مان پهريون آهي "بريدو لڪ."

بريدي لڪ جو نظارو نهايت وڻندڙ آهي. هتي قدرتي طرح هڪ ٽڪري جبل جي قطار کان ڇڄي، ذار ٿي، عمدو لقاءُ لڳائي بيٺي آهي. پريان سمنڊ جون چولبون پيون چلڪا ڏين، ته هن هنڌ جو نظارو نزاڪت ڀريو پيو لڳي.

بريدي لڪ جي نزديڪ ٽوريون ڪوهيون آهن، جي "سيتا ماتا" * جون ڪوهيون سڏجن ٿيون. اهي ڪوهيون ڪچيون آهن، تنهن ڪري جلد جلد لٽجي وڃن ٿيون، پر ماڻهو اهي وري صفا ڪندا آهن.

## (۱۳) وندر

"هيج نه هوندو جن، سي ڪئن وندر وينديون؟" (آبري)

"وندر" هڪ نئن جو نالو آهي، جا پب جبل مان نڪري، ٻتيهه ڪوه وهي،

---

* هنگلاج پراڻن ۾ جاٿايل آهي ته سري رامچندر جڏهن سيتا ۽ لڇمڻ سان گڏجي چوڏهن ورهه بنواس پوگڻ نڪتو هو، تڏهن انهيءَ عرصي ۾ هنگلاج به ويو هو. انهي پراڻڪ ڳالهه جي تصديق هينئن ڳالهين مان ٿئي ٿي. ڪراچي گاڏي حاط جو هڪ پاڳو اڄ تائين "رامباغ" سڏجي ٿو. (جنهن کي پاڪستان کانپوءِ "آرام باغ" ڪري چوندا آهن) سو هن ڪري جو اتي اصل هڪ باغ هو، جنهن ۾ هيءَ ٽيلهه اچي ٽڪي هئي. اهو باغ هڪ تلاءَ جي نزديڪ هو جو هاڻ جيستوٽيڪ ڪراچي ميونسپالٽيءَ پرائي ڇڏيو آهي، ته به اڄا تائين اهو "رام سر" (رام تلاءُ) سڏجي ٿو.

سونمياڻيءَ جي ڏاکڻي پاسي عربي سمنڊ ۾ اچي جوڙ ڪري ٿي. هن جو پيٽ ڪراچيءَ واري لياري نئن کان به وڏو آهي.

حب نديءَ کان وندر ڏي وڃبو ته اول بريدو لڪ ۽ پوءِ ڪارڙي ناڪو ايندا. انهي ناڪي تي لس ٻيلي جي جام جا ملازم هنگلاج جي جاترين جو سامان کولائي ڏسندا آهن. جيڪي ڪپڙا بت تي پيل هوندا اُن تن تي محصول ڪونهي، باقي ٻيا وڳا توڙي سيڌو پاڌو ۽ مناٻون، تن سڀني تي محصول ڏيڻو پئي ٿو. شاهه صاحب وٽ رڳو سڪ جو ٿمر هو، تنهن ڪري هن کي سڀ محصول معاف هو.

ڪارڙي ناڪي کانپوءِ واٽ تي هڪ هنڌ ٿوري باغات آهي. اتي جيڪي وڻ آهن، تن ۾ انب جا گهڻا وڻ آهن، تنهن ڪري انهي هنڌ کي "انب" يا "انباولي" سڏيندا آهن. وندر نئن انهي انباوليءَ ۽ سونمياڻيءَ جي وچ ۾ آهي.

وندر کان سونمياڻيءَ به ڪوهه پري آهي. پهريون ڪوهه سوا پنڌ ڪبو ته سونمياڻيءَ جي ٻاهران هڪ دٻل قلعي جا نشان ڏسڻ ۾ ايندا. انهي قلعي کي "بالا وارو ڪوٽ" ڪري چون ٿا. ڪئپٽن هارٽ سونمياڻي بندر جي احوال ڏيندي ڄاڻايو آهي ته اڳي هن پاسي درياهي چورن رڻ ٻاري ڏنو هو. چورن تي چوڪسي ڪرڻ لاءِ اهو ڪوٽ جوڙايو هوائون، جنهن ۾ چوڪيدار رات ڏينهن پهرو ڏيندا هئا.

سونمياڻي ڪراچيءَ کان چوويهه ڪوهه پري آهي ۽ اڄ ڪلهه ايڏانهن موٽرون وڃن ٿيون. هتي اصل مهاڻن جي مياڻي هئي. سمنڊ جي نزديڪ هئڻ سبب هي هنڌ و پار ۾ اهڙو وڏو جو منش نالو ئي "سون مياڻي" يعني سون جهڙي مياڻي پيو. هتي به سئو کن گهر هندن جا ۽ پنج ڇهه سو کن گهر مسلمانن جا آهن، جن مان ڪيترا مهاڻا آهن، جي اڄ تائين پنهنجي مياڻي وسائيندا اچن.

سونمياڻيءَ ۾ هنگلاج جي جاترين کان سري آسامي به رپيا في وٺندا آهن، جنهن مان لس ٻيلي جي جام کي اٽڪل ڇهه سئو رپيا ساليانو پيدائش ٿئي ٿي. اها في نباتين ۽ فقيرن کان اصل ڪونه وٺندا آهن، تنهنڪري شاهه صاحب کي هي سونگ به ڪونه پرتو پيو هوندو.

## (۱۴) گروچيلي جو رڻ

سونمياڻيءَ کان چار ڪوهه کن پري، هنگلاج جي واٽ تي هڪ رڻ آهي، جنهن کي "گرو چيلي جو رڻ" چون ٿا. ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ گرو پنهنجي چيلي سان گڏجي، هنگلاج پرسڻ ٿي ويو، جڏهن ٻئي هن هنڌ آيا، تڏهن اڃ اچي عاجز

ڪين. هنگلاج جي وات ني پڻ سيني منزلن تي پاڻي ملي سگهي ٿو، پر هتي سڄ پيئي واڪا ڪري. هتي پنهي کي اڄ اهڙو عاجز ڪيو جو هو ماندا ٿي ڪري پيا ۽ انئي ئي ڦٿڪي ڦٿڪي مري ويا. انهيءَ اتفاق ٿيڻ ڪانپوءِ هي رڻ سندن نالي پنيان سڏجي ٿو.

سرتيون سُجي سڄ، متان ڪا مونسين هلي،
پاڻي ناهه، پنڌ گهٽو، اڳيان رائو رڳي رڃ،
متان مري اڄ، ڪا ڏئي پاراتو پنهل کي.

هن بيت جون سڀ حقيقتون گرو چيلي واري رڻ ۾ اچ به اکين سان ڏسي سگهجن ٿيون. هتي سڄ آهي ۽ اڳيان رائو رڳي رڃ آهي. هتي پاڻي به ڪونهي، تنهن ڪري اڄ مرڻ جو امڪان آهي.

## (۱۵) هاڙهو ۽ هنگول

"هلندي هاڙهو مٿي، گسان تان ۾ گسان" (معذوري)

گرو چيلي واري رڻ کان وڏي، رائو ۽ رڃ جهاڳي، اڳيرو ٿبو ته "قوڙندي" ايندي، جا چوماسي ۾ ڦوڪجي وهندي آهي. هيءَ اها ساڳي ندي آهي جنهن اٿل سببان سسئي اڳيرو وڏي ڪين سگهي هئي، جنهن ڪري موٽي پيوٽي ناڪي ڏي وئي هئي. اها ندي هاڙهي جبل جي پيچرڙيءَ وٽ آهي.

هاڙهو جبل بلوچستان کان هلي، هتي قوڙندي وٽ اچي ڪٽو آهي. هتان اڳيرو هليو ته سگهو ئي هڪ ڪارانو ميدان ڏسڻ ۾ ايندو، جنهن کي "چندر ڪوپ" چون ٿا.

چندر ڪوپ وارا سڀ ڪوهه ڪنهن ماٺهوءَ جا ڪوتيل ڪينهن پر قدرتي طرح پيدا ٿيل آهن، جنهن ڪري جهجهو ڏيان چڪين ٿا. ڪئپٽن هارٽ سونمياڻيءَ بندر جو ذڪر ڪندي جاڻائي ٿو ته چندر ڪوپ جملي ارڙهن آهن، جن مان ست هتي آهن ۽ يارهن مڪران طرف ڪيچ ۽ گوادر جي وچ ۾ آهن، جنني سيني ذاتين وارا انهن کي عام طرح "راجا رامچندر جا ڪوپ" سڏين ٿا. ڪوپ معنيٰ ڪوهه.

چندر ڪوپ وٽ ڪاري گپ لڳي پئي آهي. انهي گپ جا تهن جا تهه هڪ ٻئي مٿان جمي، ايڏا وڏا دڙا ٿي ويا آهن جو ٻتي دڙا چوماڙ جيترو اونچا ٿيندا. هتي رڪي رڪي پاڻ مرادو ڪي آواز ٿيندا آهن، جاتي چون ته هنگلاج ٿي بولي! اُهي آواز جيڪڏهن ٻڌڻ ۾ نه اچن ته چون ته اسان جو تيرٿ قبول نه پيو! اهو خيال هندو

ماڻهن جي دلين تي اينتري قدر ويهي ويو آهي، جو جيون ٿا ته ٿورا سال ٿيا نه نيپال جا ڪي ماڻهو بارين ٻچين هيڏانهن آيا ۽ ديويءَ نه ٻوليو ته هڪ نيپالڻ پاڻ کي بدبخت سمجهي، ڏک وچان دڙي تان ڪئي ٽپو ڏنو، جنهن ڪري هيٺ وڃي پئي ۽ اتي ئي مري وئي! اهي آواز ڇا جا آهن تنهن بابت ڪجهه چوڻ واجب آهي.

هتي هاڙهي جبل جي هڪ شاخ جي پاڙ ۾ ڪيترائي ننڍا سوراخ آهن، جي بلڪل اونها آهن ۽ شايد پريان سمنڊ تائين وڃي پهتا آهن. انهن سوراخن مان رکي رکي ٻڙ ٻڙ جهڙا آواز اچن ٿا. اهي آواز نه رڳو سمنڊ جي وير چڙهڻ مهل، پر پوءِ به رکي رکي پيا اچن. ڪڏهن ته ڪيترو وقت ٻڌڻ ۾ ڪونه اچن. شايد جنهن وقت سوراخن ۾ هوا زور پري ٿي، تنهن مهل ٻڌڻ ۾ اچن ٿا.

"ويا جي هنگلور ته ڪر ۾ لنديءَ ڪاپڙي" (رامڪلي)

"هنگلور" جنهن کي عام طرح "هنگول" چون ٿا سا هڪ ندي آهي، جا بلوچستان جي سيني ندين ۾ وڏي آهي، اها ندي ٽي سئو انونجاهه ميلن ۾، ڪٿي غارن جي اندران ٿي اندران وات ڪري وهي ٿي ۽ ڪٿي ماٿرين مان منهن ڪڍيو، پنهنجو پاڻ پسائي ٿي ۽ آخر لس ٻيلي جي حد اندر عربي سمنڊ ۾ اچي چوڙ ڪري ٿي. هاڙهي جبل جي اورئين پاسي اهي هنگول ۽ پرين پاسي اگهور، هنگلاج جا جاتي چندر ڪوپ کان "سنگل" مان ٽپندا، اگهور هنگلاج جا جاتي چندر ڪوپ کان "سنگل" مان ٽپندا، اگهور تي ايندا آهن. "سنگل" نالي به مڪان آهن، هڪ وڏو سنگل ۽ ٻيو ننڍو سنگل سڏجي ٿو. هي ٻئي منزل گاهه آهن.

"اگهور" هڪ ندي آهي جا ٻن جبلن جي وچ مان وهي ٿي، انهن جبلن مان هڪ جو نالو "جنه" ۽ ٻئي جو "وجنه" آهي. پراڻن پنانڊر جنه ۽ وجنه به وڏا دئت هئا جن کي ديويءَ ماريو هو.

هنگول ۽ اگهور ندين جي نزديڪ آشاپور نالي مڪان ۾ ڪاليءَ جو آستان آهي ۽ ان جي پريان ڏيڍ ڪوهه ڪن پنڌ تي هنگلاج آهي.

## (١٦) هنگلاج

هنگلاج جو ٿان هاڙهي جبل جي پاڙ وٽ هڪ غار آهي. اهو غار گهڻو هيٺ لاهه تي نه، پر منتاهيءَ تي آهي ۽ اهڙو ڪشادو آهي جو منجهس ٽي چار سئو ماڻهو با فرحت رهي سگهن ٿا. حيدرآباد ۾ ڪاليءَ تي ديويءَ جي مورت اپي بيٺل آهي پر هتي بت ۾ سمهيل آهي ۽ سڄي بت تي هنگلو (سنڌر) لڳل اٿس. هتي جا

جاتي توڙي هنگلاج جا فقير هر گهڙيءَ ديويءَ مٿان ڪير پيا اوتيندا آهن ۽ اهو ڪڏهن سڪڻ نہ ڏيندا آهن، جي سڪو تہ چون تہ ان ۾ سندن لاءِ چڱائي نہ آهي.

هنگلاج جي ٿان جي نزديڪ ٻيون ننڍيون غارون آهن، جن کي "سرن" چوندا آهن. اتي ديويءَ جو هڪ وڏو ڪنڊ (تلاءُ) بہ آهي. سڀ جاتي صبح جو سويل چئين ٻجي ڏاري سنان ڪري ڪورو ڪپڙو ٻڌي، سرن ۾ اندر گهڙي، ڦيرو ڏئي، اچي ٻئي هنڌان نڪرن ۽ پوءِ ديويءَ جو درسن ڪري، وجي نيرن ناشتو ڪن. سرن مان رڳو هڪ ماٿوءَ جي لنگهڻ جي جاءِ آهي، تنهن ڪري سڀ جاتي هڪ ٻئي پٺيان سرن مان لنگهندا آهن ۽ ائين وسهندا آهن تہ اتان لنگهڻ ڪري نجات يا مڪتي ملندي.

هنگلاج کي هندو ماٿو ديوي، ماتا، امبا ( امان) ۽ ٻين نالن سان سڏيندا آهن، پر مسلمان هن کي عام طرح "ناني" ڪوٺيندا آهن. "ناني" لفظ اصل ۾ آهي "نني" معنيٰ ماءُ، پر عام طرح ماءُ جي ماءُ کي ناني چئبو آهي. هن حالت ۾ ناني ۽ ماتا ساڳي معنيٰ وارا لفظ آهن. هنگلاج جا مجاور مسلمان آهن ۽ ائين وسهندا آهن تہ هنگلاج حضرت علي ڪرم الله وجہ جي دائي هئي. هتي جا ڪيترا ٻنڌي پاڻ پارتين جا بہ ٻڌل آهن. پارتي هڪ قسم جا جوڳي آهن.

## (١٧) هنگلاج کان موٽندي

شاهہ صاحب بہ گهمرا هنگلاج ويو هو. سندس حياتيءَ جي احوال ۾ جاڻايل آهي تہ پوئين گهمري هن اُتي جي رسم بجا نہ آندي، جنهن ڪري جوڳين سان ناسازي ٿي پيس ۽ ڪيس اڪيلو موٽڻو پيو. هاڻ اول هيءَ ڳالهہ ڄاڻڻ ضروري آهي تہ هيءُ جو هيڏيءَ سڪ مان جوڳين سان گڏجي آيو، سو ڪهڙي رسم رسمات هئي، جنهن جي بجا نہ آڻڻ سبب هن کي ويراڳين کان وڇڙڻو پيو.

هنگلاج جا جاتي ڪراچيءَ کان وني چندر ڪوپ تائين ان ڏهہ ڏينهن سانده ڏندڻ ڪونہ ڪندا آهن، جو هن تيرٿ پرسڻ لاءِ پورو پورو اوڏوت ٿي هلڻو آهي. عجب ڪونهي جي شاهہ صاحب کي انهي ڳالهہ تان ٻچان آئي هجي تہ ان ڏهہ ڏينهن سانده ڏندڻ ڪرڻ ڏاران رهجي. ٻي ڳالهہ تہ جاتي جيڪو "اگوئو" پاڻ سان ڪتندا آهن، سو نہ رڳو سونهون ٿي هلندو آهي، پر منزل منزل تي ديويءَ جي پوجا ڪرائيندو هلندو آهي، جنهن لاءِ ڪيس ڏڪتا ملندي آهي. ٻين منزلن تي ننڍيون ننڍيون پوجائون ڪن، پر چندرڪوپ ۽ هنگلاج تي وڏيون پوجائون ڪندا آهن. شاهہ

صاحب وقتي پوڄاڻن تي اعتراض آندو هجي. هي ڳالهيون هيڪاري ثابت ڪن ٿيون تہ پاڻ جيتوڻيڪ فقيرن سان رل مل ڪيائين ٿي، تہ بہ پنهنجن اصولن تي اهڙو محڪم هو، جو جن جوڳين سان هبڙي پريت هيس، تن جي سنگت تان آهو ڪنيائين. اهي جوڳي بہ شايد پنهنجي نالي سان هئا، شاهہ صاحب سندن رسمن پٺاندڙ نہ هليو، تہ هو ڪيس اتيئي ڇڏي، پاڻ رمندا رهيا. هن ائين نٿي ڀانيو تہ جوڳي اهڙا جنر ٿيندا جو ڪيس هيئن هيڪلو ڇڏيندا. سندس حياتيءَ جي احوال ۾ جاٿايل آهي تہ هو پوءِ اڪيلو ئي اڪيلو لس ٻيلي مان ٿيندو نٽي ڏي آيو. سندس سوانح عمري ۾ وڏيڪ حقيقت ڏنل ڪانهي، پر رسالو انهي ڳالهہ تي وڏيڪ روشني وجهي ٿو. رسالي مان معلوم ٿئي ٿو تہ جوڳين ڪان وڇڙڻ مهل شاهہ صاحب کي ڏک بہ ڏک جهڙو ٿيو هو!

لڪين ڪيـــــا اســـــــان سين، لاهوتين لوڙا،
گـــهــوڙا زي گـــهـــوڙا، آئون نہ جـيـــئنديس ان ري!

مـــران مـــٿـــو پـتـيــــان، نـهـــاريان نيـــٽـــان،
ســـخـن جي سندان، آئون نــ جــيــــئنديس اُن ري!

اهڙي طرح رامڪليءَ جي پهرئين ئي پهرئين فصل ۾ گهوڙا گهوڙا ڪئي اٿس ۽ منهن مٿو پٽي چيو اٿس تہ انهن جوڳين ڪانسواءِ منهنجو جيئڻ ڪونهي. اهي جوڳي ويا ڪهڙي پاسي؟

"هو جي ڪهيا ڏانهن قلات، آئون نہ جيئندي اُن ري" (رامڪلي)

سر رامڪليءَ ۾ هيئن بہ چيو اٿس تہ:

"وٺان تو ويندا، ڪاپڙي ڪابول ڏي"

هنن مصراعن مان ڏسڻ ۾ ايندو تہ جوڳين قلات ڏي رخ رکيو، جو ڪابل پاسي وڃڻو هون. رسالي مان هيءَ ڳالهہ بہ ظاهر آهي تہ پٺائي گهوٽ پاڻ بہ اها وات وٺي ڳچ تائين پنيان ويو اٿن تہ من ڪنهن مهل غصو ڍرو ٿئين ۽ مون کي پاڻ سان وٺي هلن. اهو انومان "وٽڪار" وارن بيتن مان ڪڍجي ٿو.

"وڏا وڻ وٽڪار جا، جت جائو، جمر، جر" (ابري)

لس ٻيلي ۽ قلات جي وچ ۾، قلات رياست جو هڪ وڏو ڀاڱو "جهلوان" نالي آهي، جتي ساوڪ ۽ سبزي گهڻي آهي. انهي علائقي جي جن ماٿرين ۾ وڏا

چراگاهه لڳا پيا آهن، تن مان هڪ جو نالو "جائو" آهي. اتي "جائو" نالي هڪ جبل بہ آهي، جنهن جي پرسان"حمر" ۽ "حر" نالي اناهان جبل آهن. سسئي، جو ڪم هو ڪيچ مڪران سان، جو لس ٻيلي جي ذڪر الهندي سمند سان لڳ آهي. "جائو" آهي لس ٻيلي جي اتر ڏي ۽ ڪيچ ڪان هيڪاري پري. هن مان ظاهر آهي تہ شاه صاحب پاڻ ان پاسي ويو هو، پر ظاهري سسئيءَ جو نالو کيو اٿس.

"وتڪار" جو ڳوٺ لس ٻيلي جي اتر اڀرندي طرف ڪيرٿر جبل جي قطار سان لڳو بيٺو آهي. هتان نئن بارن نڪري ٿي، جا ٻهتيارا پٽ لنارٻندي، ڪوٽڙي تعلقي جي ڳوٺ "سال مڪان" وٽان لنگهي، سنڌونديءَ ۾ وڃي ڇوڙ ڪري ٿي. ڪوٽڙيءَ ڪان سال مڪان ستن ڪوهن جي مفاصلي تي آهي. انهي ڳوٺ جي آباديءَ جو مدار نئن بارن جي پاڻيءَ تي آهي، تنهن ڪري انهي پاسي چوڻ آهي تہ "وسي جي وٹڪار تہ سرهي ٿئي سال ڏياٽي" يعني ڪيرٿر جبل جي وٹڪار جي ڳوٺ ۾ وس ٿئي تہ سال مڪان تعلقہ ڪوٽڙيءَ ۾ انهي پاڻيءَ جي ڪري گهرڏياٽيءَ کي سرهائي ٿئي ٿي.

حاصل مطلب تہ شاه صاحب جوڳين جي پنيان قلات تائين ڪونہ ويو هو، پر اڌ وات تي "جائو" تونٽي وڃي، پوءِ اڪيلو ئي اڪيلو جوڳين جي فراق ۾ جبل جهاڳيندو، لس ٻيلي ڏي آيو هو ۽ اتان ڪراچيءَ ڏي موٽيو هو. انهي سڄيءَ وات جو احوال ميجر آئوترام نهايت مفصل طرح ڏنو آهي، جو پاڻ ڪابل ڪان اها وات وٺي آيو هو. اهي بيان پڙهي چئجي ٿو تہ شابس هن مڙس جي جگر کي آهي، جنهن يڪي سر پيرين پيادي اهي اٺانگا پنڌ ڪيا.

شاهہ صاحب لس ٻيلي ويو هو. اتي جو هڪ حاڪم "سپڙ" ولد چوٽا تي گدريو آهي، جو نهايت سخي مڙس هو. هڪ لڳي يعني منڊي چارڻ کي هڪ سئو تازي گهوڙا خيرات ڪيا هوائين، جنهن بابت رسالي جي سر پرڀاتيءَ ۾ بيت آهي:

"سپڙ رات سنباهيا، تازي تولائي،
جو جاتي نہ ڪائي، تنهن سان ٻيلي ڏٺيءَ باجهہ ڪي"

هتي لس ٻيلي جو نالو آندو اٿس. مٿين مصراعن جو مطلب هي آهي تہ لڳو چارڻ حينوٿيڪ ڳائي وڃائي ڪين ڄاڻندو هو تہ بہ لس ٻيلي جي جام هن سان پاڻ ٻلاٽي هن لاءِ تازي گهوڙا سنبرايا.

## (١٨) لاهوت

شاهہ صاحب جي حياتيءَ جي احوال ۾ جاثايل آهي، تہ هڪ لڳا هن لاهوت ڏي وڃڻ جي تياري ڪئي تہ سندس ٻيءَ شاه حبيب منع ڪيس ۽ ٻڌائينس تہ انهي پاسي جن ڀوت ۽ نانگ بلائون آهن ۽ رستي ۾ گهڻا جاکوڙا ڪرڻا پون ٿا، تنهن ڪري اوڏانهين نہ وڃ. شاهہ لطيف تنهن تي ورائيءَ ۾ هي بيت چيس:

نڪـــو جن جـــهـــان ۾، نڪـــو سُـــجي نانگ،

ســـئيءَ ڇـڏيو ســانگ، تہ ڇــپــر مــڙبوئي ڇــاڙڪي.

شاهہ لطيف جاکوڙن تي هريل هو ۽ ڪاف جي ڪشالن جي ڪاڻ ڪانہ هيس، تنهن ڪري وطن ڇڏي ڪراچيءَ طرف ويو.

ڪراچيءَ کان لاهوت ڏي منگهي پير وارو رستو ونڻو پئي ٿو. منگهي پير جون ڪشتيون ۽ اتي جا واڳهو شاهہ صاحب کان گهڻو آڳاٽا، ۽ قلندر لعل شهباز جي وقت جا آهن، تنهن ڪري سمجهجي ٿو تہ شاه صاحب هتي جي درگاهہ جي زيارت، ڪشتين جو سنان ۽ واڳهن جو ديدار ضرور ڪيو هوندو.

حب ندي بلوچستان مان اول منگهي پير طرف اچي، پوءِ ڪراچيءَ جي پرپان لنگهي، وڃي عربي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي. منگهي پير کان حب ندي ان ڪوهہ پري آهي. انهيءَ واٽ ۾ ڪيترا ڏورا آهن. حب نديءَ جي پرپان لهاراڻي لنگهہ آهي، جتان ٻارهن ڪوه پنڌ ڪبو تہ ايندو ٿاڻو ويراب ۽ پوءِ ٻيا ڏهہ ٻارهن ڪوه پنڌ ڪبو تہ ايندو لاهوت. مطلب تہ ڪراچيءَ کــان لاهوت پنڌ اٽڪل ڇـتـيـهن ڪوهن جي مفاصلي تي آهي. لاهوت کان ڏيڍ ڪوه پري شاهہ بلاول جي درگاهہ آهي اتان ڪو ماڻهو وڃي، اچي لاهوت جي زيارت ڪبي آهي.

شاهہ حبيب هن واٽ جي تڪليفن بابت ذرو بہ وڌاءُ ڪون ڪيو هو. سچ پچ هيءَ نهايت اڻانگو پاسو آهي. واٽ تي جيڪي خوف ۽ خطرا آهن تن جي پروڙ پوءِ شاهہ لطيف کي بہ پئي. چيو اٿس تہ:

"چيتا چور چنجن ۾، ٻر ۾ بلائون".

ٻرپٽن ۾ بلائون جتي ڪٿي آهن، ٻر هن پب جبل پاسي چيتا جام آهن. هاڙهي جبل ڏي چيتو گهڻو ڪونهي. شاهہ حبيب ڀيو جن ڀوتن جو چيو هوس، سو ديون ۽ جنن جون ڳالهيون اڄ بہ ڪن ٿا.

پب جبل ۾ واهيون آهن جن تي انب، انجير، ڏاڙهون، ڪيوڙا ۽ جهنگلي

نارنگيون ٿين ٿيون. هن ڄابلو ملڪ ۾ هيءَ باغات ڪٿان آئي؟. تنهن بابت هتي جا ماڻهو چون ٿا تہ شاہ بلاول جڏهن هتي آيو، تڏهن هي باغ "گوڪل" نالي هڪ ديو جي قبضي ۾ هو، جو هن ملڪ جو حاڪم هو ۽ سوا لک ديو سندس تابع هئا. شاهہ بلاول هتي اچي چلا ڪڍيا ۽ پنهنجي عبادت جي زور تي سڀني کي هتان ڀڄائي ڪڍيائين. هن اولياء جي وڌيڪ احوال جي هتي ڪنهن کي بہ خبر ڪانهي. رڳو ايترو چون ٿا تہ هو قلندر لعل شهباز جو همعصر هو. هن جي درگاهہ هتي نهيل آهي ۽ پٻ جبل جو سچو پچو سينگار آهي. هتي هر سال رمضان مهيني جي نائين تاريخ ميلو لڳندو آهي، جو ٽي ڏينهن سانده هلندوآهي. ميلي ۾ اڪثر رڳو مسلمان اچي ڪٺا ٿيندا آهن.

شاهہ بلاول جي درگاهہ کان ڏيڍ ڪوهہ اور پرو، پٻ جبل جي پيٽ ۾، هڪ وڏو جبل جو صفو آهي، جنهن کي "لاهوت" سڏين ٿا. جبل تان لهي هن صفي اندر وڃڻ ڏکيو آهي، تنهن ڪري زيارتين جي سهنج لاءِ تارو لوہ جي ڏاڪڻ جوڙائي چڙهي اٿن ۽ جبل مٿان نوڙي بہ ٻڌي ڇڏي اٿن، جنهن کي جهلي ڏاڪڻ تان هيٺ لهجي ٿو.

لاهوت واري صفي ۾ هڪ هنڌ ڇت ۾ ڳنئون جي ٿڻن جهڙا پهڻ جا ڳوڙها آهن. چون ٿا تہ اڳي انهن ٿڻن مان کير وهندو هو. هاڻ تہ رڳو پاڻي ڦڙا ڦڙا ٿي هيٺ ڳڙي ٿو. هتي تغاريءَ جي شڪل جو هڪ پهڻ آهي، جنهن کي حضرت بيبي فاطمہ رضي الله تعاليٰ عنها جي ٿوبي سڏين ٿا. چون ٿا تہ حضرت بيبي سڳوري انهي ٿوبيءَ تي ماني پچائي هئي.

لاهوت ۾ ڪي پهڻ اهڙي طرح بيٺل آهن جو انهن ۾ جيڪر پينگهو ٽنگي سگهجي. درگاهہ جي خليفي چيو تہ هتي امامن صاحبن کي حضرت بيبي فاطمہ سڳوري رضي الله تعاليٰ عنها پينگهي ۾ لوڏيو هو.

هتي ڪي پٿر آهوڙي جي نموني بيٺل آهن. انهي هنڌ بابت چيائين تہ هي حضرت علي ڪرم الله وجہ جن جي دلدل مبارڪ جو آهوڙو آهي.

خليفي جي چوڻ موجب حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم بہ هتي آيو هو ۽ پٿر مان ڪشتي پيدا ڪئي هئائين، سا اجا آهي. شاهہ بلاول جي درگاهہ جي خليفي * چيو تہ لاهوت لامڪان چوٿين عرش تي آهي، پر هيءَ زمين تي لاهوت

---

* امام بخش ولد سائينداد ڪرمتي بروچ خليفو درگاہ شاهہ بلاول، اصل ساڪن لس بيلو.
ملاقات جي تاريخ ٢٥ فيبروري ١٩٢٦ع.

پنجن تن پاڪن سڳورن جي جاءِ ۽ مڪي شريف جو دروازو آهي تنهن ڪري ڪئنان ڪئنان جا مومن جهجهي صدق سان هتي زيارت لاءِ ايندا آهن.

## (١٩) مائٽن سان ملاقات

شاهه هنگلاج ڪان دوارڪا ڏي ويو هو، ۽ تن ورهين ڪانپوءِ مائٽن سان وڃي مليو هو. چون ٿا ته پٽس کي هنگلاج وڃڻ جي ڳالهه نه وڻي ۽ هي بيت چيائين:

ڪوڙا سامي، ڪوڙ ڳالهائن، ڪوڙو سندن پنڌ،
هوت وسي هر هنڌ، هو ڏسين هنگلاج ۾!!!

انهيءَ تي شاهه لطيف با ادب هينيون بيت چيو:

سچا سامي، سچ ڳالهائن، سچو سندن پنڌ،
هوت وسي هر هنڌ، پر هن ڏٺو هنگلاج ۾.

رسالي ۾ انهن بدران هي به بيت آهي:

١. ناٿ جنهين ننڌ، تت نه نهاريو جوڳئين،
ڪي ڪويسا هيا ڪاپڙي، پريا پراهين پنڌ،
هو هنهين هنڌ، هي هئهين ويا هنگلاج ڏي،

٢. ناٿ جتهين ننڌ، تت پڻ نهاريو جوڳئين،
سي سويسا هيا ڪاپڙي، پريا پراهين پنڌ،
هو هئو هن هنڌ، هن هنگلاجان هٿ ڪيو.

شاهه لطيف کي جوڳين جو ناٿ هن ڪري ٿي اپريو جو سندن سنگ مان گهڻو ئي پرايو هئائين. پاڻ چيو اٿس ته:

"مون پڻ ملان تن، حاصل کي حال ڪيو"

# پاڳو پيو

## (٣٠) گرنار ڏي ويندي

نانگا نانيءِ هليا، هنگلاجان هلي،
ديکي تن دوارڪا، مهيسين ملي. (رامڪلي)

هن مصراعن ۾ شاه صاحب بلڪل چٽيءَ ريت ڄاڻائي ٿو ته جوڳي پهريائين هنگلاج ڏي هليا ۽ اتان ٿي، پوءِ دوارڪا جي درسن لاءِ ويا. مطلب ته هي شاه صاحب جو هڪ ٻيو سنئون سفر آهي، جنهن جو بيان رسالي ۾ نهايت رمز سان ڪيو اٿس. رسالي ۾ ڪراچيءَ واري لاڙ، ڪوري ڪاري ۽ لڪپت طرف جا اشارا جهجها آهن، تنهن ڪري پڪ سان چئي سگهجي ٿو، ته هيءُ جوڳين جي جات هنگلاج جو تيرٿ ڪري، ڪراچيءَ ڏي موٽي هئي، ۽ اتان ٺٽي وٽان سنڌونديءَ وارو پنڌ اڪري، سجاول ۽ مغلبين تعلقي حاتيءَ ڏي وئي هئي.

ڪاري ڪيڙانو، مٺي مٺي موٽيا. (سامونڊي)

شاه صاحب عربي مسند کي "ڪارو" ۽ سنڌونديءَ کي "مٺو" سڏيو آهي. ڪاري ۽ مٺي جو ميلاپ رڳو سنڌونديءَ جي ڇوڙ وٽ ٿئي ٿو. سنڌونديءَ جا ڇوڙ ڪيترا آهن. هن وقت پاتيءَ جون اهي ٻئي جنسون ڪيٽي بندر طرف آهن. مطلب ته ڪراچيءَ جي لاڙ واري پاڪي ڪاسواءِ ٻئي ڪنهن هنڌ ڪارو ۽ مٺو ڪين هن، تنهن ڪري يقين ڄاڻن کپي ته شاه صاحب ڪراچيءَ واري لاڙ جو ذڪر ڪيو آهي.

ڪان اڌائي ڪوھ پري اتر اڀرندي طرف ننڊ ڪوٽ آهي. هتي اڳي هڪ ننڊ * نالي راجا هو، جنهن جو ڪوٽ هاڻي ڊنو پيو آهي. مغلبين جا ماڻهو اڄ تائين ائين ٿا چون تہ انهي پڙي (ڊنل ڪوٽ) ۾ جهجهو ڌن پوريل آهي.

مغلبين ڪان بہ ڪوھ ڪن پري "سير سندو" آهي. هتي "سير" نالي هڪ ڪاري پيئي وهي. هن کي "سندو بندر" بہ چوندا آهن، جو "سندو" نالي ڳوٺ نزديڪ اٿس. هن بندر جو لکپت ۽ ڪڇ سان سارين ۽ ٻين جنسن جو واپار هلي ٿو. هتان هر سال ستن اٺن لکن روپين جي مال جي روانگي ۽ ٽن چئن لکن جي آمدني ٿئي ٿي، تنهن ڪري هتي سرڪاري ڪسٽم آفيس آهي، جا ڪراچيءَ واري ڪسٽم آفيس جي شاخ آهي. سنہ ١٩١٤ع کان وٺي سير ڳنڍي واري ڪاريءَ سڪڻ جا سعيا ڪيا آهن ۽ ٻيڙين جي آمدرفت کي ڀنجو اچڻ لڳو آهي. انهي حال سان بہ هن پاسي جو واپار اجا چڱو پيو هلي. هي هاٺوڪيون ڳالهيون جڏهن اڳين احوالن سان گڏي ويچارجن ٿيون، تڏهن پروڙ پئي ٿي تہ سنڌ جو هيءُ ڀاڱو جنسي پارس هو. هاڻ ڏسو تہ شاھ صاحب هن پاسي جا ڪهڙا بيان ٿو ٻڌائي:

ترقل، قـــــوتا، پارچـــــا، پاٽيـت پاتائون،
ڪونيـون قيمت سنديون، تڙ ۾ تاڪيائون. (سراڳ)

هتي جا واپاري لونگ، ايلاچي، ڪپڙو، آبدار موتي ۽ ٻيا ڪيترا قيمتي مال ٻيڙين ۾ ٻاهر روانا ڪندا هئا. هي تاريخي ڳالهيون آهن.

لونگ ۽ ايلاچي سنڌ جي پيدائش نہ آهي، پر سنڌ جا وڻجارا آهي ۽ ٻيون شيون هڪڙن ڏيساورن مان گهرائي، ٻين ڏيساورن ڏي موڪلي، وڻج واپار ڪندا هئا. موتين جو واپار بہ ڪندا هئا.

پٽ شاھ تعلقي هالن جي ڀريان ڳوٺ ڪنڀ داروءَ جي ويجهو هڪ ڍنڍ آهي. هالن ۽ شهدادپور تعلقن ۾ گشت ڪندي ڪن کان معلوم ٿيو تہ انهيءَ ڍنڍ مان اڳي سچا موتي نڪرندا هئا ۽ شاھ صاحب انهن جو ذڪر ڪيو آهي. انهيءَ ڍنڍ مان موتي نڪرندا هئا يا نہ، سا ڳالھ ڪنهن بہ ڪتاب ۾ جاٽايل ڪانهي: پر اها پڪ آهي تہ شاه صاحب انهيءَ ڍنڍ جي موتين جو ذڪر نہ ڪيو آهي. چيو اٿس

---

* ڪجهي لوڪ ائين چوندا آهن تہ مومل، جا راڻي سان پرڻي هئي، سا هن راجا ننڊ جي نياڻي هئي، ائين نہ آهي. هوءَ جيسلمير جي وينل هئي ۽ اُنجو ذڪر اڳتي هلي ڪيو.

ورائيندا هئا.

مـــعـلـم مـــاڳ نـہ اڳين، ڦلنگي منجـــهـــ ڦـــربا،
مـــلاح تنهنجي مـــڪـــڙيءَ اڇي چـــور چـــڙهيـــا.

ڦلنگي-فلنگي-فـرنگي-اصل لفظ Frank- يورپي ماڻهن کي "فرنگي" چئبـو آهي. پروفيسر گربخشاڻي پنهنجي رسالي ۾ ڄاڻايو آهي تہ پورچوگيزن ۽ انگريزن، جن عيسوي سورهين صديءَ ۾ هندستان ۾ اچي ڪونيون وڌيون تن مان ڪي درياهي چور هوندا هئا. شاهہ صاحب هن کي "ڦلنگي" سڏيو آهي.

ڪن جي مٿان وير وري وينديءَ هئي ۽ ڪن جا غوراب غرق ٿي ويندا هئا.

"جتي ڍينگ ڍريا، تتي تاري تنهنجي"

اهڙي طرح شاهہ صاحب سندن سڀ احوال ڏنو آهي، وڻجارن جي موٽڻ جا ڏينهن ٿيندا هئا، تہ سندن وهون هر گهڙيءَ تڙ تي اچي واجهائينديون هيون. پريان ڪو جهاز ايندو ڏسنديون هيون تہ ان ۾ اکيون پائي وهنديون هيون. هرڪا چوندي هئي تہ:

"مان منهنجو هوءَ، جاني هن جهاز ۾!!"

مطلب تہ شاهہ صاحب جهڙو پاڻ ڦوڙائي جو ڦتيل هو، تهڙائي درد جا داستان سر ساموندي ۾ چيڙيا اٿس. هڙن عمدن بيتن چوڻ سان ڪمال ڪيو اٿس.

سرسراڳ ۽ ساموندي ۾ نہ رڳو تواريخي ڳالهيون ۽ اکين ڏٺا احوال ڄاڻايا اٿس، پر انهن ۾ تمثيل بہ رکي اٿس. چوي ٿو تہ "اي بندا، تنهنجو جسم آهي ٻيڙي ۽ تنهنجو سينو آهي سڙهہ. پنهنجو سينو ڌوئي صاف ڪر ۽ ڪنهن ڪامل ڪشتيبان جي دامن وٺ، تہ دنيا جي لهرين ۽ لوڏن مان لنگهي پار پوين. خود تنهنجي دل اندر درياهہ آهي، غواصن وانگر ٽبي هڻي، من واري مهراڻ مان بي بها لعل لوچي هٿ ڪر، تہ ٻنهي جهانن ۾ سکي ٿئين!"

مطلب تہ ٻئي رمزون رکيون اٿس. تواريخ جي تواريخ ۽ نصيحت جي نصيحت، وڌيڪ انهن سان سک ۽ درد جون ڳالهيون ڳنڍي، انهن احوالن کي هيڪاري من موهيندڙ بڻايو اٿس.

شاه صاحب نهايت رلٽو ملٽو هو. ڳالهين ٻڌڻ جو به شوق جهجهو هوس. ڪراچيءَ جي هن لاڙ واري ڀاڱي ۾ آيو آهي ۽ اتان ڪنهن ڪان ڪڪرالي (شاه بندر) طرف جو هڪ ڪهنو قصو ٻڌو اٿس ته انهيءَ بابت به بيت چيا اٿس. ڪڪرالي ۾ جام تماچي جي پاران سندس پاءُ اوڍو جام حڪومت ڪندو هو. هن جو پٽ جکرو نهايت سخي مرد هو. شاهه صاحب هن جي تعريف ۾ ڪيترا بيت چيا آهن جي رسالي جي سر پرڀاتيءَ ۾ ڏنل آهن. "ليلا چنيسر" جا بيت به هن طرف اچي ڏنا اٿس، جو چنيسر جي گاديءَ جو هنڌ "طور" نالي شهر ۾ هو، جنهن جو ويرانو اڄ تائين شاهه ڪپور جي نزديڪ ميرپور بٺوري ۽ مغلڀين جي اڌ وات تي شاهي سڙڪ کان ٿورو پاسيرو آهي.

## (٢٢) ڪڇ

"ڪڇ" لفظ اصل ۾ آهي "ڪڇڇ" معنيٰ ڪنڌي ڪنارو. ڪڇ يا ڪاڇو اهو ملڪ آهي جو جبل جي وٽ يا سمنڊ جي ڪناري سان هجي. ڪڇ کي الهندي کان عربي سمنڊ آهي ۽ ڏکڻ کان ڪڇ جي نار جون چولبون چلڪا ڏئي ان جا پٽ پيئون پسائين، تنهن ڪري اهو نالو پيو اٿس.

ڪڇ ملڪ ۾ ڪنئي واري ته ڪٿي ٽڪربون آهن ۽ نديءَ جو ته نالو به ڪونهي، تنهن ڪري هتي وٽڪار به خيرڪا آهي. عيسوي ستين صديءَ ۾ هي ملڪ سنڌ جو هڪ ڀاڱو هو. عام طرح ڪڇي ماڻهو سنڌي ٻولي ڳالهائيندا آهن.

مغلڀين جي ٻرپان ڪوري ڪاري اُڪري پار ٽپو ته ڪڇ جو اهو هاڪارو بندر ايندو جو "لکپت" سڏجي ٿو. هن شهر کي چوڌاري عالم پناهه ڏنل آهي ۽ منجهس چڱي بستي آهي. شاه صاحب سان گڏ جيڪي جوڳي هئا، تن گرنار وڃڻ لاءِ هيءَ وات جنهن مطلب ڪري ورتي هئي، سو مطلب اڄ به سمجهڻ سولو آهي. لکپت جي نزديڪ نارائڻ سر ۽ ڪوٽيسر نالي به تيرٿ آهن، جي هڪ ٻئي کي بلڪل ويجهو آهن. جوڳين کي اها جاتَ ڪرڻي هئي، تنهن ڪري هيءَ وات ورتائون. سنڌ ۽ ٻين ڪيترن پاسن جا هندو اڄ تائين نارائڻ سر ۾ پترن ٻولائڻ لاءِ ويندا آهن، پر اهو رواج گهٽبو پيو وڃي، جو ماڻهن جو پترن ٻولائڻ جي ڳالهه ۾ هاڻ گهٽو ويساهه ڪونهي.

"منجهين بابو بکيا، منجهين نارائڻ سر" (رامڪلي)

شاه صاحب چوي ٿو ته نارائڻ سر وڃڻ جو ضرور ڪونهي جو هر ڪنهن جي

وجوءَ اندر اهو تيرٿ آهي.

لکپت ۽ ابراسو جي وچ ۾ چتراٿو نالي هڪ ڏونگر آهي، جتان اڳي هڪ درياه وهي، ماندوي جي ويجهو ڪڇ جي نار ۾ چوڙ ڪندو هو. انهيءَ کي "پتريل" يا "پتيهل" درياهه چوندا هئا. اهو درياهه ڪيترن سالن کان سڪي ڊوبون (ڊبون) ٿي ويو آهي ۽ منجهس جهنگلي وڻ ٽڻ بيٺا آهن. رسالي جي سر ڏهر ۾ انهيءَ ڊوري جو نالو ۽ انهي طرف جي حاڪم جسودن موراٿيءَ جي ڳالهه بابت اشارا آهن.

جسودن موراٿيءَ جي نالي چون ٿا ته هن تي هڪ گرهه وينو هو جو سادا ست ورهيه هليس. انهيءَ عرصي ۾ پتيهل سڪو ۽ سندس ملڪ ۾ ڏڪار پيو، جنهن ڪري پاڻ به ديس ڇڏي ويو. رسالي ۾ انهي وقت جا بيت آهن، جنهن وقت اهي سختيون ملڪ تي نازل ٿيون هيون ۽ جسودن فقير ٿي نڪتو هو.

## (٢٣) پڄ

پڄ جو شهر ڪڇ جي حاڪم راءِ ڪنگهار سنه ١٥٤٨ع ۾ ٻڌايو هو. هن شهر تي اهو نالو هن ڪري پيو جو اهو "پڄيه" (پڄنگ) يعني نانگ ديوتا کي ارپن ٿيل آهي. لکپت کان پڄ سادا چاليهه ڪوه پري آهي ۽ اهو خشڪيءَ جو پنڌ آهي. ڪراچيءَ کان جيڪڏهن جهاز جي رستي پڄ وڃبو ته مڏئي بندر (ماندوي) تي لهبو. مڏئي کان پڄ ارڙهن ڪوه پري آهي ۽ وچ ۾ شاهي سڙڪ لڳي پئي آهي، جتان هاڻ موٽرون اچن وڃن ٿيون.

شاه صاحب جي ڏينهن ۾ پڄ جي حالت ضرور ٻي هوندي ڇاڪاڻ ته ١٦ جون ١٨١٩ع ۾ هتي نهايت خوفناڪ زلزلو ٿيو هو، جنهن ۾ هن شهر سان غضب ٿي جڪو هو. راءِ جو محلات ۽ رعيتي ماڻهن جا ست هزار کن گهر زمين دوز ٿي ويا هئا. سرڪاري تخميني موجب انهي ڀونچال ڪري ساڍيون ٻارهن سئو حياتيون چٽ ٿي ويون! هن وقت جيڪي جايون اتي آهن، سي اڪثر ويجهڙائيءَ جون جڙيل آهن.

"ڏن تون ڏناسري، ڏن تون ٻالا پير" (ڏناسري)

ٻالا پير جي درگاهه هتي آهي، جنهن جي شاهه صاحب شايد زيارت ڪئي هئي.

شاهه صاحب لکپت، نارائڻ سر ۽ موراسو گهمندو پڄ ۾ ويو ته جاڙيجن ۽

لاڪي ڦلاڻيءِ بابت بيت جيائين، جي رسالي ۾ آهن.

## (٢٤) هالار

"هالار" لفظ اصل ۾ آهي "هالا واڙ" يعني هالي جي واڙ يا لوڙهو. هالو نالي هڪ جاڙيجو راجپوت ڪڇ ملڪ ۾ ٿي گذريو آهي،تنهن جي نالي پٺيان اهو پرڳڻو سڏجي ٿو. هالي جي اولاد مان جام راول ڪڇ جو حاڪم هو. سنہ 1540ع ۾ راءِ ڪنگهار هن کان ڪڇ ملڪ ڦري پنهنجي قبضي ڪيو ۽ پڄ جو شهر بڌائي اهو پنهنجي گاديءَ جو هنڌ ڪيائين.

هالار پرڳڻو هن وقت ڪاٺياواڙ جو هڪ پرانت (ضلعو) آهي. اهو پرڳڻو اصل ڪڇ ملڪ سان لاڳو هو. سنڌ ۾ جڏهن سومرن جي صاحبي هئي تڏهن ابڙو نالي هڪ سمو هالار جو نواب هو، تنهن ڪري شاه صاحب هن کي "هالار ڌڻي" سڏيو آهي.

رچي جي ريتـــــو ٿـــــيـــــا ، ڪين اُباٽجن اوءِ،
ڪنيءِ نہ ڪـــــاري تنهن کي، جــــو هالاري هوءِ،
توڻي ڌوبي ڌوءِ، تہ بہ لالي ان جي نہ لهي (مــومل راڻو)

شاه صاحب چوي ٿو تہ هالار ۾ ڪپڙي کي ڳاڙهو رنگ اهڙو پڪو ٿا ڏين، جو ڌوبي جيڪڏهن ڪنيءِ تي چاڙهيندس تہ بہ ان جو رنگ نہ ڦٽندو. هي هالار جي هنر جو ذڪر ڪيو اٿس.

هالار ڪنهن خاص شهر جو نالو ڪونهي، پر ضلعي جو نالو آهي، تنهنڪري پڪ سان چئي نٿو سگهجي تہ شاه صاحب هالاري رنگ جا ڪپڙا ڪهڙي هنڌ ڏٺا. هو پڄ کان مانڊوي ويو هوندو ۽ اتان ڪڇ جي نار اُڪري، دوارڪا ڏي ويو هوندو. اهو ڪپڙو ڪڇ توڙي دوارڪا ۾ ملي سگهي ٿو.

## (٢٥) دوارڪا

دوارڪا جو تيرٿ سڄي هندستان جي مکيہ تيرٿن مان هڪڙو ليکجي ٿو. امپيريل گزيٽيئر جي لکڻ موجب هتي هر سال ڏهہ هزار کن هندو دوارڪانات جي درسن لاءِ اچن ٿا. هتي دوارڪانات جو هڪ وڏو مندر جڙيل آهي. جو نهايت اونچو آهي. وچ واري صفي کي ست ٿنيا ڏنل اٿس! هتي جوڳي ٻهجي ٻانهن تي دوارڪا جي ڇاپ هڻائيندا آهن.

دوارڪا ٻيٽ آهي. ان جي نزديڪ گومتي دوارڪا آهي، جنهن جي پريان

مول دوارڪا آهي. مهاڀارت واري زماني ۾ دوارڪا کي سمنڊ ٻائي ويو هو. ان جي ٿوري ٻچيل ڀاڱي کي "مول دوارڪا" يعني اصلوڪي دوارڪا چون ٿا، جا ويراول بندر کان ڏهه ڪوهه پري اڀرندي طرف آهي. اُتي هاڻ رڻڇوڙجيءَ جو مندر آهي، جنهن جي درسن لاءِ ڪيترا هندو هر سال وڃن ٿا.

مول دوارڪا ۽ گومتي دوارڪا جي وچ ۾ "گوپي تلاءُ" آهي، جو پڻ پوتر ليکيو ويو آهي. ان جي ڀرپاسي اهو هنڌ آهي جت سري ڪرشن کي هڪ شڪاريءَ تير هنيو هو. مطلب ته دوارڪا ٻيٽ کان وٺي پنجن ڇهن ڪوهن جي مفاصلي ۾ ڇيپي ڇيپي تي تيرٿن جون جايون آهن. اهي آهن تيرٿ، جي شاهه لطيف جوڳين جي جنگ ۾ هن پاسي اچي ڏٺا هئا.

## (٢٦) پور بندر

ڪاٺياواڙ علائقي ۾ پوربندر نالي هڪ ڏيهي رياست آهي، جنهن جا والي جيٺوا راجپوت آهن، جي پاڻ کي هنومان جو اولاد سڏائين ٿا. اهي راجپوت سنه 900ع يا 1000ع کان وٺي هن پاسي پنهنجو دڳو جمائي ويٺا آهن ۽ 1807ع کان وٺي انگريزن جا ڏن ڀرو ٿيا آهن. پوربندر جي حاڪم کي "راڻو" ڪري ڪوٺيندا آهن.

راڻن جو آڳاٽو گادي جو هنڌ "گملي" نالي شهر هو. جو ڪڇ جي جاڙيجن حاڪمن هن پاسي ڪاهه ڪندي زبون ڪري ڇڏيو. راڻن پوءِ پنهنجي گاديءَ جو هنڌ ڦيرائي "ڇايا" نالي شهر ۾ ڪيو. اتي جهجهي وٿڪار سبب "ڇايا" (ڇانءِ) هئي، تنهنڪري اهو نالو پيس. شاهه لطيف جڏهن هن پاسي آيو، تڏهن به هتي جي گاديءَ جو هنڌ اهو ڇايا جو شهر هو جو پوربندر کان ٿورو ئي پري آهي.

پوربندر رياست جي گاديءَ جو هنڌ هاڻ پوربندر جو شهر آهي. جنهن پٽ تي هيءُ شهر اڏيل آهي، تنهن تي مهاڀارت واري زماني ۾ هاڪاري سڏامي ڀڳت جو شهر ٻڌل هو. تنهنڪري اهو "سڏاما پري" يا رکو "پر" (پور) سڏبو هو. شاهه صاحب جي وصال کان ننڍيهه ورهيه پوءِ يعني ١٧٨٥ع ڌاري راڻي سرتانجيءَ پنهنجي گاديءَ جو هنڌ "ڇايا" مان ڦيرائي "پور" ۾ ڪيو ۽ ان سان "بندر" نالو گڏي ان کي "پوربندر" سڏيائين. پوربندر ۾ اڳي واپار جي بازار گرم هئي، پر هاڻ بمبئي شهه ڏيئي وئي اٿس. پوربندر جو ڳيهه ڪراچيءَ ۾ وڪامندو آهي.

اچي سو ڏنوءِ، جو ڪپر سوءِ ڪڻ سين،
سُني لوڪ لطيف چئي، ياد نہ ذرو ڪيوءِ،
غافل ٿي غراب کي، اوڙاه تي آندوءِ،
سو چِتر چيهي کان رکين، جو پيو پراٿو پوءِ،
جهاز ضعيفن جو، پاڻيءَ ۾ پرتوءِ،
سيد سات سندوءِ، پوربندر پهچائيين. (سراڳ)

پهرين مصرع مان ظاهر آهي تہ شاهہ صاحب هن پاسي اچڻ کان اڳ پوربندر جي ڪپر بابت ٻڌو هو تہ اهو خوفائتو آهي. اهو ڪپر اڄ تائين آهي. شاهہ صاحب جي وقت ۾ هيءُ شهر گاديءَ جو هنڌ نہ هو، تنهن ڪري بندر جي حالت ڪنهن بہ ريت هاڻوڪي کان بهتر نہ هوندي. هن بندر کي هاڻ گهڻو سڌاريو اٿن ۽ اتي لائيٽ هائوس بہ آهي. پر هتي جو تڙ اڄ تائين اهڙو ئي خوفناڪ آهي، جهڙو شاهہ صاحب ڏٺو هو. هن جو سبب هي آهي تہ هيءُ سڄو پاسو لاهہ تي آهي. اهو لاهہ بردا ٽڪريءَ کان وٺي سمنڊ جي ڪناري تائين هليو آيو آهي. انهيءَ لاهہ سببان هن تڙ تي هوا گهمرو ڏئي ٿي. جنهن ڪري هيءُ طوفاني تڙ آهي. اڄ بہ اها حالت آهي جو سڀ جهاز بندر کان ڪوهہ کن پري اچي بيهندا آهن ۽ مسافر لانچ ۾ چڙهي ڪناري تائين ايندا آهن. مٿين بيت ۾ شاهہ صاحب هن طوفاني تڙ جو ذڪر ڪري سائينءَ کي سوال ڪيو آهي تہ اسان جي چِتر کي چوهي کان رکي وٺ!

## (٢٧) جهونا ڳڙهہ ۽ گرنار

جهونا ڳڙهہ جو شهر راءِ ڏياچ جي ڏاڏي راءِ گرهورپوءِ ٻڌايو هو. راءِ گرهرپو، جنهن کي راءِ گورارو بہ چوندا هئا، تنهن سنہ ٨٩٢ع ۾ چالاٺو ڪيو هو. هن ڪانپوءِ راءِ ڪاوت گاديءَ تي وينو ۽ انهي ڪانپوءِ سنہ ١٠٠٣ع ۾ راءِ ڏياچ گاديءَ تي وينو. راءِ ڏياچ جو محلات اڄ تائين جهونا ڳڙهہ جي نزديڪ گرنار نالي ٽڪريءَ تي آهي.

شاهہ صاحب پوربندر کان ٿي، هن پاسي آيو تہ راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جي قصي تان ڪيترا بيت چيائين جي رسالي جي سر سورٺ ۾ ڏنل آهن.

محلين آيو منگتو، ساز ڪتي سرندو،
سر جي صدا سر ۾، گهر اها گهرندو،
متي ري ملوڪ جي، چارڻ نہ چرندو،
جهونا ڳڙهہ جهرندو، پوندي جهاڻ جهروڪ ۾.

گفرنار نڪريءَ جون پنج مکيہ چوٽيون آهن، جن مان سڀ کان اتانهين چوٽي "گورکنات" نالي سان سڏجي ٿي. جيڪي جوڳي گرنار جو تيرٿ ڪرڻ ويندا آهن، سي هن چوٽيءَ تي اوس ويندا آهن، جو گورکنات سندن وڏو گرو هو.

"سامي چڙي سانگ، گڏيا گورکنات کي" (سر رامڪلي)

هن ٽڪريءَ تي ڪيترا شوالا ۽ مندر، غارون ۽ غفائون آهن. سنياسي، آديسي، مهيسي، لاهوتي ۽ ٻيا قسمين قسمين جوڳي جن جو رسالي جي سر رامڪليءَ ۾ ذڪر آهي. سي هتي ڏسي سگهجن ٿا.

## (٣٨) ڪنيات

ڪنيات هڪ ڏيهي رياست آهي، جا گجرات جي الهندي طرف سابرمتي ۽ ماهي ندين جي وچ ۾ آهي. هن رياست جي ڏکڻ ڏي، ڪنيات جي نار جي مهڙ تي، ڪنيات جو شهر بيٺل آهي، جو هتي جي نواب جي گاديءَ جو هنڌ آهي هن شهر توڙي سڄي رياست جو اصل نالو آهي "ستمياوت" يعني ٿنڀ وارو آهي، جنهن جو اُچار پوءِ بگڙجي "ڪنيات" ڪيو اٿن. مهاديو کي ٿنڀ جي صورت وارو ديوتا سڏيو اٿن. هتي مهاديو جو هڪ چشمو آهي، جنهن کي "سڪمڀ" يا "ستنڀ تيرٿ" يعني ٿنڀ (مهاديو) جو تيرٿ ڪري سڏيندا هئا.

ڪنيات ۾ اصل هندن جو راڄ هو ۽ اهي گهڻو ڪري سڀ مهاديو جا پوڄاري هئا. عيسوي ستين صديءَ جي پڇاڙي يا اٺين صديءَ جي اڳياڙيءَ ڌاري پارسي لوڪ ايران کان ڀڄا تہ ڀهريائين ڀهريائين هن پاسي سنجاڻ نالي شهر ۾ اچي رهيا ۽ پوءِ اهڙو زور ورتائون جو هندن کان سمورو ملڪ ڦري پنهنجي قبضي ڪيائون. هندن آخر گجرات طرف ڀڄاين. هندن جي حڪومت ١٢٩٨ع پوري ٿي ۽ پوءِ مسلمانن جو راڄ شروع ٿيو، پر اهي بہ ڌارين جي ڪاهن کان ڪين ڇٽا. سنہ ١٥٣٨ع ۾ پورچوگيزن هن پاسي ڦرلٽ ڪئي ۽ پنجٽيهہ ورهيہ سانده وڳوڙ لڳو پيو هو. ١٥٧٣ع ۾ اڪبر بادشاهہ جو لشڪر هيڏانهن ڪاهي آيو. مغلن جو زور ٽٽو تہ مرهٽا ڪاهي آيا ۽ مسلمانن کان چاندا چڱائي هليا ويا. ڪنيات ۾ جنهن تنهن پئي اک رکي سو هن ڪري جو هيءُ هڪ هاڪارو وسيل بندر هو ۽ ان جو واپار ديسان ڏيس هلندو هو. نار جي لٽجڻ ڪري آهستي آهستي سندس چلتو گهٽبو ويو. انهيءَ حال هوندي بہ ١٦١٦ع ۾ انگريزن ۽ ٻئي سال ڊچن هتي ڪوٺيون وڌيون. شاهہ صاحب جي ڏينهن ۾ هن شهر جو اهو اڳوڻو اوج ڪونہ هو ۽ هينئر تہ باقي بہ گهٽ

اٿس. هن وقت ڪنيات جي نار گهٽي قدر سڪي ڊوبون ٿي وئي آهي، جنهن ڪري ڪنيات جو هاڻ هڪ ننڍڙو شهر وجي بچيو آهي.

شاهه صاحب سان گڏ جيڪي جوڳي هئا، سي جهونا ڳڙهه ۽ گرنار کان پوءِ هتي مهاديو جي تلاءَ جي تيرٿ ڪرڻ لاءِ آيا هوندا، پر اسان جي شاعر کي اها ئي بره جي تار تن سان لڳل هئي، تنهن ڪري هتي جو پيو ڪوبه احوال ڏيڻ ڪونه اُجهيو اٿس، باقي اينترو چيو اٿس:

"ڪـــيـــــــــاتـڙي تـڙ وري، ايـي تـڙ واجــــــــــــهـــــــــاءِ،

مـــان اچـــيـــئـــون ڪاءِ، ســـواڏائي ســـجــڻين" (ڪـنـيــات)

چوي ٿو ته ڪنيات جي نار واري تڙ تي يعني هتي جي سٺنپ تيرت تي، جتي ڪيترا ماڻهو اچي ڪنا ٿا ٿين، اتي تون به وڃي واجهاءِ ته من سڄڻ جي طرف جي ڪا مني مبارڪ ملي! مطلب ته محبوب جو مڪان جو سونهن جو مرڪز آهي، اتي وڃي سلامي ٿي ته وصال جي واڌائي مليئي! هن مان ڏسڻ ايندو ته جيئن جيئن سئر ڪندو ۽ قدرت جا عجيب ڪارخانا ڏسندو ويو آهي، تيئن تيئن سچي سائينءَ سان سڪ وڌندي وئي آٿس.

"ڏينهون ڏينهن نئون مون کي ورهه ويڙبهچن جو"

شاه صاحب جي ڏينهن ۾ گجرات جي شهرن ۾ گوريءَ جو ميلو لڳندو هو، جنهن ۾ ڪيترا جوڳي ۽ ٻيا ماڻهو وڃي ڪنا ٿيندا هئا. گوريءَ جو مندر اڄ تائين ننگر پارڪر تعلقي ۾ آهي. رســالي ۾ ننگر پارڪر، ڏيپلي ۽ پراڻ جــون ڪي حقيقتون جاٽايل آهن. اهي سڀئي ڳالهيون ڳڇن ٿيون ته ائين پيو سمجهڻ ۾ اچي ته شاهه صاحب ڪنيات کان هلي، گجرات جا پٽ لتاڙي، سنڌ ڏي رخ رکي هليو ۽ ننگر پارڪر کان ڏيپلي وارو رستو ورتي، پراڻ جو پتڻ لنگهي، پنهنجي ماڳ موٽيو هو. اسين انهن اندروني ثابتين تي هلي، انهيءَ وات جــو ننگرپارڪر کان وٺي بيان ڪنداسين ۽ جيسلمير طرف پوءِ هلنداسين، جو شاهه صاحب ڪنيات کان سڌو جيسلمير ڪونه ويو ٿو ڏسجي.

ٿورن مان تيل پيڙي ڪڍندا آهن، جو بواسير لاءِ چڱو ڇون ٿو. اهو موڪن کي هڪدم ناريو ڇڏي.

ننگرپارڪر جو شهر ڪو وڏو ڪونهي، باقي نظارو واه جو اٿس! هيءُ شهر ڪارونجهر ٽڪريءَ جي هنج ۾ آهي. "ڪارونجهر" لفظ اصل ۾ آهي "ڪالنجر" يعني ڪال کي انجر يا پوري ڪرڻ وارو. مهاديو کي "ڪالنجر" سڏيو اٿن. هن ٽڪريءَ تي مهاديو جو لنگ ۾ تن هنڌ استاپن ٿيل آهي. هتي انچلاسر، سارڌڙو ۽ گئومکي نالي ٽي تيرٿن جون جايون آهن. شاهه صاحب سان گڏ جيڪي جوڳي هئا سي شايد انهن تيرٿن پرسڻ لاءِ هن پاسي آيا هئا.

ڪارونجهر ٽڪري هڪ هزار کن فوٽ اونچي آهي ۽ سڄن سارن ڇهن ڪوهن ۾ هلي، ڪچ جي رڻ جي ڪلهي سان وڃي لڳي آهي. ٽڪريءَ جي اتاهين چوٽيءَ کي "صاحب چنگا" نالي سان سڏين ٿا. هن ٽڪريءَ جا ڪي داءِ جهڙا ڳاڙها، ڪي روهيءَ جهڙا ڪارا ۽ ڪي رڱيل پٿر آهن. ٽڪريءَ جون جملي ڇهه قطارون آهن، جن جي وچ ۾ ڪيترن هنڌ واريءَ جون پٽون آهن. ٽڪري جي جدا جدا پاڳن وٽ ڪيترا ڳوٺ آهن، جنهن ڪري هيءَ ٽڪري گهڻن جو اجهو آهي. هن ٽڪريءَ تي وڻ ٽڻ ۽ ٻوٽا گهڻا آهن. ڪاٺيون، ڪئونر ۽ ميون وغيره مان ايتري پيدائش ٿئي ٿي جو چوٽي آهي ته ڪارونجهر ٽڪري هر روز سوا سير سون ٿي اپائي يعني هر روز ايترو پئسو پيدا ٿئي ٿو جو سوا سير سون خريد ڪري سگهجي.

ڪارونجهر ٽڪري برندڙ جبل جي پهائي آهي. ٽڪريءَ جي پيٽ مان ڪڏهن ڪڏهن نهايت خوفناڪ گڙگات اٿندا آهن ته سڄي شهر توڙي پسگردائيءَ ۾ ڏاڍو ٿرٿلو پئجي ويندو آهي. ويجهڙائيءَ ۾ اهڙو ٿرٿلو سنه ١۴٢٣ع ۾ پيو هو. ان وقت ڪيترين اخبارن ائين لکيو هو ته هيءَ ٽڪري ڪنهن وقت به ڦاٽي.

ننگرپارڪر جي آسپاس ڪيترا تلاءَ آهن. راڻاسر نالي هڪ تلاءُ شهر جي الهندي پاسي آهي. هتي ڪيترين صديون راڻن جو راڄ هو، جن جي نالي ماتر گادي اڄ تائين هلي اچي. انهن راڻن جون جايون انهيءَ تلاءَ وٽ هيون. تنهن ڪري اهو نالو پيو اٿس. سرياهو نالي هڪ تلاءُ شهر کان ٻه ڪوهه ٻري اتر اڀرندي طرف آهي. اهڙي طرح ٻيا به ڪيترا تلاءُ آهن. جن بابت شاه صاحب مٿين بيت ۾ ڄاڻايو آهي ته اهي سڀ پلر جي پالوت سان پربا آهن. سڀني تلائن ۾ ڀوڏيسر نالي تلاءُ قابل ديدآهي. اتي هڪ عاليشان مسجد سنگ مرمر جي ٺهيل آهي.

ڇڇيون ۾ "سنون" بہ آهن. سن معنيٰ لوڻ جي سر جنهن ۾ پاڻي سيمو ڪري، جمي لوڻ ٿئي ٿو. "موڪئي" نالي هڪ هاڪاري سن ننگرپارڪر تعلقي ۾ آهي. برساتي موسم ۾ اهڙن هنڌ ڪلر سبباں گوڏي جيڏي گپ ٿئي ٿي، تنهن ڪري سانوڻيءَ ۾ مالدار اتان مال ڪاهي، پٽن يعني ڏاڍين زمينن ڏانهن ويندا آهن.

"سرتيون دعا ڪجاه، تہ پرم پاروڙيءَ رهي."

"پاروڙي" لفظ پائر جي ٿر جو آهي. رڍن جي اُن اڪثر ملائي جي رنگ جهڙي ٿئي ٿي، پر جنهن رڍ جي ان اڇي ڦول ٿئي ٿي تنهن کي، توڙي ان مان نهيل لوئيءَ کي، "پاروڙي" چوندا آهن. هي سڀ ڳالهيون ڏيکارين ٿيون تہ شاهہ صاحب هتان لنگهيو هو. جوڳين کي گوريءَ جو مندر ۽ پتائي گهوٽ کي مارئيءَ جو ملڪ ڏسڻو هو، اهي ٻئي هن پاسي آهن.

## (٣١) ملير

مارئي ملير جي وينل هئي. ملير جو ڳوٺ ننگرپارڪر شهر کان ٻارهن ڪوه پري ۽ گڏڙي اسٽيشن کان انٽيهہ ڪوه پري آهي. اتي هاڻ نالي کي هڪ گهر بہ ڪونهي باقي سڏ پنڌ پريان پالوا نالي ڳوٺ آهي، جنهن ۾ خاصخيلي ۽ ڀيلن وغيره جا جملي ٽيهہ کن گهر آهن. ملير واري پٽ ۾ هڪ وڏي پٿر جي ڪوندي اڄ تائين رکيل آهي، جنهن بابت سڄو ٿر ائين ٿو چوي تہ مارئي انهي ڪونديءَ ۾ پنهنجن چيلن کي پاڻي پيئاريندي هئي. هتان امرڪوٽ پنجاه ڪوه پنڌ آهي. شاهہ صاحب هتي آيو هو، تنهن جي ثابتي هيٺين مصرع مان ملي ٿي:

"جوءِ ڪشادي جيڏئين، ملير موڪ مهاڙ"

پالوا! جي ڳوٺ وٽ ست پٿون هڪ ٻئي سان اهڙيون لاڳيتون بيٺيون آهن، جو ستن ئي پٽن جي هڪ يڪي پڪر آهي. انهن پٽن جي اڳيان جيڪو ڏهر آهي، تنهن ۾ ملير جو ڳوٺ آهي. ڳوٺ جي مهاڙي ايڏي وڏي آهي جو حيدرآباد جو سڄو شهر، هيرآباد سوڌو ان ۾ جيڪر سمائجي سگهي! شاه صاحب اهو پٽ اکين سان ڏٺو هو، تنهن ڪري مٿين مصرع ۾ چيو اٿس تہ ملير جي مهاڙ وڏي ۽ اتي جيڏين جي رهڻ جي جاءِ ڪشادي آهي، هي سڀ اکين ڏٺيون ڳالهين جاڻايون اٿس.

## (٣٢)گوري

ننگر پارڪر کان چوڏهن ڪوه ۽ مارئيءَ جي ملير کان فقط بہ ڪوهہ کن پري گوري نالي هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي، جنهن جي نزديڪ جين ڌرم وارن جو هڪ

عاليشان مندر نهيل آهي. جيڪ وارا پار سنات جا پوڄاري آهن. پارسنات کي ”گوربچو“ بہ سڏين ٿا ۽ ان جي نالي پٺيان هيءُ ڳوٺ ۽ مندر سڏجن ٿا.

حاطو اندر آهي ۽ اڳيان دالان اٿس. دالان جو ديدار ئي لک لهي! هتي رڳو سنگ مرمر ۽ جوڌپوري پٿر جو ڪم ٿيل آهي. ويجهيءَ چڪ ۾ ههڙو عمارتي سامان ملڻ ئي ناممڪن آهي، تنهن ڪري هن عمارتي سامان جي رڳو ڪٽائي ڪيترائي هزار رپيا آئي هوندي. دالان جا ٿنڀا سنگ مرمر جا نهيل آهن ۽ ڇت گولائيءَ تي اٿس. پٿين تي سهڻيون تصويرون چٽيل آهن.

دالان کانوءِ هڪ وڏو صفو آهي، جنهن ۾ ٻنهي پاسن کان ڇهہ ڇهہ يعني جملي ٻارهن ڪوٺيون آهن، جن جون ڇتيون گنبذن وانگر آهن، تنهن ڪري گوري مندر کي ڪي ”ڏيرا“ (ڏيورا) بہ سڏين ٿا. هرهڪ ڪوٺيءَ ۾ هڪ ٿلهو نهيل آهي، جنهن تي رڳو هڪ جٽو ويهي ٿو سگهي. شايد هيءُ مندر اصل مٺ گرو ڪل تي ڪم ايندو هو ۽ هر هڪ جوڳي يا برهمچاري پنهنجي پنهنجي ٿلهي تي ويهي يوگ ابياس ڪندو هو يا پڙهندو هو. پر متان نند اچي وڃيس، تنهن ڪري نند ڪرڻ جي اتي جاءِ ڇڏي ڪانہ اٿن. انهي ٿلهي تي ويهي ڪو جهوٽا کائيندو تہ مٿو يڪدم وڃي پٽ سان لڳندس جنهن ڪري جهٽ پٽ سجاڳ ٿيندو.

پهرئين صفي کانپوءِ وري هڪ ٻيو صفو آهي، پر ان جو پنڀون پاسو ڪيتري قدر ڍنو پيو آهي. اتي هڪ وڏو شاهي ٿلهو نهيل آهي، جنهن مان ائين ٿو سمجهجي تہ سڀ پوڄن مهل اتي اچي ڪٺا ٿيندا هئا.

مندر جي ٻاهران، پر حاطي جي اندر، هڪ غفا نهيل آهي، جنهن ۾ هيٺ گهڙي وڃن لاءِ ڏاڪا آهن. شايد منڌاري يا آچاريہ (استاد) انهيءَ غفا ۾ وڃي يوگ ابياس ڪندو هو. ويجهڙائيءَ ۾ سرڪار جي مرضي ٿي تہ اهو محفوظ ٿيل يادگارن جي آڪٽ هيٺ آڇي، پر اوسواڙن اهو مندر سرڪار جي حوالي ٿيڻ نہ ڏنو. اهي اوسواڙ، جي جيڪ ڌرم جا آهن، تن جا بہ انصاف نہ وڃائبا جو اهڙو صنعت ۽ ڪاريگريءَ جو ڳهڻو نڪي سرڪار جي حوالي ٿا ڪن، نڪي پاڻ ان جي مرمت ڪرائين ٿا.

هن مندر جوڙائڻ جي اصل ڪهڙي مراد هئي، تنهن بابت ڪوبہ پڪ سان چئي نٿو سگهجي. اهو اصل مٺ يا گرو ڪل تي ڪم ايندو هو. سو رڳو دل جو انومان آهي. هيءُ مندر ڪنهن جوڙايو ۽ ڪيئن جڙيو، سي سڀ ڳالهيون تواريخن

۾ جاڻايل آهن ۽ هن پاسي جا ماڻهو به زيارتين کي ٻڌائيندا آهن. اهو قصو هن ريت آهي:

ويراواه کان سڌ پنڌ پري پاري نگر ۾ منگهو نالي هڪ واپاري، ذات جو اوسواڙ رهندو هو. هڪ لڳا مال خريدڻ لاءِ نگرپارڪر کان سٺ کوه پري گجرات جي "پٽڻ" نالي شهر ۾ ويو. اتي هڪ ڏينهن سپني ۾ کنهن ديوتا درسن ڏنس ۽ ٻڌائينس ته پارس ناٿ جو هڪ پتلو فلاڻي چاڪيءَ جي گهر ۾ پوريل آهي، سو کيڻ به هٿ ڪر ۽ اُتان ڪڍائي وڃي، کنهن مندر ۾ رک ته ناڪر نوکي اڻ ڳڻيا ڏاڻ ڏيندو. صبح ٿيو ته منگهي اوسواڙ سپني واري ڳالهه سچي سمجهي، انهي چاڪيءَ جو گهر پڇائي وڃي لڌو ۽ جنهن جو سپني ۾ديوتا ڏس ڏنو هوس، سو هنڌ کوٽائي اهو پتلو هٿ ڪيائين. ٻي رات ئي ته ديوتا وري سپني ۾ درسن ڏنس ۽ ٻڌائين ته هاڻ اها ناڪر جي مورتي کڻائي، سڌو پنهنجي وطن وڃ، پر رستي ۾ ڪٿي به پٺ ڏانهن نه نهارج. صبح جو سجاڳ ٿيڻ سان هن هڪ بيل گاڏي هٿ ڪئي، جا نهه جي ڪانيءَ جي نهيل هئي. منگهو اوسواڙ اهو پتلو گاڏيءَ ۾ رکائي وطن ڏي وريو. واٽ تي کنهن نوڪر اچڻ سبب گاڏي پيچي پئي. اتي ٿيون پيرو سپني ۾ ديوتا ڏسڻ ۾ آيس، جنهن چيس ته پارس ناٿ جو پتلو هت زمين ۾ گهڙي ويو آهي. هاڻ هيئن ڪر جو انهيءَ پوتر استان تي هڪ مندر جوڙاءِ ته ناڪر ڪندو ته تنهنجي سدائين چڙهيو چڙهي ٿيندي. منگهو پوءِ سجاڳ ٿيو ۽ پتلو گم ٿيل ڏسي زمين ولڻ لڳو، پر پتلي جو پتو ڪونه پيو. آخر سپني واري ديوتا جي چوڻ موجب انهيءَ پٽ تي مندر جوڙايائين جو گوريچا پارس ناٿ جي نالي پنيان "گوري" سڏجڻ لڳو.

ڪي تواريخ نويس چون ٿا ته منگهو اوسواڙ اهو پارسنات جو پتلو پنج سئو رپيا ڏيئي ڪنان خريد ڪري آيو هو ۽ سنه ١٣٧٦ع ۾ هيءُ مندر جوڙائي ان ۾ آڻي رکيو هئائين. هن جو مطلب هو ته انهيءَ پتلي بابت ماڻهن کي ڪا عجيب ڳالهه ٻڌائيندس تڏهن ان جو چڱو قدر ڪندا، تنهن ڪري اها مٿين ڳالهه پنهنجي مغز مان ڪڍي، هنڌين ماڳين هلائي هوائين. تواريخ نويس چاڻائين ٿا ته اهو پتلو گهڻي ڏنو هو. ناڪر جي مورتيءَ کي نرڙ تي پرن جي وچ ۾ هيري جي ڪٽي لڳل هئي ۽ ٻنهي اکين تي به ڪٽيون لڳل هيس. ڪيترا سال اهو پتلو هن مندر ۾ رکيو هو. ڪئپٽن ريڪس پنهنجي ڪتاب ٿر جي احوال ۾ لکي ٿو ته ويرا واه جو سوڍو سنوجي سنه

١٧١٦ع ۾ اهو پٿلو هتان ڪٽائي ويو ۽ بڪاسر وارو قلعو جو پاڻ جوڙايو هئائين، تنهن ۾ اهو پٿلو وڃي رکايو هوائين. سنوجي اهو پٿلو هڪ نم جي وڻ جي پاڙ ۾ پوري رکندو هو ۽ بارهين بارهين مهيني بڪاسر ۾ ميلو هٿائيندو هو. انهيءَ ميلي ۾ ماڻهن کان چڱي ڏڪٽا وٺي پوءِ هنن کي ناڪر جو درشن ڪرايندو هو. هڪ لڪاپنڻ واٺياٽيءَ کي انهي ناڪر جي درشن جي گهڻي پياس هئي، تنهن جڏهن نو هزار رپيا ڏنس تڏهن ناڪر جو درشن ڪرايائينس! اهڙي طرح سوڍي سنوجيءَ جهجهوئي ڏن ڪمايو. سنوجيءَ پوءِ اهو پٿلو هڪ گده (قلعي) ۾آٽي رکيو، جتي سال بسال ميلو هٿائيندو هو. بعضي اهو ميلو پالنپور رياست جي موروواڙا شهر ۾ هٿائيندو هو ته اتي جا ماڻهو ويراواه اچڻ جي تڪليف کان ڇٽن. موروواڙا ڏي اهو پٿلو نيندو هو، ته ان جي سنڀال لاءِ هڪ سئو سوار پاڻ سان ڪٽندو هو. انهيءَ ميلي تي لکين ماڻهو ايندا هئا. ڪيترا جوڳي به ڏاڍيءَ سڪ مان اتي اچي ناڪر جو درشن ڪندا هئا. اهڙي طرح موروواڙا ۾ ڪيترا ميلا لڳا، جن مان پوين ١٨٢٢ع ۾ لڳو.

سنه ١٨٣٢ع ۾ سنڌ جي ميرن جو هڪ ماڻهو انهن سوڍن ماريو. انهيءَ سال اهو پٿلو پونجاجي نالي هڪ نڪر جي هٽ ۾ هو. پونجاجي گرفتار ٿيو، پر سگهو ئي مري ويو، تنهن ڪري اڄ تائين ڪنهن کي به خبر ڪانهي ته اهو پٿلو ڪهڙي هنڌ پوريو هئائين. جين ڌرم وارا اڄ تائين ڪٿان جو ڪٿان اچي اهو مندر هر سال پيٽيندا آهن، جو هيءُ آستان تيرٿ جي جاءِ آهي.

گوريءَ جي نزديڪ هڪ يڪ سرو برج نهيل آهي جو "پوان آستان" سڏجي ٿو. نيئر (جوڌپور) جو راجا پولن، جو رانور نسل مان هو، سو ڏاڙيلن جي پنيان پيو هو ۽ انهيءَ هنڌ ڏاڙيلن ماريو هوس انهيءَ خون واري هنڌ اهو يادگار ١٧٤٣ع ۾ جوڙايو هئائون.

"ڪاروڙيان ڪٽي، ويڙهي جهپ ويا" (مارئي)

هن مصرع ۾ شاه صاحب مارئيءَ جي واتان چوائي ٿو ته منهنجا ماروئڙا ڪاروڙي مان لڏي ويڙهي جهپ ڏي ويا. ڪاروڙي جو ڳوٺ مارئيءَ جي ملڪ ملير جي پريان ننگر پارڪر تعلقي جي ڏکڻ ڏي ڪڇ جي رڻ جي ڪنڌيءَ تي آهي. شاهه صاحب ننگرپارڪر ۽ پوڏيسر مان ٿيندو، ڪاروڙي کان هلي، مارئيءَ جو ملڪ گهمندو ۽ گوري مندر ڏسندو ويڙهي جهپ ڏي ويو هو. هيءُ پنهنجي سفر جو ذڪر

ڪيو اٿس پر ظاهري رڳو مارئيءَ جو نالو ڪيو اٿس. اها ڳالهہ وِسهڻ ئي مشڪل آهي تہ مارئيءَ جا مائٽ ويجها وسيل پاسا ڇڏي ڪڏهن بہ ويڙهي جهپ جهڙي سڄي ڳوٺ ۾ ويا هوندا. تنهن ڪري مٿينءَ مصرع مان اهو ئي انومان ڪڍڻو پئي ٿو تہ پاڻ پاڻر جو ٿر لٿاڙي، ويڙهي جهپ ڏي ويو هو. انهيءَ سموريءَ واٽ جو جيڪو ذڪر ڪيو اٿس، سو خاص ڪنهن هنڌ بابت نہ آهي، پر سڄي ٿر جو عام احوال آهي، تنهن ڪري ان جو ذڪر پوءِ ڪبو. هت اول ويڙهي جهپ جو احوال ڏجي ٿو.

## (٣٣) ويڙهي جهپ

ويڙهي جهپ جو ڳوٺ ڏيپلي جي اتر الهندي طرف، ڏيپلي جي شهر ڪان ٽن ڪوهن جي مفاصلي تي آهي. ويڙهي جهپ وڃڻ لاءِ جهڏو گدام اسٽيشن تي لهڻو پوي ٿو، جتان ويهہ ڪوه ڪن پٽن جو پنڌ ڪري هتي اچجي ٿو. هيءُ هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي، جنهن ۾ پنج ست گهر نڪرن جا، چار پنج گهر ٻجيرن جا ۽ ٿورا گهر ڀيلن ۽ مينگهواڙن جا آهن. جملي ٽيهہ کن گهر ٿيندا. هن ننڍڙي ڳوٺ جو ناماچار پارو فقير جي ڪري آهي، جو شاهہ صاحب ڪان گهڻو اڳاٽو ٿي گذريو آهي. انهي قديم وقت ڪان وٺي هن جو ميلو لڳندو اچي. رسالي ۾ هن ڳوٺ جو نالو آيو آهي، تنهن مان سمجهجي ٿو تہ شاهہ صاحب ۽ جوڳي هن درويش جي درگاهہ جي زيارت ڪرڻ يا اتي جي ميلي ڏسڻ لاءِ ويا هئا.

پارو فقير، جنهن کي عام "پار برهم" چوندا آهن، سو اصل انجار جو شهر جو وينل هو. اُهو شهر ڪڇ ڀڄ ڏي آهي. هو ڪڇي برهمڻ هو. مٺڪن نالي هڪ سنياسيءَ ڪان آپديش وٺي يوگ ابياس ڪيائين ۽ سڄي عمر برهمچاري ٿي رهيو. هو پوءِ ويراڳ ورتي ڌاري رمتن جوڳين وانگر گهمندو، ڪڇ جو رڻ لتاڙي، سنڌ ۾ آيو ۽ هن ويڙهي جهپ جي ڳوٺ ۾ اچي رهيو، انهي وقت ۾ بہ هتي ڀيل رهندا هئا، جي اڄ تائين اڇوت ذاتين جي دفعي ۾ ليکجن ٿا. پارو فقير چوي ٿو تہ پنهنجي ذات پات جو ايمان ڌاري، اڇوت ذاتين ڪان جنهن ڇُو ڇُو ڪري پاسو ڪو سو انسان ڪهڙو؟ پاڻ برهمڻ ٿي هتي جي ڀيلن جي شيوا ڪرڻ لڳو!

ويڙهي جهپ جا ماڻهو ڏينهن جو ڪم ڪار ڪري ٿڪجي ٽنجي سمهي پوندا هئا تہ هي سيني جي گهرن جا پاٽيءَ جا دلا ڀري رکندو هو ۽ جهنگ مان ڪانيون ڪري پنهنجي مٿي تي کڻي، اهي بہ گهر گهر ۾ رکي ويندو هو. بعضي تہ ان بہ ڏري رکندو هون. هن جي اهڙي هلت خود ڀيلن کي تعجب ۾ وڌو. اهي چون تہ

ٻين هندن جو اسان سان پلؤ لڳي ته وجي ڪيڙن سوڌو سنان ڪن ۽ هي برهمڻ ٿي ڪري پاڻ نهل ٿو ڪري!

پارو فقير پوءِ موتي پنهنجي ملڪ ويو ۽ پنهنجي مائٽن کي چيائين ته آئون ويڙهي جهپ ۾ ديهي چڏيندس ۽ توهين منهنجي سمانڌ اتي جوڙائجو. ته مر ته ياد رهي ته ذات پات جي ڀيد ڀڄڻ جو آرنڀ اول اتي ٿيو هو. هو پوءِ مائٽن کي وٺي ويڙهي جهپ ۾ آيو ۽ يوگ آسڻ ۾ ويهي مائٽن کي چيائين ته هاڻ منهنجي مٿان مٽي ورايو ۽ جيئري ئي سمانڌ ڏيوم. اهڙي طرح هن جيئريئي سماڌ ورتي. اهو رواج جوڳين جو آهي. اها ساڳي سماڌ اڄ تائين آهي، جنهن تي هر سال جيٺ (مي- جون) مهيني جي پنجين تاريخ کان وٺي وڏو ميلو لڳندو آهي جو پندرهن سترهن ڏينهن سانده هلندو آهي.

ويڙهي جهپ جي ميلي جو نمونو ئي ا ر آهي. هتي نڪي پينگهون ۽ ملاکڙا، نڪي طائفا تماشا ۽ رانديون ٿين. هتي جا ڀيل جاتين لاءِ ڪچيون لانديون جوڙيندا آهن. جن جي چوڌاري لوڙهو ڏيئي ڇڏيندا آهن لوڙهي جي ٻاهران پندرهن ويهه هٽ کلن ٿا جتان هرڪا شيءِ ملي سگهي ٿي. باقي لوڙهي جي اندر جتي پائي وڃڻ جي به منع آهي.

ميلي وارن ڏينهن ۾ جاتي صبح جو سوبل اتي. سنان پاڻي ڪري، پوتي پنو پنوڪري ويهي پڙهن. صبح جا نو يا ڏه لڳن ته ڀڄن پاٺ شروع ٿئي ٿو جو ٻارهين بلڪه هڪ بجي تائين هلي ٿو. انهيءَ وچ ۾ ڪنهن سيٺ کي يگيه ڪرڻو هوندو ته راڏائو جانورن ۽ دال جون ديڳيون رڌي تيار ڪندا. هتي دال کي گهٽو ڪري "ڪيرٽي" چون. گهٽو ڪري ميلي جا سڀ ڏينهن برهم ڀوڄ ٿئي ٿو. جنهن ۾ هر هڪ کي ڪاڌو ۽ ڏڪٿا ڏين ٿا. ٻيهرن جو گهڙي ڪن اک لائي پوءِ اتي ڪتا ڪن، جا ڪلاڪ ڏيڍ هلي ٿي، ڪتا کان پو وري ڀڄن پاٺ ڪن، جو سنجها تائين هلي ٿو. ڏئي تي وٽ چڙهي ته سڀ جاتي زالين مڙسين وڃي سمانڌ وٽ ڪنا ٿين. اتي مهاديو جي آرتي ۽ استتي ڪندا آهن ۽ پوءِ روٽ ورهائيندا آهن. آرتي پوري ڪري پوءِ مانيءَ تڪر کائي وري ڀڄن ڪرڻ وهن. سڄي رات ڀڄن هلي ٿو. هتي جهڏي گدامر، جيمس آباد، ٽنڊي باگي، بدين، جاتي، سجاول ۽ ٻين هنڌن جا سيٺيون اچن ٿا. پارو فقير جي سمانڌ مٿان ڇت نهيل ڪانهي، جو هتي ڇت جوڙائڻ توڙي ٻئي ڪنهن به نات يا ادنبر ڪرڻ جي منع آهي.

سمانڊ ڪان ٿورو پري هڪ پٽ تي ميلي جي ڏينهن ۾ هڪ جار جي وڻ وٽان به تي لڳا جوت ڏسڻ ۾ ايندي آهي. جاتي چون ٿا ته اها ڪرامتي جوت آهي ۽ ازغيبي پيدا ٿئي ٿي. پڇا بعد معلوم ٿيو ته ويڙهي جهپ جا ڪي پيل نڪر جي ڪني کي ٽنگ ڪري ان ۾ ٻربل مچو وجهندا آهن جنهن جي روشنائي، پريان ڏسڻ ۾ ايندي آهي.

"ڳڙ جاٽي، ڳُڙ جي ڳوٺڙي جاٽي."

## (٣٤) پراڻ

"وٺـــا پٽ پراڻ جـــا، وٺـــيـــون ســـامـــاري،
ڪڪـــر ۾ ڪاري وجـــڙين پـــسـو وبس ڪيـــا." (ســارنگ)

پراڻ" پراڻي درياءَ جو نالو آهي. اڳي ڊورو نارو پراڻ ۾ اچي ڇوڙ ڪندو هو. هن وقت قليلي واهه حيدرآباد جي پريان هلي، ٽنڊي محمدخان ۾ بدين تعلقن کي آباد ڪندو هن پاسي پراڻ سان اچي گڏبو آهي، جنهن ڪري هتي مڇي ۽ ٻوراٽي جام ٿئي ٿي. گاهه پنو به ٿئي ٿو.

شاهه صاحب ويڙهي جهج کان ڏيپلي ۽ راحمڪي بازار مان ٿيندو پراڻ طرف آيو آهي. هيءُ لاڙ جو پاسو آهي تنهن ڪري سمجهجي ٿو ته هيڏي وڏي سفر ڪانپوءِ پنهنجن لاڙ وارن مائٽن کي منهن ڏيکاريندو پوءِ پنهنجي ڳوٺ ويو هو.

شاهه صاحب جي مڪيه سئرن جي ذڪر ڪندي جاٽايو ويو آهي ته هو پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ ڪربلا معليٰ جي زيارت ڪرڻ سانگي ونگ ولهار پرڳڻي مان ٿيندو اڳتي وڌيو، ته ڪنهن مريد وات نان موٽايس. هاڻوڪي ٽنڊي باڳي تعلقي جو هڪ ڳاگو ونگ ولهار سڏبو هو ۽ اهو ڏيپلي تعلقي سان لڳو بينو آهي. انهيءَ گهمري به شاهه صاحب کي پراڻ جو پنڌ لنگهڻو پيو هوندو. اهو سفر جيتوڻيڪ پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ ڪيائين، ته به ر اسين جڏهن پاڻ اچي پراڻ تائين پهتا آهيون تڏهن اتي ئي ان جو ذڪر ڪريون ٿا.

## (٣٥) ڪربلا ڏانهن ويندي

شاهه صاحب جي وقت ۾، بلڪه هن کان ڪيترا سئو ورهيه اڳي، جيڪي حج ڪرڻ ويندا هئا سي عام طرح ڪڇ ويندا هئا ۽ اتان وچي جهاز ۾ چڙهندا هئا. ڪڇ ملڪ ڪجهه وقت دهليءَ جي مغل بادشاهن جي تابع هو، جنهن ڪري ڪڇ جو راءُ ڪيترا سال دهليءَ جي بادشاهه کي ڏن ڀريندو هو. آخر جهانگير بادشاهه اهو

ڏن معاف ڪيس ۽ ان جي عيوض منس هيءَ فرمائش رکيائين ته دهليءَ ۾ ٻين پاسن کان جيڪي حاجي اچن، تن کي هر طرح جون سهوليتون ڏيئي جهاز ۾ چاڙهي چڙهن. اهي ۽ ٻيون ڳالهيون جي تاريخن ۾ جا ٽايل آهي سي ڏيکارين ٿيون ته اڳي سنڌ جا مسلمان ماڻهو به حج ڪرڻ لاءِ ڪڇ کان ويندا هئا. رسالي ۾ ڪڇ جي رڻ جي هڪ ڳالهه آهي، تنهن ڪري سنڌ ڏي موٽڻ کان اڳ رڻ جو چڪر هڻي پوءِ پنهنجي موٽنداسين.

## (٣٦) ڪڇ جو رڻ

ڪڇ جو رڻ ڏسڻ جهڙو آهي! اپرندي کان الهندي تائين اسي ڪوهن ۾، ۽ اتر کان ڏکڻ تائين سٺيهن ڪوهن ۾ سراسر هليو ٿو وڃي. سنڌ گزيٽئر مان معلوم ٿو ٿئي ته اڳي تر پارڪر طرف سمنڊ هو، جنهن جو منهن ڪڇ جي رڻ کان هو. پوءِ ڌرتيءَ ڌٻڻ ڪري حالتون ڦري ويون. اڳي سنڌوندي لکپت کان گهاري شيخاڻي تعلقي بدين طرف وهندي هئي ۽ ان ۾ دنگيون ۽ جهاز هلندا هئا. جي سنڌڙي توڙي راحمڪي بازار وٽ اچي پڳهه هڻندا هئا. مطلب ته هتي ڪجهه وقت کارو (سمنڊ) ۽ ڪجهه وقت منو (درياءَ) هو. هتي جي پاڻيءَ بابت تاريخن مان پڪا ڏس پتا ملن ٿا. عيسوي سنه کان سوا ٽي سئو ڪن ورهيه اڳي سڪندر اعظم هتان لنگهيو ته هتي چولين پئي چلڪا ڏنا! عيسوي ٻارهين صديءَ جي شروعات ۾ محمود غزنوي هتان ئي لنگهيو ته جنهن تنهن پئي دپ ڏنس ته هتي جون لهرون تنهنجو لشڪر لوڙهي ڇڏينديون. هتان شايد سگهو ئي پوءِ پاڻي سڪو آهي، جو سنه ١٣٦٢ع ۾ سلطان فيروز شاهه جي لشڪر ڪيتريون راتيون رڻ ۾ گهاريون پر هن جي ڏينهن ۾ نه هتي پاڻيءَ جو ذرو به ذڪر ڪونهي.

راحمڪي بازار وٽان بيهي رڻ ڏي نهاربو ته نهايت عمدو نظارو نظر ايندو. رڃ ڪنهن نه ڏٺي هجي ته هتي ڏسي. ڏاڍا رنگ ٿي ڪري! پريان پاڻ ته سچو پٽ پاڻيءَ سان ڀريو پيو آهي، پر ويجهو وڃي ڏس نه ڪوڙ جو مٺلو ڪوڙ! ڪڇ جو رڻ ڪنهن ڪنهن مهل اٿندو آهي. رڻ جو اٿڻ معنيٰ مٽي يا وڏي ڏيکاري ڏيڻ. جنهن مهل رڻ اٿندو آهي، تنهن مهل ننڍڙي شيءِ بلڪل وڏي ڏيکاري ڏيندي آهي مثلن پٽ ۾ ڇيٽو پيو هوندو ته پريان ائين پيو ڀائنبو ته ڪو ڏونگر ڏسڻ ۾ ٿو اچي. اوڏي مهل ڪو ماڻهو ان ٽي چڙهيل هوندو، ته پريان ائين پيو ڀائنبو ته ڪو راڪاس پيو اچي جنهن جي چوٽي آسمان سان پئي گسي! هلندڙ اٺ جي ٽنگن جو پاڇولو اهڙي ڏيکاري ڏيندو آهي جو جڻ ته ڪو زمين تان آسمان ۾ وڏيون شاهي تراريون هڪ

بئي پنيان تڪڙيون تڪڙيون پيو هٽي! جيڪڏهن رڻ ۾ ڪابہ پھر نہ هوندي ۽ پٽ بہ صفا پيو هوندو تہ پريان ائين پيو پاڻبو تہ ڪو وڏو جبل بيٺو آهي. جنهن جي اڳيان درياهہ پيو وهي! هن نڳٽي نماءَ کي "رڄ" چئبو آهي.

ڪڇ جي رڻ ۾ اڳي ڪيترا قلعا نهيل هئا، جن جا نشان اڄ تائين بيٺا آهن، رحمڪي بازار کان ڏيڍ ڪوهہ ڪن پري ڏکڻ ڏي اڳي "ڪانجي ڪوٽ" هو. ڪڇ جي راءَ جو صوبو ڪانجي نالي هتي رهندو هو، تنهن اهو ڪوٽ جوڙايو هو. شاهہ صاحب اهو ڏٺو هوندو، چاڪاڻ تہ اهو غلام شاهہ ڪلهوڙي جي ڏينهن ۾ ڊٺو هو.

راحمڪي بازار کان نو ڪوه پري ڏکڻ ڏي "سنڌڙي" نالي هڪ وڏو بندر هو. امپيريل گزيٽيئر ۾ جاڻايل آهي تہ ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ درياهي چورن هن پاسي رڻ ٻاري ڏنو هو، تنهن ڪري ڪڇ جي راجا رائڌون هتي اهو قلعو جوڙائي اتي چوڪيدار ويهاريا هئا. سنڌڙي وارو قلعو ١٨١٩ع واري زلزلي ۾ زبون ٿي ويو. ڪڇ جي رڻ ۾ ١٦ جون ١٨١٩ع جي ڌرتي ڌٻي، تہ سنڌڙي جي اتر ڏي پنجاه ميلن ۾ رڻ جي وچ واري زمين مٿي چڙهي آئي. ۽ ٻنهي پاسن کان ڌرتي اينرو هيٺ جهڪي وئي، جو ڊوبي بند ٿيڻ ڪانپوءِ اٿيل زمين هڪ وڏي بند مثل ٿي بيٺي. اهو بند ازغيبي نهيو تنهن ڪري ان جو نالو رکيائون "الله بند" يعني ڌڻيءَ جو پيدا ڪيل بند. اهو الله بند اڄ تائين بيٺو آهي.

راحمڪي بازار کان جيڪڏهن رڻ تي رڻ ڏيئي پڄ ڏي وجبو تہ سنڌڙي وارو طرف نہ ونبو، پر ڪانجي ڪوٽ کان "ونگر" نالي ڳوٺ ۾ وجي پوءِ مصريءَ واري ڪوهہ تي منزل ڪبي. اتان "ڪائوري" نالي ڳوٺ لنگهي اڳيرو ٿبو تہ ايندي "ٻني"، جو ڪيترن ڪوهن ۾ آهي. سڄي پٽ ۾ جتي پاڻ مرادو وڻ ٽڻ ۽ ٻوٽا پيدا ٿين تنهن کي ڪڇي لوڪ "ٻني" چوندا آهن. ٻنيءَ ۾ جيڪي ڳوٺ آهن تن مان "ٻنديارو" ۾ منزل ڪري پوءِ سومرا سر نالي ڳوٺ مان لنگهي، "ڪاري ندي" اڪري پڄ ۾ وجبو آهي. هيءَ آهي اها وات جتان شاهہ صاحب کي سندس ڪنهن مريد موٽايو هو. هوءَ پوءِ پراڻ لنگهي موٽي سنڌ ۾ آيو هو ۽ امامن لاءِ افسوس ظاهر ڪندي سر ڪيڏاري وارا بيت چيا هوائين "آرڻ ٻڌي ابڙي ٿي رڻ ۾ رڪ رئي" ڪڇ جي رڻ ۾ سلطان علاوءُ الدين خلجي ۽ ابڙي سمي جي وچ ۾ وڏي لڙائي لڳي هئي. دودي چنيسر جي قصي مان معلوم ٿيندو تہ چنيسر کي پڳ نہ ملي هئي تہ هو علاوءُالدين بادشاهہ کي وٺي آيو هو. ڪڇ جي رڻ ۾ راحمڪي بازار کان ٿي ڪوه ڪن پري "وڳهہ ڪوٽ" هو، جو سومرن جو تختگاهہ هو. انهيءَ ڪوٽ جو ويرانو شاهہ صاحب ڏٺو تہ انهيءَ لڙائي بابت بيت چيائين، جي رسالي جي سر بلاول ۾ ڏنل آهن.

# پاڳو چوٿون

# مارئيءَ جي ملڪ ۾!

## (٣٧) جيسلمير ڏي ويندي

شاهه جي رسالي ۾ اهڙو ڪوبه اشارو ڪونهي، جنهن مان سمجهي سگهجي، ته هو جوڳين جي سنگ ۾ جيسلمير ويو هو. پائنجي ٿو ته يڪي سر يا ٻين ڪن قافلن سان گڏ ايڏو وڏو سفر ڪيو هوائين. هن وقت جيسلمير وڃڻ لاءِ راحا واري گاڏي ۾ چڙهي، بارمير اسٽيشن تي لهڻو پوي ٿو، جتان جيسلمير سجا سرا پنجيتاليهه ڪوهه پنڌ آهي. هاڻ انهيءَ پاسي موٽرون هلن ٿيون، تنهن ڪري ايڏو پنڌ به گهڻو نٿو لڳائي، باقي اڳي انهي پاسي وڃڻ جهڙي تهڙي جو ڪم نه هو.

راجا واري گاڏي نهي، سا ڪلهه ڪلهوٿي ڳالهه آهي. آگسٽ ١٨٩٢ع ۾ حيدرآباد کان شادي پلي تائين ۽ سنه 1900ع ۾ شادي پلي کان جوڌپور تائين ريل گاڏي جاري ٿي. اڳي جڏهن آگ گاڏي ڪانه هئي، تڏهن حيدرآباد مان نئين قليلي وارو رستو وٺي تندي جام ۽ تندي الهيار ڏي وڃبو هو. تندي الهيار کان وٺي امرڪوٽ تائين رڳو واريءَ جا ڍڳ لڳا پيا هوندا هئا. هينئر٣ انهيءَ وات تي ميرپورخاص جو مشهور شهر آهي، پر اهو شاهه صاحب جي وقت کان گهڻو پوءِ جو نهيل آهي. اهو شهر سنه 1806ع ۾ مير علي مراد خان ٽالپر مانڪاڻي بڌايو هو ۽ 1900ع کان وٺي گهڻو وڌيو آهي. هينئر ميرپورخاص جا شهر سچ پچ ته به آهن، هڪ ميرپورخاص پراڻي، ٻي نئين. پر ٻئي شهر گڏيا پيا آهن، تنهن ڪري هڪڙي

ئي نالي سان سڏحن ٿا. شاه صاحب جي وقت ۾ اهو سمورو پاسو سڄو هوندو هو. قافلا اهو سڄو پٽ لتاري، امرڪوٽ ويندا هئا ۽ اتان گدڙي کان جيسلمير ۽ جوڌپور ويندا هئا. اها وات اڄ تائين قائم آهي. شاهه صاحب به اها وات ورتي هئي، تنهن ڪري انهي وات جو امرڪٽ کان وٺي بيان ڪجي ٿو.

## (٣٨) امرڪوٽ

اڄ ڪلهه جنهن شهر کي "عمرڪوٽ" سڏيو وڃي ٿو، تنهن جو صحيح نالو "امرڪوٽ" آهي. سيني اڳاٽين تاريخن تاريخ جهڙوڪ تاريخ فرشته، منتخب التواريخ ۽ ٻين ڪتابن مثلن ڪرنل ٽاڊ جي راجستان جي احوال ۾ صحيح نالو "امرڪوٽ" لکيل آهي. پائنجي ٿو ته ويجهڙائي ۾ ڪن ائين سمجهيو ته اهو شهر عمر سومري جو ٻڌايل آهي، تنهن ڪري "عمرڪوٽ" سڏجڻ جو رواج پيو. حقيقتون اهو شهر تڏهن ٻڌو جڏهن عمر سومرو اڃا ڄائو ئي ڪين هو. عمر سومرو عيسوي چوڏهين صديءَ ۾ ٿي گذريو آهي، پر تاريخن ۾ امرڪوٽ نالو ١١٥٦ع جي احوالن کان به اڳ جاٽايل آهي. امرڪوٽ تي امرسنگهه نالي هڪ سوڍي راجپوت جو نالو پيل آهي ۽ اهو "امرپور" به سڏبو هو.

امرڪوٽ وڃڻ لاءِ عام طرح ڇوڙ اسٽيسن تي لهبو آهي، جتان اهو شهر ڇهه ڪوهه پري آهي. ڪي ڏوري ناري اسٽيشن تي لهن ٿا، جتان سا ڍا ست ڪوهه پنڌ آهي. ڇوڙ ۽ امرڪوٽ جي وات تي ٿوريون ٿوريون ننڍيون پٽون آهن. ڪن هنڌ رستي جي ٻنهي پاسن کان ڳچ پنڌ پري نشيب واري زمين آهي، جا آبڪلاٽيءَ ۾ ٻوڏ هيٺ اچي ٿي. اتي ڍنڍون آهن، جن ۾ قسمين قسمين پکي ڏسڻ ۾ ايندا آهن، جنهن ڪري ڪيترا عملدار هن پاسي شڪار ڪرڻ ويندا آهن.

"ڪن اچي امرڪوٽ تان وسايا ولهار" (سارنگ)

ولهار يعني غير آباد زمين، جنهن ۾ جهنگلي وڻ ٽڻ ۽ ٻوٽا قدرتي طرح ايرن. اهي ولهار امرڪوٽ جي آسپاس آهن ۽ ڇوڙ واري رستي تان به ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

امرڪوٽ ۾ جيڪي ڏسڻ جهڙا هنڌ آهن، تن مان پهريون ۽ مکيه آهي "ڪوٽ" جو شهر جي منهن ۾ مارڪيٽ ٽوڙي اسپتال کي ويجهو آهي. اهو ڪوٽ ڪڏهن جڙيو سو احوال هينئر به ملي سگهي ٿو. ڪرنل ٽاڊ ڄاڻايو آهي، ته راجپوتانا ۽ سنڌ جي وچ وارين وڏين پٽن سان وارياسو ملڪ "مارو سٿل" يعني

موت جو تر سڏيو هو. انهيءَ سڄي ٿر جا والي اصل پرمار راجپوت هئا، جن پنهنجي حد ۾ جدا جدا هنڌن تي نو ڪوٽ جوڙايا هئا. جنهن ڪري مارو سٿل کي "نو ڪوٽي" به سڏيندا هئا. انهن نون ڪوٽن مان هڪ جيسلمير طرف لڊاٽي ۾، ٻيو روهڙيءَ جي ويجهو الور ۽ ٽيون مرڪوٽ ۾ هو. سنڌ گزيٽيئر مان معلوم ٿو ٿئي ته سنڌ ۾ جڏهن سومرن جي صاحبي هئي، تڏهن پرمار سوڍن راجپوتن سومرن کان امرڪوٽ کسي پنهنجي قبضي ڪيو هو. امرڪوٽ واري لڙائي سنه ١٢٢٦ع ۾ لڳي (جڏهن عمر سومرو اڃا ڄائو ئي ڪونه هو) هن مان به ڏسڻ ۾ ايندو ته امرڪوٽ جو شهر توڙي قلعو عمر سومري کان گهڻو آڳاٽا آهن.

حيدرآباد واري قلعي کان هيءُ ڪوٽ گهڻو ننڍو آهي، هن جون ڀتيون اونچائيءَ ۾ پنجٽيهه فوٽ کن ٿينديون. ڪوٽ جو مهڙ وارو پاسو، جتان اندر گهڙجي ٿو، اهو اڄ به چڱي حال ۾ بيٺو آهي. باقي ٻين ڪيترن هنڌان ڀتيون ڀڳيون پيون آهن. انهيءَ مهڙ واري پاسي ڪوٽ جي ڀتين تي ڪي اکر اڪريل آهن، جي جيتوڻيڪ سمجهڻ ۾ نٿا اچن ته به اينترو ظاهر آهي ته اهي ديوناگري اکرن جهڙا آهن ۽ انهن ۾ لاڪنائون به ساڳيون ديوناگريءَ واريون آهن، جنهن ڪري پڪ ٿئي ٿي ته اهي اکر هندن جا اُڪرايل آهن.

"منهنجي آهه اها، ڪڏهن ڪيرائيندي ڪوٽ کي."

هيءُ اهو ڪوٽ آهي، جنهن ۾ عمر سومري قهر ڪري ويچاري مارئي کي آڻي قيد ڪيو هو. مٿئين مصرع ۾ شاهه صاحب مارئي جي واتان چوائي ٿو ته منهنجي اندر مان جيڪا آهه ٿي نڪري سا ڪڏهن ڪوٽ کي ڪيرائي پورو ڪندي. جيڪس مارئي جي آهه اگهي آهي، جو هن ڪوٽ جون آڳاٽيون جايون ڪيترن ورهين کان پَٽجي پُٽي ويون آهن ۽ انهن جي بدران هاڻ مختيارڪار جي آفيس، ڊسٽرڪٽ بنگلو ۽ ٻيون جايون بيٺيون آهن.

ڪوٽ جي مٿان نَل تيءِ چڙهڻ لاءِ شاهي ڏاڪڻ ٺهيل آهي. هتي ميرن جي صاحبي جون ٽوريون توفون رکيل آهن، جي ڪم اچڻ جهڙيون ڪينهن. هڪ توف ته عجب اسرار آهي. ان جي چيڙي وٽ هڪ ننڍڙو سوراخ آهي، تنهن ۾ ڪک، تيلي يا سنهڙو ڏنڊڻ وجهبو ته اهو پاتيءَ سان پڄي نڪرندو! انهي سوراخ مان برسات جو پاڻي اندر ويندو هوندو ته عجب ڪونهي، پر اهو پاڻي ڪڏهن به سڪي نٿو تنهنجو سبب اڄ تائين ڪوبه سمجهي نه سگهيو آهي. شايد جنهن ڏانوءَ مان اها

توب نهيل آهي، تنهن ۾ اهڙي ڪا خاصيت آهي، جا پاڻيءَ کي سڪڻ نٿي ڏئي.

هندوستان جو هاڪارو اڪبر بادشاهه امرڪوٽ ۾ ڄائو هو. انهيءَ تواريخي ڳالهه جي يادگيري لاءِ ڳوٺ ڪيجراڙي تعلقي امرڪوٽ جي سيد مهر علي شاهه پنهنجي خرچ سان امرڪوٽ شهر جي ٻاهران اتر طرف هڪ يادگار ١٨٩٨ع ۾ جوڙايو هو، جو اڃا چڱي حال ۾ بيٺو آهي. انهيءَ يادگار تي اڪبر بادشاهه جي ڄمڻ جو سال ٩٤٣ هجري ڄاڻايل آهي. جا غلط ڳالهه آهي. لکندڙ ڇهن سالن جي چُوڪ ڪئي آهي. اڪبر بادشاهه رجب مهيني جي پنجين تاريخ هجري سنه ٩٤٩ ۾ ڄائو هو يعني هن جي جنم جي تاريخ ١٤ آڪٽوبر ١٥٤٢ع آهي. ڇا ڏجي اڪبر بادشاهه ۽ ڇا ڏجي هي خسيس يادگار! هئي نه ڪو عاليشان يادگار هن هر دلعزيز بادشاهه جي شان پٽاندر نهڻ گهرجي.

امرڪوٽ جي ٻاهران ميل سوا پنڌ تي "مومل جي ماڙي" جو ويرانو آهي. شاهه صاحب اها ماڙي چڱي حال ۾ ڏٺي هوندي ڇاڪاڻ ته ١٩١٠ع ۾ به اها گهڻي قدر سالم بيٺي هئي. اتي ڏاڪڻ نهيل هئي جنهن تان مٿي چڙهي سگهبو هو. ١٩٢٤ع ۾ ڏٺو ويو ته اها ماڙي اينتري قدر زبون ٿي وئي هئي جو سرون به پري اٿو ٿي ويئون هيس. اها ماڙي ڪئن جڙي، سو سمورو احوال مومل راڻي جي قصي مان معلوم ٿيندو. راڻي ميندڙي جو پڙو (دنل قلعي جو نشان) امرڪوٽ کان ست ڪوهه پري صوفي فقير جي ڳوٺ وٽ آهي.

امرڪوٽ واري قلعي ۾ هڪ ڪوهه آهي، چون ٿا ته راڻي ميندري کي همير سومري انهيءَ ڪوهه اندر هڪ هفتو بند رکيو هو. راڻو ميندرو مومل ماڻي آيو هو، پر همير سومري سان سچي نه ٿي ڪيائين تنهن ڪري بند ۾ رکيو هوائينس.

## (٣٩) ڪاڻر جو ٿَر

ٿر جو هڪ وڏو ڀاڱو "ڪاڻر جو ٿر" سڏجي ٿو. اهو ٿر هاٿوڪي ڪپري تعلقي جي ڳوٺ هٿونگي وٽان هلي، امرڪوٽ ۽ ڇاڇري تعلقن جو اتر وارو پاسو وٺي، وڃي جيسلمير ۾ بار مير جي وچ تي دنگ ڪري ٿو. امرڪوٽ جو شهر ڪاڻر جي ٿر ۾ نه آهي، پر ڇوڙ اسٽيشن جي پريان جيڪو وارياسو ڀاڱو ڪپري ۽ ڇاڇري تعلقن سان لڳو بيٺو آهي. سو ڪاڻر ۾ آهي. ساڳي طرح ڇاڇري جو شهر ڪاڻر ۾ نه آهي پر گڏڙي اسٽيشن کان وٺي ويندي ڇاڇري جي اڌ وات ناٺين، جنهي ڪين سر جو ڳوٺ آهي اهو پاسو، توڙي ڇاڇري تعلقي جو بيو اتر ايرندي وارو پاسو، جو

جوڌپور رياست سان لڳو بينو آهي، سو سمورو ڪاٿر ۾ آهي.

ڪنيـــــائون ڪـــــاٿر ڏي ســـــاري هاج هنئـــــان،
لائي لڌ لطيف چـــــئي پرئين ٿـــــر ٿـــــيـــــا،
چـــــڏي ڳُڻ ويا، مـــــاروئڙا مليـــــر ۾.

مارئيءَ جو ملڪ ملير بہ ٿر ۾ آهي پر اهو گڏڙي اسٽيشن کان اٿيهہ ڪوهہ ڪن پري آهي، تنهن ڪري "ڪاٿر" کي شاهہ صاحب مٿين بيت ۾ "پريون ٿر" سڏيو آهي. مارئي جي ملڪ کي "پاٿر" جو ٿر ويجهو آهي ۽ ان جو ذڪر اڳيئي ڪيو ويو آهي.

عيسوي ٻارهين صديءَ جي آخر ڌاري اهو ڪاٿر جو ٿر رانوڙن جي هٿ ۾ هو، تنهن ڪري اهي اڄ تائين "ڪاٿر يا رانوڙ" يعني ڪاٿر جي ٿر وارا رانوڙ سڏجن ٿا. رانوڙن مان جن ڪاٿر ۾ راڄ ڪيو تن مان هاڪارو راجا رنمل هو، جنهن جو نالو رسالي جي سر ڍول مارئي ۾ ڪم آيل آهي.

"ڍولپور نرور سيريين راجا رنمل رليو."

تيرهين صدي ڌاري ڪاٿر جو ٿر رانوڙن کان سوڍن راجپوتن کسيو ۽ ڪي صديون اتي راڄ ڪيائون. انهيءَ هندڪي راڄ جو اثر اڄ تائين ظاهر آهي. ٻين هنڌ هندن ۽ مسلمانن کي سولائي سان پرياڻين سڃاڻي سگهجي ٿو، پر هتي ائين سڃاڻڻ مشڪل آهي. هتي هندن توڙي مسلمانن جي پوشاڪ هڪ جهڙي آهي. مردن کي اچي يا ڳاڙهي ڪپڙي جي پٽڪي مٿي تي، انگرکو بت تي ۽ لوئي هيٺان. زالن کي چُني مٿي تي ۽ ڪچي نموني جو پيشگير. هندو توڙي مسلمان نياڻين کي پوتي بدران لوئي مٿي تي ۽ ٽنگن ۾ بہ لوئي. ڪيترا ڀار بت توڙي مٿو اگهاڙو ڪري گهمن باقي سنهي ننڍڙي لوئي هيٺان ڪري، گڏ ٻڌي چڙهن. هندو توڙي مسلمان ڏاڙهي رکائين ۽ مسلمان مڇون ڪونہ ونائين. ٻولي بہ سڀ ڍاٽڪي ڳالهائين. مطلب تہ هندن توڙي مسلمانن جي وچ ۾ ظاهري ڪوبہ تفاوت ڪونهي.

ڪاٿر توڙي سڄي ٿر ۾ اُٺن جو ڪم مينگهواڙ ڪندا آهن ۽ چم جو ڪم بہ اهي ڪن ٿا. مينگهواڙن جي پاڙن ۾ گهڙبو تہ ڏسڻ ۾ ايندو تہ ڪي ڪتنا تہ ڪي ڪاهيون، ڪي لويون تہ ڪي ڪمويون ويٺا جوڙين. شاهہ صاحب جي ڏينهن ۾ بہ ائين هو، تنهن ڪري سر مارئيءَ ۾ چيو اٿس تہ:

"جت ڪرڙ، ڪتنا ۽ ڪاهيون، پال پڪا ۽ پڪ."

ٿر ۾ مينگهواڙ سياري ۾ گهٽيون کٿيون جوڙي وڪري لاءِ رکن، باقي اونهاري ۾ رڳو کپ آهر جوڙين ڇاڪاڻ ته گرم موسم ۾ چوٽ (ڏٿو) نالي هڪ جيت اهي ٽُڪيو ڇڏي.

کٿن ۽ لوين جوڙڻ جو رواج ٿر ۾ گهٽ هنڌ آهي، پر ايترو چئبو ته ڪيري تعلقي کان ڇاڇري تعلقي جي هن ڪاڻ واري پاسي کٿا صد بار سنا ۽ سهڻا جوڙين ٿا. شاهه صاحب کي به ڪاڻ جون کٿيون گهڻو پسند آيون هيون ۽ انهن جي ساراهه هينئين سٽن ۾ ڪئي اٿس:

ڪـــائر کـــٿـــيـــون خـــاصـــيـــون اُجي ات اچن،

ڪديو پيڻ ڪهن، مليـــر گـــهـــرجي مـــارئي.

پهرين مصرع ۾ هڪ مکيه ڳالهه، جا شاهه صاحب ڄاڻائي آهي، سا هيءَ آهي ته مارئي ملڪ مليـر يعني ننگرپارڪر پاسي کٿا اڪثر ڪونه نهندا آهن، پر ڪاڻ مان اچي اتي وڪامڻ ايندا آهن. ٻي مصرع ۾ آهي "پيڻ" جي ڳالهه "پيڻ" آهي. پيڃي جا کٿن ۽ لوين کي ڪلف ڏيڻ لاءِ هٿندا آهن. پيڻ لڳل لوئي يا کٿو ونبو آهي ته ان کي مهٽو ڏيئي پيڻ ڪڍي ڇڏبي آهي نه ته ان جي بانس تي ڪُئو اچي لڳندس ۽ ٽڪي پورو ڪندس. ٿر ۾ گهمندي شاهه صاحب شايد ماڻهن کي کٿين مان پيڻ ڪيندو ڏٺو هو تنهن ڪري انهي ڳالهه جو به ذڪر ڪيو اٿس. مطلب ته ڪيتريون سنهيون سنهيون ڳالهيون جي ڪو رواجي سيلاني شايد نه به ڄاڃي سي هن مڙس ڄاڃيون آهن ۽ پوءِ عمدي نموني اهي پنهنجي ڪلام ۾ ڄاڻايون اٿس.

گدڙي ۽ بارميـر جي وچ ۾ ڏونگري ٽڪر جي هڪ شاخ مٿان ڪرڙا نالي ڳوٺ آهي، جنهن جي نزديڪ سنڌ جي هڪ قديم شهر جو ويرانو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، اتي جي ڪن مندرن جي ڪاريگري نهايت عجيب آهي.

## (40) **جيسلمير**

جيسلمير جو شهر ٽن ٽڪرين جي وچ ۾ آهي ۽ چوڌاري "پنو" (عالم پناه) ڏنل اٿس. شهر جي وچ ۾ راجگڍهه يعني راجا جو قلعو آهي، جنهن کي نوانوي برج آهن. سڀ سرڪاري ڪاروبار انهيءَ قلعي اندر هلي ٿو. قلعي جي اندر نهايت عمدو راج محل آهي جنهن جي مٿان سوني جنني ڪنل آهي. اها شاهاڻي شان شوڪت جي نشاني پريان ئي ڄاڻائي ٿي ته هي راجا جو محلات آهي. هتي راجا کي "راول" چون.

جيسلمير جا راول جادو ونسي ڪل مان آهن. مهاڀارت واري زماني ۾ جادونسين جو پاڻ ۾ وڏو تڪرار ٿيو هو جنهن ۾ هزارين جادوونسي اقت مري ويا هئا. انهن مان جيڪي ٿورا بچيا سي پوءِ راجپوتانا جا پٽ لتاڙي پرپرو ويا. انهن مان "گج" نالي هڪ جادو پنهنجو شهر بڌو جو سندس نالي پنيان "گجني" سڏجڻ لڳو ۽ هاڻ عام طرح اهو "غزني" ڪونجي ٿو. گج کي پوءِ خراسان جي حاڪم ماريو ۽ سندس ماڻهن کي ڀڄائي اهو شهر پنهنجي قبضي ڪيائين. هي جادو ونسي پوءِ پنجاب ڏي ويا. ان وقت سندن راجا "ساليواهن" هو جنهن هڪ نئون شهر بڌي اهو پنهنجي گاديءَ جو هنڌ ڪيو، جو هاڻ سيالڪوٽ سڏجي ٿو. انهيءَ زماني ۾ هن پاسي "ساڪ" يعني سٿين لوڪ زور هئا، جي هن کي سامهون پيا. راجا ساليواهن انهن ساڪ لوڪن کي ملتان کان تيهه ڪوهه پري ڪاهرور جي نزديڪ اهڙي سخت شڪست ڏني جو سندن ماڻهن کيس لقب ڏنو "ساڪاري" يعني ساڪ لوڪن جو "اري" (دشمن). هن وڏي سوڀ جي يادگيري قائم ڪرڻ لاءِ انهيءَ مهاڀاري لڙائي واري سال (٧٨ع) کان ساليواهن جو "ساڪ" يعني سنبت شروع ڪيائون جو اڄ تائين هلندو اچي.

راجا ساليواهن جي پوٽي جو نالو "ڀٽي" هو، جنهن جو اولاد هتي جا ڀٽي راجپوت آهن. انهن ڀٽي راجپوتن ڪيترين صديون پنهنجو راڄ وڃائي ڪيو، پر پوءِ عيسوي اٺين صدي ۾ ڏکڻ ڏي هٽندو پين ۽ ستلج ندي اڪري رڻ پٽ ڏي رڙهيا. هنن پهريائين تنوٽ ۽ پوءِ بهاولپور جو شهر پنهنجي گاديءَ جو هنڌ ڪيو. سنه ٨٥٣ع ۾ سندن حاڪم ڏيوراج نالي هڪ ڀٽي راجپوت هو. هيءُ پهريون حاڪم هو جو "راول" سڏجڻ لڳو. هن بهاولپور ۾ هڪ قلعو جوڙايو جو سندس نالي پنيان "ڏيوگڙهه" سڏجڻ لڳو پر هاڻ بهاولپوري ان کي عام طرح "ڏيوراوار" توڙي "ڏيراوار" سڏين ٿا. ڪن سالن کان پوءِ (شايد محمود غزنوي جي ڪاهن وقت) هو بهاولپور ڇڏي هاڻوڪي جيسلمير طرف ويا. جيسلمير ڏي عام طرح ويندا هئا، جو ٻنهي شهرن جي وچ ۾ شاهي سڙڪ نهيل هئي جا اڄ تائين آهي.

جيسلمير جو شهر جيسل نالي هڪ ڀٽي راجپوت سنه ١١٥٦ع ۾ ٻڌو ۽ اتي قلعو به جوڙايائين، پر پوءِ علاوالدين بادشاهه جي لشڪر اهو قلعو اڏائي، سڄو شهر جلائي پورو ڪيو. انهيءَ اڳئين شهر جو ويرانو اڄ تائين هاڻوڪي جيسلمير جي شهر ۾ ظاهر بينو آهي، جنهن مان سمجهجي ٿو ته شهر اڳي تمام وڏو هو. اهو

اصلوڪو شهر ڪيترا سال ويران پيو هو، پرپوءِ سنه ١٦٥١ع ۾ سبل سنگهه نالي هڪ پتي راجپوت پنهنجي وڏن جا وسائل پٽ وسايا ۽ شهر جو اهو ئي اڳيون نالو قائم ڪيائين. هي آهي اهو شهر جنهن ۾ اسان جو هاڪارو سنڌ جو شاعر شاهه عبداللطيف پنهنجا پير گهمائڻ آيو هو.

## (۴١) لُڊاڻو ۽ ڪاڪ

جيسلمير کان پنج ڪوه پري الهندي طرف هڪ نهايت قديم شهر آهي، جنهن کي "لذرو" سڏين ٿا. ان جو بگڙيل اچار "لڊاڻو" آهي. امرڪوٽ جي احوال ڏيندي اڳي ئي ڄاڻايو ويو آهي ته اڳاتن راجپوتن نوڪوٽ جوڙايا هئا، جن مان هڪ لُڊاڻي ۾ هو. جيسلمير جو شهر ١١٥٦ع ۾ وسيو، پر تنهن کان اڳ اهي ماڻهو رهندا ئي هتي هئا. مومل جي ڏينهن ۾ توڙي هن کان ڪيترا سال پوءِ به هيءُ شهر چڱو وسيل هو، جنهن جي ساک لڊاڻي جون هاٺوڪيون جايون به پرين ٿيون.

"ڪاڪ ڪڙهي وڻ ويا، لونو لڊاڻو" (مومل راڻو)

هيءُ شهر هاڻ اجهاڻو وساڻو پيو آهي. هتي ڪيتريون جايون جڙيون بيٺيون آهن، پر اهي گهڻو ڪري سڀ خالي آهن.

"لڊاڻيان لطيف چئي، لڏيو لوڏيئڙن."

هنن جاين جا مالڪ ڪي جوڌپور ته ڪي بين پاسي لڏي وڃي ويٺا آهن ۽ ڪڏهن سانگي سان هن پاسي ايندا آهن.

لڊاڻي ۾ جين ڌرم وارن جو هڪ نهايت عاليشان مندر آهي، جو قابل ديد آهي. انهي مندر جي سنڀال لاءِ هتي به ٽي جٽا رهن ٿا، جي هن شهر جي اڳاتي اوج جون عمديون ڳالهيون ٻڌائين ٿا. شاهه صاحب هتي آيو هو، تنهنجي ثابتي هيٺين مصراعن مان ملي ٿي:

ڪرها ڪارڻ ڪاهه، توکي ڏٺين ذاريو،
ساري ڏج سيد چئي، لڊاڻي تان لاهه.

بي مصرع ۾ ان کي چيو اٿس ته لڊاڻي تان لاهه سنڀالي ڏج. اهو هن ڪري چيو اٿس جو هيءُ شهر ٽڪري تي ٻڌل آهي جنان ضرور سنڀالي هيٺ لهڻو پئي ٿو.

لنءُ لڊوڻي، ڪنڌئين اميو آهي،
وجون جي ڪاهي، ته نکون پسون نينهن جون.

هيءَ ٻيو پورو ءِ پڪو ڏس پتو ڏنو اٿس. ڪاڪ جي ڪنڌي، لڏاڻي جي ڪنڌي ءِ ڪاڪ جو ڪنارو ساڳي ڳالهه آهن. شاهه صاحب سر زمين تي ويو هو، تنهن ڪري ئي ڪاڪ جي ڪناري بدران "لڏيوتي ڪنڌئين" لفظ ڪم آندا اٿس. مومل هن لڏاڻي واري ٽڪري جي هينان ڪاڪ جي ڪنڌيءَ تي رهندي هئي.

ڪاڪ هڪ ندي يا نئءِ آهي، جنهن جو منهن جيسلمير ڪان ساڌا اٺ ڪوهه پري، ڳوٺ ڪوٽڙيءَ وٽان آهي. اها نئءِ پهريائين اتر ڏي هلي، پوءِ الهندي ڏي لڏاڻي طرف رخ رکي ٿي. برساتي موسم ۾ بعضي اهڙو ڦوڪجي وهندي آهي، جو گهٽا گهمرا الهندي بدران سر اتر ڏي هلي ويندي آهي. انهيءَ پاسي هاڻ بند ڏياري ڇڏيو اٿن، جنهن ڪري پاڻي اڳيرو نٿو وڃي، پر اتيئي بند وٽ روڪجي بيهي ٿو. مومل ويچاريءَ سچ ٿي چيو ته:

مومل مئي ڪان پوءِ ڪنگ رڙندا ڪاڪ تي.

هينئر ڪاڪ تي سچ پچ ڪنگ پيا رڙن يعني اتي ڪنگوراڙ (رڄ) لڳي پئي آهي. ٿورو پريرو پنيون ساوڪ لاءِ بيٺيون آهن، جي پر وارن ڳوناٺن جون آهن، باقي هتي اڄو الله، ڳاڙهو رسول!

لڏاڻي جي اتر طرف ڪاڪ جي ڪنڌيءَ تي هڪ پٿر جي عمارت جا نشان بينا آهن، جنهن کي عام طرح "مومل جي ميڙي" (ماڙي) سڏين ٿا. هن وقت پٿر جي پٽ بيٺل آهي، جنهن جي آڌار تي ٿورو ڇت ٽڪر بيٺو آهي. انهيءَ ماڙيءَ تي اڳي کهڙو ڪاريگريءَ جو ڪم ٿيل هو، تنهن جو نشان شايد شاهه صاحب جي ڏينهن ۾ به موجود ڪونه هو.

"ڪاڪ ڪڙهي، وڻ ويا، بربا رنگ رتول."

# پاڱو پنجون

# ٿر جو احوال

## (۴۲) ٿر جا پاڱا

ڍٽ ڍري پٽ پيهون پاسي پارڪر (سارنگ)

ٿر جا طبعي پاڱا ٻه آهن، هڪڙو ڍٽ يعني ٿر يا واريا سو ملڪ، ٻيو پٽ يعني ڌاڍي زمين وارو ملڪ. مٿين مصراع ۾ شاهه صاحب پوريءَ ريت ڄاڻايو آهي ته ڌاڍي زمين پارڪر پاسي آهي. مطلب ته "ٿر" جدا ۽ "پارڪر" جدا آهن، پر ملڪي انتظام جي سهوليت لاءِ اهي ٻئي پاڱا گڏي، سڄي ضلعي کي "ٿرپارڪر" نالو ڏنو اٿن. حقيقتون چوڻ گهرجي "ٿر ۽ پارڪر".

ٿر جي جدا پاڱن تي اڳي جدا جدا نالا هئا. جي رسالي ڪانسواءِ ٻين ڪنهن ٻه سنڌي ڪتاب ۾ ڄاڻايل ڪينهن، تنهن ڪري انهن جو ذڪر ڪجي ٿو.

"هن منڊ مارو سڙا ڪاڻر ۾ خوشحال."

ٿر جو هڪ وڏو پاڱو "ڪاڻر جو ٿر" آهي، جنهن جو اڳيئي ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ ان جون حدون ڄاڻايون ويون آهن.

"سنيءَ سبئي ساريا جي ٻاڻر جا پنوهار" (مارئي).

ٿر جو ٻيو پاڱو "ٻاڻر جو ٿر" سڏجي ٿو، جو ڪڇ ۽ سنڌ جي وچ ۾ آهي. اهو ٿر ننگر پارڪر ۽ منهي تعلقن جي ڏاکڻي طرف رڻ سان لڳو ٻيٺو آهي.

سهسين سيبا ڪنجري لوٺي ليز ٿيام،
اباڻن جي آسبري ڪني ڪانه ڪيام،
جا ڍٽ ڍڪيام، تنهن جو پرور ٻن رهائيين. (مارئي).

ڊٽ معني ٿر يا وارياسو ملڪ، پر حقيقت ڪري اهو بہ ٿر جي هڪ ڀاڱي جو نالو آهي ۽ ان جون حدون هن طرح آهن: اتر ڏي بهاولپور، روهڙي ۽ خيرپور رياست جو واريا سو ڀاڱو، ڏکڻ ڏي ڏيپلي تعلقي جي ڳوٺ ٻلهياري تائين رڻ جي ڪس (دنگ سان، اڀرندي ڏي جوڌپور رياست جي سرحد ۽ الهندي ڏي نواب شاهہ ۽ حيدرآباد ضلعن جي ڏاڍي زمين واري حد ٿورن لفظن ۾ هن طرح چئبو تہ ڪاٺر آهي ٿر جي اتر ڏي، ڀاٽر آهي ڏکڻ ڏي ۽ انهن ٻنهي ٿرن جي وچ وارو واريا سو ڀاڱو "ڍٽ" سڏجي ٿو. ڍٽ جي حد وڏي آهي تنهن ڪري ٿري ماڻهن ان جي جدا جدا ٽڪرن تي ڌار ڌار نالا رکيا آهن. مثلن ڏيپلي تعلقي جو ڳچ ڀاڱو ۽ مٺي تعلقي جو ٿورو ڀاڱو، انهن ٻنهي کي گڏ "سامروٽي" چون ٿا. رسالي ۾ اهو نالو جاٽايل ڪونهي، پر ويڙهي جهپ جو ڳوٺ جو سامروٽي ۾ آهي، تنهن جو نالو ڏنل آهي ۽ ان جو ذڪر مٿي اڳيئي ڪيو ويو آهي.

ٿر جي الهندي طرف وارو ڀاڱو، جنهن جي سنڌ ڏانهن مهڙ آهي، تنهن کي ٿري ماڻهو عام طرح "مهڙاڻو" يا "مهڙ" (موهڙي) سڏين ٿا.

"موهڙي ماروئڙن کي واحد ڏبج وسي" (مارئي)

هن مصرع ۾ شاهہ صاحب مارئي جي واتان چوائي ٿو تہ نہ رڳو ٿر ملڪ وسي، پر ٿر جو مهڙاڻو يعني سنڌ وارو ٻاسو (ننڊوباگو، بدين تعلقا وغيره) بہ وسي. مطلب تہ هتي پنهنجي سنڌ ملڪ لاءِ ڏٺيءَ ڪان دعا گهري اٿس، جا ڳالهہ سندس وطن دوستي جو ثبوت ڏئي ٿي.

"ٿر ٿر اندر ٿاڪ عمر ماروئڙن جا" (مارئي).

ٿر ۾ ڪنهن هنڌ هڪ بہ کوهہ ڪٽي، پوءِ ان جي آس پاس ننڍا ننڍا ڳوٺ، پاڻيءَ جي سهنج ڪري ٻڌي وهن تہ انهن سڀني ڳوٺن کي بہ گڏي "ٿر" چون. ٿر ۾ جڏهن سوڍن جي صاحبي هئي، تڏهن "ڍٽ" جي گاديءَ جو هنڌ امرڪوٽ هو ۽ ٻين هنڌ سنڌن صوبا ڪاروبار هلائيندا هئا. هر هڪ صوبي جي هٿ هيٺ پنڌرهن ويهہ ٻلڪ وڏيڪ ٿر هوندا هئا ۽ اهو سمورو هن جو راڄ ليکبو هو. اهڙي طرح هر هڪ مکيہ ٿر جا ننڍا ڀاڱا بہ "ٿر" سڏبا هئا. مٿين مصرع ۾ مارئي چوي ٿي تہ هر هڪ ٿر ۾ منهنجن ماروئڙن جا ٿاڪ (ماڳ) آهن.

## (۴۳) ٿر جون پٽون

"پٽن پر هوندا، ٻنگا پڙپٽار جا" (مارئي)

سنڌ گزيٽيئر مان معلوم ٿو ٿئي ته ٿر ۾ اصل سمنڊ هو، جنهن جو منهن ڪڇ جي رڻ ڏي هو. ڌرتي ڌٻڻ ڪري حالتون ڦري ويون ۽ سمنڊ جي نشاني هاڻوڪيون پٽون آهن.

هن وقت ٿر ۾ جيڏانهن وڃ تيڏانهن پٽون ئي پٽون. هڪڙي پٽ لهه ٻي چڙهه، پوءِ هلندي آهن حال! شاباس ٿري انن کي آهي جي ڪوڙ ڪائين سچ ڪمائين. سنڌي ان ٿر ۾ ٿورائي ڏينهن پٽن جي لهه چڙهه ڪري ته جيڪر پنڌ ڪرجي پوپس.

پٽن جي هڪ مکيه ڳالهه جا گهٽو ڏيان ڇڪي ٿي، سا هي آهي ته گهٽو ڪري سيني پٽن جو منهن اتر اڀرندي آهي ۽ چيڙو ڏکڻ الهندي ڏي اٿن. ٿر ۾ بيشمار پٽون آهن، پر انصاف ٿري ماڻهن جا ٻه نه وڃائبا جو هر هڪ پٽ تي نالو رکيو اٿن. اهي نالا به بلڪل پورن سڀني سان ۽ نه رڳو ڏُکي بازي تي رکيا اٿن. مثلن امرڪوٽ شهر جي پريان ڇاڇري واري رستي تي هڪ پٽ جو نالو آهي "مورلڪ" . چون ٿا ته جڏهن مارئي کي سندس مڱيتو کيت سڀ پنهنجي ماڻهن جي مدد سان امرڪوٽ مان لڪ چوريءَ وني ويو، تڏهن عمر سومرو پنهنجي "مور" نالي هڪ گهوڙي تي چڙهي، هن جي پنيان پيو هو. جڏهن هن پٽ تي گهوڙو چڙهيو، تڏهن اهڙو سهڪيءَ ۾ پرجي ويو جو اتي ئي مري ويو، جنهن ڪري عمر سومرو اڳتي وڌي ڪين سگهيو. عمر کي پوءِ سندس دائيءَ ٻڌايو ته تو نندي هوندي مارئيءَ جي ماءُ جو کير ڌاتو هو. انهي ڳالهه ٻُڌڻ کانپوءِ عمر هن جي پنيان پوڻ جو خيال بنهه لاهي ڇڏيو. هتي مور نالي گهوڙو مئو، تنهن ڪري هي "مورلڪ" سڏجي ٿو. "لڪ" معنيٰ جبل يا پٽ جو گهاٽ، جنان لنگهڻ جي واٽ هجي، پر ٿر ۾ عام طرح "پٽ" کي "لڪ" سڏيندا آهن. مور لڪ وٽ هاڻ ڪنهن مور پکي پاليا آهن، جنهن ڪري اهو نالو هاڻ هيڪاري نهي ٿو.

امرڪوٽ تعلقي ۾ نبي سر نالي ڳوٺ آهي، جنهن جي نزديڪ "ان لڪ" آهي. هڪ ان انهيءَ پٽ مٿان چڙهندي سهڪي سهڪي مري ويو هو تنهن ڪري اهو نالو رکيو اٿن.

ڏيپلي تعلقي ۾ "بانهياري" نالي هڪ پٽ آهي. ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ مائي سنئين مهني هئي، تنهن کي سندس ڏير ڇيو ته ٻه ڏلا پاڻيءَ جا پربل مٿي تي ڪٽي

هن پٽ جي چوٽيءَ تائين چڙهي ڏيکار ته آئون توکي ٻانهين پائيندس. هوءَ مائي شرط ٻڌي دلا ڪٽي مٿي چڙهي پر چوٽيءَ تائين پهچڻ کان اڳ سهڪي سهڪي ساهه ڇڏيائين. انهيءَ سبب هن پٽ تي "ٻانهياري" يعني ٻانهينءَ واري مائيءَ جو نالو پيو.

ڏيپلي تعلقي ۾ هڪ پٽ تي جت رهن ٿا، تنهن ڪري اها "جتن واري پٽ" سڏجي ٿي. هڪ پٽ مٿان ڪلهوڙن جو ڪو ماڻهو ماريو هو، يا خود ڪلهوڙن جي ماڻهن ڪنهن کي ماريو هو، تنهن ڪري اها "ماري واري پٽ" سڏجي ٿي، چاڪاڻ ته اتي مارا ماري ٿي هئي. اهڙي طرح سڀني پٽن تي پورا پورا نالا ناهي رکيا اٿن.

ٿر ۾ نه رڳو پٽ پٽ تي نالو رکيل آهي، پر پٽ جي هر هڪ ڀاڱي تي به نالو رکيو اٿن، جنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ جو چڱو واڌارو ڪيو اٿن. اهي لفظ ڪنهن به ڊڪشنريءَ ۾ جاٿايل ڪينهن، تنهن ڪري انهن جو ٿورو ذڪر ڪجي ٿو.

سڄ ايرڻ سان پٽ جي جنهن پاسي تي اس جو تڙڪو پوي تنهن کي "تڙڪول" يعني تڙڪي وارو پاسو چوندا آهن. سڀني پٽن جو منهن اتر ايرندي آهي تنهنڪري اس جو تڙڪو انهيءَ مهڙ واري پاسي پوي ٿو. انهيءَ مهڙ واري يا اڳين پاسي جي هيناهين ڀاڱي کي "ٻڪر" ۽ مٿين ڀاڱي کي "مٿاري" چوندا آهن. پٽ جو پنيون ڀاڱو تنهن کي "گوچار" چوندا آهن، چاڪاڻ ته اهو گوشي تي يعني پاسيرو آهي ۽ انهيءَ پنين ڀاڱي جو چيڙو يا پڇاڙي، تنهن کي "پوڇاندو" يعني پڇ چوندا آهن. هنن لفظن ۾ هيءُ خيال رکيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته هر هڪ پٽ کي گويا واري جي چادر اوڍيل آهي. رئي يا چادر جو اڳيون پاسو، جو زالون ڪلهي تي ورائي وجهنديون آهن، تنهن کي چئبو آهي "ٻڪر" پيشانيءَ وارو پاسو "مٿاري" ۽ رئي يا چادر جو پلئو جو پنيان پيرن تائين لٽڪي ٿو سو "پوڇاندو" چئبو.

جيڪڏهن ڪنهن جي ٻني ڪنهن پٽ جي ٻڪر ۾ هونديءَ آهي ته ان کي "ٻڪر واري" سڏين. جيڪڏهن نار يا ڪنڊي جو وڻ ٻنيءَ جي وچهو هوندو آهي ته انهيءَ ٻنيءَ کي "جار واري" يا "ڪنڊي واري" سڏين. مطلب ته ٻنين تي به ائين نالا رکيا اٿن.

ڪي پٽون اهڙيون آهن جن کي ٻڪر ٻنهه ڪانهي. هن جو سبب هي آهي جو انهن جي ٻڪر ڍڪجي وئي آهي جنهن ڪري ٻنهين پاسي پوڇاندا اٿن.

"سانيڪا" ۽ "سنيون" آهن.

"سانيڪو" يا "سانيڪو" معنيٰ سڻ پره اونهو کوهه. "پره" لفظ اصل ۾ آهي، سنسڪرت "پرش" معني ماڻهو. "سانيڪو" معنيٰ سڻ مڙس جي ڊيگهه جيترو اونهو کوهه. پره" لفظ کي هڪ خاص معنيٰ به ڏني اٿن. ٻئي ٻانهون کولي ٻيهڻيون ته هڪ هٿ جي چيچڙي کان وٺي ٻئي هٿ جي چيچڙي تائين جيڪا ماپ ٿيندي، تنهن کي به "پره" چئبو آهي. اها به مڙس جي ماپ جيتري اچي ٿيندي، پر حسب جي سولائي لاءِ عام طرح "پره" ۾ پنج فوٽ ليکيندا آهن. هاڻ چڱي طرح سمجهڻ ۾ ايندو ته "سانڪيا" معنيٰ ٿي سٺو فوٽ اونهو کوهه. سچي ٿر ۾ سانيڪا رڳو گدڙي طرف آهن. اهو ڪنڌ جو ٿر آهي. گدڙو آهي ٿر جي اتر ڏي، پر ٿر جي ڏکڻ ڏي ڪوه ننڍا آهن. ٿر جي ڏکڻ ڏي ڪڇ جو رڻ آهي. اتي جي زمين ٿالهيءَ وانگر سنئين آهي ۽ اتي زمين کي ٿورو ئي کوٽبو ته پاڻي نڪري ايندو. پاٿر جي ٿر ۾ به ننڍڙا کوهه آهن. اڳيرو ڏيپلي تعلقي ۾ به کوهن جي اونهائي ڪا گهٽي ڪانهي، ڏيپلي جي نزديڪ به تڙ (کوهه) آهن، جي مان هڪ جو نالو "ڪتاني" ۽ ٻئي جو "گوڏانگڙي" آهي. "ڪتاني" نالو هن ڪري رکيو اٿن، جو انهيءَ تڙ جو پاڻي ايترو مٿي آهي، جو ڪتو به ان مان سولائيءَ سان پاڻي چٽي سگهي ٿو. "گوڏانگڙي" نالو هن ڪري رکيو اٿن جو ڪوبه وهٽ گوڏا کوڙي، پنهنجو بوٿ لنگهائي، کوهه ۾ وجهندو ته آسانيءَ سان پاڻي پي سگهندو. اهو هيناهون ڏاڪٽو پاڳو چڙي، جنن مٿي اتر ڏي وڃبو، تنن کوهه وڌيڪ اونها نظر ايندا. ڪٿي پندرنهن ته ڪٿي ويهه بلڪ پنجويهه پره اونها. مطلب ته جيئن مٿي تيئن پٽون وڏيون ۽ سپاويڪ طرح پاڻي به کهٽو هيٺ. گدڙي طرف ته هيڪاري حد لڳي پئي آهي، جو اتي سڻ پره اونها کوهه آهن.

"جن سانيڪا سجيب، سي ڏٺي ڪيڙءِ ڪانهن."

هن قسم جون مصراعون جن ۾ "سانيڪا" لفظ ڪم آيل آهي، سي سڀ ڪاٺر جي ٿر بابت آهن.

"آڏيءَ اتين ني، جنن پاڻي پاتارن ۾."

پاٿر جي ٿر ۾ ٿوڙي ڊڻ ۾ ڪنهن ڪوهه جي ڪنڌي وٽ ٻهي اندر ڪوهه ۾ نهاريو ته پاڻي اڪثر ڏسڻ ۾ ايندو، پر ڪاٺر جي ٿر ۾ سانيڪن جو پاڻي پاتال ۾، سو ڏسڻ ۾ ڪيئن اچي؟ هٿ ۾ آرسي ڪئي سج جي سامهون ڏيکيءَ طرح جهلي،

پاچولو اندر ڪوهہ ۾ موڪلبو آهي تہ پاٽي ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اوڏي مهل ڪوہ جي اونهائي ڏسي حيرت وٺبو وڃي. اهڙن اوڙاهن مان پاٽي ڪيئن ڪڍندا آهن، تنهن جو ذڪر رسالي ۾ آهي.

"ٻري نہ ٻڪر دانهن، انجي پوڻ پٽڪو نہ سٽيان"

"پوڻ" آهي ڪاٺ جو چڪرو يا ڪپي (Puney) تہ ۾ هر هڪ ڪوهہ جي مٿين سرائيءَ ۾ پوڻ پيل آهي. چم جو ڪوس يا ٻوڪو رسيءَ ۾ ٻڌي، اها رسي پوڻ تي رکي، ڊِر ڏيندا وڃن تہ پوڻ وڃي ڦرندي ۽ رسي پاڻ مرادو وڃي هيٺ ڪوهہ ۾ پوندي. جڏهن ڪوس ڀرجي رهي تڏهن رسي ڇڪين. پاٽي ڇڪڻ لاءِ رسا، تن کي "ورت" سڏيندا آهن.

"سنجي سنجي ڪوهڙا، ويڙهي وِيا ورت."

ڪي وري وتيل چم جا ورت ڪم آڻيندا آهن، جن کي عام طرح "سيت" سڏيندا آهن. "سيت" ۽ "سيتون" ساڳيا لفظ آهن.

"پيا سيت سڙن، ترهي ٻنهين ڪنڌئين"

ترهو معني ڪوهہ. هيءُ ڪاٺ جي تر جو لفظ آهي. ترهي مان پاٽيءَ سان ڀريل ڪوس ڪڍڻ لاءِ جيڪي سيت يا ورت ڪم اچن ٿا سي ٻن ٽن ماڻهن جي ڇڪڻ جا نہ آهن. عام طرح ورت ڇڪڻ لاءِ اٺن يا ڏاندن جو جوڙو ٻڌن. اهو جوڙو ڪوهہ کان ڏيڍ سئو ڪن فوٽن تائين ورت ڇڪي ڇڪي ٿڪجي پوندو آهي، تنهن ڪري وچ ۾ ٻيو جوڙو وهٽن جو ٻڌندا آهن. جڏهن وهٽ ڪوهہ کان جملي ٽي سئو ڪن فوٽ پري وڃن، اوڏي مهل هڪ جٽو ڪوس هٿ ۾ ڪٽي دلن ۾ پاٽي اوتيندو ويندو آهي. ڪوس خالي ٿئي تہ وري وجهن ڪوهہ ۾ ۽ وهٽن کي پنهرو هٽائين.

ورت ڇڪڻ لاءِ ڪٿي چار چار گڏهہ گڏ ٻڌندا آهن، پر مزو تڏهن آهي جڏهن زالون يا مرد ورت ڇڪيندا آهن، جهڙي طرح اسڪولن جا شاگرد توڙي ڇڪڻ راند ڪرڻ مهل توڙي ڇڪيندي ٻيٺا ٿي پوندا آهن ۽ گوڏا پٽ پٽ سان پيا گسندا اٿن تيئن ورت ڇڪڻ مهل ٻہ مردن توڙي زالن کي گوڏا گسائڻا پون ٿا. شاهہ صاحب اهو رنگ اکين سان ڏٺو هو، تنهن ڪري مارئي جي واتان هن طرح چورايو اٿس:

سنجن ساني ڪن تي وڏيءَ وير وهون،
پايو جر جندن ۾ گوڏا ڪن گهون.

"جند" معنيٰ چم جو ڪوس يا ٻوڪو. هتي چوي ٿو تہ جڏهن اهي جند ڪوهہ جي

ياٽيءَ سان پربا آهن تڏهن مارو لوڪ ورت چڪيندا، گوڏا پٽ سان گهندا ويندا آهن.

ڪن نسخن ۾ "گوڏا ڪن گهون" بدران "ڪوڏان ڪن ڪهون" لکيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي تہ اهي ڪوڏيا شوق سان ڪيترين پنڌ تائين ڪهي ويندا آهن، تہ پوءِ پاٽيءَ جو ڪوس چڪجي مٿي ايندو آهي.

ورسي ڪارا ڪوهہ، سنجيم جي ساٽيهہ جا.

ٿر ۾ ڪن ڪن ڪوهن جو پاڻي منو آهي، پر اڪثر ڪن جو باڙو آهي تہ ڪن جو ڪارو. ٿر جي گشت ڪندي شاهہ صاحب کي انهن ڪارن ڪوهن جو پاڻي هڪ نہ ٻئي هنڌ ضرور پيئڻو پيو هوندو، تنهن ڳالهہ جي يادگيري ڪري، مٿين مصراع چئي اٿس.

آڏيءَ اٿن تي، جيلانهن پاڻي پاتارن ۾،
وارو ويسرين کي ڏينهان ڪونہ ڏئي،
مون ڪميٽيءَ کي، مٿان ڪوهہ ڪٽي ويا.

ٿر جو پاڻي پاتارن ۾ آهي، تنهن ڪري مارئي چوي ٿي تہ اسين پاٽيءَ لاءِ اڌ رات ڏيئي اٿنديون آهيون، جو پاڻي پرڻ جو وارو ڪونہ ملندو آهي. مان ويسلي ٿي سمهيس ۽ ڏينهن جو پاٽيءَ لاءِ ڪوهہ تي آيس تہ عمر کي ڏٺم ۽ ڪٽي ويم. مطلب تہ جي آڏيءَ رات جو پاڻي ڀرڻ وڃان ها تہ نہ عمر ڏسيئم ها ۽ نہ ڪٽيم ها.

اي سنيباٽي، تون ارمان نہ ڪاءُ. انهيءَ ڳالهہ ۾ بہ حڪمت هئي. تنهنجي پريکيا ٿيڻي هئي ۽ تون جڏهن انهيءَ مان پار پئي آهين، تڏهن اڄ تائين تنهنجو نالو پيو ڳائجي ۽ تون سنڌ جي ساوتري سڏجين ٿي.

## (۴۵) ٿر جي آب هوا.

ٿر ۾ سياري ۾ سيءُ گهڻو ۽ اونهاري ۾ گرمي گهڻي ٿئي ٿي. هن جو سبب هي آهي تہ اتي واري گهڻي آهي، جا اونهاري ۾ گهڻو تپي ٿي ۽ سياري ۾ گهڻو ٺري ٿي. انهي حال هوندي بہ اتي جي آب هوا نهايت سٺي آهي. اتي ڪوبہ وچڙندڙ مرض اڪثر ڪونہ ٿيندو آهي.

ٿر جي مٽي هڏ جي بلڪل ٺڏي آهي، جيئن شاهہ صاحب ڄاڻايو آهي:

"ٺڏي مٽي ٿر جي، ولهيءَ وسائجاهہ" (مارئي)

ٿر ۾ بابيهو نالي هڪ پکي ٿئي ٿو، جو حهولي جي جهڙپ سهي ڪين

سگھندو آهي. اها ڳالهہ شاهہ صاحب نهايت وتندڙ نموني جاتائي آهي.

منجهان منهنجي روح، جي وجي ساجن وسري،
تہ مر لڳي لوھہ، تر بابيهو تي مران. (حسيني)

سسئيءَ جي واتان چوائي ٿو تہ منهنجي اندر مان جيڪڏهن پنهونءَ جي يادگيري ڪنهن وقت ميسارجي وڃي تہ ڀلي تہ اهڙي لوهہ (لڪ) لڳي جو تر جي بابيهي پکيءَ وانگر اڃ مري وڃجي تہ اهو ڀلو آهي.

## (٦٤) تر جو واهوندو.

تر ۾ الهندي جي هوا کي عام طرح "واهوندو" چوندا آهن. مارچ اپريل ۾ الهندي جي هوا لڳڻ شروع ٿي تہ چون تہ واهوندا وريا آهن. "واهوندو" لفظ اصل ۾ آهي "واسنتڪ" يعني وسنت (بسنت) بهار جو. تري ماڻهو جڏهن چون تہ واهوندا وريا آهن، تڏهن ان جو مطلب هي سمجهڻ گهرجي تہ هاڻ بهاري موسم موٽي آئي آهي.

سنڌ ۾ بهاري موسم ۾ گلاب، موتيو ۽ ٻيا خوشبودار گل توڙي قسمين قسمين ميوا جهڙوڪ انب، توت ۽ جمون ٿين ٿا، پر تر ملڪ انهن سڀني نعمتن کان نراس آهي. اتي بہ جيڪڏهن اهي گل ڦل ۽ ميوا پوکجن تہ ٿين، پر اهي پاڻي ٿا پڇن، تر ۾ ان جي پوک لاءِ بہ پاڻي ڪونهي تہ پوءِ اهي گل ۽ ميوا ڪيئن پوکين؟

سنڌ ۾ بهاري موسم ۾ جيڪا موج لڳي ٿي تنهن جي سڀني کي سُڌ آهي، پر انهيءَ مند ۾ تر ۾ ڇا ٿيندو آهي تنهن جو ذڪر شاهہ صاحب رسالي ۾ هن ريت ڪيو آهي:

پنوهارن پابوهيو وريا واهوندا،
ساريم سيڻ سيد چئي ڳاڏيلون گوندا،
پتن پر هوندا، پنگا پڙ پتار جا.

مارئي چوي ٿي تہ منهنجي پنوهارن مرڪئو منهن ڪيو جو الهندي جون هوائون لڳڻ شروع ٿيون. هن بهاري موسم ۾ مون کي هڪڙو پنهنجا سڄڻ (پنوهار) ياد پيا، ٻيون ڳاڏيلون ۽ تيان گوندا يعني ليسوڙا.

* ڳاڏيلي هڪ ٻير جو قسم آهي. گوندو جڏهن اڃا سائي رنگ جو هوندو

---

* تر ۾ ڪارن ڪکرن کي "ڪوئلون" چوندا آهن. جيڪڏهن هڪڙيون ڪوئلون اڀرندي کان الهندي وڃن ۽ ساڳي وقت ٻيون ڪوئلون الهندي کان اڀرندي ڏي اچي انهن کي گڏجن تہ جيڪي ڪوئلون اٿين پاڻ ۾ گڏجن تن کي بہ ڳاڏيليون سڏيندا آهن. ڳاڏيليون ڏسن ۾ ايون تہ جيئي مينهن ڄاڻ تہ پيا.

آهي. جيڪو ماڻهو ڏسڻ نڙڪي ڦڙڪي سان هجي ۽ منجهس افعال ڪونه هجي تنهنجي نالي چون ته هيءُ رڳو ڏسڻ جو ئوهه آهي. "سهڻا ئوهه پٽن ۾ به پيا آهن." اهو پهاڪو به عام آهي. ڏڪار ۾ ويچارا ٿري ئوه به کائي وڃن! ئوهه ڪتب آڻڻ لاءِ اول ڪڏون ڪوٽي ان ۾ ئوهه جا ٽڪر وجهن ۽ پوءِ مٿان واري ورائي ڇڏين ته واري اها زهريلي رس پيئو وجي ۽ ئوهه سڪي ڪوڪا ٿيو پون. اهي ڪوڪا پوءِ چندين ته ٻج ڇٽي اچيو هيٺ پوي. اهو ٻج سڪائي، پيهي اٽي سان ملائي ان جي ماني پچائي کائين!

بهاري موسم ۾ مکيون ماکي لاهين ٿيون. ٿر ۾ اُچي سني ماکي ڏيپلي ڏي پراڻ جي پاسي، پائر جي ٿر ۾، مارئي جي ملير جي ويجهو ۽ ننگر پارڪر شهر ۾، ڪارونجهر ٽڪريءَ تي ٿيندي آهي. ڪارونجهر ۾ ڪولهي لوڪ راتيون جاڳي ماکي هٿ ڪندا آهن ۽ اها چڱو پئسو ڪندي آهي. ويچاري مارئي، عمر وٽ قيد ۾ به انهن سوادن کي پئي سڌ ڪيا.

"ٿڏيون وليون ٿرن ۾ ڪوڙين ڪرڙ ڪريڙ."

ٿـر ۾ نه رڳـو زواجي ڪرڙ پر ڪريڙ يعني وڏا ڪرڙ به ٿـيندا آهن. ڪرڙن ۽ ڪريڙن ۾ پهريائين سنهيون مکڙيون ٿينديون آهن، جن کي "ٻونگر" چئبو آهي. اها ٻونگر ڦٽي گل ڪري ته چون ته "ڪرڙ ڪڪوريا آهن." ڪڪورجڻ معنيٰ ڳاڙهو ٿيڻ. ڪرڙ جو گل ڳاڙهو ٿيندو آهي، جنهن کي "پسي" چئبو آهي. پسيءَ ۾ پاڻي جو ڦڙو ماکي جهڙو مـنو ٿئي ٿو، تنهن ڪري ٿـري ماڻهو ڪرڙن ۽ ڪريڙن وٽان لنگهندي، پسي پٽي چوسيندا آهن. پسي رڌي به کائين.

"چونديو آٽيو چاڙهيون، سندون ڏونرن ڏار"

پسيءَ کان پوءِ ڏونرا پيدا ٿيندا آهن ته ٿري ماڻهو ٽوڪرن جا ٽوڪرا ڀري ڪٽي ايندا آهن. ڏونرن ۾ پاڻي ۽ لوڻ وجهي، به ٽي ڏينهن اس ۾ رکـبـا آهن ته ڪڙاڻ ڇڏيندا آهن. اهڙي طرح ڪڙاڻ ڪڍي، پوءِ ڏونرا رڌي کائبا آهن ته نهايت سوادي لڳندا آهن. ڏونرن جو آچار به سنو ٿئي ٿو. ڏونرا سڪائي ڪچريون به ڪبـون آهن.

"وليون وڻ ڦلاريا، ڪرڙ پڪا ڪيڪي"

ڏونرو پڃي ڳاڙهو ٿئي ته اهو سڏجي "پڪو". پڪن کي رڌڻ جو ضرور ڪونه ٿو ٿئي، تنهن ڪري اهي ڪچا کائبا آهن. ڪيترا ماڻهو ڪرڙ جو ڏندڻ ڪندا آهن.

مطلب ته ڪرڙ بلڪل ڪارائتو وڻ آهي.

"سگر ڪين سرتيون سين جئن سيڪي."

سگر ڪنديءَ ۾ ٿيندا آهن. اهي منگن ۽ چونرن جي قربن جيان سنها ۽ ڊگها ٿيندا آهن ۽ ٻيرن جي پلرن جيان ڪنديءَ جي وڻن ۾ لٽڪندا نظر ايندا آهن. سگر ڪچا کائبا آهن، پر شاهه صاحب چوي ٿو ته ڪي سگرن ڪي سين وانگر تئي يا دانگيءَ تي ڀُڇي کائيندا آهن.

ٿر ۾ مارچ ۽ اپريل ۾ اهي منداڻا ميوا ٿين ۽ مئي ۽ جون ۾ ٿين پيرون. پيرون جار جي وڻن ۾ ٿيندا آهن. جارين بابت شاهه صاحب ٿو چوي ته:

"پانهجي پڄي پيرون، ريءَ واهيت ريءَ واڙ"

ٻنيءَ کي پيل کان بچائڻ لاءِ واڙ (لوڙهو) ڏبي آهي ۽ ڊور ڊگي توڙي جهرڪي جهار کي هڪلڻ لاءِ ٻنين جو واهي ٿي وهٽو پئي ٿو، پر جارين کي نڪا واڙ ڏجي ٿي نڪي انهن جي واهپ ڪرڻي پئي ٿي.

تــن ســــــــاڏوين ســــــد مــــــــران ڏنـگـا جنـي ڏار،
پـــٽـي ســــــــاڻ پـــــــتـــــــار، ٻـاٺر ٻيــــــرون چــــونـديان.

جارين ۾ پيرون ٻن قسمن جا ٿين ٿا، هڪڙا ڳاڙها ٻيا اڇا. ساڳئي جار ۾ اڇا پيرون موتين جهڙا ٿين ٿا. وات ۾ وجهه ته منا جهڙي مصري! ڍاٽڪي ٻوليءَ ۾ پيرن کي "ماچڪ" چوندا آهن. ڪرڙ ڪڪوريا ۽ ماچڪ موريا، ته ٿرين جو ڍءُ ٿيو. انهيءَ مند ۾ ان گهٽو کونه کائين پر سگر ۽ پيرون وغيره کائي پيٽ ڀرين.

جون مهيني جي آخر ڌاري پيرون بدا ٿي ويندا آهن. پيرن جي مند موڪلائي تنهن کان اڳ ٿري ماڻهو پيرن جا ڍڳ سڪائي رکندا آهن. جهڙي طرح سڪن ٻيرن کي "ڪوڪلا" چئبو آهي، تهڙي طرح سڪن پيرن کي "ڪوڪڙ" چئبو آهي، جو ٻڻ ساڳيو ئي لفظ آهي، رکو اُچار فريل اٿس.

"ڪوڪڙ ڪوڏيرن ۾، ڦوڪو ڦڪ پريندي"

طس يا ڪني ۾ ڪوڪڙ رکني لٽجي ويندي آهي، تنهن ڪري ٿوري ڌاڻا هٿ ۾ ڪني، اول ڦوڪ ڏيندا آهن ته مٽي اڏامي ويندي آهي ۽ پوءِ ڦڪ ڀري کائيندا آهن. جهڙي طرح اسان وٽ ڪو ٻار رسي ته هن کي پرچائڻ لاءِ ڪو ٽول ڏبو آهي، تهڙي طرح ٿري ماڻهو پنهنجن ٻارن کي پرچائن لاءِ ڪوڪڙ ڏاٽا ڪدي ڏين!

مٿين مصراع ۾ ڪوڏير لفظ ڪم آيل آهي. ڪوڏير چنوماسي ۾ ٿيندا آهن،

تنهن ڪري انهن جو ذڪر پوءِ ڪيو. هتي حال فقط اهي ڳالهيون جاتائجن ٿيون، جن جو واهوندي سان واسطو آهي.

پنوهارن پابوهيو، ڪي وس واهوندن،
لٿو سيءُ لطيف چئي، ٻڏو ڦڻ ڦرن،
اوٺا ڪورين ڪونئري، سرتيون متان سسن،
عمر ان اگوندري، پاسي ڪانڌ ڪن. (مارئي)

هن بيت ۾ مارئي چوي ٿي ته هاڻ سيءُ لٿو آهي يعني سياري جي موسم پوري ٿي آهي ۽ واهوندن وسڻ لاتي آهي ته ڦرن به ڦڻ ٻڏو آهي. ڪنهن به وهٽ جو ڦر (ٻچو) کير ذائڻ چڏي، گاهه کائي، مچندو آهي ته چون ته ڦڻ ٻڏو اٿس. گهيٽن جي اُن سياري ۾ لاهبي ته ويچارن کي سيءُ پوندو، تنهن ڪري هن گلابي رُت ۾ مارو لوڪ پنهنجن سسن (ننڍڙن گهيٽن) جي ڪونئري اُن ڪتربندا آهن. مارئي چوي ٿي ته منهنجي هرهڪ ساهيڙي هن مند ۾ جهجهي ان پنهنجي ڪانڌ جي پاسي ۾ ويهي ڪتبندي آهي. هن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته بهاري موسم ۾ ماڻهن توڙي وهٽن لاءِ نه رڳو قوت گذران جي واٽ کلي ٿي، پر گهيٽن جي ان به انهيءَ مند ۾ ملندي اٿن، جنهن مان لويون ۽ ڪتا ناهي، ٿري لوڪ پنهنجو بت ڍڪيندا آهن. حاصل مطلب ته بهاري موسم ٿري ماڻهن لاءِ غنيمت آهي.

## (۴۷) ٿر جو وسڪارو

برسات جا چار مهينا، تن کي "چوماسو" يعني چئن مهينن جو عرصو چئبو آهي. ٿر ۾ نڪو واهه نڪو درياه آهي تنهن ڪري ٿري ماڻهن جا گهر ڪکرن تي آهن ۽ اهي چوماسي ۾ آسمان ۾ اکيون اٽڪائي، پل پل ائين پيا پڪارين ته:

متان منج ڪي ميگهه ملارا
مينهن گهرن ٿا مالن وارا،
تومان ورچن ڪين ويچارا،
"لالن ڪو رنگ لاءِ- سرها سانون ڏينهن سنداءِ"

ٿر ۾ ڪيتري به برسات پئي ته مالدار ڪک ڪين ٿين. سنڌ ۾ گهٽي برسات پوندي آهي ته زميندارن جا منهن لهي ويندا آهن جو اجهل برسات سببان هنن جون ٻنيون ٻڏي ويندبون آهن ۽ فصل سڙي ويندا اٿن. ٿر جا مالدار چون ته اجان برسات پوي سڀ پوءِ ٻنيون لڙهن ته لڙهڻ ڏين. البت ٿر ۾ ڪي جوئر ۽ ٻاجهري پوکين ٿا ۽

انهن کي به پنهنجي فصل جو جهجهوني خيال ٿئي ٿو. پر سنڌ جي زميندارن جهڙي ڳڻتي ٿر جي مالدارن کي ڪانه ٿيندي آهي. هن جو هڪڙو ئي سبب هي آهي ته:

"ٿر آهي تڻ تي، نه ڪڻ تي" يعني ٿري ماڻهن جو گذران ان تي ايترو نه آهي، جيترو ڍڳ ڪير تي آهي، هو چون ته مال لاءِ چارو منو ٿيو ته اسان لاءِ سڀڪي ٿيو. وسڪاري ۾ نه رڳو ماڻهو پر چرند پرند سڀ خوش.

سارنگ کي سارين، ماڻهو، مرگ، مينهون،
اڙون ابر آسري تازا تنوارين. (سارنگ)

جيئن ڏنو ته اڙ جي تکي تنوار پيئي پوندي. اڙ هڪ تمام ننڍڙو ڪارانجهرو پکي آهي. جيئن ته ننڍڙو جيت آهي، پر آواز تکو اٿس، تيئن اڙ جي تنوار به ڏاڍي تيز آهي. ٿري لوڪ چون ته اهي اڙون مينهن لاءِ پڪارين ٿيون، پر مينهن پوڻ جي پڪ تڏهن ٿيندي جڏهن تاڙو پکي تنواريندو. تازي تنواريو ته ٿري ماڻهن کي جڻ ته برسات اچڻ جي واڌائي ملي چڪي. مالڪ جي مهربانيءَ سان جڏهن پلر جي پالوت ٿيندي آهي، تڏهن هنڌين ماڳين پٽ پاهه جهليندا آهن ۽ گسن تي گاهه ٿيندا آهن، پر ٿر ۾ قدرت عجب رنگ لائيندي آهي. وسڪاري ۾ ڏهرين، مڙها ۽ منڊر ته گاهن سان گلزار ٿيندا آهن پر واريءَ جون پٽون به ايتري قدر ساوڪ ۽ سبزي سان ڍڪجي وينديون آهن، جو ٿر ملڪ ڦري غنچو ٿي پوندو آهي. ٿر ۾ هڪڙو ٿانڪار جو وڻ ئي هڪڙو اهڙو آهي جو برپٽ کي باغيچو بنايو ڇڏي. مطلب ته وسڪاري ڪانيوءَ ٿر ملڪ اهڙو ساٺو ۽ سبز ٿئي ٿو جو سنڌ جو ٻيو ڪوبه پاڳو سائنس سونهن سوڀيا ۾ مٽ پئجي ڪين سگهندو. اهو ئي سبب آهي جو ٿري ماڻهن کي پنهنجو واريا سو وطن ههڙو پيارو لڳي ٿو.

"پسو جا پٽن ۾ ڪنوري خوشبوءِ"

ٿر ۾ وسڪاري تي ڪيتريون سرهيون ٻوٽيون پيدا ٿين ٿيون، جي پنهنجي خستوريءَ جهڙي خوشبو مان ولهار واسيو ڇڏين. "مارئي جو پنر" انهيءَ نالي سان هڪ سرهو ٻوٽو پيدا ٿئي ٿو، جنهن جي سنگهڻ سان مغز کي تراوت اچيو وڃي! وڏن شهرن ۾ ماڻهو عطر، لونڊر ۽ ٻين سرهاڻين تي ڀنسا خرچين ٿا پر هتي بنا پئسي مارئي جو پنر ملي ٿو جو انهن سڀني سرهاڻين جي سڪ پوري ڪري ٿو. ٿري ماڻهو انهيءَ گاهه سان ڏڌ ڪير جا ٿانءَ ملي صاف ڪندا آهن ته انهن ٿانون ۾ به خوشبوءِ ٿي پوندي آهي. انهن ٿانون ۾ ڪيترو به وقت کير رکن نه ڪين ڦٽي.

بوند برهه جي بهار لڳي،
درد ونديءَ جو ديس انو تني،
پتن پاسي ڪڪر ڪڪوريا، گلن جي گلزار لڳي،
ڍن تہ ڌڻارن چوڙبو، ٻڪرن جي ٻيڪار لڳي،
سرتيون شاهہ لطيف چئي، مرشد منهنجي سار لڌي.

ٿر وسندو آهي تہ ٿري ماڻهو انهيءَ مند ۾ پنهنجي ڳوٺ کان پير بہ ٻاهر ڪونہ ڪڍندا آهن.

هن مند مارو سنرا، ساٿيهہ منجهہ سڌير" (مارئي)

هن مند يعني هن برساتي موسم ۾ مارو لوڪ پنهنجي وطن ۾ خوش گذارين ٿا ۽ دل کي وڏو آٿت اچي ويندو اٿن:

"جهڙ ڦڙ جت ٿيان، ات اڏيائون پکڙا"

جيڪڏهن هڪ هنڌ برسات پوندي آهي ۽ ٻئي هنڌ نہ تہ پوءِ لاچار پنهنجا ڳونڙا چڏي اتي پکا اڏي وجي ويهندا آهن، جت جهڙ ڦڙ هوندي آهي. اهڙي طرح جڏهن سانگ ڪري ويندا آهن تڏهن هن ريت گذاريندا آهن:

هن مند مارو سنرا ڍنگر ڍار رهن،
پاٽي پوچ پٽن ۾ پکي پاند پبن. (مارئي)

ٿري ماڻهو ٿوري وقت لاءِ ڍنگر يعني وٽن جا سڪل ڏار ٽار ڪَٽ ڪري، انهن مان ڪچي پونگي ناهي، ان جي ڍار (اجهي) ۾ گذاريندا آهن. سندن پونگين جي پرسان برسات جو پاڻي جام پيو وهندو آهي، سو جهجهي چاهہ سان پيئندا آهن، جو اهو پلو هنن لاءِ وڏي نعمت آهي. هو جو پنهنجا گهر ٽڙ چڏي پراهن پٽن ڏي ويندا آهن سو نہ رڳو پلر پيئڻ لاءِ. پر مال جي چاري ۽ پنهنجن ڏٿن ڏورڻ لاءِ ڏوٿين جي ڏٿن جو ڏار ذڪر ڪجي ٿو.

## (٤٨) ڏوٿين جو ڏٿ.

ٿر غريب ملڪ آهي. ڪٽڪ، جوئر، ٻاجهري ۽ چانورن ڳنهڻ جي اتي سيني کي وسعت ڪانهي، تنهن ڪري ڪيترا مسڪين قسمين قسمين گاهہ مان ٻج ڪڍي اهو اَن ڪري ڪتب آڻيندا آهن. انهيءَ جهنگلي اَن کي چئبو آهي "ڏٿ" جيڪي ڏٿ تي گذران ڪندا آهن، تن کي "ڏوٿي" چئبو آهي. "ڏٿ" ۾ نہ رڳو جهنگلي ان، پر جهنگلي ميوا ۽ ڀاڄيون بہ اچي ٿيون وڃن.

وينديس وطن سامهين مليــر مـهنجـو مـاڳ،
ڏٺ چوندبينديس ڏيهـ ۾، سـاڻ سـرتين سـاڱ،
تـه مـون سنئـون سيـاڳ، جي ويجهي ٿـبان ور کي. (مـارئي)

ٿر ۾ وسڪاري تي جيڪي ڏٺ ۽ ساڱ ٿيندا آهن، تن جو شاه صاحب سر مارئيءَ ۾ مفصل بيان ڏنو آهي:

هـن منـد مـارو سنرا، كـائر ۾ خـوشحـال،
سـائون، سيـارچ، مكٽي، جـيـڏيون اٽين جـال. (مـارئي)

سائون هڪ گاهه جو قسم آهي، جنهن جو ان ساوڙيءَ جي داڻي کان ٿورو ٿلهو ٿئي ٿو. سائون ۽ ساوڙي نه رڳو ٿر ۾، پر سنڌ ۾ به ڪيترا هندو گيارس ڏينهن کائيندا آهن. سائين جو پٽ رڌبو، توڙي پتر پچائبو ته سوادي لڳندو.

سيارچ هڪ ٻيو گاهه جو قسم آهي. جنهن جو ان غريب لوڪ جوئر يا ٻاجهريءَ جي اٽي سان ملائي کائيندا آهن، باقي هوند وارا هٿ به ڪونه لائيندا اٿس. مکٽي ٻن قسمن جي ٿئي ٿي، نر ۽ ماد. ان جي پاڙ ۾ رڳو هوَ جيتري آهي، تنهن ڪري اهو ٻي پاڙو گاهه چئبو. ٿر توڙي جمڙائو ۽ ٻين پاسي اهو گاهه ڏانداڻين يا هٿن سان ميڙي، پرءِ گهر آڻي ڪٽيندا آهن. مکٽي ڪٽ ٿوري ٿي کائي. ڏڪ هٽيس ته امالڪ پوش کان ٻاهر نڪري ايندو. جيڪڏهن رڳو هٿ جو مهتو ڏبس ته به ڪڻ نڪري ٻاهر ايندا. غريب لوڪ اهو ان گڏ ڪري گُنديون ڀري رکندا آهن ۽ کي ڏينهن پيا کائيندا آهن. مکٽيءَ جي اٽي ۾ چيڙهه گهٽو ٿئي ٿو. ان جي مانيءَ جو سواد ڪجهه قدر چانوري مانيءَ جهڙو آهي. اهو ان قوت وارو آهي، تنهن ڪري چون ته سڀ ڏٺ ۾ مکٽي ڀلي.

چـرن چـٽـکن چت ۾، گـهـارين مـٿي گـهٽ،
کـهـ، مـانـڌاٺو، مـکـٽي، ڊوئين پـاسي ڍٽ،
ٻـنـوهـارکـي پـکـڙيـن، وجـي کـريـان وٽ،
سـاٿـيهـ سـامـهين سٽ، ڪنديس ٻجي ڪرڙن ڪي. (مـارئي)

ڪهه نه رڳو واريا سن پٽن، پر جبلن ۾ به جام ٿئي ٿي. اهو گاهه ڳريءَ ڳريءَ کان پاڙ هٽي، ول وانگر پکڙندو ويندو آهي. جهڙي طرح چون ته، "ڊامڻ گهوڙي کي آمڻ." تهڙي طرح هيءُ گاهه سيني وهٽن لاءِ آمڻ يا چوب چيني آهي. انهيءَ گاهه کي ڪوبه وهٽ ڪونه ڇڏي. اٺ، گهوڙو، ڳنءُ، مينهن، رڍ، ٻڪري مطلب ته جيڪو

نہ وهت ڏسندس سو امالڪ رڙڪي ڪانئي ويندس. ڪراچي ۾ بمبئيءَ ۾ ڪھہ جو ڏاڍو ڪاپو آهي، تنهن ڪري اتي ڪهہ لٺي، سُڪائي دنبون ناهي رکندا آهن.

مانڌاٽي جي گاهہ مان ان جهجهو نڪرندو آهي. اهو ان رنگ جو اڇو، سانئين کان سنهو، پر مڪئيءَ جي ان کان گهٽ ٿلهو ۽ سخت ٿئي ٿو. ٿر ۾ مارو لوڪ سانوڻيءَ ۾ اهو ان گڏ ڪري، چڱي طرح ڪتي سٽي پوءِ پيهين، جوئر يا ٻاجهريءَ جي اٽي سان ملائي کائين. مانڌاٽي جو ان تلو بہ ڪم اٽيندا آهن. ويچاري مارئي امرڪوٽ ۾ قيد هئي تہ بہ ائين پئي چيائين تہ:

"منُ مانڌاٽي مچيج، تہ نيرن ۾ نئون ڪريان"

نئون ڪرڻ يعني نئون ان کائڻ. سنڌ ۾ دستور آهي، تہ جڏهن نئين ڪٽڪ يا جوئر لهندي آهي، تڏهن ڪيترئون زالون آپون رڌي، اول ڪمارين کي نئون ڪرائي، پوءِ اهو نئون ان پاڻ ۾ ڪم آٽينديون. ٿر ۾ مالدار ڪهہ، مانڌاٽي ۽ ٻين ڏڻن جو نئون ڪندا آهن.

"عيدن برادن تي، ڪهہ مانڌاٽا ڪيندي"

مسلمان هڪڙي عيد تي سيپون ۽ ٻيءَ تي ٻوڙ پلاءُ کائيندا آهن، پر هي مسڪين اهڙن وڏن ڏينهن تي بہ ڪهہ ۽ مانڌاٽي جو ان وڏي نعمت سمجهي کائيندا آهن. انهن ڏڻن جو هن وٽ ڪيترو قدر آهي، سو شاهہ صاحب مارئي جي واتان هن ريت چاٽايو آهي:

آٽين ۾ چـــــاڙهين، ڏٿ ڏهاٽي ســــــومـــــرا،
ســتـــا ڪيـــو ســيـــد چـــئي، ســـائون ســـڪـــائين،
منجـــهـــان لنب لطيف چـــئي، چـــانور ڪيـــو چـــاڙهين،
پلاءُ نہ پاڙين، عـــــمـــــر آراڙيءَ سين. (مـــــارئي)

لنب جو گاهہ ٿر ۾ توڙي ٻين هنڌ منيون نهور زمينون لس پريو چڏي. پراڻ جي ڪپ سان توڙي پاٽر ٿر ۾ لنب جام ٿئي ٿو. مڪئيءَ وانگر هن جي پاڙ بہ تر جيتري زمين اندر ٿئي ٿي، تنهن ڪري اهو بہ ٻي پاڙو گاهہ چنبو. هٿ لاءِ تہ چچيو اڇي. سڪي کان پوءِ لنب جا تيلا جهڙا پوري رڃ جا وار. اهو سڪل گاهہ مال جي حق ۾ ڏاڍو سگهو آهي. منجهس ٿوري ٿوري سرهاڻ بہ ٿئي ٿي. مالدار انهي گاهہ جو ان چانورن وانگر چاڙهي کائيندا آهن. شاهہ صاحب چوي ٿو تہ آراڙيءَ جي ان سان پلاهہ بہ ڪين پاڙيندا آهن. حقيقتون اهي ان ويچارا پنهنجي سفيم حال ڪري

ڪاسندا آهن ۽ انهن تي هري وِيا آهن، تنهن ڪري هر هڪ ڏت هئڻ لاءِ وٽ آهي.

شاهه صاحب ٿر جي نه رڳو جهنگلي ان، پر مند جي ميون ۽ ساڳن جو به جهجهوني ذڪر ڪيو آهي.

عـــمــــر انهي ڏيهـــــ، جـــا ڪوڊير قـــوت ڪريندي،
گـــوليـــون گـولاڙن جـــون جـــهـــپي ســـاڻ جـــهـــتـــيندي.

ڪوڊير هڪ قسم جي ول آهي، جنهن جي پاڙ پٽاٽي وانگر ٿيندي آهي. مطلب ته ڪوڊير آهن گويا ٿر جا پٽاٽا. اهي پٽاٽن وانگر گول آهن ۽ ڪل سنهي اٿن. ڪل جي مٿان سوپاريءَ وانگر سنها سنها ليڪا ٿيندا اٿن. اندران لاهوري گجر وانگر اڇا ۽ سواد ۾ ٿورو گهٽو نول ڪول جهڙا ٿين ٿا، جنهن ڪري ڪچا به کائي سگهجن ٿا. جهڙي طرح پٽاٽا توڙي ڪچالو اوباري، کل لاهي پوءِ لوڻ، مرچ ۽ چٽني ملائي کائجن ٿا، تهڙي طرح ڪوڊير به ڪم آڻي سگهجن ٿا. ڪوڊير جو بوڙ عام طرح کائيندا آهن. انهن جو آچار به جيڪر سنو ٿئي، پر اهو سرڪي توڙي تيل يا پاڻيءَ ۾ جلد بگري وڃي ٿو، تنهن ڪري سَنڌي نٿو سگهجي.

گولاڙي جي به ول ٿيندي آهي. ان ۾ ڳاڙهي رنگ جو هڪ گول ميوو پيدا ٿئي ٿو، تنهن کي به "گولاڙو" چئبو آهي. ٿوري ئي برسات پيئي ته گولاڙو جاڻ ته جائو. گولاڙا ڪچا کائبا آهن، اهي کائڻ ۾ سوادي آهن. اها قوت واري شيءِ آهي. گولاڙي جو گاهه کائي، ٻڪري ڪير وڌائي ٿي ۽ ان مٿس ٿوهو ڪڍي ٿو. "گولاڙو هيٺان پڇي" اهو پهاڪو عام آهي.

"ڪاٺونبا کاڄن، ميهن وسندا موٺ تون" (مارئي)

ٿر ۾ وسڪاري ۾ "ڪاٺونبا" پيدا ٿيندا آهن، جن کي عام طرح "ڪٺونبڙا" به سڏيندا آهن. اهي سنگتري جي نموني ڏٻن ٿا ۽ کائڻ ۾ ڪتا آهن. ٿر ۾ وڏا شاهي ريبڙ ۽ هنداڻا به ٿيندا آهن، پر رسالي ۾ انهن جو ذڪر ڪونهي.

"ميها، چيڙ، ڦنگيون، جت ٿين سيپئي ٿوڪ"

ٿر ۾ مينهن تي ميها جام ٿيندا آهن، جي ماٺو توڙي وهٽ کائين ٿا. ميهن جي ياجي چڱي ٿيندي آهي. ڦنگيون جن کي عام طرح "ڪنپيون" به چئبو آهي، سي برسات ۾ ٿين ٿيون ۽ انهن جو بوڙ ملوڪ ٿئي ٿو.

چيڙ کي "متيرو" به چئبو آهي. اهي اڪثر جوئر جي پوک ۾ پاڻ مرادو پيدا ٿيندا آهن. متا متيرا ڪچا کائبا آهن ۽ انهن جون ڪچڙيون به ڪبيون آهن. مطلب

کل وڏا ۽ رنگ جا ڳاڙها ۽ اهڙا سهڻا ٿين ٿا، جو انهن جي رڱو ڏٺي دل پيئي خوش ٿئي. روهيڙي جي گلن ۾ خوشبوءِ ڪانه ٿيندي آهي، باقي رونق سا واه جي اٿن! جيئن ٿا نه روهيڙي جا وڻ ڏسي نروت صاحب چوڻ لڳو ته منهنجو سپاهه به روهيڙي جهڙو شاندار ڏسڻ ۾ اچي، تنهن لاءِ چا ڪيائين جو سپاهين لاءِ جيڪا پوشاڪ جوڙايائين سا سائي رنگ جي ۽ ڪمربند نوڙي پٽڪي جا چيڙا ڳاڙهي ڪپڙي جا. ٿر جي پوليس کي اڄ تائين اها پوشاڪ آهي.

"آئيو وجهن آهرين، روڙي رتا گل" (مارئي)

اهي رتا يعني ڳاڙها گل روهيڙي جي وڻ جا آهن، جن بابت شاهه صاحب چوي ٿو ته ٿري ماڻهو اهي پنهنجن وهنن جي ڪائڻ لاءِ آهر ۾ آڻي وجهندا آهن.

روهيڙي جي ڪاٺي اهڙي آهي جهڙو پڪو ساڳ. جيڪڏهن انهن مان ڪٽن جا پاوا، ڪرسيون، پلنگ ۽ هندورا جوڙائجن ته جيڪر چوٽون ڏيئي هلن. روهيڙي جا وڻ هڪڙو ٿر ۾ ٻيو ڏاڙهياري جبل تي جام آهن. انهن ٻنهي هنڌان ڪٽائڻ جي تڪليف گهٽي آهي نه ته روهيڙي ڪاٺ، جو سنڌ ۾ وڏو واپار هلي سگهي.

"گولاڙا ۽ گگڙيون، اوچڻ اباڻن" (مارئي)

گگڙين جا وڻ ٿوهر جي قد جيڏا ٿين ٿا. اهي سهڻا نه آهن، پر بلڪل ڪارائتا آهن. گگڙين ۾ ڪونر ٿيندو آهي، جنهن کي گگر سڏبو آهي. "گگر گگر پندا اڙيا" اهو مثال مشهور آهي. ٿر ۾ گگڙيون گهڻي هنڌ آهن، پر ڏيپلي تعلقي طرف نوڙي ڪارونجهر ٽڪريءَ تي جام آهن. ڪارونجهر ۾ اپترو ته گگر ٿئي ٿو جو اهو ويرگام، ڊيسا ۽ ٻين پاسي موڪليند آهن، جتي گهڻو ڪري عمارتن جوڙڻ مهل پڪي چن ۾ گڏيندا آهن. اهو ڪونر دوا طور به ڪم اچي ٿو. ڪنهن کي پاسريءَ يا ڇاتيءَ ۾ سور پوي ته سولو اپاءُ اهو ڪن، جو ڪاغذ ٽڪر ڪتري، انهن تي گگر ٿڦي، اهي ٽڪليون سور واري هنڌ تي چنبڙائي ڇڏين، ته سگهو ئي درد دفع ٿيو وڃي. گگر جي ڪاٺي ٻارڻ جي ڪم ايندي آهي، تنهن ڪري ٿري لوڪ اهي ڪم آڻيندا آهن. ڪولهي لوڪ ڪاٺيون جون ڀريون ڪارونجهر تان آڻي، ننگرپارڪر ۾ عام طرح وڪڻندا آهن.

سنڌ ۾ ٻير جو ڪونر چڱو ٿيندو آهي، پر ٿر ۾ ٻير جو نالو به ڪونهي، جو نه ٻير رڳو پٽيءَ يعني ڏاڍي زمين تي ٿيندو آهي. ٿر ملڪ وارياسو آهي تنهن ڪري اتي ٻير ذات ڪونه ٿئي، رڳو مارئي جي ملڪ يعني ننگرپارڪر تعلقي طرف ٻير

آهي، جو اتي ڏادي زمين آهي. ٿر ۾ ٻير بدران "ٻائري" (ٻاٻري) ٿئي ٿي، جنهن جو ڪندو ٻير جي ڪنڊي جهڙو ٿئي ٿو، پر ڏار ٿار بلڪل گهٽا ۽ پنلا ٿيندا اٿس. اهو گهٽي قدر ٿڙي پڪڙي ٿو، جنهن ڪري هر هڪ وڻ وڏي جاڳهه والاري بيٺو آهي. ٻائريءَ ڪان وڏيڪ ڪارائتو وڻ آهي. "ڪونبٽ." جنهن جو ڪندو بلڪل ننڍڙو پر ڏاڍو تکو ٿئي ٿو ۽ ڇهنب وريل اٿس. ڇاڇرو تعلقو ڇڏي ننگرپارڪر تعلقي ۾ پير پاءِ ته ڏس ته ڪونبٽ جا ٻيلا لڳا پيا آهن.

ڪارونجهر ٽڪريءَ تي به ڪونبٽ جام ٿئي ٿو. ڪونبٽ جي ڪونر جي منائي ڏادي طاقت واري ۽ گڻاڪاري آهي. ننگرپارڪر جي پاسي واءَ جي بيماري ٿئي ٿي، تنهن لاءِ اهو علاج ڪندا آهن جو ڪونبٽ جي ڪونر ۾ ڪنڊ يا ڳڙ سان ميٺي ۽ گيهه گڏي، ان جا لڏون ناهي ڪائيندا آهن ته نئوبنا ٿي پوندا آهن. ٿر مان ڪونبٽ جو ڪونر ڏيساورن ڏي روانو ڪندا آهن ۽ ڳڱڙ وانگر ان جو به چڱو واپار هلي ٿو.

"جن جو ويڙين سين واپار، سي ڏوٿي هئن نه ڏبرا"

## (50) ٿر جو ڏڪار.

چوٽي آهي ته "وسي ته ٿر، نه ته بر." ٿر ۾ جڏهن برسات پوي ٿي تڏهن ٿر ملڪ ونڻ جو نه آهي، پر جي جهڙ ڦڙ نه ٿئي ته پوءِ ٿر جهڙو ويران ملڪ ٻيو ڪونهي. برسات ڏاران وڻ ٽڻ سڪيو وڃن، مال مريو وڃي، ماڻهن جا پيٽ وڃي پنيءَ سان لڳن ۽ ڪي ويچارا بک وچان وڻن جا چوڙا پيا کائين! ٿر ۾ بعضي اهڙا به ڏڪار پوندا آهن جو اتي جا ڪي مسڪين پنهنجا ٻچا وڪڻي ڇڏيندا آهن.

ڏڪار سبب ٿر مان ڪيترا ماڻهو لڏي ٻين شهرن ۾ وڃي رهندا آهن. اهي لوئڙيارا جڏهن لڏي ويندا آهن، تڏهن ٿر جي جيڪا حالت ٿيندي آهي، تنهن جو اشارو شاهه صاحب هينئين بيت ۾ ڪيو آهي.

بري نه بڪر دانهن، ان جي پوڻ پُٽڪو نه سٽان،
ميان ماروئڙن جا اُوٺا ڏنم آنهن،
جن سانيڪا سنجيا، سي ڏٺي ڪيئڙءِ ڪانهن؟
پڪا ڪٽي پرانهن، جيڪس لڏيو لوئڙيارئين! (مارئي)

سڪار ۾ جڏهن ٿري ماڻهو پنهنجا ماڳ وسائي وينا هوندا آهن، تڏهن ٿڙ ٿڙ تي ڏسو ته زالون نوڙي مرد سانيڪا پيا سنجين يعني سڻ پرهه اونهن ڪوهن مان پاڻيءَ جا ڪوس پري پيا ڪڍن. اوڏي مهل هو پنهنجا دلا به پرين ۽ وهٽن لاءِ آنهن

(حوض) بہ پري ڇڏين. انهن مان پهون پيئون پاڻي پيئن تہ ڇيلڙا بہ بود پرجي پيا ڇال مارين ۽ دڙبون ٽپن ۽ ڪي رڪي رڪي منڙي بيڪار پيا ڪن. ڏڪار سڀان جڏهن هي لڏي ويندا آهن، تڏهن ڪنهن بہ تڙ تي پهر ڪانہ هوندي آهي. اوڏي مهل نڪا ٻڪر جي دانهن، نڪو يوڻ جو ٻٽڪو ٻڌڻ ۾ اچي. آنهن بہ اوتا يعني گهٽ پاڻي سان يا سڪا پيا هوندا آهن.

"پيا سيٽ سڙن، ترهي ٻنهي ڪنڌئين."

پاڻيءَ ڇڪڻ جا سيٽ (رسا) کوهن جي ڪنڌين وٽ اُس ۾ پيا سڙندا آهن. اوڏي مهل سڄو ٿر اهڙي ڏيکاري پيو ڏيندو آهي جو ڄڻ تہ ملڪ ۾ راڪاس گهمي ويو آهي.

"ونهيان ٿين وٿاڻ، ڏوکاهي هتان جي،
اوءِ پيٽيون ۽ پاڃ، موتي مارن اڏيا."

ولهو يعني ڪتل يا سڪٽو ۽ اُنجو ضد آهي "ونهيون" معنيٰ شاهوڪار يا پريل. شاهہ صاحب چوي ٿو تہ مارو لوڪن جا وٿاڻ، جي مال مري وڃڻ يا ماڻهن جي لڏي وڃڻ سبب ڏک جهڙي حالت ۾ هئا، سي هاڻ پريل آهن. هاڻ ساڳين جاين ۽ زمين تي مارن پنهنجا گهر اچي اڏيا آهن. مطلب تہ جڏهن برسات پوندي آهي ۽ ڏيهہ مان ڏڪار لهندو آهي تڏهن هي مسڪين موتي پنهنجن ماڳن تي ايندا آهن.

"تن ونهين ويهيڙجن ۾ سدائين سڪار"

شاهہ صاحب هتي سائين جي درگاهہ ۾ هنن مسڪينن لاءِ سوال ڪيو آهي تہ ويچارن وٽ شل سدائين سُڪار هجي!

ٿر جي ڏڪار سان لاڳاپو رلندڙ هڪ سچي حقيقت ڇاڻائجي ٿي.

مٺي تعلقي ۾ گشت ڪندي هڪ ميگهواڙن جو ڇوڪرو ستن اٺن ورهين جو صبح جو پهر ۾ نيرن مهل گڏيو. هن کان پڇيو ويو تہ "نيرڻ ڪئي اٿيئي؟"

"هائو"

ڇا کاڌو اٿيئي؟

"رب"

رب ڪيئن رڌيندا آهيو"

"بہ ٽي لپون اٽي جون وڏي ڪني ۾ وجهي، ان ۾ اڌ دلو ڪن پاڻي جو ملائي،

پوءِ اهو ويهي رڏيون. جڏهن اٺو رجهي رهي، تڏهن وٺو ٻه وٺا پي، پيٽ ڀريندا آهيون." "اهو ته نلو پاٺي ٿيو"

"بس سائين، ڇا ڪريون؟ امان ته ٻه ٽي ڏينهن ساندهه اها رٻ ٻه ڪانه پياري، ڇوي ته ڏڪار ۾ متان بک نه سهي سگهو. تنهن ڪري اڳيئي سوڪهڙن تي هروا!"

هن ٻار جي هي درد ڀري ڳالهه ٻڌي اندر ۾ گهاءَ پئي پيا. سنڌ ۾ گهٽيئي سخي مڙس، هندو توڙي مسلمان پنهنجي پنهنجي نموني خيرات ڪن ٿا، پر ڏڪار جي ڏينهن ۾ هنن مسڪينن کي خيرات ڏيڻ جهڙو ٻيو ثواب ڪونهي.

## (٥١) ٿر جو آدم.

ٿر ۾ هندو توڙي مسلمان ٻئي آهن، جن مان هندو گهٽا آهن. هندن ۾ راجپوت، رانوڙ، ڪرار،ڪولهي ۽ ڪي گهٽ ذاتين وارا جهڙوڪ مينگهواڙ ۽ ڀيل آهن. مسلمانن ۾ ٻروچ، رند، خاصخيلي، راحمون، نهڙيا، ميمڻ ۽ ٻين ذاتين وارا آهن. شاهه صاحب ايڏي اپٽار ۾ ڪونه ويو آهي. هن رڳو ٻن ٽن ذاتين جا نالا پنهنجي رسالي ۾ آندا آهن.

"راٺا جي راجپوت، مومل صحي پسندا."

راٺن کي عام طرح "ٺڪر" به سڏيندا آهن. ٿر جا راٺا پرمار سوڍي راجپوت جي نسل مان آهن، تنهن ڪري راٺي مينڌري کي شاهه صاحب "سوڍو" به سڏيو آهي.

"روءِ راٺي جي نانهن ڪو، سوڍو سيڻ سونهن"

هي مصراعون ڄاڻائين ٿيون ته شاهه صاحب کي راٺي مينڌري جي اصل نسل جي سڌ هئي.

"تون لنگهائين لطيف چئي، ٿرن جا ٿوري."

ڀيلن کي ڍاٽڪي ٻوليءَ ۾ "ٿوري" ڪوٺيندا آهن. "ٿوري" جو مونث "ٿورياڻي" آهي.

"ماٺهو جونم مي، آئون آهيرياڻي آهيان،

مون ور سرتيون سي، جي ٿورياڻيون ٿرن جون."

هي بيت نوري مهاڻيءَ جي واتان چوايو اٿس ۽ مسڪيني جي باب ۾ آهي.

سجي ڳوٺ کي بہ "واند" چوندا آهن.

"هن مند مارو سنرا، ڏنگر ڊار رهن"

ڏنگرن جي ڊار (اجهي) ۾ رهڻ معنيٰ وانديڻ ۾ رهڻ. ٿوريون منيون کوري، انهن جي مٿان ڏنگر يعني سڪل ڏار تار رکن تہ اها ٿي واند. ڪنهن وڏي شهر جو وينل انهن وانديڻ ۾ جيڪر هڪ رات بہ رهڻ ڪين چاهي، تنهن ڪري هنن مارو لوڪن کي جيڪا آفرين ڏجي سا ٿوري آهي، جو ٻارن ٻچن سوڌو اٿين ڏنگر ڊار رهن ٿا.

## (۵۳) ٿر جي پوشاڪ.

پٽولا پنوهاريون، مور نہ مٿي ڪن،
جي لاڪ رتائون لويون، تہ شانئان سونهن،
ان ايلاچنئون اڳري، بخمل بافتن،
سڪ پانيان سومرا، ڪٿي ڪان ڪنهن،
جا ڏنيم ڏاڏاڻن، سا لاهيندي لڄ مران. (مارئي)

شاهہ صاحب چوي ٿو تہ ٿر جون پنوهاريون يعني ٻڪرارن يا مالدارن جون زالون ڪڏهن بہ پٽولا (ريشمي ڪپڙا) نہ پهريندڀون آهن. هو ويچاريون رڳو ڪٿي ڍڪينديون آهن جا ٻين اوني ڪپڙن، ايلاچي، بخمل ۽ بافتن کان وڌيڪ ٿيون سمجهن. جنهن وقت هو پنهنجون لويون لاک ۾ رڱي ڳاڙهيون ڪري اوڍين ٿيون، تنهن وقت اهي سالن کان وڌيڪ سهڻيون پيون لڳن. ويچاري مارئي بہ پنهنجي ڪٿيءَ کي ڪنهن کان مٿي ڪري ٿي ڄاڻي. شاهہ صاحب جي ڏينهن ۾ ٿر ۾ رڳو ڪٿن ۽ لوين ڍڪڻ جو رواج هو، تنهن ڪري ماروئڙن کي "ڪٿيرو" يعني ڪٿو ڍڪيندڙ ۽ "لوئرباڙو" يعني لوئي پهريندڙ سڏيو اٿس. اهو ڪٿن ۽ لوين جو رواج ڪيتري قدر عام هو، تنهن بابت شاهہ ڪريم هن طرح چيو آهي:

"اسين تئان آئيون، جت ڪنهبو ناهہ،
جي وڃون ڪنهن وهاءِ، تہ ٻن مٿهون لويون."

هن بيت ۾ مارئي چوي ٿي تہ آئون جنهن ملڪ (ٿر) مان آئي اهيان اتي ڪنهبو اصل ڪونهي. وڌيڪ چوي ٿي تہ جيڪڏهن ڪنهن وهاءِ وڏاڻ تي وينديون آهيون تہ بہ پنهنجي لاڪيتي لوئي ڍڪينديون آهيون.

ٿر ۾ ڪٿين ۽ لوين ڍڪڻ جو رواج اڄ تائين عام آهي، تڏهن بہ ڏسجي ٿو تہ

اٿن، تنهن ڪري رات جو مال کي جهنگ ۾ چرڻ هليا اچن. مارئي جي ملڪ ملير جي نزديڪ ڪارسر جبل ۾ چراخ آهن، انهن جي ڊپ کان انهي پاسي جا ٻڪرار پنهنجيون ٻڪريون ۽ ڇيلا آٿي واڙي ۾ ٻڌندا آهن، باقي ٻين هنڌ اڪثر مٿيون رواج آهي.

"مينهون پاڻ مراديون، ٿڌا چرن ٿر،
وڏي اوهه آييون، پنيءَ لائي ڦر." (سارنگ)

مينهون، گايون ۽ ٻيو مال سڄي رات ٿڌا ٿر چري، صبح جو سج اڀرڻ کانپوءِ پاڻ مرادو پنهنجي ماڳ تي ڪونڌيءَ لاءِ موٽي ايندو آهي. ٿري ماڻهو اوڏيءَ مهل ڏهاڻي ڪندا آهن.

"چاربو لنيِ لطيف چئي، واڳيئن وهارين." (مارئي)

ٿري ماڻهو پنهنجو مال جهنگ ۾ چرڻ، سج لٿي گهر موٽن، تنهن کان اڳ ڦرن کي لنبِ نالي گاهه توڙي ٻيو گاهه ٻنهنجي روبرو ڪارائي ۽ هنن کي ڏءَ تي پاڻي پياري پوءِ هنن کي واڳي وهاريندا آهن يعني هنن جو ٻوٽ ٻڌي ڇڏيندا آهن ته پرپٺ ڪير ڏائي نه وڃن.

ٿري ماڻهو ڏهائي ڪري رهن ۽ سنڌين گايون ۽ مينهون ڪونڌي ڪائي رهن ته پوءِ پاڻ مال سان پهرجي وڃن جهنگ ۾. مال ٻيو چرندو ته مالدار ٻانهون ٻڌي ڪين ويهندا. ڪو ڪانيون پيو ڪندو ته ڪو ڏٿ پيو چونڊيندو.

"پاسا پولڙين ۾ ٻانهون، سر ٻيئي".

اونهاري ۾ مال چاربندي جيڪڏهن ڪنهن کي ننڊ جو خيال ٿيندو آهي ته ڪنهن وڻ هينان پٽ تي ليٽي، ٻئي ٻانهون مٿي کي ڏئي، اک لائيندو آهي، پوءِ پيل ته پاسي ۾ ٻڪرين جون ڦولڙيون ۽ ٻيو ڪن ڪچرو پيو هجي. اهڙي طرح اک لاتي نه لاتي جهڙي، نه ته سڄو ڏينهن ڪانيون ڪرڻ، ڏٿ ڏورڻ ۽ وهٽن لاءِ گاهه پني گڏ ڪرڻ ۾ مشغول رهن ٿا.

"چارين ات چاه منجهان، پاسي ڦوڳن ڦر،
ڪئن لهندمر ڪر، جن مارو پاڻ اپاريا."

ڦوڳ هڪ جهنگلي ٻوٽو آهي، جو واهوندن ورڻ تي نسرندو آهي. نالو "ڦوڳ" اٿس، پر صبح جي پهر ۾ وٽائنس لنگهه ته خوشبوءِ پيئي ايندي. اهو ٻوٽو مهينو کن مس ٿو جٽاءُ ڪري. مارچ ۾ ان جهليندو ته اپريل ۾ "ڪتيا" ڪندو.

ڪينرين زالون مدراسي ۽ جرمني جون چونريون ۽ ٻيا ولايتي ڪپڙا، جي ڏيپلي، مٺي، ڇاڇري، ننگرپارڪر ۽ ٻين وڏن شهرن مان ملن ٿا، سي ڏکڻ ٿيون. ڇاڇري ۽ ڏيپلي ۾ زالون ريشم تي سهڻو ڀرت بہ ڀرين ٿيون، پر هاٿوڪي وقت جو بہ مٿن اثر ٿيو آهي.

سنڌ ۾ وڏن شهرن ۾ زالون چوٽيءَ ۾ اڪثر ربينون وجهنديون آهن. ٿر ۾ ربين جو رواج ڪونهي.اتي جون زالون پنهنجن گهيتن ۽ رڍن جي ان مان سڳيون وٽي، وارن ۾ ويڙهي، چوٽا ڪنديون آهن ۽ انهن کي "ڏاڳا" سڏينديون آهن. اهي ڏاڳا، جي هٿ جون ربينون آهن، سي بہ صرفي سان ڪم آڻينديون آهن "انا مينهن ملير ۾، ڏاڳا ڏيڙ ڏئندي".

ٿر ۾ برسات پئي تہ ترايون تليون پاڻيءَ سان ڀرجي پون ۽ انهيءَ پاڻي ۾ زالون پنهنجا ڏيڙ (رلا ۽ رليون) بہ ڌئن ۽ چوٽيءَ جا ڏاڳا بہ ڌوئي صفا ڪري، اهي وري ڪتب آڻينديون آهن.

سنڌ ۾ زالون هاٿي اڪثر سونا چوڙا پائين ٿيون نہ تہ اڳي عاج جي ٻانهينءَ جو رواج عام هو. ٿر ۾ ڪي زالون چاندي ۽ عاج جا چوڙا پائين ٿيون پر ڪينرين کي "ڪوڙا چوڙا ڪچ جا" پيا آهن.

"ڪراين ڪچ جا، چوڙا ڪوڙا جن،
سو مرڪ ماروئڙن، جئان لوڪ لڄ ٿئي."

## (۵۴) ٿرين جي مشغولي.

مائٽ منهنجا سومرا مارو نہ ميرا،
اٿيون ڏين اسور جو، پٽن پير پيرا. (مارئي).

ٿري ماڻهو صبح جو سويل اٿي پٽن تي وڃي ڦيرو ڏئي ايندا آهن. اهڙي اوني سان پٽن تي جو ويندا آهن، تنهن لاءِ سبب آهي. ٿر ۾ اڄ تائين رواج آهي تہ مالدار ماڻهو سانجهي جو پنهنجو مال جهنگ مان آڻي واڙي ۾ ڪونہ ٻڌن. هو پنهنجو مال جهنگ ۾ ڇڏي هليا ايندا آهن ۽ سڄي رات اهو پاڻ مرادو پيو چرندو آهي. اهڙي طرح پنهنجو ڏڻ نڌڪو ڇڏي ايندا آهن، تنهن ڪري سويل صبح جو اونو ڪري نند مان اٿي، مال نگاهہ ڪري پوءِ اچي نيرن ناشتو ڪندا آهن. ٿر ۾ بگهڙ ۽ ٻيا خوفناڪ جانور ڪينهن، جيڪڏهن ڪو چور مال ڪاهي ويندو تہ واريءَ ۾ پيرو بڌرو بيٺو هوندو، جنهن ڪري چور کي ڳولي لهڻ آسان ٿيندو. اهي آئت دل کي

جيڪڏهن ڪا زال يا ڇوڪري ڪانيون ڪرڻ يا ڏٿ ڏورڻ نه ويندي ته به گهر ۾ مان ڪري ڪين وهندي.

"اوءِ تـــا ڪورين ڪنئــري، ســـرتيـــون مـــتـــان ســـسن،
عـــــمـــــر ان اگـــــهـــــوندري، پاسـي ڪانڌ ڪتن."

سسن (گهيتن) تان ڪنئري اُن لاهي اها ويهي ڪتينديون آهن.

"پـــــــرم پـــــــاروڙيءَ رهـــي، جـنهـــن ۾ اڃـــي ان،
تـــــ اڻ ويـــنـــــي ونـــڌيـــان، تـــوٽـــي پـــونـــس تـــن."

ٿر ۾ ڪتا ،لوبون ۽ ڪمريون مينگهواڙ جوڙيندا آهن. پرجيڪڏهن ڪتي يا لوئيءَ ۾ تن (تنگ) ٿئي ته اهو زالون پاڻ تني ڇڏينديون آهن.

"ڪتي وتيون ڪتيون، ستي سيوي سي،"

جيڪڏهن ڪنهن ڪتي جون وتيون يعني ڪناري وارا ڌاڳڙا ڪسي ويندا آهن ته پاٿهي اندي ورائي، توپو ٽاڪو ڏيئي ڇڏينديون آهن. مطلب ته رڌڻ پچائڻ، ڪتڻ سبڻ ۽ پيڻ ۾ زالون توڙي ڇوڪريون مشغول رهن ٿيون.

پاڇـــاهي نه پاڙيان، ســـرتيـــون ســـئيءَ ســـاڻ،
ڍڪي اگـــهـــاڙن ڪي، ڪين ڍڪيـــائين پاڻ."

هن بيت ۾ شاهه صاحب سئيءَ جو اهڙو گڻ کولي ظاهر ڪيو آهي، جو ٻئي ڪنهن کي اهڙو خيال جيڪر پاڻ مرادو مشڪل اچي.

"بير ڪنيائون بر ۾، پيارين پهون."

ڪٿي ڏسو ته زالون ۽ مڙس گڏجي ڪوهيون پيا ڪوٽين ۽ اڏيا آواڙي مان پنهنجن پهن (ٻڪرين) کي پاتي پيا پيارين.

"انڙا مينهن ملير ۾، ڏاڳا ڏيڙ ڏئندي"

برساتي موسم ۾ تليون ۽ ترايون ڀرجن ته زالون ۽ ڇوڪريون رلڪا ۽ رليون به ڌئن ۽ چونئيءَ جون سڳيون به ڌوئي صاف ڪن.

ٿري ماڻهو رڳو پڳو پورهيو ڪونه ڪن، پر ڪڏهن ڪڏهن وندر به ڪن ٿا. ٻار ڪنهن وڻ ۾ رسيءَ ٽڪر ٽنگي، پينگهه ٺاهي پيا لڏن. چانڊوڪي رات ۾ ٻار ڏسو ته اس گهنڊٽي ۽ يڇڻ لڪڻ راند پيا ڪن. اوڏي مهل نانگ بلا جو خوف به وسريو وڃين. مرد اڪثر ڇنر ڦدي يا چونپڙ راند ڪن. ٿر ۾ "رهاڻ" جو رواج عام آهي، تنهن ڪري ان جو ڌار ذڪر ڪجي ٿو. ٿر ۾ دستور آهي ته چار جڻا پاڻ ۾

ڪتيا آهن سنها تاندورا جي پڪل ڦوڳ ۾ ٿين ٿا. ڦوڳ ۾ هڪ قسم جي داڻ داڻ ٿئي ٿي جا ڏوٿين جو ڏٿ آهي. ان کي "ڦوڳي" چوندا آهن. ڪتيا جاوا تہ ڦوڳي ڪاڻ ڪان چٽي، پر مال پوءِ بہ پيو چريس. مٿين مصراع ۾ مارئي چوي ٿي تہ منهنجا مائٽ ڦوڳن ۾ ڦر چاهہ سان پيا چارين ۽ منهنجي ڪل ڪئن لهندا. جو هو پاڻ اپاريا آهن يعني پالهايا واندا ڪينهن. سچ پچ ويچارا سجو ڏينهن غلطانيءَ ۾ آهن.

"مـــــــٿن ٽـپـڪ ٽـپـــــــڪـــــــڙا چـــــــڪـنـدڙا اچـن

ڪــــڙيون ڪـــهـــــ پـــــڪـليـــــون پگهـــــر ســــــر پيــــــرن،

اي وڙ ويـڙيـچـن، مـــــــــــون لـوڏانـئـي لـڪـيــــــــــــا"

ٽپڪ معنيٰ چابون يا ٽوڪرا ۽ ٽوڪريون. پيرن جي مند ۾ مارو لوڪ مال سان پهرجي ويندا آهن. سانجهي جو ٽپڪ ۽ ٽپڪڙيون پيرن سان پري چڪندڙا ايندا آهن، يعني پيرن مان پاٽي ڳاڙيندا ايندا آهن، جو مٿي ۽ منهن تي پيو پوندو اٿن. پنڌ ڪندي پيرن تي پگهر ٽيندو اٿن تہ پگهر سبب پيرن تي واري جمي ويندي اٿن جنهن ڪري هنن جون ڪڙيون بہ سدائين ڪهہ پڪليون يعني ڏوڙ سان پريل هونديون آهن. مارئي چوي ٿي تہ منهنجن ويڙهيچن جا وڙ يعني ڪم يا نمونا اهي آهن ۽ آئون سندن لوڏ مان پريان ئي سهي ڪندي آهيان، تہ اهي آهن منهنجا منا ماروئڙا!

ٿر جا مرد سجو ڏينهن مشغول رهن تہ سندن زالون ۽ ٻار بہ مانَ ڪري ڪين ٿا وهن. شاهہ صاحب انهن جي مشغولي جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي:

"آڏيءَ اٿين ٽي جئن پاٽي پاتارن ۾."

ٿر جا کوهہ اونها آهن ۽ پاٽي جڻ تہ پاتال مان ڪڍٺو آهي، تنهن ڪري هي ٽاريليون اڌ رات ڏيئي پاٽي پرڻ ويندون آهن.

"ويرون ولوڙڻ جون، ساريان گهٽو صبوح"

اڻ اپرئي جو گهر گهر ۾ ڏسو تہ زالون ڏڌ ولوڙي، وينيون مکڻ ڪڍن. سچ اپري تہ ڪا رب رڏي تہ ڪا ڍوڍو پچائي، مڙس کي کارائي، اماٽيندي جهنگ ڏي. ٻارن کي بہ اوڏي مهل کارائي ۽ پاڻ بہ جهڙو نهڙو ٽڪر وات ۾ وجهي، ٿانءَ ٿپا ملي، پوءِ ويندي جهنگ ڏي ڪانيون ڪرڻ يا ڏٿ ڏورڻ. سندن نياٽيون بہ ائين.

"سرتين ڏٿ سبيل ڪيو، اڱڻ ڍوئي ڍير،"

چوندا آهن ته جيڪڏهن ڪو واسينگ نانگ کي ماريندو ته ٻيو واسينگ ٻارهن مهينن ڪان پوءِ به ان جو وير وٺي ڇڏيندو.

چوٿين مصرع ۾ نانگ جي سياءَ جو ذڪر ڪري چيو اٿس ته ڪلي ويل يعني جنهن وقت نانگ وڙهڻ لاءِ تيار ٿي اچي ٿو. تنهن مهل کهڙو مڙس آهي جو هڻ سڀن کي سامهون ٿي سگهندو؟ مطلب ته جنهن مهل واسينگ وڙهڻ لاءِ ايندو، تنهن مهل ڪوبه دهشت جهلي هن جي سامهون بيهي ڪين سگهندو.

"پهـــرين ڪاري نانگ جي ڪو چــرڪيل چـيـــڙ ڪري،

جي هٿي ڏنگ ڏســـــائيــــو، ته ويـجـــهـــو تان نه وري،

جـيـــڪي ٿپ مـــري، جـيــــڪي ســـڪي صـــحت ڪي."

نانگن ۾ واسينگ اصيل نانگ آهي. جيڪڏهن سندس چيڙ نه ڪبي ته مات ڪري پنهنجي واٽ وٺي هليو ويندو، پر جي ڪنهن کي ڪٽي ڪٽندي، ۽ هن جي چيڙ ڪندو، ته اوڏي مـهل ئي اهڙو چڪ هڻندس جـو اڳلو وري سندس ويجـهـو وجي نه سگهندو. اهو ڪـڪيل ماڻهو اتي ئي ته ٿپ مري ويندو، پر جيڪڏهن قسمت سان بچي پوندو ته زهر جي اثر لهي وڃڻ ڪانپوءِ به بت ۾ خوش ڪين گذاريندو. شاهه صاحب هي هڪ بي حقيقت جاٽائي آهي جنهن جي ٿر ۾ سپ ڪنهن کي سڌ آهي. ٿر ۾ نه رڳو واسينگ پر لندي توڙي ٻئي ڪنهن به زهري سپ جا ڪاڌل جيڪڏهن بچي پار پوندا آهن، ته پوءِ به بت ۾ خوش ڪونه گذاريندا آهن. نانگ پلا ڪاڌي پلي ته پنج ست ورهيه گذري ويا هوندا، پر جنهن ڏينهن ٿوري گُهٽ ٿيندي، تنهن ڏينهن انهيءَ ماڻهوءَ کي مٿي ۾ سخت سور پوندو ۽ هن جو مٿو پيو ڦرندو. جڏهن هوا چوت لڳندي آهي تڏهن انهي ماڻهوءَ جو جيءُ جاءِ ايندو آهي. اهڙا ماڻهو اکين سان ڏٺا ويا آهن، تنهن ڪري شاهه صاحب پورو چيو آهي ته نانگ جو ڪاڌل يا ته اُتت مري ويندو يا ته صحت لاءِ پيو سڪندو.

"سنهــــا پــــانءِ م سپ، وياءَ واســــينگن جـــــا،

جنـي جـي جـــــهــــــــڙپ،هاٿـي هنڌائين نـه چـــــري."

يعني واسينگن جا ٻچا، جينوٽيڪ ڏسڻ ۾ سنها ٿا اچن، پر منجهن ايترو زهر آهي جو جيڪڏهن هاٿيءَ کي سنڌين چڀيٺ اچي وجي ته اهو پربت جيڏو جانور به جيڪر اتيئي پيو هجي ۽ وري جيڪر جري ڊ ڪين سگهي.

هن بيت ۾ به اها ئي ڳالهه ڪئي اٿس ته جن حاڪمن جي ڏير (ڏڍ) تي رهجي ٿو، سي جيڪڏهن پاڻ ڏاڍيل ٿي بيهندا ته ويچارا مسڪين ماروئڙا ڪنهن جي در تي دانهين ٿي ويندا؟ حقيقتون جڏهن مارئي کي عمر سومرو ڪٽي ويو هو، تڏهن مليـر جا ماروئڙا دهليءَ جي بادشاهه تائين دانهين ويا هئا. اها ڳالهه فارسي تواريخن ۽ هڪ سنڌي تواريخ ۾ جاٿايل آهي.

## (٥٦) ٿر ۾ نانگ بلائون

ٿر نانگن بلائن جو گهر آهي. اتي قسمين قسمين بلائون ٿين ٿيون مثلن پيئڻ، لنڊي، ڪنيارو ۽ واسينگ جنهن کي "ڪارو نانگ" به چئبو آهي. اهي نهايت زهري ۽ خوفناڪ آهن. شاهه جي رسالي ۾ گهڻو ذڪر واسينگن جو آهي. اهو احوال سر ڪارايل جي فصل ٻئي ۾ ڏنل آهي.

آسڻ جن اريج ۾، تن جي وهه جو ورن بيو،
تن جو ڪندو ئي ڪم ڪري، جي مٿن پير پيو،
پرينئان آهي پڌرو، تن نانگن جو نهو،
ڪلي ويل ڪهي، جو سامهون ٿئي سپن کي."

هنن چئن مصرعن ۾ شاهه صاحب نانگن بابت چار نراليون ڳالهيون جاٿايون آهن.

پهرين مصرع ۾ چوي ٿو ته جن نانگن جو آسڻ (ماڳ) اريج يعني ٿر ملڪ ۾ آهي تن جي زهر جو رنگ ٿي ٻئي قسم جو زهر علحدي رنگ جو آهي. اهو رنگ جو تفاوت شاهه صاحب جهڙي جاٿوءَ جاٿايو آهي، باقي جهڙي تهڙي جي جاءِ نه آهي جو اهڙي ڳالهه جاچي، زهر جي رنگ جو فرق ٻڌائي سگهي.

ٻئي مصرع ۾ جيڪا ڳالهه ڪئي اٿس، تنهن جي گهڻن کي خبر آهي. ٿر جو نانگ اهڙو زهري آهي جو اهو جيڪڏهن مري ويندو ۽ ان جي بدن جو ماس سڙي، کپي ڪاچي ويندو ۽ باقي رڳو هڏي جو پڃرو وڃي بچندو ته به جيڪڏهن انهي پڃري جي ڪنهن ڪنڊي تي پير اچي ويندو ته اهو ڪندو به وڃائي ڇڏيندو! ٿر ۾ اهڙا اتفاق ٿيا آهن جو مئل نانگ جي رڳو سڪٽي پڃڙي تي پير اچڻ ڪري ماڻهن کي زهر چڙهي ويو آهي!

ٽيءَ مصرع ۾ چوي ٿو ته "نانگ جو هڪ ٻئي سان جيڪو پيوند يا ناتو اهي سو ملڪن ۾ مشهور آهي. اها به پوري ڳالهه ڪئي اٿس. اچ تائين عام طرح ائين

رسالي ۾ "ڪِينءَ" لفظ جدا ٻه ڪم آيل آهي:

"ڏيندا پانڌي ڏس، ڪِينءَ جون آٿي خبرون."

ٿر ۾ "ڪنگهه" کي چون "ڏئونس" ۽ "اڄ" کي چون "تونس" ٻين هنڌ عام طرح تونس لفظ تپ جي معنيٰ سان ڪم آڻيندا آهن، مگر رسالي جي سر سهڻي ۾ "تونئس" لفظ "سات يا اڄ" جي معني سان ڪم آيل آهي.

"نـن ۾ تـونـس پـريـن جـي، پـيـــــــــــئـــــــــــان نـه ڊاپـان،

جي ســــمنڊ منهن ڪريان، ته ٻه ســـرڪـيـــائـي نـه ٿـــئي."

جنهن مـاڻهـوءَ جي اکين ۾ ڪـاڌ هوندي آهي، تنهن کي عـام طرح "چـوچـو" چئبو آهي، مگر ٿر ۾ هڪ ماڻهوءَ جي حقي جي نڙ تي لت اچڻ ڪري نڙ ڀڄي پيو، ته چـوڻ لڳو ته "نڙ چـونچـو ٿي پيـو". ٻي هڪ مـاڻهـوءَ جي ڪنهن ڳـالهـه تان دل شڪستي ٿي ته چيائين ته "منهنجي دل چونچي ٿي پئي آهي". شـاهـه صاحب سر رامڪليءَ ۾ "چونچو" لفظ انهي ٻوئين معنيٰ سان ڪتب آندو آهي.

"چونچو هو چت، ڪَلي سو باغ ٿيو."

"مچڻ" معنيٰ متان. اهو لفظ رسالي ۾ گهڻن هنڌ ڪم آيل آهي ۽ ٿر توڙي لاڙ ۾ عام آهي.

منيءَ ۾ ڪنهن لهاڻي کان پڇيو ويو ته حيدرآباد ڏني اٿيئي؟ هن چيو ته مني مان حيـدرآباد ڏي گهـٽيـئي پيا اچن وڃن، باقي پاڻ مان نڪو اير نڪو پير. يعني اسان مان نڪو اچي نڪو وڃي. شاهـه صاحب ٻه مارئي جي واتان چوايو آهي ته:

"نڪو اير نه پير، نڪو اوني آيو."

اهڙي طرح ڪيترا لفظ رسالي ۾ آهن جي ٿر ۾ بلڪل عام آهن، مگر سنڌ ۾ انهن لفظن ڪم آڻڻ جو رواج ڪونهي، تنهن ڪري ڪيترن سنڌي ماڻهن کي اهي ڏکيا ٿا لڳن.

ٿـر جي سنڌي اُچارن ۾ سنسـڪـرت، ٻوليءَ کي وڌيڪ ويجهي آهي. مـثلن سنسـڪـرت لفظ "لـڪشن" بدران سنڌ ۾ عـام طرح چـون "لڇڻ" مگر ٿـر ۾ چـون "لکڻ" شاهـه لطيف ٻه اهو اچار وڌيڪ پسند ڪري چيو آهي ته:

"لـکڻ ڪـيم لـکيـج، جـــــئـن مـــــون مــــــوراهين ناهـه ڪـو،

مـــــــــون کي مـلـهــــــــــائـيـنج، وارو ڏيـئـي ولـهـــــــــــا."

"سنهـــــا پــــانءِ م سپ، ســـــــڪــــا جني پيٽ،
تني جي جـــهـــپـــيٽ، جنگن کي جـــوکـــو ڪري."

مطلب تہ اهي سنها ۽ پيٽ سڪل نانگ پنهنجي نالي سان آهن ۽ ڪهڙي بہ جنگ جوان کي جوکو رسائي سگهن ٿا.

ڪنهن ڪنهن ڪاريءَ ذات کي مور بہ متائين.

پوک جو هڪ دشمن ڪئو آهي، ڪئي جو دشمن نانگ ۽ نانگ جو هڪ وڏو دشمن آهي مور پکي، نانگ کي مور ڳڙڪايو وڃي ۽ هن جو زهر مٿس ذرو بہ اثر نٿو ڪري. مٿين مصرع ۾ شاهہ صاحب چوي ٿو تہ ڪاري نانگ جي ڪنهن ڪنهن ذات کان مور پکي بہ گوشو ڪندو آهي. مطلب تہ ٿر ۾ نانگن بلائن جون بہ شاهہ صاحب کي اهڙيون ڳالهيون جاچيون هيون جي سڀ ڪو ماڻهو جاچي ڪين سگهندو.

## (٥٧) ٿر جي ٻولي.

ٿر ۾ ٻن قسمن جي ٻولي هلي ٿي. هڪڙي صفا سنڌي، جهڙي سنڌ جي ٻين پاڱن ۾ ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي ۽ ٻي ڏاٽڪي يعني ڍٽ يا ٿر جي ٻولي. شاهہ جي رسالي جو سر ڍول مارئي ڏاٽڪي ٻوليءَ ۾ چيل آهي. انهي ٻوليءَ ۾ مارواڙي، ڪڇي، گجراتي ۽ سنڌي لفظ آميز ٿيل آهن. هو آميز سپاويڪ طرح ٿيو آهي، ڇاڪاڻ تہ ٿر سان جوڌپور، پالنپور رياست، ڪڇ جو رڻ ۽ سنڌ جا ڪي تعلقا جهڙوڪ ٽنڊوباگو ۽ بدين لڳا بيٺا آهن ۽ انهن سڀني پاسن جي ماڻهن جي ٿر ۾ آمدرفت آهي، تنهن ڪري سپاويڪ طرح انهن سڀني پاسن جا لفظ ٿر جي ٻولي ۾ اچي ويا آهن. ننگر پارڪر تعلقو سنڌ کان گهڻو پري ۽ گجرات جي ڏنگ سان آهي، تنهن ڪري پارڪري ٻوليءَ ۾ سنڌي لفظ تمام ڇــدا پاڌا آهن ۽ اها ٻولي گجراتي کي گهڻو ويجهي آهي. ڏاٽڪي ۽ پارڪري ٻوليءَ جي وچ ۾ تفاوت آهي.

ٿر ۾ جيڪا صفا سنڌي ٻولي ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي، تنهن ۾ ڪيترا اهڙا لفظ آهن، جي سنڌ جي ٻين پاڱن ۾ عام نہ آهن. مثلن ٿري ماڻهو هڪ ٻئي کي ڪيڪارڻ مهل "خير ڪين" ۽ "روڙا ڀلا" لفظ گهڻو ڪتب آڻيندا آهن. شاهہ صاحب اهي لفظ ٿر مان جهٽي، رسالي ۾ ڪم آندا آهن.

(١) ڪمنڌڙن خيرڪين چوندڙ چڱا نہ ٿيا.

(٢) مرڪي مرماتا روڙي راءِ ڏياچ جي.

## (٥٨) ٿر جو تواريخي احوال

"تون ڏاتي ڏٿ ڏٺي، ڍوليا تنهنجو ڍٿ،
پائي ترازي توريان، تہ ملڪ نہ تنهنجو مٽ،
لاهي ڪسر ڪٽ، اچي ڪوڙ قناتون ڪاڪ ۾."

هن بيت ۾ شاهہ صاحب هومل جي واتان، راڻي جي ساراهہ جا سخن بولايا آهن، پر هيٺن جو جوابو اٿس تہ تون ڍٽ ڏٺي آهين. سا تواريخي ڳالهہ آهي، اهو احوال هن طرح آهي:

ٿر جي راڻن جو پهريون وڏو ڏاڏو، جنهن کان وني سنڌين پيڙهي شروع ٿئي ٿي، سو "پرمار" نالي هڪ راجپوت هو، جو ابوپهاڙ طرف رهندو هو. پرمار کان ڪيترين پيڙهيون پوءِ "سوڍو" جائو، انهن ٻن وڏن ڏاڏن جي نالن پنيان ٿر جا راڻا پاڻ کي اڄ تائين "پرمار سوڍار راجپوت" سڏائين ٿا. راجپوتن جو اصل ملڪ راجپوتانا آهي، پر انهن مان ڪي سنڌ ڏي آيا ۽ پهريون شهر جو هٿ ڪيائون، سو رتو ڪوٽ هو، جو ڪپري تعلقي ۾ آهي. هتي اچڻ کان پوءِ هو پاڻ کي "راڻا" سڏائڻ لڳا. انهن سوڍن پوءِ امرڪوٽ تي ڪاهہ ڪئي. سنڌ گزيٽيئر موجب امرڪوٽ واري لڙائي سنہ ١٢٢٦ع ۾ سوڍن ۽ سنڌ جي سومرن جي وچ ۾ لڳي، جنهن ۾ سوڍا سوپارا ٿيا. هن پوءِ مڙسي ڪري سڄو ٿر ملڪ پنهنجي قبضي ڪيو ۽ سومرن کي پراڻ طرف هڪالي ڪڍيائون. عمر سومري جي ڏينهن ۾ سوڍن جو زور ڪجهہ قدر ٽٽل هو، پر پوءِ جڏهن سومرن ۽ سنڌ جي سمن جي پاڻ ۾ اچي لڳي تڏهن سوڍن کي ساڄي لڳي ۽ هو وري امرڪوٽ هٿ ڪري، سڄي ٿر جا والي ٿي ويٺا. مومل جي واري ۾ بہ ٿر ملڪ انهن سوڍن جي ملڪيت هئي. ان وقت جيتوڻيڪ امرڪوٽ جي گاديءَ ني راڻو همير ويٺل هو، تہ بہ راڻو ميندرو ڪو گهٽ نہ هو. هو وزيريءَ جي عهدي تي هو ۽ شاهي گهراڻي مان هو تنهن ڪري مٿين بيت جي پهرين مصرع ۾ مومل چويس ٿي تہ تون ڏاتي يعني ڍٽ (ٿر) جو آهين ۽ ڍٽ جو ڏٺي آهين، جو اهو سڄو ملڪ اوهان راڻن جو آهي.

راڻي مينڌري کان پوءِ بہ ٿر ۾ سوڍن جي صاحبي هئي. نواب کي ڏن ڏيندا هئا ۽ پنهنجي حڪومت وجائي وجائي ڪندا هئا. همايون بادشاهہ جڏهن شير شاهہ افغان جي هٿان شڪست کائي، سنڌ ۾ اچي امرڪوٽ ۾ رهيو هو، تڏهن امرڪوٽ جي گاديءَ تي راڻو پرساد ويٺل هو. اُن وقت همايون بادشاهہ جي راڻي حميده بانو سنئين مهني هئي، تنهن لاءِ راڻي پرساد پنهنجو محلات خالي ڪري ڏنو ۽ بادشاهہ جي هر طرح خدمت ڪيائين. هني همايون بادشاهہ ٿورا ڏينهن رهي، پوءِ حميده بانوءَ کي امرڪوٽ واري محلات ۾ ڇڏي پاڻ راڻي پرساد جو ڪيترو لشڪر

وني، ٺٽي جي حاڪم شاهه حسن اعوس تي ڪاهه ڪرڻ ويو. سندس پريٺ راڻيءَ هٿ پير لڌا ۽ هندستان جو هاڪارو ۽ هر دلعزيز اڪبر بادشاهه ۱۴ آڪٽوبر ۱۵۴۲ع ۾ ڄڻيائين.

سوڍن جي دسنخط ڪتابن ۾ لکيل آهي ته اڪبر بادشاهه جڏهن پاڻ گاديءَ تي ويٺو، تڏهن پنهنجن مائٽن کان بدل امرڪوٽ جون ڳالهيون ياد ڪري، امرڪوٽ جي راڻن کي لکيائين ته اوهين منهنجي والد سان بلڪل وفادار ٿي هليا هئا ۽ آئون پاڻ امرڪوٽ ۾ ڄائو هوس، تنهن ڪري اوهان جي ملڪ مان ساليانو ڏن وٺڻ آئون حرام ٿو سمجهان، توهان تان سڀ ڍلون معاف آهن! هن پروانې جي پڌرائي ٿي ته سڄي ٿر ۾ واهه واهه پئجي وئي. هرڪو ٿري ائين چوڻ لڳو ته پلي ته اڪبر بادشاهه امرڪوٽ ۾ ڄائو، جنهن سڄي ٿر مان راڻن (ڍل) جو رواج ڪڍي ڇڏيو. رسالي مان سمجهجي ٿو ته جڏهن شاهه صاحب ٿر گهمڻ ويو هو، تڏهن به اتي ڍل جو رواج ڪونه هو. اهاخبر رسالي جي سر مارئي جي هيٺين مصرع مان پوي ٿي:

"نڪا جهل نه ٻل، نڪو راڻن ڏيهه ۾"

اڪبر بادشاهه جي حڪم موجب ٿر مان راڻن جو رواج بند ٿي ويو، تنهن ڪانپوءِ به راڻن کي چڱي پيدائش ٿيندي هئي، راڻن ۾ ڪي وهانءُ ٿيندو هو ته رعيتي ماڻهو ڪين ات، گهوڙا، ڳايون، مينهون ۽ ڪجهه زيور ۽ پئسا ندرانو ڏيندا هئا. رعيت ۾ ڪنهن جو وهانءُ ٿيندو هو ته کهوٽيتا توڙي ڪنارينا راڻن کي سوغاتون ڏيندا هئا. اهي لوازما اڪثر ٿر جي ڪراڙن پاڻ تي ٻڌا هئا. ٻيا پوري پني پونجي وارا، جي اهڙا ٻنڌياڻ پاڻ تي ٻڌي نٿي سگهيا، سي به پنهنجي حال سارو راڻن کي ڪجهه ڏيئي هٿ جوڙ ڪري ويندا هئا. مسڪين مارو لوڪ، جي پنهنجي حال ۾ ئي حيران هوندا هئا، سي به راڻن سان رس رهائيندا هئا. ڪو غريب جهنگ ۾ ڪانيون ڪري ويندو هو، ته به پريون ڪانين جون پاڻ مرادو راڻن جي در تي اڇلي ويندو هو. اهو سڀ انهي ڪري ڪندا هئا جو ٿر ۾ مال جي چوري عام هوندي هئي ڪنهن جو مال ڌاڙيل ڦري ويندا هئا ته گادي نشين راڻو پنهنجي سر گهوڙي تي سوار ٿي، ڪيترا همراهه ساڻ ڪري ڌاڙيلن جي ڪڍ ويندو هو، تيستائين سک ٿي ڪين سمهندو هو. انهيءَ سبب ڏورڻ ويندا هئا ته موٽندي پيرون، ڏنترا وغيره راڻن کي به ڏيندا هئا. رسالي مان ڏسجي ٿو ته شاهه صاحب کي انهيءَ ڳالهه جي خبر هئي، تنهن ڪري مارئي جي واتان چوايو اٿس ته:

"پسي ڪائي پيٽ ۾، ڏنترا ڏن آئون ڏيندي"

مطلب ته شاهه صاحب ٿر جي پني پتي جو واقف هو ۽ انهيءَ جا بيان مارئيءَ جي واتان اهڙي انڪل سان چوايا اٿس، جو جنن پڙهه تنن مزو پيو اچي.

# سنڌي ساهت گهر جا ڇاپيل ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1. | علامہ آءِ آءِ قاضي (ٻيو ڇاپو) | قاضي فيض محمد | 25/= |
| 2. | ڏکيون جان نہ مڙن (ٻيو ڇاپو) | ناز سنائي | 75/= |
| 3. | ڪُڇان تہ ڪافر | ناز سنائي | ختم ٿيل |
| 4. | ماءُ ڪاهوڙي هليا | ناز سنائي | ختم ٿيل |
| 5. | رڃي جي ريتو ٿيا | ناز سنائي | ختم ٿيل |
| 6. | هاري ڪميٽي ۽ الاٽي تحريڪ | قاضي فيض محمد | ختم ٿيل |
| 7. | ڏونگر جن ڏوريا | ناز سنائي | ختم ٿيل |
| 8. | چانڊوڪي ۽ زهر | موهن ڪلپنا | ختم ٿيل |
| 9. | زندان جي جهروڪي مان | ڪامريڊ غلام محمد لغاري | ختم ٿيل |
| 10. | زندگي | موهن ڪلپنا | ختم ٿيل |
| 11. | منهنجي آڪاٽي | ڪامريڊ غلام محمد لغاري | ختم ٿيل |
| 12. | حفيظ شيخ | ناز سنائي | ختم ٿيل |
| 13. | قيد جي ڪهاڻي | ناز سنائي | ختم ٿيل |
| 14. | دادر پل جا ٻار | ڪرشن چندر/ ناز سنائي | ختم ٿيل |
| 15. | سون ورني ڌرتي | ڊاڪٽر سليمان شيخ | ختم ٿيل |
| 16. | وشواس | موهن ڪلپنا | ختم ٿيل |
| 17. | ايوريسٽ تي چڙهائي | عبدالقادر جوڻيجو | ختم ٿيل |
| 18. | انٽرويو | طارق اشرف | ختم ٿيل |
| 19. | تصوف جي چير ڦاڙ (ٻيو ڇاپو) | نجم عباسي | 50/= |
| 20. | سنڌي ذات هنجن (ٻيو ڇاپو) | رسول بخش پليجو | 100/= |
| 21. | ڏٺم اڻ ڏٺل | نجم عباسي | ختم ٿيل |
| 22. | مائوءَ جي ملڪ ۾ | عبدالجبار جوڻيجو | ختم ٿيل |
| 23. | مٿي سنڌ سُڪار | نجم عباسي | ختم ٿيل |
| 24. | سچ سان دوکو | ناز سنائي | ختم ٿيل |
| 25. | نوان چار درويش | ناز سنائي | ختم ٿيل |
| 26. | سوچون ڦٽڪا واڪا (ٻيو ڇاپو) | استاد بخاري | 45/= |
| 27. | ٻہ ناول | موهن ڪلپنا | ختم ٿيل |
| 28. | سوڀ سدائين سچ جي | آزاد قاضي | ختم ٿيل |
| 29. | غلام جا ٺهڪڙا | غلام حسين رنگريز | ختم ٿيل |
| 30. | چولو منهنجي چڪ ۾ | هري دلگير | 30/= |
| 31. | سدا سُرها گل | يوسف سنڌي | ختم ٿيل |
| 32. | ڪاري ڪڪر هيٺ (ٻيو ڇاپو) | استاد بخاري | 45/= |
| 33. | بند دروازو | امرتا پريتم/ ولي رام ولڀ | ختم ٿيل |
| 34. | اسين مسافر پيار جا | ادل سومرو | ختم ٿيل |
| 35. | اوهان جي پڄاڻان (ٻيو ڇاپو) | رسول بخش پليجو | 100/= |
| 36. | ساگر جي لهرن تي | حفيظ شيخ | 25/= |
| 37. | سنڌين جو اتحاد ۽ شرپسند ٽولا | آزاد قاضي | 25/= |
| 38. | ڪنوار جي سيج | خليل جبران/ م.ن. محزون | ختم ٿيل |
| 39. | بغاوت ۽ آزادي | خليل جبران/ منصور قادر جوڻيجو | ختم ٿيل |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 82. | زميني ديوتا | خليل جبران/م.ن. محزون | 30/= |
| 83. | پهاڙن ۾ پُڪار | خليل جبران/نجم عباسي | 35/= |
| 84. | اڳواڻ | خليل جبران/م.ن. محزون | 30/= |
| 85. | بلنديون | نجم عباسي | 40/= |
| 86. | سڏن مٿي سڏڙا | علي احمد بروهي | 70/= |
| 87. | پيار ڪهاڻي | نجم عباسي | 100/= |
| 88. | هڪ اُداس ڇوڪري | امرتا پريتم/ عرفان مهدي | 40/= |
| 89. | تلاش | نجم عباسي | 60/= |
| 90. | ماسترياڻي | نجم عباسي | 40/= |
| 91. | ٽارچر سيل جي شاعري | اديب انقلابي | 100/= |
| 92. | ڪک پن | علي احمد بروهي | 45/= |
| 93. | مجنون | خليل جبران/م.ن. محزون | 30/= |
| 94. | نيڻ سفر ۾ | سعيد ميمڻ | 80/= |
| 95. | ڪن پل جو چانورو | ممتاز بخاري | 40/= |
| 96. | ڪبير - ميران | مرتب: ناز سنائي | 80/= |
| 97. | مان پڙاڏو سڏ جو | ناز سنائي | 100/= |
| 98. | پياسي ساپيان جل ٿل خواب | رخسانه پريت چنڙ | 100/= |
| 99. | تو پڄاڻان سُپرين | ناز سنائي | 100/= |
| 100. | آخري پنا | هري موٽواڻي سنڌي | 100/= |
| 101. | ڪوڪڻ يا ڪلياڻ | استاد بخاري | 150/= |
| 102. | موهن ڪلپنا جون تحريرون-I | مرتب: ناز سنائي | 100/= |
| 103. | هڙئي هيج وطن جا | استاد بخاري | 100/= |
| 104. | شيخ اياز: هڪ شاعر، هڪ عاشق | مرتب: ناز سنائي | 100/= |
| 105. | مسڪين جهان خان کوسو | محمد بخش مجنون بلوچ | 80/= |
| 106. | عاشق زهر پياڪ | رشيد ڀٽي | 40/= |
| 107. | پيو چنڊ به ٻُڏي ويو | ممتاز بخاري | 50/= |
| 108. | سنڌي نثر جي تاريخ | ڊاڪٽر غلام علي الانا | 150/= |
| 109. | منهنجو سفر | قاضي فيض محمد | 250/= |
| 110. | سرد هوائون | فاروق سولنگي | 80/= |
| 111. | محبوبه ڏي خط | خليل جبران/راحيله ناز | 50/= |
| 112. | ٽي چٽنگ ڪري چمڪات اچان | ناز سنائي | 50/= |
| 113. | بخاريءَ جا قطعا (ٻيو ڇاپو) | استاد بخاري | 160/= |
| 114. | همسفر/ شرابي نگاهون | امرتا پريتم | 50/= |
| 115. | مشرق جو درويش: گوتم ٻُڌ | محمد حفيظ سيد/منير سولنگي | 50/= |
| 116. | گانڌي (ٻيو ڇاپو) | لوئي فشر/ نجم عباسي | 150/= |
| 117. | سڌارٿ | هرمن هيس/ منير سولنگي | 60/= |
| 118. | پونءِ مان نڪتل ماٺهو | ظفر | 50/= |
| 119. | مجاز کان حقيقت تائين | گرو رجنيش/ منير سولنگي | 100/= |
| 120. | زندگيءَ جو سفر | ڊيل ڪارنيگي/راحيلا ناز | 80/= |
| 121. | زندگي هڪ ناچ هڪ نغمو | گرو رجنيش/منير سولنگي | ختم ٿيل |
| 122. | قرآن ۽ سنڌي ورجيسون | نياز سرڪي | 100/= |
| 123. | بک، عشق، ادب | موهن ڪلپنا | 125/= |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 124. | عبرت ڪده | ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل | 200/= |
| 125. | ايران جو سفر | منظور حسين لغاري | 60/= |
| 126. | تياس | ادا قاضي | 60/= |
| 127. | ننڍڙي روپ وارا چوٽيون ۽ پهاڪا | انجنيئر عبدالوهاب سهتو | 40/= |
| 128. | آئينو ۽ تصوير | غلام رسول ڪلهوڙو | 40/= |
| 129. | غلامي | جبران خليل جبران | 25/= |
| 130. | ڏوهاري | جبران خليل جبران | 25/= |
| 131. | سودائي | جبران خليل جبران | 25/= |
| 132. | بغاوت | جبران خليل جبران | 25/= |
| 133. | منهنجو سچ | اندرا گانڌي/منير سولنگي | 100/= |
| 134. | مائٽ مٽ سندوم | مائٽ/ناز سنائي | 200/= |
| 135. | دل جو رستو | مور سنڌي | 100/= |
| 136. | ورجيسون | انجنيئر عبدالوهاب سهتو | 70/= |
| 137. | رهاڻ هيرن ڪاڻ (5) | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 100/= |
| 138. | تنترا | منير سولنگي | 80/= |
| 139. | سچل جا سلام | صوفي شفيع محمد سومرو | 50/= |
| 140. | سنڌڙي منهنجي جندڙي | گوبند مالهي | 200/= |
| 141. | شاهه جون وايون | ڪلياڻ آڏواڻي | 100/= |
| 142. | ڳائي پيو جاڳائي پيو | استاد بخاري | 110/= |
| 143. | هي ڳجرا هي گولا | استاد بخاري | 70/= |
| 144. | پڻن اپريو سج | مشتاق متواڻي | 200/= |
| 145. | تنهنجو اوسيئڙو اچان | منير سولنگي | 80/= |
| 146. | موزون آکاڻين ذريعي جڙيل پهاڪا ۽ چوٽيون | انجنيئر عبدالوهاب سهتو | 70/= |
| 147. | ابيات سلطان باهو | ڊاڪٽر گل حسن لغاري | 150/= |
| 148. | سقراط | ڪوراميسن/ ظفر | 100/= |
| 149. | گرهوڙيءَ جو ڪلام | شمس العلماء دائودپوٽو | 300/= |
| 150. | منهنجي مختصر آتم ڪهاڻي | شمس العلماء دائودپوٽو | 150/= |
| 151. | سگمنڊ فرائيڊ | توراڪينه قاضي / ظفر | 100/= |
| 152. | شاهه عنايت شهيد | مور سنڌي | 140/= |
| 153. | دادن فقير جو ڪلام (پيو چاپو) | لال بادشاهه | 250/= |
| 154. | سائنس ۽ سماج | ڊاڪٽر پرشاد/ظفر | 100/= |
| 155. | جديد سائنس | آئزڪ باسيموف/ظفر | 100/= |
| 156. | يادگار شخصيتون | جواهر لال نعرو/ظفر | 150/= |
| 157. | اترادي پهاڪا ۽ چوٽيون | انجنيئر عبدالوهاب سهتو | 100/= |
| 158. | شاهه جو رسالو (وڏي سائيز) | ڪلياڻ آڏواڻي | 380/= |
| 159. | شاهه جو رسالو (وڏي سائيز) | ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي | 320/= |
| 160. | مقدمه لطيفي | ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي | 60/= |
| 161. | ادبي آئينو | ليکراج عزيز | 60/= |
| 162. | موروءِ خيرپور۔ادب جو تقابلي جائزو | رحيمه سيال | 250/= |
| 163. | شاهه جي ڪلام ۾ هدايتون | ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ | 60/= |
| 164. | عروس ڪربلا | محمد صالح پٽي | 70/= |

| | | | |
|---|---|---|---|
| .165 | ادبي اصول | پروفيسر منگهارام ملڪاڻي | 50/= |
| .166 | واندڪائيءَ جي وندر | خالد ڀٽي | 80/= |
| .167 | نانڪ يوسف | چيتمل پرسرام گلراجاڻي | 60/= |
| .168 | جديد فڪر جو پيشوا گرونانڪ | امان شيخ | 60/= |
| .169 | ليليٰ جا خط | محسن ڪڪڙائي | 60/= |
| .170 | اچو تہ ڪمپيوٽر سکون | حبيب سنائي | 60/= |
| .171 | صوفي ساڃاهہ | صوفي قربان علي خاصخيلي | 150/= |
| .172 | قصص اللنبياء | حافظ احسن چنا/احمد خان آصف | 70/= |
| .173 | پاڻيءَ منجهہ پساهہ | شير محمد بلوچ | 60/= |
| .174 | سنڌي ادب جي تاريخ | لعل سنگهہ اجواڻي | 150/= |
| .175 | سنڌي نثر جي تاريخ | پروفيسر منگهارام ملڪاڻي | 150/= |
| .176 | شاهہ جو رسالو (ڊيمي سائيز) | ڪلياڻي آڏواڻي | 220/= |
| .177 | منهنجو وطن منهنجا ماڻهو | لوڪرام ڏوڏيجا | 200/= |
| .178 | تحقيق جو فن | ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ | 200/= |
| .179 | سنڌ جا اسلامي درسگاهہ | ڊاڪٽر محمد جمن ٽالپر | 350/= |
| .180 | سنڌي ٻال ساهتيہ | ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي | 250/= |
| .181 | ڪيئي ڪتاب | رئيس ڪريم بخش نظاماڻي | 700/= |
| .182 | آمهون سامهون | جميلہ هاشمي / لطيف اياز | 150/= |
| .183 | جيڪر مونکي قتل ڪيو ويو | ذوالفقار علي ڀٽو | 200/= |
| .184 | اي سنڌ چائي | ذوالفقار هاليپوٽو | 150/= |
| .185 | مان ڪير آهيان؟ | مشتاق چنگيزي | 150/= |
| .186 | ڀٽي جا آخري 323 ڏينهن | ڪرنل رفيع الدين/منصور عثمان | 150/= |
| .187 | مارئي ملير جي | سرمد عثمان | 150/= |
| .188 | راماڻ | سنڌيڪار: ڀڳت راڻارام | 220/= |
| .189 | مثنوي رومي | جلال الدين رومي | 200/= |
| .190 | ڏوڙ دل تي درد جي | استاد بخاري | 150/= |
| .191 | ٽڙ ٽڙ تيڏيان ڳالهيان | استاد بخاري | 120/= |
| .192 | ڳالهيون ڀيڻ، ورن ڀر | آپا شمس عباسي | 200/= |
| .193 | تان ڪي ڏونگر ڏوريان | محمد صادق ميمڻ | 140/= |

## ڪتاب ملڻ جو هنڌ

آئيڊيل ڪتاب گهر، رابعہ اسڪوائر، حيدر چوڪ، گاڏي کاتو حيدرآباد سنڌ
Ph: 022-2780701 Mob: 0300-3946518

پوسٽل ائڊريس: پوسٽ باڪس نمبر 58، جنرل پوسٽ آفيس، حيدرآباد سنڌ


سنڌي ساهت گهر